


فرینچ انقلاب

مترجم: محمد ابراهیم جویو



فرينچ انقلاب

(هڪ هاريءَ جي بڌايل ڪهاڻي)



"سپ رڳو ٹلهو ڈيڪ هو: زندگي امرن لاءِ
وڻندو ۽ غريبن لاءِ عذاب هئي."

— آلفريڈ راسبو

فرينچ انقلاب

(هڪ هاريءَ جي بڌايل ڪهاڻي)

مترجم

محمد ابراهيم جويو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ
1990ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ڏهه سؤ پڌهم

چپائيندڙ ۽ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ سردار پرنٽنگ پريس
گاڏي ڪاتو، حيدرآباد سنڌ.

پهريون ايڈيشن اپريل 1990ع

قيمت 80/- رپيا

پڪي جلد سان 100/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

"FRENCH INQLAB—Hari-a-ji Budhayal Kahani" (Part I, Vol. I). A Sindhi Translation by MOHAMMED IBRAHIM JOYO of "The Story of a Peasant," an English translation by C.J, Hogarth, of the original. "d' Histore d'un Pasant" by Erckmann and Chatrian. Published by New Fields Publications Tando Wali Mohd, Hyderabad, Sind. Pakistan. First Edition April 1990. Price Per Copy Rs. 80/-

پيش لفظ

هيءُ ڪتاب، جيئن آن جي نالي مان پڌرو آهي، فرينچ انقلاب جي ڪهاڻي آهي، جيڪا فرانس جي هڪ ”هاريءَ“ جي واتان ٻڌايل آهي .... ميچل بئسٽيان (Michel Bastien) جي واتان، جيڪو هاريءَ جو پٽ هو، ۽ جيڪو سڄيءَ ڪهاڻيءَ جو هڪ هيرو ۽ مرڪزي ڪردار پڻ آهي.

اصل ۾ فرينچ ٻوليءَ جو هيءُ ڪتاب، "L' Histoire d'un Paysan" جيڪو پهريون ڀيرو ۱۸۶۸ع ۾ شايع ٿيو، يعني فرينچ انقلاب (۱۷۸۹ع) کان لڳ ڀڳ ۸۰ ورهيه پوءِ، ان مصنف جو ڳڏجي تصنيف ڪيل ڪتاب آهي (آهي پاڻ به سڄي آن ڏور جا اکين ڏٺا شاهد هئا)، جن مان هڪڙي جو نالو ايميل ايرڪمتن (Emile Erckmann) هو، جو اُستاد هو، ۽ ٻئي جو نالو آليگزاندر چيتريان Alexander Chatrian) هو، جيڪو هُن جو شاگرد هو.

پنهي، اُستاد ۽ شاگرد، ڳڏجي، قومي تاريخ، سوانح، ڊراما وغيره جي موضوعن تي ڀيهارو ڪن ٿا. ان اعليٰ ڪتابن کان علاوه، ”قومي داستان“ (Contes Nationaux) جي هڪڙي خاص تصنيفي سلسلي جا الڳ الڳ ڪالن وارا، ستت ٻيا به ڪتاب لکيا، جن ۾ انقلاب کان پوءِ فرانس ۾ قائم ٿيل لوڪ راج (Republic) ۽ ۱۸۰۴ع کان ۱۸۱۵ع تائين نيپولئن بونا پارٽ (Napoleon Bona Parte) جي شهنشاهت (Empire) جي واقعن جا احوال بيان ٿيل آهن. زير نظر ڪتاب" تاريخي طور سڀني ڪتابن جي آن خاص سلسلي تصنيف جو پهريون ڪتاب آهي، پر ان جي اشاعت، بهرحال، سڄي آن سلسلي جي آخر ۾ عمل ۾ آئي.

"قومي داستانن" جي هڪ ڪم ۾ هڪ ئي مصنف، استاد ۽ شاگرد، جي دل جو محرڪ جذبو هڪ ئي هو ــ "وطن جي حُب جو جذبو، آجهل ۽ نبارڻ، جيڪو جيتوڻيڪ جنگ کي جنگ طور تہ رد ٿو ڪري بلڪ ڏکاري ٿو، پر جڏهن آزادي، انصاف ۽ بنيادي (بلڪ ابتدائي) انساني حقن يلغار هيٺ آيل هجن، تہ اهو ئي جذبو انسان کي ميدان مان تلوار کڻي، سِر تان آهو کڻي، پنهنجي مقدس فرض طور، ميدان ۾ نڪري پوڻ تي مجبور ڪري ٿو."

"قومي داستانن" جي هڪ ستن ڪتابن جي سلسلي، توڙي مجموعہ عمر جي ايڪ ڏهاڙو ڪتابن جي تصنيف ۽ تحقيق ۽ ادبي تخاوق جي ايڏي وسيع ۽ طويل ڪاوش ۽ سچ پچ آن هڪ بي مثال شراڪت عمل ۾، پنهنجي، استاد ۽ شاگرد، مان هڪڙي هڪڙي جو وڏيڪ هٿ يا حصو هو، آن ڏانهن اشارو ڪندي، زير نظر "ڪهاڻيہ" جي انگريزي مترجم، سي. جي. هوگارٿ (C. J Hogarth) ڪنهن فيصلي ڏيڻ کان حذر ڪيو آهي، ۽ فقط ايترو چوڻ ضروري سمجهيو آهي تہ "راءِ، بهرحال، اِن سوال جي سلسلي ۾، هِن ويساهم ڏانهن مائل ڪري ٿي تہ

"Erichmann | conceived the plots and Chatrian worked the details."

يعني، "ايرڪمن [داستانن، ڪهاڻين وغيره جي] سِرتاءَ يا بڏول جي ٻَڌڻ يا ترتيبَ جو ڪم ڪيو، ۽ [آنهن تي] تفصيلي ڪم چيتريان جو ٿيل آهي."

اصل ڪتاب "L' Histoire d'un Paysan" جو انگريزي ترجمو، آن جي مترجم "هڪ هاريءَ جي ڪهاڻي." ("The Story of a Peasant) جي ڏاڍي سان ٻِن جلدن ۾ ڪيو، ۽ اهو ڪم هُن پهرين مهاياري لڙائيءَ (١٩١٨-١٩١٤ع) واري عرصي ۾، يعني اصل ڪتاب جي اشاعت کان تقريباً آڌ صدي پوءِ، ڪيو ٿو پانئجي، جيئن پنهنجن تعارفي جملن ۾ هُن آن جو واضح اشارو ب ڪيو آهي:

"Could Erchmann and Chatrian come to life again and behold the war which is raging at the present day, they would be moved to an enthusiasm even greater than that which inspired Michel Bastien, the hero of the 'Story', to brave horrors and privations of campaigning in Vendee and on the Rhine in order that the yoke of clerical and aristocratic oppression might be lifted from the neck of the French People."

(جي اِئين ٿي سگهي، جو ايرڪمئن ۽ چيٽريان وري جيئرا ٿي پون ۽ ڏسن تہ اڄ بہ جنگ آهي، جا ڪيڈي متل آهي ۽ خونخوار آهي، تہ هو آهيءَ کان بہ وڌ هوند جولان ۾ پرجي وڃن، جنهن سندن 'ڪهاڻيءَ' جي هيري، مچيل پُستيان، کي گرمايو هو تہ هو ويندِيئي جي ميدان ۽ رائين نديءَ جي گپڻ ۾ ڪُنن ۾ بکيو ۽ آڇيو، مُنهانوان گهاءَ سهندو، ڪِرندو ۽ اُٿندو، اُٿندو ڪرندو، ۽ وڙهندو رهيو — تہ جيئن فرينچ قوم جُو گردن ۾ مذهبيت ۽ اموريت جي ظلم جي پاچاريءَ کان آجو ٿي سگهي.")

انگريزي ترجمي "The Story of a Peasant" جي ٻن جلدن مان مون کي فقط پهريون جلد ۱۸ مارچ ۱۹۴۹ع تي حيدرآباد ۾ پراڻن ڪتابن جي گاڏي مان مليو (جڏهن مان ٽريننگ ڪاليج فارمون، حيدرآباد، ۾ استاد هوس)، ۽ آهو مون ڇڻ ڏينهن ۾ پڙهي پورو ڪيو — پُورن چار سؤ صفحن جو آهي، ۽ بہ پاڻ آئس. پهريون پاڻ ڪو اَٽ جو ۲۰۱ صفحن جو آهي — 'The States General' عنوان ائس — جنهن پاڻ جي جو هي سنڌي ترجمو، 'ٽي ڏريون، ٽي نظام' جي عنوان سان، منهنجي هين مختصر پيش لفظ سميت، ۳۷۴ صفحن تي پکڙيل، لائق پڙهندڙن جي آڏو آهي. جلد جو ۱۹۶ صفحن وارو رهيل پاڻ جنهن جو عنوان 'The Country in Danger' (وطن خطري ۾) آهي، اميد تہ هين

ٿي سال ۱۹۹۰ع اندر پيش ڪيو ويندو—جي صحت رهيي، ۽ ٿئي ڪنهن آنٽر جهنجهٽ کا رڪاوٽ، پيدا نه ڪئي. اصل انگريزي ترجمي جي ٿئي جلد جي ڇپڻ جاري رهندي؛ مشهور انگريزي ڪتابن جي اشاعتي سلسلي، 'Everyman's Library' (هر ماڻهوءَ جي پنهنجي لئبرريءَ) جي ياداشت تي ٿئي جلد اشاعت نمبر ۷۰۶-۷ طور، ادب جي صنف Fiction هيٺ درج ٿيل آهن. ممڪن آهي ته پهرئين جلد جي پهرئين پاڻي جي ترجمي جيي هيءَ اشاعت ٿئي جلد جي دريافت لاءِ ترت ڪنهن سبيل جو ڪم ڏئي—آها دريافت تحقيق منهنجي ذاتي طور ڪافي گهڻين خوشين ۽ وڏيڪ هڪ خوشيءَ جي اضافي جو ڪم ڏيندي.

فرينچ انقلاب اڙڻهين صديءَ جو ٿيڻ، تاريخ يورپ جو ٿي نه، پر تاريخ انساني جو هڪ تمام اوڏو ۽ تمام اهم واقعو هو—انساني قدرت جو هڪ عظيم ڪرشمو، اهڙو ڪرشمو جنهن ۾ بني نوع انسان جي جي سوچ، ارادي ۽ حوصلي جا جملي ڪرشما سمايل هئا. اهو فرينچ انقلاب جي واقع ٿيڻ سبب ٿي هو، جو علم سياست جي تاريخ ۾ فرانس کي، سڄيءَ اوڻيهين صديءَ لاءِ "دنيا جي سماسي تحريڪن جو ملڪ" سڏيو ويو آهي. آلڊس هڪسلي پنهنجي ڪتاب، "The Church In an Age of Revolution" (1961) ("هڪ انقلابي جيگ ۾ مسيحي مذهب") ۾ فرينچ انقلاب کي "هڪ قسم جو آٿنم بم" سڏيو آهي، جنهن جا جوهري، وسڪارا، ايان تائين دنيا ۾ پنهنجا اثر ڏيکاري رهيا آهن.... آن سان هڪ ابتدا ٿي ۽ هڪ انتها به ٿي، ابتدا نئين ڪان نئين تعمير لاءِ ڪوشش جي هڪ سلسلي جيي، جيڪو ايان جاري آهي—آن نظام جي جاءِ ۾ڙڻ لاءِ جيڪو پنهنجي انتها تي پهچي ۽ ڏهي، اڇي ٻئي پيو.... آهو هڪ انقلاب جيڪو شايد سڀني انقلابن کان وڏو تاريخ ساز هو، ۽ جنهن جي ڇپ سان انقلابن جي ڪيترن ئين سلسلن کي وجود مليو."

فرينچ انقلاب" يورپ جي بيداريءَ (١٥٠٠-١٣٠٠ع)، احتجاج (١٧٠٠-١٥٠٠ع) ۽ روشنيءَ (١٨٠٠-١٧٠٠) جي تحريڪن جو ڏنل" دنيا لاءِ هڪ تحفو هو. يورپ جي اُن روشنيءَ جي تحريڪ جي حوالي سان ارڙهين صديءَ کي روشنيءَ جو دؤر (Age of Enlightenment)، "عقل جي صدي"، "جذبي جي صدي"، "انقلاب ۽ جوش جي صدي" وغيره نالن سان ياد ڪيو ويو آهي، هن ٻي صديءَ جيئن انگلنڈ کي آئزڪ نيوٽن، ڊئود هيئوم، ائڈم سمٿ، ايڊورڈ گبن ڏنا، جرمنيءَ کي اُن جو سپ کان وڏيءَ ڏيا ۽ ڏات وارو ۽ عظيم عارف گوئٽي ۽ ٿن آهڙو ٻي جڳ مشهور فيلسُوف اِمنيوئل ڪانٽ ڏنو، تيئن فرانس کي فڪر، جذبي ۽ آمر آوازجي حوالي سان سندس عظيم انقلاب جا داعي ۽ مفڪر" مانٽيسڪيو، والٽيئر"، روسو ۽ ٻيا ڪيئي آمل ملوڪ لافاني انسان" عطا ڪيا.

يورپ جي 'روشنيءَ' جو آهو دور" خاص ڪهڙيءَ تاريخ کان شروع ٿيو، اُن لاءِ سپ کان وڌيڪ ٺڻ ۽ منطقي طور مناسب آها تاريخ شمار ڪئي وڃي ٿي جڏهن انگلنڈ جي آئزڪ نيوٽن (Isaak Newton) جڳ مشهور ڪتاب "قدرتي فلسفي جا رياضي اُصول" ("Mathematical Principles of Natural Philosophy") جي نالي سان پڌرو ڪيو. عجب اتفاق هو، جو نيوٽن جو جنم ١٦٤٢ع ۾ ٿيو — جنهن سال يورپ جي "تحريڪ" احتجاج" جي مجاهد ۽ جديد سائنس جي هڪ عظيم باني، گئليليو، وفات ڪئي! نيوٽن پنهنجي دؤر ۾ انساني علم جي تاريخ ۾ پنهنجي ڏات جا جيڪي آمٽ نشان ڇڏيا، آنهن جي تسليميءَ طور انگريزي شاعر، اليگزانڈر پوپ (١٧٤٤-١٦٨٨ع جو هڪ لافاني شعر اڪثر ياد ڪيو ويندو آهي:

"Nature and nature's laws lay hid in Night-
"God Said, 'let Newton bei' and all was light."

("قدرت ۽ قدرت جا قانون رات جي اوندهه ۾ آجاتل لڪا پيا هئا.
"خداوند چيو، 'نيوٽن پيدا ٿئي!' ۽ جت ڪٽ روشني ٿي ويئي.")

"روشنيءَ جي دور" جا سڀئي مفڪر ۽ فيلسوف هڪ ڏرميءَ جي هر قسم تي تنقيدي نگاهه رکڻ جا قائل هئا، خاص طرح مذهب جي هڪ ڏرميءَ تي. هُنن جو ڪارائتن ۾ ويساهه ڪونه هو، ۽ "جي خدا ۾ هُنن جو ويساهه هو به تہ اُن کي ڪائنات جو واحد استاد ڪاريگر ڪري سمجهائون ٿا هڪ طرح جو آفاقي واچ-ميڪر"، جنهن ڪائنات جي سُهڻر-مشين ٺاهي هئي، اُن جي هلڻ جا قانون جوڙيا هئائين، ۽ اُن کي اُنهن تي چالو ڪري، هلائي، پاسي ٿي بيهي رهيو هو." اِن طرح هُنن جي طرفان اهو عام ويساهه ڏنو ٿي ويو تہ خدا جي رچنائن جي پروسي جو ڪي علم جو واحد رستو سائنس هئي، نہ مذهب؛ مشاهدي سان ۽ تجربي ذريعي، ۽ نہ عقيدي يا بشارت ذريعي. هو منظم مسيحي مذهب جا مخالف هئا، ۽ اِئين ٿي سوچيائون تہ زندگيءَ کي، ڪرتيءَ کي، مرڪز بڻائي، اُن تي، پاڻ تي، ۽ باهر ڈور مفاصلن تي نگاهه وجهڻي هئي- اِئين نہ، جو ڏُريائين باهر بيهي، 'ويساهي' نگاهن سان غيبن، هُمولائن کي تڪبو رهجي ۽ پاڻ" ڪاربو رهجي.

ارڏهين صديءَ ۾، سڄو فرانس سياسي اقتدار جي سوال تي اونهي هڪڙي اختلاف ۾ ورتل هو ڪن ماڻهن بادشاهه ۽ هُن جي وزيرن جو پاسو ٿي ڪنيو، جن جي دعوا هئي تہ بادشاهه ئي قانون ٺاهي ٿي سگهيو، ۽ هُن جي ارادي جي آڏو ڪابہ طاقت رڪاوٽ بڻجي نٿي سگهي. ڪن وري اِن سوال ۾ ملڪ جي 'پارليامينٽن' (Parlements) يعني فرانس جي قانوني عدالتگاهن (Law Courts) جو پاسو ٿي ورتو، جن ٿي اڪثر ڪري ۽ خاص طرح علائقائي عدالتگاهن تي اميرن جو غلبو هو. اُنهن جي دعوا هئي تہ 'پارلياميٽن' ڪي قانونن جي چڪاس ۽ اهڙن قانونن ڪي رد ڪرڻ جو يا بحال رکڻ جو اختيار هو. ڪنهي پاسن جا پنهنجا پنهنجا ڪيئي 'دليل' هئا، جن جي اڪثريت جي اختلافن جي سڄي ترجماني فرينچ سماج جي ٽن وڏن مفڪرن — مانٽيسڪيو، والٽيئر ۽ رُوسو- جي خيالن ۾ موجود ڏٺي ٿي ويئي.

مانٽيسڪيو (جنم: ۱۶۸۹ع) خود هڪ امير ماڻهو هو، والٽيئر (جنم: ۱۶۹۴ع) بُورجوا (شهري ملڪيندار) طبقي سان تعلق هو، ۽

رُوسو (جنم: ۱۷۱۲ع) شهري هنرمند ۽ پيشه ور طبقي سان وابستہ هو.
مانٽيسڪيو (Montesguieu) تاريخ، مذهبيات، قانون، سير سفر جي دائرن وغيره ۾ پنهنجي سالن جي تحقيق ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ پنهنجا خيال ۽ رايا پنهنجي وفات کان اڳ- (۱۷۴۸ع ۾) وڏي هڪ شاهڪار "The Spirit of Laws" ("قانون جو روح") جي صورت ۾ قلمبند ڪيا. مانٽيسڪيو حڪومتن جي بنياد ۾ هڪ "روح" جي دريافت پيش ڪئي، ۽ هن جو چوڻ هو تہ آهو ئي حڪومتن کي قائم ٿي رکي سگهيو، ۽ وقت اچڻ تي انهن جي زوال جو سبب بہ بڻجي ٿي سگهيو. سلطاني يا ملوڪيتي طرز جي حڪومتن جي حالت ۾ آهو روح "عزت ۽ شان" (Honour) هو ــ درجي ۽ ذميداريءَ جو روح (يا 'غيرت') جيڪو ڪارگذار انراڪيم جي ارادي ۽ عمل ۾ ڪارفرما ٿي رهيو. لوڪ راڄن جي بنياد ۾ آهو روح هو "نيڪي ۽ سدا چار" (Virtue) ــ شهريت جو احساس ۽ شعور. ۽ آپيشاهي راڄن يا استبدادي حڪومتن جي بنياد ۾ آهو روح هو "خوف، هيبت" (Fear). جڏهن بہ اڄي سهڪاري يا پُشتيبان اصول جتي ڪمزور ٿي ٿما، آتي آها حڪومت بہ لوڏن ۾ ٿي آئي ۽ ڏهي وڃي پٽ ٿي پيئي.

آن سان گڏ، مانٽيسڪيو ائين بہ چيو تہ حڪومتون طبعي حالتن جي مطابقت ۾ بہ صورت پذير ٿيون. آب هوا انساني هلت چلت تي آونهو اثر ڪري ٿي، ۽ سماج جا رنگ ۽ رخ آن ڪري بہ ٺهن ٿا ۽ پختا ٿين ٿا.

قانونن جي روح جو مقصد، بهرصورت انسانن کي آزاد رکڻ جوهجي ٿو. مانٽيسڪيو جو چوڻ هو تہ آپيشاهي ۽ استبداد هر طرح خراب شيءَ هئي، ۽ ماڻهن کي آن کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ آن جي واڌ کي روڪڻ گهرجي. هُن جو خيال هو تہ آن مقصد جي حاصلات لاءِ هُن هڪڙو پروسي جهڙو رستو دريافت ڪيو هو ۽ آهو آن دؤر جي برطانوي پارليامينٽ (Parliament) جو رستو هو. مانٽيسڪيو جو چوڻ هو تہ برطانوي شهريءَ جي آزاديءَ جو احساس ۽ هن جي اطمينان ۽ سلامتيءَ جا پتريارءَ حڪومتي اختيارن جي ٽن حصن ۾ تقسيم تي ٻڌل هئا.

بادشاهه جي هٿ ۾ عاملن جا اختيار هئا؛ قانون فقط پارلامينٽ ٺاهي ٿي سگهي؛ ۽ عدليه انهن ٻنهي جي اثر کان فارغ، پنهنجي رڳو سُوهه ڪم ٿي ڪيو. باعزت روايت طور سلطان شاهيءَ جي اختيارن تي انهن سياسي ـ سماجي قوتن روڪ جو ڪم ٿي ڏنو جيڪي بادشاهه ۽ سندس عام رعيت جي وچ ۾ موجود هيون ـــ خاص طرح عامل (ڪارگذار) اشرافيه يا اميرطبقو. مانٽيسڪيو پاڻ امير شاهيءَ جي نظريي جو ترجمان يا حامي ڪونه هو. هن جي پرجوش تبليغ سيني ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ هئي، نه رڳو اميرن جي آزاديءَ لاءِ، ۽ آن سلسلي ۾ هن غداريءَ جي عملن کي (جن جي سزا قانون جي دائري ۾ آئي ٿي)، غداريءَ جي خيالن کان (جيڪي آن دائري ۾ نٿي آيا)، ۽ پڻ غداريءَ جي لفظي يا زباني اظهارکان الڳ ٿي سمجهيو (جيڪو غداريءَ جي دعويٰ ۾ رڳو تڏهن ٿي اچي سگهيو جڏهن آن غداريءَ جي عمل يا عملن جي صورت اختيار ٿي ڪئي).

ان طرح "انقلابي صديءَ" جا سڀئي سياسي مفڪر مانٽيسڪيو جي سمجهايل قانونن جي روح ۾ موجود شريفانه، انسان دوست ۽ قانون پسند فلسفي تي متفق ٿي سگهيا ٿي. ۽ هنا ٻه، جيئن اڳتي هلي، انقلاب جي ابتدائي صورتحال جي مختصر وضاحت ۾ ڏسنداسين.

بهرحال، والٽيئر (Voltaire)، فڪري طور، مانٽيسڪيو جي آن ڪشاده خياليءَ (Liberalism) کي تسليم ڪندي ٻه امير شاهيءَ جي شرافت نفس ۾ هُن جي مضبوط اعتقاد کان مطمئن نه هو، بلڪ آن جو سخت مخالف هو. والٽيئر، جمتوڪ پاڻ وچ واري طبقي، بُورجوا، مان هو، بلڪ گهٽي قدر آن ڪري ٻه، سلطان شاهيءَ جو حامي هو. هُن جو پڪو عقيدو هو ته جڏهن ٻه سڌارا فرانس کي گهربل هئا، اهي آنهن ٻي فيض، تنگ خيال پارلامينٽن ذريعي ممڪن نه هئا، جن جي امير ميمبرن پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن کي ٿي سدائين حڪومت جا مفاد ٿي سمجهيو. سماج ۾ گهربل سڌارا يا تبديليون، هُن جي خيال ۾ فقط بادشاهه جي معرفت ئي حاصل ٿي سگهيون، جيڪڏهن جاڻو

وزير بادشاهہ کي سڀيون صلاحون ڏين ۽ پوريءَ طرح باخبر رکن، تہ بادشاهہ ذاتي پسند ناپسند کان مٿي اڀري، جو کجهہ رياست جي پاڻي لاءِ آهي اُن جا احڪام صادر ڪري سگهي ٿو. والٽيئر هر وڻندڙ کي "روشن خيال آپشاهيءَ" جو ڪنهن ڇڙواڳ پر رحمدل فرمانروا- جو حامي ڪوبہ هو: هو "سياسي ڪارج-پسنديءَ (Political Pragmatism) جو حامي هو. هُن جو دليل هو تہ سڀيتا يا تهذيب ۽ تاريخي حالتون هر ملڪ جون الڳ الڳ هيون، ۽ آهي آزاديون يا نرالپ واريون ڳالهيون حساب ۾ آڻڻ ضروري هيون. هو آزاد تقرير، آزاد پريس ۽ شهري آزادين جو روادار بلڪ جوشيلو طرفدار هو، ۽ هُن ائين ٿي سمجهيو تہ فرانس ۾ تنگ نظر ۽ خود-مفادي پارليامينٽن بدران، اُنهن جو هڪ سگهاري ۽ ليڪ صلاح بادشاهہ جي هٿان حاصل ٿيڻ وڌيڪ ممڪن هو.

جيتوڻيڪ والٽيئر" آزاديءَ جي انفرادي بنيادن ۽ اختيار ۽ اقتدار هٿان اُنهن جي ڇيڪڙن جي اڏو سڙ" تريءَ تي رکي، پُرجوش ۽ بي خوف، مرد" ميدان ٿي ٻيهندو هو، پر هڪڙي ڳالهہ هُئي جنهن ۾ هو ۽ ٻيا سڀ مفڪر لڏي ويندا هئا ۽ ٻڌتر ۾ رهندا هئا: عام خلق سان ورتاءَ يا اُن بابت روش جي ڳالهہ ۾. سماج جا هيڻان درجا اڪثر تہ اڻ پڙهيل هئا، پر جي پڙهيل هئا تہ يہ پنهنجو رڳو نالو ٻہ مس لکي سگهندا هئا. هو پنهنجين بنيادي گهرجن ۾ ۽ آڻ هُوند جي انتها ۾ ورتل هئا، ڏاڍيءَ گندگيءَ ۾ رهيا ٿي ۽ بيحد نراس هئا، هو مالي قرلٽ جي گهاٽي ۾ پيڙيا ٿي رهيا، ۽ سندن جسم بيمارين جا گهر هئا. ايترا هو بي سمجهہ ۽ سادا هئا، جو پاڻ تي ضابطو مشڪل هُئن، پنهنجن آتساهن ۽ ڇرڪن اڏو ايترا بيوس هئا، جو ذميدار ۽ چڱا شهري ٿي رهي سگهيا، جنهنڪري "خوف" جي وسيلي اُنهن کي ضابطي ۽ اطاعت ۾ رکڻو ٿي پيو. ۽ اِن نقطي تي سياست ۽ مذهب" جون دلچسپيون ۽ مفاد پاڻ ۾ اُڀي ٿي ڳڏيا. مذهبي خوف-دُوزخ جو ۽ ابدي عذاب جو- مفڪرن جو چوڻ هو تہ اِهي سماجي اطاعت ۽ ضابطي لاءِ هڪ وسيلي طور استعمال ڪيا ٿي ويا. اِهو ڪجهہ ڏسندي، پروري ٻہ ائين سوچيندي

تہ عام خلق، زالن توڙي مردن، کان سماجي انصاف (= سماجي ضمير) جي اميد رکڻ بہ اجائي هئي ـــ ڇو تہ هو ذاتي انصاف (= انفرادي ضمير) کان ڪم ونڊ ڇوڙائي نہ هئا ـــ اڪثر مفڪر مان ٿيي ڏي ويا، ۽ قديم روم جي شهنشاهي دور بابت جو ڪجهہ سندن ئي همعصر ايڊورڊ گبن (۱۷۹۴-۱۷۳۷ع) چيو هو، اُن کي هو پنهنجي دور سان لاڳو ڪري، سڄي مسئلي کان اگوندرا ٻڌجي ويهي ٿي رهيا:

"رومن دنيا ۾ عبادت جا مختلف طريقا جيڪي هلندڙ هئا،" گبن لکيو هو، "ماڻهن اُهي سڀئي هڪجهڙا صحيح ڏي سمجهيا؛ فياسوفن اُنهن کي اهڙو ئي هڪجهڙو غلط ڏي سمجهيو، ۽ حاڪمن لاءِ اُهي اُهڙائي هڪجهڙا فائديمند هئا. پر سڀئي اُهي اوترائي پُر اميد بہ هئا تہ ڪنهن ڏينهن عقل جي انڌ وشواس (عقيدي) تي، ۽ علم جي جهالت تي، ۽ سچ جي ڪوڙ تي ضرور سوپ ڏيندي."

۽ اُنهيءَ ئي ترنگ ۾ والٽير لکيو: "[وري بہ] سڀڪجهہ ويو ناهي، [پر تڏهن] جڏهن ماڻهن کي اهڙيءَ حالت ۾ آڻجي، جو ڏسي سگهجي تہ اُهي سچاڻ آهن. اُن جي ابتڙ تہ، سڀڪجهہ ئي وڃائي ڇڏيو، جڏهن اوهين ماڻهن سان ائين ورتاءُ ڪندا جڙ اُهي ڏور آهن؛ ڇو تہ ترت يا دير سان اُهي پوءِ پنهنجن سڳن سان اوهان جو پيٽ ڦاڙي ڇڏيندا!"

رُوسو (Rousseau) اُنهن مفڪرن مان هو جن جي نظر ۾ ماڻهن جي اُن سچاڻپ جي چاهي "تعليم ۽ تدريس" ۾ هئي؛ سيني انسانن ۾ فطرت مطابق، سوچ جي صلاحيت هئي، پر بادشاهن ۽ پادرين سندن اُن صلاحيت کي گهُٽي ۽ بگاڙي، ڪم مان ڪيي ڇڏيو هو؛ ۽ هاڻي هو جهالت جي لوهي سلاخن ۾ بند هئا. تعليم انسانن کي اُن جهالت جي سلاخن مان آزاد ڪندي. هِن ڪُتي ۾ اِها گالهہ موجود آهي تہ خود سماج ئي عامر جي اُن پست حالت لاءِ ذميوار آهي. روسو

اِن سلسلي ۾ سماج جي نڪادن جي بنهه سرواٿن مان هڪ هو. پنهنجي دؤر جي مصنوعيت تي، ظاهريت تي، سطحي پيار تي ۽ ٺلهي تڪلف تي هن جا نڪا ۽ تُند حملا ٿيندا ٿي رهيا. پر اِن سلسلي ۾ نه روسو ۽ نه هُن جا ساٿي مفڪر، خود سماج کان نراس نه ٿيا هٿا- هو ناراض ۽ بيزاريل هٿا، پر سيپتا ۽ تهذيب کان نه، آن جي فضوليات ۽ ايڏنگائين کان؛ قانون کان نه، پر بدقانون کان؛ سڀ سياڻ ۽ قربائتيءَ هلت چلت کان نه، پر آن جي هٽراڏو ڏيکاءَ ۽ مٽاچرائيءَ کان. هُنن لاءِ انساني سماج، پوءِ آن جي صورت کيتري قدر به اوائلي يا چٽائي ڏانءَ جي هجي، هڪ انساني اداري جي حيثيت ۾، دنيا جو هڪ زنده معجزو هو، ۽ آهو آئين رهڻو هو.

سماج جي نڪتچينيءَ ۽ نقص شناسيءَ جي هِن فضا ۾ روسو بهتر کان بهتر سماج متعلق پنهنجن خيالن کي ظاهر ڪندو، وڏائيندو ۽ وڌ کان وڌ معتبر بڻائيندو رهيو. تان جو سطحي ۽ پٽ مفادي سوچ جي ماڻهن هُن لاءِ ائين هُلائڻ شروع ڪيو تہ هو خوابن جي دنيا ۾ رهڻ وارو هو، منظم سماج کي ختم ڪرڻ ٿي گهريائين، ماڻهن کي شروع واريءَ فطري ڪيفيت ڈانهن موڙائڻ ۽ "معتبر وحشيءَ" جي درجي تائين وڃڻ ٿي چاهيائين. پر حقيقت ۾ آهي ۽ اهڙا ٻيا اصطلاح روسي جا استعمال ڪيل ٿي نه هٿا. هُن تہ وري وري پئي چيو تہ هڪ پيرو انسانَ سماج جي ايوان ۾ قدم رکيو، تہ آنَ کان پوءِ هٽڻ هن لاءِ نہ ڪڏهن ممڪن هو ۽ نہ مفيد. انساني فطرت جهنگلي درجي ڈانهن موٽ نہ کائي ٿي نہ کائڻ چاهي. ٿي پنهنجن ڪتابن "Social Contract" ("سماجي معاهدو") ۽ "Emile or Education" ("ايملي عرف تعلُّم") ۾ بار بار هن اهڙي وضاحت ڪئي آهي ۽ آن تي زور ڈنو آهي. جڏهن انسان فطرت جي اوائلي حالت کي ڇڏي ٿو، روسي لکيو، تڏهن هن ۾ هڪ بيحد اهم تبديل اچي ٿي: سندس اندر ۾ "جبلت" جي بدران "ويچار" جاءِ ونڊي اچي ويهي ٿو. آڇٽاءِ" ماڻ بدلجي هو "سلڇٽائيءَ" جي سوچ ڈانهن مائل ٿئي ٿو. ائين ٿيڻ سان هو "اصلوڪيءَ فطري حالت جون ڪي سهولتون وڃائي به ويهي ٿو"، پ.ر، بدلي ۾ "هو

پيون ايتريون تم وڏيون سهولتون" ۾ حاصل ڪري ٿو، جو جيڪڏهن رڳو سماج جي خرابين جي ڳالهه نه هجي ها، تہ هو ابد تائين اُن ڏينهن کي دعائون ڪندو رهي ها، پوءِ تہ اُن ئي ڏينهن هوءَ "ڪنڊفهم ۽ بي خيالهي حيوان" مان قري، "هڪ بيدار ۽ چاڻاڪ هستي يعني هڪ انسان" بڻجي پيو هو. اِن طرح، روسو جي تہ اُهائي ئي اِها مرضي هئي تہ اهڙو ڪو بهتر سماج تخليق ڪجي جيڪو انسان جي لائق هجي، ۽ اهڙا ڪي بهتر انسان پلجن ۽ تربيت پائين، جي اُن بهتر سماج جي لائق هجن!

ارڙهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، فرينچ انقلاب کان اڳ ئي، فرانس جا هي ئي اعليٰ مفڪر ۽ عظيم انسان، سياست جي دنيا ۾ قومي آزاديءَ، جمهوريت ۽ انسان دوستيءَ جا سگهارا علمبردار، رڳو پنهنجا جند ڪتاب ۽ ڪيئي انمولڪ خيال ئي پويان ڇڏي، انتقال ڪري ويا ــ مانٽيسڪيو ١٧٥٥ع ۾، ۽ والٽيئر ۽ روسو هڪٻئي پويان، هڪ ئي سال ١٧٧٨ع ۾.

پر اُهين ڪان پوءِ، ترت ئي، ارڙهين صديءَ ئي جي آخر ۾، فرانس جي انسان ۽ فرانس جي انساني سماج جو اصلاحي عمل"، هڪ ئي وک سان "انقلاب" بڻجي، تاريخ جي عين تقاضا طور، ڏاڍي هڪ منفرد ۽ سحر آفرين انداز ۾ وڌي، دنيا-جي آڏواڇي ٻيٽو. جين جئڪس روسوءِ تہ پنهنجي عمر جي پوين ڏينهن ۾ هيئن چئي اُن جي اڳڪٿي ٻ ڪئي هئي: "هو ڏسو، منهنجي اکين سان ڏسو! انقلابن جو دؤر آسمان ڏانهن وڌي رهيو آهي!"

جرمن مفڪر، ڪانٽ (١٨٠٤-١٧٢٤ع)، کي پنهنجي سماجي دؤر تي تنقيدي نظر وجهندي، هڪ موقعي تي چوٽو پيو هو تہ توڻي جو سندس دؤر "روشنيءَ جو دؤر" هو، پر "روشن دؤر" نہ هو؛ آهو اهڙو دؤر هو، جو اُن جي چاڻ ۽ تعليم ڏان، عقل ۽ ايمان ۽ پنهنجن انساني پائرن لاءِ حسن سلوڪ جي تبليغ تہ ڪئي ئي، پر آهو اهڙو

دؤر ڪونہ ھو جنھن اِھي نيڪيون حاصل ٻ ڪيون ھيون. آلفريڊ رامبؤ (Alfred Rambaud) آنڻي ارڙھين صديءَ جي، خاص طور، فرينچ سماج بابت گھڻو پوھ لکندي، ائين چيو تہ "سڀ رڳو ڏلھو ڏيکاءُ ھو: زندگي اميرن لاءِ رؤنشو ۽ غريبن لاءِ عذاب ھئي.... مذھب سچو رڳو ھڪ زباني واعظ گوئي وڃي رھيو ھو ــــ معنيٰ کان خالي، خشڪ ۽ بي‌اثر." اھڙي ھانءُ نپوڙيندڙ، مايوس ماحول ۾ انقلاب جي آمد تي ۽ ان جي اوائلي ڳالھين تي، اميرن مان ٻہ ڪن روشن خيال ۽ ڪشاده دل شخصن سميت فرينچ ڪليسا جي عام پادرين کي ٻہ ڪا پريشاني يا خطري جي ڳالھ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي ھئي: بلڪ آرليانس جي ديول جي ھڪ بزرگ پادريءَ تہ، پُرامید آھ ۽ نئون ساھ ڪڍي ائين لکيو، "آڳ ٿورن ڏينھن ۾ ۹۸ سالن جو ٿيندس: پنھنجي حياتيءَ جو ڪو ڏينھن اھڙو خوشيءَ ۽ پريو ڪونہ ٿو سنيڙان جھڙو ھيءُ ڏينھن جنھن جي پرھ ڦٽندي ڏسي رھيو آھيان! او، نعمتون آڻيندڙ اڄ جا سڄَ، جنھن سان ھيترين ساريون نيڪيون اسان جي ملڪ جي زمين تي جڙي اٿيون آھن!"

فرينچ انقلاب جو، آن جي شروع ۾، خود انگلنڊ جي گھڻن ڄاڻو حلقن ۾ ٻہ آدرياءُ ٿيو ھو: ۽ اِئين چوندي تہ، "آن سان فيوڊل (جاگيرداري) آپشاھيءَ جو خاتمو ٿيو ھو.... ۽ ائين تہ گھڻو اڳي ٿيڻ گھربو ھو"، آن جي پوري مرحبا ڪئي ويئي ھئي، ۽ وڏيءَ خوشيءَ سان آن اميد جو ٻہ اظھار ڪيو ويو ھو تہ، "فرينچ لوڪن کي ٻہ آنھن آئيني آزادين جي ماڻڻ جو وجھہ تہ ملڻو ھو، جن تي انگلنڊ جي ماڻھن فخر ٿي ڪيو!" البت، ڪجھہ اڳتي وڌي، "فرانس جي انقلاب جي اصل مطلب" بابت يورپ لاءِ خطري جو گھنڊ، پھريون پيرو ايڈمنڊ برڪَ، پنھنجو ڪتاب "Reflections on French Revolution" ("فرينچ انقلاب بابت ويچار") لکي، وڃايو، جيڪو ڪتاب ٻہ ھنَ انگلنڊ جي ھڪ وڏي ۽ محترم عالم، ڊاڪٽر پرائيس، کان چڑي ۽ خار کائي، لکيو ھو، جنھن فرينچ قوم کي ڪُلي‌ءَ دل سان ائين چئي، مبارڪباد ڏني ھئي تہ آن

انقلاب سان هٿن رڳو انگلنڊ جي ١٦٨٨ع واري "مانائتي انقلاب" (Glorious Revolution) جـي اصولن کي ڏـي اڳتي وڌايو هو! برڪ جو، بهرحال، موقف هو ته انگريز قوم جو سياست بابت فهم ۽ رويو فرينچن جي سياسي فهم ۽ رويي کان بلڪل الڳ هو: انگلنڊ جا ماڻهو روايت پسند، معقول ۽ وچٿريءَ طبيعت جا ماڻهو هٿا، پر فرينچ لوڪ جذباتي ۽ خطرناڪ حد تائين نظريي پرست ۽ آدرشي هٿا. پر فرينچ انقلاب جنهي "اصل حقيقت" (جنهن کان برڪ" ائين اڳوات ڏنو ٿي) اڳتي هلي جيڪا خوني صورت ورتي هئي، سا به دراصل انگلنڊ جي آن "مانائتي انقلاب" جـي ئي راهه هئي، جنهن پنهنجي دؤر جي مسترد ۽ منفي قوتن جـي اڳرائن کان ئي مجبور ٿي، بچاءَ ۾ پنهنجي بادشاهه چارلس پهرئين جـو سر قلم ڪيو هو. اِن ئي مجبور امڪان جـي اِن طرح پيدا ٿيڻ جـي صورت ڏانهن زيرنظر "ڪهاڻيءَ" جي هڪ مرڪزي ڪردار، استاد جين، انقلاب جـي اوائلي پُرامن ڪاميابين جي خبرن ٻڌڻ تـي، هيٺين لفظن ۾ اشارو ڪيو آهي:

"خدا ڪري ته اسان جي راڻي ۽ [سندن حمايتي] ڪائونٽ ڊي- آرٽائس هاڻي ڪنهن دغا جي ڪوشش نـه ڪن! [ڪين خبر هجي ته] جن وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهه نه هوندو آهي، سي ڪجهه تـن جـي ڪٽڻ لاءِ هوندو آهي، ۽ [هاڻي] جيڪڏهن جنگ ڇڙي ٿـي پوي، ته ڪوبه ماڻهو آن جو خاتمو شايد ڏسي نه سگهي...."

جنهن تـي "ڪهاڻيءَ" جـي پـڌائيندڙ، مچيل ٻٽسٽيان، پنهنجي راءِ ظاهر ڪندي لکيو:

"۽ هو [استاد جين] صحيح هو، چاڪاڻ ته ڪنهن به حال حياتماڻهوءَ- اميرن، ٻُوزجوا يا هارين‌مان-انقلاب کي‌اڃان پڄاڻيءَ تي رسندي نه ڏٺو آهي: نه.....آهو اڃان جاري آهي: انقلاب پڄاڻيءَ تي فقط تڏهن رسندو جڏهن فضيلت، نيڪ سوچ ۽ انصاف اسان وٽ موڪي ايندا ۽ سدائينءَ لاءِ اسان سان گڏ اسان وٽ رهندا!"

۱۷۷۴ع کان پوءِ فرينچ قوم کي، انقلاب جي راهہ تي، وڌيءَ آزمائش مان گذرڻو پيو. آن سال فرانس جو بادشاهہ، لوئي پندرهون (”لوئي“ معنيٰ ”شينهن“) ۵۹ سالن جي راج کان پوءِ فوت ٿيو. هو پنجن سالن جي ڇمار ۾ تخت تي ويٺو هو، ۽ سڄي سندس طويل راج ۾، ملڪ جو ڪو سڌارو نہ سڌاري جي ماگ پر بگاڙو سوگهڻو ٿيو هو. سڌاري جي ڪا ڪوشش بہ هُن ضرور ڪئي هئي — وزيرن جي چوڻ تي هُن پادري برادريءَ تي ٽئڪس لڳائڻ ۽ فرينچ اميرن تي بہ ڪي پابنديون ۽ ضابطا رکڻ هُن گهريا هئا — پر آنهن ارادن ۾ هو ناڪام ٿيو هو. هن جي جانشين، نوجوان لوئي سورهين، اڇا سان، بهرحال، اِئين ڏيکاءِ ڏنا تہ هو واقعي بہ ڪي سڌارا آڻڻ وارو هو.

هن نئين لوئيءَ (شينهن) پهريون جيڪي نيون مقرريون ڪيون، تن ۾ هڪڙي رابرٽ ٽئڪس ٽرگٽ جي بہ هئي، جنهن کي هُن پنهنجو بحري معاملن جو وزير بڻايو، ۽ پوءِ، هڪ مهينو رکي، پنهنجو مالياتي ڪنٽرولر-جنرل ڪيائين. ترگٽ هڪڙو پڙهيل ڳڙهيل ۽ تمام هڪ ذهين ماڻهو هو، ويهارو سالن جي عمر ۾ هُن ”انساني ذهن جي تاريخي اوسر“ جي موضوع تي مضمون لکيو هو، جنهن عالمن ۽ مفڪرن وٽ هُن کي ڪافي شهرت ۽ مقبوليت ڏني هئي. پوءِ هُن سرڪاري ملازمت اختيار ڪئي، ۽ آئي بہ هُن پنهنجي ڪم جو ڏاڍو سٺو رکارڊ قائم ڪيو هو. هو هڪ عملي ماڻهو بہ هو، دنيا داريءَ جي ڳالهين کان واقف هو، ۽ رڳو خواب جي دنيا جو واسي ڪونہ هو.

وزارت جي ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ، ترگٽ مالياتي سڌارن جو هڪڙو پروگرام تيار ڪيو، جنهنکري سماج جي ڇاڪاڻ حلقن جو هن ۾ اعتماد پختو ٿيو، پر مفاد پرست گروهن ۾ هُن جي مخالفت ٿيڻ لڳي. ملڪ ۾ تجارت کي وڌائڻ ۽ آسان بنائڻ لاءِ هُن اندروني چونگين جي وصوليءَ ۽ پنڻ ڪاريگريءَ جي گروه بندين (Trade Guilds) کي بند ڪرڻ جون تجويزون هٿ ۾ کنيون،

چو تہ هنڌ هنڌ چونگين جي ادائگيءَ سان اناج وغيره جي ڏي وٺ ۾، ۽ پيشن جي گروه بندين سان هنر ۽ ڪاريگريءَ جي ڪمن جي واڌاري ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون. پنهنجي لاءِ وڏيڪ هُن مشڪلاتون پيدا ڪيون، جڏهن هُن عام محصولن تي نظرثاني ڪرڻ گهري تہ جيئن آنهن جو بار سماج جي سڀني طبقن جي ماڻهن تي هڪجيترو پئجي سگهي، ۽ هُن پروٽيسٽنٽ فرقي وارن لاءِ به برابريءَ جي بنياد تي شهري حقن جي رٽ پيش ڪئي. اِنهن ڳالهين جي ڪري هو پنهنجي عهدي تي گهٽو جڏاءُ نہ ڪري سگهيو. آگسٽ ۱۷۷۴ع ۾ هُن جي مقرري ٿي هئي، ۽ مئي ۱۷۷۶ع ۾ هن کي ڪيڊي ٻاهر ڪيو ويو. "سماج جي هيٺ‌مٿانهين کي مٽائڻ ۽ سڀني کي گڏ ورچڻ ڪري چڏڻ جو منهنجو ارادو ڪونهي— جيئن ترگٽ گهري ٿو!" بادشاهہ اعلان ڪيو. ترگٽ جي بيدخليءَ، بهرحال، چاڻو حلقن ۾ گهٽي نراسائي پيدا ڪئي. هنن جي نظر ۾ ترگٽ جي بيدخلي صورتحال لاءِ وڏي هڪ خطري ۽ آزمائش جو معاملو هو. هو پوري اڌ صدي سماج ۾ سڌارن آڻڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهيا هئا، ۽ ناڪام ٿيندا پئي آيا، ۽ وقت جي مهلت سندن نظر ۾ هڪ مان نڪرندي پئي ويئي. جيڪڏهن ترگٽ جهڙو تجربيڪار ۽ اعتبار جوگو عملدار بہ حڪومت ۾ اندر موجود خود غرض ۽ هٺ‌دَرم مخالفت کان بچي نڪي سگهيو، تہ پوءِ سماجي سڌارن جي ڪابہ ڳالهہ ڪيئن ٿي ڪامياب ٿي سگهي!

"هن عظيم ۽ نيڪ شخص جي اِن طرح جي بيدخليءَ"، والٽيئر لکيو، "مون کي چڪرائي، بنهہ ڪيرائي ڇڏيو آهي... اِن منحوس ڏينهن کان پوءِ آءٌ ڪجهہ سوچي ئي نہ سگهيو آهيان. ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪجهہ ڪچي ئي تہ نہ سگهيو آهيان، ۽ چپ چاپ حيرت ۾ ورتو ويٺو آهيان — پل تہ کو اچي منهنجي گلي تي چڙي ئي ڦيرُي ڇڏي!" ۽ فرينچ قوم جي ٻين عام سمجهہ وارن ماڻهن به ڳالهہ کي اڀين ئي ڪري ورتو هو، ۽ هُنن کي آن تي عجب کائڻ ۽ رنجيده ٿيڻ جو حق به هو. ۱۷۷۰ ۽ ۱۷۸۰ جي ڏهاڪن ۾

ائين ٿي ثابت ٿيڻ لڳو هو تہ فرينچ سرڪار سياسي ۽ اقتصادي ڏيوالي ۾ وڃي رهي هئي. يورپ جي بئنڪرن کان آها گهائي پگا قرض ونڻي رهي هئي، ۽ سڄي اُن مالياتي جي گهوٽالي کي لڪائڻ لاءِ جڙتو ۽ ڪوڙن حسابن جا ڪتاب ٺاهي رهي هئي! تنهن سان گڏ پادري برادريءَ جي اعليٰ درجن تي فضول خرچين جون گهاليون، مهاراڻي ميري آئنٽونئيٽ جي ذاتي زندگيءَ جون بدناموسيون (هُن تي الزام هو تہ هوءَ هڪڙي منهن پادريءَ سان، جيڪو وڏو ڪاردينل هو، هيرن جي هڪ هار جي عوض محبت جا پيچ لڙائي رهي هئي)؛ ۽ سڀ کان اهم ۽ هاڃيڪار گهالهہ تہ عام اناج جي فصلن ۽ فرينچ شراب جي پيداوار ۾ لاڳيتو ٻن سالن کان گهاٽپ ۽ ناڪاميءَ جا افواهہ هُلي رهيا هئا. سڀني اِنهن گهالهين گڏجي سڄيءَ فضا کي ديڃاري ۽ بي چين بڻائي ڇڏيو هو.

لُوئيءَ سورهين پوءِ صورتحال جي ڪجهہ تدارڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ١٧٨٧ع ۾ هُن ملڪ جي مالي گهوٽالي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پاڻ وٽ ملڪ جي مُکَ ماڻهن جي هڪ ڪائونسل گهرائي. اُن 'قدم' جي ناڪاميءَ کان پوءِ، وري، ١٧٨٩ع ۾ هُن اسٽيٽس-جنرل، يعني فرينچ قوم جي ٽن روايتي طبقن- پادرين، اميرن ۽ باقي عام ماڻهن- جي عيوضين جي وڏي اسيمبلي سڏائي.

اِسٽيٽس- جنرل جي اُن اسيمبليءَ ۾ هڪدم پوءِ هيءَ تڪراري مسئلو آڻيو تہ آها اسيمبلي پنهنجي ڪارروائي ڪيئن هلائي! هونئن ٻہ آها ١٧٥ سالن کان پوءِ پهريون پيرو گڏجي رهي هئي، ۽ ان جي اختيارن جو ٻہ ڪڏهن سئون سڌو ۽ صاف فيصلو ٿيل نہ هو. امير طبقو ۽ پادري برادريءَ جي ڪوشش هئي تہ هو پنهنجا پنهنجا روايتي رتبا ۽ خاص 'حق' ڪنهن طرح بحال رکن ۽ وڌيڪ مضبوط ڪن؛ ان لاءِ هُنن گهريو ٿي تہ اسيمبليءَ ۾ ٽنهي ڌرين مان هر ڌر، جڙمڙهيءَ، الڳ الڳ اِڪائيءَ طور، ووٽ ڪري. اِن طرح اسيمبليءَ تي ضابطو سندن (يعني ٻن متين طبقن جو) ٿي قائم رهي ٿي سگهيو. عام ماڻهو جيڪي "ٽي اسٽيٽ"

سڏيا ٿي ويا. پهرين اسٽيٽ پادري برادريءَ جي ۽ پي اسٽيٽ امير لوڪن جي هئي. تن گهريو ٿي ته اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيل هر ميمبر، فرد فرد ٿي، ووٽ ڪري. اسيمبليءَ ۾ تازو آڻهن جا عيوضي وڌائي، جملي تعداد جو پنجاهه في‌صد ڪيا ويا هئا، ۽ هنن کي ٻن آوچيتن ڏرين مان ڪن نيڪ خيال ۽ انصاف پسند ماڻهن جي پٽيرائي‌ءَ جي اميد ٻڌي هئي، ۽ انهيءَ طرح هنن جي آڏو اسٽيٽس-جنرل ۾ تعدادي طور پنهنجي برتري حاصل ٿيڻ جا امڪان موجود هئا.

باهر عام خلق ۾ هن سوال تي ڪافي چوٻول ۽ هلچل مچل هئي ۽ ماڻهن ۾ انقلابي جوش ڪافي وڌيل هو. بهرحال، بادشاهه جڏهن ٿي‌ءَ اسٽيٽ (يعني شهري ملڪيت دارن، مزورن ۽ هارين) جا آهي مطالبا نه مڃيا، تڏهن، آهي ٿي‌ءَ اسٽيٽ جا عيوضي اسٽيٽس جنرل کان ڇڏجي، جدا پنهنجي "قومي اسيمبلي" ٺاهي ويٺا. ائين ڇئي ته "قوم جي اصل اسيمبلي ته هو هئا، پادري ۽ امير برادريون تہ آن جون فقط ڪاميٽيون هيون."

١٤ جولاءِ ١٧٨٩ع تي پئرس جي ڪاوڙيريل انبوهه بستيل قلعي جي شاهي جيل تي چڙهائي ڪئي. بادشاهه وڌيڪ صورتحال کي پنهنجي قبضي ۾ رکي نه سگهيو؛ آن کان پوءِ، فرينچ قوم جي ٽي اسٽيٽ يعني فرينچ عوام- جيڪي پادري برادريءَ ۽ امير جي طبقي کان ٢٤ ڀيرا گهٽا هئا، چو ته آهي قوم جو ٩٦ في‌صد ۽ پادري ۽ امير گڏجي فقط چار في‌صد هئا- پنهنجي ملڪ ۾ هڪ جبڙي جاڳندي سياسي قوت شمار ٿيڻ لڳا. ساڳئي سال جي آگسٽ جي آخر تائين امير طبقي جا اڪثر روايتي جاگيرداري "خاص حق، مفاد ۽ رتبا" ڀهارجي وڃي گهٽين جي ڪسين ۾ پيا، ۽ هڪ دليرانو ۽ پرجوش اعلان نامو "انسان جي ۽ شهريءَ جي حقن جو" اسيمبليءَ ۾ پاس ٿيو ۽ ملڪ جي بنيادي قانون جي صورت وٺي ويٺو.

اعلان نامي ۾ "روشنيءَ جي تحريڪ" جا اڪثر مطالبا شامل ڪيا ويا. ان ڳالهين سان گڏ اهو به اعلان نامي ۾ چيو ويو ته "فرانس آن جي بادشاهن جي ذاتي ملڪيت ڪونه هو، پر هڪ

آزاد ۽ خودمختيار قوم هو جيڪا اُن جي ماڻهن جي ملڪيت هئي. اعلان نامي جي پوليِ گهڻي قدر تعميمي ۽ خيالي هئي، جيئن اهڙن دستاويزن جي ٿيندي ئي هوندي آهي، پر اُن جا جدا جدا نڪتا سڀ فرينچ عوام جي تاريخي تجربن جا ترجمان ۽ عڪس هئا. اُن ۾ "روشنيءَ جي تحريڪ" جا آدرش ۽ "نئينءَ جمهوري سياست" جا اصول اختصاريل ۽ يڪجا ٿيل هئا.

پر ۱۷۸۹ع ۾ به، بهرحال، دوراندیش شخص ڏسي سگهيا ٿي ته، اعلان نامو، پنهنجي سڃيءَ سچائيءَ ۽ حق گوئيءَ سان بـ، پراڻي مضبوط بيئل نظام کي ايتريءَ آسانيءَ سان اُکوڙي نٿي سگهيو. فرينچ سماج سڄ پڄ پاڻ کي بدلائي سگهي، تنهن کان اڳ ان کـي سياستڪارن جي حرفتبازين کان، جاگيل ۽ آڏي بيئل پر ناتجربيڪار ۽ غيرتربيت يافته شهري ماڻهن جي مطالبن جي زور کان، ۽ موجود حڪومت ۾ قائم- مفاد رکندڙ ضـدي ۽ مضبوط بيئل گروهن جـي مخالفت ۽ مقابلي کان پاڻ کي بچائڻو هو. ايتريءَ آسانيءَ سان اِئين ٻ ممڪن ڪونہ ٿـي لڳو، جـو آمريت جيڪا صدين کان پنهنجا خاص مفاد ماڻي رهي هئي ۽ پاڻ وٽ ايترا مضبوط جهليو ويٺي هئي، سا ڪنهن مقابلي يـا ٽڪر ڪـان سواءِ پنهنجي شڪست قبول ڪري ۽ آڻ مڃي وڃي. اِها ٻ اٺيٽي پٽي لڳي ته تخت ۽ تاج تي قابض فرينچ سلطان شاهـي جنهن پنهنجي چڙ واڳـ ۽ غير محدود حاڪميت لاءِ صدين ويڙهه پئـي ڪاڌي هئي، اُهـا آئيني سلطاني نظام اندر پنهنجن اختيارن جي محدود ٿيڻ جي صورت ۽ اُنهن تي آن نظام جون بندشون ۽ ضابطا چپ چاپ تسليم ڪري ويهي رهي. ۽ آخر ۾، پادريٽ جي نظام کان اِها اميد رکڻ تـ اُهو محصولن کان آزاد پنهنجي حيثيت تـان هٽ، ڪٽي، آسانيءَ سان لوڪ راج جي ضابطي هيٺ فقط هڪ پگهاردار دفتري نظام طور رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ قبولي سگهي!

۽ سڀ کان آخـر ۾ ۽ سڀ کان وڌ، اِئين بـ ڪو آسانيءَ سان ممڪن ڪونہ ٿي لڳو تہ فرانس کان ٻاهر سڄي يورپ جا سمورا

سلطان شاهي نظام انهن هٿ هٿ ٽي رکي ويهي رهن ۽ پنهنجن مفادن ۽ پنهنجي وجود جي دشمن خيالن ۽ اصولن جي فتح ۽ سوپياري پيشرفت کي خاموش تماشبين بڻجي، بيهي ڏسن، جڏهن خود سندن پنهنجن ملکن جي اندر جدت پسند، کشاده خيال ۽ پاديريت جا پرجوش ۽ سرگرم مخالف موجود هئا، جن فرينچ انقلاب کي پنهنجن ملکن ۾ ساڳئي اهڙي انقلاب جي فقط هڪ تمهيد ٿي سمجهيو!

عين اِنهيءَ طرح فرانس ۾ ۽ سڄي يورپ ۾ "روشنيءَ جو دؤر" بدلجي "انقلاب ۽ جنگ جو دؤر" بڻجي ويو. ارڙهين صديءَ جي خاتمي وارن سالن جي ڏهاکي جي مختصر مدت ۾، فرانس، "بادشاهت" مان ڦري هڪ "عام رعيتي راج" جي صورت ۾ بدلجي ويو، ۽ هڪ ڀي جولان ۾ آن پنهنجي بادشاهه جو سر قلم ڪري چڏيو، هڪ بيخوف ۽ جفاڪش پر اندروني طور گروهه بندين ۾ آيل انقلابي حڪومتي نظام قائم ڪري ورتو، ۽ آنان کان به اڳتي ستي، ڪافي ڪجهه منجهيل فضا ۾ ورتل هنگامي دؤر مان لنگهندي، هڪ آجهل "راج-ستّ" جي هلان" جو شڪار بڻجي، ۱۷۹۹ع ۾ نئپولييني اقتدار جي سرواڻيءَ ۾ اچي ويو، ۽ سڄو آهو عرصو فرينچ قوم باقي يورپ سان وڙهندي ۽ لڳاتار جنگين ۾ مصروف به رهي.

نئين صديءَ جي صبح ٿيندي ٿيندي، فرانس کي ڪن حاصل ڪيل فائدن تان هٿ کڻڻو پيو ۽ ڪافي کي پيا بچايا به ويا ۽ مضبوط ڪيا ويا. پر به ڳالهيون واضح ٿيون: پراڻو يورپ باقي نه رهيو، ۽ فرانس ۾ روشن خيالي، بهرحال بچي ويئي ۽ محفوظ رهي. جڏهن انقلاب اڃان جوان هو، هڪڙو باخبر ۽ دٻجهي نگاه رکندڙ شخص آنهن پنهي نتيجن جي پيش بيني ڪري سگهيو. ۱۷۹۲ع جي اونهاري جي پوين ڏينهن ۾ جرمن شاعر، گوئٽي، جرمنيءَ جي ويمار علاقي جي فوجن جي هڪ دستي سان وابسته هو، جيڪي آنهن ڏينهن ۾ فرانس تي ڪاهي ويل پيرشيا-آسٽريا جي گڏيل فوج سان گڏ جنگ جي محاذ تي وڙهي رهيا هئا. گوئٽي، پنهنجي روحانيت

جي ترنگ ۾ پنهنجي ۽ پوري ۽ غير جانبداري ۽ جي ڪيفيت ۾، انقلابي مقصد سان نه موافق هو نه مخالف. هُن پوري ۽ طرح انقلاب ۾ جي شڪست ۾ پُرس تي جرمن فوج جو قبضو ممڪن ٿي ڇاتو. پر ٿيو اِن جي مختلف. سيپٽمبر مهيني جي ويهين تاريخ تي فرينچن انقلاب دشمن "اتحادي فوجن" کي والمي جي ميدان تي شڪست ڏني، ۽ انقلاب جي فتح ٿي. گوئٽي لڙائي ۽ جي خاتمي کان پوء پنهنجن خاموش ۽ دلگير سائين سان گڏ دائري ۾ وينو ويٺي، اُن ڏينهن جي واقعن جي معنيٰ ۽ اهميت کي هيٺين لفظن ۾ سهيڙڻ مناسب سمجهيو:

"هِتي ۽ اڄ،" گوئٽي چيو، "دنيا جي تاريخ جو هڪ نئون جُڳ شروع ٿيو آهي. ڪنهن ڏينهن اوهين سڀ اِئين چئي سگهندا ــ 'آءٌ اُن جي ڄمڻ مهل اُتي موجود هوس!'"

"فرينچ انقلاب جي ڪهاڻي ۽" جي هِن پهرئين پاڳي ــ ٽي ڏريون، ٽي نظام ــ جي پڄاڻي، ٽي ۽ اسٽيٽ (عوام جي ڏُر) جي هڪ عيوضي ۽، مٿورين شاويل، جي جولاء ۱۷۸۹ع جي پهرين ۽ تاريخ تي، پنهنجي سياسي تڪ جي ووٹرن ڏانهن، لکيل هڪ ڏگهي خط (ص ص. ۳۶۵ ــ ۲۹۷) تي ٽڪي ٽي: جنهن ۾ هُن، جو ڪجهه اسٽيٽس ــ جنرل (پادرين، اميرن ۽ عوام جي ڪڏيل اسمبلي ۽) ۾ وهيو واپريو پئي، ۽ اُن ۾ پاڻ پنهنجون ذميداريون ڪيتري قدر ٽي نباهيون، اُن جا تفصيلي احوال، موت ــ اطلاع طور، پنهنجو فرض ڄاڻي، هُنن ڏانهن لکي موڪليا هئا: آها اسٽيٽس ــ جنرل، جيڪا ۵ مئي ۱۹۸۹ع تي، فرانس جي خاص شاهاڻي شهر، ورسائلز، ۾ لڳ ڀڳ ٻن صدين کان پوء ڪڏ ٿي هئي: ۽ پوء جنهن جي عوامي در، پادرين ۽ اميرن تي حاوي ٿي، پهرين اُن کي "قومي اسمبلي" ۽ پوء "قومي آئين ساز اسمبلي" سڏيو، ۽ جيو تم اُن طرح آها، يعني اُن ۾ هو پاڻ، پنهنجي ملڪ جو آئين ٺاهيندا ــ هڪ آزاد ۽ خودمختيار قوم جو آئين ــ جنهن هيٺ فرينچ قوم پنهنجي "هزار سالن جي خواب (Millennium) جو تعبير حاصل ڪندي"، ۽ اوترائي سال (مطلب تم هميشه لاء) خوب آهو ماڻيندي: "انصاف،

امن ۽ محبت جو آسماني راج". عام ماڻهن جي خوشحالي ۽ اعلي خوشيءَ جي زندگيءَ جو "ڏرتيءَ تي قائم ڪيل راج"، جنهن جو ساڻن "واعدو" ٿيل هو، ۽ سندن امير ۽ پادري ڪين جنهن کان سدائين محروم رکندا ٿي پئي آيا. ان ئي سندن قومي آئين‌ساز اسيمبليءَ پوءِ پٽي مهيني، يعني آگسٽ ۱۷۸۹ع جي ڇويهن تاريخ تي، آنهن لاءِ آن خواب جي پهروڏيءَ ساڀان طور، "انسان ۽ شهريءَ جي حقن جو اعلان نامو" بحال ڪيو- اهو اعلان نامو به "ڪهاڻيءَ" جي هين پهرئين پاڳي جي آخر ۾ پيش ٿيل آهي.

"ڪهاڻيءَ" جي هين پاڳيءَ ۾ بيان ٿيل سماجي خود- اصلاح لاءِ انساني جدوجهد جي ان منزل تي پهچڻ ۾، فرينچ قوم، آن جي پورهيتن، اديبن، عالمن، سماجي خادمن، انسان دوست سياستدانن، مطلب ته آن جي مظلوم ۽ محروم سڃي هيٺي ۽ ڪي عوام، جو ڪجهه ڏٺو، جو ڪجهه ٻڌو ۽ جو ڪجهه ڪيو، اهو اسان جي پنهنجي ڪي عوام لاءِ ۽ اسان ۽ هيلن ڪڙهيلن لاءِ ۽ سڃيءَ اسان جي آفت زده قوم لاءِ به وڏو هڪ عبرت جو داستان آهي، ۽ اسان لاءِ وڏيءَ هڪ قوت بلڪ پوري هڪ لئين جماپي جو علاج به ثابت ٿي سگهي ٿو- جيڪڏهن آن مان اسين پنهنجي اڄ جي سماجي ۽ سياسي حقيقتن کي چاڻڻ ۽ انهن جي تهه ۾ موجود پنهنجي صدين جي روگ کي سڃاڻڻ جو ڪم وٺون، ۽ پڻ آن مان آجائيءَ لاءِ ڪنهن ذهني سوجهري ۽ ڪنهن ڊنگ جي پيچري سان، پنهنجي پاڻ تي اعتماد رکي، اڳتي اڳتي وڌون.

بنيادي گهالهه آهي ته ڏرتيءَ تي اڄ جي دنيا ۾ جن ماڻهن جو اڳرو قدم آهي، يعني يورپ جون قومون، ۽ ٻيا جيڪي به نندا وڏا ملڪ آنهن سان برادريءَ ۾ اڳتي وڌندڙ آهن، آنهن سڀني گذريل ڏهاڪو صدين ۾ جن تبديلين جو پاڻ وٽ سواگت ڪيو آهي- بيداريءَ، احتجاج، روشنيءَ ۽ جمهوري عمل وسيلي- ڇا، آهي تبديليون، آهي فڪر ۽ عمل جا وسيلا اسان لاءِ ڪا معنيٰ ڪا نه ڏا رکن؟ ڇا، آهي اسان لاءِ به اوترائي بلڪ آن کان به وڌ، ضروري نه آهن؟ ڇو نه اسين به بيدار ٿيون؟ ڇو نه اسين به احتجاج ڪريون؟ ڇو نه اسين به پست خياليءَ

جي تاريڪيءَ مان نڪري بلند خياليءَ جي روشنيءَ ۾ گذاريون ٿا اڳتي وڌون؟ ڇو اسين اهي ڏهاڪو صديون نارَ ۾ وهندڙ ڏسڻ جيان، اجتماعي طور خصوصاً، آزاد سوچ ۽ فيصلي کان محروم ۽ تبديليءَ جي عمل کان محفوظ رهيا آهيون؟ ڇو اسين فڪر ۽ عمل ۾ ڪوپن سان اکيون ٻڌل، هڪ ئي پيڙَ ۾ ڦرندا ۽ پنوانتيون ڪائيندا رهيا آهيون؟ ڪنهن اسان کي ايتريون صديون "واڳ ڏيءَ وس، آءٌ ڪا پاڻ-وهيٽي!" جي ذهني آوائپَ ۾ بند رکيو آهي؟ انهيءَ هڪ سوال جو جواب ئي آهي، جو اسان کي فرينچ انقلاب جي هن داستان جي هڪ هڪ سٽ، هڪ هڪ واقعي ۽ هڪ هڪ ڪردار ۾ موجود ملندو. فرينچ عوام کي به سڀ کان اول ان سوال جي جواب جي تلاش هئي، ۽ اُن کان پوءِ ئي هو پنهنجي تقدير جا ڏٽي ٻڌجي آڻيا هئا، ۽ هيءَ ڏرتي ۽ هو آسمان جهڪي سندن اميرن ۽ سندن پادري حضرات جي هٿ ۾ هئا — جو تم حڪومت ۽ مذهب ٻئي سندن ظالم ۽ آڏول محان جا محافظ ٻڌيل هئا- فرينچ عوام، اڳتي وڌي، اُنهن کان اُهي ڪسي، پنهنجي هٿ وس ڪيا هئا: ائين هُنن پنهنجا جسم ۽ پنهنجا روح ٻئي اُنهن پنهنجن 'ماس خور' ۽ 'رت پياڪ' دشمنن کان، هڪ ئي وار ۽ همهشم لاءِ ڪسي، آزاد ڪري ورتا هئا. ڇا، اُهي جن جي پيرن هيٺان زمين نڪتل هجي ۽ جي آسمان جي سايي کان محروم هجن، اُنهن جي آڏو جيئڻ لاءِ ٻيو ڪو رستو ٻڌ هو، سواءِ هڪ رستي جي: تم جن سندن جيئڻ ائين حرام ٿي ڪيو، انهن کان هو بغاوت ڪن ۽ آزاد جيئڻ جي حق ۽ فرض ادائيءَ لاءِ، سيرَ تريءَ تي رکي، ميدان تي نڪري اچن؟

هيءَ ڪنڈَ- ڪوريل آزادي،
ساڻهوءَ ۾ موريتَ آزادي،
ٿيي پرکي پاڻَ - وهيٽن کي،
جا هانءُ ڏئي ٿي هيٺن کي.

(اياز)

—

نئون نيئرن ، ڏهم ڏانوئيون ، پندرهن پئيدا پياس،
جڏهن سچ ياد پياس، چرڪ چنائين هيڪڙي!
(شاهم)

تصويرون

ڪتور تي ۽ تصويرون ۽ پهرئين اندرئين ورق جي ٻئي پاسي تي تصوير، ڪتاب ۾ فرانس جي بيان ڪيل تاريخي دور جي سماجي حالتن جي تصويري عڪاسي ڪن ٿيون، جيئن اندرئين ٽائيٽل پيج تي ڏنل اختصاري صفتي جملو آن جي لفظي ترجماني ڪري ٿو: "سڀ رڳو ڏاهو ڏک هو، زندگي اسرن لاءِ رونشو ۽ غريبن لاءِ عذاب هئي!"

١- رنگين آڪر (١٧٧٦ع)، 'جين - مچيل موريوليي جُون' جي: "رات جي مالي" - عيشي جيئڻ جي چونڪڙي، رات جي مانيءَ ڪن پوءِ، اوپاريئن لهواريئن مان لطف اندوز ٿي رهي آهي. چونڪڙيءَ جو هڪڙو جوڙو هڪڙو محبت نامو ڏاڍيان پڙهي، رونشي ۾ آڏرڪي رهيو آهي.

٢- مس قلم جي آڪر (١٧٢١ع)، 'وليم هوگارٿ' جي: "بحر جنوبيءَ جو ڦوڪڙو" — اِن نالي سان وڏي هڪ واپاري گهوٽالي تي (جنهن ۾ گهٽن جا جهُڳا جهڻ ٿي ويا هٿا) مصور هين خاڪي ۾ هڪ ڪُوڙهي تمثيل ڏيکاري آهي. سچي گوڙ جي ڏيکاءَ ۾ ڪاپي پاسي شيطان ٻڌل آهي، جو 'بخت' جي بڪڙيل جسم مان ماس جا ٽڪرا ڪپي پنهنجي هيڪڙي پرستارن ڏانهن آڇلي رهيو آهي، جن مان هڪڙي جو وچ ني، ڪمسو پيو ڪترجي. شيطان جي دوڪان جي ٻئي سان ڪليسا جا پادري آهن، جي پنهنجن جماعتين کي چڏي، جُوئا کيڏڻ ۾ پاڻ وندرائي رهيا آهن، ۽ 'ايمانداري' چڪري سان زنجيرن ۾ جڪڙيل، ۽ 'عزت' کيلهي سان ٻڌل، 'خود غرضيءَ' ۽ 'ڪميٽپ' جي هٿان ڪوڙا ڪائي رهيون آهن. وچ ني 'چوڏول' کي ڏنڊي ڪان جهلي 'ڪڙا ڦرائڻ ۾ ۽ پيا

ڏاکڻ تي ڇڙهي، مٿي آن تي ويهي، ڦيرائيون پائڻ لاءِ ڏک ڏکان ۾ لڳل آهن. (شيطان ۽ ڇوڏول خاڪي جي ڇپائيءَ ۾ سچا ڏيکارجي نه سگهيا آهن.)

۳- مس قلم جي آکر (۱۷۲۰ع)، هيمٽ گرويسٽ نافريل جي: "حماقت جو آئينو"، تفصيلي ٽڪرو- "بومبارئو"): "مسسپي درياءَ جو قوڪٽو" نالي سان نائڪ ۾، پئرس جي هڪ پينوءَ عجيب هڪڙو ڪردار ادا ڪيو هو؛ هونئن هو سٽي مارڪيٽ جي گهٽيءَ ۾ ڪجهه ڏوڪڙ پني گذارو ڪندو هو. آن لاءِ هو سٽيمبازن جي اڏو ٻڌي، پنهنجي ڪٽ آنهن کي موز طور ڪم آڻڻ لاءِ ڏيندو هو، جنهن تي هو پتنا رکي، پنهنجا بل ۽ رسيدون لکندا ها!

آخر ۾ لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ هن سنڌي ترجمي بابت ٻه اکر: پنهنجي وس ۾ هر ڪوشش ڪئي اٿم ته ترجمو سهڻو، صاف ۽ مائيدار ٿئي ـــ هيءَ جون ۱۹۸۹ع جي آخر ڪان نومبر ۱۹۸۹ع جي شروع تائين، ڏينهن رات جي پورهئي جو ثمر آهي. آن جي ڇپائيءَ ۾ وقت ڪجهه وڌيڪ لڳي وئي ته ته، جيئن خيال هو، نئون سال جي شروع ٿيڻ ڪان اڳي ئي ڪتاب پڌرو ٿي وڃي ها. ڏاڍي گهٽي ڏيان ڪان پوءِ ٻه ان جي پلنامي جي شامل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي ـ سو گذارش آهي ته پڙهندڙ سڀ ڪان پهرين ڪتاب ۾ اهي درستيون ڪري ڇڏڻ جي تڪليف وٺن؛ ننڍيون ۽ رواجي ٻيون ٻه غلطيون ڪين پڙهندي نظر اينديون، پر خاطري اٿم ته پڙهڻ ۾ آهي رڪاوٽ ثابت نه ٿينديون.

ادب ۾ اعليٰ قدر واري نثر توڙي نظم جي تخليق ۾ ذوق ۽ هڪمنائيءَ جي جيتري ضرورت آهي، اوتري ئي آنهن جي مطالعي ۾ ٻه لازم آهي. لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ جيڪا تڪڙ ۽ بي صبريءَ سان اڳتي وڌڻ ۾، مقصد، جي فوت ٿي، ته هٿ ۽ سان نڪري ۽ وڃائجي ضرور

وڃي ٿو. پڙهڻ ۾ لکڻ ۾ دمن جون نشانيون جيئرن جاڳندن لفظن جو ڪم ڏين ٿيون ۽ معنيي رکن ٿيون. اِن ڪري، لکڻ ۾ پڙهڻ پنهي ۾ دمن جون نشانيون ۽ پنهنجي حصي جو ڏيان گهرن ٿيون، جو آنهن کي ضرور ملڻ کپي.

ٻيءَ پوليءَ جا ڪي اصطلاح ۽ حوالا ترجمي ۾ جيئن جا تيئن آڻيا پون ٿا، ۽ آنهن جي سمجهاڻي جيڪڏهن جملي ۾ آتي ئي ڪجهه نٿي ڏجي، تم گهالهه کي اڳتي سمجهڻ ۾ پڙهندڙن کي ڏکيائي ٿئي ٿي. ترجمي ۾ اِن گهالهه جو خيال رکيو آٿم، سواءِ خاص ٽن حوالن جي، جن جي مختصر سمجهاڻي هيٺ ريت آهي:

۱. "آگسبرگ جي بيعت" (Augusberg Confession)، صفحي ۲۹ تي: رومن ڪيٿولڪ شريعت جي خلاف احتجاجي (protestant) تحريڪ، جيڪا اصلاحي (Reformation) تحريڪ جي نالي سان بهه مشهور ٿي، اُن جي مکيه پوئلڳن آگسبرگ (جرمنيءَ) جي ميڙ (۱۵۳۰ع) ۾ پنهنجن عقيدن جو اعلان ڪيو هو، جنهن سندن اعلان کي پوءِ تاريخ ۾ "آگسبرگ جي بيعت" سڏيو ويو.

مارٽن لوٿر (۱۴۸۳ع—۱۵۴۶ع)، تحريڪ جي باني، اُن جي شروعات جرمن پوليءَ ۾ بائيبل جي (پهرئين) ترجمي سان ڪئي؛ هُن جو خيال هو تم مذهب کي رياست جي ماتحتيءَ ۾ هجڻ کپي ۽ اِن طرح پوءِ مذهب جي قومي رنگ تي زور وڌيو؛ ۽ اهو بهه سچو هن جي تحريڪ جو اثر هو، جو يورپ ۾ سياست کان مذهب جي علحدگيءَ جي شروعات ٿي، جنهن کي پوءِ (Secularism) (دُنوِيتَ، دنياپڻو يا دنيائپ) سڏيو ويو. هُن لاءِ چيل آهي تم هُن "پوپ جي تاج" تي ۽ سندس مهاپادرين جي "پوٽ" تي مُکڪ هڻي هئي"—جو تم هن جي اصلاحي عقيدن مان هڪ بنيادي عقيدو هيءُ هو تم "قانونَ—فطري، اخلاقي يا شهري—سڀ بائيبل جي ڏهن حڪمن (Ten Commandments) ۾ اچي ٿي ويا، ۽ ٻي جيڪا بهه گهالهه هئي، رياست تورِّي ڪليسا جي، فقط انتظامي گهالهه آهي"، تنهنڪري بدلجي سگهي ٿي.

۲. "ستن سالن جي جنگ" (Seven Years War)، صفحي

٣٠ تي ــ آسٽريا ۽ فرانس جي پرشما ۽ انگلنڊ جي خلاف ١٧٥٦ع ۾ شروع ٿي ۽ ١٧٦٣ع ۾ پوري ٿي. آن ۾ آسٽريا ۽ فرانس هارايو ۽ هي‌ءَ ڏرڪ ڏيڻ نتيجي ۾ فرانس کي ڏڌهوکيون سمنڊ پار پنهنجون ٻيڪون وڃائيون پيون ۽ يورپ ۾ پرشيا جو ملڪ وڏي طاقت بڻجي ويو.

٣٠ "نٽنٽيز جو حڪمنامو" (Edict of Nantes)، صفحي ٨٣ تي ــ بادشاهه، هينري چوٿين، طرفان ١٥٩٨ع ۾ شايع ٿيو هو، جنهن هيٺ پروٽسٽنٽ فرقي وارن کي پنهنجي ويڇاپ ۽ عقيدي تي قائم رهندي، فرانس ۾ رهڻ جو حق ڏنو ويو. رواداريءَ ۽ سهپ جو هي‌ءَ حڪمنامو پوءِ ١٦٨٥ع ۾ فرانس جي بادشاهه، لوئي چوڏهين، رد ڪري ڇڏيو.

ڪتاب ۾ جڳهه جڳهه تي فرينچ هوليءَ جا خطابي لفظ به ڪم آيل آهن، آنهن جي ٿوري سمجهاڻي به ضروري آهي. لفظ "موسيور" (Monsieur) فرينچ هوليءَ ۾ انگريزي لفظ "مسٽر" (Mr.) جي جاءِ تي ۽ آن جي جمع جي صيغي "مسرس" (Messers) لاءِ فرينچ هوليءَ ۾ "مسيور" (Messieurs) لفظ آهي. امير ن لاءِ، جيئن زميندارن، جاگيردارن ۽ لاردن لاءِ "سينيور" (Seigneur/Seignior)، ۽ آنهن کان به وڏن ماڻهن، خاص طرح شهزادن ۽ مها پادرين لاءِ "مانسينيور" (Monseigneur) جا خطاب ڪم آيا ٿي ۽، شايد، اڄ به اچن ٿا!

بهرحال، هي‌ءَ ڪتاب هاڻي عزيز پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي ــ وڏيڪ هو فيصلو ڪندا تہ آن تي ٿيل محنت ڪامياب آهي يا نہ، ۽ ڪيتري قدر آها سڃائي ٿي سگهيي آهي:ــ

حسابِ ما در دلِ دوستانِ ما.

ــ محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد سنڌ

٢٢ اپريل، ١٩٩٠ع

پاڻو پهريون

ٽي ڏريون، ٽي نظام

(۱)

امرن جي خلاف فرينچ عوام ۾ وچ وارن طبقن جي عظيم انقلاب (۱۷۸۹ع) جي کهاڻي گهڻ ماٹهن ٻڌائي آهي. اهي ماٹهو عالم آهن، دانشور آهن، جن سامرن کي اعليٰ اوچاين تان ڏٺو آهي؛ پر آڻ، پنهنجي سر، هڪ ٻرسن هاري آهيان، ۽ رڳوبون هارين جون گالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو. زندگي ۾ پنهنجي ئي ڪم سان من لائڻ وڏي گالهه آهي. جو ڪجهه ماٹهو پنهنجي اکين ڏسي ٿو، اهو هو ئي چاڻي ٿو؛ ۽ ان مان ئي هو بهترين لاب پائي ٿو.

تہ، اوهان کي خبر هجي تہ، انقلاب کان اڳ، فرانس ٻارنهن جاگيرن ۾ نوابي ۾ پنج ماتحت گوٹ شامل هئا — ولش ٻارنهن، مثل ٻيران، لزل ٻارنهن، هاتناسين ۾ هيزل ٻارنهن؛ ۽ پڻ هي ۾ تہ فرانس ٻارنهن ۾ پڻ ولش ٻارنهن ۾ هيزل ٻارنهن جا ماٹهو آزاد ماٹهو هئا؛ باقي گوٹن جا رهاڪو، مرد توڙي زالون، غلام هاري هئا، جيڪي عام مختيار جي موڪل کان سواءِ جاگير ڇڏي نٿي سگهيا، ۽ نہ ڪنهن ٻي ۾ طرح آڻان غيرحاضر رهي ٿي سگهيا. عام مختيار شهر ۾ پنهنجي آفيس ۾ ويهي، جنهن کي 'مختياري' ۾ چوندا هئا، ڇوڙي نبيري ڪندو هو. هو ماٹهن تي ۽ شين تي حڪم هلائڻ جو اختيار رکندو هو، هميشه چيلهه سان ٻڌل پٽي جي ڪوڙي ۾ ترار لوڙکيل هوندي هيس، ۽ ماٹهن کي ڦاسي ۾ تي ۾ چاڙهي سگهندو هو. شاهي دروازي جي هيٺان — جنهن ۾ جاءِ تي هاڻي گارڊ ٻيهي ٿو — جيڪي جوابدار ڏوهہ نہ قبولينداهئا، تن کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي هئي؛ ۽ عام مختيار جو سارجنٽ ۾ ٻيا عملدار

آنهن جو آهو حال ڪندا هئا، جو آنهن جون رڙيون پري شهر جي مارڪيٽ تائين پيون ڀڏيون هيون. ڪن ڏينهن تي جڏهن ڪا خاص مال جي پڙي لڳندي هئي، تڏهن جهونن ”ايلئر“ جي وٽن هيڻان ٽڪٽڪي ڪوڙي ويندي هئي، ۽ آتي جلاد سزا پاتل ماڻهن کي قاسيءَ تي چاڙهيندو هو ۽ آن لاءِ هو پنهنجا پير آنهن جي ڪلهن تي رکي، مٿي ٽڪٽڪيءَ جي لاٽ سان قاسيءَ جي رسي ڇڪي، زور سان ڀڏندو هو.

سچ پچ، تن ڏينهين ڪنهن ڏوهه ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي وڏي دل گردي جي ضرورت هوندي هئي!

آنهن ڏينهن ۾، فلس برج جا محصول به ڏاڍا گهڻي پگها هوندا هئا. مثلاً، ڪوري ڪپڙي، آن ۽ اهڙي ڪنهن سامان سان پريل بار-گاڏي تي، شهر جي باهران ناڪي تي هڪ ”فلورن“ ادا ڪرڻو پوندو هو؛ ڏاڪ جي ستهن لاءِ ڪائين، ريپن جي ٽيڪ لاءِ ٽوئين ۽ اهڙي قسم جي ٻئي ڪنهن معمولي ڪاڄ جي لڙهن ۽ پيچرن جي بارگاڏي لاءِ ڇهه ”گروت“ ڏيڻا ٿي پيا؛ پڪمل، سلڪ ۽ هرڪ جهڙي عمدي ڪپڙي ۽ ٻئي اهڙي نفيس سامان جي بار گاڏي تي ڏيهه گروت؛ لاڏو گهوڙي ٿي ڪنيل سامان تي ۽ گروت؛ هڪڙي پريل وڏي ڪاري تي، جو ماڻهو مارڪيٽ ڏانهن نٿي، آڌ گروت؛ مڇيءَ جي اوتري بار لاءِ اڌ فلورن؛ مڪڻ، ٻڪرين ۽ ”چيز“ (پنير) جي ڇپي بار لاءِ ڇهه گروت؛ لوڻ جي هر هوري تي ڇهه گروت؛ ڪڪ يا ڪٺهي جي هر ڇهن ڪڙين تي ٽي گروت؛ جوان يا مڪائيءَ جي هر ڇهن ڪڙين لاءِ ٻه گروت؛ لوهه جي ”هنڊريڈ ويٽ“ وزن لاءِ ٻه گروت؛ هر ڏڪي يا ڦٽوءَ لاءِ ڇهه ”پنس“؛ هر گابي، سوئر ۽ رڍ تي ٻه پنس؛ ۽ ائين هر نندياڻيءَ وڏيءَ شيءِ لاءِ.

اهڙيءَ ريت، فلس برج جاگير ۽ آن جي آسپاس جا ماڻهو نه ڪجهه ڪائي سگهندا هئا، نه ڪجهه پي سگهندا هئا، ۽ نه ڪجهه پهري سگهندا هئا، سواءِ ان جي، جو آن لاءِ هو اول ”لورين“ پرڳڻي جي نوابن جي ڪيسن ۾ ڪا پئسن ڳنڍ نه وڃهن.

آن کان پوءِ وري هوندي هئي عام کاڌي پيتي جي تيار ٿيل شين تي ”لوڻ ٽئڪس“. مثلاً هر ننڍي وڏي ساڪيخاني يا هوٽل واري کي، فلس برج شهر يا آن سان لاگاپيل گوٽن ۾، ”نواب عاليجاهه“ کي، هر ڀيپ شراب يا بيئر لاءِ جيڪو هو چڪائيندو هو يا وڪڻندو هو، ڇهه صراحيون کنان تار پريل ڊيڙيون پونديون هيون. اڳتي هلي، آن عاليجاهه شين جي خريد فروخت تي به پنهنجا هٿ گرم ڪرڻ شروع ڪيا. مثلاً گهر يا ورثي ۾ آيل ڪنهن ملڪيت وڪڻڻ تي پنج فلورن في سيڪڙو ڪيس ادا ٿيندا هئا؛ عام مال ۾ ڪٽڪ جوَن ۽ مڪائي جي وڪري تي في ”ريزل“ ماپي تي هڪ ”سئو“ عاليجاهه لاءِ مخصوص هوندو هو.

۽ ٻڌ ملڻ تي چونگي اڳاڙي ويندي هئي. اهڙا ميلا سال ۾ ٽي لڳندا هئا ـــ پهريون ميلو ”محفل سينٽ ماٽياس“ جي موقعي تي، ٻيو ”محفل سينٽ ماڊيسٽيءَ“ تي، ۽ ٽيون ”محفل سينٽ گال“ تي. اهڙن موقعن تي به سارجنٽ پوريءَ طرح هٿيار بند ٿي، نڪرندا هئا، ۽ سرزمين تي پهچي هر دڪان ۽ هر مانڊٽيءَ جي، آن تي رکيل مال پٽاندر، محصول بندي ڪندا هئا ـــ ۽ سچي آها رقم به آن عاليجاهه نواب صاحب جي پيٽ ۾ ويندي هئي.

آن کان سواءِ، خود شهر جا پنهنجا ٽول ٽئڪس الڳ هوندا هئا (آن“ آڻي ۽ ٻئي تجارتي سامان جي هر هنڌربدويٽ تي هڪ سئو)؛ ڏنڊ، جيڪي عام مختيار جي آڏو ئي وصول ٿيندا هئا، پر ڪٿينا ۽ وڏا آهي به عاليجاهه جي ڪائونسلرن هٿان ويندا هئا (۽ ڦري گهري، واقعي آهي به انهن جي پنهنجي شاهه خرچين لاءِ)؛ وٽن چانگڻ جي موڪل ۽ ٻيون اهڙيون سهولتون، تن لاءِ فيون الڳ؛ سڀ کان آخر ۾ ”وڏي اڳاڙي“، هر ماڻهوءَ جي آمدنيءَ جي ڏهين پتي، آن جا به حصا عاليجاهه لاءِ ۽ هڪ حصو ڪليسا لاءِ؛ ۽ ”ننڍي اڳاڙي“ آن کان سواءِ (اناج جي صورت ۾، ساڳي ڏهين پتي) خاص ڪليسا لاءِ، پر آخر ۾ رسائي آن جي وري به عاليجاهه جي گدام ۾ ٿيندي هئي (چو تم مذهبي اختيار جي صاحبن کان وري به هيءَ صاحب پاڻ کي وڌيڪ سڻو گهرندو هو).

جيڪڏهن اوهين چاڻ چاهيندا تہ ايترن ڏڻن واڻڻ شريف ماڻهن جا انبوهہ ڪيئن عاليڇاهہ ۽ عاليڇاهہ جي عام مختيارن، بيلفن، سنترين ۽ ڪائونسارن جي پيرن هيٺان اچي ويا ۽ اِئين آٽي پسبا ٿي رهيا، تہ آن لاءِ اوهان کي ياد ڪرڻو پوندو تہ اٽڪل ٻہ سؤ سال هِن ساهہ ـ گهٽيندڙ عذاب واري دور ڪان اڳ، هڪڙو ماڻهو جارج جِين نالي، پئلمٽائين ۽ ويلڊنيز جا گدرن جو سردار، بَوِيريا پر گهٽي جو نواب، هڪڙو خاندائي اميرڪبير، هوندو هو، جيڪو زوراوَرَ پاڙيسري ملڪ جرمنيءَ جي شهنشاهن جي عنايتن ۽ نظرنوازين سان اسان جي ملڪ جي پاسي وارن وسيع ٻيلن جو مالڪ بڻجي ويو هو، پر ايترن آنهن وڏن ٻيلن مان هڪڙي کوڙي پئسي جي ٻہ آپت هن کي ڪانہ ٿيندي هئي، جو تہ پيان ٻہ رهائش لاءِ هُن وٽ ماڻهو ڪونہ هئا، ٻيو تہ رستا ٻہ آٽي ڪونہ هوندا هئا جو عمارتي ڪاٺ هو وڃائي سگهي ۽ اهڙيون سَٽ وهندڙ کي ندين ٻہ آٽي کين هيون جتان هو آهو ڪاٺ باهر آڻائي سگهي ها ـــ تہ هِن ماڻهوءَ رکي رکي، پوءِ هڪڙو اشتهار عام ڪيو تہ "جن ٻہ خدا جي ـ بندن کي ڪم ڪرڻ تي ۽ پاڻ کي سُکائي ڪرڻ تي دل هجي، تہ هو هيٺي منهنجن ٻيلن ٻہ مون وٽ هليا اچن، جتي هُنن کي زمينون ملنديون، جتي هو چاهيندا تہ ٻانگن ڪڪڙن وانگر پاڻ پاڻت جي اناج ۽ ميون جي نرم نرم ڪڪڙين سان گڏجون پريون، آزاد ۽ سلامت قرندا رهندا ـــ ڪو کين ڇوٽ آکڻ وارو ڪونہ هوندو، هي سڀڪجهہ آءٌ جي ـ ڊي ـ ويلڊنيز، رگهو خدا جي راهہ ٻہ ثواب ڪمائڻ خاطر ڪري رهيو آهيان!" اشتهار ٻہ پوءِ هن هي ٻہ چيو تہ چاڪاڻ تہ فرانس، لورين، آسٽريا ۽ آلسڪ جي وچ ٻہ شاهي رستي تي، فلس بَرج جو جهوڪ آباد هو، سيني ڪاريگرن، لوهارن، نعل بندن، پيپ سازن، وائين ۽ موچين جو خوب آٽي ڏنڏو هلندو، ۽ ٽِ قلف ساز، زرهہ ڪار، ڪٽيي، ڪلال ۽ ٻيا ڪمي ڪاسبي پنهنجون پنهنجون مانڊڻيون ۽ دُڪَٽَ لڳائي وڏي ويڇهي سگهيا ٿي، ٻيو تہ چاڪاڻ تہ هر وڏي ڪم ٻہ خداوند پاڪ جي ٻانهپ سمجهي هٿ وجهڻ ڪپي، جيڪي ٻہ اِئين فلس بَرج جي جهوڪ ڏانهن ايندا، آنهن

کي جبري فوجي پرتيءَ کان آزاد سمجهيو ويندو، ۽ اُنهن کي آتي پنهنجن گهرن اڏڻ جي موڪل هوندي ۽ اُن لاءِ کين عمارتي ڪاٺ جون هٿڙيون مفت ڏنيون ويندیون! "پل تم آهي اچن ۽ اچي پاڪيزگيءَ سادگيءَ ۽ سچي ايمان جي واڌاري لاءِ هڪ ديول اڏين! پل تم هو پنهنجن معصوم ٻارن لاءِ سچي مذهب جي تعليم جو ڪو اسڪول ٻه ڪڙو ڪن، چو تم جوان روح ئي آهي سهڻا باغ آهن جن ۾ اهڙا لطيف ٻوٽا پوکڻ ممڪن آهن جن مان نازڪ خوشبو اُتي آسمان ڏانهن اُڏامندي آهي!"

جين- دي- ويلڊنيز هزارڪن اهڙين ٻين معافين، سهولتن ۽ سکن جا ٻه- واعدا ڪيا؛ ۽ اُنهن جون خبرون سچيءَ جرمنيءَ ۾ ايترو تم جلد پکڙجي ويون، جو ماڻهن جو هڪ وڏو انبوهه هن جي اعلانيل اُنهن فائدن ماڻڻ لاءِ ڊوڙندو اُتي آيو. پوءِ اُنهن اُتي گهر آڏيا، زمينون ڪيبون ۽ ضاف ڪيون، ٻنيون ڪيڙيون ۽ آباد ڪيون، ۽ ائين اُن جرمن جارج جين جون، اسان جي ملڪ جي حدن ۾، سُڄمون ٻيلائيون جاگيرون وڏي وڏي ملهه واريون ٽي ٻيون: ۽ جيڪي ٻيلا ۽ پَٽَ اڳ ڪجهه ڪونه اُپائيندا هئا، سي هن لاءِ هاڻي ڪافي ڪجهه اُپائڻ لڳا.

اِهو ڪجهه ٽيڻ ڪان پوءِ، مذڪور جارج جين، سردار دي- ويلڊنيز، پنهنجون زمينون، سڀني اُتي اچي آباد ٽيل رهواسين ۽ سچي پنهنجي ساز سامان وغيره سميت، ايمان ۽ انصاف جي آڏيءَ تي رکي، خداوند قدوس جا ٿورا ڳيندي ۽ اُن جو پاڪ نالو ياد ڪندي، اسان واري لورين پرگڻي جي نواب، چارلس ٽئين، کي، چپ چاپ، چار سؤ هزار فلورن جي عوض، وڪڻي ڇڏيون!

اُتي اچي آباد ٽيل اڪثر ماڻهو ليوٽنر جا پوئلڳ پروٽيسٽنٽ فرقي جا هئا ـــ ۽ جارج جين جو اشتهارُ عامُ ٻه اِهو هو ته جيڪو آسان ۽ خالص دينُ درويش حضرت پالُ اصل ۾ سمجهايو هو، بلڪل اُهو ئي فتاس برج ۾ هلندو، پنهنجو "آگسبرگ جي بيعت" مطابق؛ پر جيئن ئي اُن جارج جينَ جاگير جي چئن لکن فلورن سان پنهنجو ٽيلهو پري بس ڪيو، سندس ڪيل اُنهن واعدن جي حشر سندس مُئيءَ نند

ڀر واڌو ڪو خلل ڪونہ وڌو، بلڪ پوئتان اِن جيءِ هُن ڪا خبر ۽ ڪانہ لڌي تہ سندس قائم‌مقام، چارلس ٽيون، جنهن آهي واعدا ۽ ڪونہ ڪيا هٿا، ليڪولنگهي، ماڻهن کي وري آن جي پنهنجي ٿنج ۽ اصلوکي ڪٿولڪ دين تي آڻڻ ۾ لڳي ويو، ۽ آن لاءِ هن پنهنجو ٻيارو ۽ وفادار ڪائونسلر، ڊيئر ڊيٽل، فتاس برج ڏانهن موڪليو، تہ ماڻهن کي خداوند قدوس جي آنهيءَ محبوب ۽ قبول پيل دين جي دعوت ڏجي، ۽ پوءِ ۽ آنهن مان ڪو ليوڙي بدعت ۾ رهڻ تي ضد ڪري تہ آن کي فوراً لڌي وڃڻ جو حڪم ڏجي، ۽ نہ لڌي تہ سيڪجهہ ڪائنس ڪري، لٽون هٽي، آن کي زمين تان آڌاري ڇڏجي!

کي اِنهيءَ طرح ڪٿولڪ ٿي پيا، پيا، بهرحال ـــ مرد، زالون، ٻار سپ ـــ پاڻ سان هٿ گاڏن ۾ پراڻو سراڻو پنهنجو گهرو سامان وڃهي، آهي پٽ ئي ڇڏي، منهن ڪري هليا ويا.

اهڙيءَ ريت سيڪجهہ ٽيڪ ٽاڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ، لورين جي نوابن هڪٻئي ٻڌيان "فلس‌برج جي باقي پنهنجن تمام ٻيارن، ماڻهن کي پنهنجن ننڍين وڏن ڪمن تي لڳائي ڇڏيو، ۽ ائين شهر جي ڪوٽ جي وڏي ديوار، تراشيل ۽ اڻ تراشيل پٿر جي، ٺهي تيار ٿي، ۽ آن جا ۾ شاهي دروازا (هڪ جرمنيءَ جي، ٻيو فرانس جي نالي) آيا ٿيا، ۽ ڪوٽ جي ٻاهران چوڌاري وڏي اونهي کاهي کڄي ويئي، ۽ ٿي وڏا گهراڏيا ويا، هڪڙو عالي‌جاهہ جي وڏيءَ عدالت جو، ۽ ٻيو خداوند قدوس جي وڏيءَ ڪليسا سڳوريءَ جو، جتي مومنن کي الاهي رحمتن لاءِ گوڏن ڀر ويهڻو ۽ ٻاڌائڻو هو، ۽ جنهن سان گڏ پادريءَ جو ننڍڙو گهرڙو ۾ شامل هو جتان ٻيهي خدا جو آهو نماڻو ريڊيار پنهنجي ڏڻ تي نظر رکي ٿي سگهيو، ۽ ٽيون وڏو مارکيٽ جتي شين تي ۽ سامانن تي محصول ٻڌجي ۽ وصول ٿي پئي سگهيا." آن سپ کان پوءِ عالي‌جاهہ جي عهلدارن، پنهنجي مرضيءَ تي ماڻهن تي پنهنجون آگاڙيون ۽ ٻيگريون ۽ دائمي حق قائم ڪري ڇڏيا، ۽ فلس برج جي مسڪين خلق پوءِ ٻن سَون کان ڪجهہ وڌيڪ سال، ۱۵۸۳ع کان وٺي ۱۷۸۹ع تائين، لورين جي نوابن ۽ فرانس جي بادشاهن لاءِ گهاٽي ۾ ٻڌل ڏڪڻ جهان

وهندا رهيا ۽ ڦهندا رهيا ـــ ۽ اهو سڀ رڳو اُنهيءَ هڪ ڳالهه جي انعام طور، جو هنن شروع ۾ جارج جين ـ ڊي ويلڊنيز جي واعدن تي ڪن ڏنو هو، جيڪو سڀ پڇ تہ دنيا جي ٻين اهڙن چورن وانگر هڪ ڦلهي چور ڪان مٿي ٻيو ڪجهه ئي نہ هو.

۽ پڻ نوابن پنهنجن جاري ڪيل پروانن وسيلي فلس‌برج ۾ ڪيئي ڪاسبي ستت قائم ڪيا. اهي ست ساڳيءَ ڪرت جي ڪاريگرن جون جماعتون هيون، جيڪي اِنهيءَ لاءِ ٺاهيون ويون هيون تہ جاگير ۾ پيا ڪي ماڻهو اُها ڪرت نہ ڪري سگهن، ۽ اِئين عام ماڻهن جي ڦرلٽ جي نوابن کي اِتي بہ آزادي هجي. ست ۾ شامل آستاد ـ ڪاريگرن وٽ شاگرد ڪي گهري داخلا في ڏيڻي پوندي هئي، ۽ شاگردي‌ءَ جو ميعاد ٽن، چئن، ويندي پنجن سالن تائين مقرر هوندو هو. شاگرد ڪرت پرائي نڪرڻ کان پوءِ، سند وٺي، ست ۾ داخل ٿيندو هو، ۽ استاد طور پنهنجي شاگرد سان هو پاڻ بہ اُئين ئي هلندو هو جيئن سندس استاد ساڻس هليو هو.

بهرحال، جيئن هاڻي اوهين سڄو شهر ڏسو ٿا، تيئن اصل ۾ ڪونہ هو. بيشڪ اُن جون گهٽيون ۽ رستا ۽ تراشيل پٿر جون جايون گهٽيون ڪونہ بدليون آهن، پر اُنهن ڏينهن ۾ عام گهرن مان ڪو هڪڙو گهر بہ پينٽ ٽيل نہ هو ـــ سڀيئي ساڳئي ميري رنگ جي گچ جا لٽل هئا، ۽ اُنهن جا نڊيا ڪماندار در هوندا هئا، ۽ اُنهن جي تاڪائين ڪليل درين مان ڏسبو هو تہ اندر ڪو درزي، اُپڪڙو، آڏو تختي تي ويٺو ڪو ڪوٽ جو ڪپڙو ڪٽيندو يا سيندو هو، يا اندر اڌ اُوندهہ ۾ پنهنجي آڏاڻي تي ڪو ڪوري هٿ جو نڙو پيو هلائيندو هو.

قلعي ۾ ويٺل سپاهي وڏيون ٽڪنڊايون ٽوپيون ۽ ٻرن تائين لڙڪندڙ اڇا ميرا ڊگها ڪوٽ پاتل ڏسبا هئا، جن جو بڪن ڪان برو حال هوندو هو. سڄي ڏينهن ۾ اُنهن کي هڪ ويلو مانيءَ جو نصيب ٿيندو هو. سندن کاڌ خوراڪ پچائڻ جا نڊيا عملدار ۽ بورچي هوندا هئا، جي در در تي وڃي ماڻهن کان رهيل ٻ سهيل ٻ ڀني ايندا هئا، جنهن

مان هنن مسڪينن جي پيٺ جو واڌو پالڻپ ٿيندو هو. اِهو طريقو انقلاب ڪان ڪجهہ سال اڳ تائين بہ ان طرح هلندو هو.

عام ماڻهو ڏسبا هئا تہ مسڪين، بي حال، هڏپاڻون نڪتل، سڪل زرد چهرا ڪنيو پيا هلندا هئا. ساڳيو وڳو ڪپڙن جو ڏاڏيءَ ڪان پوٽيءَ تائين هلندو هون. ۽ جتيءَ جو چمڙ جوڙو ڏاڏي جو چڏيل پوٽو گهليندو وتندو هو.

شهر جون گهٽيون پڪيون پڪل ڪونہ هونديون هيون، سڄي رات انهن ۾ ڪاهڪ بتي بہ ڪانہ ٻرندي هئي، ۽ چتين لاءِ ڪو نيسارو يا ڪا نالي بہ لڳل نہ هوندي هئي. ڪٿي ڪٿي ننڍيون ڪارانڇي ويل ڳچل دريون هيون جن ڪي ڏسبو هو تہ ويهارو سال اڳ ڪاغذ جو ڪو ٽلهو ٽڪر ڪٿي هٽي ڏيکيو ويو هو. ايڏي ساري ڏوجهري ۾، صبح جي پهر ڏسبو هو تہ وڏي ڪاري ٽوپاي سان عام مختيارو وڏيون وڏيون ٻرانگهون ڀريندو ايندو هو. ۽ تکو تکو مختيارڪاريءَ جي ڏاڪڻ مٿي اندر هليو ويندو هو؛ نواب جا نوجوان عملدار، چيلهہ سان تراريون ٻڌل، ٽڪنڍائين ننڍين ٽوپين ۽ اڇن وڏن ڪوٽن سان، نڪري ايندا هئا، جي هيڏانهن هوڏانهن پيا چالارا ڪندا هئا؛ اڇيون ٽوپيون پائي، ڳاڙهن ٽلهن نڪن وارا، ڪيوچن راهب، جيڪي "سفيد راهب" بہ سڏبا هئا، ڊگهين ميرئن ڏاڙهين سان، ڪٺهرن اوني جبن ۾ ملبوس، جن جي هيٺان قميص بہ پاتل ڪانہ هوندي هين، سامهون اڇ جتي ڪاليج اڏيل آهي، پنهنجي خانقاهہ مان تکا تکا هڪڙا پيا نڪرندا هئا ۽ پيا اُن ۾ اندر پيا ويندا هئا. اِهي سڀ نظارا آءٌ ائين پيو اکين ڏسان ڇڻ ڪالهہ جي ڳالهہ آهي؛ ۽ ڏسندي، دل مان دانهن نڪريم ٿي: "ڪيڏو نہ پاڻ اسان آپاڻن جو آهي، جو انقلاب" جو اڇو هو سو آيو ـــ خاص طرح اسان هارين لاءِ!" ڇو تہ جيڪو ايڏو ڏولائو شهر ۾ هو، پهراڙيءَ ۾ اُن ڪان ايترو اُهو وڏو هو، جو اُن جي ڏک جو انداز و اوهين ڪري ئي نٿا سگهو. شروع ۾ تہ جيڪي محصول ۽ اُگاڑيون شهري ماڻهو ڀرپندا هئا اُهي ئي هاري عوام" ڀريندو هو؛ پر اڳتي هلي، هارين تي ڪيتريون ئي ٻيون اُگاڑيون بہ مڙهجي ويون.

لورين پرگٹي جي هر ڏيهه ۾ نواب عاليجاهه يا مڪاني خانقاهه جي خاص يا پنهنجي مان هڪ هڪ جي جدا سڃري هوندي هئي. جنهن لاءِ آني جي سڀ کان پلي زمين مخصوص ٿيل هوندي هئي — سڄي رهيل هيٺي زمين غريب ماڻهن کي پوک لاءِ ڏني ويندي هئي. آن پنهنجي زمين ۾ به هو پنهنجي مرضيءَ موجب فصل وجهي نه سگهندا هئا. چراگاهه چراگاهه ئي رهڻا هئا. پوک فقط پوکيءَ لاءِ مخصوص زمين تي ٿيٽي هئي. جو تم پوکيءَ جي زمين کي جيڪڏهن کو هاري چراگاهه ۾ بدلائيندو هو تم آن مان مڪاني نائب پادري پنهنجي ڏهينءَ پتيءَ آن کان محروم رهجي يندو هو! ۽ جيڪڏهن چراگاهه کي هو پوکيءَ ۾ بدلائيندو هو، تم عام لنگهه جي روڪ سبب نواب جي عام مختيار لاءِ راهداريءَ جي رقم گهٽبي هئي! ۽ جيڪڏهن کنهن هاريءَ پنهنجي مليل زمين جي ساهيءَ ۾ چڊيل ٽڪري تي برسيم ٽي پوکيو، تم نواب جي ماڻهن يا مڪاني خانقاهه جي مال جي ويل کان آن کي هو بچائي نه ٽي سگهيو. هن جي زمين تي ميون جا وڻ به بيٺل هوندا هئا، جيڪي سالياني پگڙن مٿ جي ايرئي تي عام مختيار يا خانقاهه جي ئي حوالي هوندا هئا. آنهن پنهنجن وٽن کي هاري ويڊي نه ٽي سگهيو. بلڪ آنهن مان کو وڻ کنهن سال ڪري ٽي ويو يا سڪي ٽي ويو، تم ان جي جاءِ تي هو ٻيو اهڙو وڻ پوکڻ ۽ تاڏن لاءِ بدل هو. ان طرح وٽن جي پاڇولن سبب، يا انهن جي ميون ڇاڻ يا پٽڻ ۾ ۽ انهن جي لاهن ۽ سڪل ٽڻن جي روڪ کان پنيءَ ۾ هاريءَ جي ٻيءَ پوکيءَ کي گهٽو هاڃو رسندو هو، ۽ آن لاءِ هو ڪجهه به نٿي ڪري سگهيو.

آن سان گڏ، نواب عاليجاهه ۽ سندس خاص مصاحبن کي شڪار جو حق هوندو هو، جنهن دوران هو بيٺل فصلن منجهان گهوڙن تي چڙهي لگهندا هئا ۽ ائين کنهن به موسم ۾ انهن کي ڪيرائي، لتاڙي ۽ وڃائي چڊيندا هئا؛ ۽ هاري پاڻ جيڪڏهن کو هڪڙو به پکي يا جانور خود پنهنجيءَ زمين ۾ ماريندو هو، تم آن لاءِ عادي ڏوهاريءَ جي سزا قاسي به ٿي سگهي ٿي.

جاگيردار جو اهو به حق هو تہ هن جي 'داگ' واري مال گوٹائن جي مال کان هڪ ڪلاڪ اڳ چرڻ لاءِ پهرندو هو. ائين هارين جا جانور جهنگ ۾ رکو ٿب چڪيندا رهندا هئا ۽ گهري گهري هڏاوان ٻڪرا ٻنيا ٻيا اوجهڙيندا هئا. ۽ پڻ هر ڏيهه ۾ عاليجاهه يا خانقاهه جي سهري ۾ خاص ڪبوتر پلبا هئا، جن جا وڏا وڏا ولر ماٹهن جي ٻنن ۾ وڃي ويهندا هئا، جنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن ماٹهوءَ کي فصل جا ڪجهه داڻا کٹا هوندا هئا، تہ هن کي، پورائي لاءِ، پنهنجي ٻنيءَ ۾ چڻ، پنگ يا موٹ وغيره جا بج ٻيٹا وجهڻا پوندا هئا.

اِن کان وڌيڪ، هر ڪتب جي پيءُ جي حساب ۾ عاليجاهه کي ادا ڪرڻ لاءِ هرسال پندرهن پائهور جَوَن، جون، ڏهم پکي، چووهه بيضا، ۽ پڻ ٽن ڏينهن جي بيگر جو حساب چڙهندو هو ـ بيگر سندس پنهنجي نالي ۽ پڻ سندس هر ڪمائو پٽ يا ٻهليءَ لاءِ ۽ سندس گهوڙي يا گاڏيءَ جي اسر هيٺ، جيڪڏهن هو پٽن، ٻهلين ۽ ڪنهن گاڏيءَ يا گهوڙي وارو هوندو هو تہ، پر، بس پوءِ به ڪانہ ٿيندي هئي. هارين کي جاگيردار جي هر 'ديري' جي آسپاس جو جهنگلي گاهه لٹڻو پوندو هو، هن جو سڪل گاهه ڏانداربن ۽ ٻيابان سان اٹلائڻو پوندو هو، ۽ هن جي سهريءَ جي لُدل وَل پنهنجي پهرئين ڪلاڪ اندر ڪري تي پهچائڻي پوندي هئي ـــ هر هاريءَ کي ان ۾ هر ڀيري جي غير حاضريءَ لاءِ پنج گروٹ ڏنڊ پرڻو پوندو هو. آخر ۾، هاريءَ کي نواب صاحب جي 'ديري' جي مرمت لاءِ گهربل پٿر ۽ عمارتي ڪاٹ سر زمين تي پهچائڻ جو حساب به ڏيڻو پوندو هو. هر اهڙيءَ بيگر جي ڪم لاءِ عاليجاهه جي لنگر مان هن کي ڏينهن جي مانيءَ جو ڏيڏو ۽ ٽوم جي گند ملندي هئي!

تن ڏينهن جي عام بيگر، جنهن کي 'ڪاروي' چيو ويندو هو، ان جي گهالهه هيٺين ريت هوندي هئي.

جيڪڏهن آڻهن سلسلي ۾ راڄ جي تنور جاڏهم ۽ ٻڌيءَ جي گهالهه ڪرڻان، جتي سڄو گوٹ مانيءَ جي پڇڻ، الي جي ٻنهائيءَ ۽ شراب جي چڪائڻ لاءِ وڃي گڏ ٿيندو هو ۽ آتي انهن کان ڌار

وصوليون ٿيندڙ هيون، جيڪڏهن آءٌ پڌايان تہ هر ڪنهن جانور جي ڪل تي سرڪاري جلاد جو حق هوندو هو، لاباري وقت مڪاني پادري هر يارهين ڪهڙي ڪٽندو هو (يا جيڪي راهب، تارڪ ۽ اوني لباس وارا ڪارميلي ۽ سفيد لباس وارا ڪيپوچي مهنت ۽ الڳ الڳ عقيدن ۽ حلقن جا سيلاني، اڪيلا اڪيلا توڙي ٽولن ۾، پيا هارين جي پوڪن تي پلبا هڻا، آهي الڳ)؛ هائو، جيڪڏهن آءٌ انهن سڀني وصولين جي گالهہ ڪريان، ۽ هزار ڀيا اهڙا پرٽا جن وسيلي پهراڙيءَ جي خلق پيٽي ڦربي ۽ پيڙهي هئي، تن جو ذڪر ڪريان، تہ بہ آءٌ چوندس تہ مون انهن جو اڃان ڇيهہ ڪونہ ڪيو آهي!

ائين پيو پائنبو هو تہ سڀ امير ۽ سردار، انهن جا ڪاراوا ۽ ڪمدار، سرڪار جا عام مختيار، سپاهي ۽ عملدار، ۽ ڪليسا جا پادري ۽ مهندار، ماٹهن جي جسم ۽ روح جا اهي چاري ۽ چوبدار، سڀ ڇڻ بد نصيب هاري-عوام کي گڏجي فنا ڪرڻ-تي سندرا پڌي ٻڌا هئا- ۽ آن پنهنجي مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ هو ڪوبہ حيلو وسيلو پوئتي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا! پر پوءِ بہ انساني دک جو ماڻ شايد اسان وت اڃان پورو پريل ڪونہ ٿي ڏنو.

جيستائين اسان جو ملڪ نوابن ۽ سردارن جي حڪمراني هيٺ رهيو، انهن عاليجاهن جا حقوق ۽ سندن عالي مقام عام مختيارن ۽ ٻين سندن نائبن ۽ نائبن جي نائبن جا اختيار، مذهبي خانقاهن، سٽن ۽ مڙهين ۽ انهن جي رکوالن ۽ سندن ڪرامت گاهن ۽ آستانن جي اختيارن ۽ حقن سان ملي، اسان کي چپي ۽ ڪچلي بنهہ پٽي ڪرڻ لاءِ اڳي ئي ڪافي هئا؛ پر نالي ڇڙهيل مالي-وزير استنسلاس جي موت ۽ لورين علائقي جي فرانس سان الحاق کان پوءِ انهن سڀني ساهم ڪيندڙ آزارن ۽ مصيبتن سان ٻيون جيڪي خون چوس بلائون اسان تي نازل ٿيون سي هيون: (١) بادشاهم لاءِ "سِرِ بخشي" يعني خاص بادشاهم لاءِ سر جو ڏن جيڪو ڪتب جي هر پيءُ پنهنجي هر ٻار ۽ هر پاتيءَ لاءِ پارهن "سئو" في ڪس جي حساب سان ادا ٿي ڪيو؛ (٢) "مدد سلامت" بادشاهم لاءِ گهر جي فرنيچر جي هر اسم تي هيترو يا هيترو نذرانو (٣)

"ويهين پتي"، يعني زمين جي هر پيدائش جي ويهين پتي بادشاهه جي پيٽا (پر رڳو هارين جي زمين تان، جو تہ جاگيردار ۽ پادري لوڪ هن ٽئڪس کان آجا هئا)؛ (۴) تماڪ ۽ لوڻ تي شاهي ٽئڪس، جيڪا نہ جاگيردارن ۽ پادري لوڪن کي ڏيڻي نہ هئي؛ ۽ (۵) بادشاهه جي "رهتو رقم"، يعني، بوقت ضرورت، جو ڪجهه بادشاهه سلامت ماڻهن تي لازم سمجهي، وصول ڪري!

آن سپ کان پوءِ، جيڪڏهن شهزادا، سردار ۽ مذهب جا سپ تقدس مآب، زالون ۽ مرد، جن صدين کان بهترين زمينون پاڻ وٽ رکيون هيون ۽ پد نصيب هاري عوام کي مجبور ڪيو هو تہ سندن آڏو ڇوپاين ڏورن وانگر ڳهندا رهن ـــ هنن لاءِ ڏرتي ڪيڙين، پوکين، لاباراڪن، ۽ ان کان پوءِ بہ انهن جا پيا "حق" ادا ڪن، هر طرح جا ڪين محصول ڏين ۽ سندن ڏنڊ پرين؛ آڇوان ڏو تہ جيڪڏهن هنن اسان جي آقائن ۽ زمين جي مالڪن پنهنجي اِن طرح ڪنبي ڪيل دولت جا انبار پوءِ بہ کي رستن ڌاهن، واهن کوٽائن، پڏل زمينن تان پاڻي ڪيائن، پاڻ وجهائي زمينن سڌارن، ۽ اسڪولن هلائن ۽ اسپتالن ٺهرائن تي خرچ ڪيا هجن ها، تہ بہ ڳالهہ ايتري خراب ڪانہ هئي؛ پر هنن تہ سدائين فقط پنهنجي خسيس سک ۽ نفساني خوشيءَ جو خيال رکيو ۽ پنهنجي وڏائيءَ کي تيئن وڌي ڪرڻ ۽ پنهنجي هيچ ۽ حيواني بک کي پوري ڪرڻ جا جتن ڪيا؛ ۽ جڏهن رڳو هڪ ئي ڪليسا جي نام نهاد "شهزادي"، يعني پادريءَ، لوئي - ڊي - روهان، کي ئي ڪنهن ڏنڊ ڏسي، جيڪو پنهنجي محل ۾ سڄو وقت عيش پرستيءَ ۾ پئڏو ٿي رهيو، ۽ جنهن پنهنجي ننگ انسانيت جي عمل سان سڄي شرف انسانيءَ تي چٽرون پئي ڪيون، ۽ پنهنجن بداخلاق پگهادارن غلامن هٿان راهم ويندن غريب هارين کي مارون ڏي ڏياريون (جو تہ آهي هن جي شاهي سواريءَ کي ايندي ڏسي، رستي کان پري ڇونہ ٽيا هئا)؛ جڏهن ڪوٽن ۽ شهرن جي سردارن کي ڏنو ٿي ويو تہ هو پنهنجي زبان جي چشڪي لاءِ پکين جي پالنا جا محل نما گهر پيا آڏائين، گرم پاڻيءَ جا تالاب پيا ٺهرائين تہ پاڻ ۽ سندن عياش درباري ۽ هم مجلس ساڻي آنهن ۾

وهنجن، ٻن ٻن ميلن جي دائرن وارا باغ ٻيا رکائين جن ۾ سنگمرمر جون کونديون، آدم قد تراشيل پنهنجا بت ۽ هٿراڏو مٿي اپرندڙ آبشار ٻيا هٿائين ـــ رڳو انهيءَ لاءِ تہ هي عاليڇاهہ فرانس جي راجڌانيءَ، وڏي شهر، ورسائيلز، ۾ ويٺل بادشاهہ سان پنهنجو برٻر ميڙين (ريشمي ڪپڙن ۽ وڏهيل آگهاڙين عورتن جي ڳالهہ ڪانہ ٿي ڪجي، جن کي هنن باهر پٽر ۾ ڪيي، رڳوشي خاطر ڊوڙائي، جهليو ٿي، ۽ ائين ڏکويل مٽن ۽ نيڪ دل عوام جي آڏو پنهنجين اهڙين حرامزدگين جي نمائش ٿي ڪئي)؛ جڏهن پيرن آگهاڙن، سفيد جبن پاتل ڪيپوچي ۽ سياهہ چوغن پهريل 'دومينيڪي' راهبن کي ڏٺو ٿي ويو تہ آهي در در پنن ٻيا، ۽ پوءِ آهي ئي عيد نوروز کان وٺي سينٽ سلوپسٽر جي عرس تائين لڳاتار ڏينهن جا ڏينهن ست رچيون طعامن جون، ميون جا ٽوڪرا ۽ مٺاين جا ٽالهہ آڏو رکي ٻيا کائين ۽ اوبارين ۽ ڏاڪارون ڏين؛ جڏهن ڏٺو ٿي ويو تہ سپاهي، شاهد، جج، بيلف، سارجنٽ، جيلر، جمعدار، جلاد، سڀ نندا وڏا عملدار رڳو پٺهنجي ذاتي لالچ جي پٺيان لڳي، پٺسي پئسي تي ٻيا وڪامڻ ۽ پي گناهہ مسڪين ماڻهن تي کوڙين مان سچيون تهمتون ڪيو، سزائون رکيو ۽ آٻتا سٻتا ڏنڊ وجهيو، پنهنجا کيسا ٻيا ڀرين؛ جڏهن اهڙا هزارين مثال انساني ڪميٽ ۽ رذالت جا ڏيندي ڏسبا ٿي رهيا، تہ آهو انسان جي مرونڊپي جو تحقيق هڪ شرم ۾ ٻڏي مرڻ وارو نظارو سامهون هو ـــ ۽ سڀ کان وڌيڪ روح کامي ٿو، جڏهن ياد ٿو ڪجي تہ اهي سڀ نندا ۽ ڪجهہ وڏا عملدار هارين جا بٽ هٿا، جهڪي آن دوزخي نظام کي بچائڻ ۽ قائم رکڻ ۾ مدد گاري هٿا، جهڪو سندن ئي مائٽن، سندن ئي دوستن ۽ خود سندن ئي پنهنجي خلاف باهم جا آڙاهم ٻاريو موجود ٻيٺو هو!

سچ پچ تہ آن دور جي حقيقت اها آهي تہ هڪ ٻيرو شاهي نوڪر بنجڻ سان هاري عوام جا آهي بٽ پنهنجي ڳوٺ جي ڏکن کي ڀاڄي ٿي ويا ـ هنن پنهنجين مائرن ۽ پنهنجين ٻيٽرن کي وساري ٿي ڇڏيو ـ ۽ رڳو پنهنجن اعليٰ عملدارن کي، ڪرنلن ۽ جرنلن کي، ۽ وڏن بالادستن کي مڃائڻ ۾ پورا هٿا؛ ڇاڪاڻ تہ اميرن، جن هنن کي پگهار

جا چند سڪا ڏيڪاري خريد ڪيو هوء جن لاءِ هو ڀڄي ملڪ کي قتلام ڪرڻ لاءِ به تيار رهيا ٿي، ڪير پڌايو هو تہ ائين ڪرڻ ۾ ملڪ جو مان ۽ قومي جهنڊي جو شان هو! بهرحال عوام جو اهڙو ڪو پٽ ڪڏهن وڏو لات صاحب به ڪونہ ٿي ٿيو، هي نالائق وڏي ڪڏهن رڳو ڪلهن يا چاتيءَ جي تمغن جي لائق به ڪي ورلي ٿي بڏيا، رڳو ڪنهن لڙائيءَ ۾ ڦٽجڻ ۽ پنگلي ٿيڻ کان پوءِ ڪين شاهي نوڪري ڇڏڻ ۽ باهر وڃي پنڻ جي موڪل ملي ٿي! منجهائن جيڪي ڪجهہ تيز ۽ هوشيار هئا، انهن کي ساڻي خائن ۽ نوڪرين ملمون ٿي، تہ پاڻ جهڙن کي فوج ۾ پرتي ٿيڻ لاءِ هرکائي سگهن ۽ پوءِ انهن جا وضيفا ۽ ٻيون بخششون انهن کان تڳائي وٺن؛ ۽ جيڪي انهن ۾ وڌيڪ آڏموت ۽ نڊر هئا، تن شاهي زستن تي بهي راهہ ويندڙن کي جهاڪو ٿي، ۽ انهن کي ڦريو ٿي ـــ ايتري قدر جو ڪين سبق سيکارڻ لاءِ ڪڏهن فوجي پوليس موڪلي ٿي ويئي، باقي هڪ ٻہ دستا به، تہ جيئن اهي انهن کي پوريءَ طرح نڪاڻي لڳائي سگهن. اهڙن مان ڏڻن ڪن جو هڪ ٽولو فلس برج ۾ مون قاسيءَ تي لڙڪندي به ڏٺو هو ـــ انهن مان گهڻا ستن سالن واريءَ جنگ تان موٽيل ۽ فوج مان نڪتل سپاهي هئا. هو ڪمائڻ جي عادت پلڪي ويا هئا، ۽ پينشن جو انهن کي ڪو "ليارڊ" به ڪونہ ٿي ملي، سو اهي جيئن ئي فلس برج کان ڪجهہ پري، جرمنيءَ جي حد جي ويجهو ڪنهن ڏاڙئي ملڪ جي مسافر ڪوچ کي ڦرڻ لاءِ جهليو ويٺا هئا، تہ پڪڙجي پيا هئا.

اِنهيءَ طرح اسين پنهنجيءَ پراڻيءَ حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو نقشو اڄ به صاف صاف پنهنجي سامهون آڻي سگهون ٿا؛ ۽ اهو هيءَ هو تہ اسين ۽ پادرين وٽ ۽ سندن جاگيري ۽ مذهبن نظامن وٽ سيڪجهہ هو، ۽ عوام وٽ ڪجهہ به نہ.

(۲)

پرهائي، خدا جي مهرباني ءَ سان، وڏي تبديلي آئي آهي! هارين ڏرتيءَ جي سڀ اسباب ۾ پنهنجو حصو حاصل ڪري ورتو آهي؛ ۽ سچ تہ، آ

پاڻ ۾ آن ۾ پوئتي ڪونہ رهيو آهيان. اسان جي پهراڙيءَ ۾ اڄ سڀڪو "بابا مڇيل جي فارم" ڪان واقف آهي، آن جا چراگاهہ آهن، آن جون سهڻيون "سئٽزرلنڊ" ملڪ جون (رنگ جون پولاهيون) ڳئون آهن جيڪي "بان فانٽين جي چبل وڻ جي پيلن ۾ پهرن ٽيون، ۽ آن جا ڇهہ جوڙا پلن ڏاندن جا ۾ آهن.

نہ، سون ڪي ڪا شڪايت ڪانهي. منهنجو پوٽو، جئڪس، پئرس جي پالٽيڪنيڪل اسڪول جي چوٿين ڪلاس ۾ آهي. منهنجي پوٽي، ڪرسٽين مارٽن سان پرٽيل هي، جيڪو پيلن جو انسپيڪٽر آهي، ۽ ڏاڏو هڪ سمجهو ماڻهو آهي؛ منهنجي بي پوٽي، جولئيٽ، فارين آنجنيئرنگ ورڪس جي ڊئريڪٽر سان پرٽيل آهي، منهنجو ننڍي ۾ ننڍو پوٽو، مڇيل، جنهن سان سون ڪي سڀ کان وڌ پيار آهي ـــ هائو، آڳ ائين چوان ٿو ـــ ڇاڪاڻ تہ آهو سڀني ۾ ننڍو آهي، سو ڊاڪٽر ٽيٽ گهري ٿو، هو ميڊيسن جو گرئجوئيٽ آهي ـــ پر سال "نئنسي يونيورسٽيءَ" جي ڪاليج مان امتحان ڏنو هئائين ۽ پاس ٿيو هو ۽ جي محنت ڪندو رهندو تہ، اڳتي هلي، پنهنجي مقصد ۾ وڏيڪ ڪامياب ٿيندو.

اِنهن سڀني پلائين لاءِ آڳ انقلاب جو ٿورائتو آهيان، ۱۷۸۹ع کان اڳ سون وٽ ڪجهہ ڪونہ هو. انقلاب نہ اچي ها، تہ آڳ سڄي پنهنجي عمر رگو نواب عالي جاهہ ۽ ننڍن وڏن پادرين سگورن لاءِ گڏي گهي، وڃائي چڏيان ها. اڄ، جو آڳ آرام ڪرسيءَ تي وينو آهيان، وڏي صفحي جي وچ تي، جتي باهہ جو سوجهرو در جي مٿان جاري ٿي پراڻن چينيءَ جي ٽائون تائين پيو وڃي، هي ۽ جا اسان جي سوپاري ڪڙ، اڄ پنهنجي تور سان، گپ گپ ڪندي، ۽ آن جا هو پڇا آن جي آسپاس چون چون ڪندا، هر هر پيا. منهنجي پرسان لنگهن، هي ۽ منهنجو وفادار پوڙهو ڪتو، پڙپرو، منهنجي آڏو، باهہ جي سيڪ تي ليٽيو پيو آهي ۽ پنهنجو سڄو نڪ پنهنجن چنبن ۾ لڪايو، ڪلاڪن جا ڪلاڪ اکيون وجهيو سون ڏانهن پيو ڏسي؛ دريءَ کان باهر آڳ ماکيءَ جا پراٽا ماڻارا ۽ صوفن جا پنهنجا سفيد وڻ، جي ڏسان ٿو؛ ۽ لارم تي ڪمائيندڙ پنهنجن همراهن کي باهر اڳڻ ۾ گائيندي ٻڌان

ٿو ۽ ڪنوارين ڇوڪرين سان آنهن کي ڪلندي ۽ ٽهڪ ڏيندي ڏسان ٿو، ۽ جوڙا ڏاندن جا آنهن سان ٻاهر ويندي ۽ گاهيُن کي گاهم جي گڏن سان ورُي اندر ايندي ڏسان ٿو ۽ ٻاهر آنهن جي ڇهڪن جا سڻڪا ۽ گهوڙن جون هٽڪارون ٻڌان ٿو: اڄ، جو آڳ اِئين پنهنجين سوچن ۾ گم ويٺو آهيان، ۽ مون کي پنهنجي پراڻي آهڻا جهوپڙي ياد پوي ٿي، جنهن ۾ منهنجا مسڪين پيءُ ماءُ ۽ ڀائر ۽ پيٽُون سال ۱۷۸۰ع ۾ رهندا هئا ـــ بس آهي ئي آن جون سڪٽيون، پُرندڙ چار پتمون، جن جون نندڙيون دريون ڪکن جي مُڇن سان پوريون هيون، ۽ مٽيان منهن، هوائن ۽ سمندڙ برف جي بار ۾ جهُڪي ويل اُن تي ڪڪائين چِت هئي ـــ بس هڪ اونداهو، دونهين پريل، جيتن ڪاڏل لوگهو هئي آها اسان لاءِ، جنهن ۾ رات جو اسين سڀ گاهٽ ٿيا، آڏ بکيا، سيءَ ۾ ڪِڳڙيا، ڏکندا پيا هئاسين: آهي منهنجا چٽيندڙ، نپائيندڙ، هڏ ڏوکي، اڄ، جيئن منهنجي جاڳ جي خواب ۾ اچن ٿا ـــ منهنجو پيارو پيءُ ۽ منهنجي پورهيت ماءُ، ڪيئن اسان لاءِ آن جي چئن داڻن پيدا ڪرڻ لاءِ لڳاتار ڏينهن رات ڳهندا رهندا هئا ـــ: اڄ آڳ جو آنهن کي ميرن قاتل ڪپڙن ۾، سدا اداس ۽ نماڻين صورتن ۾، سامهون ٻُڌل ڏسان ٿو: هائو، هي سڀ ڳالهيون جيئن جون تيئن، اڄ جڏهن منهنجي اکين آڏو آيري اچي ٻهن ٿيون، تم سڄو منهنجو ٻُٽ ڇرڪي وڃي ٿو، ۽ جي اڪيلو آهيان تم ڪنڌ جهڪي ٻويم ٿو ۽ روئي ٿو ويهان.

جن اسان کي اُئين جيئن ٿي مجبور ڪيو هو، اِنهيءَ لاءِ تم هو اسان وٽ آخري ڪا بچيل دمڙي ۾ اسان کان کسي وٺن، آنهن تي منهنجي ڪاوڙ ڪڏهن ۾ ٽڏي ڪانه ٿيندي. منهنجي عمر جا پنجاسي ورهيه ۾ مون لاءِ اِن ڳالهه ۾ ڪو فرق نٿا وجهن. آڏلو، آڳ جيئن وڏو ٿو ٿيان، تيئن منهنجي اها ڪاوڙ وڌي ٿي. ۽ جڏهن ٻڌان ٿو تم اهڙا بي سمجهه ۾ کي اڃان آهن جيڪي چون ٿا ۽ رسالن ۾ لکن ٿا تم انقلاب هر شيءِ ڦٽائي ڇڏي، ناس ڪري ڇڏي، ۽ اسين، ۸۹ع کان اڳ، وڌيڪ خوش هئاسين ۽ وڌيڪ ڇڳا ڇوڪا هئاسين! بدمعاش ڪنهن جاءِ جا! سچ تم هر پهري آڳ اِهو گفتو ٻڌان ٿو ۽ اُئين چوندڙ اهڙو ڪو

رسالو منهنجي آڏو اچي ٿو، تہ آءٌ ڪاوڙ ۾ سڄو ڏڪي ٿو وڃان. سيڇيل وري اهڙن موقعن تي مون کي سمجهائيندو آهي:

"ڇو ٿو پاڻ کي پريشان ڪرين، ڏاڏا؟ اهي نالائق آهن. ٻئسا وٽي ماڻهن کي ڦڪومن ٿا ۽ مڙائي آنهن کي جهالت جي آڙاهه ۾ اڇلائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. اهو انهن جو ڌنڌو آهي ــ سندن گذران ان تي آهي ــ انهن پلمتن پڇيلن ڏي ڌيان ئي نہ ڏي!"

پر آءٌ سيڇيل کي جواب ڏينڊو آهيان تہ

"نہ. سال ۹۲ء کان سال ۹۹ء تائين اسان اهڙا ڏڻ ماڻهو جا شُوٽ ڪري ڇڏيا، جيڪي هزار ڀيرا هينن کان چڱا هئا ــ امير هئا، ۽ ڪونڊيءَ جي نواب جا سپاهي هئا، جن کان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي مقصد جو تہ بچاءُ ڪيو ٿي! پر رڳو پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ هيئن پنهنجي ٻيءَ ماءُ، اولاد، ۽ پنهنجي وطن سان ويساهہ گهاتي ڪرڻ! هيءَ تہ بنهہ حد ٿي ويئي...."

سچ پچ تہ اهڙا لعنتي رسالا جيڪڏهن هر هر آءٌ پڙهان تہ آءٌ ڪاوڙ ۾ شايد غش ٿي وڃان! خوش نصيبي منهنجي آهي، جو اهڙا رسالا منهنجي فارمر تي پهچن ئي نہ ٿا تہ منهنجي زال آنهن کي ڪٽي اڇلائي ڇڏي ٿي. اهي اصل ويا آهن ــ ۽ آن وانگر ئي آڻ ــ سڌيا، آڻ پڇا اچي وڃن ٿا. ڪو آنهن جي آڏي ڳولا ڪري، اهڙو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

هائو. مون هين تاريخ لکڻ جو ارادو ڪيو آهي ــ "هڪ هاريءَ جي ڪهاڻي" ــ خاص ان لاءِ تہ اهو زهر، جنهن جو ذڪر هينئر مون ڪيو، آن کي ختم ڪري ڇڏجي، ۽ پڻ ماڻهن کي پڌائڻ لاءِ تہ اسان انقلاب کان اڳ ۽ انقلاب کان پوءِ چا چا تہ ستو آهي! مون گهڻي وقت کان هن ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ پئي سوچيو هو. آن لاءِ منهنجي زال به ڪيئي اهم خط ۽ دستاويز چونڊي، هٿيڪا ڪري رکيا آهن. هيءُ ڪم واقعي مون کان وڏي محنت گهرندو، پر چڱي ڪرڻ جو ارادو آهي، تہ محنت کان هرگز هٽڻ نہ جڪائي. تنهن کان سواءِ آهي جيڪي اسان کي ڪوڙ هٽي، چوڻائين ٿا، آنهن کي سچ پڌائي چوڻائڻ ۾ تہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. مون کي پنهنجي ان

مقصد جي تڪميل ۾ سال لڳندا، تہ بہ پنهنجي ڪنن تي عينڪ پائي، پنهنجي لکڻ جي ميز تي آڻ سال بہ ويهي گذارينداس.

اِئين پڻ آهي تہ هيءُ ڪم مون کي مصروف بہ رکندو، ۽ پاڻ کي ائين رڌل ڏسي، اِن ويچار جو اچڻ تہ اسان پاڻ وٽان نڪمن ماڻهن کي سچ پچ تہ پڇائي ڪڍيو آهي، مون لاءِ فائديمند بہ ثابت ٿيندو! نہ ئي آڻ اِن ۾ ڪنهن طرح واندو ئي ويهي سگهندس، جو تہ پهرين هڪ گالهہ ۽ پوءِ بي گالهہ، اِئين پنهنجي دل تي گالهيون ايندين ويندين. ۽، هر شيءِ آڻ سلسلي سان لکندس؛ ۽ سچ بہ اِهو آهي تہ سلسلي کان سواءِ ڪابہ شيءِ، جيئن اُن کي وڌڻ گهرجي، تيئن وڌي ئي نہ سگهندي.

هاڻي مون کي گالهہ شروع ڪرڻ ڪپي....

آڻ اُنهن سان نہ آهيان جيڪي اِئين ٿا سڃڻ تہ انقلاب کان اڳ، "سڌا سادا" هاري خوش هئا. مون "اڳيان سڀا وقت" ڏٺا آهن، جيئن آهي سڌيا وڃن ٿا، مون اسان جا اڳيان ڳوٺ بہ ڏٺا آهن؛ مون "راج تنئور" بہ ڏٺو هو جتي ماڻهوءَ کي مال ۾ هڪ آڏو آٻتو ڏيڏو پڇائڻ لاءِ ملندو هو، ۽ شراب جي "راج-بٽي" بہ جتي ماڻهوءَ کي فقط عالیجاهہ يا خانقاهہ جي بيگر ۾ مجبور ٿي وڃڻو پوندو هو؛ مون غلام-هاري ڏٺا هئا ـــ آهي جيڪي سڻڻا سڪل ڪائين جهڙا، ۽ گريل هئا، بنان قميص جي، پيرن اڳهاڙا، سياري اونهاري رڳو هڪ صدريءَ ۽ سوٽي پتلون ۾ هلندا وتندا هئا؛ مون اُنهن جون زالون بہ ڏٺيون هيون ـــ خلقيل حيوان، اهڙيون واءِ سٽيل، گدليون ۽ جوئين ـ پريل، جيو ٻاهر جو ماڻهو اُنهن کي ڏسي، جانور ئي چئي ٿي سگهيو؛ ۽ مون اُنهن جا ٻار ڏٺا هئا، سوين، گهرن جي دڻ ٻاهران اڳهاڙا، ٻيل ـــ الف اڳهاڙا، سواءِ اُنهن جي گهنڊيل چٽڙن جي چوڌاري ويڙهيل اڳڙيءَ جي هڪ ڦٽيل جي. آهن! هڪ پيري هڪ نوابزادي کي بہ مجبور ٿي، ڪنهن ڪتاب ۾ لکڻو پيو هو: "هي مسڪين جانور جيڪي ڏرتيءَ تي ٽهوڙيا، اُس ۽ مينهن ۾ ڳهڻ ٿا اِنهيءَ لاءِ تہ دنيا لاءِ مانيءَ ڳيو اُپائي سگهن، تحقيق سي پاڻ بہ تہ هڪ

گراهم کائٹ جو حق رکن ٹا!" پر آن نوابزادي اهو فقط پڻهنجي هڪ بهتر جذباتي ڪيفيت ۾ لکيو هو. ۽ پوءِ هُن ڪان آها ڳالهم فوراً ۽ همیشه لاءِ وسري ويئي هئي.

نم ، اهڙيون شمون وسرڻ جون ۽ وسارڻ جون نم آهن. اسان جا ڳوٺ، مثل برات ۽ هاتناسن ۽ لابراقس جهڙا، اڄ به، آنهن جي شاهدي ڏيئي سگهن ٿا ـــ ۽ خاص طرح اسان جو سڄو پهراڙيءَ جو عالم. ۽ وڏيءَ عمر جا بزرگ، اڄان ٿي وڌيڪ ڏکدائڪ احوال ڪري سگهن ٿا. آهي سُويڊ لوڪن، فرينچن ۽ لورين جي ماڻهن وچ ۾ لڳل وڏيءَ جنگ جي ڳالهم ٻڌائي سگهن ٿا. جنهن ۾ ڪيئي ميڙ هارين جا جهلي، وڻ وڻ سان ٽنگيا ويا هئا! آهي وڏيءَ بيماريءَ جي ڳالهم به ٻڌائي سگهن ٿا، جيڪا پوءِ ملڪ ۾ ڦٽي پيئي هئي، ۽ ڪوهن تائين نڪري وڃي هو. تم کو هڪڙو پرندڙ پرندڙ ماڻهو نظر نم ايندو هو. اڄ تائين هو هت ڪٽي ٻاڌائين ٿا: "او خدا، اسان کي وبا کان، ڏڪار کان ۽ جنگ کان پناهم ۾ رک!" پر ڏڪار تم هو هرسال ڏسندا هئا. واقعي جتي رڳو هڪڙي ضلعي ۾ ـــ هڪڙي وڏي پادريءَ جي ديني علائقي ۾ ـــ دين، ايمان ۽ ڪاني ڪرامت وارن جا سورهن حلقا، الاويهم خانقاهون، چٽيهم مڙهيون، ستيتاليهم مٺ ۽ اوٽيهم مڪان هجن (نديين نديين ديولين ۽ آنهن جي حجرن جو ذڪر ئي نم ڪجي تم چڱو)، ۽ نواب عاليجاهم جا مختيارغام ۽ ڪيئي ڪاراوا ۽ ڪمدار، ۽ ڪتن ڪان وڌيڪ چغل چانا آن ڪان الڳ، آتي پلا مند ۾ ڪو مسڪين هاري چڻن، مٽرن ۽ مڱن موڻن جيَ ڪيترن داڻن جي ميڙي رکڻ جي اميد ڪري سگهيو ٿي، جيڪي سياري ۾ به هو ڪائي سگهي! پٽاڻن جي پوکي به اڄان ڪانم پئي ٿي. ايڏن سورن ۽ آزارن ۾ ورتل ماڻهن لاءِ سڪل پتن ۽ ٻوڻن ڪان سواءِ پيٽ جي بالنب جو ٻيو سهارو هو به کهڙو! اهڙين حالتن ۾ اناج جي داڻن ۽ ڪاڌ خوراڪ جو ٻيو ڪو سامان ڪير ٿي ڪٽان هٽ ڪري سگهيو؟

ٻئي پاسي، آنهن لاءِ ڏينهن جي پورهئي جي پڇاڻي به تم ڪانم پئي ٿي. بيگر جي هرن ڦارن، پوکڻيءَ، ڏين چوندڙ، لٽڻ، ڳاهڻ،

گاڏيـن ۾ ڏوئي رسائن، ۽ (داک جي ايراضين ۾) انگورن جڻ ـ ايترن پوري نه پوندڙ ڪن جي ايڏي وڏي ۽ لانڊ ڪان پوءِ جن ۾ سڄي سڀائي موسم رڳو نواب عاليجاهه يا خانقاهه جي فصلن ڪٽڻ ۾ گذري ٿي ويئي ـــ ڪـو ماڻهو پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ڇڻ لاءِ، ۽ پنهنجي ٻني ۽ تي، ڪري به ڇا ٿي سگهيو؟ ڪجهه به نه نه!

پوءِ ڇڏهن آڏي موسم آئي ٿي، تڏهن ڇڻ گونڊاڻن مان ٽي پنڻ لاءِ نڪري ٿي پيا. اُن تي سفيد راهبن، ڪيپوچن درويشن، آخر پنهنجو حق طلبيو ـــ دانهون ڪيائون تہ هر ڪنهن سندن پيشي ۾ حد دخلي ٿي ڪئي، ۽ ان طرح تہ هنن ڪي ملڪ چڏي وڃي پوندو! ۽ پوءِ مذهب جو روحاني فلاح جو، وڏو نقصان ٿي پوي تہ اُن جو ذميدار ڪير؟ اِن تي عام مختيار، مانسينيور شنيدار، ۽ فاس برج جي گورنر (جناب لا ـ مارڪئس ڊي ـ تالارُو) عام جي پنڻ تي بندش وجهي چڏي! شهر جي 'مارشل' جي محافظ دستي جي سارجنٽن پوءِ رستي تي نڪري، رورگيءَ شيطان ۽ لافيرائي جي ريجمنٽن جي مدد سان، ڪيپوچن درويشن جي پنڻ جي حق جي، بچاءُ جو ڪم واري واري سان، هٿ ۾ ڪنيو. پر پوءِ، قاهليءَ جو خطرو ڪٽنڊي ٻ ـ چوتہ ماڻهوءَ کي جيٽو به تہ هو ـــ ماڻهو ٽولن ۾ ٽي، گڏجي، پنهنجي پيٽ قوت ڪيڻ لاءِ باهر رستن تي ايندا رهيا ۽ پنهنجي نصيب آزمائي ڪندا ٿي رهيا....

آهم! اهو ڏوجهرو ۽ ڏک ئي آهي، جو ماڻهوءَ کي ايئن ڪيرائي ٿو چڏي! اهائو، ڏوجهرو ۽ ڏک ئي آهي، آڳ جوان ٿوءَ ۽ ٻيو وري سنئون سڌو پرو مثال! پلا، هر ٻيءَ گهٽيءَ ۾، جڏهن پيٽ بکيا، مسڪين ماڻهو سفيد ـ جبائي ڪيپوچن درويشن ۽ فرانسسڪن ۽ پيرن آ گهاڙن ڪارميلائيٽ جهڙن ڇهـ ـ فٽائن، ديگن جهڙن، ڪلهن متارن بدمعاشن کي ڏسندا تہ آهي فقير ۽ مهنت پڻا، د گهين ڏاڙهين ۽ ٿوارن جهنجهول سگهارين ٻانهن سان، هر روز، بنان ڪنهن شرم ۽ حيا جي، ٻوٽ پلڙا، ڪيو، ماڻهن آڏو ٻن 'ليارڊن' لاءِ هٿ ٻيا ٽنگين، جن هٿن سان آهي هوند ٻيلچي جي هڪ ئي لٽي سان ايتري مٽي ڪٽي سگهن، جنهن

مان سچو هٿ گاڏو ڀرجي وڃي... ٿو پوءِ مسڪين ڪيا عام ماڻهو پنهنجي مان جو ڪهڙو خيال رکندا آ ڪيئن پاڻ کي پنڻ کان روڪي سگهندا؟

پر افسوس، جڏهن ماڻهو ڪيو هجي ٿو، تہ فقط پنڻ مان ہ تہ هن کي پوري تڻ ملي نٿي سگهي، ڇو تہ ٻيا ڀي مانيءَ گهرن ٿا! نتيجي طور، ائين چوڻ دستور ٿي ويو: "هر ڪو پنهنجي لاءِ، ۽ خدا سڀني لاءِ!"

اهڙين حالتن ۾، تقريباً سڀائين، سياري جي پوين ڏينهن ۾ افواهم اڀندا هئا تہ رهزنن جا ٽولا آلسڪ جي لورين جي علاقن ۾ رستن سان وهندڙ ٻيلڪ ڪوچن کي زوريءَ ٻيهاري، مسافرن ۽ راهه ويندن کي ٻيا قيرين ٿا لٽين! ۽ پوءِ فوجي جٿا سر زمين ڏانهن ڇتا ٻنيا، ڊوڙندا ويندا، ۽ ساري جي پڇاڙي اڃا ٿيندي، جو ڪيئي ٽڪٽڪيون آيون ٿي ويندیون ۽ ڪيٽي آنهن تي ٽنگجي ويندا، ۽ ڏينهن جا ڏينهن آهي ڪيا لاش اتي ٽنگيا رهندا!

اهڙي وقت ۾، اوهين هڪ غريب ڏلهن ڏاهيندڙ کي خيال ۾ آڻيو، جنهن کي زال آهي ۽ ٻار آهن ــــ ويچارا ماڻهو، جن وٽ هڪ ليارڊ ٻہ ڪونهي، هڪ انچ زمين ڪانهي، هڪڙو ڳروٽ ڪونهي، هڪڙو ڪٽل ڪڙ جو چوڙو ڪونهي، ڇا ڇڪجي؟ سواءِ هڪ پنهنجي جسم جي پيو ڪجهه ٻہ وڻن ڪونهي، ۽ جهڪو ڪجهه ڪمائي ٻہ ڪين ڪونہ ٿو ڏيئي سگهي .... پوءِ جيئن ۾، پنهنجي پاڻ کي ڏاهڻ جي اميد ٻہ ڪا وڻن ڪانهي ــــ اِن ڪري، جو ڏڻهن وقت چو ٿهيل ۽ بينل آلسڪو اهو هو تہ ڪي ماڻهو جمندي جام هجن ۽ سيڪجهه وڻن هجي، ۽ ٻيا جمندي ٻيلي ۽ ٻانها هجن، آڻ ڪنڊ ۾ مصيبت ۽ اڻهوند ۾ گهارين!

سوچيو، آڳ چوان ٿو: اِن حالت تي سوچيو ــــ ٻڌا ٻڌا ويلا، باهم بنان ۽ اوڇڻ بنان سياري جون ڊگهيون راتون، آ ڪاڙيون جو سير تي بينل خوف، ۽ پڻ سارجنٽن جو بيفن جو، ۽ ٻيلي جي جمعدارن جو! هاءِ اوهان کي مان ڇا ٻڌايان! ٻر پوءِ نيٺ ٻہ، بهار ۾، جڏهن پنهنجي

ڏکڻي ۽ غير حاضريءَ کان پوءِ سڄ موڻي آيو، ۽ اسان جي اداس جھوپڙيءَ ۾ پير پاتائين ۽ اُن جي لکڻ تي پل چارن کي روشن ڪيائين، ۽ ٻڙ کاهي هٿ جي ڪنڊ ۽ چُلهه، کي ۽ ساڄي هٿ واريءَ ڏاڪڻ کي ۽ ڪوڻيءَ جي ڪنڊل فرش کي — جڏهن، آءٌ جوان ٿو، سڄ جي گرميءَ، اُن جي ٻاجھاريءَ گريبيءَ، اسان کي ڪوسو ڪيو، ۽ تڏهي ۾ پنهنجو راڳ ڪنيو، ۽ آسپاس جي وڻن هڪ ڀيرو ٻيهر ساوڪ جا ويس ڏيکيا، تڏهن اسين ٻه، سيني گالهين جي هوندي ٻه، ٻاڻ کي جھڙو ڏسي خوش ٿياسين، ۽ ٻاهر در جي آڏو، پنهنجن ننڍڙن پيرن کي ه ٿن ۾ جھلي، سوان نوان ٿي، ٻڌيءَ پر ليٽي پياسين، سمنڊون وڇايون سين ۽ آسمان ڏانهن چتائي ڏٺوسين، مٿيءَ ۾ ليٽڻياسين!

۽ جڏهن پنهنجي بابا کي پري کان ڪلهي تي سائيءَ پيس ۽ ڪچيءَ لکڻ جي پٽري ڪنيو ٻلي مان ايندي ڏٺوسين — سندس پريءَ کي کھاڙي جيي گهن جي هيڻان ٽيڪ وڌايل هئي، ۽ سندس وار مٿهن تي ٻڌي پيا — ۽ جڏهن پري کان سندس نظر اسان تي پئي ۽ اسان کيس سندس منهن تي سرهائيءَ جي کيل آپرندي ڏٺي، تہ اسان سيني گڏجي ڪساهيءَ وٽي ڏانهس ڊوڙ پاتي! پوءِ هن گھڙيءَ لاءِ پري لاهي رکي، ۽ اسان مان ننڍن کي پاڪر ۾ ورتائين، ۽ اسان ڏٺو تہ سندس منهن، نچندڙ نيريون اکيون ۽ پچڙيءَ وڻان ڇيرائون ٿڪ ۽ قرندڙ ٽلهيرا چپ ٻھڪي آٿيا، ۽ هڪ ڀيرو هو اسان کي ڏاڍو خوش نظر آيو.

هو کيڏو نہ سنڌو، ۽ کيڏو نہ هن اسان کي پاڻيو ٿي! ۽ آهڙي ئي هئي اسان جي ماءُ مٿي جا وار کجھ اڇيرا ٿي ويا هئس ۽ منهن تي ٿورا گھنج هئس، هوءَ چاليهن کن سالن جي هئي — ۽ ڪمتر ۾، ٻن جي زمين تي، سدائين گھندي رهندي هئي؛ سانجهون ڏاري آتان موڻي کان پوءِ هوءَ ائٽ تي ويهي ڪڏهن سٽيءَ، ڪڏهن سٽ جا ڦورا ڪتيندي هئي — آهي ٻه ٻين لاءِ، جيئن پنهنجي تيور جي بکئي پٽ ۾ ڪوڪوسو گراهم وجهي سگهي، ۽ ڪي گھرجون، آگاڙيون، ڏنڊ ۽ ٻيا ڀرڻا کجھ لهي سگهن. هن سڄيءَ سندس گھپ

ڪيترو ئي همٿ هئي، ڪيترو ئي سنڌ سان خوصلو هو، ۽ ڪيڏي ئي پيڙ شماپل هئي ان ۾ لڳاتار پورهيو ٿي ڪيائين، ڪنهن ٻئي عيوض جي اميد بنان، رڳو خدا جي راضپي لاءِ ۽ ٻئي جهان ۾ ڪنهن سدا موجود سڪي ۽ حياتي ۽ لاءِ! هوءَ پڪي عقيدي جي مؤنسياڻي هئي، ۽ آڏندي ويهندي، سفيد راهبن، ڪيپوچن درويشن، جي دعائن جي گهوري هئي.

منهنجن غريب پيءُ ماءُ جي حال جي ڳالهه ايتي ئي ڪافي ٿيڻي، انهن جو وڏو عذاب ايان ئي هڪ ٻيو هو، ۽ آهو سچ ته هنن جي سهڻ ڪان ٻاهر هو. ۽ آهوهيءُ هو ته منهنجا غريب ماءُ پيءُ قرض ۾ ٻڏل هئا،

مون کي ياد آهي ته جڏهن آءٌ ٻار هوس، ته هڪ ڀيري منهنجو بابا ٻهارا ۽ ڏلها شهر ۾ وڪڻي موٽيو هو، تڏهن مون کيس چوڻ ڏي ٻڌو هو:

"هيءُ ڪجهه لوڻ آهي، هي ڪجهه سوڻن داڻا ۽ چانور آهن، پر مون وٽ باقي هڪڙو "لمارڊ" به نه بچيو آهي. او خدا! او خدا! مون ڏي ڀانيو ته، نه نه ته به، هڪ يا ٻه "سو" مؤسيور رابين کي ڏيڻ لاءِ ضرور مون وٽ بچندا!"

رابين، مينڊل ٻران گوث جو سڀ کان وڏو دولتمند ۽ ڏاڍو هڪ ڏلهو ۽ لغور قسم جو ماڻهو هو. هن جي ويڪري پوري ڏاڙهي هئي، ڏڙي جي ڪل جي ٽوپي پائيندو هو جنهن جا ڪلڦڙا هو ڪاڏي ۽ هيڏان ٻڌي ڇڏيندو هو، سنڌ سان تڪ ڏلهو هو ۽ منهن آودو هوس، جنهن ۾ گول اکين جو جوڙو لڳل هوس، ۽ ٻڌي ۽ تي پادرين جي جبي جهڙو پر ڪجهه ڇوٽو ڪوٽ پائي. گهمندو هو، هو سڏائين ڇڏ هلندو هو، ۽ ڏگها سوٽي جو راب پائيندو هو جيڪي گوڏن تائين چڙهيل هوندا هئس، وڏي هڪ ٽوڪري بغل ۾ جهلي هلندو هو. ۽ هميشه هڪ بگهڙ نسل جو ڪتو ساڻ هوندو هوس. هو پنهنجي وياج جي وصولي ۽ لاءِ سڄيون ڀهراڙيون ٻيو گهمندو هو، ڇاڪاڻ ته هو هر ڪنهن کي ايسا آدارا ڏيندو هو، پر هڪ وقت هڪ ماڻهوءَ کي اوڌر ڏيڻ لاءِ فقط ئي

'ليرا' يا ڇهم 'ليرا' يا هڪڙو يا ٻه 'لوئي'، ڪيسي مان ڪيڏو هوو ڪنهن گهر ۾ گهڙڻ سان جيڪڏهن سندس وياج جا پئسا هڪيا هن ڪي نه ملندا هئا، تہ جو ڪجهه هٿ ۾ ايندو هوس ـــ اڌ درزن بيضا، مڪڻ جو آنو، گهر ۾ چڪمل 'ڪرش' شراب جي هڪ اڌ بوتل، پٽنير جو ڪو چاڻو يا ٻيو ڇيڪي ڪجهه، اِن مان ڪجهه وقت هن جو منهن بند ٿي ويندو هو، ۽ در تي وصولي لاءِ بيلف جي اچي بيهڻ کان ماڻهو اِئين بنان ليکي ٽورو ڦرجڻ سهي ويندا هئا.

افسوس، ڪيترا نہ ماڻهو، نصيبن ماريا ماڻهو، هنن ڏاڙيلن جي ور چڙهي، آنهن جو لقمو ٻڪي ٿي ويا! ڪيترا نہ انهن مان هڪڙي ڪنهن خسيس قرض ۾ سالن جا سال گهندا ٿي وتيا، ۽ پاڻ پٽيندا ۽ ڪوهيندا ٿي رهيا، ۽ سامهون پنهنجي آن پٽ ڪوهه جي ڪا پچاڻي ۾ ڪانہ ٿي ڏٺائون!

اسان جي گهر جڏهن هي راين پهرئين پهري آيو، تڏهن هٽڙي هٽل لاءِ هن ڪي، بهرحال، ڪا شيءِ نظر ڪانہ ڇڙهي. هن فقط دريءَ تي ٻہ ڏڪ هنيا، ۽ وڏي رڙ ڪيائين:

"جين پيئر ري؟"

منهنجو پيءُ ڏڪندو باهر ڊوڙي ويو، ۽ ٽوپي لاهي هٿ ۾ جهلي، پڇيائين:

"موسيور راين ڇا آهي؟"

"هان! سو تون اتي آهين؟ مون کي ٻہ ٻيگريون (ڪارويءَ) ڪرائٽيون آهن ـــ هير لينگ ۽ ليگزيم رستن تي، ترن وهندين نہ؟"

"هائو، موسيور راين ـــ هائو، ضرور ضرور."

"سياڻي ۽ پڙين، بنان گسائڻ جي؟"

"هائو، موسيور راين."

پوءِ هو راين جيئن آيو هوتيئن هليو ويو. منهنجو پيءُ، مڇو وسائيل جڏهن اندر گهر آيو، تہ ڇوڪرو جي پريشان ويچي ڪنڌ ۾ پاڻ اڇلايائين، پوءِ جهڪل متي ۽ ڪوڙيل چين سان، پنهنجون آگريون پنهنجن وارن ۾ وڏائين، ۽ واتان اڪر ٻہ نہ ڪڍيائين. ٻئي ڏينهن، هو بنان

گسائڻ جي، موسيو راڻ جي ڪم تي ويو، ۽ منهنجي ماءُ رڙيون ڪندي رهي:

"او، الها امان جي ٻيا گي ٻڪري! هائو الها ٻڪري ٻيا گي! ان مئي ۽ لاءِ ڏهوڙي رقم تم ڏيئي چڪا آهيون، ڪنهن ٻئي ڪم جي تم امان لاءِ ڪانهي. امان جو تڏو پٽيندي راها چٽيءِ! ڪهڙا تم عقل جا آيالا هٽاسين امان جو الها ورتيسين! يا خدا! يا خدا!"

پوءِ من هٽ پنهنجا مٽي ڪنيا ۽ موسيو راڻ کي پٽڻ لڳي. ڪيترن ئي ڏينهن کان منهنجو پيءُ پنهنجو ڪهاڙو ڪلهي تي رکيو، آسپاس جي پهراڙين ۾ هليو ويندو هو ۽ هر روز سائي ڦيس ۽ ڪجهه لڪڙ وڏيو ڪيو ايندو هو، ۽ انهن سان پهارا ناهيو ۽ ڏلها واڻيو اوڙي پوڙي انهن مان امان جي رکي سکيءَ جو وسيلو پيو ڪندو هو. پر راڻ جي ويڳرين تان پئي ڏينهن، مسڪين خالي هٿين گهر آيو؛ جا ڪجهه ڏراوٽ هو پاسي ڪري سگهيو هو، الها اگي ئي ٻمل آگاڙين ۾ ڏيئي چڏي هٽائين. بهرحال، امان لاءِ الها آڻين ۽ چاڙهين، جي سامت واري گالهه ۾ پوءِ گهٽو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهي؛ جو تم وڏيڪي ڏينهن مس لنگهيا، تم هڪ ڏينهن صبح جو وري موسيو راڻ اچي امان جي جهوڙيءَ جي دريءَ ڪي ٻم ڏڪ هنيا!

ڪڏهن ڪڏهن ماٺهو پنهنجي آزاڻ جي گالهه ڪندا آهن، جيڪي هن جي دل کي پيا ڪائيندا آهن ۽ سندن رت سڪائي چڏيندا آهن؛ پر خريبن جو سچو آزار، بهرحال، هڪ تم سيني کي معلوم آهي. آهو آزار آهي سندن وياج خور، هو ڪين سهاري ڏيڻ جو ڏونگ ڪري ٿو، پر سندن رت تي جيئي ٿو، اوستائين جيستائين کو ڏهي پٽ اچي پوي، ٻانڪ واڄي قبر پوڙو ٿئي، جنهن کان پوءِ هو وري هن جي ٻيو هم زال ۽ ان جي ٻارن کان آها وصوليڻ وڻڻ لڳي ٿو.

جو ڪجهه منهنجي ماءُ پيءُ هن راڻ جي هٿان ٻڌو، سو آءٌ ڪڏهن ٻيان نه ڪري سگهندس. هو ڪڏهن سمجهي ساءُ نه ڪري سگهيا، ۽ ان آزار ۾ هو وقت کان اگي پوڙها ٿي ويا. هنن جو هڪ ئي آسرو هو تم ڪڏهن امان مان سندن کو چوکرو وڏو ٿيي، فوج

ھر پرتيءَ جھڙو ٿئي، جيئن آتي آن کي وڪڻي، ڏيئي، ھو پنھنجو قرض لاھين.

اسين سندن چار چوڪرا ھئاسين، ۽ ھر چوڪريون ــــ نڪواس، ليزبيٽ، آڻ، ڪلاڊ، ميٿورين، ۽ نديڙو و الماني؛ سڀ کان آھو نديڙو اسان جو ياءُ پنگلو ھو، پنھنجي ۽ ڪمزور ــ لاچاريءَ جا ماڻھو ھن کي "نديڙي بدڪ" سڏيندا ھئا، جو تہ ھو پنھنجين مڙيل جنگھن ۽ ڪجھ ھاڙ تي نڪتل پيرن تي زور ڏيئي جڏھن ھلندو ھو تہ بدڪ جي ٻچي وانگر ٽرڙائي ھلندو ھو. باقي اسين ٻيا، بھرحال، ٺيڪ ٺاڪ ھئاسين. منھنجي ماءُ اڪثر نڪولس، ڪلاڊ ۽ مون ڏانھن ڏسي، چوندي ھئي:

"گھٽو پريشان نہ ٿيءُ، جين پيئري! اِنھن ٽن ماڻھڪ نہ ھڪ ضرور وڏو ٿيندو، فوج ۾ ويندو. تون رڳو رابن ڪان چوڪس رھ، ھڪ ٻيرو رڳو اِن جو قرض سو لاھيون، پوءِ ڏسجانءِ تہ انھي مارئي جو مان ڪھاڙي سان ڪيئن ٿي مٿو ٻجان!"

ھڪ عورت، سچ پچ تہ، وڏي ڪنھن دل جي سور ڪان من ۾ اھڙا ويچار آڻي سگھي ٿي! منھنجو پيءُ ھن کي ڪو جواب ڪونہ ڏيندو ھو، پر اسين ٻيا بلڪل ائين سمجھندا ھئاسين تہ اسان جي ماءُ پيءُ جو اسان کي وڪڻڻ ھڪ خير صلاح جي ڳالھہ ھئي، جو تہ اسين انھن جا ھئاسين ــــ اصل ائين جيئن ٻي ڪا جنس يا مال جا ٻيا ڪي ڪٽن. زوردار "ڏڪ" ماڻھوءَ کي صحيح طور شين کي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو ڏئي. انقلاب ڪان اڳ ھر ڪتب جو پيءُ (سواءِ انھن جي جيڪي امير ۽ وچ واري طبقي جا ھئا) پنھنجن ٻارن کي پنھنجي ٻئي مال اسباب جھڙيون شيون ئي سمجھندو ھو. ھائو، بلڪل ائين ھوندو ھو، ۽ اِھو ئي آھي، جنھن کي اِھي "اڳئين وقت" جا يادُ ڪندڙ، جن جي مٿي مون ڳالھہ ڪئي، ايترو سڀو ۽ ايترو پٽلو ٿا چون! اِھو ئي ڪجھ آھي، جنھن لاءِ ھو چون ٿا تہ انھن ڏينھن ۾ ھيو نہ تہ ماڻھن لاءِ گھٽو ادب ۽ گھٽي عزت ھئي!

خوشيءَ جي ڳالھہ ھئي، جو اسان جو پيءُ ڏاڍو ھڪ نيڪ دل ماڻھو ھو، جنھن اسان کي ڪڏھن ائين نفعي نقصان جي ماڻ ۾ ڪونہ

وڏو. گھٽا پيرا، جڏهن سياري جي سخت آڻهوندا جيڪي ڏينهن ۾ مجبور ٿي، ٻين واڪر هو به اسان کي باهر پنڻ لاءِ چڏيندو هو، تم هو ڏهي پوندو هو ۽ ويهي روئندو هو. بهرحال، هن کڏهن به نديڙي انيءَ کي باهر برف ۾ وڃڻ نم ڏنو؛ منهنجي پنهنجي ڳالهه به کجهه ٻئي قدر هئي، جو منهنجو پنڻ به گهٽو وقت نم هليو، ائين کو به يا ٿي گهمرا ميٽل بران ۽ کوارٽرو رينٽ چوڪ جي رستن تي ويهي ٻڏو هوس، ۽ پوءِ اڻن سالن جي ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾ ٿي، منهنجي دين جي پيءُ، جين لبرو، جيکو لابراٽس جي ٻئي ڇيڙي تي کلال خانو ۽ لوهارکو ڏ ڪڻ هلائيندو هو، سون کي پنهنجي مال پهرائڻ لاءِ پاڻ وٽ رکيو. ۽ انهيءَ کري آءٌ پنهنجي گهر کان باهر رهڻ لڳس، سواءِ رات جي، جڏهن هر روز مونڻي گهر اچي سمهندو هوس.

اڻ پنهنجي دين جي پيءُ وٽ وڃي ٻيهڻ کان پوءِ، مون کي کنهن شيءَ جي شڪايت کانم رهي. مون کي آتي هر سال پونڻ جو جوڙو، ۽ پيٽ ڀري کائڻ لاءِ ملندو هو. آيتري کجهه ملڻ لاءِ به کمترا تم هئا، جي سکندا رهندا هئا! ۽ اها ڳالهه مون به چاتيي ٿي؛ انهيءَ کري، استاد جين، ۽ هن جي زال کي راضي رکڻ لاءِ جو کجهه مون کان ٿيي سگهيو ٿي اڻ جي کرڻ ۾ مون کا کسٽر پوئتي کانم چڏي. مون آتي کم کندڙ کاريگر (وئلنٽائين) ۽ نوکرياڻي (نڪولي‌ءَ) جي دل رکڻ ۾ به وسان کونم گهٽايو. سچ پچ، تم آتي مون سيني وت ڏاڍو پاڻ وٽايو. جيئن ٿي مون کي کٽان سڏ ٿيندو هو، تم ڏوڙي آتي ويندو هوس — پوءِ اهو ڏ ڪڻ جي ڏ ڙ ڻ هلائڻ جو کم هو، ٻهار منجهان ٻڌهه کٽي، مال جي آڏو آڻي وڃهڻ جو کم هو، يا ٻيو کهڙو به کم. منهنجي حالت اها هئي، جو اڻان جي ٻلي‌ءَ کي به کاوڙائڻ نٿي چاهيم؛ چو تم پريل ميز تي ويهي گرم گرم رب جو پيالو پيئ ۽ رڌل بند گوبي‌ءَ جي پليٽ (جنهن ۾ آچر آچر تي مکڻ به پيل هجي)، ۽ جيتري کڪ جي ماني وٽي اوتري کائڻ وڌي ڳالهه هئي؛ ۽ ٻئي پاسي مون لاءِ پلا چا رکيل هو؟ کڙهيل پاٽي‌ءَ جو جمن ڏ جنهن ۾ آباريل مونڻ جا کجهه داڻا، جن ۾ ماڻ سوس کان

پورو لوڻ ۾ نہ ٿي وڃي سگھي — ۽ جنھن جو ھڪ ھڪ پريل چمچو ڳٽي ڳٽي کائڻو ٿي پيو!

ھائيو، جيئن چوندا آھن، "برسات جي چونڪ" ۾ ھجي تہ آتي رھڻ جيڏي ٿي ڪجي! ھر روز صبح جو — اونھاري ۾ ڇڻ ٻجي ۽ سماري جي ڏينھن ۾ پنجين ٻجي، ڪلال خاني جا ماڻھو اڪ ٿي نہ کوليندا ھئا، تہ آڳ باھرئين در تي پھچي ويندو ھوس، ۽ ٿي ويرا آھو کڙڪائيندو ھوس. آن تي لوڪ جاڳندو ھو، ۽ ھڪدم در کولي، سج آپرڻ کان پھرين سون کي اندر وڃڻ ڏيندو ھو. آن کان پوءِ سڪل ڇيڻا ڪٽي رڌڻي ۾ ويندو ھوس، جتان ڏاڏي مان ڇيڻو ياري، پھرين بتي ھاريندو ھوس. پوءِ جيئن ڏيکولي اچان ڳٽون پيئي ڏھندي ھئي، آڳ تکڙو تکڙو پاندي مان ڪٽر ۽ جيو آڻي ٻار ڏوئيندڙ گاڏيڙن ۽ ٻين اناج جي تاجرن جي گھوڙن کي وڇھندو ھوس، جيڪي پڙيءَ جي ڏينھن کان پوءِ رات اچي ڪلال خاني ۾ ٿڌي ترسندا ھئا ۽ گھوڙا آنھن جا ھيٺ طبلن ۾ ٻڌا ٻيڌا ھوندا ھئا. صبح جو آھي ھمان جڏھن ھيٺ لھندا ھئا تہ پنھنجي چوڌاري سيڪڙھ ٽيڪ ڏسندا ھئا ۽ داڃا ٿيندي ھين. آن کان پوءِ طبلن مان گھوڙن کي باھر آڻڻ، سنڀڻ ناھڻ ۽ گاڏين جوڙڻ ۾ آڳ کين مدد ڪندو ھوس. آخر ۾ ھو جڏھن روانا ٿيندا ھئا، ۽ پنھنجن گھوڙن کي "ھي فاڪس!" "ھي باز!" "ھي سُرخا!" وغيرہ جون ھڪلون ڪندا ويندا ھئا، تہ آڳ پنھنجي اوني ٽوپي ھٿ ۾ جھلائو آنھن کي "خدا حافظ!" چوندو ھوس. آھي ٽلھا متارا گاڏيڙ ۽ اناج جا تاجر سون کي سوٽ ۾ ڪو جواب ڪونہ ڏيندا ھئا، پر خوش ضرور ٿيندا ھئا، ۽ منھنجي ڪم ۾ ھو ڪا گھٽتائي ڪانہ ڏسندا ھئا. سون لاءِ بس اھا ئي ڪافي گالھہ ھوندي ھئي.

آن کان پوءِ ڏيکولي، جيئن ئي رڌڻي ۾ فاري اينديءَ ھئي، تہ سون کي تنوري جو پيالو ڏينديءَ ھئي جيڪو آڳ نيزي سان ڪاڌندو ھوس. پوءِ ھوءَ سون کي وڏو روٽ جو چوٿون ۽ پا ئي وڏا بصر ۽ ڪڏھن سخت آپاريل بيضو يا مکڻ جي ڦيڻي ۽ مال سان ڪٽي وچ لاءِ ڏينديءَ ھئي. آھي سڀ آڳ پنھنجي ٽيلھيءَ ۾ وجھندو ھوس ۽ پوءِ

کلهي تي پٽو وڃائي، ڇهڪ کي ٽکاءُ ڪيائيندو، واڙي ۾ داخل ٿيندو هوس. جيئن ديور هڪٻئي ڏيان باهر نڪرندا هئا، آءٌ انهن جي پٺي ٿيريندو هوس ۽ انهن کي پيار ڪيندو هوس؛ آن کان پوءِ اسين سڀئي هڪٻئي جي پوئتان قطار ۾، وادي‌ءَ ۾ داخل ٿيندا هئاسين — آءٌ پان سيني جي پويان، ۽ خوش خوش، ٽپ ڏيندو، انهن سان ڊوڙندو ويندو هوس.

فلس برج جا ماڻهو جيڪي 'زورن' نديءَ جي وادي‌ءَ ۾ وهنجڻ ويندا آهن، تن کي آن وادي‌ءَ جي ٽڪرين جي قطار جي خبر آهي تہ ڪيڏن آهي حد نگاهہ تائين هڪٻئي ٻڌان ستيون. تهن وانگر مٿي چڙهنديون ٿي ويون. انهن کي وادي‌ءَ جي گاهن جي به خبر آهي جيڪي اونهاري ۾ وادي‌ءَ جي پيٽ کي اڻين چيري ٿي نڪتا جيئن ڪيتن مان پوکيل ٻج ڦٽي نڪرندا آهن. جُون جي مهيني ۾ جڏهن وادي‌ءَ جي وڻين سان پاڻي‌ءَ جا نديڙا نديڙا وهندڙ ريلا وهندي وهندي، سُڪڻ لڳندا آهن، ۽ آنهن جي پيٽن ۾ آپريل جابلو پوٽا رنگ برنگي گل ڇهلينداآهن، تہ اڻين ڏسبو آهي جڏ ڪنهن غيبي مالهي‌ءَ سڄي‌ءَ وادي‌ءَ کي هٿ سان ويهي رنگن جي آنهن قطارن سان جهنجهو آهي، ۽ پوءِ سڄي وادي اڃن ۽ پيلن پوٽن جي ولرن سان پرجي ويندي آهي، آءٌ استاد جيئن جي مال کي آتي چارڻ لاءِ پهرائي ويندو هوس، جو تہ گوٺ جي آنهن زمينن تان اسان کي پٺ چاري جو حق هو، ۽ فقط آگسٽ ڪان پوءِ جڏهن اونهاري جا اهي وي‌ءَ ختم ٿي ويندا هئا، ۽ سڄي‌ءَ آن وادي‌ءَ ۾ رڳو ٻُٽ وڃي رهندا هئا جيڪي مال چري نہ سگهندو هو، تڏهن نواب عاليجاهہ جي پنچري پري، عام‌ڪٿيار ڪان پاسِ ونڊي‌۽ مال کي پهلي ۾ ڏيندا هئاسين.

ڏيسيون تائين، اسان مان هر ڪو، مال ٽوڙي ماڻهو، پڪي پڪن ۽ جيت ڄڻيا سپ، سڄ جي پهر ڀان آس ۽ پنهنجي گوٺ جي چٽل زمين جي مزن ماڻڻ ۾ مست رهندا هئاسين.

فلس برج جا ٻيا ڏنار به پاڻ سان به ٽي به ٽي سوئر به پهرائي ايندا هئا، جيڪي منجهند جي ٽپٽ ۾ واري‌ءَ کي ولهي، مرغي خانن

جي ڪڙڻ وانگر، هڪڙي جي مٿان آهُرجي ليٽي پوندا هئا، ۽ پنهنجا ڳاڙها وڏا ڪن، پنهنجن دوناڙن تي رکي سمهي رهندا هئا؛ ۽ جڏهن ڪو مٿن وڃي آجهڙندو هو تڏهن مس مس کي آڻيندا هئا. انهن جي ابتڙ اسان جون ڪريون هيون، سي ٽڪرين تي مٽي چڙهنديون ويندیون هيون، ۽ ويندي ويندي، ڪوهيرن ۾ گم ٿي ويندیون هيون؛ ۽ انهن جي موڙانڍ لاءِ ڏنارن کي پٽيانئن دوڙڻو پوندو هو، سٽيون هٽيون پوندپون هيون، ۽ ڪتا به پڇائڻا پوندا هئا؛ پر جيترو انهن جي پٽيان زورائيون هڪلون ڪبيون هيون، اوترو آهي لڇيون مٽي چڙهنديون ويندیون هيون!

پين ڳوٺن جا چوڪرا به آتي ايندا هئا ـــ هڪڙو پاڻ سان آتي انڊو گهوڙو آڻيندو هو، پيو هڪ ٽڪل ڳٽون آڻيندو هو ۽ گهٽا تم آئين ٿي اڪيلا ـــ رڳو پنهنجن ڇهڪن مان ٽڪائن ڪيڻ لاءِ، سينڊون وڃائڻ لاءِ، دوڙون پڇائڻ لاءِ؛ ۽ وڃهه وڻي، گجرن، موريٽن ۽ گوگڙن ڪيڻ لاءِ، جيڪي آتي، ساڃي ڪابي، وادي جي ڪيتن ۾ ٿيندا هئا؛ ۽ جيڪڏهن ڪو راکو يا پهريدار جهلي وڃندو هون، تم ڳچيءَ ۾ ڪانڊيرن جي لڙهي پارائي شهر ۾ وڻي ويندو هون. پر آن جي انهن جي پرواهه ڪانه هوندي هئي. جا ڳالهه سچ پچ ڪين ڏکيي لڳندي هئي، سا هيءَ هئي تم ٻئي يا ٽئين پيري جهلجڻ تي (سندن عمر پٽاندر) انهن کي، پڙيءَ جي ڏينهن، وچ چوڪ تي، شاهي دروازي هيٺان بيهاري ڦٽڪا هڻيان ويندا هئا، ۽ آن موقعي تي عام جلاد، پنهنجين ڏڳي جي ٽٽيرين جهڙين ٽلهين هانهن سان، انهن جي منهن تي ڪارنهن ملينڊو ۽ پوءِ، جيڪڏهن اڳ به ڏوهه ڪيل هوندن تم ڪين جيل ۾ وڻي ويندا هئا.

ڪيترا پيرا جڏهن آڳ دولتمند ماڻهن کي انقلاب خلاف ورڙيون ڪندي پڏندو آهيان ۽ تڏهن مون کي انهن مان ڪن جي ڏاڏي يا ڏاڏو ياد ايندا آهن جن کي انهن سندن "اڳين سڻن وقتن" ۾ ائين ڦٽڪا لڳا هئا. ۽ پوءِ ڪيڏو به پاڻ روڪيندو آهيان، پر مون کان پاڻمرادو ڪيل نڪري ويندي آهي. سچ پچ، هن دنيا ۾ ماڻهوءَ کي ڪهڙين نم عجيب شين سان پٽاؤ پوي ٿو!

بهرحال، مون کي به ضرور چوڻو پوي ٿو، آڳ ۾ آنهن ڏينهن کي گهٽي ۾ آڪير سان ياد ڪندو آهيان ـــ سرڪاري جلادن، عام مختيارن، ڪيپوچن فقهرن ۽ وياج خورن لاءِ نه، پر انهي ۾ لاءِ جو آڳ تن ڏينهين ننڍيو هوس، جوان هوس، ڇو ته آنهن ڏينهن ۾، ٿوٽي جو اسان جا آهي آقا ۽ سردار ڪنهن ڪم جا ڪونه هئا، ڪوٽو ' ليارڊ ' به نه لهندا هئا، پر ڪم از ڪم آسمان عمدو هو، سيني کي ڀائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن منهنجو وڏو ڀاءُ نڪولس، ڪلاڊ، ليزبيٽ ۽ مٿورين سان گڏ، ايندو هو ۽ مون کان منهنجي ٽيلهي قري وڃندو هو؛ جنهن تان مون کي روئڻ اچي ويندو هو. پر چاڪاڻ ته، جي هو منهنجو سپ ڪٽي وڃن ها، ته استاد جين آنهي ۾ ئي رات لابراقس ۾ پڪڙي وڃن ها. ان ڪري هنن کي ساڃهه ايندي هئي، ۽ مون لاءِ منهنجو حصو ڇڏي ڏيندا هئا، ۽ مون کي چوندا ويندا هئا: "تون اسان جو ' وڏو ' آهين!"

اڳتي هلي، نڪولس، هر ويڑهه ۾، منهنجو پاسو وڃي ٻهندو هو. آن وقت، هاننسين، ليزل بترج، ڪوارٽرواينٽ ۽ لابَراقس گوڻن جا ڏراڙ پٽرن ۽ سؤنٽن سان ٻاڻ ۾ ويڑهيون ڪندا هئا؛ ۽ اسان جو سدا سلوڪ نڪولس، پنهنجي ٽڪنڊائين ۾ ٽوپڑي ۾ سان، جيڪا هو ڪياڙي ۾ جي پاسي لاڙي ڇڏيندو هو، ۽ پُراڻي قائل فوجي ڪوٽ سان (جنهن جا ستڙن تائين ٻيڙا پاتل هوندا هئس)، هٿ ۾ هڪڙو مضبوط سؤنٽو ڪڍي، اگهاڙين پيرين ڊوڙندو، اسان لابراقسين جو ليڊر ٻڌو، ائين هلندو هو ڄڻ سچ پچ وحشين جي ڪنهن ٽولي جو سردار هجي، ۽ ايڏي غروز سان رڙ ڪري چوندو هو: "ايهن آوانت!" (اگيتي وڏو!)، جو سڀ پنڌ تي سندس آهو حڪم ٻڌو هو.

آڳ هُن کي پيار ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهيس، ڇو ته هر ٻيءَ گهڙيءَ هُن چئو ٿي: "خبردار! ڪنهن مڇيل کي هٿ به لاٽو آهي؛ آنهي ۾ کي ٻاڻ تان آسرو لاهي ڇڏڻ ڪهي!"

پر هو منهنجا بصر ڪٽي ويندو هو، ۽ ان تي مون کي گهٽي ڪاوڙ وٺندي هئي.

ڪي ڇوڪرا ۽ جيڪا حرڪت ڪندا، هڪا سا هيءَ هئي تہ هو پٿنجون ڪريون پاڻ ۾ ويڙهائيندا هئا؛ ۽ جيئن آهي زور سان هڪٻئي سان ڏهو ڏهم ٽينڊايون هوون تڏهن آنهن جو اڳ مٿي هوا ۾ آڻي ويندو هو ۽ پوءِ پٿنجي پٿنجي پولهم پر اچي ٻهندڙيون هيون، جنهن تي ٻڪولس ٿڪ ڏيئي چوندو هو:

"ڏسو! وڏي 'رچن' ۽ جي ڪي ڪرائي! او، نہ، هاڻي وري 'رڪسن' ٿي رچن کي ڪيرائي! شاباس، شاباس!"

ڪڏهن ڪڏهن آن ويڙهه ۾ ڪرين جون ٽنگون ٽڪري پونديون هيون يا وڙهندي ڪنهن جو هٿ اڏ سڳ ويڙهه جي ميدان ۾ ٽٽي اچي پٽ پوندو هو!

شام ڌاري، آڳ وڏيءَ ڇپ جي ٻوٽ ۾، آن جي چانوَ جي پاسي، ويهي ڏهندو هوس، ۽ سانجهيءَ جي وڏ ڏڙ ميرانجهه ڪي ايندي ڏسندو هوس، ۽ ويڻو هوا جا سوسات ٻڌندو هوس، ۽ ان ويل پري کان وهندڙ نهر جا ڏيڏر پٿنجي پٿنجي راڳ ۾ مست ٿي ويندا هئا!

پر نيٺ گهر ڏانهن موٽڻ جو وقت اچي ويندو هو. ٻڪولس پٿنجو 'سڳ' وڃائيندو هو، ۽ جيئن آن جا پڙاڏا ٽڪرين ۾ ڦهلبا هئا، تيئن اسان جو مال ۾ هٻتان هتان کان اچي ڳڏ ٿيندو هو ۽ پوءِ قطارجي ۽ ڏوڙ جو ڪر اڏائيندو، لاپراقس ڏانهن واپس ٿيندو هو. آڳ پٿنجا ڏور هڪلي وڙي ۾ ڪندو هوس، ۽ پوءِ آنهن جي آهرن ۾ گاهم وجهندو هوس، جنهن کان پوءِ ويندو هوس ۽ وڃي استاد جين ۽ وڏيءَ مائيءَ ڪيڙين، ۽ ٻڪولي عسان ڳڏ ماني کائيندو هوس. پوءِ جيڪڏهن اونهارو هوندو هو، تہ ڏهين بجي تائين دکن ۾ رڌ ڙ هلائيندو هوس. ۽ پوءِ ائين 'ڏينهن' جي ڪم تان لهي، موڻي پٿنجي گهر ويندو هوس ۽ آباڻيءَ جهوپڙيءَ ۾ سمهي پوندو هوس، جيڪا ڪوڪ جي بلڪل ٻڌي ڇڙي تي هوندي هئي.

(۳)

ائين سون پٿنجي ٻيلي جا ٻہ سال گذاريا. منهنجون پيرون ۽ پائر پنندا رهيا، ۽ آڳ پٿنجي دين جي ٻيءَ جي چاڪريءَ ۾ جتيو رهيس.

۽ پوءِ جڏهن آڏ ڏهن سالن جو ٿيس، منهنجي دل ۾ ڪنهن هنر سکڻ ۽ آڻهيءَ سان پنهنجي پيٽ قوت ڪمائڻ جو خيال اڳي کان اڳرو آڏريو؛ ۽ جيئن ئي استاد جين منهنجي من جي انهيءَ تانگهه کي پروڙيو، تيئن مون کي هُن وڏيڪ وقت" پنهنجي دڪَڻ ۾ رکڻ شروع ڪيو.

اڄ به جڏهن منهنجي دل ۾ اُن وقت جو خيال اچي ٿو، تہ منهنجي ڪنن ۾ هن جو آواز ٻُري ٿو: "همت ڪر، مڇيل! همت ڪر!"

هو هڪ متارو مڙس هو. گلن وڻان وڏي گهاڻي ڏاڙهي هيس. مٿي جا ڏگها وار هئس جن کي هو ڪياڙيءَ وٽ وڏي شان سان سُڇائين نموني ٻڌي ڇڏيندو هو، ۽ مڇون ايتريون گهاڻيون ۽ وڏيون هيس، جو آنهن کي وٽي پويان ڪنن جي ورائي، ٻڌي سگهيو ٿي؛ آنهن ڏينهن ۾ آهڙيون مڇون ۽ آهڙو مٿي جي وارن جو نمونو گهوڙي‌سوار فوج جا نعلبند رکندا هئا. منهنجو خيال آهي تہ منهنجو ڏين جو پيءُ آهي رکندو ئي انهيءَ لاءِ هو تہ آنهن جهڙو لڳي. ساڳيءَ طرح هن جون وڏيون پوريون اکيون، اڪَ" ماسائون، ۽ گل" گول هئا، ۽ هو اڪثر ڏاڏيان ڪيلندو هو، ۽ وڏا ٿهڪ ڏيئي ڪيلندو هو. سياري جي ڏينهن ۾ به هو دڪَڻ ۾ آگهاڙين پانهن سان بيٺو هوندو هو، رگو چمڙي جي پيش‌داسني ڪاڏيءَ سوڏي چڙهيل هوندي هيس.

وقت بوقت، ڪم بند ڪري، هو بيهي، پنهنجي ساڻي ڪاريگر، وئلنٽائين، سان سوال جواب ڪندو هو ـــ وئلنٽائين، جيڪو هڪ ستَنهون، ڏگهيري قد، گولائينءَ پٽ وارو، ڪيلٽو شخص هو، جنهن لاءِ هيٺ هين دنيا ۾ سيڪجهه ٺيڪ ٺاڪ هو، پوءِ اُن ۾ امير هئا تہ چا، پادري هئا تہ چا، مالڪ هئا يا نوڪر هئا يا پيو جيڪي ڪجهه به هو، اُن‌سڀ کي هو خداوند قدوس جي مرضيَ" ڄاڻندو هو.

"پر اڙي جانورَ،" استاد جين" رڙ ڪري هن کي چوندو هو، "جيڪڏهن هن دنيا ۾ اهي سڀ آزارَ نہ هجن ها تہ تون گهٽو اڳي مون وانگر استاد ٿيو پيو هلين ها، تنهنجو روزگار ڪشادو هجي ها، ۽ ڏاڍي وڏي سک سلامتيءَ سان تنهنجي زندگي پئي گذري ها!"

"پرواھ نہ آھي"، وئلنٽائين جواب ڏيندو ھو. "جيڪي توکي وڻي ٿو، اُن جو تون سوچ. منھنجي گاله هيءَ آهي ته آءٌ پاڻ دين جي پاسي آهيان، ۽ اسين ۽ بادشاھ سلامت جي پاسي آهيان. آهي خدا جي رڪيل نظام جا پاوا آهن."

اُن تي استاد جين ؒ پنھنجا ڪلها ساھيندو ھو، ۽ چوندو ھوس:

"چڱو! توکي جي اِھو سڀ وڻي ٿو، تہ سون کي بہ وڻي ٿو. ھاڻي، وٺ تہ ڪم کي وڃون!"

۽ پوءِ سنداڻ تي ھنن جا مطرقن تي مطرتا وري شروع ٿي ويندا ھُئا.

سون کي زندگيءَ ۾ وئلنٽائين کان وڌيڪ جانب ؒ ماڻھو نہ ڳڌيو آهي ـــ توڙي جو ھن جو ستو ڳُرھاڙيءَ جيئن تراکڙو ٿي ھو ۽ اُھڙو ئي ميٽو بہ ھو، ۽ آچارينڈو ويچارينڈو بہ ھُو ٻنھ سدا خوش ۽ آڻ ـ سوراٽتي ھنس پکيءَ جيان ھو. اِھا ھن جي خطا ڪانہ ھئي، ۽ ڪو بہ اُن لاءِ ھن کي ڏوھہ نہ ڏيندو ھو. وڏي مائي، ڪٽرين، بھرحال، اُھو ئي ڪجھہ سوچيندي ھئي جيڪو سندس مڙس سوچيندو ھو، ۽ نيڪولي وري اِئين سوچيندي ھئي جيئن مائي وڏي، ڪٽرين، سوچيندي ھئي!

ڪلال خاني ۾ ھر شيءِ ٺيڪ ٺاڪ اڳيتي وڌندي ٿي رھي. استاد جين ؒ ھر سال سڻي آپت ڪٽندو ھو، ۽ جڏھن بہ لابراقس ڳوٺ لاءِ بيگرين، ٽئڪسن ۽ ٻين اُگاڑين لاءِ ڪا ترتيب بندي ٿيندي ھئي تہ عمارتي ڪاٺ جي واپاريءَ، ڪوچات، ۽ وڏي ڪوچ ـ سازَ، ليٿوميئر، سان ڪڌ ھو بہ اُن لاءِ نامزد ٿيندو ھو ـــ اُنھن ٻنھي جي سال ۾ ڪمائي ٻن ڪان ٽن سَوَن ليبرن تائين ھوندي ھئي. اوھان کي اِھا بہ خبر ھئڻ کپي تہ، اُنھن ڏينھن ۾ آلسڪ کان بار بردارن، گاڏين، ۽ فٽلس برج جي مارڪيٽ لاءِ بقال ؒ آٽيندڙن جو ٽن طرفن کان ايندڙ رستو، زورن وادي ءَ مان ٿيندو، لابُراقس منجھان لنگھندو ھو، ۽ اُنھن پاسن کان ھر ڪوئي، ايندي يا ويندي، استاد جين جي ڪلال خاني

۽ ضرور اڇي داڍو ڪندو هو ــــ ۽ انهيءَ ڪري اُن جو نالو ئي "ٽم ــ ڪبوترائون" ڪلال خانو پئجي ويو هو.

استاد جينَ جو دڪڻ ۽ ڪلال خانو پيئي انهيءَ ڪري ڏاڍا سٺا هلندا رهندا هئا، جو تم ڪنهن گهوڙي جي نعل بندي يا گاڏيءَ جي مرمت ڪرائڻي هئي، تم ڪوچوان کي، بهرحال، لابراقس مان ئي اُهي ڪم راس ڪرائڻا ٿي پيا، ۽ جيسين دڪڻ ۾ اُهي ڪم سرانجام ٿين ئي ٿين، تيسين ڪلال خاني ۾ ويهي، پيالو شراب جو نوش ڪري، آسپاس جو جائزو وٺي، ماني ٽڪي کائي، هو آرام ۾ ڪري سگهو ٿي ۽ پنهنجن اُنهن ڪمن تي نظر ۾ رکي سگهو ٿي.

فصلن جي منڊي، خاص ڪري لابارن جي منڊي، هر روز ڪلال خاني جي اندر، وڏي صفحي ۾ ماڻهن جو انبوهه ائين وينو ئي هوندو هو. ٽولن پٽيان ٽولا ــــ هو ڏلهن، ٽوڪرن، خرزينن ۽ گاڏن سان پيا لڏيا ايندا هئا ۽ ويندا هئا؛ ۽ خاص طرح پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽندي، اُهي ماڻهو ڪي ۾ ڏيڪ وڌيڪ ۾ پي ويهندا هئا، سو گالهين ۾ رڪ رڪاءُ ڪجهه گهٽ ڪندا هئا. انهيءَ ڪري اسين انهن جي واتان اڻ ڪٽندڙ داستان شڪايتن جا ٻڌندا رهندا هئاسين. خاص طرح، زالون تم بس ڪرڻ واريون نه هيون، هو اميرن، وياج خورن ۽ عام مختيار لاءِ اُهي لفظ استعمال ڪنديون هيون، جن جا اهي واقعي لائق هئا؛ اُهي اُهي انهن جي ڪنورتا ۽ ڪميٽپ جا قصا ڪٽي ويهنديون هيون، جن جي ٻڌندي ماڻهوءَ کان دانهن نڪرڻي ويندي هئي. ۽ جڏهن سندن مڙس ڪين ٽورو سوچي گالهائڻ لاءِ چوندا هئا، تم هو انهن کي ۾ اُهي ست سريون ٻڌائيندڙيون هيون، جيئن ڪڏهن ڪڏهن گهوڙن ۽ ڏڳن کي ٻڌائيندڙيون آهن.

خاص طرح آلسڪ جي تاجرن کي چونگين جي شڪايت هوندي هئي، چاڪاڻ تم چونگين ۾ اُنهن جو سچو نفعو ڪاڇي ويندو هو. جيڪي آلسڪ کان لورين ۾ داخل ٿيندا هئا، انهن سيني کي هڪ ڀيرو اُتي ۾ اُهي چونگيون ڏيڻيون پوندڙيون هيون. ويچارا يهودي، جن کي تم هر روڪ وٽ "سيرَ ــ چڏاڻي" ڏيڻي پوندي هئي ــــ هيترو يهوديءَ لاءِ،

۽ هيترو هن جي گڏهه لاءِ ـــ آهي تہ شڪايت ڪرڻ جي همت ئي نہ ڪندا هئا. پر ٻيا ماڻهو تہ ايترا هيٺ ۽ اُٺ گهالهائڻا ٻہ ڪونہ هئا.

عام شڪايت ۽ غصي جي انهن گهالهين جي وچ ۾ رکي رکي، هڪ نہ ٻيو شخص اُٿي بيهندو هو ۽ عام اعلان ڪرڻ جي رنگ ۾ اچي، سيني جو پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائي، چوندو هو:

"هائو، اهو سچ آهي تہ اسان کي نپوڙي اسان جو ساهہ ڪڍيو ٿو وڃي. هنن جا 'حق' ٻہ هر روز وڌندا ٿا وڃن. پر ٻوءِ، اوهين ڪري ٻہ ڇا ٿا سگهو؟ هاري هاري آهن ۽ نواب نواب آهن. جيتري تائين هيءَ دنيا قائم رهڻي آهي، تيتري تائين آهي چوڻيءَ تي رهندا ۽ اسين هميشہ تري ۾ هونداسين. خدا وري ٻہ وڏو آهي. سڀ ڪم ان تي رکو! پر سڀ کان ڦهرين هيءَ گهالهہ، امڙ ڪٽڻرين! اسان کي تہ 'ڪبوترائين' جي ادائگي ٻہ ڪرڻي آهي! هيءَ اوهان جي رقم .... هاڻي وري جيئرن جا ميڙا!"

۽ ٻوءِ هن سان سچي هن جي سنگت، اُنهيءَ ئي گهوڙيءَ روائي ٽيڻ لاءِ اُٿي بيهندي، اِتي سندن هڪڙي ڪا پوڙهي مائي، بيهي، سيني لاءِ موت جي سولي سفر لاءِ دعا گهرندي، ۽ ٻيون ساڻن گڏ سڀ مايون اُن سان دعا ۾ شامل ٿي، آخر ۾ پاڻ ئي مقدس صليب جو نشان ڏاهيندي يون! ۽ سندن مرد ڪنڊ هيٺ ڪيو، انهن جي پوئتان اُٿي الهہ توهار ڪندا.

اُنهن ڏينهن ڪان ٻوءِ، اڄ تائين، موت کي اهو ٻئي خيال آيو آهي تہ هن قسم جي دعائن اچارڻ ۽ انهن جي پوئتان گڏجي 'آمين!' چوڻ سان هي نيڪ دل ماڻهو گهالهين کي سمجهڻ جي تڪليف کان ڇٽا ٻيا هئا، ۽ ائين آسوده دل ٿيو پئي هليا. پنهنجي مدد ڪرڻ جو خيال، ۽ لوڻ ٽئڪس وصول ڪندڙن کان، چونگين اڳاڙيندڙن کان، ۽ عام مختيارن، نوابن عاليجاهن ۽ مڙهين ۽ خانقاهن کان پاڻ ڇڏائڻ جو خوف ـــ انهن گهالهين کان هو ڏنا ٿي، ۽ محصولن جون سڀ رقمون پنهنجن ڪيسن ۾ پاڻ وٽ رکڻ ۽ اُهي ڏهيون پٽون ۽ ويهيون پٽون ۽ ٻيا پرٽا، تن سيني کان آجي ٽيڻ جو خيال ـــ آءٌ چوان ٿو، اڃان انهن کي اهو

خيال آيو ئي ڪوڙ هو. اڄ تائين انهن جو اعتبار رکيو هڪ نيڪ خداوند ــ تبارڪ ۽ تعالي ــ ۾ هو.

بهرحال، هي هل هنگامو، هي جوش، هي بي آرامي، ۽ يهودين، گاڏيئرن، ۽ هارين جون وڏي صفحي ۾ گڏجاڻيون، هي مال ۽ سامان جي اڳهن پارن ۽ ڪٽڪ، جوڙن ۽ بين جنسن جي فصلن بابت بحث ۽ تڪرار، ۽ پڻ سندن منهن جا لاهاچاڑها ۽ ايندڙ ويندڙ رنگ، جڏهن هنن ڪنهن سودي تي هٿ ٽي ملايا، يا رسمي طور ڪنهن وڪري ڪي ڏني ڪرڻ تي شراب ڀريل پيالن جو سندن ٽڪرائڻ ــ هن سڄي سندن اٺ ويهڻ، هنن سيني انهن جي گالهين مقالن مون کي ماٺهن ۽ شين پنهي کي چاٽڻ ۽ سمجهڻ جي سکيا ڏني ۽ ان جي پرائڻ جو وجهه ڏنو. سمجهو ڪنهن چوڪري لاءِ ان کان بهتر ٻي ڪنهن اسڪول بابت ڪو سوچي ئي نٿي سگهيو، ۽ هيستائين جيڪڏهن آڳ ڪا دنيائي مال ملڪيت پاڻ لاءِ گڏ ڪري سگهيو آهيان، تم انهيءَ ڪري، جو آڳ اناج، مال، ۽ زمين جي اڳهه پاڙ کان واقف هوس، پوڙهي يهوديءَ شموئل ۽ هاربرگ جي بزرگ، ميتياس فسشر، اهي مون کي اتي سيکاريا هئا؛ سڀ پڇ تم انهن ۽ اهڙين بين وٽن جي ملهه تي، پنهي انهن کي اڪثر مون وڏيءَ چڪتاڻ ۽ چڏ چوٽ جي تڪرار ۾ رڌل ڏٺو هو!

انهيءَ ڪري، اوهين اعتبار ڪريو تم آڳ جيئن صراحيون ۽ پيالا ڪنيو هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ پهو ايندو ويندو هوس، تم سڄو وقت پنهنجون جوان اکيون ڪليل ۽ پنهنجا ڪن ڪڙا ڪندو هوس.

پر سڀ کان وڌيڪ جا گالهه مون کي وڻندي هئي، سا هئي رات جي مانيءَ ڪائڻ کان پوءِ، ميز تي استاد جين جيڪا ڪ گزيٽ، اسان جي آڏو ڏاڍيان پڙهند و هو، اها ويهي ڪن ڏيئي ٻڌڻ!

اڄ تم گوٽ جي ڪنديءَ کان ڪنديءَ ڪلال خاني ۾ ٻم هڪ پنهنجي اخبار اچي ٿي. درياءَ جي شيشي تي لڳل پني جي هڪ پاسائين اخبار اڄ ڪا معنيٰ ڪانه ٿي رکي. هر ماٺهو اڄ ملڪ جي گالهين کي چاٽڻ چاهي ٿو، ۽ ان لاءِ پنهنجي پسند جي خاص اخبار گهٽ ۾

گهٽ هفتي ۾ ٻه يا ٽي ڏينهن تہ ضرور هو پڙهڻ گهرندو ـ رڳو ڪنهن گڏهم جيئن جيئڻ ۽ دنيا ۾ ڇا وهي واپري ٿو، ان ڏانهن ڪو ڏيان نہ ڏيڻ، اها هن کي وڏي هڪ شرم جي ڳالهہ محسوس ٿيندي. پر ۱۶۸۹ع کان اڳ جا ماڻهو جن لاءِ سچ تہ ڪابہ شيءِ دلچسپيءَ جو باعث نہ هئي، ۽ انهيءَ ڪري هو رڳو ان لاءِ جيئرا هئا تہ بادشاهہ جيڪو هوجهہ سندن پٺيءَ تي رکي، آهوئي هو ڏيئندا رهن؛ انهن مان ڪو هڪ اڏ ئي اهڙو هو، جنهن کي الف ـ ب جو پهريون اکر بہ آيو ٿي؛ تنهن کان سواءِ اخبارون تمام مهانگيون هيون، ۽ استاد جن جي بہ جيڪڏهن رڳو پنهنجي خوشيءَ جي ڳالهہ هجي ها، تہ بہ، ٽوٽي جو هو ڪافي هوندو وارو هو، اخبار جي وٺڻ تي ايترو خرچ ڪونہ ڪري ها.

خوش نصيبيءَ سان، انهن ڏينهن ۾، اسان جي ڳوٺ جو گهورڙيو، فادر شاويل، جيڪو قد جو لانبرو هو، پر ڏاڍو چست ۽ اورچ ماڻهو هو، جڏهن بہ آلسڪ، لورين يا پالٽينيٽ رياست جي پاسن کان ڦرندو، پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽندو هو، تہ اخبارن جو هڪڙو پڪيٽ اسان لاءِ ڪنهو ايندو هو.

اهڙيءَ طرح، اسان وٽ انقلاب کان اڳ هيءَ ئي آها هڪ ڄاتل سڃاتل صورت هوندي هئي، جا اڄ اسان جي وچ مان گم ٿي ويل آهي ـــ ڪتابن جي 'گهورڙئي' جي صورت، جيڪو جنترين، دعائن، ٻيهي مريم جي گيتن، دين جي سوالن جوابن ۽ الف ـ بي جي ۽ ٻين اهڙن ڪتابن سان چوٽيائين پريل وڏي، لڪڙ جي جڙيل ٽوڪري پٺيءَ تي ڪنهو، استراس برج کان، 'ميدز' شهر تائين، ۽ ٽريويز کان نئنسيءَ، پانٽ موسن، ٽائول ۽ وردون تائين ٻهو هلندو هو ـــ جيڪو هر رستي تي، گهاٽن ٻيلن مان يا ڪيتن جي سينهن تي، خانقاهن ۽ ديولن ۾ ۽ ڳوٺن جي چونڪن تي، پٺي ٻڌي ڪري، ڪلهن تان ڇڏي جا پٽا وراڻيو ۽ اڪثر قد بت کان وڏي ٽوڪري ڀڻن تي لڏيو، ويندي ٻهو ڏسبو هو، جيتوڻيڪ هو ديني ڪتاب وڪڻندو هو، پر ڪيترا نہ منع ٿيل ڪتاب، روسهي جا، والٽيئر جا، رينال ۽ هيلويٽس ۽ ٻين جا لڪ چوريءَ هن جي هٿان ٻيا هلندا هئا!

هائو، اسان وٽ، آلسڪ ۽ لورين ۾، فادر شاويل اڻڙوهڪ بهترين ۽ وڏيءَ همت وارو، اٽڪل گهورڙيو هو. هو ڪجهه خشڪ، ناسي رنگت جو، چرڪندڙ ۽ پنهنجا چپ بند رکندڙ شخص هو. اڻين لڳندو هو تہ هن جي پٺيءَ تي ڪنهل ٽوڪري هن جي ڪٽ ڪان ڳري هئي، پر تہ بہ مڙسيءَ سان ڪنيو پيو ويندو هو. پنهنجين ڪارين اکين سان اوهان کي ڏسندو تہ پائيندا تہ اوهان جي اندر کي هُن ڏسي ورتو آهي. هڪ پيرو اوهان ۾ نهارڻ سان ٻڌائي سگهندو تہ اوهين ڇا آهيو، اوهان کي ڪنهن شيءِ جي گهرج آهي يا نہ، اوهين سرڪاري عملدار يا ڪ خفيہ پوليس وارا تہ نہ هئا؛ ڇا، ڪيس اوهان ڪان پڇي پاسو ڪرڻ ڪيو؛ يا اوهين اهڙا آهيو جو هو اوهان کي پنهنجو ڪو ڪتاب ڏيکاري سگهي! اهي سڀ گاالهيون هُن لاءِ ضروري بہ هيون، ڇو تہ منع ٿيل ڪنهن سامان سان پڪڙجي ويڻ جي معنيٰ هئي سڌو قاسيءَ تي ٽنگجڻ!

هر ڀوري، سفر ڪان پوءِ، جڏهن هو گهر پهچندو هو، تڏهن هو اسان وٽ ايندو هو ـــ رات جي وقت جڏهن ڪلال‌خانو خالي هوندو هو، ۽ سڄي ڳوٺ ۾ سانت هوندي هئي. اُنهن موقعن تي، هُن جي ننڍڙي ڌيءُ، مارگريٽ، بہ ساڻ هوندي هُيس، جيڪا هونئن بہ هن کي ڪٽي رستي تي اڪيلو ڪاڻ ڇڏيندي هئي؛ ۽ هيڏانهن اسين جڏهن بہ گهٽيءَ ۾ سندن پيرن جي آهٽ ٻڌندا هئاسين، تہ چوندا هئاسين:

"اهو شاويل آيو. هاڻي ضرور ڪي خبرون ٻڌنداسين."

پوءِ نيڪولي ڊوڙي وڃي دروازو کوليندي هئي، ۽ شاويل، هڪ هٿ ۾ پنهنجي ننڍڙيءَ کي جهلندي، ٻورڙيءَ ڪنڊ ڏُوڻ سان، اندر داخل ٿيندو. اها منهنجي يادگيري پنجهتر سال پوئتي جي آهي، پر اڄ بہ هُن کي آءٌ مارگريٽ سان گڏ اندر ايندي ڏسان پيو ـــ هوءَ ننڍڙي ڇوڪري، سندسءَ جي داڻي جهڙي سانورڙي سلوٽي، ڪيري سوٽي فراڪ، پاتل، جنهن جي جهالر هن جي پيرن تائين ٽي پيئي، ۽ هن جا ڪلها هُن جي گهاڻن ڪارن وارن سان ڍڪيل هوندا هئا.

شاويل اخبارن جو پئڪيٽ نڪوليءَ کي ڏيندو هو، ۽ چلهه جي ٻئي پاسي پنهنجي ننڍڙيءَ کي پنهنجي گوڏن جي وچ ۾ ڪري

ويهي رهندو هو. استاد جين خوشيءَ ۾ پرجي، هن ڏانهن منهن ڪري، قربائتي آواز ۾ چوندو هو:

"پلي آيا! پلي آيا! چئبو تہ خير آهن. شاويل، ڪيئن؟"

"هائو، استاد جين" نندڙو ماڻهو جواب ڏيندو، "خير ئي آهن. ماڻهو ڏاڍا ڪتاب وٺن ٿا. دنيا پاڻ پيئي پڙهي ۽ سکي. هائو، هائو!"

هن جيئن ٿي گالهايو، مارگريٽ چتائي هن جو اکر اکر پئي جهڻيو. بلڪل ائين ٿي لڳو تہ هر لفظ، جو سندس پيءُ اچاريو ٿي، سو هن خوب پئي سمجهيو.

هي پيئي، پيءُ ۽ ڏيءُ، ڪال ون جا پوئلڳ هئا ــــ روشيل شهر جا ويڙل، پروٽيسٽنٽ مبلغ، حضرت ڪال ون جا پوئلڳ ــــ جيڪي آتان شهر بدر ڪيل هئا، ۽ پوءِ لگزيمبرگ ڀوڳ ڪان ٿيندا، گذريل ڏهن يارهن سالن ڪان لابراقس ۾ اچي ويٺا هئا. هتي رهڻ جو هنن لاءِ سچ پچ تہ ڇڻ ڪو گهر ئي ڪونہ هو ــــ سندن پراڻي جاءِ تہ اڪثر بند پيئي هوندي هئي؛ ۽ جيتوڻيڪ موٽي اچڻ وقت هو آها ڪوليندا هئا، پر پنج ڇهہ ڏينهن جهڙا تهڙا آتي بسمرو ڪري، وري هو پنهنجي ڪم سان هليا ويندا هئا. سيئي هنن کي ملڪ سمجهندا هئا. بلڪ گورَ جهنگلي؛ پر تہ بہ ملڪ ۽ ماڻهن متعلق فادر شاويل جي ڄاڻ سچاڻ ملڪ جي سڀني بيشمار رولَ مسيحي ڪيڏوهن ۽ ٻين پينَن کان وڌيڪ ئي هوندي هئي.

هن نندڙي ماڻهوءَ سان استاد جين جو ڏاڍو قرب هو. ٻنهي جي وچ ۾ گالهين جي پڇرجهہ پروڙ جي ڇڻ ڪا گهٽ ٻڌل هئي.

ميز تي اخبارن جي پڪيٽ کولي، ۽ گهڙي کن آنهن کي ڏسڻ ڪان پوءِ، استاد جين چوندو هو:

"هيءَ هالنڊ جي آخري شهر مان آئي آهي، ۽ هيءُ ڪليوز مان ۽ هيءَ ائمسٽرڊام مان! پوءِ تہ هيءَ واهہ جي گالهہ ٿي! اصل وڃي ٿيا خيرَ! نڪولي! منهنجي عينڪ تہ ڪٿي آ! اها هوڏانهن دريءَ جي جاري تي پئي آٿيئي"

ائين ڪجهه ڳڙيون پاڻ ونڊرائڻ ڪان پوءِ، استاد جين ڏاڍيان پڙهڻ شروع ڪندو، ۽ پوءِ آءٌ، ساهم جهليو، ڪنڌ ۾ وينو پڌندو هوس. پي هر ڳالهه مون ڪان وسري ويندي هئي — ساري جي رات ۽ ديرسان گهر پهچڻ جي اون به، جڏهن سڄو ڳوٺ برف ۾ ڍڪيل هوندو هو، ۽ جميل رائين ندي آڪري بگهڙ اورئين پار پيا نوسيندا هئا.

رات جي ماني ڪائي يڪدم مون لاءِ پنهنجي گهر وڃڻ ضروري هو، ڇو ته منهنجو پيءُ مون لاءِ پيو جاڳندو هو؛ پر تُرڪيءَ، آمريڪا ۽ دنيا جي سڀني ملڪن جي خبرن پڌڻ لاءِ منهنجي مَٽ جي تانگهه مون کي آتان اڻڻ ٻي ڪا نه ڏيندي هئي، ۽ آءٌ آتي ڏهين ڀڄي ڪان ۾ ديرتائين ڪٽتو وينڌر هوندو هوس. اڄ به آءٌ آتي ڇوڪري گهڙيال جي ڪاپي پاسي پنهنجيءَ ڪنڌ ۾ پاڻ کي وينڊل ڏسان ٿو — اڪڙوٽ جي ڪاٺ جو ڪبٽ ۽ استاد جين جي سمهڻ واريءَ ڪوٺيءَ جو در منهنجي ساڄي پاسي ڪان، ۽ ڪلالخاني جي وڏي ميز، ٻن بند درين جي هيٺان، منهنجي سامهون پيئي آهي! استاد جين، جيئن آءٌ پڌايان پيو، ڏاڍيان پيو پڙهندو هو، ۽ امڙ ڪٽرين — ڪجهه پوڙهي ٿي ويئي هئي، ڪنن تائين پنهنجي اڇي اوني ٽوپي ڏيکيو، غور سان وينڊي پڌندي هئي؛ ۽ ويچاري پورهيت نيڪولي، پنهنجو زالائو ٻوپلو پنهنجيءَ ڪياڙيءَ ڏانهن ڪيو، ساڳيءَ طرح ڪن ڏيو وينڊي هوندي هئي! هن جو منهن هونئن ئي گجر جهڙن ڳاڙهو لڳندو هو، هزار ٽم آن ۾ گهنج هوندا هئس. سندس ڀرون به اڇا ٿي ويا هئا. هاڻو، اهو سيڪجهه آءٌ هاڻي به پنهنجي آڏو وينو ڏسان. آئٽن جي رُون رُون پيئي پوي، ۽ جهونو گهڙيال اڳتي ۽ اڳتي هلندو ٿو هلي. وقت وقت ڪان پوءِ آن مان چيڀٽ آسري ٿو ۽ ڪلاڪن جا ڏڪ ٻُرن ٿا، ۽ وري آن جي ٽِڪ ٽِڪ آهائي چالو ٿي وڃي ٿي. استاد جين پنهنجي آرامڪرسيءَ تي، پنهنجي نڪ تي لوهائين فريم جي عينڪ رکيو (جيئن منهنجي به هاڻي آهي!) — ۽ آن جي ٻنهي پاسي، مٿان ۽ هيٺان، هن جي سرخ ڪنن جو جوڙو ۽ ڳلن تان وري آيل هن جي عجيب ڏاڙهي — پيو

ڪنهن ۾ شيءِ ڏانهن هن جو ڌيان ڪونهي، سواءِ اُن هڪ گزيٽ جي جيڪا سندس انهيءَ ۾ن شيشن واريءَ عينڪ جي آڏو پيئي آهي! رُڳو ڪڏهن ڪڏهن، ڦاوچتو، اسان ڏانهن، ڪنڈ مٽي ڪري، عينڪ جي شيشن مان اکيون، هيٺ لاڙي چوي ٿو:"

"آها، آها! آمريڪا جي هيءَ خبر! جنرل واشنگٽن انگريزن کي پڇائي ڇڏيو! ٻڌين ٿو، شاويل، ٻڌين ٿو **اهو؟**"

"هائو، استاد جين!" گهورڻي جواب ڏنو. "انهن آمريڪين ٻي چارسال اڳ پنهنجي بغاوت شروع ڪئي هئي، ڇاڪاڻ ته محصولن ڏيڻ کان هنن انڪار ڪري ڇڏيو هو، جيڪي انگريز روز بروز مٿن چاڙهندا ٿي رهيا (جيئن **هينئن** اڄ ۾ اهي چڙهندا رهن ٿا!) ۽ هاڻي سندن حالتون ستڙيلديون پيون وڃن."

هڪ گهڙي، پوءِ، هو چپ ڪولڻ بنان، مشڪندو ٿو رهي، ۽ استاد جين، ڪجهه ڳالهه جو پار نه سمجهي، وري پنهنجي پڙهڻ ڪي لڳي ٿو وڃي.

ٻيءَ گهڙيءَ، گزيٽ ۾ وري بادشاهه، فريڊ ڪ ٻئي، جي هڪ مسئلي بابت خبر هئي — اُن ۾ر شيا جي چالاڪ لوءِ بابت، جنهن وري شڪار لاءِ پنهنجي ڪنهن 'سفر' تي نڪرڻ ٿي چاهيو.

"پوڙهو لغور!" استاد جين لفظن کي چٻاڙيندي چيو. اسان جي موسيو ڊي سوبيرز جي هٿيءَ ڪان سواءِ، هو ڪڏهن ۾ ايڏو ماس نه ڪري ها. اُنهي ڊي سوبيرز، وحشي ڪتي، اسان ڪان 'راسپاش' جو ٺڪرو ڪسايو."

"هائو،" شاويل جواب ڏنو: "۽ انهيءَ ڪري اسان جي شير دل، اعليٰ حضرت، بادشاهم سلامت، آللو اُن غدار کي پندرهن لک فرئنڪ پينشن ۾ ڏياري آهي!"

گهڙيءَ ۾ن لاءِ، ٻنهي جڻن هڪٻئي ڏانهن چپ چاپ ڏٺو. پوءِ استاد جين شروع ٿيو!

"پندرهن لک فرئنڪ اُن وطن دشمن، بزدل، جاهل، احمق کي؟ ۽ هوڏانهن ستورَن کان فتلس برج تائين واري وڏي رستي جي

مرمت لاءِ هڪ لياريد به ڪونہ ٿا ڪڍي سگهن ـــ جيتوڻيڪ هزارين هارين کي آلسڪ کان لورين تائين پهچڻ لاءِ هر روز ٽن ميلن جووڪڙ ڪرڻو پوي ٿو! ۽ ان وچ ۾ اناج، شراب ۽ گوشت جا ملهم رڳو آن وڪڙ جي وڏيڪ پنڊ سبب جيئن پوءِ تيئن چوٽ چڙهندا ٿا وڃن!"

"آهم! پر اميد به انهن مڪهڙي ٿي رکي سگهجي؟" ڪالون جي پوئلڳ چئي ڏنو. اهائي تہ آهي جنهن کي سياست ٿو چئجي. واقعي سياست بابت **اسين** ڪجهہ نٿا چاڻون، اسين رڳو پورهئي ۽ ڀُهڻ چاڻون ٿا، ۽ محصول پري ڏيڻ چاڻون ٿا. ۽ مالیات جو مامرو به رڳو بادشاهہ ۽ هن جا صلاحيي چاڻن ٿا."

جڏهن به استاد جين پنهنجي جوش ۾ لڙهي وڃي وارو هوندو هو، تہ امڙ ڪٽڙين يڪدم آڏي ٻيهندي هئي ۽ ڏوڙي گهٽي‌ءَ جي در وٽ ٻيهي، ڪنڌ ڏيئي، ٻڌندي هئي؛ جنهن تي منهنجو دين جو پيءُ پاڻ کي ڪجهہ ڏڏو ڪندو هو، چو تہ هن کي خبر هئي تہ **آن** جو چا مطلب ٿيي سگهيو. ۽ سچ پچ تہ ڏاڏي‌ءَ گهٽي‌ءَ خبرداري‌ءَ جي ضرورت هئي، چاڪاڻ تہ سينٽ جاتو ٿي تہ جاسوس هر هنڌ نوسيندا وتندا هئا. آهي ٻڌي وڻن ها ـــ جو ڪجهہ اسين آن مهل شهزادن، نوابن، سردارن ۽ وڏن پادرين لاءِ چئي رهيا هئاسين، تہ سڀ اسين وڏي ويل ۾ اچي وڃون ها.

شاويل ۽ هن جي نندڙي ڏي‌ءَ ڪجهہ سوير آڏي ويندا هئا؛ پر آءٌ پنهنجو پاڻ پچاڙي‌ءَ تائين آڏي ترسي ويهندو هوس، تان جو استاد جين گزيٽ پڙهي پڙهي نيٽ ويڙهي، پاسي ڪري رکندو هو؛ ۽ پوءِ اکيون مهٽي، مون ڏانهن ڏسي، ڪجهہ عجب ڏيکارينديِ چوندو هو:

"اي مچيل! **تون** هتي چا پموڪرين؟ چا، هي سڀ گالهيون **تون** سمجهين ٿو؟"

"ٻڌاءِ!" منهنجي جواب لاءِ ترسڻ کان سواءِ، هو وڏيڪ چوندو هو. "سياڻي، صبح جو سوير، پاڻ کي ڪم تي چڙهڻو آهي، سياڻي پڙي‌ءَ جو وارُ آهي، انهي‌ءَ ڪري بئي‌ءَ کي پوري وقت تي سڏڻ ڪپي. هلي تون وڃ، مچيل! ڊوڙ!"

اهڙيءَ ئي هڪ رات مون کي دل ۾ آيو تہ بگھڙ ڳوٺ ۾ اندر گھڙي اچن ٿا، انهيءَ ڪري گھر وڃڻ کان اڳ آڱ ٻوڙي رڌڻي ۾ ويس ۽ وڃي مشعل جلايم. اڳڻ ۾ ڪنڊن نيڙي بند دري اهڙي ڪاري هئي جھڙي مَسُ، ۽ آتر جي هوا باهر سوست پئي ڪيا، سڄي بت ۾ ڏکڻي وڻي ويم، پر باهر نڪرڻ لاءِ وڻي ستت ڏنيم، نڪوليءَ دروازو کوليو ۽ لُوهه ڏيئي باهر نڪتس.

اڃان باهر اوندهم ۾ گھڙيس ئي مس، ۽ وڏيءَ سفيد گھٽيءَ تي نظر پيم ۽ گاڏين جا آن ۾ گيها ڏنم، جي پراڻين برف سان ڍڪيل جھوپڙين جي وڃان اڳتي وڌندا ٿي ويا، ۽ هوا جا زوزت ٻڌم، ۽ رکي رکي بگھڙن کي ٻڌم جن ميدان ۾ اوناڙ ڪري هڪبئن کي پئي سڏيو، تہ بس، منهن واڇ ڪري، وڻي آڏاٽس، ۽ ائين آڏاٽس ڇڻ ساهم ٿي ويم، متي جا وار آيا ٿي ويم، ۽ برف ۽ ڪيچڙ جي ڍڳن تان ائين ٽپا ڏيندو ٿي پڳس جڏهن ڪوڙيئون پراڻيون چتيون، آنهن جي هيٺان باهرين پتين جون دريون جھڪي رڳو بند گڙ ڪائي هئا، ۽ بند ۾ ڪن جي مڇن سان هيون جن تي برف ڇانيل هئي، آنهن جا نيڙ ڏا در سيخن سان بند ڪيل ــ مطلب تہ منهنجي مشعل جي ڀھڪندڙ روشنيءَ ۾ سڀ شيون اوپريون ۽ پيانڪ ٿي لڳيون، جڏهن آها منهنجي آڏو مون سان گڏ اٿين ڊوڙندي پئي هلي جڏ سڄيءَ مات ۾ ان کوتارو هو، سو پڳو پئي ويو ــ هر شيءِ پٿر ٿيل، بيجان، سئل، هولناڪ. ٻوءِ ٻ، جيئن آڏ پڳو پئي ويس، گھٽين جي ساڄي ۽ کاهي ڏسندو پئي ويس، پاڇولا هئا سي آيا پئي ۽ ويا پئي، ۽ آن نظاري مون کي ايتري تہ ڊپ ۾ وڌهي ڇڏيو، جو پنهنجيءَ جھوپڙيءَ وٽ پهچڻ سان مون ڪڙي در تي ڪنهن هوش کان نڪتل ديواني جيان پاڻ ڇڏيو.

منهنجو غريب پيءُ، پراڻيءَ چتين لڳل پتلون ۾، چلهم تي ويٺو هو.

"منهنجا ٻچا!" هن دانهن ڪئي، "ڪيترو نہ دير سان آيو آهين! سڀ ٻيا سمهي پيا آهن. تو ضرور اها گزيٽ پئي پڙهي هوندي؟"

"هائو، بابا! پر هي تون وٺ!" ۽ مون هن جي هٿ ۾ لولي

جو ٿڪر ڏنو، جيڪو استاد جون سڀائين سون کي رات جي ساڻيءَ کان پوءِ ڏيندو هو. هُن آهو ورتو، ۽ چيو:

"چگو، پٽ! هاڻي تون وڃي سمهه، اڳتي دير سان نہ موڻج، جو تم ٻاهر گهٽا بگهڙ آيل ٻيا ٻڌجن."

پوءِ آڳ ڪکن پٽريل وڏيءَ صندوق تي پنهنجن پائرن جي پاسي سان سوڙهو ٿي ليٽي پيس، ۽ ڪائل ستو ڳهليءَ مٿان وڌيم.

ٻيا سڀ ستا ٻيا هئا ـــ ٿڪل ٽنل، سڄو ڏينهن هيڏي هوڏي رستن تي ۽ ڪوٽن ۾ ٻني ٻني، هو سانجهيءَ الائي ڪهڙيءَ مهل موٽيا هوندا! آڳ ٻاڻ، پوءِ ٻه، گهٽي تائين، جاڳندو رهيس. ٻاهر هوا جا گهوگهٽ ۽ ڪڏهن ڪڏهن رات جي مات کي ٽوڙيندڙ ڏيما ڏيما ڏکن جا آواز ٻڌم. آهي آواز بگهڙن جا هئا، جن ڪٽي ڪنهن طبيلي تي آلرون ٻڌي ڪيون. ڪيترا ٻيرا ائين ٿيو هو، جو آهي ڪنهن جاءِ جي درين تائين، آڪ يا ڏهم فوٽ مٿي تائين ٽپ ڏيندي ڏيندي، موٽي هيٺ برف تي ڪريا هئا، ۽ ٻئي ڏينهن سج آٿرئي سان ماڻهن پتين تي ۽ برف تي آنهن جي چنبن جا نشان ڏٺا هئا. ايتري ۾، اوچتو، ٻاهر، ٻه يا ٽي خطرناڪ رڙيون گونجي آٽيون، ۽ سڄو ولر گهٽيءَ ۾ واڇوڙي وڃڻگر ڊوڙندي، لنگهي ويو. هُنن کي ڪڙهم جو ڪتو جهليو هو ۽ آن کي پري ٽڪرين ۾ ڪائڻ لاءِ ڪنيو پڇندا ٽي ويا.

ٻيءَ ڪنهن ڪنهن مهل، آنهن کي ٻاهر آڱن جي در کي سونگهيندي ۽ رهڙيندي ٻڌي، آڳ ڏڪي ٽي ويس. تڏهن بابا منهنجي آٽي ڇاهه ۾ ڪو ڇنيو ڪکن جو ٻاريو ٽي، تہ آهي بکيا وحشي پڇي ٽي ويا.

منهنجو هميشه خيال رهيو آهي، تہ آن دور جا سيارا اڇوڪن سيارن کان ڊگها ۽ وڏيڪ سخت هوندا هئا. اڪثر تن ڏينهين ۾ يا ٽي فوٽ برف پوندي هئي ۽ اپريل مهيني تائين رهندي هئي ـــ هڪ تہ وڏن ٻلن جي ڪري جيڪي هلتائين ڪچي صاف ٽي ويا آهن، ۽ ٻيو تہ بيشمار ٽلاءَ هوندا هئا جيڪي وادين ۾ ائين ڀريا ٻيا هوندا هئا ـــ آنهن جي مالڪن نواب عاليجاهن ۽ خانقاهن جي ڏٺين کي آنهن

زمين کي هر سال آباد ڪرائڻ ۾ اتان فصلن ڪٽڻ جي ايڏي ڪا لوڙ ئي ڪانم هئي. واقعي، ائين زمين کي غير آباد ڇڏي ڏيڻ آسان ڪم ئي تم هو، پر ايڏين بيمل پاڻيءَ جي ايراضين ڪري ٻيلا ۽ جهنگ وڌندا ويندا هئا ۽ هر طرف پوسل ئي پوسل رهندي هئي، ۽ هوا ۾ انهيءَ ڪري سردي وڌيڪ هوندي هئي.

پر هاڻي ملڪ ۾ زمينون ورهائجي ويون آهن، ۽ آباد ٿين ٿيون، ۽ سڄ جي تپت متن پوي ٿي، انهيءَ ڪري بهار چوڌاري آڳاٽو قولارجي ٿو، پر ان جو سبب اهو هجي يا ڪو ٻيو هجي، پوڙها ماڻهو اوهان کي ضرور ائين ٻڌائيندا تم سرديون تن ڏينهين آڳاٽيون ايندڙ ڏينهين هيون ۽ ڏير سان لهنديون هيون، ۽ ٻيو تم هر سال، بگهڙن جا ولر طبيلن تي چڙهايون ڪندا هئا، ۽ ڳوٺ جي وٽ وارن گهرن جي بنهه آڳڻ تان واهپ تي چڏيل ڪتا جهلي ڪٽي ويندا هئا.

(۴)

هڪ اهڙي ئي ڏڳهي سياري جي پوين ڏينهن ۾، ايسٽر کان ٻه يا ٽي هفتا پوءِ، لاءِراقس ۾ هڪ غيرمعمولي گاڙهم واقع ٿي. ان ڏينهن منهنجي اک ۾ ڪجهم ديرسان ڪلي، جيئن چوڪراڻي وهيءَ ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي، ۽ ان ڪري "ٽم-ڪبوترائهين" تي پهچڻ جي سون کي گهٽي تڪڙ هئي، تم جيئن استاد جين جي ڪا چڙب نم ملي. ٻيو تم ان ڏينهن وڏي صفحي جي فرش کي صابڻ ۽ پاڻيءَ سان ڏوئڻ جو وارو ٻم هو ـــ جو تم هر سال بهار جي مند ۾ ۽ باقي سال جي مهينن ۾ ٽي چار ڀيرا، سڄي ڪلالخاني جي صفائي ڪرڻ اسان لاءِ ضروري هئي.

اڄان ڏڻ کي چارڻ لاءِ باهر پهرائڻ سو سمڪن ڪونم هو، جو تم لوڙهن جي باهران برف اڄان مس گرڻ شروع ڪيو هو، پر هوا سا ڪافي کوسل ٻڌجي چڪي هئي، ۽ سڄين گهٽين جي گهرن جا در ۽ بالائي دريون تازيءَ هوا کي اندر اڻڻ لاءِ کليل چڪيون هيون.

ڏورن کي ۽ ڪرين کي واڙن ۽ پاڻن مان ڪيي ٻاهر ڪيو ويو هو تہ جيئن اُنهن کي مهٽيو سهٽيو ۽ وهنجاريو وڃي. اُسناد ڪلاڊ هُور ٻاهر ڇڇهريءَ هيڻان پنهنجي گاڏي ۾ نئين سڙائيي هڻي رهيو هو؛ پيئر وسينٽ پنهنجي ٽٽوءَ جي زين جيي گنڊيءَ ٽوپ پئي ڪئي، سيڪو ڪنهن نہ ڪنهن پنهنجي ڪم کي ٽيڪ ٺاڪ ڪرڻ ۾ لڳو پيو هو، ڇو تہ پوکيءَ جا ڏينهن اچي ويٺا هئا. گوٽ جا پوڙها مڙس ۽ پنهنجن پوٽن ڏوهٽن کي ٻانهن ۾ جهلي، پنهنجين جهوپڙين جي آڏو ويٺا، سيني سُرهي هوا کائي رهيا هئا، جڪا پريان پهاڙن تان پئي لڳي.

اُهو ڏينهن ۽ ڏاڍو سٺو هو ــــ ٻلڪ سال جو پهريون سٺو ڏينهن هو.

جيئن آڳ ڪلال‌خاني جي ويجهو پهتس، جنهن جي هيٺين ڪوٺين جون سڀ دريون ڪليل هيون، منهنجي نظر فادر بينيڊڪٽ جي گڏهم تي پئي، جيڪو در جي ڪڙي سان ٻڌو ٻيٺو هو. اُن جي پٺيءَ تي اگهاڙان وڏو ٽين جو ٽانءُ ۽ پٽين ياڪن تي، ٻنهي پاسي لڙڪندڙ، جوڙو لڪڙائن ٽوڪرن جو لڏيل هو.

هڪدم مون کي خيال آيو تہ فادر بينيڊڪٽ اسان وٽ واعظ ڪرڻ آيو هو، ڇو تہ جڏهن ہ ڪلال‌خانو، ماڻهن سان پريل هوندو هو ۽ هن کي اُنهن کان ڪجهہ ”ماربہ“ ڇڏائڻا هوندا هئا، تہ هو آتي اچي ٽڪاءُ ڪندو هو. هو، هڪ جهونو ڪيپوچن فقير فلس بہ رج جي خانقاهہ جو مقرر ڪيل محصول منشي ہ هو. سڪل ڏين ڇڙي ڪهري هيڊ‌ري ڏاڙهي هيس؛ نڪ جي چوٽي هن جيي بنهہ آنجير جهڙي لڳندي هئي ۽ چٽائي ڏسبو هو تہ اُن تي سنهيون سنهيون نيريون تسون ہ ڏسي سگهبون هيون؛ هن جا تراڪڙا ڪنَ منهن جي پاسي ڪجهہ ٻاهر نڪتل هئا؛ اکيون ننڍيون هيس؛ سندس مهرو گپ جهڙو اڇو اوني جبو ايترو تہ چڏو اُٽيل هوندو هو، جو اُن جي تند تند جدا پئي ڏسبي هئي؛ سندس فقهراڻو ڪلنگي‌دار ٽوپ، ٽوڙهن سان گڇيءَ ۾ اٽڪيل، ڪياڙيءَ ڪان وريو اڪثر پٽيءَ تي پيو هوندو هوس ــــ رگهو واعظ ميل ڪٽي اُهو متي تي رکندو هو؛ پيرن ۾ پراڻي قسم جا سئندل پيل

هوندا هئس، جن ۾ سندس پيرن جا گول آڱوٺا نڪتل پيا ڏسبا هئا. هن جي ڳڏهم جي ڳچيءَ ۾ جيڪو گهنڊ هٻڪل هوندو هو، اهو اڃان وڄندو ميس هو تہ پري کان ۾ ٿي سوار هين فقير جي بدن ۾ ان شوروءِ ۽ شراب جي بوءِ ۾ ماٿهن تائين پهچي ويندي هئي.

استاد جين کي هو ڏٺي نہ وٺندو هو، پر اڇ ڪٽرين هن لاءِ گوشت جون ۽ چار چونڊ هوڏيون پاسي ڪري رکندي هئي، ۽ ان ٿي منهنجو د ين جو پيءُ ڪڏهن ناراض ٿيندو هو، تہ هوءَ جواب ڏيندي هيس:

"اڄ بهشت ۾ پنهنجي جاءِ گهران ٿي، ساڳيءَ طرح جيئن ديول ۾، اٿي آسماني بادشاهت ۾ به تون **مون سان** گڏ هوندين تہ خوش رهندين!"

ان ٿي هو ڪلي ويهندو هو، ۽ وڏيڪ ڪجهہ نہ چوندو هو.

اڄ پوءِ ڪلال خاني ۾ گهڙي اندر ٽيس. وڏي صفحي ۾، ميز جي چوڌاري، ماٿهن جو وڏو ميڙ ويٺل هو ــ لابراقس جا ماٿهو، آسڪ مان آيل گاڏن وارا، نڪولبي، اڇ ڪٽرين، فادر بنيڊڪٽ. انهن جي وچ ۾ استاد جين، وڏين پورين جڙڻ سان پريل ڳوٽريءَ، ڏانهن اشارا ڪندي ۽ ان مان ڪي هٿ ۾ جهلي ڏاڍي جذبي سان، ڇي رهيو هو تہ اهي جڙون تازو ڊينمارڪ جي اهنڪوور ۾ پر ڳٽي جي هڪڙي ڪيٿ مان آيون هيون، جتي انهن مان ڪنڊبي، اهڙيون تہ سنيون وڏيون ڳنڊيون ڪتيون ٿي ۽ ايتريون تہ گهٽيون اهي ٿيون ٿي، جو سڄو سال آتي جي سيني ماٿهن جي ڪائ لاءِ ڪافي هيون. هاڻي هو خود، استاد جين، اهي پاڻ وٽ پوکيندو، ۽ سيني کي سمجهڻ ڪيي تہ لابراقس ۾ پير ڪڏهن ڏڪار جو نالو به نہ ٻڌبو، ۽ "اها اسان سيني لاءِ، اسان مان هڪ هڪ لاءِ، تمام هڪ وڏي نعمت ثابت ٿيندي!"

اهي سڀ ڳالهيون ڏاڍي سادي ۽ سولي ٻولي ۾ ڏاڍي مزي سان، هن چيون. آن مهل، هن جي پٺيان شاويل ۽ نديڙي مارگريٽ ٻئي خاموش ويٺا هئا، تن اهي سندس ڳالهيون ٻڌيون پئي ۽ تمام گهڻا سرها پئي لڳا.

پوءِ ڪن آهي جڙون هٿن ۾ ڪنيون، ڪن غور سان ڏٺيون، ڪن آنهن کي رڳو هٿ سان ڇهيو، ۽ پوءِ چپ چاپ، ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي يا ڪجهه ڪلي، ورائي آهي ميز تي رکي يا ڪوٽريءَ ۾ وجهي ٽي ڇڏيائون ـــ جڏ اڳين چيائون ٽهي:

"اهڙا مئل ڪک به ڪنهن ڪنهن پوکيا؟ هيءَ ڳالهه تہ عام سمجهه کان ئي ٻاهر آهي!"

آنهن سان ڪن تہ منهنجي دين جي پيءُ تي، چٽر وچان، وينءِ وينءِ، هڪڙين کي ٽونڪيون پئي هنيون. اوچتو فادر بينيڊڪٽ ـــ پنهنجو گول ٽلهو نڪ ٿونڊاري ۽ ڇاهي جهڙيون پنهنجيون اکيون پوري، پئي پاسي مُنهن ورائي، زور سان ڪلڻ لڳو، جنهن تي هن آيلن به ڪلڻ شروع ڪيو.

استاد جين کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ۽ آڏي ٻهي، لفظ لفظ تي زور ڏيئي، چوڻ لڳو:

"اوهين تہ رڳو جانورن وانگر پري کان آڪلون ٽا هٽو، ۽ اهو به نٿا ڄاڻو تہ ڇو ٽا اوهين اڳين ڪ پوا! ڇا، ٽاهو اڳين ڪلندي ۽ هڪڙين کي ٽونڪيون هڻندي، اوهان کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي؟ جڏهن تہ آءٌ ڏاڍيءَ گنيرائيءَ سان، تمام گهري هيءَ ڳالهه اوهان سان ڪري رهيو آهيان! ۽ اوهين آهيو، جي پان کي افلاطون سمجهي، پيا آن تي ٽڙول ڪريو!"

پر آنهن سان کي تہ پاڻ وڌيڪ ڪلڻ لڳا؛ ۽ اتي، ڪيپوچين فقيرَ، شاويل ڏانهن ڪنڙين اکين سان ڏسندي، رڙ ڪئي:

"ها! سو اهو پنجارو چوريءَ جو آهي، حرام جو آهي، بي‌اجازتو هتي ڪڇي آيو آهي!! سون اڳي ئي اڳين ٽي سمجهيو."

اڳين تہ برابر هو؛ شاويل ئي آهي جڙون ولنديزي رياست سان آنديون هيون، جتي ڪجهه سالن کان ڪيئي ماڻهو پوکيندا ٽي رهيا. هُن ئي آنهن وٽ لابراڪس ۾ ڪيترا پيرا اڳي به، آنهن جي ساراهه ڪئي هئي.

"هائو، اِهي حرام جون جڙون هڪڙي ملحد جي هٿان هتي پهتيون آهن،" فادر بنيڊڪٽ چوندو رهيو. "۽ پوءِ به مسيحين کي چيو ٿو وڃي تہ اُهي اِنهن کي پوکين، ۽ خداوند قدوس اُنهن ۾ برڪت وجهندو!"

"جڏهن اِهي منهنجون جڙون انگوربيون! ۽ وڏيون ٿيندیون، ۽ اُنهن جي هڪڙي وڏي گُنڍ به تنهنجي نڪ جي آڏو رڌجي ڦهي اچي رکبي، تڏهن تنهنجو به وات پاڻي ٿيندو!" استاد جين وراڻي ڏنيس.

"جڏهن اُهي انگوربيون!" ڪيپوچن، سکڻا پنهنجا هٿ چنڊيندي، دانهن ڪئي، "جڏهن اُهي انگوربيون! حالِي تہ مان سمجهان ٿو تہ تو وٽ پنهنجي سُورين، گوگڙن ۽ بندگوبين لاءِ به پوري زمين ڪانهي. اِن ڪري اِنهن نيئن جڙن کي هڻ ڪڏ ۾! اِهي توکي ڪجهه به نہ ڏيندیون — بلڪل، ڪجهه به نہ. آڻ، فادر بنيڊِڪٽ آهيان، جو توکي اِهو چِتائي ٿو چوان".

"هائو، اِئين تہ گهڻيون ئي ڀيرون گهالهيون تون چوين ٿو، جن کي آڻ نٿو مڃان،" استاد جين ڪوڙو ڪپٽ ۾ رکندي، جواب ڏنو.

پر، ترت، هُن پاڻ ئي ڪجهه سمجهيو، ۽ پنهنجي زال کي اک هنيائين تہ هوءَ ڪيپوچن کي تازو هڪڙو نانُ ڪيڪ ڏئي، چاڪاڻ تہ اُهڙا بيپتا لغور هرهنڌ پيا اچن وڃن، کهڙي خبر ڪنهن کي چا وڃي ٻڌائين، ۽ ماڻهو مصيبت ۾ اڄي وڃي!

اُن ڪان پوءِ ڪيپوچن ۽ لابراقس وارا هلڻا ويا، باقي آڻ پويان ويٺو رهيس، ۽ ويڻي آٿيون سُٻتيون گهالهيون ماڻهن جون ٻڌيم جهڪي هُنن استاد جين سان پئي ڪيون. ويندي ويندي، جيئن فادر بنيڊڪٽ دروازي وٽ پهتو، تہ اُناڻ هن واکو ڪري، امڙ ڪٽرين کي چيو:

"مائي وڏي، اميد تہ تون هڻنوَر جي جڙن بدران ٻيو ڪجهه پنهنجي لاءِ پوکيندين ۽. اِها ئي سڀي صلاح ٿيندي، جو تہ بيءَ حالت ۾ آڻ هتان سوين ڀيرا ٻيو لنگهندس پر پنهنجي گڏهه کي به هتان گاهم جو تيلو ڪونہ کارائيندس. قسم آهي سون کي آسمان جي خدا جو! شال خداوند قدوس اوهان جون دليون روشن ڪري!"

هُن هي سيڪجهہ جاڻي واڻي ۽ ڏاڍيءَ مخرج سان ڳالهايو. ٻيا جيڪي ساڻس گڏ نڪتا، سي ڏاڍيان ڪلندا ۽ ڳالهائيندا، هُن سان گهٽيءَ ۾ اڳتي وڌي ويا. استاد جين، دريءَ تان اندران آنهن کي اڀين ويندو ڏسي، چيو:

"اهو آهي ماڻهوءَ جو العام، جيڪو اهڙن احمقن لاءِ ڪجهہ ڪري ٿو!"

"هائو، هائو،" شاويل وراڻيو. "اهي ويچارا اڇاڻ آهن، انهن کي آڇاڻ رکيو ٿو ويي، تہ هو نواڻين ۽ پادرين جي ٽجوڙين ۾ڙ لاءِ ڳهندا رهن. پر آنهن جو ڏوهہ ڪونهي، آستاد لهيرُو! انهن جي خلاف ڪجهہ من ۾ رکڻ نہ گهرجي. سون وٽ جيڪڏهن پنهنجو ڪو زمين ٽڪرو هجي، تہ آءٌ هوند اهي جڙون پاڻ آن ۾ پوکيان ها، تہ جيئن منهنجا ڀائر، اهي اڇاڻ، آنهن کي چمندي، انگورجندي، ڦٽندي ۽ نڪرندي ڏسن، ۽ پوءِ پاڻ اڀين ڪن جيئن سون ڪيو. آءٌ توکي وري ٻڌايان ٿو تہ هيءَ جڙ آهو هڪ ڇ آهي جيڪو ڪڪ يا ٻيءَ ڪنهن ڀاڄيءَ کان پنجوڻ، ڇهوڻ ڀيرا وڌيڪ ماڻهوءَ کي آپت ڪري ڏيندو. اِن جون ڳنڊيون ماڻهوءَ جي سُٽ جيڏيون ٿلهيون ٿين ٿيون، ۽ سواد ۾ ميٺيون ۽ سُٺيون تہ آهن ئي پر خوراڪ ۾ ڏاڍيون سگهاريون آهن. سون پاڻ آهي ڏائي ڏنيون آهن. آهي سفيد ۽ ڳردار ٿين ٿيون ۽ اکڙوٽن جهڙو مزو اٿن. آهي مکڻ ۾، يا پاڻيءَ ۾ رڌي ۽ ٻيءَ طرح ۾ پچائي سگهجن ٿيون، ۽ هر طرح کائڻ ۾ لذيذ لڳن ٿيون."

"تون گهٽي نہ ڪر، شاويل!" منهنجي دين جي پيءُ چيو، "جيڪڏهن هي ماڻهو اهي نہ پوکيندا تہ پاڻ ڇڪو. آءٌ سڄي ڳوٺري جون اهي جڙون پاڻ ئي پوکيندس، ـــ رڳو پنهنجي حصي جون نہ، پر اهي سڀ جيڪي تو آنديون آهن!"

"۽، سچ پچ، اهو تون ڏاڍو سٺو ڪم ڪندين، استاد لهيرُو!" شاويل جواب ڏنس. هر قسم جي زمين اِنهن لاءِ سُٺي آهي، پر رائي واري زمين تہ خاص طرح!"

اِن کان پوءِ هو پاڻ ۾ اِها ئي گالهه ڪندا، باهر آڻي ويا. شاويل پنهنجي جاءِ ڏانهن، ۽ استاد جين موٽي ڪم تي پنهنجي دڪان ۾. ڪولي ۽ آڻ فرش ڏوئڻ جي تياريءَ ۾ ميزون ۽ ڪرسيون ڪٽي هڪٻئي تي سٽڻ لڳاسون.

پر آڻ، استاد جين ۽ ڪيپوچن جي آن جهوڙي کي دل مان ڪيئي نه سگهيس؛ منهنجي اِنهيءَ چوڻ کي اوهين وڌيڪ آسانيءَ سان سمجهي سگهندا جڏهن آڻ اوهان کي پڌايان ته اِهي وڏيون پوريون جڙون جيڪي شاويل آنديون هيون، آهو اسان جي ملڪ ۾ پٺاڻن جو پهريون ڀڃ هو جيڪو اسان ڏٺو هو ــــ آنهن پهرين پٺاڻن جو ڀڃ جن گذريل آسيِ سال لاڳيتو اسان کي ڏڪار کان بچائي رکيو آهي.

اونهاري جي هر موسم ۾ جڏهن آڻ پنهنجي دريءَ مان پري پري تائين، پري جتان پهلو شروع ٿئي ٿو اوسين تائين، پکڙيل زمينون ڏسان ٿو، جن ۾ ساوا ساوا، ٽلها سڀاڻا ڄاوا ٻيڻا آهن، جيڪي هوا ۾ پيا جهولن، ۽ جيڪي وڻندا رهن ٿا، گل جهاين ٿا، ۽ ڪنهن طرح هيٺ پنهنجي جڙن ۾، خود مٽيءَ کي ڇڻ بدلائي، انسانن لاءِ کاڌو بنائين ٿا؛ جڏهن سرءُ جي موسم ايندي، ايندي، آڻ هزارين هورا ڪيتن ۾ ستيل ڏسان ٿو، ۽ مرد، زالون ۽ ٻار نچندي، گائيندي، خوش ٿيندي، آهي هورا پرين ٿا ۽ پنهنجن گاڏن ۾ رکي باهر آڻين ٿا؛ جڏهن آڻ اڄ جي هارين جي خوشي ڏسان ٿو، پوءِ کڻڻ ۽ سادن سودن جهوڙن ۾ هو رهندا هجن، ۽ آن کي پنهنجن ۱۷۸۹ء جي بکن جي عذابن سان پيٽيان ٿو، جيڪي ڊسمبر مهيني کان پهرين ئي اسان جي متان اچي ڪڙڪندا هئا، ڇو ته ڏڪار جو منحوس منهن اسين آن مهيني کان اڳ ئي ڏسي وٺندا هئاسون؛ جڏهن اِنهن ٻن دؤرن جي ايڏي وڏي فرق تي آڻ ويچاريان ٿو ــــ تڏهن سچ پچ، آنهن نالائقن جي آها بيعقليءَ واري ڪيل ۽ ننڍل مون کي ياد اچي ٿي، ۽ منهنجي دل مان هڪڙي ڏاڍي وڏي رڙ نڪري ٿي وڃي:

"او منهنجا استاد، جين لهيرو! او اسان جا محسن، فادر شاويل! اوهين ڇو نٿا، هڪڙي ڪلاڪ لاءِ ئي سهي، موٽي اسان وٽ اچو،

۽ پٽائن جي لهندڙ هن فصل ۾ پٽائن جي هنن دلبهار ڪمتن جي وچ ۾ ٻيهي ڏسو ۽ معلوم ڪريو تہ اوهان هن دنيا ۾ ڪيڏو نہ وڏو احسان ڪيڏي نہ وڏي نيڪي ڪئي آهي؟ سچ تہ اوهان جو موٽي اچڻ ڏاڍو فائديمند ٿيندو! ۽ فادر بينيڊڪٽ به هوند موٽي آچي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن جيئن هو پنهنجي گڏهم تي چڙهيو، رستن تي پنندو وڃي، تہ اڄ جا هي پٽائن جا پنبدار ڏسي ۽ ڪوچوانن جي چهبڪن جا هي ٽڪاءَ ۽ هارين جا هرهنڌ وڏا وڏا هي ٽهڪ پنهنجي ڪنين پاڻ ٻڌي!"

۽ اهڙا جاگندي جا خواب لهندي، آءٌ تصور ڪريان ٿو تہ آن سندن نادر مطلق، ٻيو نہ تہ پنهنجي دعوا ڪيل عدل جوئي مان رکندي، سچ پچ آنهن کي موٽائي هتي آندو آهي، ۽ بنهہ هن گهڙيءَ هو اسان جي وچ ۾ آهن، ۽ پنهنجي پنهنجي نيڪ شعور يا بدشعور کي هميشه لاءِ پوريءَ ريت سمجهي به رهيا آهن.

خدا ڪري، شل منهنجو تصوّر صحيح هجي! چو تہ آبدي حياتي آهي تہ اها ڏي آهي!

بس، انهيءَ طرح، انهن ٽيو هو، جو پٽائن پوکڻ جي خيال جو اسان پهرين آدرياءُ ڪيو هو.

استاد جين پوءِ هر گهڙيءَ، هر هنڌ، وڏي پروسي جو ڏيکاءُ ڏيندو رهيو، پر اڃان هو عام جي شڪن شبهن ۽ پنهنجن مشڪلاتن کان آجو ڪونہ ٿيو هو. بس، ان ڏاکي تي ئي اسان جي عام خلق ثابت ڪيو تہ هو ڪيڏا نہ اڻوجهہ ۽ سادا هٿا! چاڪاڻ تہ ترت ئي پوءِ هڪڙو افواهہ اڏيو ۽ عام ٽي ويو تہ جين لهرُو ڦريو ٽي پيو آهي! چي، هو گوگڙن کي ڪائي، اڏ ڪري، آهي پيو پوکي، ان لاءِ تہ آنهن مان هو گجرون آپائي سگهي! اڄ جا واپاري ۽ پيا سڀ جيڪي ڪلال خاني وڻان لنگهندا هٿا، ۽ بهي هن سان خوش خوش ڪندا هٿا، تہ هن جي منهن ۾ چتائي پيا ڏسندا هٿا، ۽ ورائي ورائي پيا ڏسندا هٿا. هو به سمجهندو پيو هو تہ هُن ڇا ٿي سمجهيون؟ پر بنان ڪجهہ وڌيڪ ڪچ پچ جي، هڪٻئي ۾ اکيون ڦيرندا ۽ پيا راز نماز ڪندا آهي آتان هليا ويندا هٿا! اهڙيون ٻڇان جهڙيون ڳالهيون هُن کي بيزار

ڪري ڇڏيندين ٻاڪ ڪاوڙائي وڃهنديون هيون. شام جو ويهندا هئاسين تہ هو ڏاڍيءَ ڪاوڙ ۾ ڏاڍي ڏک سان پنهنجي عام جون اهي گالهيون وڙجائيندو هو، ۽ هن جي زال ايم بيوس ٽي پوندي هئي. پر ان ڪري هن جي ارادي ۾ ڪا ڪمزوري ڪانہ آئي. ڪجهہ پر ڀرو ڪلال‌خاني جي پٺيان هن زمين جا خاص پارا ولي ڏاهي، تيار ڪيا، انهن ۾ پاڻ وڌائين ۽ آتي هٿنوور مان آيل آهي ٻيڙا، پنهنجي هٿن سان پاڻ هنيائين. نڪولي‌ءَ سچي ڪم ۾ هن جي مدد ڪئي، هون آهو ڪوٽرو ڪٽي آتي پهچايو ۽ سڄو وقت آن مان جڙون ڪيندو، ۽ جيئن مون کي هن سمجهايو هو تيئن انهن مان هڪ هڪ ٻوٽو ڪاڍيندو، الڳ ڪندو، زمين ۾ وجهڻ لاءِ ڪين ڏيندو ٿي رهيس.

لابراقس جا ماڻهو ۽ ٻيا آتان لانگهائو ٿيندڙ، رستي سان لاڳو استاد جين جي آن چمن جي لنڊڙي‌ءَ پٽ تان جهڪي ڏسندا رهيا ۽ اسان کي ڪم ۾ ڏسي، هڪٻئي سان تازا ملائيندا هتا ۽ ويندا رهندا. هئا: ڪو ٻہ اسان سان ڪونہ گالهائيندو هو، ڇو تہ هنن پنهنجي ڌاهپ ۾ سمجهيو ٿي تہ استاد جين اڳي ئي بيزار ٿيو ٻيٺو هو، سو وڌيڪ هنن جي ڪنهن گالهہ تي متان رنبو ڪٽي، مٿن هلان نہ ڪري وجهي!

حقيقت ۾، جيڪڏهن اوهان کي ماڻهن جا آهي سڀ چرچا گهٻا ۽ چٽرون ٻڌايان جيڪي اسين فصل ڪٽڻ تائين سهندا ٿي رهياسين، تہ اوهان کي اعتبار ئي نہ ايندو. هي سڌا سادا عام ماڻهو جيترو ڪن گالهين ۾ اڻڄاڻ هوندا آهن، اوترو موقعي ملڻ تي، پاڻ کي عقلمند سمجهي ٻين تي گهٽو ڪلندا آهن جيڪي ڪائنہ وڌيڪ ڄاڻو هوندا آهن. ان طرح لابراقس وارن کي پنهنجي اهڙي‌ءَ ئي ’عقلمندي‘ جي ڏيکارڻ جو هي‌ءَ بهترين موقعو ڏسڻ ۾ آيو. جتي ٻہ ڪا هٿنوور جي جڙن جي گالهہ ڪٿي ٻڌي، تہ انهن مان هر ڪو ’عقلمند‘ آن تي ڪو نہ ڪو ڇرچو ڦهڪائي، ڪل ۾ ڀڃي ٿي ويو.

مون کي تہ مال چاريندي، هر روز پئي ڳوٺ جي چوڪرن سان وڙهڻو پوندو هو، ڇو تہ هو مون کي اجان وادي‌ءَ ۾ لهندي ڏسندا ئي نہ هئا، تہ وٺي ڪٽي پنهنجي ڪهات شروع ڪندا هئا:

"ها هُو، هُو هُو، هتنووَري، ديوئي ٿو پيترن جي ڳوڙي!"

"پوءِ آءٌ ٻه چهبڪ ڪٽي، وٽي اُنهن تي جُلهه ڪندو هوس؛ جنهن تي هُنن جو ٽولو — جي ڏهاڪو ڪن هٿا — سڄو يا اُن مان ڪي، اڪيون پوري، مون کي ورائي ويندا هٿا ۽ ڪڏهن ٿه ڏکن سان ڏاهي ڇڏيندا هٿا، ۽ سڄو وقت رڙ لڳي پوندي هُيَن:

"هتنووري جڙون نه ڪپن، جڙون نه ڪپن هتنووري!"

بدقسمتيءَ جي ڳالهه هئي، جو نيڪولس ۽ ڪلاڊ ٻه اُتي ڪونه هٿا، چو ته نڪولس ته پيلي ۾ وڃڻ تي ويندو هو، ۽ ڪلاڊ بابا سان پُهارن ۽ ٽوڪرين جوڙڻ ۾ قابو هو، ۽ ڪڏهن هو ٻيس ۽ ٽڪڙ ويڻ ٻه ويندو هو — پهلي جي جمعدار يا پاڻ مالڪ، وڏي پادريءَ، فادر جون، جي اجازت سان.

اِنهيءَ ڪري آءٌ هيڪل ٻيو ماربو هوس. پر مون ڪڏهن ٻه رنو ڪونه — ايڏي مون کي اُنهن تي ڪاوڙ هوندي هئي.

اهڙين حالتن کان پوءِ اوهين سمجهي سگهو ٿا ته اُنهن جڙُن جي ڦوڦڙي ڏسڻ جو ڪيترو مون کي انتظار هوندو، ته جيئن اسان جا دشمن ڦڪا ٿين! صبح جو سوير، آءٌ چوڦير پت تان جهُڪي ٻيو ڏسندو هوس ته ڪجهه آيريو ته نه آهي! ۽ جڏهن آءٌ اهڙي ڪا شيءِ سامهون نه ڏسندو هوس ته آءٌ ڏاڍو اُداس ٿيندو هوس،ـ۽ اِئين سمجهي ته فادر بينيڊڪٽ اسان جي ٻنيءَ تي ڪو ڪارو جادو ڪري ڇڏيو هو، دل ئي دل ۾ ٻيو هُن تي آکڙجندو هوس.

انقلاب کان اڳ ڪو هڪڙو هاري ٻه ڪونه هو، جنهن جو مسيحي پادرين، فقرن ۽ درويشن جي پٽن ۽ دعائن، ڦٽن چنڊن ۽ اُنهن سان ڪن جي ڪاري ۽ اڇي جادوءَ ۾ اعتبار نه هجي؛ ۽ اُنهي انڊي اعتبار جو ئي نتيجو هو، جو پراڻن زمانن ۾ هزارين ماڻهو جيئري باهم جو ٻَڪُ ٿي ويا هٿا. ۽ سچ ته هُن ڪيپوچيني پاڪنڊيءَ کي پاري ساڙڻ جيڪڏهن منهنجي وس ۾ هجي ها ته ابڙو هن کي ترسڻ ئي نه ڇڏيان ها، چاڪاڻ جو هن تي جيڪو منهنجو غصو هو تنهن جو ڇيهه ئي ڪونه هو.

لئزل برج، لابراقس ۽ ڪوارٽروبنٽ جي ڇوڪرن سان چڪريون ڪائيندي ڪائيندي، مون ۾ هڪ قسم جو فخر جو احساس به پيدا ٿي ويو هو. پنهنجين اڻهن هٿووري جڙن جي بچاءُ ڪرڻ ۾ آءٌ پنهنجي وڏائي سمجهڻ لڳو هوس، پر مون کي اِها چاڻ ئي ڪانه هئي ته ڪو مون ائين سمجهيو ٿي يا محسوس ٿي ڪيو. اِنهي منهنجي حال جي نڪا استاد جون ڪي، نه وئلنٽائين کي ۽ نه ئي ڪئٽرين کي ئي ڪا خبر هئي. فقط منهنجو پيءُ منهنجين جنگهن ٿي لڪڻ جا ڳاڙها داڳ ڏسي، سمجهي ويو هو. ۽ هڪ رات عجب ڪائيندي مون ڪان پڇي و ينو:

"ڇا آءي هيءُ سچيل؟ توکي جو آءٌ اهڙو غريب سمجهندو هوس، سو تون به نڪولس وانگر جهيڙاڪ ٿي پيو آهين ڇا؟ تون به ڏڪار ڏڪيءَ ۾ اچي وئين ڇا؟ پٽ، خبرداريءَ سان هل. ڇهڪ جي هڪڙي ڏڪ ۾ تنهنجون اکيون وڃي سگهن ٿيون. پوءِ اسان جو ڇا حال ٿيندو؟"

۽ پوءِ، ڏاڍيءَ فڪرمنديءَ ۾ پنهنجو منهن لوڏيندي، هن پنهنجو ڪم شروع ڪيو.

اونهاري جي چاندوڪين راتين ۾، اسان جي ڪٽنب جا سڀ ڀاتي درڪان ٻاهر ٽي ويهندا هئاسين، اِنهيءَ لاءِ ته ڏيئي جي تيل جو بچاءُ ٿي سگهي؛ پر پري ڳوٺ جي گهڙيال تي ڏهه لڳندا ئي نه هئا، ته منهنجو پيءُ آڱي ڪڙو ٿيندو هو، ڀهاري جا ڇنيا ۽ پيس جا ٽڪرا ڪٽي پري ڪندو هو، تارن پرئي آسمان تي ڏڪ گهڙي نگاهه وجهندو هو، ۽ دانهن ڪندو هو:

"او منهنجا خدا، منهنجا خدا، تون ڪيڏو نه وڏو آهين! شال، تنهنجون رحمتون تنهنجن ٻالڪن تي وسنديون رهن!"

اِهي لفظ آءٌ ننڍو سمجهان ته ڪنهن ٻئي هنڌ اهڙيءَ نماڻائيءَ اهڙيءَ سچائيءَ ۽ اهڙيءَ محبت سان آچاريا ويا هوندا، جهڙا منهنجي بابا جي واتان آهي چوندي آءٌ ٻڌندو هوس! اِئين سمجهي سگهبو هو ته مسيحي فقيرن ۽ درويشن کان بهتر هُن آهي ٻالهيون سمجهيون ٿي،

جڪي ٻني ٻني، مقدس ڪتاب جون آيتون ۽ دعائون، حمد ۽ نعتون، ائين پڙهندا هيا جئن هاڻي آڻ رکي رکي، ناس جي چٽي وڻي ٿو ڇڏيان ـــ مطلب ته ائين ئي خواهه مخواهه، انهن ۾ عمل ڪرڻ جي نيت ۽ ڏيان ڪان سواءِ.

پوءِ اسين جهوپڙيءَ ۾ اندر ٽيندا هياسين، جو ته اسان لاءِ آهو ڏينهن ائين ئي پورو ٽيندو هو.

اها گاڏهه مٿي ۽ جون. جي مهينن جي هئي. هر هنڌ ڪڪ جو، جٽي، تيز ۽ پوچ جو فصل لهي رهيو هو، پر استاد جين جي ياڻ ۾ ڪنهن به سلي اچاڻ مٿهن ڪونه ڪيو هو!

ڪئي ڏينهن پيءُ منهنجي هٿتوڙي انگورن جو ڇڻو ۽ مون هن کي آها ئي ڏيکي گاڏهه ڪري ٻڌائي، ته انهن مان آسان کي چا چا نم آپراسو ٽيندو!

"خدا ڪري ته ائين ٿئي!" هو چوندو هو "جو ته ان جي آسان کي ڏاڍي گهٽي گهرج آهي. روز بروز غريبي وڌندي ٿي وڃي، ٽئڪسون ورڻ کان مٿي چڙهنديون ٿيون وڃن، ۽ ڀڳرين ۾ آسان جا ڪيئي ڏينهن نڪري ٿا وڃن.

۽ منهنجي ماءُ عجب وچان رڙ ڪئي:

"هائو ـــ خاص طرح تڏهن جڏهن باڻهوءَ کي ٻين ماڻهن جو ڪم ۾ ڪرڻو ٿو پوي! آسان کي سچ پچ اهڙي فصل جي ضرورت آهي، جيڪو آسان جو بچاءُ ڪري سگهي، پوءِ آهو هٿوڻو رمان يا ڪنهن ٻئي هنڌان آيل هجي! هيءُ آسان جو حال گهڻو وقت هاڻي رهي نٿو سگهي.

سچ پچ ته هوءَ صحيح هئي. پر قسمتيءَ سان استاد جين جي ڪيت ۾ راها ڪي به ٻوٽا انگوريا نه رهيا. واقعي، منهنجو دين جو پيءُ سوچ لڳو هو ته فادر بينيڊڪٽ آسان تي جو ڪليو هو، سو ڪو غلط نه هو. ۽ بهتر ٽيندو ته زمين ٻهر ڪهڙي ته جئن آن ڪو پاڇاڻو فصل ئي وڃهي سگهجي.

واقعي هو ڏاڍي مشڪل ۾ هو، جو ته هر ڪو سمجهي سگهيو

ٿي تہ هُن جي تہ ڪجا ماڻهو آئيندہ ڪيئي سال هُن تي اِها ئي ڦڪڙي ڇڏيو ويندا هوندا. جيڪڏهن بيڪارن ۽ لغوَرن جي طعنن تنقدن ۽ بدزبانين کان بچڻو آهي تہ ماڻهوءَ لاءِ ڪامياب ٿيڻ تمام ضروري آهي: اِهوئي سبب آهي، جو ايترا ٿورا ماڻهو نئون ڪوڪر هٿ ۾ کڻڻ جي همت ڪن ٿا ـــ ڇو تہ اسان مان اڪثر ماڻهو اڳ ڪتل ڇاڻي سان ئي لڳا هلندا رهن ٿا. هائو، هن دنيا جي بيعقلن جو خوف ـــ آنهن جي چڙن ۽ ٺٺولين جو خوف ـــ ئي آهي، جو باهمت ۽ جوڪم ڪاري ماڻهن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو بيٺو آهي. جيڪڏهن اسين پنهنجي زراعت جي طريقن ۾ پوئتي پيل آهيون، تہ آن جو سبب به اسان کي پنهنجي انهيءَ صورتحال ۾ ڏسڻ گهرجي.

مطلب تہ اسين سڀ ڏاڍيءَ بيوسيءَ جي حالت ۾ هٿاسون. جيڪڏهن شاويل آنهن ڏينهن ۾ لورين جي علائقي ۾ آيل نہ هجي ها، تہ انڪ ڪٽرين سڀ ميارون هُن تي رکي ها، ڇاڪاڻ تہ هوءَ سڄي اِن ڪم جي ذمواري هن ئي تي رکيو ويٺي هئي.

جون مهيني جي اوائل ۾ هڪ ڏينهن صبح جو سوير، ڇڻن ۽ پنجين بجي جي وچ ۾ آءٌ همیشه وانگر وڏي گهٽي ڏيو، ڪولياءَ کي جاڳائڻ لاءِ ٻئي ويس، تہ مال کي آهر تي سوير، سُکي گاهم جا ٻہ چڪ ڪارائي، ٻاهر چارڻ لاءِ پهرائي وڃان. رات جو، ڏاڍي گهٽي ماکي پيٽي هئي، ۽ ڪوارٽر وئنٽ جي پاسي کان گلابي شفق منجهان رُکَ گهائتو سج اُپري رهيو هوءَ همیشه جيئن، خيال آيو تہ استاد جين جي ڇوڙاڙي تان ٻہ نظر وجهيو وڃان. جيئن ئي نديءَ پٽ تان جهڪي سامهون نهاريم، تہ ـــ ڇا ٿو ڏسان! بس، منهنجي ساڄي ۽ کابي، ڪيترائي ساوا ميڙ منهن ڪڍيو بيٺا هئا! ماکي ۾ سڄي ميٽي پُسي، نرم ٽيل هئي، ۽ چؤڏاري، هر هنڌ، اسان جون جڙون، سون ۾، هزارن ۾، انگورجي رهيون-هيون!

هڪدم آءٌ پٽ ٽپي اندر ٽيس، ۽ ڏٺم تہ واقعي اِئين هو، جيئن مون چيو آهي! ۽ ڏٺم تہ انگور جيڪي منهنجي سامهون هٿا آهڙا اسان جي ملڪ ۾ مون اڳ ڏٺا ئي نہ هٿا! گهر جي پٺ ڏانهن ڊوڙي،

جنهن کوئي ۽ ٻر استاد جين ۽ هن جي زال ستل هئا، اُن جي ڏرين تي زور سان ڏڪ هيم ـ اصل ائين ڇڻ پنهنجا هوش هوس وڃائي ويٺو هوس.

"ڪير آهي؟" استاد جين رڙ ڪئي.

"دروازو کول، دادا!" سون جواب ڏنو.

هن دروازو کوليو. اڌ وقت، هو رات جي پاتل قميص ۾ هو.

"دادا! جڙون انگورجن پيون!"

جيتوڻيڪ لنڊ مان آڏارڻ تي هو ناراض ٿي لڳو، پر منهنجا اِهي لفظ ٻڌي، استاد جين جو سڄو ڳرو بُت خوشيءَ وچان اڇلجڻ لڳو.

"هو انگورجن پيا! تون ڏو چوين؟"

"هائو، دادا ـــ سڀني پاسن کان ـــ ڪيت جي مڙ ۾ ۽ ٻڻ پوڙ ۾ ـــ هڪ ئي رات ۾ نڪري آيا آهن!"

"واهه مڇيل، واهه!" هن عجب ۾ پرجي چيو، ۽ تکڙو تکڙو ڪپڙا بدلايائين. "آڳ گهڙيءَ ۾ نڪران ٿو... آڙهي، ڪٽرين! جڙون انگورجن پيون!"

هُن جي زال به تکڙي تکڙي آڻي ويٺي، ۽ جلد هن ٻئي ڪپڙا بدلائي نڪتا تہ اسين گڏ جي ڪيت ڏي وڌياسين. پوءِ هُنن اڪثين ڏٺو تہ آڳ ڀليل ڪونہ هوس ـــ سڄ ڀڄ تہ لا تعداد انگور نڪري رهيا هئا. ڀالهہ غير معمولي هئي. استاد جين حيرت ۾ ڀرجي چيو:

"جو ڪجهہ شاويل اسان کي ٻڌايو هو، اُهو سڄو نڪتو، پڪ ئي پڪ ڪيپوچن فقير ۽ آهي پيا سڀ احمق نڪتا، ها، ها! ڪهڙو نہ عجب ٿيو آهي، هيءَ! هاڻي پيو ڪم اسان کي هي ڪرڻو آهي تہ اِنهن انگورن جي ناڙ ٻُن جي گڏ ڪيڏياسين ـــ اِهو ڪم آڳ پاڻ ڪندس. هر طرح جيئن شاويل اسان کي هدايتون ڏنيون آهن، تيئن اسين ڪنداسين. هو نيڪ طبع ۽ ڏاهو ماڻهو آهي ـــ هو اسان کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ اسان کي هن جي صلاح سان هلڻ ڪپي.

اُن ڀالهہ تي وڌيءَ مائيءَ ڪٽرين به هائو ڪئي.

اسين پوءِ گڏجي ڪلال خاني ۾ موڻي آياسين. دريون کوليونسين، ۽ سون وڃي ساڻ کي چارو وڌيون جنهن کان پوءِ، ٻئي ڪنهن سان لفظ

ٻه نه ڳالهائيندا، ۽ مال پهرائي باهر نڪري ويس. جڏهن وادي ۾ پهتس، ۽ چوڪرن رڙ ڪئي — "آيو هئووري، آيو!" تہ آڏ ڇڙيس تہ ڪونہ، پر مُنهن مٽي ڪري، فخر سان چيومانس:

"هائو، آهو آڏ آهيان، جنهن استاد جين جو پورو مٽي تي ڪنيو هو؛ هائو، آڏ آهيان آهو مڇيل!"

پوءِ، انهن کي عجب ۾ پوندي ڏسي، مون چيو:

"وڃو، وڃو! وڃي پاڻ ڏسو — پنهنجي ڇهڪ سان استاد جي ٻڌيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايومانس. "آهي انگورجن ٻيا، آهي اسان وارا 'پتر'! ۽ اوهان جهڙا ڪيئي ٻينو آنهن سان ٻه-چار ڳهڑي وٽن ۽ خوش ٻه ٿيندا."

مون پاڻ کي ڏاڍو وڏو محسوس ڪيو، ٻيا چوڪرا، حيرت ۾ اکيون ڦاڙيو، مون ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ سوچيندا رهيا:

"يارو! متان اِئين هجي!"

پوءِ هو ورجي سمٽيون وڃائن ۽ واڪا ڪرڻ لڳا، پر مون کو به ڏيان ڪونہ ڏنومان. آنهن سان وڙهڻ جو خيال ئي منهنجي دل مان نڪري ويو. آڏ صحيح هوس: آهو ئي مون لاءِ ڪافي هو.

آنهي ۽ ڏينهن شام جو ڇهين بجي، جڏهن آڏ ڪلال خاني تي موٽي آيس، اوسين تائين، اڃان، گهوٽ ماڻهو ڪانہ ٿي هئي. البت، ٻئي ڏينهن، ۽ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾، اِهو افواهہ پکڙي ويو تہ جين-لمروءَ جا پوڄارا انگورجي رهيا آهن، ۽ آهي ٿہ گوگڙو آهن، ٿہ موريون، پر بلڪل ڪا نئين شيءِ آهن. صبح ڪان شام ٽائين، ماڻهو هٽا ٿي اسان جي پٽ ٿان نيوڙي، چپ چاپ آنهن کي ڏسندا رهيا. ۽ ڪا اسان تي ٽوڪبازي ٻه ڪانہ ٻئي ڪمائون، منهنجي دين جي ٻني ۽ اسان کي سمجهلائي چڏيو هو تہ هو اسان سان الجهن ٿہ ٻہ اسان کي ڪجهہ آنهن کي چوٽو نہ هو، جو تہ عام ماڻهن لاءِ اهو ئي بهتر هو تہ کين ڪو ڏوهہ نہ ڏجي، پلي تہ هو پنهنجون چڪون پاڻ ڏسن ۽ سمجهن.

پر وري ٻه، هڪ ڏينهن شام جو، جڏهن آهو ڪيپوچن پنهنجي گڏهه سميت لنگهيو ٿي ويو، خود استاد جين" ٻه پاڻ" روڪي نه سگهيو، ۽ رڙ ڪري چيائين:

"او فادر بينمبڪ! هيڏي اڇ ۽ پاڻ ڏس! ملحدن جي ستائن تي خداوند قدوس ياجهه ڪئي آهي! ڏس ته سهي، آهي ڪين نه پيا وڏن!"

"هائو" ڪيپوچن مرڪندي، جواب ڏنو. "مون سمجهيو هو ته اهي شيطان جا موڪليل هئا، پر اهي خداوند جا موڪليل آهن. اها ته سٺي ڳالهه آهي، بلڪل مٺي ڳالهه آهي، جي سنا نڪتا ته اهي اسين ڪائيندا سين، ضرور ڪائيندا سين، ان ڳالهه جي بلڪل ڪاطري رکندا!"

اڃين ڪيپوچن فقير هميشه ۽ هر حالت ۾ صحيح هئا. جڏهن ڪا شيءِ ڪامياب ٿئي ته اها خدا ڪامياب ڪئي. جي اها ناڪام ٿيي ته آهو شيطان جو ڪم هو ۽ ٻين کي ان جو تاوان ڀرڻ ڪپي!

اي منهنجا خدا! ماڻهو گهڙا نه آيا آهن، جو هڏڻ شخصن کي ٻڌن ٿا! جيئن، هڪ پاسي، پار، ٻڌا ۽ ضعيف برابر ٻدد جي لائق آهن، تيئن، ٻئي پاسي، هي جيڪي سست، نڪما ۽ ڏڻا مڻا آهن انهن کي پاڻ وڻان ڏوڙائي ڪيڏي ڇڏڻ ڪپي. مون کي اهو سو چيندي ڏاڍي دلجاءِ ٿيندي آهي ته سون انهن کي ڪڏهن به ٻڌي ته نه ڇاڙهيو آهي. هرڪو اهڙو ٻينو، پوءِ آهو ڪيپوچن هجي يا ڪو ٻيو، جيڪو ٻڌهڙن جو منهنجي فارم تي ايندو آهي ته منهنجو چوڻ آهي ته انهن کي وڏڻي ۾ وڻي وڃن، پوءِ ته آتي هو مزورن ۽ ٻين فارم جي ماڻهن کي وڻهي ڏسن ته ڪيئن آهي، خوش خوش ۽ تازا توانا، ميز جي چوڏاري ويٺا آهن ۽ مزي سان پيا کائين ۽ پيئن — جيئن هميشه ٿيئي ٿي ڪپي، جڏهن ماڻهو پورهيو ۽ جفاڪشي ڪري، پنهنجي ڪمايل سک ۽ ساهه ماڻڻ لاءِ گڏجي ڪٽي ويهن، خوش ٿين ۽ جوت جو مان" پائين. واقعي، اهو نظارو ڏسي، هٿن پيٽن جا آندا به ضرور ٽوس ٽوس ڪندا هوندا؛ جنهن ٽي منهنجي فارم جو مهندار" پوڙهو پيئر" وڏا وڏا گرهه کائيندي، وچ ۾ هنن کان پڇندو آهي:

"چئو، اوهان کي ڇا ڪجي؟"

جڏهن هُو مُنهنجن پيلا ڪندا، ڪجهه ڪُرڪندا يا ڪِل ڪِل ڪندا، تہ آنهن کي رنبو، چنچور يا بيلچو هٿ ۾ ڏيئي، چئبو آهي تہ "آئو، هاڻي ڪم ڪريو، ــ ۽ پوءِ ڪاڏو ڪوڙا!" پر گهڻا آنهن سان سدائين پنهنجا ڏڳن جهڙا ٿلها ڪندڙ هوندا ڪيو، سوچيندا، ۽ وقتي پُڻڪندا ۽ بڙ بڙ ڪندا، هليا ويندا آهن، جڏ چوندا هجن:

"ڏسجي ٿو تہ هي **انسان لاءِ** ڪم نہ ڪندا، هي انسان جي دام ۾ اچڻ وارا نہ آهن: ڪهڙا نہ خبيث ۽ بيڪار ماڻهو آهن هي!"

۽ آڱر پنهنجي دروازي تي ٻڌي، دل کولي مٿن ڪلندو آهيان، ۽ پري کان کين 'خدا حافظ!' ڪندو آهيان.

جيڪڏهن هر ماڻهوءَ اصل کان هيٺن ڪيڏو ڇن ۽ ڏين عام ڏيرن فقيرن، رولُن ۽ لوفرن سان اهڙي روش ورتي هجي ها، تہ هي ڪڏهن بہ هارپن ۽ ٻيءَ پورهيت خلق کي عذابن ۾ وجهي نہ سگهن ها، ۽ صدين کان هي ڳالهڙيا، مفت خورا آنهن جي پورهئي جي ڪمائي ائين ويهي ڀاڻ ڪائيندا ۽ هضم نہ ڪندا رهن ها.

بهرحال، مون کي ڳالهہ وڌائي، اوهان کي ٻڌائڻو هي آهي تہ اسان جي ٻڌائڻ جي پوک ڪيئن ڦلازي ۽ ڪيئن ٻڌائا اسان ڪيڏي گدام ۾ رکيا؛ ۽ اِن سان پوءِ سچي تَرَ ۾ منهنجو دين جو پيءُ، جين لُڏرو، مٿي آيري، وڏي شانَ ۽ مانَ جو ڏٺي ٻڌيو، ايترو جيترو اڳي هُو نہ هو.

جولاءِ آيندي ئي، استاد جين جو آهو ٻنيءَ ٽڪر، پَريان، ميٽل ٻران جي پاسي کان، اِئين ڏسبو هو جهڙو وڏو هڪ سبز ۽ سفيد غنچو، جو تہ ٻوٽن جون ٽاريون وڏي اچي لڳ ڀڳ ڀت جي سنوت سان لڳيون هيون.

گهُٽ جي ڏينهن ۾، جڏهن بہ هرشيءِ ڪُومائيبي ۽ سڪندي پئي ويئي، اسان کي هيٺن پنهنجن ساون سهڻن ٻوٽن ڪي جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويجهندي ڏسي، ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. رڳو صبح جي ٿوري ماڪ آنهن کي تازي رکڻ لاءِ ڪافي هئي. ۽ آنهن جي هيٺان مٿيءَ

ڀر، ماڻهو رڳو تصور ئي ڪري سگهيو ٿي تہ ڪيئن آنهن جون جڙون وڏندڙون ۽ متاريون ٿي رهون هيون!

اسين رڳو آنهن ٻي جو دل ۾ پيا خيال ڪندا هئاسين. ۽ هر روز شام جو ڏيهي رڳو آنهن بابت ٻيا ڳالهائيندا هئاسين. خود اخبارون پڙهڻ ۾ اسان کان جڏ وسري ويون هيون، ڇو تہ ترڪي ۽ يا آمريڪا جون پرانهيون ڳالهيون اسان کي ايترين دلچسپ ۽ ڪم واريون نٿي لڳيون جيترين هي ويجهيون، اسان جي پنهنجي ڪم ۽ اون جون، پنهنجون ڳالهيون ٿي لڳيون.

سيپٽمبر جي شروع ڏاري، جڏهن اسان ڏٺو تہ اسان جي نئين فصل جا ڳل ڇڻي چڪا هئا، ۽ آن جا ٽيلا روز بروز پڪا ٿيندا سڪندا ٿي ويا، اسان پاڻ ۾ سوچيو:

"هاڻي هي ۽ وقت آهي، هينن ڳنڊيين وڃڻ جو!"

پر منهنجي دين جي پي ۽ چيو:

"نہ. شاويلڙ پئي چيو تہ آهي آڪٽوبر ۾ ئي ڪيڏ ڪپن، آن مهيني جي پهرين ۽ تاريخ پاڻ رڳو فوڪن پٽ ڪي وٺي ڏسنداسون؛ ۽ پوءِ جيڪڏهن اڃان ڪجهہ ترسڻ جي ضرورت ڏٺيسين، تہ پوءِ بہ ترسندا سين."

آڪٽوبر جي آن پهرين ۽ تاريخ جي صبح جو جيڪي ٿيو سو هي ۽ هو ــــ آهو ڪوهيري پريل صبح هو. ڏهين بجي ڏاري استاد جين پنهنجي دڪڙ مان نڪتو، ۽ رٽڻي ۾ گهڙي ويو، جتان هُن در جي پٽيان پل رنبو ۽ لنڊي ڳڻ واري ڪهيي ڪنڌي ــــ رنبو پنهنجي هٿ ۾ جهلمائين ۽ ڪهي مون ڪي ڏڻائين، جا ڪٽي مون پنهنجي ڪلهي تي رکي. ۽ پوءِ هو آڻي ٻني ۽ ڏانهن هليو. اسين بہ هن جي پٽيان وياسين.

پٽ ڪي ڪڇهہ رنبي سان آ ڪولي، پهرئين پٽائي جي پٽ ڪي ڏسي، هُن هٿ روکي چڏيو، ۽ پوءِ سنيالي، پاسي کان هُن رنبو هنيو، ۽ جڏهن آئين ڪڙو آڻلائي مٽي اڏائين تہ وڏا ڳاڙها پٽاڻا هيٺ زمين تي ڪرندي ڏٺائين، ۽ جڏهن بہ ٽي اهڙا ڪڙا آڻلجي مٽي ٿيا ۽ پٽاڻا آئين ئي آنهن جي آ ڪهيل سان باهر ايندي ڏٺائين ــــ ايترا، جو

پن ٽن فوٽن جي آن پٽ - آڏل سان ڇيو سچو پٽائن سان آڏ پرجي ويو، تڏهن اسان هڪٻئي جي منهن ۾ حيرت سان ڏسڻ لڳاسين — ڇو جو اسان آهو ڪجهه اڪيئين ڏٺو هو جنهن تي ڏڏي به اعتبار نه ٻئي آيوسين!

استاد جين کي لفظ ڪونه ڪڍيو، پر ڪجهه قدم ڪڍي، هاري ۾ ٻئي هٿ فوٽ ڪن پٽ نشان ڪمائين ۽ آئي، اڳيئين وانگر، پنهنجو رنبو هڻي ڏڻائين.

پٽ جي هيئن فوٽ ٻن برا هڙائي پٽائا اڇلي باهر ڪيا، پاڻ وڏيڪ پلا! جنهن تي منهنجي دين جي پيءَ جي منهن سان عجب جي رڙ نڪري ويئي:

"هائي، آءٌ ڏسان ٿو ته اسان کي چا ملهو آهي! ٻئي سال، مٽين ۽ پنهنجي ۽ لهواري ۽ زمين تي ۽ آڪاس هين پوڄي جا ٻه ڪوندس. جڏهن ماڻهو، ڪجهه نه وٺندي ڪنهن کي ڪجهه ڏئي ٿو، ته ان کي آهو وٺندڙ سمجهي به ڪجهه ڪوبه ٿو!"

تپستائين هن جي زال پٽائن کي ميڙي ڪڍي ڇڏي ۽ وڏو ۽ استاد جين آهو ڇهو ڪڍي پنهنجي مٿي تي رکيو ۽ اسين موڻي گهر آياسين.

جڏهن رڌڻي ۾ گهڙياسين، تڏهن استاد جين مون کي ڇيو ته "وڃ، وڃي شاويل کي وٺي اڃ!" فادر شاويل اڳين ۽ رات لورين جي دڳهي سفرتان موڻي گهر آيو هو ۽ آتي موجود هو. هو، پنهنجي ۽ نيڙي ۽ مارگريٽ، سان لابراقس جي ٻئي ڇوڙي تي رهندو هو. مون هن کي وٺي اچڻ لاءِ وٺي ڊوڙ پاتي. پر اچان رکهي ۽ پهر ٿي نه وڏم ته هو پاڻ ئي آتي. اچي ڪتو هن کي ڪا سڻش هئي ته استاد جين ڪيت سان ڪجهه جڙون ڪيي آيو هو ۽ هن جي واتان آن خوشي ۽ جي خبر پڏڻ لاءِ هو اڳي ئي آتو هو.

جيئن ئي هو رڌڻي ۾ داخل ٿيو، ته منهنجي دين جي پيءُ، خوشي ۽ ۾ ٻهڪندڙ اکين سان ڏانهس نهاري، چلهه جي پاسي ۾ رکيل ڇوهن کي ڏيکاريو ۽ دانهن ڪري چيو:

"اهو سڀ مون کي ٿن ۽ هڪ يا ڏيڍ ڪن فوٽ دڳهن پٽن

مان ملهو آهي ، ۽ ايترائي وڏيڪ مون اڳي ڪي ڏيکاريندي ۽ وجهي ڇڏيا آهن."

"بس، اهي توڏنا!" شاويل ڪنهن طرح گهٽي ڪا حيرت نه ڏيکاريندي، جواب ۾ چيو. "تو اهي ڏنا! مون توکي ٻڌايو هو ته چا ٿيندو."

"هائو، شاويل، توکي اڄ اسان وٽ ماني کائڻي پوندي،" استاد جين چيو. "ها، اڄ انهن جڙن جو کائي سواد ڏا وڻون! ۽ جيڪڏهن کائڻ ۾ به اهي ايترين ئي سٺيون ۽ سوادي آهن جيتريون ڏسڻ ۾، ته انهن مان ته لابراقس چا بخت کلي پوندا!"

"اهي کائڻ ۾ هيڪاري سٺيون آهن — مون تي تون ويسهه ڪرا!" گهورڙ ئي شاويل هن کي جواب ڏنيو. "تنهنجي پنهنجي لاءِ خاص طرح هي ڏاڍو هڪ سٺو ڪاروبار آهي، جو ته هڪ ڏهل مان ئي تون سوَ ڏيرا آپائيندين."

"ڏسي وڻنداسين!" استاد جين جيڪو خوشيءَ وچان پنهنجي ڪڙن ۾ نه پئي ماپيو، رڙ ڪندي چيو. "هائو، قادر شاويل، ڏسي وڻنداسون!"

منهنجو دين جو پيءُ ۽ شاويل پوءِ گڏجي وڏي صفحي ڏانهن ويا. هنن خوب چاتو ئي ته هي جڙون تمام وڏي ڪاروبار جو بنياد بڌجي سگهيون ٿيون. پر انهن سوڌو ته هي جڙون سڄيءَ عالم خلق جي حالتن ۾ تبديل آڻي چڏيندیون، ملڪ مان ڏڪار ختم ڪري چڏيندیون ۽ انسان ذات جي پلائيءَ لاءِ آهو ڪجهه ڪري سگهنديون، جو بادشاهه، نواب ۽ آهي مڙيئي ٻيا جن کي هنن وڏائي آسمان تائين رسائي چڏيو هو، سي سڀ گڏجي به ڪري نه سگهيا هئا — ان طرح جو تصور هنن لاءِ اڃان ممڪن نه هو. خاص طرح استاد جين لاءِ جيڪو باقي دنيا جي خيال کي من ۾ رکندي به، مڪمل طور پنهنجي ذاتي نفعي جي ڳالهه ڏانهن ئي ڏسي رهيو هو.

"آڳ ڏسو ڇوان،" استاد جين صفحي ۾ پهچندي چيو، "آڳ رڳو هي ڏو ڇوان ته هي جڙون گوگڙن جهڙيون به سواد ۾ هجن نه،

تم بہ آڳ انهن کي پنهنجي لاءِ ڪافي سمجهندس."

"ها، پر هي تہ گوگڙن ڪان گهٽيون گهٽيون سڻيون آهن،" شاويل جواب ڏنو. "تنهن ڪان سواءِ هنن کي ماڻهو جدا جدا هزار نمونن سان ڪائي سگهي ٿو. اِها توکي خاطري اهڙ ڪپي تہ جيڪڏهن مون کي اِها پڪ نہ هجي ها تہ هي‌ءُ بوٽو پنهنجو مٺ پاڻ آهي، ۽ تولاءِ ۽ پين سيني لاءِ ڏاڍو ڪمائتو ٿيندو، تہ اِهي بيچارا هوند آڳ پنهنجي ٽوڪري‌ءَ ۾ رکان ئي نہ ها ـ اِها آنهن ڪان سواءِ، هونئن ئي، مون لاءِ گهڻي هئي! نہ ئي وري توکي پنهنجي زمين ۾ هي پوکڻ لاءِ چوان ها."

"هائو، هائو! اِها تہ مون کي پڪ هئي ۽ آهي بہ. پر، تہ بہ ماڻهوءَ کي جيڪي چوٽو آهي، سو چوڻ ڪپي. آڳ خداوند مسيح جي سائي‌ءَ سگهوري "ٿامس" وانگر آهيان. آڳ ڏسڻ ۽ ڇهڻ ٿو گهران."

اندر ئي اندر، ۾ مشڪندي، آن نديڙي ماڻهوءَ، ڪالوِن جي معتقد، جواب ڏنو:

"تون صحيح آهين، هائو، تون ضرور ڇهي ڏسندين. اِجهو، هوڏانهن نِڪولي پيئي ڪاڏي جي ميز ٺاهي، سو اِن لاءِ توکي گهٽو ترسڻو نہ پوندو."

ترت ئي سيڪجهہ تيار ٿي، آڏو اچي ويو.

آنهن ڏينهن ۾ مالڪ ۽ نوڪر ڪاڏو گڏجي ڪائيندا هئا، باقي مالڪ جي گهر واري ۽ گهر جي نوڪرياڻي پئي بهي آنهن کي ڪاڏو ڪارائيندیون هيون ۽ جڏهن هو ڪاڏو ڪائي اٿندا هئا، پوءِ آهي ميز تي پاڻ بہ ڪائيندیون هيون.

اِنهي‌ءَ طرح، اسين اچان ميز تي ويٺاسين ـــ استاد جين ۽ شاويل پٽ سان، هڪ پاسي، ٿي ويٺا ۽ نديڙي مارگريٽ ۽ آڳ پئي پاسي ـ ۽ ڪائڻ شروع ڪرڻ وارا ئي هئاسين، تہ سنهنجي دين جي پي‌ءُ رڙ ڪئي:

"پلي آئين، پلي آئين! اچ، ڪرسٽافر، اچ!"

هي‌ءُ موسيو ڪرسٽافر مٺترني، ليُزل بَرج گوٺ جو نائب

پادري هو- قد جو ڊگهو، ڳوڙي رنگ جو، ڪڙو تڙو مڙس هو، جيئن سڀ پهاڙي مئترني قبيلي جا ماڻهو هوندا آهن. هو پنهنجن ڪشادن ڪلهن ڪي سوئي سڪوڙي، ڪچ ۾ مقدس ڪتاب ۽ ٽلهو نيٺ جو لڪ هٺ ۾ ڪنيو، صفحي جي ننڍي در منجهان لنگهي اندر ٿيو. هن جو ٽڪنڊيارو آڏوراٽو ٽوپلو هن جي ڪرڙوڙ گهاڻن وارن واري مٿي تي ڏاڍو ڏاهوڪو لڳي رهيو هو.

"آها، آها!" ڏاڍي وڏي آواز ۾ هن رڙ ڪئي. "تم اوهين سڀئي هتي گڏ وينا آهيو! پڪ ئي پڪ اوهين هتي 'لئنٽيز جي سهپ ۽ رواداري' واري حڪمناميءَ ڪي ٻهڑ جاري ڪرڻ جو منصوبو سڻي رهيا آهيو."

"تون، ڪرسٽافر، اصل عين وقت تي هتي پهتو آهين،" سڄو خوشيءَ ۾ ڀرجي، استاد جينَ جواب ڏنو. "ويهه، ويهه! ۽ هو ڏس!!" ان تي مون سُوپ جي ڊش تان ڍڪڻ لاٿو.

"واهه واهه! ڏاڍو سٺو!" پنهنجي خوش طبعيءَ جو اظهار ڪندي، نائب پادريءَ چيو، ۽ وڌي، پنهنجو ٽوپلو سامهون ڪليءَ تي، ۽ لڪڻ ڪنڌ ۾، گهڙيال هيٺان، پٽ سان ٻهاري، رکائين. "تمام سٺو! پر آڳ اوهان جي انڪل سمجهي ويو آهيان ـــ اوهين مون کي سرهائڻ گهرو ٿا. ائين نه ٿيندو، جين! پر، اهو شاويل تم ناهي، جيڪو توکي ائين ٻوڪاري؟ مون کي لاچار عام مختيار کي چوڻو پوندو."

"۽ پوءِ پهاڙي تڙ جي نائب پادري حضرات کي جينَ جئڪس روسو جون ڪاپيون ڪير آڻي ڏيندو؟" شاويل موج ۾ ايندي، پڇيس.

"خاموش! بند ڪر ڪاري زبان!" نائب پادريءَ جواب ڏنو، "تنهنجا سڀ فيلسوف انجيل سڳوري جي هڪ آيت ۾ نه لهن."

"انجيل جي!" ننڍڙي ڪالوينيءَ دانهن ڪئي، "پر اسان غريب ماڻهن آن کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي طلب ۾ ڪانه ڪئي آهي!"

"هائو، هائو،" موسيو مئترني چيو. "اوهين چڱا مڙس آهيو، اسان کي خبر آهي. پر تاس جي پتن جي ٻئي پاسي کي اسين ۾ جاڻون ٿا!"

ايتري ۾ هو صفجي جي ٻئي پاسي وٽان هٿ ڏوئي، ڪپڙي سان مهٽي، سڪائي، مٿن ڏانهن وڌي آيو، ۽ مارگريٽ سون کي مخاطب ڪندي، ۽ آسان ٻنهي جي وچ ۾، ٽنگ وڌائيندي، ڏاڍي ڏڙڪائتي نموني چمائين:

"هان، منهنجا ٻچا! مون کي ۽ وچ ۾ ويهڻ ڏيو!"

آسان، پاڻ کي ڪجهه سنڀري، پنهنجون پليٽون ڪجهه، ساڄي ۽ کاٻي ڪيون، ۽ سولا ٿي ويناسون. پوءِ هو جناب آسان سان گڏ بينچ تي ويهي رهيو، ۽ جيئن هن سوپ پئي کاڌو، تيئن بينچ جي هڪ ڪنڊ تان، پنهنجي پليٽ تان ڪٽڊ نه ڪٽندي، سون هن کي پئي جانچيو. هو، پنهنجين وڏين ڏورين اکين، گهاڻن ڪڙوڙ وارن سان ڏکيل مٿي ۽ لڳ ڀڳ ديوَ جهڙن وڏن هٿن سان سچ ڇچ هڪ هيبت پريو مڙس ٿي لڳو.

پر، سڀ کان وڌ، هو هڪ مجبتي ماڻهو هو، اصل اهڙو جو سي ڪيس "ليڪڊل ڪرسٽافر" سڏيندا هئا. ديول جي هڪ آگاڙيءَ تي گذارو ڪندي، ۽ پنهنجي پوڙهپي لاءِ هٿان مڙي ڪري پنهنجن ڪپڙن پرڻ بدران، جيئن سندس تقريباً ٻيا هڙئي ساٿي ڪندا ٿي رهيا، هن جي سوچ فقط اهڙن جي ڪم اچڻ جي، هن لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ قربانين ڏيڻ جي سوچ هئي. سماري ۾، هو پاڻ پنهنجي سر پنهنجي ڪوٽ جي اسڪول کي هلائيندو هو، ۽ اونهاري ۾ جڏهن ڪوٽ جا ٻار ڏڻ پهرائي ٻاهر وادين ۾ چارڻ ويندا هئا تڏهن هو سڄا سڄا ڏينهن ويٺو پٿر يا ڪي شاهم بلوط جي ڪاٺ مان ديولين ۽ خانقاهن لاءِ اولهائن ۽ سنتن جا مفت پُتلا گهڙيندو ۽ تراشيندو هو، جو تہ آهي هو پئسن ٽي خريد ڪري نہ سگهندا هئا. عام ماڻهن مان ڪو هن کي ڪاٺ يا پٿر جو ٽڪرو آڻي ڏيندو هو تہ سوڙائي آڻهن مان سينٽ جان، مقدس ٻيبي مريم يا آمر يسوع مسيح جو ڪو نديو وڏو پُتلو ٻڌائي، هن کي ڏيندو هو!

هي ۽ استاد جين هڪ ئي ڪوٽ جا هئا — هو پراڻا دوست هئا ۽ هڪٻئي لاءِ گهٽي پاس ۽ محبت هوندي هين.

"پوءِ، ڪرسٽافر، سون کي ٻڌاءِ" منهنجي ڊين جي، پي ۽ سوپ

جو پالو پي ختر ڪيو، تہ هن کان پڇيو، "چ، اهو سچ آهي تہ تون پنهنجو اسڪول وري شروع ڪري رهيو آهين؟"

"هائو، جين — ٻئي هفتي کان"، پادريءَ جواب ڏنو. "سچ پچ تہ اڄ بہ آءٌ ان ئي سلسلي ۾ سفر تي نڪتو آهيان؛ دراصل آءٌ فلس برج ڏانهن ڪاغذ ۽ ڪتاب وڻڻ ٻيو وڃان. مون سوچيو هو تہ ويهين سيپٽمبر کان ڪم شروع ڪجي، پر حال مون کي سينٽ پيٽر جو پٽلو تراشڻو پڄي ويو آهي، جو تہ آئبرشورلي جي خانقاهہ وارا آتان جي ديول جي ٽئين سر تعمير ڪري رهيا آهن؛ ۽ مون هنن سان واعدو ڪيو هو، جيڪو مون کي ضرور پاڙڻو آهي."

"ٺيڪ! پوءِ، ٻئي هفتي؟"

"هائو، سومر کان اسين پڙهائي شروع ڪنداسين."

"تہ پوءِ" منهنجو دين جو پيءُ گهالهائيندو رهيو. "آءٌ چاهيان ٿو تہ اوهين اهو چوڪرو، پاڻ سان نہ ئي، آتي وڃي هن کي پاڙهيو" — ائين چئي، هُن مون ڏانهن اشارو ڪيو — "اهو منهنجو دين جو پٽ آهي، جين ريئر يئسينيان جو پٽ آهي. مون کي پڪ آهي تہ هي ڏي شوق سان بلڪ پنهنجي دل جان سان پنهنجا سبق پڙهندو."

اهو ٻڌي، آءٌ بيحد خوشيءَ ۾ پرجي ويس. منهنجي مُنهن تي لالاڻ اچي ويئي، جو تہ مون تہ سچ پچ ڪيترن ئي ڏينهن کان اسڪول وڃڻ لاءِ ٻئي واجهايو!

موسيو ڪرسٽافر ميڙي مون ڏانهن نهاريو.

"ها، نينگر!" هُن پنهنجو ونڊو هٿ منهنجي مٿي تي رکندي، چيو، "مون ڏانهن نهار!"

هن ڏانهن جڏهن مون ڏٺو تہ منهنجون اکيون پرجي آيون.

"تنهنجو نالو چا آهي؟"

"مچيل، جناب عالي!"

"چگو، مچيل پٽ! تون پلي مون وٽ. منهنجي اسڪول ۾ اچي داخل ٿي ۽! منهنجي اسڪول جو دروازو هر ڪنهن لاءِ کليل آهي. جيترا گهٽا شاگرد مون وٽ ايندا، اوتري مون کي گهٽي خوشي ٿيندي."

"نيڪ!" شاويل رڙ ڪري چيو، "اسان استادن کي اٿين ئي ڇوٽ ڪپي."

استاد جين، اسان سڀني کي پنهنجي دوست موسيور ڪرستافر جي صحت جي جام پيڻ لاءِ چيو.

اڄ جيڪي، ايڏي آرام سان، ڳوٺ جي اسڪول ۾ وڃڻ ٿا ۽ ويندي داخل ٿين ٿا، ۽ آتي اٿين چئجي تہ مفت يا لڳ ڀڳ مفت، اهڙي هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ امانتدار شخص کان هنن کي سکيا ملي ٿي، جيڪو، اڪثر حالتن ۾ اڃان ئي وڏي ڪنهن- درجي جي لائق هجي ٿو — آهي ہارَ اهو سوچي ئي نٿا سگهن تہ ڪيتري قدر، آنهن-کي اٿين اسڪول ۾ ويندي ڏسي، انقلاب کان اڳ جا مون جهڙا معصوم ہارڙا پنهنجي آهڙي نصيب نہ هجڻ تي روئي ٿي سگهيا، ماتم ڪري ٿي سگهيا! اٿين اڄ هو منهنجي آن خوشيءَ جو بہ تصور نٿا ڪري سگهن، جيڪا مون تڏهن محسوس ڪئي هئي، جڏهن ڪافي پريرو، ٻئي ڳوٺ ۾ ئي سهي، پر آتان جي موسيور نائب پادريءَ سڳوري مون کي پاڻ وٽ پڙهڻ لاءِ اڇڻ جي اجازت ڏني هئي، ۽ آن تي آءٌ پاڻ کي چئي سگهيو هوس:

"هاڻي تون پڙهي ۽ لکي سگهندين! تو کي پنهنجي غريب ٻيءَ ماءُ وانگر جاهل ۽ اڻڄاڻ ٿي رهڻو نہ پوندو!"

نہ، اِن لاءِ، انهن شين جي سچي پچي تجربي مان گذرڻو پوندو — ماڻهوءَ کي واقعي بہ آن جهڙي ڪنهن دؤر مان لنگهڻو پوندو. آهي بدنصيب جيڪي ايڏي عظيم فيض مان لاڀ نٿا پائي سگهن، آنهن تي سچ پچ تہ بي‌انداز کل ئي ڪري سگهجي ٿي. هڪ ڏينهن آنهن کي معلوم ٿيندو تہ ہين جي ڪنن چاڪري ڪندي زندگي گذارڻ" چا کي ٿو چئجي — هڪ ڏينهن آنهن کي اٿين هٿن هٿ جي مهلت بہ ضرور ملندي. آءٌ پاڻ، اٿين چوان، تہ آن پنهنجي پاڳ تي بس سُئي مان جيي پهو هوس: منهنجي سٽن آڏل ڪاڏي تہ آنهيءَ ئي گهڙيءَ ڊوڙ پائي، هوند پنهنجي پيءُ ماءُ کي وڃي ٻڌايان تہ مون تي ڪيڏو نہ وڏو ڪرم ٿيو هو. آءٌ اصل پاڻ جهلي، ماڻ ڪري، ويهي ئي نٿي سگهيس.

بس، جا گالهه مون کي باقي آن ڏينهن جي ياد اچي ٿي، سا هيءَ تم کاڌي جي ميز تي، سڀ کان پوءِ، امڙ ڪٽرين بيضن جو آملٽ آڻي رکيو هو، ۽ آن کان پوءِ نئينءَ نڪوريءَ ٽٻٽيءَ ۾ پٽاڻا آڻي اسان جي آڏو رکيائون. آنهن کي پاڻيءَ ۾ آباريو هئائون. آهي رنگ ۾ ڦري اڇا ٿي ويا هئا! آنهن جي ڪل هنڌان هنڌان ٽڙي پيئي هئي، ۽ سيرُن مان آلو آنو ڇڻ ڦٽي باهر نڪري رهيو هو! موسيور ڪرستافر اڳتي جهڪي، پڇيو:

"هي ڇا آهن، جهن؟" "ڪٽان آيو آهي، هيءُ نئون طعام؟"

منهنجي دين جي پيءُ اسان کي آنهن جي چکڻ لاءِ چيو، جنهن تي اسان کي آهي امڙا سڏا لڳا، جو ميز تي ويٺل مان هر هڪ جي واتان رڙ نڪري ويئي:

"اهڙي آتم شيءِ تم اسان اڳي ڪڏهن چکي ئي ناهي!"

موسيور ڪرستافر، جڏهن اهو ٻڌو تم آهي آهي ئي جڙون هيون، جن تي سڄي ڏر ۾ ايڏي مسخري ۽ ڦول پيئي ٿيي، ۽ رڳو هڪڙي وڏي زمين مان آنهن جون ويهارو ڇوٽيارين پريل گوٽيون نڪري سگهيون ٿيي، تم هن کي اعتبار ئي نم پئي آيو.

"گالهه تم تمام سٺي آهي،" هن چيو، "پر آهي جهڙي آڻٽيٽي."

۽ چاڪاڻ تم ساڳيءَ مهل ڪائڻ ۽ ساراهڻ جو ڪم، آڏو رکيل آباريل پٽاڻن سان انصاف ڪرڻ ۾ اسان لاءِ روڪ پئي ثابت ٿيو، امڙ ڪٽرين چاکيو، جو کير جو پاڻيو ڪٽي، وڏي هڪڙي جمڏن ۾ نائي وڌائين، تم ڪائڻ ۾ اسان جو ڇس وڌي. بس پوءِ تم اسان جا هٿ هئا، سي پئي هليا ـ ايتري قدر، جو نيٺ موسيور ڪرستافر پنهنجو چمچو ميز تي آهستو رکندي، چيو:

"بس، جين، بس، ڪافي ٿيو. ههڙين شين سان تم ماڻهو پاڻ کي بيمار ڪري وجهندو. اهي اسان کي ئي تم بيوس ڪرڻ لاءِ ايڏيون عمديون ٻڌيون آهن!"

۽ اسان جو بم اهو خيال هو.

وڃڻ کان اڳ، نائب پادريءَ اسان جي پوک ڏسڻ ۽ اسان

ڪان معلوم ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي تہ جڙن ڪي پوڪڻ جو اصلي "هئنويري" طريقو ڪهڙو هو! ۽ جڏهن فادر شاويل ڪوس ٻڌايو تہ پڪي جي چوٽيالي زمين ڪان جابلو، رائي واريءَ زمين ۾ انهن جي وڌيڪ پلي پوک ٿيي سگهي ٿي، تہ هن وڏي واڪ وراڻيو:

هاڻي، اوهين منهنجي گالهہ ٻڌو! تون شاويل، پنهنجي ٽوڪريءَ ۾ اهي جڙون ڪٽي هتي آئين، ۽ تو جن، اهي، ڪيترن فقيرن ۽ ٻين احمقن جي ايترين چڙن ۽ ٽنوامن هوندي ٻہ پنهنجي ٻنيءَ ۾ پوکيون ـ اوهان ٻن جڻن پنهنجي انهيءَ عمل سان اسان جي ملڪ لاءِ آهو ڪجهہ ڪيو آهي جيڪو اسان جي دين جا ٽنيا، ٽلهن پيڙن وارا سڄي ماڪ جا ٽي آرڪ بشاب، ۽ ڪيئي ٻيا خالي بشاپ، ۽ زماني جي ابتدا کان اڄ تائين ۽ وارا سپ سندن هزارين لکين پادري ۽ مهنت گڏجي ٻہ ڏهہ ڪري سگهيا. اهي جڙون هاڻي غريبن جي خوراڪ ٻڌيون."

هُن منهنجي دين جي پيءُ کي وڌيڪ اڃا ٻہ ڏنڪ ڪئي تہ پنهنجن نوڪرن ٻجارڻ مان ڪجهہ هن لاءِ ٻہ پاسي ڪري رکي، جو هو ٻہ پنهنجي ڪيت ۾، وڌيڪ هڪ مثال ٻڌجي ڏيکارڻ لاءِ، اهي پوکيندو، ۽ پوءِ ٻن يا ٽن سالن ۾ سندس علائقي جو اڌ فصل تہ ضرور انهن ئي عالمشان جڙن جو لهندو! ان کان پوءِ موسيور ڪرسٽافر فاس برج ڏانهن روانو ٿي ويو.

بس، ائين اسان جي ملڪ ۾ پٽاٽن جي پهرين آمد ٿيي. سون سمجهيو تہ اسان جي اڄ جي هاري پائرن کي اڃا گالهہ ٻڌي خوشي ٿيندي تہ اهو واتعو هتي اسان وٽ ڪيئن عمل ۾ آيو هو. انهيءَ ڪري، ڪجهہ تفصيل سان، اهو قصو هتي سون بيان ڪيو آهي.

ٻئي سال، منهنجي دين جي پيءُ کي ٻيجارا پنهنجي جابلو لهواڙيَ آئڻي ۾ وڌا، ۽ آن مان هن جملي آسيِ ٻوڙا ڪيا، ۽ افسوس، تڏهن وري هڪڙو نڪون افواهہ اٿيو تہ پٽاٽن ڪائڻ سان ڪوڙهہ جو مرض ٿي تيو! انهيءَ ڪري، سواءِ لابراقس جي هڪ واپاريءَ، لمٿوسيور، ۽ پهاڙي علائقي جي ٻن مزورن جي، شروع ۾ ٻئي ڪنهن آهي نہ ورتا! ۽ ترت ئي ايندڙ سرءُ جي موسم ۾، اخبارن ۾ خبر ڇپي تہ هڪڙي

پتل مانس، 'پارليمنٽر' ڪالي، پئرس جي آسپاس آهي ساڳيون جڙون پوکيون هيون، ۽ پيداوار مان ڪجهه 'جهان پناهه بادشاهه سلامت' ڪي به پيش ڪيون هئائين، جنهن آهي ڪاڏيون به هيون؛ جنهن تي اسان جي اڀوجهه دنيا به آنهن جي ڪائڻ تي وري لڙي پيئي؛ ۽ استاد لهروءَ جو سڄو فصل ـــ توڙي جو ماڻهن جي آن ئڻيءَ بيوقوفيءَ تي پاڻ ڏاڍو ڪاوڙيل هو ـــ آنهيءَ مند ۾ ئي وڏي اڳهه وڪامي ويو.

(٥)

آنهيءَ وقت ڪان پوءِ ئي، سچ پچ تم جنهن ڪي جيئڻ ڇڏيو آهي، تيئن آڳ جيئڻ لڳو هوس. آهو جيڪو ڪجهه نٿو چاڻي، ۽ خود- سکيا جا ذريعا ڪونه اٿس، هن دنيا ۾ هڪ بيواهي نفرت وانگر ئي جيئي ٿو. هو رڳو ٻين لاءِ وهي ٿو، هو پنهنجن مالڪن ڪي ئي آڏي ٿو، ۽ پوءِ، جڏهن پوڙهو ۽ هيٺو ٿئي ٿو، تڏهن هن ڪي آهي لوڏي، ڪيڏي ٿا چڏين.

هر روز صبح جو سوير منهنجو پيءُ مون ڪي اڏارينڊو هو، منهنجا پاڙ ۽ پيٽون اڃان ستا پيا هوندا هئا. بنان ڪنهن آواز ڪئي، آڳ ڪپڙا پائيندو هوس، ۽ ٻرن ۾ رکاڻ جي جُتي پائي، ۽ پنهنجي ننڍڙي ڳوٺري ڪلهي ۾ وڃهي، نڪري ويندو هوس؛ منهنجي مٿي تي بار ڏيوئڻ واري وڏي ٽوپي پيل هوندي هئي، ۽ پنهي ٻانهن ۾ ننڍڙي پنهنجي صندلي ڪنبو، چاتيءَ سان لايو، ويندو هوس. آلهن ڏينهن ۾، سماري نڪرڻ سان ئي ڏيون پوندي هيون. باهران در ٻڌي ڪري، پهرين هٿن تي ڦوڪون هڻندو هوس ته ڪوساڻ ٿئين، ۽ پوءِ پنهنجي واٽ وڃي، هليو ويندو هوس.

هيترن سالن ڪان پوءِ، جيئن نم هر ڳالهه دل تي تري ٿي اڇيم ـــ فوٽ. پاڙي جيڪا پهرين مٽيري ٿهي ويئي، پوءِ هيٺ لهندي ٿهي هلي، رستي جي پر وارا جهونا ٿوڙها وڻ، سياري جي خاموشي جيڪا سڄي ٻيلي تي ڇانئين پيئي هوندي هئي. آن ڪان پوءِ، پري ڪاڻ، وادي‌ءَ جي پيٽ ۾، لڙل برج جو ڳوٽ نظر ايندو هو، آن جو ڇهنبدار

منارو جنهن تي هوائي ڪڙڻ ٿي سفيد ڪوهيري ۾ آڪيو ٻيٽو هوندو هو؛ آن ڪان پوءِ هيٺ برف جي ستهي تهه سان ڍڪيل مقبرن وارو ننڍڙو مقام ايندو هو؛ پوءِ پراڻا اڏوگاهڙا گهرَ ندي، فادر سيرِوين جي چرچ، جتي هانڊي تي هر وقت ٽڙڪ ٽڙڪ ٻيئي ڪندي هئي! ڇا، ائين ٿي سگهي ٿو تم ڏينهن جون شمون دل ۾ ڇڪيل سدا جيئرين رهن ٿيون، جڏهن ٻيون سڀ ويسر جي جي ڪُن ۾ هڏي ٿيون وڃن؟

اڪثر آءٌ اسڪول ۾ همهشه پهرين پهچندو هوس. خالي ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿي، آءٌ موسيو ڪرستافر جي ماءُ کي ڏسندو هوس ــ هڪ جهڪيل، ننڍي قد جي، گهنج گهنج ٽيل پوڙهي عورت، جنهن کي سڏائين ڳاڙهو سوٽي پيشگير پاتل هوندو هو، ۽ مٿي تي هٿن سيل ڪپهه پريل ڏنانو ٽوپ سندس وانگوڙي تي آڪيو ٻيو هوندو هو— آها بنهه آنهيءَ مهل باهه ٻاريو ويني هوندي هئي. پنهنجي صندلي سيگڙيءَ جي پرسان آڻي، آءٌ پنهنجي ڪاڪ جي جُتي ۾ آن جي هيٺان رکي ڇڏيندو هوس، انهيءَ لاءِ تم باهه جي سيڪ تي آها ڪجهه سُکي پوي. اهو نظارو، اصل هينئر ۾، منهنجي اکين آڏو ٻيٽو آهي ــ جن جي پاڻيءَ سان اوراڳيل پٽ، ننڍين ٻنڊڙين وانگون قطارن ۾ ٻيل، وڏي ڪاري ميز، ۾ درين جي وچ ۾ پٽ سان لڳل، آن جي پاسي ڪان ڪوٺيءَ جي بلڪل ڪنڊ ۾ موسيو ڪرستافر جي ڪرسي ننڍڙي هڪڙي صندل تي رکيل، جنهن جي مٿان پٽ تي ننڍڙي، ڪاڪ جي ڦهيل صليب ٽنگي ٻيئي هوندي هئي.

جيتوڻيڪ ڪوٺيءَ جي ٻهاري اسين واري واري سان ڏيندا هئاسين، پر پنهنجي واري ڪان سواءِ ٻي ٻين لاءِ ترسڻ بدران آڻيآها پهرين ئي شروع ڪري ڏيندو هوس. ٻيا ڇوڪرا لاپراقس، هاتناسن، ۽ ٻڻ پرانهين ڪوٺ شِوراف ڪان ٻه ايندا هئا.

هِن اسڪول ۾ ئي آءٌ پنهنجن پراڻن ساٿين سان ملهو هوس: لُوئِي فراسرد، جيڪو مير جو پٽ هو، ۽ جواني ۾ ئي، انقلاب ۾، پوءِ مارجي ويو هو؛ آئلاس ڪليمنٽ، جيڪو پوءِ والميءَ جي ميدان ۾ برج لوڊ بندوق جي گولي لڳڻ سان مارجي ويو (هو ۱۸۹۲ع ۾

وڏي ليفٽيننٽ ٿيو هو)؛ ڊوميڻيڪ ڪلاز، جيڪو پوءِ سٽورين شهر ۾ فرنيچر ٺاهڻ جو ڪارخانو کوليو ويٺو هو؛ فرئنڪو مائر، جو پوءِ ڇهين گهوڙي سوار لشڪر جو ماسٽر ٽيلر ٿيو هو، جيڪو چون ٿا ته نيٽ وڏو هڪ دولتمند ماڻهو بنجي ويو هو، ۽ پوءِ ڪيڏانهن ويو تنهن جي سون کي خبر پئجي نه سگهي؛ ۽ اٺنٽوني سِمٽ، جيڪو پوءِ اولڊ گارڊ دستي ۾ آفيسر ٿيو هو. هيءُ اٺنٽوني ١٨١٥ع کان پوءِ سون سان ملڻ لاءِ گهٽو منهنجي فارم تي ايندو هو، جتي اسين ويهي پنهنجن گذريل ڏينهن جون گالهيون کندا هئاسين، ۽ جڏهن ايندو هو تڏهن رهڻ لاءِ آءٌ هن کي ڏاڪڻ کان مٿي پنهنجي مهمانن واري ڪمري ۾ رهائيندو هوس. پيو هڪ جئڪس مهسيئٽر، ٻيلن ۽ ڊنڊين جو وڏو عملدار هوندو هو؛ ۽ هُبرٽ پيرن، هيمنگ گوٽ جو پوسٽ ماسٽر؛ ۽ ائين پنجاهه کن ٻيا، جيڪي سڀ انقلاب کان سواءِ، ڪڏهن به مٿي چڙهي ڪنهن درجي تي ڪونه پهچي سگهن ها.

١٧٨٩ع کان اڳ، سوچيءَ جو پٽ سوچي ئي رهندو هو، ۽ ڪائنئٽر جو پٽ ڪائنئٽر. ماڻهو پنهنجي طبقي کان ٻاهر نڪري ئي نه سگهندو هو. ٽهن يا چاليهن سالن کان پوءِ به ماڻهوءَ کي آتي ئي ٻئل ڏسبو هو جتي هو پهرين هو. ماڻهو رگو گرلدو هو ۽ سنهون ٽيندو هو، يا مچندو هو ۽ ٽلهو ٽيندو هو، بس. پر اڄ ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي همت ۽ عملي شعور سان مٿي چڙهڻ ممڪن آهي. ڪنهن کي ڪڏهن ڏراس ٿيڻ جي ضرورت ناهي. هاريءَ جو پٽ به، پشرطيڪ هُن ۾ قابليت ۽ سڃائي آهي، فرانس تي حڪمراني ڪري سگهي ٿو.

اچو تہ اِنهيءَ ڪري خدا جا گڻ ياد ڪريون، جو آن پنهنجي روشنيءَ سان اسان کي نوازيو. اچو تہ هِن ايڏيءَ تابناڪ تبديليءَ لاءِ آن جو شڪر ادا ڪريون!

پنهنجن پراڻن اسڪولي ساٿين جي سون گالهه پئي ڪئي ـ آهي هاڻي سيئي موڪلائي ويل آهن. پَرٌ سال، اسين سڀ فقط ۾ وڃي رهيا هئاسين ـ جوزيف برٌوزو، فلس برج ۾ ٽوپلا ٺاهيندو هو، ۽ آءٌ. جڏهن به آءٌ بهارجي موسم لاءِ هلڪو تيلين جو ٽوپلو وٺڻ آتي ويندو

هوس، تہ آهو جنگ برڙوزو پري کان منهنجو آواز سڃاڻي وڃندو هو، ۽ هڪ ٽنگ پٽيان گهليندو، پاهر نڪرڻ کان اڳ ئي دانهن ڪندو هو:

"ها! اهو مچيل پٽسٽيان پيو اچي!"

پوءِ هو مون کي زور ڪري دوڪان جي پٽيان صفحي ۾ وڃي ويندو هو، ۽ ساڻس ويهي، برگنڊيءَ جي جهونءِ شراب جي بوتل پيڻ کان سواءِ، نہ ڇڏيندو هو. ۽ نہ وري جڏهن هو آخر مون کي در تي ڇڏڻ ايندو هو، تہ اٽين ڇوڙ ڪڏهن وسرندو هوس:

"هائو، هائو، مچيل! پاڻ اڃان پيا هلون! پر ڏيان ڏيئي ٻڌ! آڳ پنهنجو پاسپورٽ ڪٿيو پيو ويندس، تڏهن تون ۽ پنهنجي پاسپورٽ جو ويزا پيو ڪيائيندين! ها! ها! ها!" ۽ هو يڪا ٽهڪ ڏيئي پيو ڪلندو هو.

وڃارو برڙوزو! گذريل سرءَ ۾، هن جي آها گهڙي ۽ آئي، جڏهن هن کي نئين تختي تي رکيائون. پر، هن جيڪي ۽ مون کي چيو ٿي، آڳ تہ ۽ اڃان ويزا وٺڻ لاءِ تيار نہ آهيان. نہ، پهرين آڳ هيءَ تاريخ پوري ڪرڻ چاهيان ٿو؛ آن کان پوءِ، بيشڪ، آڳ ڪنهن ٻيءَ گاله لاءِ ۽ ترسندس. ماڻهوءَ کي وڃڻ لاءِ گهٽي تڪڙ نہ ڪرڻ ڪپي. ماڻهوءَ لاءِ سدائين ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جو وقت آهي.

اهڙيءَ طرح موسيور ڪرستافر جي گهر ۾ ئي آڳ پنهنجن پراڻن ساٿين سان واقف ٿيس؛ ۽ ۽ ۽ ۽ ۽ ۽ جن جا نالا ممڪن آهي تہ اڳتي ياد اچنہ. اٽين ٻجي تائين، آهي، هڪ هڪ ٽي، اچي منهڙندا هئا، ۽ رڙ ڪري چوندا هئا:

"روز بخير، موسيور ڪرستافر! روز بخير، موسيور ڪرستافر!"

موسيور ڪرستافر نہ ۾ هوندو هو تہ ۽ آنهن جي آن سلام کي جهل ڪانہ هئي. آن صورت ۾ هو سلام ڪندا، سگڙيءَ جي ڇوڪرڙ گاهٽ ٿيندا ويندا هئا، ڪلندا هئا، هڪٻئي کي ٽهلها ڏيندا هئا؛ پر موسيور ڪرستافر جا ڳرا قدم پري کان پڏندي ٿي، هو اٽين چپ ٿي ويندا هئا جهڙي پٽ. هرڪو پنهنجن تي وڃي پنهنجي جاءِ وڃندو هو، ۽

پنهنجن گوڏن تي تصويري صليب رکي، ڪنڌ هيٺ ڪري، ويهي رهندا هئا. سڄي ڪلاس ۾ ساهه ڪٽڻ جو آواز به ڪونه ٻڌبو هو، ڇو ته، سڄي ڳالهه اِها هئي ته، موسيور ڪرسٽافر کي وڙهڻ يا گوڙ ڪرڻ هرگز پسند ڪونه هو، ۽ سون کي ياد آهي ته هڪ ٻن ڀيرن کان وڌيڪ ائين ٿيو هو ته ڪلاس ۾ ڇوڪرن هڪٻئي کي ٽونڪيون ڀئي هنيون، ۽ موسيور ڪرسٽافر اُٺا ڳالهه ڏسڻ سان، اُٿي هڪڙي ڪنهن ڇوڪر کي ڪچيءَ کان جهلي، بينچ تان گهليندي، ائين وٺي در کان ٻاهر آڇليو جڙ هو ڪو بليءَ جو پونگڙو هو.

۽ نه ئي ڪڏهن اُن کان پوءِ، ڪنهن کي وري ڪجهه ڪرڻ جي ڪا همت ٿي. ڪلاس ۾ هن جو اسان ڏانهن اهڙو رڳو ڏسڻ ئي ڪافي هو، هر ڪنهن کي بس ڏڪٽي وٺي ويندي هئي.

جيئن ئي موسيور ڪرسٽافر اسڪول پهچندو هو ته در تي بيهي صورتحال جو جائزو وٺندو هو. رڳو ٻاهم جي ٻرڻ جو هلڪو ٽڙڪو پيو ٻڌبو هو، باقي ٻي ڪابه شيءِ چرندي پرندي ڪانه ڏسبي هئي. پوءِ هو پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهندو هو، ۽ گهري آواز ۾ چوندو هو، "شروع ڪريو!" جنهن تي اسين گڏجي 'الفابيٽ' اچارڻ شروع ڪري ڏيندا هئاسين. ائين ڪجهه وقت هلندو، پر موسيور ڪرسٽافر پوءِ هڪدم چوندو، "بند" ۽ هر ڪو بلڪل ساڻ ٿي ويندو.

پوءِ هو اسان مان هر اِڪ کي واري واري سان گهرائيندو. "جئڪس! مڇيل! نڪولس! هيڏانهن اچ!"

ٽوپي هٿ ۾ جهلي، اسين ڏانهس ويندا هئاسين.

"توکي ڪنهن خلقيو ۽ هن دنيا ۾ موڪليو آهي؟"

"خدا."

"۽ خدا توکي ڇو خلقيو آهي، ۽ ڇو هن دنيا ۾ موڪليو آهي؟"

"هن کي پوڄڻ لاءِ، هن سان محبت ڪرڻ لاءِ، ۽ هن جي ٻانهپ ڪرڻ لاءِ، ته اسين ابدي حياتي پائي سگهون."

اسان جي سکيا جو هيءُ هڪ بهترين طريقو هو. رڳو ٻن کي جواب ڏيندي ٻڌن سان، ٿن مهينن ۾، آءٌ سڀ "ڏين جا سوال جواب" سکي ويس.

۽ هو اسان کي ائين ٻوڙيءَ گالهيون ٻ سوالن جوابن جي صورت ۾ چوارائيندو هو؛ آن کان پوءِ، يارهين ڄجي ڏاري، هو آڻي بينچن جي ٻنيان ويندو ۽ جهڪي ڏسندو تہ اسين پڙهي رهيا هئاسين يا نہ. جي ڪنهن لفظ جي اسپيلنگ اوهين پيا ياد ڪندا هوندا تہ هو آها ڏيي، اوهان جي هلڪي ڪن ۾ مهٽ ڪري چوندو:

"ٺيڪ! هاڻي، بس!"

هر ڀيري جڏهن هو مون کي ائين چوندو هو، تہ لڳ ڀڳ منهنجو ساهہ ٻيهي ويندو هو، ۽ منهنجون اکيون خوشيءَ وچان ڇڻ لڳنديون هيون. هڪ ڀيري هُن مون کي ائين ٻ چيو:

"تون استاد ٿيروءَ کي چئج تہ تو مان آءٌ خوش آهيان. ڏين ٿو؟ آءٌ توکي اهو ٻڌاڻو هُن تائين پهچائڻ لاءِ ڏيان ٿو."

آن ڏينهن تہ آءٌ نہ شهر جي ميئر ۽ نہ ڪنهن گورنر، ۽ نہ ئي ڪنهن نواب يا آن جي ڪنهن عام مختيارئي کي پنهنجي سؤٽ ماسات طور قبولڻ لاءِ تيار هوس! پر، مون، پوءِ ٻ، استاد جين سان ڪا گالهہ ڪانہ ڪئي، انهيءَ ڊپ کان تہ ڪٿي آءٌ پنهنجي آڏو اهڙي ڪنهن آهنڪار جو ڏوهي ٿي پوان.

مارچ جي شروع تائين آءٌ پڙهڻ لائق ٿي ويس. پر اها منهنجي بد قسمتيءَ جي گالهہ هئي، جو استاد جين سڄو سال مون کي ٻنان ڪم ورتي ڇڏي نٿي سگهيو؛ انهيءَ ڪري جيئن ئي بهار موڪي آيو، تہ مون کي اسڪول ڇڏڻو پيو، ۽ هڪ ڀيرو ٻهر مال مان وڃڻو پيو. ٻهرحال، آءٌ پنهنجي ٽيلهي ۾ سدائين "ڏين جا سوال جواب" ڪٿي ويندو هوس، ۽ جيستائين منهنجون ٻڪريون ٽڪرين تي چڙهنديون ويندیون هيون تيستائين آءٌ هيٺ گاهہ جي ڪنهن ٻُوڙي تي يا ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺو سيئي آهي سبقَ پڙهندو ۽ ياد ڪندو هوس، جيڪي اسان جي مانائتي استاد، سائينءَ ڪرسٽافر، اسان کي پاڙهيا هئا.

اِنهيءَ منهنجي اونَ ۾ پورهئي جو نتيجو اِهو نڪتو، جو پنهنجن سڀن کي وساريُ بدران، جيئن هاتناسن، شيورانَ ۾ پنهن ڳولڻ جي چوڪرن کان اُهي وسري ويا هئا، مون کي اُهي سرءُ جي موسم ايندي ايندي، پاڻ وڏيڪ ياد ٿي ويا ۽ وڏيڪ سمجهه ۾ اچي ويا؛ اِنهيءَ ڪري، جيئن ئي سيارو آيو ۽ آءٌ اسڪول وڃڻ لڳس، تہ موسيو ڪرستافر مون کي مٿي ٽپائي، لُزل برج جي شاهوڪار ڇوڪرن جي ڪلاس ۾ ويهاري ڇڏيو، جيڪي سڄو سال پيا اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ڳالهه مختصر تہ آءٌ، اِئين ٿيندي ٿيندي، اُهو سڀ سکي ويس، جيڪو ڀهراڙيءَ ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ تڏهن سيکاريو ويندو هو—يعني پڙهڻ ۽ لکڻ ۽ ڪجهه حساب بہ. اِن طرح ٻندرهينءَ مارچ ١٧٨١ع تي آءٌ پڙهيلن جي شروعاتي قطار ۾ ٻيٺل شمار ٿيس، ۽ اُن تي منهنجي اسڪولي پڙهائي گويا ختم ئي ٿي ويئي. آءٌ هاڻي اُهڙو ئي ڄاڻو هوس جهڙو خود استاد جنَ هو. باقي جو ڪجهه هو، اُهو مون وٽ منهنجي سخت محنت ۽ پڪي ارادي جي مدد سان، يعني پنهنجي مدد پاڻ سان، وقت گذرندي ۽ وقت سارُو اچڻو هو ۽ آيو بہ.

اُن وقت کان وٺي استاد جين پنهنجي دَڪ ۾ مون کي پنهنجي هڪ شاگرد ڪاريگر طور رکيو، ۽ پنهنجي مال جو پهرائڙَ ۽ اُن جي ٻي ٽهل ٽڪورَ شهر جيَ ڏنار، پوڙهي وِيوِيءَ جي حوالي ڪري ڇڏي. اِئين هو تہ وڃاڻ ۾ مال جي سنڀال ايان بہ منهنجي ذمي هئي، پر ساڳئي وقت آءٌ شاگردَ—ڪاريگر بہ هوس، ۽ مون کي استاد جين وانگر پڪو استاد ئي بڻجڻو هو؛ ۽ ايترا گهڻاڪي مهينا بہ نہ گذريا، جو مون ۾ اُها قابليت اچي ويئي، جو آءٌ لوهه جي هڪ پٽيءَ کي ڏن تهن ۾ چيري سگهيس ٿي.

امڙ ڪٽرين ۽ نڪولي ٻيئي منهنجو ڏاڍو گهڻو خيال رکندڙن هيون، ڇو تہ جنهن ڏينهن استاد جون اکيون دکڻ ۾ باهم تي گهڻي وقت ۽ لڳاتار بيهڻ سبب ٽڪجي پونديون هيون، اُنهيءَ شام تي اُنهن کي گرينٽون ۽ هر قسم جا پترا جيڪي شاويل آڻيندو هو، سي آءٌ ڏاڍيان پڙهي ٻڌائيندو هوس. اِنهيءَ طرح، آءٌ گهڻيون اهڙيون شيون اُنهن کي

پڙهي ٻڌائيندو هوس، جن کي پاڻ ۾ سمجهي نه سگهندو هوس. مثال طور، جڏهن گزيٽ "شاهي تخت" جي حقن جي گالهه ٿي ڪئي، ۽ "سرڪاري زمينن" تي ڏڻ جي، ۽ "انتخابي ضلعن" جي، تہ انهن جي مطلب کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ مون کي رت ۽ پاڻي ۽ گڏڙ پگهر اچي ويندا هئا. آڳ اهو تہ سمجهندو هوس تہ گزيٽ ۾ پٽسن جي ئي گالهه ڪيل هئي، جيڪي بادشاهه کي ڏيڻا هئا، پر ان گالهه جي پوري پروڙ پنجي نہ پئي سگهيم تہ ڪهڙن مخصوص ذريعن سان آهي پئسا اسان کان چڏايا ٿي ويا.

پر جن گالهين جو اسان جي پهراڙيءَ سان واسطو هو، انهن جو سمجهڻ مون لاءِ آسان هو. جڏهن گزيٽ "لوئ ئڪس" بابت گالهايو ٿي، تہ ان جي حقيقت مون چاتي ٿي. مثلاً هر هفتي آڳ گهر لاءِ لوئ وڻڻ لاءِ شهر ۾ ويس ٿي، جتي مون کي في پائونڊ ڇهہ "سُو" جيڪي اڄ جي پارنهن "سُو" جي برابر آهن، ڏيڻا پيا ٿي، ۽ اڪثين ڏڻل هوم تہ ئڪس ڪليڪٽر ڪيڻن هر پاڳن قِنتل مسڪين ماڻهوءَ کي جيڪو هن جي اک ۾ ٿي آيو، رڙ ڪري، پاڻ وٽ سڏيو ٿي:

"تون اڳئين اڳاري تي ڪونہ آيو هئين! تون چوريءَ جو مال وڻندو ٿو رهين! خبردار ٿي هل!"

حقيقت هيءَ هئي تہ ماڻهوءَ کي لوئ نہ رڳو ئڪس آفيس تان وڻڻو ٿي پيو ۽ ان جي اصل قيمت کان واڌو قيمت تي، پر هر هفتي ڪٽنب جي في کس پاتيءَ پوران ان آفيس ۾ سندس چڪاس ٻڌ ڪئي ٿي ويئي!

وري گزيٽ جڏهن "ڏهين اوگڙ" جي گالهه ٿي ڪئي، تہ ٻہ مون کي لابارن ۾ جتي ڪٽي هڪڙو رڙيون ڪري سڏيندڙ، ٽلهو ٽنيرو ماڻهو، ساڻ جي چڙهيءَ ۽ گاڏن سان، اکين آڏو ٿي آيو.

"هون! هون! يارهين ڪهڙي پري رک!"

تن ڏينهين، خراب موسم ۾ ٽوڙي بارش جي هاواڻي وقت، ڪهڙيون سيءَ ڏاهي قطارن ۾ رکڻيون پونديون هيون. پوءِ اهو "ڏهہ آ گاڙو" آهستي آهستي آڻي ايندو، ۽ ڏسي ڏسي، ڏاڍيءَ

ڊرائيءَ سان، ماڻهن جي اکين آڏو، بهترين ڪُهڙي ڪٽندو ۽ پنهنجي گاڏي ۾ ڪٽي وڃڻ جو حڪم ڏيندو. هائو، اهي سڀ ڳالهيون تہ منهنجي سمجهه ۾ آيون ٿيون ويون.

۽ پڻ شراب جي محصولن جي ڳالهه ۾ آءٌ سمجهي ٿي سگهيس؛ وڪري جي "تيجهه" جي ڳالهه ۾؛ چونگين جي ۾؛ تجارتي سامان جي دلاليءَ جي، مجموعي حقن، محفوظ حقن، محصول بنديءَ جي حقن، تقسيم ملڪيت جي حقن، داخلا جي حق، ناڪي بنديءَ جي حق، تيل بنديءَ جي حقن، ۽ اهڙن ٻين "حقن" جي ڳالهه ۾. ۽ نہ وري شهر جي ناڪي بندين، مارڪيٽ بندين، شهر جي ميئر پٽي، ۽ پڻ قسم تي ڪم ڪندڙ انسپيڪٽرن، ٽين هٿندڙن، تورڻ ماپ ڪندڙن، بوتل بندن، آبڪاري انسپيڪٽرن، فوڊ انسپيڪٽرن، ليسن ورتل تاجرن، ڪليڪٽرن، گاهم انسپيڪٽرن، سوئرن جي ڪنٽرولرن، ڪوس گهر انسپيڪٽرن، يا ٻين هزارين عملدارن، جيڪي آيا ٿي ۽ ويا ٿي، جن خالي ڏنو ٿي، جن هٽ لائي ڏنو ٿي، جن ڪوليو ٿي، جن روڪيو ٿي، گاز ڪڍ ٿي ڪئي، نيلام ٿي ڪيو — تن جي ۽ آنهن جي سڄن سارن اڻان جي ڳالهين ڪي سمجهڻ ۾ مون لاءِ مشڪل نہ هو.

پر ٻيون ڳالهيون جيڪي منهنجي سمجهڻ ڪان مٿي هيون، جو تہ آهي منهنجي ڏسڻ واڻسڻ يا ٻڌي ڪٿهن نموني منهنجي تجربي ۾ نہ آيل هيون، آهي مون کي شاويل سمجهايون ٿي.

"تون ڄاڻڻ گهرين ٿو تہ "انتخابي ضلعو" ڇا آهي! ائين نہ؟" سگڙيءَ جي پويان، پنهنجيءَ جاءِ تان، آهستگيءَ سان، هٽن مون ڪان پڇيو. "پر اها ڳالهه سمجهڻ" ڪا ڏکي ڪانهي، مچيل! هڪ "انتخابي ضلعو" فرانس جو هڪ" ٽروار ڪيل حد وارو، قديمي پرڳڻو يا علائقو آهي، جيئن مڪيم اهڙن علائقن سان پئرس، سئوسٽنس يا آرلياانس آهن، جتان بادشاهن جي ابتدا ٿي هئي. آنهن حدن يا ايراضين ۾ بادشاهه جا عملدار سيڪجهه آهن ۽ سيڪجهه ڪن ٿا، آتي هو جيڪي ٽئڪسون ڪين وٽن سي وڃهن ٿا، بارن مٽان بار گڏهه جي پٺيءَ تي ستيندا رهن ٿا! هرهنڌ ائين هو هلن ٿا جڻ آتان جا هو مالڪ آهن، ڪوبہ ڪا

'چا يا چو' جي بڑڪ يا ٻي ڪا دانهن ڪري نٿو سگهي. اهڙن دادلن جي خلاف ماڻهن جون دانهون يا شڪايتون ٻڌڻ لاءِ موڪي، وري ٻه، آنهن ڏي وٺ پهچن ٿيون! اڳي آنهن علائقن جا ماڻهو پنهنجي محصول بندي پاڻ ڪندا هئا ــ آن لاءِ اختيار وارا ماڻهو هو پاڻ چونڊيندا هئا، ۽ اِئون هو پنهنجي پٽين تي 'بار' پنهنجو ڪاڏو پاڻ ڪري رکندا هئا، تہ جيئن هو گهٽ ۾ گهٽ تڪليف سان آهو ڪڍي سگهن؛ ۽ چاڪاڻ تہ آهي سندن ڪائي ڪنڊ يا محصول بندي ڪرڻ وارا ماڻهو سندن 'چونڊيل' يا 'انتخاب ڪيل' ماڻهو سڏيا هئا، انهيءَ ڪري آنهن علائقن تي نالو ٻه 'چونڊ وارو علائقو' يا 'انتخابي علائقو' يا 'ضلعو' پئجي ويو. پر گذريل ڏهن سئو ڏن سالن ڪان وٺي، آتي-ٻه، محصول بندي ڪنڊ ماڻهو بادشاهہ پاڻ يا بادشاهہ جا پنهنجا عملدار مقرر ڪن ٿا ــ جيڪا گاڙهہ آنهن کي پنهنجي لاءِ فائديمند ٿي لڳي"؛ اِتي، شاويل اڪ ڳجهي. "هاڻي، تو سمجهيو، مچيل؟" هُن وڏيڪ چيو.

"هائو استاد شاويل."

"رياستي يا 'فتح ٿيل' علائقن جي حالت ۾، بهرحال ــ يعني اهڙا علائقا جيئن لورين، آلسڪ، برطاني، ۽ برگنڊي وغيرهہ ــ صورت ڪجهہ ٻي آهي. آنهن ۾ بادشاهہ جا عملدار سيڪجهہ نہ ٿا ڪن، چو تہ وقت بوقت، اِتان جا امير، ۽ بشاپ علائقائي اسيمبلين ۾ گڏجن ٿا، ۽ کي ٽئڪسون منظور ڪن ٿا ــ پهرين تہ سڄيءَ بادشاهت جي خرچ واسطي پنهنجي علائقي جي حصي طور (جنهن کي هو 'بادشاهہ لاءِ مفت ڏَن' يا ڏان' چون ٿا)، ۽ ٻيو پنهنجي علائقي جي رستن، آب رسانيءَ، عمارتسازيءَ ۽ ٻين اهڙن ڪمن لاءِ خرچ طور. اِنهيءَ صورت کي قبول ڪرڻ ڪان پهريائين، اسان جي آنهن علائقن ــ يعني آتان جي امير ۽ بشاپن، سمجهين ٿو ٻہ! ــ ڏاهپ ڪان ڪم وٺي، کي پنهنجا شرط رکيا: يعني هو شرطن تي پيش پيا، ۽ ڏاهپ اِها ڪيائون تہ پنهنجي خاص ذاتي حقن ۽ مفادن جو بچاءُ ڪيائون. ۽ باقي رهي اسان مسڪينن، ليا گن، عام ماڻهن جي گاڙهہ، تہ اسين تہ رڳو ڏيون ٿا، ادا ڪريون ٿا. اِهو آهي اسان جو حق ــ آهو حق جيڪو

اسان کان کو بہ نہ کسي سگھي ٿو ۽ نہ کسي ٿو! هائو، اسين ڏيون ٿا، ادا ڪريون ٿا ــ نہ رڳو اڳي وانگر سڀ آهي محصول جيڪي اسان جا علائقا (آتان جا امير ۽ پشاپ) اسان کان هونئن ئي وٺندا هئا، پر، پيش پوڻ کان پوءِ بادشاهہ جي خرچن لاءِ بہ اسين ڏيون ٿا. اهو اسان تي وڏو احسان ۽ اِها اسان تي سڀ کان اعليٰ نعمت شمارجي ٿي. تون منهنجي گالهہ سمجهين ٿو، ڇيل؟"

"هائو."

"تہ پوءِ اِن سڀ کي ياد رکڻ جي ڪوشش ڪر!"

پر استاد جين، اِهو ڪجهہ ٻڌي، خاموش رهي نہ سگهيو.

"پر اِهو انصاف کو نهي،" ميز تي مُڪ هڻندي، هُن چيو.

"نہ، اِهو انصاف کونهي. چا، سڀ اسين فرينچ لوڪ آهيون، يا نہ آهيون؟ ڇو اسان مان کي اِنهيءَ لائق هجن، جو پنهنجي لاءِ ٽئڪسون منظور ڪن، ۽ اسان مان ٻيا هجن، جي فقط ڏين، ادا ڪن؟ چا، نفعا ۽ خرچ سڀئي گڏجي، حصي رسيءَ سان، پاڻ ۾ ورهائي نہ ڪٺجن؟"

"هائو، بيشڪ،" شاويل آهستگيءَ سان وراڻيو. "بندشون ۽ لوڙها، ٽئڪسون، مالي امدادون، بيگريون ــ ٿورن لفظن ۾، سڀ اِهي چٽيون ۽ پَرڻا، جيڪي بارَ رڳو غريبن جي ٻڌيءَ تي لڏجن ٿا ۽ هو امير، ديوالِون ۽ خانقاهہ، ۽ خود اسان جا 'بُورجوا'، (شهري، ملڪيتدار) طبقن جا ماڻهو، جيڪي امير ٻڌجڻ وارا ئي هوندا آهن، تن سڀني کي ڪو بہ بارُ ڪٽوڪونہ ٿو پوي؛ هي سڀ ڪجهہ، آڳ چوان ٿو، انصاف کونهي. پر اِن بابت گالهائڻ مان چا فائدو؟ گالهائڻ سان ڪجهہ بہ اسين بدلائي نہ سگهنداسين."

شاويل کي ڪڏهن ڪاوڙ ڪانہ ايندي هئي. اڪثر آڳ هن کي پنهنجن وڏن جي ڏکن ۽ تڪليفن بابت ڏاڍيءَ سانتاڪائيءَ ۽ گنڀيرائيءَ سان گالهائيندي ٻڌندو هوس ــ ڪيئن آهي اوائل ۾ روشيل جي علائقي مان لوڏ جي نڪتا هئا، ڪائنن زمينون، گهر ۽ پيسا ڦريا ويا هئا، ۽ سڄي فرانس ۾ مٿن هر هنڌ ظلم ڪيا ويا هئا، ويندي سندن پار بہ ڪانئن ڪسيا ويا هئا تہ اُنهن کي ڦيرائي ڪٺواڪ

ڊين ۾ آندو وڃي؛ ۽ اڳتي هلي، (ڪسيم جي علائقي ۾) ڪيئن گھوڙي سوار فوج مٿن چاڙهي موڪلي ويئي هئي تہ تلوار جي ڊپ ۾ مجبور، هو پنهنجو دين ڇڏي ڏين: پوءِ ڪيئن هن جو پيءُ گاٽيل جي ٻيلي ۾ وڃي لڪو هو جتي ٻئي ڏينهن سندس زال ۽ ٻار وڃي ساڻس مليا هئا ــــ آهي سڀ هر شيءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. پر عقيدي تي قائم رهيا ٿي؛ ڪيئن هن جي ڏاڏي، ڊنڪرڪ جي ساهلي علائقي ۾، هڪڙي ٻڙي تي باندي حلاصيءَ طور ٽيهہ سال گذاريا، جتي ڏينهن رات هو ٻڙي جي چپن سان هيٺ تري ۾ زنجيرن سان ٻڌو پيو هوندو هو ۽ هن جي اکين آڏو هن جا ڪيئي ڪالوپيني ساٿي مرندي مري ويا پر پنهنجي عقيدي ۽ اصولن تان نہ ڦريا هئا؛ ۽ ڪيئن، جڏهن سندن آهو ٻڙو جنگ ۾ انگريزن جي هڪ ٻڙي جي ٽوپن جي مُنهن ۾ اچي ويو هو، ۽ آنهن جي گولن جي لڳڻ سان هُنن مان ڪن جا زنجير ٽٽي پيا هئا ۽ هو پگهل ڪٽيل عضون سان آچلجي وڃي سمنڊ ۾ پيا هئا، جنهن ۾ ڪي لڙهي ويا ۽ ڪي سمنڊ جي جناورن جو کاڄ ٿي ويا، ۽ ڪي چولجي چولجي وڃي ڪنارن تي پيا.

اهي ڳالهيون، جن کي ٻڌي لرزجي ويندا هئاسين، هو اسان کي ٻڌائيندو هو، ۽ اسان جي ڇٹي ڪيري، پنهنجي تيريءَ تي رکي، آن کي ٿهيندو ۽ ٻه ٻو هو؛ سچو وقت سندس ننڍڙي ڏيءَ مارگريٽ، هڏ ڇوڙن ٻيلن ڇين سان، پنهنجون وڏيون اکيون ڪنيو، هُن جي مُنهن ۾ ڇتائي ٻڌي ڏسندي هئي.

همیشہ هو پنهنجون اهڙيون ڳالهيون ائين ڇٹي ختم ڪندو هو.

"هائو، اسين شاويل اهو ڪجهہ فرانس جي شاهي گھراڻي، بوربن، کي لهڻون تا ــــ لوئي چوڏهين کان لوئي پندرهين تائين، اسان جن پنهنجن بادشاهن کي ــ اهو لوئي پندرهون، جيڪو اسان فرينچ لوڪن جو تاريخ ۾ تمام گھڻو پيارو بادشاهہ ٿو سڏائي! اسان جي تاريخ ۾ عجيب تاريخ آهي، آهي نہ؟ اڄ جي هن گھڙيءَ ۾ آءٌ ڪنهن کي جو ناهيان ــــ منهنجو ڪوبہ سماجي وجود ڪونهي. ٻين

اسان جي بادشاهن وانگر، اسان جو هيءُ بادشاهه به جڏهن بشاپن ۽ آرڪ بشاپن جي وچ ۾ ٽيءِ، تخت تي ويٺو هو، تڏهن اسان کي نابود ڪرڻ جو قسم کنيو هئائين. آءٌ قسم کڻان ٿو تہ آءٌ سچ پچ ۽ پنهنجي ڪُلي طاقت سان، پنهنجي سڀني زمينن تان، جيڪي منهنجي حڪم هيٺ آيون آهن، آنهن سڀني ملحدن کي، جن جي ملحد هجڻ جو مقدس ڪليسا صاف لفظن ۾ اعلان ڪيو آهي، پاڙان پٽي ناس ڪندس.'

اوهان جا پادري جيڪي زندگيءَ جي سُک گالهين ۾ هر، شاديءَ ۽ موت ۾ جي نگهباني ڪن ٿا، ۽ جن کي هر فرينچ ماڻهوءَ جي اها خدمت ڪرڻ گهرجي، بهرحال، اسان جي انهن تقريبن جي نگهباني ۽ ڪان انڪار ٿا ڪن ۾ اسان جي هر، شاديءَ توڙي موت وقت هو اسان سان شامل حال نٿا رهن. اِن کان سواءِ، اسان جو قانون اسان کي جج، ڪائونسلر، ۽ اسڪول ماسٽر ٽيئي ڪيان منع ٿو ڪري. اسين دنيا ۾ رڳو رول جانورن وانگر رهي سگهون ٿا. جڏهن ڪاٿ تم شروع ڪان ئي اسين انهن سڀني ذريعن کان پاڻ کي ڪٽيل ڏسون ٿا، جن جي آذار تي ماڻهو جيئن ٿا ۽ اهو سڀ اِن کان پوءِ، جو اسين کي غلط ڪم ڪونہ ٿا ڪريون ۽ هر ڪو اسان جي سچائيءَ جي شاهدي ڏئي ٿو!"

"هائو، شاويل، اها سچ پچ تہ وڏي نفرت لائق گالهہ آهي،" استاد جين جيو. "پر، هون کي خيال ٿو اچي تہ 'سمجهائيءَ' جو ڇا ٿيندو، 'سمجهي خير خواهيءَ جو ڇا ٿيندو؟"

"هائو، سمجهائي، سمجهي خير خواهي، برابر! برابر! ڇا، اها انسان مان ڪڏهن ويئي آهي؟ اسان مان، اسان جي عام لوڪن مان؟ خدا جي مسڪين بندن مان؟ ۽ اسان جي جلادن جي خوش نصيبي شايد اها ئي رهي آهي. پر، آخرڪار، هر گالهہ ڇُڪائڻي پوندي، هر شيءِ موڙائڻي پوندي، ۽ سُنهوالتپ تي سُنهوالتپ سان، اِن تي ڪاوڙ ڪا بندش پوڻي ڪانهي ۾ جيڪڏهن هڪ سال اندر نہ، تہ ڪم از ڪم ڏهن سالن اندر؛ جيڪڏهن ڏهن سالن جي اندر نہ تہ سَؤ سالن اندر يا هزار سالن اندر. هائو، هر شيءِ ڏيڻي پوندي! هر شيءِ موڙائڻي پوندي!!"

اِنهيءَ طرح ، ائين سمجهڻو ئي ڏيهو تہ ، استاد جين تہ شايد ڏي وڃي، پر شاويل محصول بنديءَ جي رڳيءَ سهولت سان يا تخفيف سان، ۽ فوج ۾ جبري ڀرتيءَ جي ڪنهن سهولت يا اُن جي فقط آجائيءَ سان ، خوش ڏيڻو نہ هو. هن جي زرد مُنهن ۽ ننڊين سڄاڳ ڪارين اکين کي رڳو ڏسڻ سان، هن جي مُرجهايل چهري ۽ ڪومائيل پيڙي جي رڳو ڏسڻ سان، جيڪي شعور جي تڙڦ ۽ ذميداريءَ جي بار ڪٽڻ جي سزا طور ڏيڻي ۽ جهڪا ڏي ويا هئا ، ۽ پڻ هن جي سڪل ڪائيءَ جهڙن عضون کي ڏسي جيڪي رڪ جي تارُن وانگر سدا تڪيل ۽ آچايل ڏي لڳا، ماڻهو پنهنجي اندر ۾ اِهو ئي خيال آڏي سگهيو ڏي تہ: "هي مختصر ماڻهو 'سيڪجهم' يا 'ڪجهم نہ' لاءِ جيئي رهيو هو. هين وٺ آڏاهم صبر هو ۽ هي هزار ڏيرا بنديخاني جو خطرو ڪڏي سگهيو ڏي، رڳو اِن لاءِ تہ هو اُهي ڪتاب وڪڻندو رهي جن ۾ هن جي خيالن ۽ جذبن جي ترجماني هئي. هائو، هو ڪنهن ڪان ڍڄڻ وارو نہ هو، پر هر ڪنهن تي هُن جي اک هئي! واقعي، ماڻهوءَ لاءِ هر اهڙي موقعي کان، هر اهڙيءَ گهڙيءَ کان ، حذر ڪرڻ بهتر هو، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي هن جي مقابلو جو نشانو ٻڌجڻو پوي ! ۽ هين جي ننڊڙي ڏيءُ به اڳي ڏي پنهنجي ڏيءَ تي ويل ڏي لڳي. هيءُ اُهو ماڻهو هو جيڪو وڏي، ٽڪرا ٽڪرا تہ ڏي سگهيو ڏي، پر ڪڏهن به مُڙي يا جهُڪي نڏي سگهيو."

برابر، منهنجي ذهن ۾ اِهي سڀ خيال ڪونہ آيا هئا، چاڪاڻ تہ مان ننڊ و هوس؛ پر مون محسوس ضرور ائين ڪيو ڏي. اِنهيءَ ڪري منهنجي دل ۾ شاويل لاءِ وڏي عزت هئي ــ مون هر گهڙيءَ اِئين ڏي محسوس ڪيو تہ ڏوڙي هن ڪي سلام ڪريان، ڇو تہ هُن هارين جي پلائي ڇاهيي ڏي، ۽ اِنهيءَ ڪري هو ۽ آڳ هڪ" هئاسين.

هِنن ئي ڏينهن ۾ اخبارن اڪثر "ڪوٽ" جون گالهيون ڏي ڪيون؛ ۽ منهنجو ذهن جو ڀيءُ اڪثر عجب ۾ پئجي ڇونڊو هو تہ هو سمجهي نڏي سگهيو تہ "ڪوٽ" ڪٽان ڏي آڏي ؛ ماڻهو پنهنجا محصول ادا ڪري رهيا هئا ، ۽ اِئين ڪرڻ جي انعام ۾ ڪين هڪ

'ريئر' جي بہ معافي يا مهلت کانہ ڏني ويئي هئي؛ ۽ اهي محصول هر سال وڌندا ٻہ رهيا ٿي: اِن صورت ۾ ڪوٽ جي معني هئي تہ ڪٽي کي چوڙ ضرور هڻا؛ اسان جي نيڪ بادشاهہ لاءِ چگو هو تہ آنهن چورن جو پتو لڳائي ؛ ۽ اهي چور پڪ ئي پڪ اسان جي لڏي مان بہ تہ نٿي ٿي سگهيا، ڇاڪاڻ تہ محصول ادا ڪرڻ کان ٻوءِ اسان هارين تہ آن جو ڪو 'ليارد' اوري يا پري، واپس اڪثين ڪونہ ٿي ڏئو؛ ۽ اِنهيءَ ڪري، چور پڪ ئي پڪ بادشاهہ جي ويجهي عملي جا ٿي ٿي سگهيا.

اِن تي وٽلنٽائين ٻڌي پنهنجا هٿ آپا ڪري چيو:

"او، استاد جين! استاد جين! تون ڪهڙيون گالهيون ٻهو سوچين؟ بادشاهہ سلامت جي چوڌاري فقط شهزادا، نواب، رئيس، ۽ بشاپ رهن ٿا ـــ سڀ عزت وارا ماڻهو، آهي ٻيئي پنهنجي آبروءَ ۽ شان کي پنهنجي دولت کان مٿي ٿا سمجهن!"

"چگو چگو، مٽ موڙها!" استاد جين جواب ڏنس، "تون سمجهہ جيڪي سمجهين، **مون کي** بہ تہ چڏ تہ جو ڪاهيان سو سوچيان! مون کي ائين تہ تون ڪڏهن مڃائي نہ سگهندين تہ هاري، ڪاريگر، خود بورجوا ۽ وچ واري طبقي وارا، جيڪي هڪ سيڪو بہ نٿا ڇهن سواءِ اِن جي تہ آهو ڪٽي وري ڪٽي ڏيئي چڏين، سي کي انهيءَ ڪوٽ جو سبب ٿي سگهن ٿا. چوري ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي پهرين روڪڙ واريءَ ٻهتيءَ جي ويجهو تہ وڃڻو پوندو! اِنهيءَ ڪري، جي آهي شهزادا ناهن تہ آنهن جا دادلا تہ ضرور هوندا."

۽ اِن ۾ منهنجو دين جو پيءُ صحيح هو، ڇاڪاڻ تہ انقلاب کان اڳ، ماڻهو پنهنجا عيوضي حساب ڪتاب جي ڇڪاس لاءِ مٿي موڪلي ٿي ڪونہ سگهندا هئا. رڳي سينيور ۽ بشاپ، (سردار ۽ وڏا پادري) سيڪڙهہ پنهنجي هٿن ۾ رکيو وينا هوندا هئا، ۽ اِنهيءَ ڪري هر شيءِ لاءِ ٻاڻ ڏيوار هئا.

پر، سچ تہ هيءُ هو تہ ڪوٽ بابت ڪنهن کي بہ ڪاوڙ ڪانہ هئي. ماڻهو آن بابت گالهائيندا هئا، جيئن اخبارون بہ، وقتي، آن

بابت گالهائيندڙيون هيون، پر سڀ گول مول نموني، ۽ سو به اُن وقت کُجهه اهڙو ڇڙ ٻول اُٿي سگهيو هو، جڏهن بادشاهه جهنيوا شهر جي هڪ واپاريءَ، نيڪر، کي پنهنجو وزير مقرر ڪيو. هن ماٺهوءَ جي مَغز ۾ آيو (جيئن ڏيوالي جي بدناميءَ کان بچڻ لاءِ تاجر ڪندا آهن) ته سڄي فرانس جي پُسن جو حساب ڪُتاب ڪيو وڃي ته جيئن هڪ پاسي اُنهن جي آمدنيءَ ۽ ٻئي پاسي اُنهن جي روانگيءَ جو پوتاميل ٿئي ـــ ۽ اُن گالهه کي فوراً اخبارن کٽي "موسيور نيڪر جي چڪاس" جو نالو ڏنو!

۽ واقعي صدين جي گذري وڃڻ کان پوءِ اها "چڪاس" ٿي هئي، جو ته اهو پهريون موقعو هو، جو هارين کي پڌايو ٿي ويو ته هُنن جا پُسا ڪيڏانهن ٿي وڃن، چاڪاڻ ته جيڪي پُسا ڏين تن کي پُسن جو حساب ڏيڻ، اهو فقط هڪ واپاريءَ جو ئي خيال ٿي سگهيو ٿي، ۽ سڀنيور ۽ اُٽبٽ ۽ درويش ته ايترا گهٽا معتبر ۽ پڻ اعتباري، جگا مڙس ۽ سڳورا ماٺهو هئا، جو اهڙي خيال جو ونڊاڻ به سندن شان جي گهٽتائين ۾ شمار ٿيو ٿي!

جڏهن آءٌ موسيور نيڪر جي اُن "چڪاس" جو هاڻي سوچيان ٿو ته سچ پچ اُها نون کي هڪ خواب جيان لڳي ٿي. هر روز شام ٿيندي هئي ته استاد جين اُن جي گالهه ڪٽي ويهندو هو، آمريڪا جي جنگ، واشنگٽن، روشيمبُو ۽ لافائٽي جهڙا ماٺهو ۽ ويسٽ انڊين اوشن، جون لڙايون ـــ سڀ موسيور نيڪر جي رپورٽ جي گالهين ۾ اسان کي ياد به نه ايندڙيون هيون. حيرت وچان اُنهون مٿي ڪري، ۽ کنجهڪار ڪندي، استاد جين اُن جي هر انگ کي ويهي جانچيندو هو. "بادشاهه ۽ راڻيءَ جي محلات، هيترو خرچ! شهزادن جا محلات، هيترو خرچ! سُئس فوجي رجمنٽون، هيترو خرچ! شاهي مال اسباب جا محافظ، محصول اڳاڙيندڙ، پگهار ورهائيندڙ، ۽ رجسٽرار، هيترو خرچ! بادشاهه جي ذاتي خزاني مان پينشن بردار، هيترو! ۽ سيني اُنهن رقمن مان هر هڪ جا ٽوٽل، ڏهن ڏهن لکن جي انگ ۾!"

سون، پنهنجي عمر ۾، اهڙو ڪاوڙ ۾ پرجي ويل ماڻهو ڪڏهن به ڪونہ ڏٺو.

"آها؟" هُو رڙ ڪري چوندو، "هاڻي اسين ٿا ڏسون، تہ ڪٿان ٿي اسان جي ڏکن ڏڏي نصيب جي هڏي ۽ پاڙ سڙجي، ۽ چو اسان جا عام لوڪ اگهاڙين پيرين ٿا هلن، ۽ چوايترا آنهن مان نڏڪا ٿي سڙي ۽ ٿا مرن ۽ بکن ۾ پاهم ٿا ٿين، ۽ چوايتري زمين اڻ-ڪيڙيل ٿي رهي. هائو، هاڻي، ٿا اسين اهو سڀ سمجهون! او، آسمان جا خدا! چا، اسان نصيب جي ماريلن کي پنجاهم ڪروڙ سال ۾ بادشاهم کي ڏيڻ ڪين؟ ۽ پوءِ به آهو ڪجهم ڪافي نہ هجي، ۽ پنج ڪروڙ ۽ سٺ لک، آڃان ئي هن جي گهرج، کان گهٽ هجن؟"

استاد جين جي رگو منهن ۾ ڏسڻ سان ئي ماڻهوءَ جي دل، اندر مان ٽپ ڏيئي، نڪري، ٻاهر اچي ٽپي پيئي.

"هائو، واقعي اهو ٻيانڪ معاملو آهي،" شاويل جواب ڏيندو، "پر توکي وري اهو به ياد رکڻ گهرجي تہ هي سڄو پئسو وڃي ڪيڏانهن ٿو؛ اها خبر پوڻ" به تہ وڏي ڳالهم آهي! اڳ ماڻهو دل ۾ سوچيندو هو تہ هن سڄي ڏڳ پئسن جو چا ٿو ٿئي؟ ڪيڏانهن ٿو آهو سڀ وڃي؟ چا اهو سمنڊ ۾ وڃي ٽوپو!' پر هاڻي، اهي هڪ هزار ۽ هڪ محصول پريندي ۽ اهو چاٽندي، ماڻهوءَ کي اها به تہ ڪم از ڪم خبر پوندي تہ انهن جي پچاڙي ڪٿي ٿي ٿئي!"

آن جو جواب استاد جين، ڏاڍي غصي ۽ طنز ۾ پرجي، ڏنو:

"هائو، تون صحيح آهين؛ اسان مان هر ڪنهن کي ان تي سوچڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو: آڌ ڪم ٽو پوڪريان ان لاءِ تہ موسيو دي سو پيز پڇا تون خريد ڪري؛ آڌ پاڻ کي هر شيءِ کان ٻيو سڪايان، انهيءَ لاءِ تہ مانسهنيو رليي ڪاستي، ڏي آز ٽائيس دعوتون ڏيئي سگهي جن ۾ هر دعوت تي ٻہ لک ليرا' خرچ اچن؛ آڌ صبح کان وٺي رات ٽيڻ تائين ڪيت ۾ ڏونڊرو ٽيو روبو پوڪريان، ان لاءِ تہ اسان جي راڻي صاحب سندس در تي پهرئين ڪنهن آيل رولو نواب

کي ايترو کجهه بخشيش ڪري ڇڏي جيترو آڻ پنهنجين ڏهن عمرين ۾ به ڪمائي نه سگهان....' هائو، ٿلهو ائين سوچيندي، اسان وٽ واقعي خوشين جا انبار لڳي ويندا!"

ان هوندي به، انهيءَ ويچار تي، ته وري به اسان جي آڏو حساب ڪتاب رکيو ويو ۽ اڳتي به رکيو ويندو، هو واقعي خوش ضرور ٿيو؛ ۽ جڏهن هن جي پهرين ڪاوڙ ڏري ٿي، ته هن چيو:

"ٽرگٽ کان پوءِ هيءُ اسان کي پهو سڻو وزير مليو آهي. موسيور نيڪر" ديانتدار ماڻهو آهي. اسان جي آن پهرئين وزير، ٽرگٽ جي ئي خيالن تي هلي رهيو آهي. جنهن جو ارادو پڻ ماڻهن کي آرام ڏيڻ، محصول گهٽائڻ ۽ امرن جا 'جرگا' بند ڪرڻ ۽ ملڪ جي آمدنيءَ ۽ خرچ جو پوتاميل ڪرڻ عام جي آڏو آڻڻ هو. برابر، امرن ۽ بشاپن هن کي ترت ئي استعفا ڏيڻ تي مجبور ڪيو؛ بر بشرطيڪ موسيور نيڪر سان به ڪٽي سا گهي. اها حالت ڪرڻ ۾ هو ڪامياب ٿيا ٿين، ۽ بادشاهه پاڻ به هُن جي حمايت ۾ بيهي ٿو وڃي، ته پوءِ هي سڀ امير، نواب ۽ وڏا ماڻهو جيڪي اسان کي اڄ تائين برباد ڪري رهيا آهن، پڪ ئي پڪ ناڪام ٻڌا ۽ ڏاڍا خوار خراب ٿيندا— آهي پوءِ اهڙين ڏليل نمونن جي فضول خرچين کي جاري به رکي نه سگهندا. هو جڏهن ڪيتن ۾ ڪنهن غريب جي پرسان اچي لنگهندا جيڪو آڏي گهندو پهو هوندو، ته هو آن جي هُنن تي هُنن لاءِ ڪراهت ڏسي، ضرور شرمائيندا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، زبان خور ٻاڏي وانگر، نڪري هليا ويندا. هو پنهنجي دل ۾ ضرور سوچيندا ويندا ته "انهي ماڻهوءَ ضرور موسيور نيڪر جو چمچو پڙهيو هوندو؛ ان جي ڪري ڇا، بلڪ جاڻ هُن کي ضرور هوندي ته هي جيڪي ڪوڙي ڏيڪ جا منهنجا 'ڪنيپ' منهنجا ويس وڳا آهن، ۽ گهوڙا آهن، ۽ گاڏيون، گاڏا ۽ ٿهليا آهن، آهي سڀ هن جي پورهئي جي ڪري آهن— ۽ اهي سڀ مون هُن ڪان پٽي يا زوريءَ ڇيني هٽ ڪيا آهن'!"

ان کان به وڌيڪ جنهن گهالهه استاد جين کي خوش ڪيو، سا اها هئي ته موسيور نيڪر پنهنجي اسٽيٽمينٽ جي ڇپائيءَ ۾ چهو

هو تہ کوٽ جي پورائپي لاءِ ضروري هو تہ اِنهن خداوند قدوس جي پيارن مسيحي خواصن، پيرن ۽ مشائخن، ۽ پڻ نوابن ۽ رئيسن کان سندن خاص حق موڙائي ورتا وڃن ۽ آنهن تي به آهي ذميداريون ۽ بار وڌا وڃن، جيڪي هارين ۽ عام ماڻهن جي هڏائن پُڻن تي صدين کان لڏيا پئي ويا آهن.

"سپ کان بهتر گالهم اها آهي"، منهنجو دين جو پيءُ چوندو هو. "موسيو نيکر جي مغز ۾ ڏاڍا ڪي عمدا خيال آهن."

بهرحال هڪ وڏيءَ آئل پٽل جا آڦواهم اسان جي سڄيءَ پهراڙيءَ ۾ پکڙجي وياه ۽ اِها نيڪ خبر طوفان وانگر پري اوري، هر هنڌ پهچي ويئي. آن کان پوءِ به، شاويل ۽ هن جي ننڍڙي نينگر، مارگريٽ، اسان جي گهوٽ ۾ ٽن هفتن کان به وڌيڪ عرصو ڏيڻ ۾ ڪونہ آيا؛ سڄو آهو وقت هو موسيو نيکر جي استيمنت جون ڪاپيون لورين ۽ آلسڪ جي علائقن ۾ ورهائيندا رهيا. ڪيتريون جملي ڪاپيون آن جون وڪيائون، آڻ چئي ٽئو سگهان؛ مارگريٽ هڪ پيري آنهن جو پورو انگ مون کي ٻڌايو به هو، پر آن کي به ڪيئي سال گذري ويا.

مطلب تہ تن ڏينهين مارگيٽ جي ڏينهن ۾ تي تہ نيکر جي استيمنت ۽ محصولن جي برابر ادائگيءَ ۽ امير طبقي ۽ ڪليسائي خواصن جي خاص مفادن کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن گالهم تي اسان وٽ ماڻهن جو ڪو ڇوهولو ٻڌو ئي ڪونہ هو.

"تہ، استاد جين! ڏيڻ ۾ اِئين ٿو اچي تہ ٿيٺ اسان جا امير ۽ نواب ۽ روحاني ڌڳ ۽ دين جا اعليٰ حضرت به مجبور ٿيا، ڪجهہ ڏيندا! ڪيئن ٿو سمجهين؟"

"خدا جو قسم، نيڪولس، ضرور ڏيندا، اِن سوغات لاءِ اِنهيءَ بدمعاش ڪوٽ' جا امين احسانمند آهيون. پراڻا محصول پوريءَ ڪونہ پوندا، ۽ هيءَ ڪوٽ پرڻ رڳو عام لوڪن جي وس کان باهر آهي. ويچارا اسان جا هي امير ۽ نواب! ويچارا هي اسان جا مشائخ ۽ مسيحي عالم سڳورا!"

آن کان پوءِ آپرلدي کيل، هيتي ۽ هٽي کو ٻڌيل ٿھڪ
ٻ. ۽ پوءِ ناس- چٽيون ـــ ھڪ کان ويھن تائين ـــ پيون باسيون،
تن آنھن مان ئي رئيسن ويچارن ۽ مھنتن سڳورن جو ڪو ٻلو ٿئي!
آھو ۱۷۸۱ع جو سال ھو. بھرحال، اھو وشواس، اھا پراميدي،
گھٽو وقت قائم نہ رھي، جو تہ جلد ئي اھو ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڪائونٽ-
دي- آرٽائس ۽ راڻي ميري آنٽونئيٽ ۽ جھونو وزير ماريپاس ھين واپاري
وزير سان ڪڏارو نہ ڪري سگھيا، جيڪو ھر وقت پيو حساب ڪتاب
جا بيان ۽ ٽندو ھو ۽ ڏيندو ھو. ڪوڙ روز بروز وڌندو رھيو، تان جو
ماڻھن ھر ڪنھن تي ۽ ھر شيءِ تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ جمعي
جي ڏينھن، پي جون، ۱۷۸۱ع تي، جڏھن استاد جين مون کي فلس بترج
جي ٽئڪس آفيس تان لوڻ وڻڻ لاءِ موڪليو، تہ مون سڄي شھر کي
ھيٺ مٿي ڏٺو. بارو ۽ جمنٽ جي ٻئنڊ مارڪيس- دي- تالارڊ جي
ڪٺھڙي ھيٺان پٽي وڳي، عام مختيار جي حويليءَ آڏو ٻئنڊ جا ڏھاڙا
پئي وڳا، ۽ آرمي ميجر جي رھائش- گاھ کان ٽيورو اڳتي ڏھاڙا
وڄائيندڙ ائين، مارچ ڪري رھيا ھئا جيئن ناتال جي ڏينھن ڪندا
ھئا ـــ ۽ اھي جيئن اڳتي وڌندا ٿي ويا، تہ آنھن مان ھڙھڪ کي
جام شراب لاءِ بخشيش ملندي رھي! ماڻھو ائين چئي سگھيو ٿي تہ ڪو
جشن ٿي رھيو ھو؛ پر ماڻھو ھئا، جي غمگين ۽ حيران ٿي لڳا، ۽ واپاري
پنھنجن دوڪانن ۾ پنھنجين صندلين تي خاموش وينا ھئا ۽ ھميشہ
وانگر پنھنجي وڪري جا- ڪي ٻ، ھوڪا ڪونہ ٿي ڏ ائون. جو ڪجھ
ٻ ٻڌو ٿي پئي ويو، سو چوسول تي ٻئنڊ جو راڳ ۽ گھٽين ۾ ڏھاڙن
جي ڏان ڏان جو آواز، جيڪو ڪال تي وڄندو ٿي رھيو.
ٽئڪس آفيس جي آڏو انبوھ ماڻھن جو ڏڏ ٽيو ھيٺو ھو. ڪي
نوجوان عماردار ـــ "ڪئديٽ" چوايائون ٿي ـــ ٽن يا چئن جي ٽولين ۾
آيا پئي ۽ ويا پئي، ھنن جا ننڍا ٽوپلا ستڻن مٿن تي ھڪ پاسي لڙيل
ھئا ۽ سندن ھٿن تي پٽيون ٻڌل ھيون. جيئن ھو آيا ويا پئي، تہ
ڪلندا ٿي رھيا ۽ ھڪبئي سان چرچا ڪيھا پئي ڪيائون. لوڻ ٽئڪس
ڪليڪٽر مون کان پڇيا ۽ پوءِ پٽو ڙي مان منھنجي

ڪوڙي مون کي ٽپائي ڏنائين، ۽ اٿا وئي، آءٌ هڪدم شهر ڇڏي، ڳوٺ ڏانهن موٽيس.

ماريٽ جي اناج منڊيءَ وٽ ڪن اناج جي واپارين پڻي هڪٻئي سان ڳالهايو.

"سڀ ڳالهه ختم،" انهن مان هڪڙي چيو. "هائو، سڀ ڳالهه ختم؛ ڪنهن به شيءِ تي وڌيڪ ڳو ڀروسو نٿو ڪري سگهجي. بادشاهه هُن کي بسمس ڪري ڇڏيو آهي."

هڪدم مون سمجهيو تہ جهڪو ماڻهو بسمس ٿيو آهي، سو ضرور موسيو رنهڪر" هوندو، پاڪاڻ تہ گذريل ڏن مهينن ڪان هو ئي لڳاتار ماڻهن جي گفتگو جو موضوع رهيو هو. اهو ڏسندي، آءٌ تڪڙو تڪڙو لابراتس ڏانهن موٽيس. پوڙهو شولچر جيڪي جرمن گيت وٺ ونڊا هئا، ونڊا پائيپ چڪي رهيا هئا، ۽ پنهنجي همیشه جي عادت موجب خوب آن مان ڦوڪ جو لطف وٺي رهيا هئا.

پنهنجي دڪان-وٽ پهتس تہ سمجهيم تہ استاد جين تائين اڳي ئي خبرون پهچي چڪيون هيون ـــ شهر-مان ڪي واپاري پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽندي، هن ڪي آهي خبرون ڏيندا ويا هئا. انهن مان ڪي تہ اڃان به ڪلاڪ ڪاني ۾ موجود هئا، ۽ شهر ۾ هو جيڪي ٻڌي آيا هئا، اُن تي اڃان تائين پڻي خيالن جي ڏي وٺ ڪيائون.

"اهو ممڪن ناهي!" منهنجي ڏين جي پيءُ رڙ ڪئي. "اهو ممڪن ناهي! جيڪڏهن موسيو رنهڪر هليو وڃي، تہ ڪوٺ جي ادائگي ڪير ڪندو؟ يا تہ پنهنجن پراڻن رستن تي ئي هلندا ـــ دعوتون ڪندا، محفلون سڃائيندا، شڪارن جا پروگرام پورا ڪندا، ۽ پٺسا ڏرين ڪان ٻاهر اڇلائيندا رهندا. تنهن وچ ۾ ڪوٺ گهٽيءَ بدران وڏندي ئي ويندي! آءٌ اوهان کي ٽو چوان، اهو ممڪن ڪونهي، اهو ممڪن ئي ڪونهي."

پر مون جيڪي ڏٺو هو، اهو جڏهن ٻڌايومانس ـــ ڪنڊيتن جون رستن تي خوشيون، عام مختيار جي حويليءَ آڏو ٻڌل باجا وغيره ـــ تڏهن هن جي نراڙ تي گهنج اچي ويا.

"برابر!" هن چيو، "مون هاڻي سمجهيو. اهو صحيح آهي. هو بهادر ماڻهو هو. هن کي آتان نڪرڻو ئي هو. پر مون کي اميد هئي ته بادشاهه هُن جي پٺيرائي ڪندو."

اڃان وڌيڪ به هو چوي ها، پر آتي موجود ڪيترن ماڻهن کان اسين واقف نه هئاسين (درتي ڪيترا ئي ماڻهو اچي بيٺا هئا ۽ اسان ڏي ڪنڌ هونِ). پنهنجو مطرقو هٿ ۾ ڪنديءِ، هن هڪدم ڏاڍيان چيو:

"همت! مچيل، همت! آڏو ته ڪم کي وڻون، چو ته اسان کي ڊي- سو بيز جي پينشن به ته ضرور ڏيڻي آهي. اهو، اهو! چوڪرا، اچو!"

۽ هُن ايترو ته زور سان ڪيليو، جو هُن جي ڪِل رستي جي ٻئي پار ڪلال‌خاني تائين ٻڌڻ ۾ پئي آئي، ۽ آڙ ڪٺرين دريءَ مان جهاتي پائي ڏٺو ته چا ٿيو هو.

واپاري، جن جي مون ڳالهه پئي ڪئي، آهي روانا ٿي ويا، پر ٻيا ڪيترا ماڻهو اسان جي گهر آن ماتمي ڏينهن ڏينهن ايندا رهيا. وڌيڪ ڪا ڳالهه پولهه ڪانه ٿيي. فقط آن ڏينهن شام جو، جڏهن اسين سپ اندر ويٺا هئاسين، ۽ در ۽ دريون سپ بند هيون، استاد جين پنهنجن جذبن جو ڪولي اظهار ڪيو.

"ڪائونٽ- ڊي- آرٽائس ۽ اسان جي ٽاهوڪيءَ راڻيءَ هن کي نم ستڻ ۽ ڪيي ڇڏيو." هن ڳالهه شروع ڪئي. "افسوس آهي آن ماڻهوءَ تي جيڪو پنهنجي هٿ- ڦاڙ زال جي آڏو بيوس آهي! هُن ۾ دنيا جون سپ نيڪيون به ڪٽي هجن، هو پنهنجن ماڻهن کي پائيندو هجي، هو بيگريون ۽ قانوني ايڏا رسانيون بند به ڪري ڇڏي؛ پر محفلون، ناچ ۽ هر قسم جون عياشيون هو بند نٿو ڪري سگهي. اسان جي بادشاهه جي ايوان ۾، هن جي فضول خرچ زال ڪجهه نٿي ڏي، ۽ ڪجهه نه ڏيڻ ڏي. هوءَ هر شيءِ کي برباد ٿيندي ڏسندي، پر هن جون مجلسون ۽ شادمانا آهي ئي. هاندا. هوءَ انهن ٿي ڳالهين لاءِ ته دنيا ۾ آئي آهي. هن کي خوشامد گهرجي، مبارڪون ۽ سلام گهرجن، ۽ گلدستا، تمل قليل ۽ عطر ڪپن. هُن ويچاري ڊبيريَ ريگوئان، کي ڏسو! عزت وارو،

خوشحال ماڻهو هو، جنهن کي پي ڏاڏي ۽ مٽن مائٽن گڏجي ملکيتدار بنڻ ۾ مدد ڪئي؛ رڳو آرام سان ويهي زندگي گذاري ها، تہ سئو سالن تائين بہ جيي سگهي ها. پر ڪٽي ڪٽيس، مئڊيموزيل جينهٽ — ڊيي جارڊن سان شادي ڪيائين؛ اهو ڏينهن ۽ هيو. ڊوڙن ۾ پڄي ويو — هي مگٽو، هوءَ شادي، هو سالگرهہ، هر شادماني ۽ ناچ گاني جي دعوت ۾ حاضر؛ هن جي گهوڙي گاڏي سدا چنديل ڦوڪيل ۽ خوب سينگاريل، تہ جيئن اسرن ڪيبرن جي سڏ تي وڃن تہ ان کي ويهڻ جي سڻي جاءِ ملي، جتي آب تاب سان لهي سگهن! پوءِ پنجن ڇهن سالن جي ان ڇوڪرن ڪان پوءِ اوهان ڏٺو تہ ڇا ٿيو! قرضي ۽ ٻلف اڇي در تي ٻيٺا، گهر صاف ٿي ويو، فرنيچر سوڏو، زمينون وڪجي ويون، ۽ غريب ريگوئان پاڻ پهرين تہ ٻڌ جي ويو، ۽ اڄ ڪنهن ڀانڀڻ جي تاجر ٻڙي تي وانجهي ٻڌو پيو ملاحن جا ڇهبڪ جهلي. ۽ هوءَ مئڊم جينهٽ آهي، سا رورگهي رجمنٽ جي شوليئر — ڊي — بازن سان وتي دنيا جا سير سفر ڪندي! هت ڪاڙ ۽ خرڇائو زال جي سنگ مان اهو ئي آهي جو ٻڙ ٽو ٻوي. اهڙن ماڻهن ڏو پس پيش حال اهو ئي ٿيڻو آهي."

جيترو استاد جين پنهنجي ڳالهہ ڪي اڳتي نيندو رهيو، اوترو وڌيڪ هن جو غصو تيز ٿيندو ويو. برابر هن ڪي ايتري تائين وڃي جي جرئت ڪانہ ٿي ٿيي تہ اسان جي راڻي، ميري آنٽونيٿ، اسان سڀني کي مصيبت ۾ وجهندي، پر هن جي منهن جي رنگت مان ماڻهو سمجهي ٿي سگهيو تہ هن جو اهو ئي مطلب هو. هن جي هيءَ تقرير گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ هلي، هو ان کي ڇڻ پورو ئي نہ پئي ڪري سگهيو.

ٻاهر طوفان هو ۽ منهن وسي رهيو هو. هوا بنهہ واهيات هئي.

پر ان کان بہ وڌيڪ خوفناڪ پيو ڪجهہ اڃان اسان کي ٻڌڻو هو. اڃان نوَ مس لڳا هئا، ۽ نڪولي باهم کي ڪجهہ جهڪو ڪري رهي هئي، ۽ آڳ پنهنجي گهر طرف ڊوڙ پائڻ کان اڳ پنهنجيءَ پٺ تي گوڻ جي ڪتل وجهڻ وارو ئي هوس، تہ درين جي تاکن تي بہ وڏا ڌڪاءَ ٿيا. استاد جين وڏا واڪا ڪيو پئي ڳالهايو، ۽ باهر کو

رگھو کن رکي ٻڌو هوندو تہ هو سڀ ڀڄي ٻہ چڪو هوندو. اسين جتي هئاسين آتي پنڊ پهچ ئي ويا سين، رگھو اکين واري هڪڙي ڏانهن ڏسڻ لڳو. اڌ ڪلاڪ کان ٻہ گهڙي ۽ ڪير نہ آئي، بتي ڪٽي، رڌڻي ۾ اندر ويئي، اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ اسين چڙسيب آتي سمهل هئاسين. انهيءَ خيال تہ متان سارجنٽ درتي آيا هجن، اسان جا ساهہ ڪنهن سڪائي اوڏا ڪري ڇڏيا. پر اوچتو ئي اسان باهر کان گهري آواز ٻڌو رڙ ٻڌي:

"آڳ آهيان، جين! ڪرسٽافر — در کول!"

اوهين سمجهي سگهو ٿا تہ ڪيئن اسان اندر ساهہ نيو هوندو! استاد جين در کولي گهڙيءَ ٻ ويو، ۽ اڌ ڪلاڪ سا گهڙين ٻتيءَ سان موڻي صفحي ٻ آئي.

"تون آهين؟" استاد جين چيو.

"هائو، آڳ آهيان."

"ڪيڏو نہ اسان کي ڏيڃاري ڇڏيو هيئي!"

هيءَ گهڙيءَ هو ڳالهائيندا اندر آيا، ۽ جيئن هو آيا، تہ اسان ڏٺو تہ سو سمور ڪرسٽافر سڀي مزاج ٻ نہ هو. اڌ ڪلاڪ کان ۽ اسان کان، همپشه جيان، ڪڙوڻي بدران، هن اسان سان ڪنهن ڏانهن اک ئي ڪانہ ڪئي، پر پنهنجو وڏو منهن ٻ پسيل تہ ڪنڌائون ٽوپلو ڇنڊيائين، ۽ رڙ ڪندي چيائين:

"آڳ سئو ربن سان نڪتو آهيان، ۽ آن نالي چڙهيل ڪارڊينل دري — روهان کي ٻنهہ هيئر آتي ڏسيو پيو اچان. او آسمان جا خدا، آسمان جا خدا! چا، اهڙو ٻ ڪو سچ پچ ڪارڊينل ۽ ڪليسا جو شهزادو ٿي سگهي ٿو؟ آهہ، رگھو ان جو خيال ٻ ڪرڻ!"

هو ڪاوڙ ٻ ٻنهہ اڌرڪيو ٿي، هن جي ڳلن تان پاڻي ٽمي رهيو هو ۽ هن جي جبي جي ڪالر ٿي پئي پيو. هن ڏوهي پنهنجو ڳلي بند لا ٿو ۽ مٽ ٻ مروڙي ڪيسي ٻ وڌو، ۽ وڏيون وڪون وجهندي، اڇ وڇ ڪرڻ لڳو. اسين هن کي حيرت ٻ ڏسندا رهياسين، پر هن ڇڻ اسان کي ڏٺو ئي ڪونہ ٿي — هن رگھو استاد جين سان ٻيهي ڳالهايو.

"هائو، هن رڙ ڪري چيو، "سون الهي وڏي پادريءَ کي ڏڻو آهي، جنهن کي پنهنجي ذات ۾ پرهيزگاريءَ ۽ سمجهي نه ڪين جو مثال قائم ڪرڻ کپي. سون هن کي سئورين جي گهٽيءَ مان هڪڙي وڇاري گهورڙي نانوائيءَ جي ٻالهين ۽ ديگڙين مٿان پنهنجي گهوڙي گاڏيءَ کي پاڻ ڊوڙائيندي ڏٺو آهي، جيڪي هن پاڻ ئي هُوڙهم ۾ ويندي، ٽڪر" هڻي، سڀ ڪجهرائي وڌيون هونءَ هُو هُوءَ، جو ديوانن وانگر ڪلندو، ٽهڪ ڏيندو، ڇوڪرا گهوڙا ڇڀائيندو پئي ويو! کيڏي نم هيءَ خواريءَ جي گالهه آهي!"

"آءٌ سمجهان ٿو تم تو کي خبر آهي تم نهڪر کي ڏسس ڪري ڇڏيو اٿن؟" استاد جون هُن ڪان پڇيو.

"خبر اٿم، ياڪل اٿم! خفگيءَ ۾ ريل لهجي ۾ هُن چيو. "آءٌ تم آلسڪ جي سڀني ديني خانقاهن جي بالادستن سان ملندو پيو اچان ـ ڪيترن، پرن اڳهاڙن ڪارسيلائٽن، بارنابائيٽن، بينن ۽ جيٽي ـ ڪٽي نـ هلندڙن هر قسم جي لغورن سان ـــ آهي سڀي اُن آسمان سان چوڻي گسائيندڙ روهان جي صفحي ۾ هُن جي بوٽن جي متي چٽيندي ڏٺا اٿم. ها! ها!! ها!!!"

ڪوئيءَ جي هڪ ڇڙي ڪان پئي ڇڙي تائين هو پراڻگهون پريندو رهيو. جيتوڻڪ هو گيچيءَ تائين گپ جي قڻگن سان ليتو ۽ مينهن ۾ هُن جو بت هڏن سوڏو پُسيو پيو هو، هوائين پئي لڳو ڇڻ اُن جو هُن کي احساس ئي ڪونه هو. پنهنجن ڪارسَرن گهاڻن وارن ۾ ڊڪيل" پنهنجو مٿو لوڏيندي، هو ائين ٻالهائي رهيو هو، ڇڻ پنهنجو پاڻ سان پئي ٻالهائين.

"هائو، ڪرسٽافر" هو چئي رهيو هو، "اهڙا آهن ڪليسا جا هي شهزادا! وچ، وچي ڪنهن ڏڙيل ڪتب جي مسڪين پي ۽ واسطي هُن مانسهنيور، عزت مآب ڊي ـ ڪاردينل ڪان پناهم جي بيڪ گهرڻ، وچ، ۽ وچي الهيءَ وٽ، جيڪو ڪو هن سچي پادري لڏي جو حمايتي آهي، ڪا دانهن، ڪو فرياد ڪر، وچ، وچي پشاب کي چئو تم خزاني جا آفيسر، چولگيءَ جي چوريءَ جو مال" جهڙن

لاءِ، هڪڙي پادريءَ جي گهر گهڙي ويا ۽ وڃي زوريءَ هُن کان هن جي ٻُهرن ۽ ڪپڙن جون ڪنجون ورتائون؛ وڃ ۽ وڃي هُن کي چئو تہ ڪيتري ئي اِها غلط گالهہ آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ کي، ٻوءِ آهو ڪير ہ هجي، مجبور ڪجيُ تہ هو، ڏينهُن هجي يا رات، پنهنجي گهر جا دروازا کولي هٿيار بند ماڻهن کي اندر اچڻ ڏئي، جن کي نہ يونيفارم پاتل هجي ۽ نہ ٻيو ڪو نشان وڻن هجي جنهن مان کو سمجهي سگهي تہ آهي چور يا ڏاڙيل نہ هٿا، ۽ آهي ئي جڏهن انصاف جي ڪورٽ جي آڏو وڃڻ ٿا تہ آتي ہ آنهن جو هر لفظ مڃو وڃي ٿو ڪا ٿورڙي ہ ڇڙ گاڇا آنهن جي زندگين ۽ اخلاق جي باري ۾ آنهن کان تڏهن ہ ڪانہ ڪئي ويئي هئيُ، جڏهن آنهن کان قسم وٺي آنهن کي اِهو فرض سونپيو ويو هو تہ هو وڃي پنهنجي شهر واسي پائرن جي مال، جان ۽ عزت جي حفاظت ڪن! هائو، وڃ ۽ وڃي هن کي چئو تہ اِها هن جي پنهنجي آبروءَ جي گالهہ آهي تہ هو پنهنجي تخت نشين محافظ جي آڏو وڃي اِهي سچيون ۽ حقي ڏانهون پيش ڪري، ۽ قيد مان هڪ بد نصيب شخص کي ڇڏائي جيڪو رڳو اِنهيءَ ڪري آتي پابزنجير ڪيو ويو آهي، جو لوڻ ـ ٽئڪس اِنسپيڪٽرن هن جي گهر ۾ وڃي چار پائونڊ لوڻ جا پيل لڏا آهن! هائو، وڃ وڃي اِهي سڀ ڪم ڪر، ڪرسٽافر! ـــ ۽ پوءِ ڏس تہ تنهنجو آتي ڪهڙو ٿو ڪو حشر ٿئي!"

"خدا جي نالي، ڪرسٽافر، ٻڌاءِ تہ ڇا ٿيو آهي؟" استاد جين چيو.

هڪ گهڙي يا ٻہ ڪهڙيون، منوسيور ڪرسٽافر بُت ٻڌو بيٺو رهيو، پوءِ هُن جواب ڏنو:

"آڄ فلس برج ويو هوس، احتجاج ڪرڻ، عام خالم تلاشيءَ جي خلاف، جڪا لوڻ ـ آفيس جي عملدارن ڪالهہ يارهين بجي منهنجي گيوٽ ۾ ورتي هئيءَ. هو منهنجي ديني علائقي جي هڪ ماڻهوءَ، جيڪب بامگارٽن، کي گرفتار ڪرڻ ويا هٿا! ۽ مون پنهنجو اِهو فرض ڄاتو تہ اِن گالهہ جي ڇڙ گاڇا ڪريان. مون کي اميد هئي تہ ڪاربينل بہ گالهہ جي آها ئي سوچ رکندو جيڪا مون ٿي رکي ـــ تہ هو ڇهن

ٻارن جي پيءُ تي کيل ڪندو، جنهن جو فقط گناهه اهو هو-تہ هُن
کجهه پائونڊ منع ڏيل لوڻ جا ڪٽان خريد ڪيا هئا؛ تہ ٻشاپ
سربستي منهنجي گالهه ٻڌندو تہ آن بدنصيب قيديءَ کي آزاد ڪرائي
ڇڏيندو. پر نہ ــــ اِئين نہ ٿيو. پهرين تہ آءٌ ہ ڪلاڪ هن جي آن
ذي-شان محل جي باهرئين در تي بيٺو رهيس جنهن ہ ڪيترن فقير
اُٿن پئي اندر ويا ڇڻ جاءِ ئي هنن جي هئي. هو اندر آن اعليٰ حضرت،
مانسينيور، کي نيڪ جي ڏسمس ٿيڻ جون مبارڪون ڏيڻ پئي ويا!
پوءِ مون کي نيٺ آن 'اندر-محل' ہ اندروڃڻ جي اجازت ملي، جتي
سلڪ ۽ سون ۽ جواهرات جو گهمنڊ هر هنڌ موجود، پنهنجي حال ۽
چال ہ مست، پئي ڏٺو ــــ تصويرن ہ ۽ سڄي اٽالي جي سازسامان،
ويندي فرنيچر جي هر نديءَ وڏيءَ شيءِ ہ ۽ آتي پنهنجي علائقي
جي ٻهن ٻن نائب پادرين سان آءٌ ہ پنهنجون ڪُڙيون ڪُڙين سان
ٽوڪيندو رهيس ــــ يارهين بجي ڪان وٺي، ويندي شام جي پنجين بجي
تائين، سڄو وقت اندران ٽهلين ۽ چاپلوسن جي ڪِل ڪِل پئي ٻُڌيسين،
۽ هڪڙي وڏي گاڙهي ڪرٽ پاتل عملدار کي در جي سوراخ مان پاڻ
ڏانهن گهوريو ڏسندي، ۽ پنهنجن ٻن ساڻين کي چوندي ہ پئي ٻڌوسين،
'هي پادري تہ **سداڏين** هتي خوار ٿي مئا آهن!' پهرحال، آءٌ صبر
سان ويٺو رهيس، ويٺو رهيس ۽ اڃان دل ہ اهو ويچارئي ڪيو هوم
تہ مانسينيور ملندو تہ ايڏيءَ دير جي شڪايت ڪندوسانس، تہ هڪڙو
آنهن ٿي ٽن حرامخورن مان اسان وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ اعليٰ حضرت
ڪاردينل سڳورو باقي ٻين ملاقاتين کي هفتي ڪان پوءِ ملندو! جيئن
هو اسان کي اهو ٻڌائي رهيو هو، تيئن مون ڏٺو تہ پاڻ آهولغور، اِها
گالهه اسان کي ٻڌائيندي ٻڌائيندي، سچ پچ تہ اسان تي ٽٽول وڃان
ڪلندو رهيو.

پنهنجي درگتيءَ جي اِنهن لفظن چوندي، بوسمور ڪرسٽافر
پنهنجي لوهيڑي جي مضبوط لڪ کي پنهي هٿن سان زور ڏيئي، پڇي،
ہ ٽڪر ڪري اچلائي ڇڏيو؛ اصل اِئين ڇڻ هُن ماچيس جي تيليءَ
کي پڳو هجي ــــ ۽ ڪاوڙ ہ پريل هن جي منهن تي هڪ هولناڪ

تنهنجي ڇڙهي آيو.

"آن يهودي جلاد کي لؤندڙيءَ واري مُڪ وهائي ڪيئن ها!" استاد جين، اوڙيءَ ئي ڪاوڙ ۾ پنهنجو رد عمل ڏيکاريو.

"استن جيڪڏهن اڪيلا هجون ها" نائب پاڙيءَ وراڻيو.

"ڏسو آ شايد هن کي ڪاڙيءَ کان جهلي، باهر اڇلائي ڇڏيان ها! پر ڀالهه پوءِ حال، ائين ڏي ويئي! آ اها پنهنجي بي عزتي، پنهنجي آقا حضرت يسوع مسيح جي نالي ۾ قرباني سمجهي، سهي ويس."

پوءِ هو ڪوئيءَ ۾ وري اڇ وڇ ڪرڻ لڳو. اسان سيني کي، هن جي ڀالهه ٻڌي، ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ انڙ ڪٽڙين هن جي ڪائن پيئڻ لاءِ ڪجهه آڻڻ واسطي آڏي باهر نڪري ويئي. هُن پوءِ، ٻيڻي مانيءَ جا چار گرانهه ڪيا، ۽ پوءِ اوچتو هو ماڻار جي ويو، پر وري ٻه هُن اسان کي آن ئي موقعي تي اهڙيون خبرون ۽ اهڙا حال ٻڌايا، جيڪي مون کان ڪڏهن نه وسرندا — مثلاً:

"انصاف جي هيءَ خواري هڪ هنڌ اڪيئن ڏسجي رهي آهي.... پر عام ماڻهو، جو ڪجهه هنن ٻي لازم آهي، سو ڪن ٻيا، ۽ ٻيا، خاص ماڻهو، سواءِ پنهنجي بي حمائيءَ تي ٽيڪر جي هلڻ جي، ڪجهه نٿا ڪن. هو جت ڪٿي لت رکي، هر ليکيءَ کي چيلاڻي ڇڏين ٿا، ۽ چيلاڻيو ٻيڻا آهن، ۽ خود مذهب جنهن جو هو ايڏو ڏيکاءُ ڏين ٿا، آن کي هونئن ئي سمجهن ٿا. باڪ آن کي ڏکارين ٿا، پر تم به اسان جو غريب ماڻهو آهي، جو اڄ به سندن حفاظت ڪري ٿو، سندن پرورش ڪري ٿو، هائو، آهو پڻ غريب ماڻهو آهي — مون جهڙو و غريب ماڻهو — جيڪو سندن دولت ۽ اقبال ۽ پڻ سندن بدمثال ڪردار لاءِ احترام جي تبليغ ڪري ٿو. ڪيتري تائين اها صورت ائين جاري رهندي؟ مون کي خبر ڪانهي — مون کي رڳو هيءَ خبر آهي ته اها صورت، اهو حال ستائين ائين نه رهندو. چاڪاڻ ته اهو فطرت جي خلاف آهي، خدا جي مرضيءَ جي خلاف آهي — اهو ماڻهوءَ جي ضمير جي به خلاف آهي ته ڪجهه ڪنهن کي شيءِ جي لائق نه آهي سواءِ شرم جي، آن جي احترام جي تبليغ ڪئي وڃي. تحقيق، ان صورت ۾ ڪي ضرور ختم ٿيو

کپي، چاڪاڻ تہ "مقدس حڪمنامي" جو هيءُ چوڻ آهي: "جيڪي منهنجي فرمانن جي تڪميل ڪن ٿا آهي ئي منهنجي رهائش گاهہ ۾ داخل ٿيندا، پر آهي بي شرم، ڪوڙا، ۽ بت ساز، ۽ جو ڪوئي به باطل ڪي، ۽ فريب ڪي، محبوب رکي ٿو، آهي مون کان ۽ منهنجي رهائش گاهہ کان باهر رهندا".

ٻوءِ شام ڏاڙي، موسيو ڪرسٽافر پنهنجي ڳوٺ موٽي ويو. اسان پاڻ کي ڏاڍو نراس محسوس ڪيو، ۽ استاد جين، آڻن کان اڳ، اسان کي چيو:

"هيءَ اميرن، ڪڏهن به، سواءِ پنهنجي، ٻئي ڪنهن جو خيال نہ رکيو آهي. جڏهن، پنهنجيءَ لاچاريءَ ۾، هو اسان مان ڪنهن به هڪ کان ڪم وٺي لاهين ٿا، پادريءَ جي صورت ۾، ڪميءَ جي صورت ۾، سپاهيءَ جي صورت ۾، تہ آن کي آخر ۾ هو ٻي عزت ڪن ٿا، ۽ جيترو جلد ٿي سگهن ٿو اوترو جلد، ڪڍي ڇڏين ٿا. پر، ان ۾ هو غلطي ٿا ڪن. ۽ هاڻي، جو هر ڪنهن کي **ڪوٺ** جي خبر پئجي ويئي آهي، تہ حالتون بدلبيون، ضرور بدلبيون. هر ڪنهن کي خبر آهي تہ پئسو ماڻهن کان ملي ٿو، ۽ هڪ نہ هڪ ڏينهن ماڻهو هوڻ شهزادن ۽ اميرن لاءِ وهندي وهندي، گهندي گهندي، بيزار ٿيندا، ۽ ڪم ڪرڻ کان انڪاري ٿي ويهندا."

ڏهين ڄڻي کان ٽوروئي پوءِ، آءٌ موٽي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ آيس؛ پر جيسين ننڊ نہ آيم تيسين اهي خيال مون کي ستائيندا رهيا. استاد جين، شاويل ۽ موسيو ڪرسٽافر جي ويچارن سان پوريءَ طرح شامل هوس، پر اسان جي گهڙي اچان نہ آئي هئي ـــ اسان کي پنهنجي چونڪاري لاءِ اچان گهڻو ڪجهہ ڏڪ ڏسڻو هو.

(٦)

نيڪر، راڻيءَ ۽ ڪائونٽ ـ دي ـ آرٽائس جي هنن گالهين سان گڏو گڏ، مون کي به هڪ وڏيڪ ڏ ڪوئينڊز يادگيري ۾ ايندي

رهي ٿي ـــ پنهنجي ماءُ پيءُ جي تڪليفن جي ياد گيري ۽ ڪيئن نه آهي، خاص طرح سياڙي جي منڊ ۾، پنهنجي اٺهوند کي سُنهن ڏيڻ لاءِ، بي وس هٿ پير هٽندا رهندا هئا! [ڏياڻي هاڻي وڏو ٿي چڪو هو، پر هو پنهنجي بابا سان گڏجي ڪجهه نه ڪجهه پيو ڪندو هو، جو تم هو پنگلو هو ۽ هيٺو هوءِ هن ۾، پيءُ ڪان الڳ، پنهنجي سُنهن، پيٽ قوت ڪيڻ جي سگهه ڪانه هئي. ڪيلاڀ هو، سو لڪسمم جي ڳوٽ ۾ ڏرسيلا ڏيني خانقاهه جي مال جو ڏار مقرر ٿي چڪو هو. نڪولس هيلي ۾ ڪائيئر جي ڪم لڳل هو. پر بد قسمتيءَ سان هُن ۾ آڇر جي ڏينهن ٿي ڪلال‌خاني ۾ وڃي ويهڻ، شراب پيئڻ ۽ ماٺهن سان وڙهڻ جي خراب عادت پڄي وئي هئي؛ [نهيءَ ڪري پنهنجي ڪمائيءَ جا پئسا هو گهر ۾ تمام ڪي ٿورا آڻيندو هو. باقي ليزيٽ ۽ ميٽورين هوندیون هيون، سي شهر ۾ ويندیون هيون ۽ وڃي عملدآرن ۽ اميرن جي گهرن ۾ ڪونه ڪو ڪم ڪندیون هيون. ۽ آهو هنن ڪي هفتي ۾ هڪ ڏينهن، آڇر تي، ٿي ملندو هو ـــ سو به ملو تم ملیو، نه تم آهڙي جون آهڙيون موٽي ايندیون هيون. باقي هفتي جا ڏينهن هو رستن تي پيون پنديون هيون، (جو تم انهن ڏينهن ۾ گهرو ڪارخانا يا ٻيا ڪي روزگار جا اهڙا موقعا به اڃان ڪونه ڪليا هئا ـــ گوٿن ۾ اڃان ڪلاهن، گنجون، نفيس اوني گلي بندڻ جي آٿ جو ڪم يا ڪکن ۽ تيلن جي ٽوپلن ٺاهڻ جا ڪم ڪونه نڪتا هئا، جيئن اڄ هزارن جي تعداد ۾ پئرس ۾ ۽ جرمنيءَ، الليءَ ۽ آمريڪا ۾ انهن شين جي طلب آهي. انهن ڏينهن ۾ سچ پچ تم چوڪرا ۽ چوڪريون، بيڪار ويهي ويهي، رلي رلي، ارڙهن ڪان ويهن سالن جا ٿي ويندا هئا، پر ڪو هڪڙو ٽڪو به ڪمائي ڪونه سگهندا هئا.)

خراب ۾ خراب ڳالهه هيءَ هئي تم اسان جو قرض جيئن ٻوڌ تيئن وڌندو ٿي ويو ـــ آهو ڇهن "ليورن" مان وڌي هاڻي نئون وڏا "اڪائو" ٿي چڪو هو، ۽ موسيور رابن هو، سو باقاعدي، گذريل ڏن مهينن ڪان اسان جي دري ڪڙڪائيندو رهندو هو ۽ پيري پيرتي منهنجي پيءُ ڪي هين يا هُن بيگر جي ڪم ۾ اڙائي ويندو هو! هائو، [ها اسان لاءِ

وڏي چٽي هئي، اُن جي پيٽ ۾ پي هر گاڏهم ڪجهه نه هئي. اسان کي
اِن حقيقت جو شعور ئي ڪونه هو ته نواب عاليجاهه جي فارمن تي
بيگريئن وهندي، ۽ ٽئڪسن ۽ شهر ۾ قسمين قسمين روڪن تي چونگين
جي صورت ۾ اسان پنهنجي ضرورت جي شين لاءِ جو ڪجهه اُن سڏو ڏنو
ٿي، سو اُنهن جي اصل قيمت کان ڏهوڻ تي وڌيڪ هو، ۽ اِن طرح
ماڻيءَ جي هر گرانهم لاءِ گويا اسان کي سچو نان" ٽي پرٽو پهو، ۽ لوڻ
جي هڪ پائونڊ لاءِ اُن جا ڏهم پائونڊ ٽي اسان پريا، ۽ اِئين اسان جي
اِها آٽلڪي ڏُر اسان کي نيٺ تباهه ڪري ڇڏيندي!

۽ نه ئي اسان کي اِها به خبر هئي ته رگبو سڌ ستر ميل پري،
سئٽزرلنڊ ۾، ساڳئي پورهئي ۾ اسين ڏسي رگبو مزي سان جيي ٿي
سگهياسين، ۽ ڪافي ڪجهه پاڻي به ڪري ٿي سگهياسين!

نه، اسان جا غريب ڪڏهن به اِنهيءَ اڻ سڏيءَ محصول بندي
جي لعنت کي سمجهي نه سگهيا آهن. برابر سال جي آخر ۾ جهڪي
ڪجهه هنن کان نقديءَ جي صورت ۾ گهريو ۽ ورتو ٿي ويو، پوءِ اها
ڪٽي ڪيتري به ٿوري رقم هئي، سا ڪين ڪاوڙائي ڪاڙهو ڪري
ڇڏيندي هئي؛ سو جيڪڏهن هنن کي رگبو اها سيٽس پُڇي وڃي ته
ڪين پنهنجي روزمرهه جي ضرورتن تي ڪيترا ٻڪ پئسن جا واڌو ادا
ڪرڻا پون ٿا، ته هنن جون رڙيون هوند آسمان تائين وڃي پهچن، ۽
نه ته به سندن زمين جي آقائن جون ننڍون ضرور ڦٽائي ڇڏين.

پر اڄ اسان وٽ اُن صورت جي ڪا ريڪا زهيل ڪانهي ـــ سڀ
آڏون ۽ روڪون ڪڇي چڪيون آهن، ۽ عملدارن جو انگ "چئن" مان
گهٽجي اسان وٽ رگبو "هڪ" وڃي بچهو آهي؛ پر افسوس! ان وچ ۾
اسان چا نه سٽوا! چا نه ڦرلٽ هئي، جا اسان سٽي، چا نه آزار هٿا
جي اسان پوگهيا!

هاءِ! آڃ ڪيڏو نه خوش ٿيان ها، ته مون پنهنجي مجبور پيءَ
ماءُ کي قرض جي جار" مان ڇڏايو! ڪيڏو نه آڃ ترنگ ۾ اچي
ويندو هوس، جڏهن آڃ رگبو سوچيندو هوس ته ڪڏهن آڃ هنن کي
اُن جار مان ڇڏائيندس!

"ٻئي سال، استاد جين" مون کي ٻي ليڪرا ماهوار ڏيندو ٻوڌ اسين پنهنجو سڄو قرض لاهي چڏيندا سين!" گهٽا ٻيرا ٻاڻ کي مون ائين چيو هوندو؟

هائو، اهو خيال" مون کي ٻڌي سگهه ڏيئي چڏيندو هو. رات ڏينهن، اهو خواب هو، جو آڳ ٻيو لهندو هوس.

آخرڪار، اسان جي سڄي ان آکٽ ڏوجهري کان پوءِ، هڪ گالهه، اسان جي سياڳ جي صورت ۾، اسان لاءِ پيدا ٿي ٻئي. آها، جي گالهه ڪجي، ته هيءَ هئي ته نڪولس، فوج جي جبري ڀرتيءَ لاءِ پنڌ ڪيندي، اچو ٿتو ڪيڏي ورتو! انهن ڏينهن ۾، انگن ڪيڏ بدران ماڻهن کي آڇا يا ڪارا پتا ڪيڏا پوندا هئا، جهڪي ڪارا پتا ڪيندا هئا فقط انهن کي ڀرتي ڪيو ويندو هو.

ڪهڙي نه هيءَ اسان جي، سوائي پاڳ جي. گالهه هئي! ان تي سنهنجي ماءُ کي هڪدم خيال آيو ته نڪولس کي وڪڻي چڏ جي! هو قد جو پنج فوٽ ڇهه انچ هو، ۽ گولا انداز فوج ۾ ته ضرور ڪجي سگهو ٿي. ان ٿان تو، اڪائيو، ته اسان جي قرض جا لهندا ۾ باقي نه ڪجهه اسان وٽ بچي پوندا!

پنهنجي آخري دم تائين مون کان آها بنهه عيد جهڙي خوشيءَ جي حالت نه وسرندي جهڪا ان گالهه نڪرڻ تي اسان جي سڄي ڪٽنب محسوس ڪئي هئي. منهنجي ماءُ نڪولس کي پنهنجي وڏي ياڪر ۾ وجهي ويهي رهي، ۽ هن کي چيائين:

"اسين تنهنجو ڀيا وڪرو ڪيون، پٽ! گهٽائي شادي ڪيل ماڻهو فوج جي ڀرتيءَ ۾ اچي وياآهن. انهن مان هڪ جي جاءِ تي تون هليو ويندين! هائو نه؟"

ٿيندو هي هو ته فقط شادي ڪيل ماڻهو ئي ائين آدلي بدلي ٿيندا هئا، ۽ ائين انهن جي جاءِ تي ويل کي ٻيٽو عرصو فوج ۾ رهڻو پوندو هو — ڇهن سالن بدران ٻارهن سال! نڪولس کي اها خبر هئي ۽ سنهنجي ماءُ کي به، ۽ ٻوءِ هن جواب ڏنو:

"ٺيڪ آ! مون کي بلڪل قبول آهي."

منهنجو پيءُ هُن کي گهر ۾ جهلي ويهارڻ وڌيڪ پسند ڪري ها، ۽ هُن اِها گالهه ڪئي ته ٻئي ۾ ڪائين جي وڌيڪ مان اونهارو ڪمائي، ۽ سياري ۾ وڌيڪ ڏهاڙيءَ تي ٻه ڪم ڪندي، اوترا پئسا ته هو هيٺي ئي ڪيي سگهيو ٿي، ۽ ائين قرض لهي ٿي سگهيو: ۽ منهنجي ماءُ بابا کي پاسي وٺي، ڪن ۾ ٻڌڪو ڪيو:

"ٻڌ، جين ٻيٽرا! جيڪڏهن ٽکولس هتي رهندو ته شادي ڪندو، ۽ ته سون کي خبر آهي ته هو هُن چوريءَ، جينيٽ لوروزيءَ، جي پٽيان آهي. هائو، هو هڪ ڏينهن شادي ڪندا، ۽ ڇا ڇٽيندا؛ ۽ پوءِ اسين اڳي ڪان ٻه وڌيڪ آزار ۾ پئجي ويندا سون."

"سو، تون ادلي بدلي ۾ وڃ لاءِ تيار آهين، ٽکولس؟" منهنجي پيءُ اکين ۾ پاڻي آڻيندي، هُن کان پڇيو. "تون هليو وڃ لاءِ تيار آهين؟"

ٽکولس، جنهن پنهنجي ٽڪنڊائين ٽوپلي ۾ گهاڙهي قتيل ٻه هٿي چڏي هئي، خوشيءَ وچان جواب ڏنو:

"هائو، آءٌ ويندس، جيئن اوهين چئو ٿا. قرض لاهڻ منهنجو فرض آهي. آءٌ اوهان جو مويي پٽ آهيان، ۽ ان ڪري آءٌ ئي آهيان، جنهن کي اِهو ڪم ڪرڻ کپي."

هو هڪ بهادر جوان هو. منهنجي ماءُ آئي، پنهنجون بانهون هن جي ڳچيءَ ۾ وڌيون، ۽ چيائين ته ڪيس پڪ هئي ته ٽکولس جي دل ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ پنهنجن پائرن ۽ ڀينرن لاءِ تمام گهڻو پيار هو، هن کي گهڻي وقت ڪان ان جي پڪ هئي؛ هو گولياندار ٿيندو، ۽ اچو ڪوت پائي، نورو ڪالر وجهي، ۽ پنهنجي ٽوپلي ۾ ڪلنگي هڻي، وڏي شان سان پنهنجي گهوٽ ايندو.

"چڱو، چڱو!" هن جواب ڏنو.

منهنجي ماءُ جي اِنهن گالهين کي هن چاتو ٿي، ۽ سمجهمائين ٿي ته هُن، جو ڪجهه سوچيو ٿي سو رڳو پنهنجي نئين ڪهول لاءِ، پر هُن اهڙي ڏيکائي ٿي ڏني، جڏ هو ان کان اڻ ڄاڻ هو. تنهن ڪان سوا هن کي سپاهگيريءَ جو ڪجهه پنهنجو به شوق هو.

هوڏانهن منهنجو پيءُ هٿن ۾ پنهنجو منهن جهليو، چاهه جي پاسي ۾ ويٺو هو، ۽ ويٺي رنائين. هن چاهيو ٿي ته سڀئي هن جا ٻار هُن وٽ گهر ۾ هجن، پر منهنجي ماءُ وڏي وڃي هن جي پر ۾ ويٺي، ۽ جيئن اسپن نندا ٻار پاڙيسرين سان ڏاڍيان گهالهائي رهيا هئاسين، هن بابا سان ويهي ڪَن ــ سُرو ڪيو:

"بڌ! اسان کي نڪولس لاءِ ٿوَن 'اِڪائوسن' کان ٻه وڌيڪ رقم ملندي. هو چهه انچ مٿي پنج فوٽ آهي، ۽ هر انچ لاءِ اسان کي جدا پئسا ملندا. اِن طرح ڪُل ٻارنهن 'لُوئِي' اسان کي ملندا. آنهن مان پاڻ گِئون وٺنداسين، ۽ ڪير، مکڻ ۽ پَنير" پنهنجا ٿي پوندا سين، ۽ اِئين هڪڙو پَلهر" ٻه تاتي وڃهنداسين."

ڪنهُن ٻه هن کي جواب نه ڏنو، ۽ سڄو ڏينهُن، منهنجي پيءُ جو ۽ منهنجو ڏاڏو ڏکيارو گذريو.

ٻئي ڏينهن صبح جو نڪولس ۽ بابا شهر ويا؛ موٽندي، بابا، گهڻو رنج هوندي ٻه ٻڌايو ته نڪولس ٻڪريءَ واري جوءِ جي پٽ جو ادل بدل ٿيندو، ٻارنهن سال فوج ۾ رهندو، ۽ اسان کي هن لاءِ ٻارنهن 'لُوئي' ملندا ــــ هڪ 'لوئي' هن جي هر سال جي سَروس لاءِ، پهرين راين جو قرض لاهيندا سين، ۽ پوءِ ڏسنداسين ته ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهياسين.

هڪ يا ٻه 'لُوئي'، هو خود نڪولس کي ڏيڻ جي فائدي ۾ هو، پر منهنجي ماءُ ڊاهن کندي چيو ته هن (نڪولس) کي ڪائي گهرج ڪانه هئي؛ هُن کي هر روز سڻي ماني ملندي، سڻا ڪپڙا ملندا ۽ ٻن فوجين وانگر بوٽن لاءِ جوراب به؛ ۽ ٻيو ته جيڪڏهن پئسا هن کي ڏيئي ڇڏبا، ته هو ڪلال خانن ۾ وڃي آهي وڃائيندو ۽ فوجي نوڪريءَ ۾ سزا ڏار ملندس!

نڪولس مُرڪيو، ۽ جواب ڏنائين:

"ٺيڪ، ٺيڪ! مون کي قبول آهي."

منهنجو پيءُ ڏاڏو دلگير هو، پر اِن مان اوهين اِئين نه سمجهندا ته منهنجي ماءُ نڪولس جي وڃڻ ۾ ڪا سڄي خوش هئي. نه، اِئين

تہ هو ڪيس ڏاڍو پيارو هو. پر، وڏو ڏک ماڻهوءَ جي دل ڪي سخت ۾ بڻائي ڇڏي ٿو، ۽ پيو ته هوءَ ٻن نندڙن لاءِ ــ ميٿورين ۽ اِنياني‌ءَ لاءِ ــ سوچي رهي هئي؛ ڇو ته اُنهن ڏينهن ۾ هارلهن 'لُوئي' وڏو هڪ خزانو هو.

انهيءَ طرح گهالهين ڪي خيرخوبيءَ سان نباهيو ويو، ۽ اِهو طئي ٿيو ته هُئي هفتي، مختيارڪاريءَ ۾ ڪاغذ تي صحيحون ڪمون ويندیون. هر روز صبح جو نڪولس شهر ڏانهن هليو ويندو هو، ۽ قدرتي گهالهه هئي، ته، جيئن هو گهٽر جي وڏي پٽ جي ادل بدل بڌجي رهيو هو، پوڙهي جوسيءَ، جنهن جرمن دروازي جي ساهون "وڏو قاڙهو" نالي سان ڪلال خانو ٿي هلايو، هن ڪي 'آڻون ۾ رڌل قيمون'، ۽ 'ان' ڪائن لاءِ ٿي ڏنو ۽ اُن سان گڏ هن ڪي شراب جو وڏو پيالو به پيش ٿي ڪيائون. نڪولس، اُنهن حالتن ۾ پنهنجن دوستن سان ڏاڍي ڪل پوڳ ۾، نچندي ڪائيندي، وقت پئي گذاريو ــ ٻين پاڻ جهڙن ادل بدل ۾ آيل يارن سان، جيڪي ٻن شهري دولتمندن (بُورجوا) لاءِ پسن ٿي، سا گهيءَ طرح، پاڻ" وڪڻي رهيا هئا.

آڳ پنهنجي سِر، تازه دم همت سان ڪم ڪي لڳي ويس، جو تہ گهٽ ۾ گهٽ، و ياج خور رابن جا نتوَ 'اِڪائوس' ترت ئي اسين ادا ڪري سگهياسون ٿي ــ ۽ هاڻي، گهٽ ۾ گهٽ اسين هِن لغور مان هميشه لاءِ ڇٽي پوڻ وارا هئاسون. جيئن آڳ سنداڻ تي، طرقا هٽندو ٿي رهيس، تيئن منهنجي دل جڻ آئين ئي خوشيءَ جا آڏما ڪائيندي ٿي رهي، ۽ استاد جين، ۽ وئلنٽائين ۽ ٻين سڀني منهنجن دلي امنگن ڪي خوب سمجهيو ٿي.

ترت ئي پوءِ، هڪ ڏينهن صبح جو، جڏهن دڪڻ ۾ مطرقا آهڙيءَ ئي تيزيءَ سان لڳندا ٿي رهيا ۽، ڏڪ ڏڪ تي، ڇٽنگون، ڪاپي ۽ ساچي، اڏامنديون ٿي رهيون، هڪڙو رايل جرمن دستي جو برگيڊيئر، ڇهه فوٽو لغور، ٽينڊ تي وڏيءَ پشمي ٽوپيءَ سان، نرم چمڙي جي واسڪوٽ تي بند پيڙن سان نيلي رنگ جو ڪوٽ پاتل، چمڙي جي بريچز تي گوڏن تائين لانگ بوٽ پهريل، چيلهه جي پٽي سان لڳل

تلوار لوڏيندو، اوچتو دڪ جي دروازي وٽان اچي بيهي رهيو.

"اڙي سؤٽ جين! نيڪ ڏينهن مبارڪ!" هن رڙ ڪندي، چيو. ڏيڪاءَ ۾ ۽ غرور ۾ ورتل هو اوترو ئي لڳو ٿي جيترو ڪو آرمي ڪرنل. استاد جين هن ڏانهن تعجب وچان ڏٺو، ۽ ليٽ هن کي جواب ڏنائين:

"ها! سو تون آهين، بدمعاش؟ چئبو تم اچان توکي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ڪونم اڻن!"

آيل شخص ان تي ڪاوڙيو ڪونم، الٽو زور سان ٽهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳو.

"تون به ستڙئين ڪونم، سؤٽ جين!" ڪل چالو رکندي، هُن چيو، — "هميشه چرچائي. چا، اڄ 'رڪوَر' [شراب] جي بوتل جا پئسا پريندين يا اڄ به نم!"

"منهنجي ڪمائي تو جهڙن بدافعالن جي گناهي پُسائڻ لاءِ ڪانهي،" ائين چئي، استاد جين، مُنهن ورائي ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو. "وڃو ڪم ڪي، چوڪڙا! همت ڪريو!"

۽ اسين وري مطرقن هٽڻ کي لڳي وياسون، ۽ استاد جين جو آهو بدافعالو ۽ بدمعاش سؤٽ، ڏند شيڪيندو ۽ پٿيان تلوار لڙڪائيندو، هليو ويو.

هيءَ سچ پچ ۾ استاد جين جو سؤٽ هو — هن جو نالو 'جيروم' هو ۽ ڪوارٽرويئنٽ گيوٽ جو ويڙل هو. ۽ هين ماٺهوءَ فوج ۾ پرتي ٽين ڪان پهرين پنهنجي تَرَ ۾ پاڻ ڪي پنهنجي بدافعالين ڪري ايترو تم خوار خراب ڪيو هو، جو سندس ڪٽنب وارن ئي هن کي لادعوا ڪري ڇڏيو هو. آن ڪان پوءِ هو پهريون پيرو گيوٽ کو چهن مهينن جي دڳهيءَ موڪل تي آيو هو. آءٌ هيءَ گالهه انهيءَ ڪري ڪريان ٿو، جو بلڪل ٻئي ڏينهن، جيئن آءٌ شهر ۾ هفتي جو لوڻ وٺڻ ويس، تم مارڪيٽ جي ڪنڊ وٽ ڪنهن کي منهنجو نالو وٺي سڏ ڪندي ٻڌم ۽ مُنهن ورائي ڏٺم تم نڪولس هو ۽ آن جيروم سان گڏ ٻئو هو! هو ٻئي آتي "ريچ" جي ڏاڙي سڏجندڙ ڪلال خاني جي سامهون

گھٹيءَ جي ڪنڊ تي بيٺا هئا! منهنجو نالو ونندي ۽ ڪانهن سان جهليندي نڪولس چيو:

"گلاس پيئندين؟"

"هلو تم موسيو ر جوسپي جي ڪلال خاني تي هلون!" سون جواب ڏنو.

"نہ، آءٌ آتان جو نان" ڪائي ڪاڻي ڪ ٿي پيو آهيان!" هن جواب ڏنو. "هل تم اڳتي هلون!"

سون جڏهن پئسن بابت پچيوسانس تم ڪير پريندو، تم هن جي همراهه رڙ ڪئي:

"پئسن جي پرواهه نه ڪر! پنهنجن ڳوڙائيءَ تي اسان جي جان به قربان آهي! اهي پئسا منهنجي بلا آهن."

انهيءَ طرح ڪلال خاني ۾ وڃڻ ۽ ويهي پيئڻ کان سواءِ سون لاءِ ٻيو ڪو رستو ڪونه هو.

هڪڙي پوڙهي، جنهن کي هن "آرسولا" ڪري سڏ ڪيو، فوراً آهو ڪجهه آڻي اسان جي آڏو رکيو، جيڪو هن گهريس — شراب، برانڊي، پنير. بهرحال، سون کي آتي گهٽو وقت ويهڻو ڪونه هو؛ هن جو تم هيءَ اڏو ٿي لڳو، جتي سپاهين ۽ ننڍن فوجي آفيسرن جا ٽولا ويٺا هئا ۽ آيا ۽ ويا پئي — ڪن تماڪ پئي ڇڪيو، ڪن گوڙ پئي ڪيو ۽ ڪن آوٽ پٽانگ گاليو پئي: هي سڀ گالهيون منهنجي ڏاڍو وڻان ٿي نه هيون. پاڻ سان گڏ لابراتس جو ڪيپيو ماڻهو — قد جو بندرو، جيڪو رئٽ، ٻين وچائن وارو — به هن سڏي ويهاريو ۽ آهو به آنهن سان پيئڻ کي لڳي ويو. وڏيءَ گول ميز جي چوڌاري اسين چارئي ۽ ٻيا به ڪيئي فوجي ويٺا هئا — ڪن جا وار هئا، جي اڌ ويڙهيا، ڪنيءَ تي پئي لڙڪن، ڪن جا وڏا ٽوپلا ٻنهه نمايا نڪ تي ٻيا هئا، ڪن جي ڪلهن ۽ ڇاتين تي ڪيئي پلا لڳل هئا جن مان ڪي تم سندن اجائيءَ پٽ ڪوهه ۾ ڇڇي، وري وري، هيٺ پٽ تي ڪري ٽي پيا. هو سڀ آتي پنهنجون پنهنجون ٽونڊيون ميز تي رکيو ۽ پنهنجا دکندڙ پائيپ ڏندن ۾ جهليو، پنڪين

ڀ پورا ٽيا وينا هٿا. هر شيءَ آنهن جي گدلي، قاتل ۽ بي ڊينگي پئي لڳي. نڪولس آنهن مان ڪن سان حجائتو ٿي ڳالهائڻ جي پئي ڪئي. ٻ ٽي ڀرا سون آنهن مان ڪن کي، نڪولس کان لڪندي، پاڻ ڀ اک هٽندي ڏٺو. هڪڙي سان ڳالهائيندي، ٽهڪن ڀ، هر هر سيني هڪ ٻئي جملو پئي ورجايو:

"ها، ها، ها! او ائين! ها، ها، ها!"

آن جو ڇا مطلب هو، آءٌ سمجهي نٿي سگهيس. ايڏي گوڙ ڀ آءٌ ايڏو تم ينجهي پيو هوس، جو آتان رگبو نڪرڻ جي واهم ڪولڻ جو ئي سوچيندو ٿي رهيس.

ايتري ڀ، هڪ ڇهه ڦوٽي، "رايل جرسن" اوچتو سون کان پڇيو تم منهنجي عمر ڪيتري هئي؟ ۽ سون جڏهن ٻڌايو مانس تم "ڇوڏهن سال" تم وڌيڪ هن ڪجهه نم چيو. ليٽ جڏهن نڪولس ڳائڻ شروع ڪيو، ۽ سون ڏٺو تم جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ سولجر آتي ايندا پئي رهيا، ايتري قدر جو ڳاهٽ ٽيڻ جي جاءِ وڃي باقي رهي هئي، تم مون ينچ جي هيٺان رکيل پنهنجي پوري سرڪائي ڪڍئي، ۽ باهر نڪري آيس ۽ تکو تکو لابراقس ڏانهن رخ ڪيم.

مختياركاريءَ ڀ نڪولس جي ڪاغذ صحيح ٽيڻ واري مقرر ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ جو هيءُ واقعو هو. آن رات نڪولس سمهڻ لاءِ گهر ڀ نم آيو؛ ان ڳالهه تي سڄي رات منهنجو پيءُ ڏاڍو پريشان رهيو ـــ خاص طرح انهيءَ ڪري ٻ تم آن ڏينهن شام جوئي مون فلس برج جي ڪلال خاني ڀ جو ڪجهه ڏٺو هو، آهو سڄو احوال ڪيس ٻڌائي ڇڏيو هو. منهنجي ماءُ، بهرحال، چيو:

"اوه، اهو ڪجهه ناهي، ڇوڪرا آهن، ضرور پاڻ کي وندرائيندا. نڪولس هاڻي تم هونئن ٻ هر روز گهر ڪونم ايندو. پل تم مزا ڪري جيترا ڪري سگهي، پلي تم سندس دوست سندس دعوتون ڪن جيڪي ڪري سگهنس."

پر پوءِ ٻ، منهنجو پيءُ فڪرمند رهيو. منهنجا پائر ۽ پيٽون پهرين سمهي پيا هٿا، ۽ هاڻي منهنجي ماءُ ٻ ڏاڪڻ چڙهي مٿي هلي

ويئي، ۽ اسان ۾ کي هيٺ چلهه وٽ ويٺي چڏي ويئي. منهنجي ٻيءَ ٿوري دير ڪجهه نه چيو، ۽ ڏٺو ٿي ته ڪنهن خواب ۾ ويٺو هو.

آخرڪار، رکي رکي، گهٽيءَ دير کان پوءِ، هن چيو:

"هل ته مچيل، هلي سمهون، ۽ ڪجهه اڪ هٽي وٺون. سياڻي صبح جو سوير آءٌ ضرور اوڏانهن ويندس ۽ ڏسندس ته چا ٿيو. ڳالهه کي جهٽرو جلد ٽي سگهي اوترو جلد اڪلائڻ کپي. اسان ڪاغذ صحيح ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي، سو اسين ائين ڪري ڏيڻ لاءِ بڌل آهيون."

ائين چئي، هو ڏاڪڻ تي چڙهيو، ۽ آءٌ ڪپڙن بدلائڻ ۾ ئي هوس، ته اسان باغن جي وچان گهٽيءَ مان پنهنجي جهوپڙي ڏانهن ڪنهن جي اچڻ جو آوار ٻڌو. منهنجو ٻيءُ جيئن موٽي هيٺ لٿو ته چيائين:

"نڪولس اچي ويو آهي."

پر جڏهن هن وڏي دروازي تي ٽڪوليو ته منهنجي ٻاءُ جي بدران، ننڍي قد وارو جين رئٽ اندر لنگهي آيو. هن جو منهن لٽل ۽ پيلو، جهڙو هڏ پٽي لڳو.

"تنهنجو پٽ نڪولس، شهر جي جيل ۾ آهي. هن ٻئٽر جي جڳ سان رايل جرمن واري ڏگهي جهروم ڪي مرڳو ماريو هو. مون چيوسانس: خيال ڪر، چا ٿو ڪرين! رڪروٽنگ آفيسر جي پيسن تي شراب پي، جيئن ٽن سالن کان آءٌ ٻيو ڪريان تون به ائين ڪر. ڪمبخت پيرا هٽن مون کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر مون هٽڻ کي اصل صحيح نه ڏني آهي. آءٌ هنن کي چڏيندو آهيان ته پل خرچ ڪن، پر مون کڏهن به ڪاغذ ٿي اکر لکي نه ڏنو آڻمان."

"او منهنجا خدا! او منهنجا خدا!" منهنجي ٻيءُ دانهن ڪئي. "چا، هوڪا بدنصيبي اسان تي کڙٽي آهي."

آءٌ پاڻ ته وڏيڪ ٻهي به نه سگهيس، ۽ آتي ئي چمنيءَ جي هيٺان، ڪنڊ ۾ ويهي رهيس. منهنجي ماءُ به پنهنجي هنڌ مان آڻي ٻئي هئي، ۽ سڄ پڄ سڄو گهر جاڳي ٻيو هو.

"هن پوءِ چا صحيح ڪيو آهي؟" منهنجي پيءُ پڇيو. "بڌاءِ اسان کي، چا ٿيو آهي؟ هو وڏيڪ صحيح ڪري ٿو چا ٿي سگهيو؟ جو تم اسان هن جي ٻانهن جُوءَ ڪي ڏيئي ڇڏي آهي."

"اوهين چا ڪندا؟" جين رئٽ جواب ڏنو. "تم هن جو ڪو ڏوهم هو، نه منهنجو. اسين تمام گهڻو پي ويڌا هئاسون. رڪروٽنگ آفيسرن هن کي ڪجهه صحيح ڪرڻ لاءِ چيو، ۽ مون اک ڦڪي نه ڪئي. تم نم ڪرا! پر هو ڪا شيءِ صاف ڏسي نه پئي سگهيو — هن کي سڌ ئي ڪانه رهي هئي. پوءِ آءٌ هڪ گهڙيءَ لاءِ ٻاهر ويس، ۽ جيسين موٽي آيس تيسين هن صحيح وڃي ڇڏي هئي، ۽ رايل جرمن" ٽهڪ ڏيندو، اڳي ئي ڪاغذ" ڪيسي ۾ وڃي رهيو هو. پوءِ آءٌ نڪولس کي وٽي بورچيخاني ڏانهن ويس، ۽ چيوسانس، 'تو صحيح ڪري ڇڏي؟' 'مائو،' هن جواب ڏنو. 'پر تو کي هاڻي ٻارنهن "لوئي" ڪونم ملندا — تو کي رگبو هڪ سؤ "ليرا" ملندا،' مون ڏڪايوسانس. 'تو تم پاڻ کي آلو ٻٽائي ڇڏيو!' آن تي هو، چرئي ماٺهوءَ ڏانهن ڏوڙي، اندر ويو، ۽ هنن کي ڪاغذ کي ڦاڙي ڇڏڻ لاءِ چمائين؛ پر رايل جرمن" سُنهن منهنجن ۾ ملائي مٽس ڪلڻ لڳو. هاڻي وڏيڪ اوهان کي ڪين ٻڌايان! اوهان جيڪي نڪولس هڪدم هرشيءِ کي ڪٽندي، اونڌو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو؛ ۽ رايل جرمن ۽ ٻئي هڪ سولجر کي ڪٽي ڪڍيءَ مان جهلائين. سڄو صفحو ڏڪي ويو، ۽ سڀ شيون کي ڪڏانهن کي ڪڏانهن واوکر ٿي ويون. پوڙهيءَ مائيءَ وٽي رڙيون ڪيون: 'گارڊ وٽي اچو! گارڊ وٽي اچو!!' آءٌ پاڻ ٻت ۽ ميز ڇڪي وچ ۾ قاسي-پيو هوس، ۽ ڪجهه ٿي ڪري سگهيس — آءٌ تم آڳاتان ڪڏانهن ڇڪي ئي ٿي سگهيس. جيروم چڪي ڪٽي پٽهنجي تلوار ڪڍي، جنهن تي نڪولس ڪٽندي ٻئي جو جڳ اهڙو وٽي مٽي وارو هنمائيتس، جو جڳ ٽڪر ٽڪر ٿي ويو، ۽ رايل جرمن وارو بدمعاش اونڌي ٿي پل سگڙيءَ جي پاسي ڏڙام ٿي ڪري پيو، ۽ بوتلن جو ڪريٽ" گلاس" ۽ صراحيون سڀ ماٺهن جي پرن ۾ پئي پڳيون ٽڪيون ۽ ليڙيون پٽڙيون. ٽرٽ ئي پوءِ گارڊ" آيو ۽ اچي دروازي تي بهتو، ۽ مون کي نڪرڻ جو وجهه ملي

ويو، سيو طبلي جي پٺئين پاسي کان ٽپندو، ديول وٽان ڦيرو ڏيئي، مشڪل سان، اڇي هتي اوهان وٽ پهتو آهيان. جيئن آءٌ گهٽيءَ جي ڪنڊ کان پئي ٻڌس، تہ مٿهن ورائي ڏٺم تہ وڏي ڪمان واري در جي هيٺان، ٽائي جي اپوان ۾، نڪولس، گارڊن جي وچ ۾، بيٺو هو؛ ۽ چاڪاڻ جو سڄو ٽاٽو ماٿهن سان ڀريو پيو هو، ان ڪري آءٌ هن جي ويجهو وڃي نہ سگهيس. ماٿهن پئي چيو تہ رايل جرمن ٻي پٽيون ٿيو پيو هو. پر چا ٻہ هو، هن کي نڪولس تي پنهنجي تلوار کڻي نہ هئي، ۽ نہ ئي وري نڪولس پوءِ بيهي پاڻ کي مرندي ڏسي ٿي سگهيو. ايهي ڪري آءٌ ٿو چوان تہ چيروم جو ڏوهہ هو ۽ سڄي جهڙي جو سبب پہ آهو هو. ڪٿي ضرورت پئي، تہ آءٌ قسم ٿي ٻہ سچي اها شاهدي ڏينديس....»

جيئن جون رئٽ اسان تي آيل هيڻن ڏينءَ-مصيبت جو بيان پئي ڪيو، تہ اسين عجب ۽ خوف ۾ ورتا، بي ساها ٻڌا، ويٺا هئاسين. اسان ڪجهہ نہ ڪيو، ڪجي بہ نہ سگهياسين ٻہ ٿي. اوچتو منهنجي ساهہ پنهنجا هٿ آيا ڪيا، ۽ جڏهڪي دم سان اسان سڀني جي منهن ٻان ڏانهن نهاري ويئي، ۽ راڙو راڙ ڪندي روئڻ ۾ پئجي وياسين، منهنجي زندگيءَ جي سڀني ياد گيرين ٻان اها ياد گيري بيحد دک پري ياد گيري آهي. نہ رڳو اسين پر ياد ٿي ويا هئاسين، پر نڪولس قيد ۾ بند هو!

شهر جا در رات جي ڪري جيڪڏهن بند نہ هجن ها، تہ منهنجو پيءُ اوڏيءَ مهل اوڏانهن هليو وڃي ها؛ پر جيئن حالت هئي، اسان کي صبح تائين پنهنجي آن ماتير ۾ ويهي گهارڻو هو.

اسان جا آهي پاڙيسري جيڪي سمهي پيا هئا، اسان جي راڙو راڙ ٻڌي، هڪيئي جي پويان جاڳي پيا هئا؛ ۽ جيئن آهي هڪ٘ هڪ٘ ٿي اسان جي چهوڙيءَ ۾ داخل ٿيا ٿي، تيئن جيئن رئٽ انهن کي اها گالهہ ٿي ٻڌائي، ۽ اسين پنهنجي ڪانهن پريل کوچ ٿي ويٺا، پنهنجا هٿ گوڏن جي وچ ۾ لڪايو، روئيندا ٿي رهياسين. آه! شاهوڪار کي ڪهڙي خبر تہ بدنصيبي چا آهي، هر شيءِ غريبن جي مٿان پوي ٿي، چاڪاڻ تہ هر شيءِ انهن جي خلاف آهي.

پهرين تہ منهنجي ماءُ نکولس تي ڏوهہ مڙهڻ شروع ڪيا؛ پر پچاڙيءَ ۾ هن متس پاري ڪيڊيا، ۽ اسان وانگر ويهي روئڻ لڳي.

پرڀات مهل منهنجي پيءُ پنهنجي لٽ ڪيڊي، ۽ اڪيلو آڻي وڃڻ لڳو، پر مون استاد جين جي ننڊ مان اٿڻ تائين ڪهس ترسڻ لاءِ چيو. ڇو تہ مامري کي ڏاهڻ لاءِ هو شايد اسان سان گڏجي شهر هلي، ۽ ٻيءَ طرح بہ هو اسان کي ڪا نيڪ صلاح ڏيئي سگهوٿي. تنهنڪري، بنجين بجي ــــ جڏهن هميشه بتي برندي هئي ــــ اسين بہ آني پهتاسين، ۽ وڏي ڪلال‌خاني جي اندر ٽپاسين.

استاد جين اڳي ئي وڏي صفحي ۾ اندر، ڪوٽ لاهيو ٻيٺو هو؛ اسان کي آنهيءَ مهل آني ڏسي هن کي ڏاڍو عجب لڳو، ۽ جڏهن مون حادثي جي گهالهہ ٻڌائيمانس، ۽ مدد لاءِ چيومانس، تڏهن مون ڏٺو تہ عجب ڪان وڌيڪ هو ڪاوڙ ۾ پرجي ويو.

"اوهين چا ٿا سمجهو تہ هن حالت ۾ چا ٿو ڪري سگهجي؟" هن پڇيو. "اوهان جو نکولس هڪ جهيڙاڪ نيڊڪ ماڻهو آهي، ۽ هو ٻيو چورَ جو پٽ، منهنجو سؤٽ، ان ڪان وڌيڪ آهڙو آهي. اسين چا ٿا ڪري سگهون؟ هر ڪنهن کي پنهنجي رستي سان وڃڻو آهي. ڇڏيو تہ عام‌مختيار هن گهالهہ سان نبري. ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ بهتر ڪان بهتر، تہ بہ چا ٿيندو؟ اهو ئي، تہ اوهان جو اهو ندورو پٽ قطارجي پنهنجي رجمنٽ ۾ وڃي داخل ٿيندو ــــ ايڏي، جا هُن پنهنجي خرمستي ڏيکاري آهي!"

۽ ان ۾ هو صحيح هو: پر تہ بہ، منهنجو پيءُ جو روئي رهيو هو، استاد جينَ اوچتو پنهنجي آڇر ڏينهن وارو ڪوٽ پاتو ۽ ٻيءَ جي در تان ٻيهي وئلنٽائين کي هدايتون ڏنائين؛ ۽ پوءِ اسين سڀئي، ڪنڌ هيٺ ڪري، آڻي هلياسين. ڪڏيءَ ڪيڏيءَ مهل، استاد جين واڪو ڪندي، چيو ٿي:

"چا ڪرڻ ڪهي؟ هن شاهدن جي آڏو ڪاغذ تي صليب جو نشان پنهنجي هٿ سان ڪيڊي ڏنو آهي. تنهن ڪان سواءِ هو پاڻ بہ چهن فوٽن جيڏو ڪاڪ مڙس آهي. اهڙن احمقن کي هڪ پيرو قابو

ڪندي، هو ڪو ڇڏي ۽ ڏينداچا؟ نہ، ڇاڪاڻ تہ اهي ئي ماڻهو هوندا آهن جيڪي بهترين سولجر ثابت ٿيندا آهن. جيترو هنن جو ميڇالو ننڍو هوندو آهي، اوترا وڏا سوچڙا ۽ سختيون هو سهندا آهن. ۽ هو پنو بدمعاش، وڏو جلاد ـــ چا، اهڙي ڪي ڪا ڇهہ مهينا سوکل ملي ۽ سگهي ٿي، سواءِ اِن لاءِ تہ وڃي ڪوڻن ماڻ جوانن کي ڦاسائي اچي؟ چا، رايل جرمن دستن لاءِ هو ڪي هڪ ۽ رنگروٽ ۽ نہ ڦاسائي وڃي، تہ خود ڪيس جهلي، قيد ۽ وجهي نہ ڇڏيندا؟ نہ، آڳ تہ سمجهي ئي نٿو سگهان تہ چا ڪرڻ ڪپي."

جيترو وڏيڪ هُن ڳالهايو ٿي، اوترو وڌيڪ ڏڪارا هو ۽ اسين ٽياسين ٿي. ۽ جيئن ئي اسين شهر ۾ پهتاسين، تہ هن جي همت پڙڪي آڻي؛ ۽ هن ڇيو:

"پهرين هلو تہ اسپتال هلون، جتي پراڻو ڪنٽرولر، جنڪس پيلٽئر، مون کي سڃاڻي ٿو. هو منهنجي سؤٽ سان مون کي ملڻ ڏيندو. ۽ جيڪڏهن هو پاڻ پنهنجي دستاويز تان ڪٽي هٽ ڪڍي، تہ وري ۽ سيڪجهہ ٽيڪ ٽي سگهي ٿو. مون کي ڇڏيو تہ ڳالهہ کي ٿاهي وٺان."

اسين ڪوٽ جي ٻاهرين ۽ پٽ ماڻ لنگهي اندر ٽياسين، ۽ جلد ئي پراڻي ۽ اسپتال وٽ پهچي وياسين، جيڪا فرينچ گيٽ جي ٻُرج ۽ بارود خاني جي وچ تي اڏيل هئي، استاد جين اسپتال جي گيٽ جي گهنٽي وڄائي، جنهن جي آڏو ڏينهن رات هڪڙو پهريدار پيو ايندو ويندو هو؛ گهڙي نہ گذري تہ گهنٽي ۽ جي سڏ تي دربان ٻاهر لڪتو ۽ استاد جين جي نالي ٻڌندي، هن کي اندر وٺي ويو ـــ ويندي ويندي، استاد جين ماڻ کي ڪجهہ دير ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو.

پهريدار آهائي در جي سامهون اچ وچ پئي ڪئي، ۽ منهنجو پي ۽ آڳ باغ جي پٽ سان لڳا اسپتال جي پراڻين درين ڏانهن ڏاڍي انتظار سان ڏسندا رهياسين.

نيٺ اڏ ڪلاڪ کن کان پوءِ استاد جين در وٽ موڙي آيو، ۽ اسان کي اندر اچڻ جو اشارو ڏنائين. پهريدار اسان کي اندر وڃڻ ڏنو، ۽ اسين پهريائين وڏي ورانڊي ۾ داخل ٽياسين، ۽ آن کان پوءِ

سيڙهيءَ تان چڙهي مٿين ماڙين تي وياسين. اسان جي آڏو اسپتال جو هڪڙو ڇاڙو ماڙهو پئي هليو، جنهن مٿين ماڙيءَ تي پهچندي، هڪ ڪوٺيءَ جو در کوليو، جنهن ۾ هڪڙي ننڍي بستري تي جيروم ليٽيو پيو هو؛ هن جو منهن پٽين سان ويڙهيل هو، جو هن جون اکيون ۽ نڪ ڏسڻ ۾ نه اچن ها؛ تہ اسين هن کي سڃاڻي نہ سگهون ها. هن پنهنجي ٻوٽ تي ٽيڪ ڏيئي، ڪجهہ مٽيرو ٿي، پنهنجي اسپتالي سوٽي ٽوپيءَ جي هيٺان اکيون ڪڍي، اسان ڏانهن ڏٺو.

"نيڪ ڏينهن جي مبارڪ جيروم!" استاد جهن چيو. "اڄ صبح مون تنهنجي حادثي جي ڳالهہ ٻڌي، ۽ مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو."

جيروم کي جواب نہ ڏنو، هن جو رخ ٻي ڏينهن اڳ واري رخ جهڙو الميو ۽ هنيلو نہ هو.

"هائو، ڏاڍي افسوس جي ڳالهہ آهي"، منهنجي دين جي بيءَ ڳالهہ جاري رکندي، چيو، "تون تہ سڀ مٽو ڦاڙائي ويهين ها! خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، جو ايڏا هي زخم ناهن؛ مڃو پاڻ ئي مون کي اتين ٻڌايو آهي. پر، هاڻي، ڪم از ڪم ايندڙ ٻہ هفتا تو کي ايترو پيئڻ نہ گهرجي، نہ وائين، ۽ نہ برانديءَ، اهو خيال تو رکيو، تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو."

ڪجهہ ديرلاءِ جيروم خاموش رهيو. پوءِ اسان ڏي جڏهن پاڻي ڏسي، چيائين:

"اوهان کي مون کان ڪجهہ گهرڻو آهي؟ چا آهي، چئو؟"

"هي، تنهنجا سڀ مون کي خوشي آهي، جو ڏسي رهيو آهيان تہ تون اهڙو ناچاق ناهين جهڙو اسان کي ٻڌايو ويو هو. هاڻي، هي غريب ماڙهو لاءِ ڪاڦي مان مون سان گڏجي آيا آهن. هي نڪولس جا پيءُ ۽ ماءُ آهن."

"آها، آها!" بستري تي پوئتي ليٽي، بدمعاش رڙ ڪئي. "آءٌ سمجهان ٿو. هي آيا آهن تہ آءٌ نڪولس جو دستاويز هن کي واپس ڪريان. سو، ائين ڪريان، تنهن کان تہ بهتر آهي. آءٌ پنهنجو گلو ڪٽي ڇڏيان. هو ڪٽيڻا مون کي ٿو ڏکهي؟ هان! ماڻهن کي

گهٹا ڈيندو؟ ڈپر، ذليل! رگهو هينئر، جي منهنجي آڏو هجي تہ تارا ڪيڏي چڏيائس!"

ڏند ڪٽيندي، هن پٽي ڏني، ۽ چادر چڪي، ڪلهي تان وڙائي چڏي، تہ جيئن اسان کي هو پنهنجي اکين آڏو ڏسي نہ سگهي.

"جمرو، پڌ،" استاد جين وري شروع ڪيو.

"وڃو جهنم ۾!" بدمعاش واکو ڪيو.

ان تي، استاد جين پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ چيائين:

"تہ، تون دستاويز موڪلائي نہ ڏيندين؟"

"وڃ، وڃي قاهي کائيو!" کاوڙ ۾ ڦاٽندي، هن ورڦڙي ڏني.

اتي اسپتال جي ماڻهوءَ اچي وڏي، اسان کي چيو تہ بيمار کي ايڏي شديد غصي ۾ متان ڪجهہ ٿي پوي، ان ڪري اسان کي هليو وڃڻ کپي. وڃڻ کان اڳ، بهرحال، استاد جين آن منحوس کي سڌيئن هدايت ڪان رهي نہ سگهيو:

"مون تو کي، پنهنجا سؤٽ، هميشہ هڪ خراب ماڻهو سمجهيو آهي ـــ مون ڪان ڪڏهن نہ وسرندو تہ تون آهو هڪ ذليل ۽ لفنگو آهين، جو فوج ۾ پرتي ٿيڻ کان اڳ تو پنهنجي پيءُ جو مال ۽ هن جي گاڏي بہ وڪٽي چڏي هئي؛ پر هاڻي آءٌ رگهو ڇاهيان ٿو تہ هتان تون ٻاهر اچ، چاق چوبند ٿي اچ، تہ جيئن تو کي انهن تنهنجن ڪٽي جي ڪٽن وارا کي بہ چار ٻڪا هڻي سگهان. تنهنجو بس ٻلهم اهو آهي."

وڏيڪ بہ گجهہ پاڻ چوي ها، پر اسپتال جو ماڻهو هن کي بانهن کان وٺي ٻاهر ڪڍي آيو، ۽ در بند ڪري چڏيائين. اسين سيڙهي لهي ٻاهر نڪتاسين، پر ڏاڍا نراس ۽ خفي هئاسين. اسان جي اميد جي آخري ٽند بہ باقي ڪانہ بچي هئي.

اسپتال کان ٻاهر ٽيندي، استاد جين اسان کي چيو:

"اوهان ڏنو تہ ڪيئن اسان پنهنجو وقت وڃايو ۽ پنهنجي ڪوڏن جهڙي ڪوشش ضايع ڪئي. اوهان جو نڪولس، پڪ ئي پڪ

هاڻي تيسين جيل ۾ بند رهندو جيسين آتان کيڏي هن کي سندس رجمنٽ جي حوالي نه وڃي ڪن. ۽ هن جيڪي ٽانڪ ڏيڻا ۽ ٻيو سامان ڀڳو ۽ خراب ڪيو آهي، اُن جو معاوضو به هن کان ضرور ورائيندا. مطلب ته آهو سڀ هو سندس پهرين "انعامي" رقم مان ڪيندا، ۽ اوهان کي اُن مان هڪ ڪوڙو سڪو به ڪونه ملندو."

پوءِ، اسان جي ايڏي ڏک ۽ ارمان جو ڪو خيال نه ڪندي، هُن وڏي ٺهڪ ڏنا، ايترا جو اکين ۾ پاڻي اچي ويس. ٽيٽ اکيون پنهنجون اگهندي، هُن چيو:

"ارمان" نه ڪريو. هُن مون واري حرامي سؤٽ کي اهڙا ته موچڑا هنيا آهن، جو بنهه سڌهي ڇڏيو اٿينس. ڏاڍو ڪو هٽ ڪرو آهي اوهان جي نڪولس جو. سڄي عمر هُن لغور جي منهن تي اهڙي داڳ رهندا، اصل ائين جيئن اسين مال کي ڏنيءِ ۽ داڳي ڇڏيندا آهيون.

ايترو ته هن دل کولي ڪليو، جو خود اسين به ٽيٽ ساڻس گڏجي کلڻ لڳاسين؛ ۽ پوءِ منهنجي پيءُ چيو:

"هائو، هو اسان جو نڪولس سگهو مڙس ته برابر آهي. جيروم هُن کان ڪرو سو ٽيندو، ۽ هڏائون چوڪٽ به گهٽو اٿس، پرڻ ور ۾ نڪولس گهٽو اٿس."

ائين، اُن گهڙيءَ اسان سڀ ڇڏيو ڪليو؛ پر جيئن، استاد جين سان گڏيا، شهر مان باهر نڪتاسين، ته اسان جي ڀٽيءَ جي بار به وڏي اچي اسان جي ڇلهه جهلي، ۽ منهنجو پيءُ ته توڙي ئي جهڪي پيو.

اُن ئي ڏينهن اسين نڪولس کي جيل تي ڏسڻ به ويا سين. اسان هن کي ڏينهن جي ٿهل پيڙاڻي تي ويٺل ڏٺو؛ ۽ منهنجي روئندڙ پيءُ کي هن چيو:

"چا ٿو ڪري سگهجي؟ وڏي بد نصيبيءَ جي ڳالهه آهي. هاڻي اوهان کي ڪجهه نه ملندو ـــ مون کي اها پوري خبر آهي؛

پر جڏهن ماڻهو کجهه به بدلي نه سگهي، تڏهن اسان لاءِ باقي خدا جي ڪرم جو سهارو ئي رهي ٿو."

پر اسين ڏسي رهيا هئاسين ته گاڏهه هن جي اندر کي ڏاڍو گهاڻيندي ٿي رهي. جڏهن هڪ ٻئي کان جدا ٿياسين، ته اسان ڀاڪر پاتا. هن جو منهن زرد هو، ۽ هُن ڏاڍي اوسوڙي سان ٻين پائرن ۽ پيٽن کي ڏسڻ لاءِ چيو. پر منهنجي ماءُ هن جي آهه گاڏهه نه ٻڌي.

ٽن ڏينهن کان پوءِ آتان هُن کي ريل جرمن رجمنٽ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ روانو ڪمائون. مون هُن کي پنجن ڇهن ساٿين سان ويندي، گاڏي ۾ ويٺل ڏٺو، جن ۾ آنهيءَ ڏينهن ڪلال خالي ۽ پنهنجين پهريون "انعامي" رقمن "مان، اڪيون پوري، پئي پيتو ۽ ڪاڏو ۽ وڙهيا پئي، ٻڌايا پئي، ۽ بدمست احمق ٻڌا ٿڦندا ۽ گائيندا ٿي رهيا. گاڏي جي پٺي پاسن کان گهوڙي سوار دستي جا سپاهي مٿن گارد ٻڌيا پئي ويا، ۽ ڪجهه پنڌ آڏ ۾ سندن ٻنيان ڊوڙندو ۽ دانهون ڪندو ويس ـــ "خدا حافظ، نڪولس! خدا حافظ!" هُن پنهنجو ٽوپاڙو لاهي هٿ ۾ جهليو ۽ مون ڏٺو ته اکين مان ڳوڙها پئي نڪتس. ضرور هن کي به ڳوٽ ڇڏڻ جو ۽ پنهنجن کان جدا ٿيڻ جو ڏک ٿيو هوندو. پر گهٽو ڏک اهو به ٿيو هوندس، جو هن کي الوداع چوڻ لاءِ نه سندس پيءُ ۽ نه سندس ماءُ آيا هئا. پر رگهو آڏ آيو هوس. بس، دنيا اها آهي! آن ڏينهن به، هن ڏينهن وانگر، منهنجو پيءُ پنهنجن پڇن جي گذران کان ڪم ڪري رهيو هو، ۽ منهنجي ماءُ پنهنجي پٽ تي ڏکويل هئي ـ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، ساڳيو ئي اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي، هن چيو:

"ويچارو نڪولس! مون کي گهربو هو ته آنهيءَ ئي مهل هن کي معاف ڪري ڇڏيان ها. ڪيڏو نه سٺو هو منهنجو پيارو پٽ!"

پر آن سان گاڏهه کا ٿهي ته نه سگهيي! هاڻي هو ريل جرمن رجمنٽ ۾ هو، پنهنجن ساٿين سان، جيڪي فلنڊرس جي علائقي ۾ وٽلينسائين چاوٽيءَ جي بيرڪن ۾ رهيا ٿي، ۽ کاڻي کي ڏينهن گذرڻا هئا، جو اسان کي هن وٽان رگهو خير جي کا خبر ئي اچي ملي!

(۷)

چمڪڻ هن استاد جين قياس ڪري اسان تي پنهنجائپ جو هٿ نہ رکيو هو، تہ نڪولس جي حماقت اسان جي ڪٽنب کي ڪيئي سال مصيبت جي منهن ۾ وڌهي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هئي. جنهن ڏينهن منهنجو پاءُ اسان وٽان ويو، اُن ئي شام جو، جمُن آءٌ سگوڙيءَ جي پنهان ڪنڊ ۾ اداس ويٺو هوس، هن نڪ ماٿهوءَ منهنجو منهن ايڏو لٽل ڏسي، چيو:

"پاڻ ڪي ايڏو پريشان نہ ڪر، مچيل! مون کي خبر آهي تہ وياج خور رابن اوهان کي پنهنجي چنبي ۾ ڪيئن قابو ڪيو آهي؛ پر تنهنجا مائٽ تہ برابر ڪڏهن بہ هن جو قرض موٽائي نہ سگهندا، جو تہ هو تمام مسڪين آهن! پوءِ بہ هن جو قرض لهي سگهي ٿو ۽ آهو تون ئي ڪري سگهندين. برابر تنهنجي شاگرديءَ جو معياد اڃان پورو ڪونہ ٿيو آهي، پر آءٌ تہ بہ سوچيان ٿو تہ تو کي ماهوار مون کان پنج ليرا ملڻ گهرجن. تون سٺو ڪم ٿو ڪرين، ۽ آءٌ تنهنجي چال چلگت کان بہ خوش آهيان."

هُن گالهہ پوري ڪ ۽ قرب ۾ پرجي ڪئي. اُن تي اڙ ڪٽرين ۽ نڪوليءَ جون بہ اکيون گوڙهن سان پرجي آيون. آءٌ هن کي اڃان جواب ڏيڻ ۾ هوس تہ هو اسان لاءِ هڪ پيءُ کان بہ مٺي هو، تہ شاويل، پنهنجي ڏيءَ مارگريٽ سان گڏ اندر ايندي ۽ گالهہ ٻڌندي، ڏاڍي سهڻي سڀاءَ سان چيو:

"ابا تہ عاليشان گالهہ ٿي! استاد جين، منهنجي دل ۾ همٿه تولاءِ محبت رهي آهي، پر هن گهڙيءَ آءٌ محبت کان وڌيڪ تنهنجي عزت ڪريان ٿو."

۽ هُن منهنجي ڏين جي پيءُ جو هٿ هٿ ۾ ورتي، اُن کي قربائتو زور ڏنو. پوءِ هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي، وڌيڪ چيو:

"مچيل، تنهنجي پيءُ مون کي تنهنجي ٻيڻي لزبيٿ لاءِ ڪم جي ڪا جڳهہ گولن لاءِ چيو هو. هُن لاءِ سبز درخت' نالي چانهہ خاني

۽ جڳهه آهي، جيڪو سئورين شهر جي واسلون گهٽي۽ ۾ موسيو ٽوسينٽ هلائي ٿو. هن کي آتي خوراڪ، رهائش، بوٽن جو جوڙو ۽ سال ۾ ٻه "اڪائوس" ملندا. اڳتي هلي، جيڪڏهن هوءَ پنهنجو فرض چستيءَ سان پورو ڪندي، تہ ڏسي سگهبو تہ وڌيڪ هن لاءِ ڇا ٿي سگهيو ٿي. تنهن وچ ۾ زندگيءَ جي شروع ڪرڻ لاءِ، هن کي هر ضروري شيءِ آتي ملي سگهندي."

اوهين منهنجي ماءُ پيءُ جي خوشيءَ جو اندازو ڪري سگهو ٿا، جڏهن هُنن اِهي آسرونڊ ڳالهيون مون کان ٻڌيون. ليزبيٽ پاڻ تہ خوشيءَ وچان ڳالهائي نہ پئي سگهيئي، ۽ جيڪڏهن هن کي ڳوٽ ۾ ٻن ڇُٽن جاين تي ڪمن ڪارين سانگي وڃڻو نہ هجي ها، ۽ بت تي رواجي ميرا سيرا ڪپڑا پاتل نہ هجنس ها، تہ هوءَ تہ بس آنهيءَ ئي مهل روانی ٿي وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهي. پوءِ شاويل هن کي بوٽن جو جوڙو ڏنو، نڪوليءَ گهاگهرو ڏنس، وڏيءَ مائيءَ ڪٽرين ۾ بلائوز ڏنس جيڪي لڳ ڀڳ نوان ئي هئا، لهيٽوسيئر چوڪريءَ سندس ساهيڙيءَ جئڪيٽ ڏنس، ۽ منهنجي ماءُ ۽ پيءُ هڪ اڌ سٽي صلاح ۽ گهٽيون دعائون ڏنيس ــ جيڪي شيون هُن لاءِ، پرانهين شهر ۾ وڃي، ڪم تي بيهڻ لاءِ ڪافي هيون.

پوءِ هُن آسان کي جهٽ جهٽ ۾ پاکر پاتا، ۽ رستو وٺي سئورين ڏانهن آڻي پنڌ پئي، جيڪو باغن جي وچان، ٽورو ٽورو چڙهائيءَ تي اڳتي وڌي ۽ پوءِ وادييءَ ۾ هيٺ ٿي لٿو. سنڈس کڻ ۾ نديڙي هڙ هئي، ۽ سُنهن تي هڪ سرڪندڙ ۽ فتحمند چمڪ هيس. هوءَ دليريءَ سان ڏگهيون وکون ڪٹندي، اڳتي هلندي ويئي، تان جو لاهيءَ تائين پهچي ويئي، ۽ آسان جي نظرن کان غائب ٿي ويئي ــ همیشه لاءِ.

پوڙهي پيءُ ۽ پوڙهيءَ ماءُ هن کي ائين اکين کان گم ٿيندي ڏسي، روئي ڏنو.

غريب ماڻهن جي همیشه اِها تاريخ رهي آهي. هو نندين کي پالين تا ۽ آهي جڏهن کنب ڪين ٿا تہ هليا وڃن ٿا ــ هڪ ٻئي

جي پوئتان، پنهنجي گذران جي گولا ۾، ۽ سائٽ پوئتي رهجي وڃن ٿا، خوابن لهڻ لاءِ اڪيلائين ۾.

پر، اُن ئي گهڙيءَ، گهٽ ۾ گهٽ اسان جي قرض جي خاتمي جي شروعات ٻه ڏٺي. هر مهيني جي آخر ۾، جيئن ئي سون کي پنج ’ليرا‘ ملندا هٿا، تم منهنجو پيءُ ۽ آءٌ کيهي، مٽل برادر ۾ موسيو رابن جي گهر ويندا هئاسين. هن ڪُئي جي ٻر ۾ داخل ٿيندي جيڪو رڳو سون ۽ چاندي سان رانيو پيو هوندو هو، اسين اُن پوڙهي لغور کي، بند درين واريءَ کوڻيءَ ۾، پنهنجي بگهڙ - نسل ڪتي سان ويڻي ڏسندا هئاسين. هن جي مٿي تي، نراڙ تائين، لڏي جي ڪل جي ٽوپي پيل هوندي هئي، سدائين پنهنجون ٽوٽنيون ليکي جي بندين تي رکيو ويٺو هوندو هو، جن ۾ هو پنهنجا سڀ حساب ڪتاب رکندو هو.

”ها!“ هڪدم هو رڙ ڪندو هو. ”سو، وري ٻه اوهين آهيو؟ اي منهنجا خدا! ڪير ٿو هِنن کي اِئين زور ڪري؟ آءٌ اوهان کان تم هڪڙو ’دِنيئر‘ ٻه ڪونه ٿو گهران. پاڻ وڌيڪ ڪجهه اوهان کي گهرجي تم چئو! چا، اوهان کي ٻيا ٻه ڏهه يا پندرهن ’ليرا‘ ڪپن؟ اوهان کي رڳو زبان سان اکر ڪيڏو آهي، بس.“

”نه، نه، موسيو رابن“، منهنجو اِهو جواب هوندو هو. ”هيءُ آهي راس تي وياج، ۽ هي آهن چار ’ليرا‘ ۽ ڏهه ’سُو‘، تم سُور گهٽجي. مهرباني ڪري، فرد - حساب جي پُٽ تي لکي ڇڏ: ’ڪائو چار ’ليرا‘ ۽ ڏهه ’سُو‘، موسيو رابن!“

اِئين محسوس ڪندي تم منهنجي مٿي ۾ ڪجهه سمجهه هئي، ۽ اِئين ٻه چاٽندي تم اسين وڌيڪ ڪُنهڻ ۽ مان بيزار ٿي ٻيا هئاسون، هو پوءِ، جيئن سون چمو هوسانس، لکي ڏيندو هو. سچو وقت سُٽڪ سُٽڪ ٻه پيو ڪندو هو:

”هيءِ هيءِ .... اِئين هلو جيئن پاڻيو تم ٻيا اوهان سان هلن‘. اِئين هلو جيئن پاڻيو تم ٻيا اوهان سان هلن‘!“

۽ آءٌ هن جي ڪرسيءَ تان جهڪي ڏسندو هوس تم هُن برابر لکيو يا نه: ”هيترو وياج ۾ ۽ هيترو سُور ۾“! منهنجون اکيون هاڻي

ڪليل هيءَ ـــ مون ڇاڻي ورتو هو تہ هيڪر ئي هن لوءَ جي ڇنبن
۽ ڦاسي پوڻ سان ڪيترو ئي اڃ تائين اسان کي لوڙڻو پيو!

جيئن ئي اسين آتان ٻاهر نڪرندا هئاسين، تہ منهنجو پيءُ ـــ
جيڪو هميشہ ٻاهر در وٽ ئي بيهندو هو، چو تہ پڙهي نہ ڄاڻ ڪري
هن کي ڪجهہ تپاسڻو ڪونہ هو ـــ چوندو هو:

"ڇوڪرا، تون اسان جو تارڻهار آهين. اسان جي ڪٽنب ۾ تون ئي
ڏاهو آهين!"

۽ جيئن ئي موڻي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ ايندا هئاسين، تہ هو
منهنجن ٻانهن ۽ ٻيڻن ڏانهن منهن ڪري، چوندو هو:

"هيءُ آڻو اسان جو وڏو ـــ هيءُ هڪڙو اسان سيني کي وڏي
آزار مان ڇڏائي ٿو ڇڏيو! هيءُ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڇاڻي ٿو، هائو، ڇاڻي
ٿو، ۽ اسين ڪجهہ نٿا ڄاڻون. اوهان سيني کي ڪڍي تہ سڏائين هين
جي ڳالهہ ٻڌو! هين ڪان سواءِ اسين آهي مخلوق آهيون، جن مان خدا
هٿ ڪيي ڇڏيا هجن!"

"۽ اهو سچ ٻہ هو؛ چو تہ غريب ماڻهو ڇا ٿي ڪري سگهيا
جن کي رڳو پنهنجي هوليءَ جا اکر ٻہ نہ ايندا هجن ـــ هڪ دفعو جي
آهي ڪنهن راڻن جي ڏاڙن ۾ اچي وڃن، تہ هو ڇا ٿا ڪري سگهن؟
ڪجهہ نہ، سواءِ اِن جي، جو جيئري ئي هو اُن جو لقمو ٿي وڃن.

هڪڙو سال گذرڻو هو، جو اسين سمورا ٽوءَ اڪائوس ڏيئي،
راڻن جو سڄو فرد ـ حساب ڦاڙي ذريون ذريون ڪري ۽ اُن ٻڌڻ ـ ٻڌلا
ڪان جند ڇڏائي ٿي سگهياسين. ۽ هڪ گهڙي آها ٻہ آئي، جو راڻن
اسان سان ڪڪ ٿي ٻيو: چوڻ لڳو "اوهين هر هر ٿا مون ڪان لڪائي
وڃو، منهنجو وقت ٿا ضايع ڪريو: آءٌ اوهان ڪان ائين روز روز پائي پائي
ڪري نہ وٺندس." اِن تي مون چيوانس تہ "پوءِ اسين اهي پئسا
عام مختيار وٽ جمع ڪرائيندا سون." اهو ٻڌي، وياج خور ماڻ ٿي ويو.

۽ پوءِ، جڏهن، آخرڪار، مون ڇُڪتو فرد ـ حساب گهر آندو،
تہ منهنجي ماءُ خوشيءَ مان ٽپ ڏيئي آئي. هُن آهو پاڻ پڙهڻ چاهيو،
پر پڙهي جو نہ سگهيي، سو وٺي وڏي هڪڙي رڙ ڪيائين.

"قرض لهي ويو! ختم! ڇٽاسين! مڇل، پڪ اٿين ٿيو نم؟"

"هائو، مون کي پڪ آهي."

"۽ اسين هاڻي راڻن جي وڏيڪ ٻيگر کانم وهنداسين؟"

"نم، امان."

"تم پوءِ اهو ڪاگر مون کي تم گهڙي ڏيڪار."

"هر ڪو منهنجي چوڌاري، اڳتي جهڪي، آهو ڏسڻ لڳو، ۽ وات ٽٽي، مون کي ٻڌڻ لڳو؛ ۽ جڏهن پڇاڙيءَ ۾، مون ڪجهه زور سان پڙهيو ــ "حساب صاف!" ــ تم سڀئي گڏجي ٻيهي نچڻ لڳا، تان جو اٿين لڳو تم کو وحشين جو ٽولو هو، جو خوش ٿي رهيو هو. خاص طرح، منهنجي ماءُ، خوشيءَ جي وڏيءَ لهر ۾ ايندي، رڙ ڪئي؛

"هاڻي اِها پوڙهي ٻکري وڏيڪ اسان جي پٺن تان سائو گاهم ڪاڻ چرندي! اسين هاڻي نصيبن ماريا نم آهيون. او خدا! ڪيترو نم هُن شيطان اسان کي گهاٽي ۾ ٻوڙيو!

۽ ٿورا ئي ڏينهن پوءِ، جڏهن موسيو ۽ راڻن اسان جي جهوپڙيءَ آڏو اچي، ٻيهي، اسان کان پڇيو، "وڏيڪ کي ڪٿسا اوهان کي گهرجن؟" تم منهنجي ماءُ چلهم جو وڏو چمٽو کڻي، چرئي ڪنهن ماڻهو واڱر، دانهن ڪري، هُن جي ٻڌيان ڪاهي ڏيئي:

"هان! سو تون اسان کي وڏيڪ بيگر ۾ اڙائڻ آيو آهين! ٿوزو ٻيهم تم ماريا کارَ مُنهان، ڪُمتي لومڙ!"

۽، هو جيڪڏهن آتان هليو نم وڃي ها، ۽ ٽلهي ٻٽ هولدي ۾ ڳوٺ جي بنهم ٻڌي ڇڏي تائين تکو تکو پڇندو نم وڃي ها، تم هوءَ آتي جو آتي هن کي رت ۾ وهنجاري ڇڏي ها. سچ پچ، ڏاڍي گهري گهالهم هئي. پر اِن تي عجب ۾ ڪهڙو ڪائي ٿو سگهجي! ڏٺا وائڻا، ايمان باسلامت ماڻهو ۾، جڏهن اِئين سوڙها گهٽجن ۽ ٻي ڪا واهم نم ڏسن، تم هو اِئين نم ڪن تم ٻيو ڇا ڪن؟ وياج خورن جي پڇاڙي هميشه اهڙي ٿئي ٿي. آنهن کي ياد رکڻ کپي، تم ماڻهن کي جهڪائي، بنهم پٽ ۾ ڪري سگهجي ٿو، پر هو وري ٻم تمام گهڻيءَ تيزيءَ سان آڻي سگهن ٿا، ۽ پوءِ وري، حساب چُڪائڻ جو وارو آنهن جو ٿئي

ٿو. سون پنهنجي زندگيءَ ۾ پنج ڇهه ڀيرا، اهو حال ڏٺو آهي ـــ آنهن ڏينهن ۾ جڏهن ملڪ ۾ فوجي پوليس آهڙن وڏن پهٽن وارن کي بچاءَ ڏيڻ لاءِ کافي نه هوندي آهي. انهيءَ ڪري آنهن چورن اچڪن ۽ 'شريف' ڏاڙيلن کي خوب چيتارڻ گهرجي. ۽ اها سڀني صلاح آهي، جا آءٌ کين ڏيان ٿو. برابر، آءٌ هيءَ تاريخ، بنهادي طرح، هارين لاءِ لکي رهيو آهيان، پر ڀيا به آهن جن کي اها فائدو ڏيئي سگهي ٿي. هورهيٽ، گاڏيئر، چڪيءَ وارو، تنور وارو، اهو جو ماني پچائي ٿو ۽ پڻ اهو جو آها کائي ٿو ـــ سڀني اناج مان هر کو فائدو وٺي سگهي ٿو: ۽ آهو ئي جيڪو پوکي ٿو سو ئي تم چاڻي ٿو تم هر کو جيڪو واسطيدار آهي، سو لڻي پٽي پنهنجن ئي عيبن ثوابن جو لاپ کڻي ٿو.

جڏهن اهي گالهيون ٿيي رهيون هيون، تڏهن ٻيا سڀ مامرا ڏسڻ ۾ هرطرح، هميشه جيان هلي رهيا هئا. ميلا لڳندا ٿي رهيا، مارڪيٽ هلندا ٿي رهيا، ٽڪسون ادا ٿيندیون ٿي رهيون، ماٹهو کينجهندا ڪُرڪندا ٿي رهيا، ڪيڇوچن پنهنجا سير سفر ڪندا ٿي رهيا، ۽ سوداگر پنهنجي دڑل ۾ پورا ۽ مشقن ۾ مصروف هئا ـــ اهي سندن قوائد پراڻن ڏينهن جيان، اڄ به آهي ئي مٽن تلوار جي مُڏن منهن جي ڏکن پٽيان ڏکن سان هلندا ٿي رهيا. هر جمعي تي آءٌ لوڻ وٺڻ لاءِ شهر ويندو هوس؛ ۽ آنهن موقعن تي ئي اهي سڀ گالهيون ٿيندي ڏسندو هوس، جن سڀني ڪراهتن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم ـــ پوڙهن سوداگرن کي ٽيگر ۾ ورتل جوان ڪنڊيٽ ائين ڀيا ڪُٽيندا هئا جڻ هو ڪي گڏهه هجن ۽ سونٽن سان ماربا ڀيا رهن! جيتوڻيڪ اهي گالهيون گهٽو اڳي ختم ٿي چڪيون آهن، پر آنهن جو سوچي اڄ به آءٌ ڏرهُوڙجي ٿو وڃان.

هي شيءِ جيڪا اسان کي ڪاوڙ ڏيارينديءَ هئي، سا هئي ڏارين رجمنٽن کي، جيڪي اسان جون پگهاردار هيون ـــ مٽس دستو، رايل جرمن ۽ هيون ـــ تن کي دڑل ۽ ٻين مشقن وقت جرمن هوليءَ ۾ فرمانن جو ملڻ. جڏهن آهي فرمان زوردار آواز ۾ پري کان اسين ٻڌندا هئاسين، تم اسان جو رت ٿهکندو هو. ڇا، اها صاف سڌيءَ سمجهه جي خلاف

گالهه نه آهي تہ اسان کي ڪنهن گالهه کي سمجهڻ لاءِ ڪو بحث ڪرڻو پوي يا ڪنهن دشمن خلاف جنگ ڪرڻي پوي تہ اسان وٽ هڪڙي کي سمجهڻ لاءِ يا پنهنجيءَ فوج کي جنگي فن يا تدبيرن بابت هدايتن ۽ فرمانن ڏيڻ جا ٻہ جدا جدا لفظ ۽ اصطلاح هجن؟

مون کي ياد آهي تہ اسان جي ڳوٺ جي هڪ وڏيءَ عمر واري فوجي سپاهيءَ ـــ جنهن جو نالو مارٽن گراس هو ـــ هڪ ڀيري، ڏاڍيءَ تلخيءَ سان، شڪايت ڪئي تہ جرمنن سان لڙائيءَ ۾ انهيءَ اسان جي دو-لساني حماقت ڪئي اسان کي هڪ موقعي تي وڏو هاڃو رسايو هو. ۽ اها حقيقت ٻہ اسان جي تاريخ جو حصو آهي تہ اسان جي قديم بادشاهن ۽ سردارن کي اها گالهه ڪاڪ وٽندي هئي تہ سندن عام فرينچ خلق پنهنجن سولجرن جي قريب اچي ۽ آنهن سان پنهنجائپ جا ناتا قائم رکي ـــ ۽ انهيءَ ڪري آنهن شاهن ۽ آقائن لاءِ ضروري هو تہ سئنزرلنڊ جا ۽ سئڪسن ۽ رايل جرمن ئي سندن سپاهي هجن جيڪي "فرينچن" جي، يعني خود سندن پنهنجي، حفاظت ڪن! اسان تي سندن پروسو ڪوٽہ هو، ۽ اسان کي هو سدائين آهي قيدي سمجهندا هئا، جن کي هردم پروسي جو ڪي پهريدارن جي گهيري ۾ رکيو وڃي.

بهرحال اسين اڳتي ڏسنداسين تہ فرانس کي، جنهن جو هو ڪائيندا هئا، هنن ڪارين ڪيترو نقصان پهچايو. اسين ڏسنداسين تہ هي رجمنٽون، سڄي جون سڄيون مهل تي، ڪيئن اسان کي ڏوڪو ڏيئي، وڃي دشمن سان ملڻون هيون. پر اهو پوءِ؛ حالي گالهه اڳتي ٿا ڪٽون.

شام جو اسين اخبارون پڙهندا هئاسون ـــ ڪڏهن پنهنجي مٿهن، ۽ ڪڏهن شاويل سان گڏجي. استاد جين، نوابن، وڏ-ڏڻين، شهزادن ۽ بشاپن جي سلسلي ۾ پليل نه هو. هاڻي، جو موسيورنهڪر کي موقوف ڪيو ويو هو، تہ هنن کي "ڪوٽ" جو باقي الڪو ۽ ڪونہ رهيو هو، ۽ هڪ ڀيرو ٻهر هر اخبار کي رڳي شڪارن، محفلن، دعوتن، پينشنن، انعامن، خدمتن، بخشوشن ۽ ٻين اهڙين چوڻن جي اچي آٽس لڳي هئي. ۽ اسان جي سُونهن پريءَ راڻيءَ، ميري انٽونٽوئٽ کي وري کاڌونٽ ڊي آرٽائس ۽ پنهنجن شانائتن سورمن سوارن سان

۽ شڪارين، خوابگاهي اشرافن، خدمتگذار نوابن، ۽ خانساماڻن، ڪاساڻين ۽ درٻار جي ٻُڌيان سان ــ ٿورن لفظن ۾ اُنهن خاندانن جي حضورين سان جيڪي رڳو هٿ ــ ۽ ــ وات، يعني قُربُ ۽ ڪائڻ، جي چڪر ۾ رهڻ وارا هئا ــ اُنهن کي "ڪوت" جو ڪڏهن ڪو خيال به ڪونه ٿي آيو، ڇاڪاڻ ته اوچتو ئي هنن کي پنهنجين عياشين ۾ مست رهڻ وارا، پنهنجي ئي ڏاڻ ۽ ڏڻ وارا، وزير ملي ويا هئا ــ جؤلي ڊي ــ فيليوري ۽ ٻيا، جن ڪڏهن به ڪنهن کي ڪو حساب ڪونه ڏنو هو ۽ نه ڪڏهن ڏيڻ وارا ئي هئا.

جڏهن استاد جين، ماڻي، اڳين شاهي محفلن ۽ شاهاڻين دعوتن بابت اخبارن ۾ پڙهندو هو، تہ هن کي ڪاوڙ ڪاڻ وٺندي هُئي، پر هن جو ڌيرِيل، ساساڻون مُنهن هڪدم لهي ويندو هو ۽ وات تي هٿ ڏيئي، هو ڪنڌهندو ضرور هو، ۽ ڏورِ خلا ۾ ڏسندي، هو چوندو هو:

"آخر، اي لوگو، هيءِ سڀ ڇا آهي؟ ــ بادشاهه جو خلوت گاهه، شاهي راڳپٽ ــ ڪمرو، محل جي ديول، فرنيچرخانو، وڏو ڪوچ خانو، ننڍو ڪوچ خانو، ۽ هرڻ ــ ڪيت، بگهڙ ــ ٽيئر، ۽ خانگي خزاني آفيس؟ اِها فائقين بلُوجي ۽ وِلسنين جيءِ ۽ رايل مانسيُوجي شڪار-مهارت آخر ڇا آهي، ۽ پارڪ ــ ڊي ــ بولون ۾ ۽ ميٿوئيٿ ۽ اُن جي لاڳاپيل علائن ۾ اِها ڪونجن جي رکواليءَ جي خاص عملداري ڇا آهي! اِهي لُووَر چِراگاهه جي هرڻ ــ شڪار جون شاهي ڪپتانيون ۽ ضامنگيريون، ۽ فرانس جون 'مخصوص' باز بازيون ۽ بازوليون ڇا آهن؟ آءٌ پڇان ٿو اِهي سڀ آهن ڇا؟ اِنهن اسان لاءِ ڇا ڪيو آهي!

اِن جو، هڪ دفعي، شاويل، مُنهن تي مخصوص سُرڪ آڻي، هن کي جواب ڏنو هو:

"استاد جين، اِهي سڀ ڪم واپار کي، تجارت کي، چالو رکيو ٿا اچن."

"تجارت کي؟"

"هائو، پڪ ئي پڪ. سچي پچي تجارت تڏهن هلندي ڏسجي ٿي جڏهن پُٽسو هاريءَ جي جهوپڙيءَ مان نڪري ٿو، ۽ موٽي آڻي

نٽو اچي، عياشي آهي جيڪا تجارت کي، سوداگريءَ کي، چالو رکي ٿي. اسان جي وزيرن اسان کي اها حقيقت ستوَن جا سوين ڀيرا ٻڌائي آهي، اِنهيءَ کري اسين اُن کي مڃڻ لاءِ ٻڌل آهيون. اسين عام ماڻهو پورهيو ڪيون ٿا ۽ سدائين ڏيندا رهون ٿا، پر هو امير رڳوپاڻ کي وندرائين ٿا ۽ خرچ ڪن ٿا. هنن کي پنهنجي زري آهي، زربختي آهي، چڪمدوزي آهي ۽ پنهنجا موتي آهن. اِهي هارهن رواجي نوڪر، هارنهن پيشخدمت، ۽ قلڪاريءَ جا چاٽو، وارن ٽاهڻ جا ڪاريگر ۽ وارن کي ٽاهي رکڻ جا ماهر، غسل جو سامان ٽاهي رکندڙ ۽ غسل ڪرائيندڙ، پاڻ شاهن جا ڏوهيٰ ۽ ڏوهياڻيون، ڪلائي ڪلائي ٽڪائيندڙ نوڪرياڻيون، ۽ نياپن نيندڙ ۽ ڏيندڙ ماڻهو، ڪبوتر ۽ ڪبوتر باز، ۽ ٻيا ڪير ڪير ۽ ٻيو ڇا ڇا ــــ اِهي آهن سڀ آهي جيڪي شين جي ڏي وٺ کي چالو رکن ٿا. اِهي ڪا مُهري يا مَسُورَ، يا ڪو مٽر يا چؤارو ڪڍهن اکيئن ڪونہ ٿا ڏسن. اِهي ڪڍهن ب ڪنهن ڪيڙَ جو جُٻو ڪونہ ٿا پائين، جيئن اسين ٿا پايون!"

"نہ نہ، برابر نہ، آءٌ تنهنجي ڳالهه سمجهان ٿو،" ڪاوڙ ۾ اچي ويل منهنجي دين جي ٻيءَ جواب ڏنو. "۽ نہ ئي ڪي ڪبابي يا ڪباب ڪارائيندڙ جن جون خبرون ب مون ٻڌيون آهن، نہ ئي هنن جا وات ڏوئارينڊ يا چلمچي بردار، ۽ نہ ئي هنن جا پير ڏوئارينڊ ۽ ڏندڻ ڪرائيندڙ ــــ اِنهن سيني مان ب ڪوئي جُٻو ڪونہ ٿو پائي. افسوس، صد افسوس آهي، مون کي! پر چا، هي لکن جا لک ۽ ڪروڙ ماڻهن جا ڳهندا ٽُپي رهن، تہ اِن قسم جا لغور اِئين جي سگهن ۽ جيئندا رهن؟ ــــ هائي اچو تہ ٻيو ڪجهہ پڙهون. اي آسمان جا خدا! چا، اِهو سڀ ممڪن آهي؟"

پر، وري ب صفحي اٽلائٽ سان، اهڙين ڳالهين تي هن جي نظر ڀٽي، جيڪي پاڻ وڏيڪَ مڪروهہ هيون ــــ عمارتسازين جي احوالن تي، هر طرح جي دعوتنامن تي، تحفن ۽ تحائفن تي، سون ۾ مڑهيل ٽوپلن ۽ پنيان گهلجندي ايندڙ سلڪ ۽ ڪمخواب جي

پيشگيرن جي جلوسن ۾، اهڙين رسمن رواجن ۽ ظاهر داربن ۾، جن تي ايترا خرچ ٿي رهيا هئا، جن سان هڪڙي خرچ جو بہ اسين پورهيت ماڻهو پورو کو اندازو نٿي ڪري سگهياسون.

خود شاويل کان بہ، حورت و چان، دانهن نڪري ويئي.

"پر موسيور نهڪر اسان کي چا ٻڌايو هو؟" هن پڇيو. "اهو ٺي نہ، تہ اسان وٽ ڪڏهن بہ ايترو پئسو ڪونہ هوجيترو هاڻي آهي، پر آهو ڪيئن خرچ ڪجي، اِن کان ڪڏهن اسين ايترا آڻ واقف ڪونہ هئاسين جيترا هاڻي آهيون! بس، اها ئي گاڙهہ اسان کي منجهائي ٿي ۽ ماري ٿي."

ائين چئي، هُن اسان ڏانهن پنهنجين وهاڻل ننڊين آکين سان ڏٺو؛ ۽ اسان جي دلين ۾ آجهل قسم جي ڪاوڙ آچلجي مٿي آئي. تمام گهٽي ڪا خاص گاڙهہ ڪرڻ کان سواءِ، ائين چئجي ٿي سگهيو تہ آنهي ۽ گهڙي ۾ جڏهن فرانس جو اڌ يا آن جا ٽي حصا سيءَ ۾ بک ۽ ٻُکي ٽوٽ ٿي رهيا هئا، هيڏي فضول خرچي ـــ آها فضول خرچي جيڪا ڪن ٿورڙن مسخرن، ڪن ٿورڙن خچرن جي سکڻي ۽ ڏوندڻ کي سرچائي! ـــ سچ پچ، اها ڏاڍي هڪ خوفائتي شيءِ هئي.

وڃڻ کان اڳ، گاڙهين کي ٽڏائي، پنهنجي پهچ ۾ رکڻ لاءِ، شاويل سدائين چوندو هو:

"ڇڏيو گاڙهين کي، ڇڏيو گاڙهين کي! گاڙهون تہ اهي ٺي آهن. ٿورن اکرن ۾ چئبو تہ اسين وڏي رهيا آهيون، جو تہ جيترو کو وڏيڪ قرض ڪڍندو، اوترو آهو شاهوڪاريءَ ۾ وڏندو! اهو تہ ائين پڏرو آهي جيئن ڏينهن!"

"هائو، هائو،" استاد جين، دوستن کي درتي ڇڏيندي، وراڻيندو. "واقعي، اِهو اهڙو پڏرو آهي جهڙو ڏينهن."

پوءِ هو دروازو بند ڪندو هو، ۽ آڏ موڻي پنهنجي گهر ويندو هوس.

جيترو وڏيڪ اسان اخبارون ٿي پڙهيون، اوترو وڏيڪ اسان جون دليون ڪُوريون ۽ غمناڪ ٿي ٿيون. اسان ڏٺو ٿي تہ اميرن

اسان کي ائين ٿي سمجهيو جڏ اسين کي ڏورَ هٽاسون. پر، اسين، پوءِ ڀ، چا ٿي ڪري سگهياسون؟ سڄو لشڪر، لشڪر جا عملدار، ۽ پڻ سپاهي آنهن جي پاسي هئا. اِن صورت ۾ ماڻهو پنهنجي دانهن فقط پاڻ ئي کي ڏيئي ٿي سگهيو:

"هي امير ماڻهو جيئڻ ۾ ڪيڏا نه خوش هوندا! ۽ اسين ڪيڏا نه ڏکيا ۽ ڪيڏا نه بيحال آهيون!"

جلد ئي، راڄي‌ءَ ۽ ڪائونٽ دي-آرٽائس ۽ ٻين شاهي درٻار جي عيشي جيئڻ جيڪو مثال قائم ڪيو هو، آهو نندين نندين شهرن ۾ ٻ ڪڙجي و-و. محفلن، ڀنان محفلون، عالیشان قوائد، مظاهرا ۽ شادمانا ٿيندا رهيا. عام مختيارن، ڪرنلن، ميجرن، ڪپتانن، ليفٽيننٽن ڪئپٽن ڪجهه ٻ نٿي ڪيو، سواءِ. "مور-ناچ" جي، ۽ پنهنجن سولجرن کي ڏيائڻ جي، ۽ هاري جڏهن ساڻجهي‌ءَ جو گهرن ڏانهن موٽندا هئا تڏهن هنن ڪي ٻهاري، مارن ڪيڻ جي. اوهين پوڙهي ڪرنل لا رينٽ ڊيشمن ڪان پڇي ڏسو: هو اوهان کي ڏٻائيندو ٿو ڪئپٽيلا جي رجمنٽ جا آفيسرسندس زيرڪمان، پائيئر فلوري‌ءَ جي ڇانوٽي‌ءَ ۾، ڪهڙي زندگي گذاريندا هئا ـــ ڪيئن هو شمپين پيئندا هئا؛ زالن ۽ جوان ڇوڪرين کي، ڇڻ جي ٻهاتي، پنهنجن ڪوارٽرن ۾ ڇڏيندا هئا، ۽ آنهن جا پيئرَ يا مڙسَ اعتراض ڪندا هئا تہ ڪيئن انهن کي پنهنجن ليٽ جي لڪڻ سان ڪوارٽرويٽ ڳوٽ تائين ماريندا ماريندا، پري ڇڏي ايندا هئا.

اوهين سوچي سگهو ٿا تہ اسان ڪمين ڪاسبين ۽ هارين جي روح کي آنهن جا اهي شور ۽ غُلَ، اهي دهل دمامان ۽ موسيقي‌ءَ جا سُرَ ۽ تالَ ڀڏي، ۽ سندن اهي ڏنڇر ۽ ڪارا ڪرتوت ڏسي، ڪيترو تہ ايذاءُ ٿيندو هوندو! هائو، اسان جي اندر ۾ اسان جون جون دليون هيون، جي ٽاڪڻ تي پيون پڇنديون هيون.

سڄ پڄ تہ هاڻي اسان جي فقط هڪڙي ئي اميد وڃي رهي هئي ـــ "ڪوٺ" جيڪا ڪنهن ڏماڪي سان سڄي شهلاني ماڻهاڻ کي ڀاهي ڏيرڪري ڇڏي! هرڪو ٿوري سمجهه رکڻ وارو ماڻهو ٻ

ڏسي سگھيو ٿي تہ آھا وڏندي ٿي رھندي ــ خاص طرح تڏھن کان جڏھن راڻي صاحبہ ڪائونٽ ڊي۔ آرٽائس پنھنجي دلپسند موسيو ر ڊي ــ ڪئلون کي مالڪيات جو ڪنٽرولر جنرل مقرر ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا ھئا ــ آن ماٹھوءَ کي، جيڪو اِن افلاطونيءَ جي دعوا ڪري سگھيو ٿي تہ گذريل ڇھن سالن ۾ ھُن قرضن ذريعي، ۽ جنھن کي ھن "مالڪيات جي مٿا سٹا" ٿي سڏيو آن جي ذريعي، ۽ "ويھين پتيءَ" جي ضبطين ۽ "واڌو پائيءَ (سُو)" جي وصولين ۽ حرامپائين ذريعي، اسان کي بنھ رت ڪري ڇڏيو ھو، اُئين ھِن ڪئلون کان ٻوھ ٻيا ٻہ ڪيئي خراب وزير مقرر ٿيا، پر ھِن کان بدتر آنھن ۾ ٻيو ڪوئي ٻہ نہ ھو، ڇو تہ ماٹھن کي ڪُرڻ جا ھن جا ٻَڌل ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ جا ٺاھ، ھِن جي وٹي کان ٻوھ ٻہ ھڪ وزير کان ٻئي وزير تائين اُئين ئي جاري رھيا، ۽ آنھن مان بيوقوف ۾ بيوقوف وزير ٻہ آنھن کي ڪم آئيندي، پاڻ کي وڏو ۽ ھوشيار ٻيو سمجھندو ھو، ھِن ماٹھوءَ جو ھڪ ڪمال ھيءَ ٻہ ھو تہ ھُن جو ھر ٺڳيءَ جو ٺاھ ابتدا ۾ ماٹھن کي سچو ۽ سود مند لڳندو ھو ــ ڇو تہ ھِن وانگر جنھن کي قرضن واپس ڪرڻ جو خيال ئي نہ ھجي ۽ قرض ملڻ ڪٹندو ئي وڃي، اُھو ٻنھنجي رڳو اُن مُنھن جي پڪائيءَ ۽ پُراعتماديءَ جي آذار تي ئي ٻن کي ڏني ۾ رکيِ ٿي سگھيو.

اِن ھوندي ٻہ، ڪئلون اسان کي ٺڳڻ ۾ ناڪام رھيو. استاد جڏھن ٻہ ڪا اخبار کولیندو ھو، تہ ڏاڍو بيِ آرام ٿي ويندو ھو، ۽ چوندو ھو:

"ھيءُ شُھدو تہ مون کي ماري وجھندو ــ سڀائين ٻيو ڪوڙ ھٹي! اسان جا پٹسا، ڀريون ٻڌي، ٻيو دريءَ کان باھر اڇلي، 'پيٽر' کي قريو 'پال' کي ٻيو ڏئي، ٻيو جڻ ڏنڊو ئي ڪولھيس. ساڃي، ڪاھي، رڳو ٻيو قرض ڪٹي؛ ۽ آخر ۾ جڏھن سونائڻ جو وقت ايندو تڏھن، اسان کي رڻ ۾ رلائي، پاڻ وڃي انگلنڈ کان نڪرندو. آءٌ اوھان کي اڳي ئي ٻڌائي ٿو ڇڏيان، اِن کان سواءِ ٻي ڳالھہ ڪا ٻيٽي ئي ڪانھي."

واقعي، هر کو ئي ڏسي سگهيو ٿي ته گالهيون کڻي پاسي وڃي رهيون هيون؛ کير هو، جو ڏسي نٿي سگهيو ته آهي فقط بادشاهه، راڻي ۽ شهزادا هئا، جن جا قرض ڪنهن ٻئي ادا ڪيا، ۽ آنهن جا درباري هئا، جن تي هر قسم جي پنشنن ۽ بخشش جا مينهن پئي وسيا!

پادري لوڪ بهرحال، اهڙا بيعقل ڪونه هئا؛ هنن ڏسڻ شروع ڪري ڏنو هو ته ڪنهن کڻڙيون حرڪتون ڪري رهيو هو ۽ آنهن جو نتيجو ڪيترو آگرو نڪرڻ وارو هو. هر پيري، جڏهن شاويل پنهنجي سفر تان موٽندو هو، ته هن جو سُنهن ڪجهه وڌيڪ سرهو ڏسبو هو، ۽ اڪثر، جيئن سگڙيءَ جي پٽيان مارگريٽ سان گڏ ويهندو هو، ته چوندو هو:

"استاد جمن، گالهيون جمڻ پوءِ تيئن بهتر ٿيندڙ پيون وڃن! اسان جي ڪاوسا جا غريب پادري سواءِ روسو جي ڪتاب Le Vicaire Sayoyard ("سوئو نحلي جو پادري") کان ٻيو ڪجهه پڙهن ئي نٿا، ۽ وڏا پادري ۽ هر قسم جا شهري ماڪيتدار وري والٽيئر کي ٻيا پڙهن، ۽ پاڙيسريءَ جي پيار جا ٻيا تلقينون ڪن، ماٺهن جي تڪليفن جون ٻيا گالهيون ڪن ۽ غريبن لاءِ ٻيا چندا گڏ ڪن، ۽ اِئين خلق مرسخرو بنجڻ جا ٽڪڙا ٽڪڙا جتن ٻيا ڪن! آسڪ ۽ لورين جي علائقن مر، جتي ڪٽي اِنهن ماٺهن مر، سواءِ نيڪ ڪمن جي ٻي ڪا گالهه ئي ڪانه ٿي ٻڌجي. هِن ۽ هُن خانقاهه مر، وڏو سهنج پنهنجن تالابن مان پاڻي پيو سڪارائي تہ جيئن هارين کي گذران طور ڪو ڪم ملي؛ هِن هُن ٻئي خانقاهه طرفان ڏهن پتيءَ جي ڪاوسائيءَ آگاڙيءَ مر چوت جو ٻيو اعلان ٿئي؛ ٽئين خانقاهه مر وري خيراتي رب جون ڏيگيون ٻيون ورهائجن. ڇٻو تہ دير ڪئي اڻن پر سڏائينءَ لاءِ نہ، ڪانه ڪئي اڻن! ۽ اِهي نيڪ خيال هِنن ماٺهن کي هڪدم دل مر آيري آيا آهن! هيءَ صورتحال، آهي بلڪل خاصي. اِهي ماٺهو هاڻي ڏسن ٿا تہ عام جو جهاز صحيح سلامت هاڪاريندو اڇي ٽوءِ ۽ اِنهيءَ ڪري هو توڙي ئي پنهنجا دوست ڪوڙ گهرن ٿا تہ جيئن کو هجي، جو ڏانهن، وقت پٽي، و نجهتہ ڏ گهري، جنهن کي جهلي، هو ہ آن

ڪي اڇي سوار ٿين!"

پوءِ هو اسان سان ڪنهن ڏاڍهن نهاري، اسان ڪي اڪ هٿندو.

اسان هُن جي اڻهن ڳالهين تي گهڻو اعتبار ڪونه ٿي ڪيو، ڇو ته اُهي ايتريون سُڻيون هيون، جو اُنهن جي سچي هئڻ ۾ شڪ پئي آڻيا؛ پر مون شاويل کي ۱۷۸۴ع، ۱۷۸۵ع ۽ ۱۷۸۶ع جا سڄا سال، جيڏن پوءِ تيئن وڌيڪ سَرڪندو ۽ خوش ٿيندي پئي ڏٺو. هو مون کي اُنهن پڪين وانگر نظر آيو ٿي جيڪي گهڻو مٽي اڏامي ويندا آهن، ۽، هيٺ، ڪرن جي ڇانءَ هجڻ هوندي به، هو پنهنجي تمز نظرن سبب اُتي سڀڪجهه صاف ڏسي پيا سگهندا آهن!

نيڍڙي مارگريٽ پڻ گهڻي چمڪدار پئي لڳي؛ اڪثر جيڏن هوءَ پنهنجي ڪتابن جي ٽيلهي سان اسان جي ڏکن وٽان لنگهندي هئي تہ سُرڪندي ويندي هئي، ۽ ويندي، ويندي، در مان مُنهن وجهي، اسان ڏانهن ڏسندي هئي، ۽ ڏاڍيان پنهنجي سنهي، صاف ۽ خوشيءَ ڀريل آواز ۾ چوندي هئي:

"ڏينهُن مبارڪ هجي، استاد جين! ڏينهُن مبارڪ هجي، موسمور وئلنٽائين! ڏينهُن مبارڪ هجي، مچيل!"

۽ هر ڀيري آءٌ نڪري باهر ويندو هوس تہ موٽ ۾ آءٌ به هُن سان ڪيلي ڳالهايان. هن جي چهري جو رنگ ناسي هو ۽ آس ۾ رسيل ۽ دلڪش پيو لڳندو هو. هن جي نيري، سوٽي گهاگهري جون ڪناريون ۽ هن جي پيرن ۾ پاتل ڳرن پٽن وارا نيڍڙا بوٽ گپ جي تهه ۾ لتل پيا ڏسبا هئا. ۽ پوءِ به هن جون اڪيون ايتريون تہ روشن ۽ جاندار هيون، ۽ هن جا ڏند ايترا تہ صاف، هڪ سَرا ۽ وٽندڙ ۽ هن جا ڪاڙا زلف ايترا تہ سهڻا هئا، ۽ هن جو مهانڊو ايترو تہ تازو ۽ همٽ پريو لڳو ٿي، جو، خبر نہ آهي تہ ڇو، مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي، جو هن کي مون ڏٺو هو، ۽ هن کي ويندي ڏسندو ئي رهندو هوس، تان جو هوءَ گهٽي اُڪري، پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن لڙي ويندي هئي ۽ آءٌ اِئين سوچيندو رهجي ويندو هوس:

"جيڪر هُن جو ٽيلهو ڪٽي، هُن سان گڏ هلان ها، ۽ هن جي پيءُ سان ۽ ساڻس گڏ جي ڪتاب وڪڻندو وتان ها، تہ ڪيڏو نہ پاڻ کي نصيبن وارو سمجهان ها!"

اُن کان اڳتي آءٌ ڪڏهن ڪونہ وڏيس، جو تہ جيئن ئي استاد جين سڏ ڪري مون کي چوندو هو، "او ڇوڪرا! اڄي ڇا ٿو ٻيٺو ڪرين؟ اڇ، ڪم سان ليڪ!" تہ آءٌ ڊوڙي واپس ويندو هوس، ۽ هن کي جواب ڏيندو هوس: "استاد جين، مان هيتي آهيان. ڪم ٻهو ڪريان!"

اُن وقت تائين آءٌ وڏي، نعل بند جو ساڻي ٿي چڪو هوس، ۽ ڏهہ "ليرا" ماهوار ڪمائيندو هوس. منهنجي ماءُ لاءِ هيءَ وڏي مدد هئي، جو تہ واسلون مان ليزبيٿ، پنهنجي وقتي سلام دعا کان سواءِ، ڪڏهن بہ کا پائي ڪانہ ٿي موڪلي. چانهہ خاني ۾ نوڪرن کي صاف سٿرا ڪپڙا پائڻا پوندا هئا ــــ ۽ تنهن کان سواءِ، هوءَ ڪجهہ وڌائي ۽ ڪ بہ اڇي ويل هئي. انهيءَ ڪري هن اسان ڏانهن پئسا موڪلڻ بنهہ بند ڪري ڇڏيا هئا. منهنجي ماءُ ڪلاڊ کي، جيڪو ٽرسيلائين جي خانقاهہ جو مال" چاريندو هو، چار "ليرا" ماهوار ملندا هئا؛ ۽ هو آنهن مان ئي ليرا باقاعدي پنهنجي مائٽن ڏي موڪلينڊو هو؛ ۽ اِلمانيي ۽ ميٽورين ٽُبٽيون ۽ ننڍيون ٽوڪريون ٺاهيندا هئا، جيڪي هو شهر ۾ لهي وڪٽي ايندا هئا. منهنجي دل ۾ آنهن سِٽي لاءِ ڏاڍو پيار هوندو هو، ۽ هو بہ مون کي اُن جي ڀرپور موت ڏيندا هئا ــــ خاص طرح اِلماني، جيڪو روز شام جو، اڃان ڀري ئي هوندو هوس، تہ ڊوڙي اچي مون کي ملندو هو ۽ ملي، ٻهو ڪلندو ۽ خوش ٿيندو هو، ۽ چوندو هو:

"اڇ ادا، ڏس تہ اڄ مون ڇا ٺاهيو آهي!"

ڪڏهن ڪڏهن، هن جون ٽوڪريون ۽ ٻيون شيون ڏاڍيون سڻيون ٿيل هونديون هيون. ۽ منهنجو ٻيءُ همیشه هن جي همت وڌائڻ لاءِ هن کي چوندو هو:

"آءٌ ائين اصل ٺاهي نہ سگهان ها. مون ڪڏهن بہ کا ٽوڪري ايتري ٻيچائي ڪاڻ جوڙي آهي."

ڪيئي پيرا انڊيانيءَ ڪي موسيو رڪرسٽافر ڏانهن موڪلڻ جو منهنجي دل ۾ خيال آيو، پر افسوس، جو هن منهنجي ٻاڏ ڪان صبح ۽ شام ايترو پنڌ پڄي نڪي سگهيو ــــ مفاصلو ڪجهه گهڻو هو. پوءِ به، چاڪاڻ ته پڙهڻ سکڻ جو هن کي شوق هو، آءٌ ٻاڻ، جڏهن ڏکڻ تان موٽندو هوس، ته هن کي سبق ڏيندو هوس؛ ۽ انهيءَ طرح هو پڙهڻ ۾ لکڻ، ٻئي هنر، سکي ويو.

مطلب ته هاڻي اسان ماڻڪو به پنڻ ڪونه ويندو هو. اسين پوريءَ طرح پنهنجي پورهئي تي گذران ڪرڻ لڳا هئاسون، ۽ اسان جا مائٽ ڪجهه سک جو ساهه کڻڻ لڳا هئا.

هر آچر تي، شام ڏاري، آءٌ پنهنجي ٻيڙيءَ کي زور ڪري، "ٿم-ڪبوترائين" ڪلال خاني ڏانهن موڪلندو هوس ته سفيد شراب جو هڪ پيالو پي اچي، چاڪاڻ جو اُن سان هن جي طبيعت ڏاڍي خوش رهندي هئي. اِن وچ ۾ منهنجي ماءُ جنهن جيي پنهنجي ڀڪريءَ سان ڏاڍي دل هئي، تنهن کي آڻا ڪاهي رستي جي وٽ سان ٻُهاري چارڻ لاءِ وقت به ملي ويندو هو. مون ٻاڻ هن کي آڻا پوڙهي يهودي شيموئيل ڪان وڻي ڏني هئي. واقعي ڏاڍي ڀلي ڀڪري هئي ــــ اُن جو اوهم اصل زمين سان ٻيو لڳندو هو. منهنجي ماءُ جي وڏي خوشي اُن جي چارڻ ٻارڻ ۽ ڏُهڻ ۾ ۽ اُن جي ڪير مان پنهنجي ڏاهڻ ۾ هوندي هئي. ڀڪريءَ کي هوءَ اصل پنهنجي اک جي تاري وانگر پائيندي هئي. اسان جا مسڪين پوڙها ٻيءُ ماءُ زندگيءَ ۾ ٻيو گهرن به ڇا ٿا ڪ؟ ۽ انهيءَ ڪري آءٌ ٻاڻ به ڏاڍو خوش هوس، جو آڻا ڀڪري پنهنجي ماءُ جي فرمائش تي ڪيس وڻي ڏني هيم.

آچر جي ڏينهن ۽ ٻين موڪل جي ڏينهن تي، ڪم ڪان پوءِ، مون کي پڙهڻ جو وقت ملي ويندو هو. استاد جمن" مون کي سڀا ڪتاب آڏارا ڏيندو هو، ۽ آءٌ پنهنجن دوستن سان وڃي "ڪائين جي نو ٽئ راند" کيڏڻ بدران، ڏينهن جو ٻويون پهر ڪتابن جي پڙهڻ ۾ گذاريندو هوس.

تڏهن اسين ۱۷۸۵ع جي سال کي اڇي پهتا هئاسين ، جيڪو فرانس ۾ هڪ وڏيءَ خوشيءَ جو سال" هو — آهو سال" جڏهن موسيو ڪرسٽافر جي ايڈي ڏڪائل، بدبخت ڪاردينل ڊي-روهان، موتين جي هڪ هار جي بدلي ۾ راڻيءَ مري آنٽوئينٽ کي هرڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اِئين صاف ظاهر ٿي ويو هو ته هيءُ شخص پنهنجو هوش وڃائي ويٺو هو، چاڪاڻ. ته اُن کان ٻوءِ هو پاڻ هڪ ائڪٽريس جي چڪمن ۾ قاسي پيو هو، جيڪا سندس آهو هار تڪائي پڇي ويئي هئي، پر پوءِ جهلجي پيئي ۽ شاهي جلاد هن جي ڪلهي تي شاهي داغ هٽي، ڏاسڻ ٻڌائي ڇڏيو هو. خود ڪاردينل" ۽ اِئين داغجي وڃي ها، پر رڳو اِن ڪري بچي ويو، جو هو هڪ شهزادو هو. آخر ۾، هن کي اجازت ملي ته هو اسٽراس برگ واري پنهنجي محل ۾ رٽائر ڪري وڃي ويهي!

جيئن اِهي گذري ويل گالهيون منهنجي ذهن ۾ اڃ ٽيون، سون کي استاد جين جي گالهه ۽ ياد پوي ٿي ته هُن سون کي چيو هو ته فادر بينيڊڪٽ يا ڪو ٻيو ڪيپوچن جيڪڏهن سندس (استاد جين جي) زال کي اِئين هرڪائي ها ته هو پڪ ئي پڪ مطرقي سان اُن جو ستو ڪاڍي ۽ آڌ ڪري ڇڏي ها. اِئين ته، آڳ پاڻ ۽ اُئون ٿي ڪريان ها! اسان جو بادشاهه، بهرحال گهرج ڪان گهٽو نرمدل هو — جيتوڻيڪ هن جي راڻيءَ لاءِ اِها شرم جي گالهه ٿي هئي، جو هڪڙو ڪاردينل" رڳو ڪوس هرڪائڻ جي اِئين ست ۽ ڪري سگهيو هو. سچي ملڪ ۾ ان گالهه جو ڪوبه متل هو، چاڪاڻ ته نوابن، شهزادن ۽ بشاپن لاءِ عزت ماڻهن جي دلين ۾ ان تمزيءَ سان گهٽجي ويئي ۽ سندن من ۾ هُئن لاءِ ڏکار جاءِ وٺندي ٿي ويئي. ۽ پڻ "ڪوٽ" واري گالهه ماڻهن کي جيئن پوءِ تيئن گهٽي هُرڻ لڳي هئي. آها ته نه موسيو ڊي ڪئلون جي ڪوڙن سان، ۽ نه شاهي محل جي خوارين سان گهٽجي ٿي سگهي— قرض ته اِن طرح لهي نٿي سگهيا!

هيءُ حال ۱۷۸۶ع جي آخر تائين قائم رهيو. نئين سال جي شروع ۾ شاوپل ۽ سندس ڏيءُ گهر موٽي آيا — سڄا برف سان ڍڪيل

هئا. هو لورين جي علائقي کان ٽيو پئي آيا، ۽ گالهين کندي کندي، بڌايائون ته هُنن بڌو هو ته بادشاهه ملڪ جي مُکڙ ماڻهن کي ورسائيلز ۾ سڏائي رهيو هو، ته جيئن کُلون جي حساب جي چڪاس ڪئي وڃي، ۽ قرض جي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويڃي.

استاد جين" ان گالهه بڌڻ سان خوشيءَ ۾ ٻرجي ويو، ۽ رڙ ڪري چيائين:

"ته پوءِ اسين ٻچي ويا سين! اسان جي نيڪدل بادشاهه پنهنجي ماڻهن تي کهل ڪئي آهي ـــ هو چاهي ٿو ته ٽڪسون سينيءَ لاءِ هڪجيتريون ڪيون وڃن!"

بهرحال، شاپيل" جنهن پنهنجي کلهن تان اڃان لڪڙائين ٽوڪري ڪتابن جي بار جي ڪانءِ لاٿي هئي، استاد جين جي هيءَ گالهه ٻڌي، ڪاوڙ ۾ آودو ٿي ويو، ۽ نيٺ ٻاڻ" جهلي، چوڻ لڳو:

"جيڪڏهن اسان جو نيڪدل بادشاهه مُکڙ ماڻهن کي سڏائي ٿو، ته آهو فقط انهيءَ ڪري، جو وڏيڪ مُدت اِئين ڪرڻ کان سواءِ هو رهي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته قرض هاڻي وڏي وڃي سورهن سؤ ٽيهن ميلين (هڪ سؤ ٽيهه ڪروڙن) تائين پهتو آهي. تون ايترو سادو ڪيئن ٿو ٿين، جو اِئين ٿو وسهين ته شاهي گهرائي جا شهزادا، ۽ امرا، مئجسٽريٽن ۽ پادرين جا مُکڙ ماڻهو پنهنجن ڪيسن مان آهو ادا ڪندا؟ نه! هو ڪوشش ڪندا ته آهو سڄو بار" اڪلائي اسان جي ڪنڌين تي وڇهن. ۽ هوءَ نيڪ صورت راڻي، ۽ هو ناهوڪو ڪائونٽ ڊي ـ آرٽائس، اهڙي ۽ اهڙي وڏي شانَ واري زندگي گذارڻ کان پوءِ، جا توکان ڇپجي ناهي، ۽ ماڻهن تي هر طرح ظلم ۽ ڏاڍ" روا رکڻ کان پوءِ، ۽ هر قسم جي خرابيءَ ۽ حماقت ڪرڻ کان پوءِ ـــ انهن ماڻهن ۾ آها همت ڪٿان آئي، جو پنهنجن عملن جي ذميداري قبول ڪن؟ پر لازمي طور انهن کي مُکڙ ماڻهو سڏڻا پون ٿا ته آهي اڇي ڪاغذ صحيح ڪن ۽ بچاءَ جا بيان ٿاهين ۽ قلمبند ڪن! اسين، بهرحال ـــ اسين غريب ماڻهو، جيڪي هميشه ڏيندا رهون ٿا، ۽ کو فائدو ڪونه ٿا وٺون ـــ اسين کونه سڏ باسون، اسان سان ڀلاح

مشورو ڪرڻو ڪونهي. سڄي ساري ڳالهه هُنن جي، سڄي ساري راند هُنن جي، ۽ آها جيڪا به آهي، بي ايماني آهي، ڪميٽ آهي ۽ وڌيڪ ڪجهه نه آهي."

شاويل، ڳالهه ڪندي ڪندي، تبي باهه ٿي ويو. پهريون پيرو هو، جو هن کي مون ايترو ڪاوڙيل ڏٺو هو. هڪڙو هٿ مٿي ڪنيل هوس، ۽ پنهنجين سنهيُن ڪمزور چنگهين تي هو ڏکي رهيو هو، ۽ مارگريٽ، آلن ڪڙن ۾ ۽ برف جي ٽمندڙ پاڻيءَ ۾ پسيل پنهنجن ڳلن سان چُهٽيل ڪارن وارن سان، هوءَ جيئن پوءِ تيئن هُن جي وڌيڪ ويجهي ٿيندي ويئي — چڙ تہ هُن جي نندڙي هڏائين جسم کي هُن سهارو ڏيڻ چاهيو ٿي. استاد جين جواب ڏيڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر آپريل جوش ۾، ويٺلن مان کوهن کي ڀٽڻ لاءِ تيار نه هو. امڙ ڪٽرين، ڪاوڙ ڪندي، پنهنجي آڇ تان فوراً آڇي، ۽ ڏاڍيءَ تيزيءَ سان چوڻ لڳي تہ اسان جو نيڪدل بادشاهه جوڪجهه ممڪن هو سو ڪري رهيو هو، ۽ سندس ڪلال خاني ۾ ڪا به بي ادبي راڄيءَ جي ۾ ڏيڪارڻي نه هئي، ۽ هوءَ، امڙ ڪٽرين، ان لاءِ هرگز هرگز اجازت نه ڏيندي. وٺلنٽائين ڀڻ چيو:

"تون صحيح آهين، وڏي امڙ! ڏرتيءَ تي خدا جي ڏٺيل عيوضين جو احترام لازمي هو. تو جيڪي چيو سو ٺيڪ چيو — تون صحيح آهين، ۽ هزار بار صحيح آهين!"

ائين چئي، وڌيڪ پنهنجي خوشي ڏيکارڻ لاءِ هُن پنهنجون ٻئي ٻانهون ڏانهس ڏگهيريون. شاويل ۽ مارگريٽ هڪدم اسان وٽان روانا ٿي ويا، ۽ وڌيڪ اسان وٽ اچڻ بند ڪري ڇڏيائون. جڏهن به هو اسان جي دکڻ کان لنگهندا هئا، تہ پنهنجو مُنهن ورائي ٻئي پاسي ڪري ڇڏيندا هئا، جنهن تي اسان کي ڏاڍو ارمان ٿيندو هو. هڪ ڀيري استاد جين وٺلنٽائين کي چيو:

"هاڻي ڏٺئي نه! توکي ڪنهن چيو هو تہ منهنجي ڳالهين ۾ ٽنگ اڙاءِ؟ اهو سڀ تنهنجي ڪري آهي، جو منهنجو بهترين دوست منهنجي مُنهن ڏسڻ لاءِ تيار نه آهي — اهڙو منهنجو دوست جنهن جي

آءٌ عزت ڪريان ٿو، ۽ جنهن جي ذهڙيءَ ۾ تنهنجي سچي پُٽ ڪان وڌيڪ عقل آهي. سچو معاملو گهڙيءَ ۾ ٽيڪ ٿي وڃي ها — آءٌ هن کي صحيح تسليم ڪري، ڳالهه کي پاڻيهي ڏاهي ڇڏيان ها."

"۽ آءٌ ايان به سمجهان ٿو تہ هو غلط هو،" وٽلنٽائين ورندي ڏني. "مُکَ ماڻهو ماڻهن جي چگهائي ئي گهرن ٿا."

استاد جين" سچو ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ اکيون ڦيرڙائي هن کي ڏٺائين:

'بي سمجهه! جيڪڏهن تون چگو ماڻهو نہ هجين ها، تہ گهٽو وقت اڳي توکي چراگاهه ڏانهن پهرائي ڇڏيان ها.'

اهو سڀ هُن پنهنجي مُنهن ڇيو، ڇو تہ وٽلنٽائين بي عزتي سهي نہ سگهندو هو — نہ، خود استاد جين جي هٿان به نہ. ڪيڏو به هو بيعقل هو، پر شيخي به گهٽي رکندو هو، ۽ سون کي پڪ آهي تہ پنهنجي اوزارن جي پٽي ڪٽي، آنهيءَ سهل ڪري هليو وڃي ها. اِئين هڪڙي دوست وڃائڻ بدران اسين به وڃائي ويهون ها، ۽ انهيءَ ڪري اسان کي سوچ سان هلڻو ٿي پيو.

شاويل جي نہ ملڻ ڪري اسان جو ارمان ۽ ڪاوڙ روز بروز وڌندي ٿي ويئي. کي ڏينهن اها صورت اِئين هلندي رهي، تان جو هڪ ڏينهن صبح جو گهوڙائي ۽ سندس ڏيءَ کي دڪڻ وٺان ويندي ڏسي، استاد جين ڪان رهيو نہ ٿيو، ۽ ڊوڙ پائي دروازي ڪان ڪري، ڏاڍي جذبي سان رڙ ڪيائين:

"شاويل! شاويل! تون موٽ سان ڪاوڙجي پيو آهين، پر آءٌ تو سان ڪاوڙيل ناهيان."

پوءِ هنن هٿ هٿ سان ملايو، ۽ اِئين ٿي ڏٺو تہ آتي ٿي هو پاڪر پائيندا. بهرحال، ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ، شاويل ۽ ڏيئس، آلسڪ ڪان پنهنجي هڪ سفر تان موٽندي، اسان وٽ آيا، ۽ اچي سگڙيءَ تي پنهنجي اصلوڪين جڳهن تي ويٺا. ۽ پوءِ ڪڏهن به هنن جي نہ اُٺ جو وري سوال ڪو نہ آئيو.

هي ۽ آهو وقت هو جڏهن سڪ ساڻهو ورسائيلز ۾ وڃي گڏ ٿيا هئا، ۽ جڏهن اسان وٽ سيني ايئين سمجهڻ شروع ڪري ڏنو هو ته شاويل صحيح هو، جڏهن هن چيو ٿي ته ماڻهن لاءِ آهي ڪجهه به نه ڪندا. ۽ سچ پچ به ته، خود ڪئلون جي تقرير تي بحث ۾ پوندي، جنهن ۾ هن چيو هو ته "اسين رواجي طريقن سان قرض لاهي نه سگهنداسين، ۽ آن لاءِ اسان کي سڌريون (جاگيرون) ۽ وڏيون زمينداريون ختم ڪرڻون پونديون، صوبن ۾ اسمبليون قائم ڪرڻيون پونديون ته جمئن هر ماڻهوءَ تي هن جي وسعت آهر ٽئڪس وجهي سگهجي، ۽ سيني درجن جي ماڻهن کان، سواءِ کنهن فرق يا پاسخاطريءَ جي، واجبي آ گهاڙي ڪئي وڃي" — سچي فرانس جا آهي سڪ ماڻهو، وڏيڪ ڪجهه به ڪرڻ کان انڪار ڪندي، آئي ڪڙا ٿيا، ۽ پنهنجو اجتماع برخاست ڪري روانا ٿي ويا.

اهو پڌي، شاويل، پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ مُنهن وجهي، مُرڪي ڏنو.

"آه! ڪهڙا نه هيي حرامي ٻار آهن!" استاد جين، پنهنجا هٿ ملينديءَ سچي پنهنجي ڪاوڙ ڪائيندي، چيو.

"پيو تنهنجو ڇا خيال هو؟" شاويل پڇيو. "اهي رڳو ٻاڻ لاءِ آهن ۽ فقط ۽ فقط پنهنجا دوست آهن، ۽ هرگز ايڏا سخت دل نٿا ٿي سگهن، جو پنهنجن ڪنهن تي ٻار" پڇن يا هيءَ کنهن تڪليف ۾ پاڻ کي وجهن. جيڪڏهن هو رڳو ٻين کي تي، يعني پاڻ سيني تي، کنهن پرٽهي سڙهڻ لاءِ گڏ ٿين ها، تہ آهو معاملو ونن ايڏي بحث ۾ به کونہ پوي ها ۽ ڪڏهوکو آن تي هائو ڪري، بلڪ ڪيئي پيرا ۽ وڏيءَ خوشيءَ سان هر هر هائو ڪري، هاما وجن ها. پر آءٌ چاڻان ٿو، پنهنجيءَ زمين تي، يعني پنهنجي پاڻ تي، ٽئڪس وجهڻ هنن لاءِ ڏکي گاله آهي — هو وڏا عزت دار ماڻهو آهن ۽ پنهنجي غيرت پاڻ چاڻن ٿا، ۽ هنن کي پنهنجا خرچ بچائي هلڻو پوي ٿو."

جنهن گاله تي شاويل کي سڀ کان وڌ ڪل آئي ٿي، سو آهو نسخو يا مضمون هو جيڪو، آن کان اڳ، اهڙين اسمبلين جي

هر ڪارگذاريءَ جي رپورٽ تي، مٿان ئي مٿان، لکيل هوندو هو:
"بادشاهم سلامت جي خطاب ڪان پوءِ، اسان جو سائين وڏو، مٿربردار عاليجاهم، تخت ڏانهن وڌيو، ۽ گهٽي ادب سان ئي ڪرنشون ڪيائين — پهرين پنهنجيءَ جاءِ تان اٿندي، ٻي جڏهن هن ٻه چار قدم اڳتي ڪنيا، ۽ ٽين جڏهن هن خود تخت جي پهرئين ڏاڪي تي پير رکيو، پوءِ هن گوڏا کوڙيا، ۽ بادشاهم سلامت ڪان فرمان" مبارڪ وٺڻ جو شرف حاصل ڪيائين — شال حضور اقدس جي صحت سلامت هجي، ۽ عمر دراز رهي!"

وڏي ۽ وڏي ۽ شاندار گالهم اها ٿي آهي،" شاويل گالهائڻ جاري رکندي، چيو، "اڳي تخت جي آڏو گوڏن کوڙڻ ۽ فرمان مبارڪ وٺڻ ڪان شرفجڻ جي گالهم هئي! ۽ هاڻي فرمان وٺڻ ڪان انڪاري ٿيي، آئي وڃڻ جي گالهم ٿي هئي! ۽ اڄڪلهه هاڻي، اسين پاڻ، ۽ اسان جي دنيا بچي ويئي!"

پر هن پيري، آخر ڪار، هڪڙي فرمان هيٺ، بادشاهم پنهنجي وزير، ڪنلون، کي دسمس ڪري ڇڏيو. ۽ آن جي جاءِ تي سانسينمور ڊي- برائين، ٽولوز جي آرڪ- بشاپ، کي نامزد ڪيو. پر آن وچ ۾ ڪنهن نامعلوم سبب ڪان ورسائيلز ۾ گڏ ٿيل مڪ ماڻهو، برخاست ٿيڻ ڪان اڳ، "اصلاح جي اصول" جو هڪ ٺهراءُ پاس ڪري اڇيا هئا. ۽ هوڏانهن "پئرس پارليامينٽ" جي ممبرن، جن جو شاهي دربار جي فضول خرچين ۾ ڪوحصو ڪونه هو، ۽ آنهن مان گهڻا مئجسٽريٽ هئا ۽ يا آنهن مان گهڻا اڪثر سنجيده طبع ماڻهو هئا، جي پنهنجي جدن اندر، ڪفايت شعاريءَ سان رهندا هئا، تن فوراً اهو سڀ ڏٺو ۽ سمجهيائون تم هو پين جي زيادتين ۽ حماقتن جي سزائن جا نشان بڻجي رهيا هئا؛ ان ڪري آنهن زمينن تي ٽئڪس وجهڻ جي خلاف زوردار ڇو ٻول آڻاريو، ان دليل جي بنياد تي تم ان قسم جي ٽئڪس وجهڻ لاءِ "اسٽيٽس جنرل" جو گڏ ٿيڻ ضروري هو. ان جو مطلب هو تم، ان ڪان اڳ، جو جاڻايل خاص مقصد لاءِ ماڻهو پنسا ڪيي ڏين، سڀئي ماڻهو، ڪمي ڪاسبي، هاري، شهري ملڪيتدار (بورجوا) يا امير

لوڪ سڀ ڪڏ جي آن لاءِ ووٽ ڪن.ٿا ان طرح سڄو ملڪ ٻڏل خون پڏرو ٿي پيو، جنهن سان راڻي صاحبہ ٿا ڪاربينل دي-روهان واريءَ خواريءَ کان وڌيڪ هڪ تمام وڏي ٻي خواري آڻي ٻڌائي ٿا سڄي ملڪ ۾ طوفان جيان پکڙجي ويئي — ٿا آها هيءَ هئي تہ، جيئن پئرس پارلامينٽ پنهنجي اعلان ۾ چيو هو، **شروع کان وڌي، ماڻهن ٻي ٽئڪسون آن جي (يعني پارليامينٽ جي) مرضيءَ کان سواءِ وڌهيون ٻڌي ويون آهن-** جيڪا سڌي سنئين هڪ ڪُڙ هئي، لئيرپ هئي ٿا لغو رپائي هئي.

بس، انقلاب اڇهو اِئين شروع ٿيو.

اِن مان اِهو ظاهر هو تہ، گذريل صدين کان وڌي، امير لوڪ ٿا پادري لوڪ قوم سان سڄي جي سڄي، ٿا هر طرح جي، ٺڳي ڪري رهيا هئا — ملڪ جي هِنن سڪ جڻن اڻن چيو هو ٿا اِئين چيو ٿي. قوم جا آهي ٺڳ اسان جي ئي پٺسن ٽي پلجي رهيا هئا؛ هُنن پنهنجين عياشين خاطر اسان کي وڌي ۾ وڌي ڏک جي اوڙاهہ ۾ آڇلائي ڇڏيو هو. هُنن جي شرافت ٿا اميرپڻو، هُنن جي مسيحيت ٿا تقدس رکوبي معنيٰ لفظ هئا؛ هنن جا اسان کان وڌيڪ کي بہ درجا ڪونہ هئا، ٿا نہ ئي هنن وٽ اسان کان ڪو هڪ بہ بهتر همت يا نيڪدليءَ جو شعلو هو؛ ٿا هنن جاڻي ٻجهي اسان ۾ آهي خيال پيدا ڪيا هئا جيڪي پڏري پٽ، سنئينءَ سڌيءَ ٿا صاف انساني سمجهہ جي آبتڙ هئا، اِنهيءَ لاءِ تہ هو آسانيءَ سان ٿا سواءِ ڪنهن رڪاوٽ جي اسان جون ڪلون لاهيندا رهن.

اِن طرح، اوهين، شاويل جي خوشيءَ جو ڪاٽو ڪري سگهو تہ ڪري سگهو ٿا، جڏهن پئرس جي پارليامينٽ جو اِهو اعلان شايع ٿيو، ٿا سڄي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃ جي چمڪاٽ جيئن پکڙجي ويو!

"هاڻي هر شيءِ بدلبي،" هُن واڪو ڪيو. "وڏيون ڳالهيون ٿيڻ واريون آهن. ماڻهن جي ڏک جو خاتمو ويجهو آهي، ٿا انصاف

جلد ٿي پنهنجي جاءِ تي براجمان ٿيندو."

(۸)

پئرس جي پارليامينٽ جو اعلان سيني علائقن ۾ واڌوڙي وانگر پکڙجي ويو. ميمبر ۾ پارليامينٽ جي چوڪن تي، اسٽيٽس جنرل (قانون سار ادارن، وڏي قومي اسيمبليءَ) جي گالهه ڪا سواءِ ان جي گالهه ٻڌڻ ۾ ئي ڪا نه ٿي آئي. ڪي پنج ڇهه هاري رستي ويندي ڪونه ڏسبا هئا، جيڪي رڪي رڪي، پيون زماني جون گالهيون ڇڏي، منجهائن هڪ نه پيو، اوچتو ئي دانهن ڪري نه چوي:

"اها اسٽيٽس جنرل، اهو وڏو قانون ساز ادارو، وڏي اها قومي اسيمبلي! ڪڏهن ٿي اها اسان وٽ اچي؟"

پيو هرڪو آنهن مان پيو شهر جي روڪن ۽ رڪاوٽن، محصولن ۽ هن يا ويهن پتين بابت ۽ امير لوڪن، پادري لوڪن ۽ ٻڌڊ اسٽيٽ (عام رعيت) بابت پنهنجو پنهنجو رايو، ڏيندو هو؛ جنهن ڪان پوءِ هو گالهين ۾ انڪي پوندا هئا، ۽ ائين ٽولا ٽولا، گالهين ٻولهين ڪندي، پهريون ڪلاڪ خاتو جيڪو منهنجن ۾ ايندو هون، آن ۾ گهڙي ويندا ۽ آتي ويهي گالهين ڪي جاري رکندا ۽ نيرڙ جي ڪوشش ڪندا. زالون به انهن گالهين ٻولهين ۾، پاڻ ۾ توڙي مردن سان، وڇڙي ويهڻ ڪان سواءِ رهي نه سگهنديون هيون. اڳتي جهان، رڳو بيعقلن وانگر، ائين پٺسا ڏيندي رهڻ ۽ ڪڏاڻهن ٿي آهي ويا آن جي ڪنهن جاڻ رکڻ جي اونبان، جيئن بدران، ماڻهن هاڻي حساب ڪتاب جي تفصيلن جي جاڻ جي، ۽ پنهنجي ٽڪسن لاءِ پاڻ ووٽ ڪرڻ جي تانگهه رکي ٿي ۽ ڪوشش ڪئي ٿي. موچاري سمجهه، آخرڪار، اسان ۾ اچڻ لڳي هئي.

بد قسمتيءَ سان، آهو خاص سال (۱۷۸۷)، سوڪهڙي جي ڪري، خاص طرح هڪ خراب سال هو. جون جي وچ ڪان وٺي

آگسٽ جي آخر تائين، منهن جو هڪڙو ڏڙو به نه وسيو هو، ۽ اهو ليڇو سامهون اچي ٻڌو هو ته ڪٽڪ جو مڪائي، ۽ ٻيو هر نموني جو اناج آن سال مارجي ويو هو، بلڪ ٽي ٽي نه سگهيو هو. سڪل گاهه جي ڳالهه هيءَ هئي، جو آن مان رڳو لوب جو خرچ به نٿي نڪري سگهيو. ڏڪار توڙي ٽي اڇي منهن ڪڍيو هو، چاڪاڻ ته خود پٽاڻن جي پوڪ مان ڪجهه پراپت ڪونه ٿي ٿيو. سچ پچ هڪ آفت هٿي جيڪا، اڪين اڳيان ايندي ڏسجي رهي هئي. آن کان پوءِ هڪدم وري ۱۷۸۸ جو سمارو آيو — جيڪو به پنهنجي عمر جي ماڻهن جي ياد ۾ ملڪ جو هڪ بدترين سيارو هو.

جلدئي هڪڙو افواهه آٽيو ۽ پکڙي عام ٿي ويو ته اسان جي ماڻهن کي بڪ وڳهي مارڻ لاءِ ڪن بدمعاشن فرانس ۾ موجود سمورو اناج خريد ڪري ورتو آهي، ۽ آن پنهنجي واپاري ڪاروبار کي هٽن "ڏڪار جو ٽيڪو" نالو ڏنو آهي. آنهن چورن دراصل چا ڪيو هو، جو جيئن ئي اسان وٽ فصل لٽا، تيئن آنهن سڄو اناج هٽ ڪري، انگلنڊ ڏانهن موڪلي ڇڏيو؛ آن کان پوءِ جڏهن فرانس ۾ اناج جي اٽاٽ منهن ڪڍيو تڏهن آهو آتان، ٽورو ٽورو ڪري، واپس گهرايائون ۽ پنهنجي مرضيءَ جي قيمت تي آن جو وڪروڪيائون. ان سلسلي ۾ شاويل، وري، اسان کي ٻڌايو ته رهزن جو اهڙو هڪڙو ستگهه اسان وٽ گهٽي وقت کان وجود ۾ هو، ۽ بادشاهه لوئي پندرهون پاڻ به آن جو ميمبر رهيو هو؛ پر اسان ان ڳالهه کي بلڪل آنهيءَ طرح مڃڻ کان حالي ته حذر ڪيو، جو ته آها ايڏي ته هڪ غليظ ڳالهه هئي، جو مڃڻ ۾ ئي نٿي آئي؛ پر اڳتي هلي، ۽ پوريءَ طرح پچا ڪندي، اسان کي آها خبر ملي ته آهسا بنهه بي بنياد به ڪانه هئي.

فرانس جي غريبن ڪڏهن به ايڏو شديد ڏک نه ڏٺو هو جيڏو ۸۹-۱۷۸۸ع جي سياري ۾ ڪين سهڻو پيو هو. نه، ماضيءَ جي مشهور سپ کان وڏيءَ "ناڪابنديءَ" واري سال ۾ به نه، ۽ نه آن کان پوءِ ۱۸۱۷ع ۾ جڏهن مهانگائي چوٽ تي پهتل هئي. جتي ڪٿي، انسپڪٽر

ديرن ۾ ويا ٿي ۽ مالڪن کي اڃا ڳاهي ۽ وائري ڏيڻ تي مجبور ٿي ڪيائون، جيڪو آتي جو آتي هنن ڪڍي شهر ڏانهن روانو ٿي ڪيو.

جيڪڏهن منهنجو نصيب سڻو نه هجي ها، جو هارنهن ڏينهن ماهوار ٿي ڪمايم، ۽ ڪلاڊ به جيڪڏهن ٽو رو ڪي گهٽو پنهنجن پوڙهن پيءُ ماءُ نه موڪليندو هجي ها جن پيا ۽ هار به سنڀالڻا ٿي پيا، تہ خدا ئي ٿو ڄاڻي تہ اسان جي ڪٽنب جو ڇا حال ٿئي ها. هزارين ماڻهو اسان وٽ بک وگهي مري ويا هئا. ان سان اوهين پئرس جي دک جو اندازو ڪري سگهو ٿا، جتي هر ڪاڏي جي شيءِ ٻاهران ٿي آئي. سچ پچ آهو شهر تہ سچو ختم ٿي وڃي ها. جيڪڏهن اُن طرح اناج، پاڇيون ۽ گوشت ملڪ جي ٻهراڙين مان ۽ ٻڻ ٻاهران ٻين ملڪن مان اُن جي مارڪيٽن ۾ نہ پهچندا رهن ها.

بهرحال، اُن سڄيءَ پيڙا ۾ به، ماڻهن اسٽيٽس-جنرل جي ڳالهہ ڪي نہ وساريو. بلڪ بدنصيبيءَ جي اُن حال ۾، ماڻهن جي ڪاوڙ ڪي ڀاڙ زياده تيز ٿيڻ ۽ وڌڻ جو موقعو ٿي مليو، ڇاڪاڻ تہ هنن پنهنجيءَ دل ۾ اهو ٺهي پڪي سمجهيو: "جيڪڏهن اوهين اسان جا پٺسا ائين فضول برباد نہ ڪيو ها تہ اسين هوند ايترا ابتر اڄ ڪونہ هجون ها. پر ياد رکجو، ياد رکجو: هيءَ حالت هميشہ ائين نہ رهندي. اسين ڊي-برائين جي به ايتري پرواهہ نٿا ڪيون جيتري ڪنلون جي ٿي ڪيسون. اهي **اوهان جا** وزير آهن، اهي **اوهان جي** پاسي آهن؛ پنهنجي لاءِ اسين آهي وزير چاهيون ٿا جيڪي اسان عام لوڪن لاءِ هجن — بلڪل ائين ئي جيئن ڪيڪر ۽ ترگٽ هئا.

اُن هولناڪ ڏڏ جي ڏينهن ۾ به، جڏهن شراب ۽ برانڊي به جمي ٿي پيا، هڪ گهڙيءَ لاءِ شاويل ۽ سندس ڏيءَ پنهنجا ڏيلها ڪاهن ۾ وڃي، ملڪ ۾ پنهنجو گشت بند ڪري، ڪٽي ويهي نہ رهيا. هنن پنهنجون جنگهون ريڊ جي پشمي چمڙي سان ويڙهي ٿي رکيون؛ ۽ اسين جڏهن ڪين لوهہ جي پٽن سان ويڙهيل چڙهون هٿن ۾ جهلي، ٻاهر برف ۽ اڇي پاري ۾، ويندي ڏسندا هئاسين، تہ اسين ڏکي

ويندا هئاسين. آنهن ڏينهن ۾ هو لا تعداد نندڙا ڪتاب وڪڻندا هئا جيڪي پئرس مان نڪرندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن دورن تان هو موٽندا هئا تہ اسان لاءِ به اهڙائي ڪتاب آڻيندا هئا، جيڪي اسين پوءِ گهاڙهن، تہ جو ستتل اگرن سان پريل سگهڙيءَ جي چوڌاري ٽي، گڏجي ويهي، پڙهندا هئاسين. مون آنهن مان ڪجهہ ڪتاب اڄ به پاڻ وٽ سنڀالي رکيا آهن، ۽ جيڪڏهن آهي آءٌ اوهان کي آڏارا ڏيئي سگهان، تہ انقلاب ڪان اڳ جي ماڻهن جو حوصلو ۽ ڏاهپ آنهن ۾ ڏسي، اوهان جو عقل چرخ ٽي ويندو. آنهن ڏينهن ۾ سچ پچ تہ ائين پئي ڏنو ويو، جڏهن هرڪنهن جون اکيون کليل ويون هيون. هائو، هرڪنهن جون، سواءِ امير لوڪن جون، ۽ فوج جي سپاهين جون، جيڪي امير لوڪن جا زر خريد ٻانها هئا. هر ماڻهو سچ پچ تہ ڦرجي ڦرجي، بيزار ٽي پيو هو. هڪ رات اسين "ڊايو ڊجينيز، استيٽس جنرل ۾" پڙهندا هئاسين؛ هيءَ رات "پئرس ۾ اسان جي ٻورجوا جون ڊانهون، شڪايتون، درخواستون ۽ ارادا،" يا "ٿئين قائون ساز اداري ('ٿرڊ استيٽ') جي مفادن تي ويچار جي ضرورت ــ علائقن جي عام ماڻهن ڏانهن، سندن ذيان لاءِ"، ۽ پيا اهڙا ڪتاب ــــ جن سيني اهو ٽي ثابت ڪيو تہ، شاهي دربار، وزيرن ۽ پادري لوڪن بابت، فرانس جي گهٽ ۾ گهٽ اڌ يا ٽن حصن ماڻهن ڊاهن ئي ٽي سوچيو، جيئن اسان پاڻ ٽي سوچيو.

آنهن ئي ڏينهن ۾، بهرحال، هڪ اهڙي گاڙهہ ٽي، جنهن مون کي ذاتي طور ڏاڍو ڏکويو ۽ ڏاڍو پريشان ڪيو، پر آن سان اهو به مون تي پڌرو ٿيو تہ ڪيترو نہ ساڳئي ڪتب جا ماڻهو هڪجهڙي ڪان مختلف طبعتن جا مالڪ ٿين ٿا.

ڊسمبر مهيني جي وچ ڌاري، جڏهن ڏاڍا سخت برف جا طوفان لڳندا هئا، وڏيءَ پوڙهيءَ مائيءَ هوڪارڊ، جيڪا ٿورن ڪجهہ پئسن تي، گهوٽن ۽ شهر جي وچ ۾ ماڻهن جا انڪيل ڪم ڪار ڪندي هئي، اسان ڪي اچي پڌايو تہ پوسٽ ماسٽر مارڪيٽ چونڪ تي هوڪا پئي ڏياريا تہ ڪيترائي ماڻهن جا خط آنهن ڪي پهچڻ ڪان رهجي ويا

هئا، جن ۾ لابراقس جي ڊؤ- بائئو- ڊري- شينز جي جين- پيئر بئسٽيان جي نالي هڪڙ خط آيل هو. آنهن ڏينهن ۾، جڏن اڄ آهي تڏ پوسٽ مئن، برانسٽين، خط ڪٽي، پري پري وڃي، گهر گهر ٿو ڏئي، تيئن ڪونه ٿيندو هو، پر آن جي بدران پوسٽ ماستر (جنهن جو نالو موسيور پارنيٽ هو) مارڪيٽ وارن ڏينهن تي، پنهنجي ٽيلهي ۾ خط وجهي، چونڪ تي ايندو هو، ۽ دڪان دڪان تي آيل ماڻهن کان پڇائون ڪندو هو:

"چا اوهين لئزل بترج کان آيا آهيو؟ يا هاتناسين کان، يا هاربرگ کان؟"

"هائو،" ڪنهن کان هئن کي اهو جواب ملندو هو.

"پوءِ هيءُ خط جين پيئر کي يا هين يا هئن ڪلاڊ کي ڏج! اهو مون وٽ پنجن ڇهن هفتن کان پيو آهي، پر ڪو آن پاسي جو ماڻهو ئي نه مليو اٿم، جو اوڏانهن موڪلي ڇڏيان. ان کي پنهنجي پتي تي هاڻي پهچڻ ڪپي!"

پوءِ خط کڄي، اوڏانهن ويندو ۽ پوسٽ ماستر آن جي وڏيڪ گڏتيءَ کان پڇي پوندو، ڇو ته هو سمجهندو هو ته هن کي جيڪو فرض پورو ڪرڻو هو سو هن پورو ڪري ڇڏيو!

اسان جي حالت ۾ وڏيءَ مائيءَ، هوڪاري، کي آهو خط وڃي اڇڻ ڪيندو هو، پر آن تي چار سئو ٻيرنگ جا ڏيڻا واجب هئا، سي هئن ويچاريءَ وٽ ڪونه هئا، ۽ نه هن کي ڪا پڪ هئي ته ايترا پئسا ڏيڻ اسين پاڻ به ضروري سمجهنداسين، سو آهو خط اسان لاءِ هئن نه آندو، ۽ رڳو اسان کي اها خبر اڇي ڏنائين. اهڙيءَ موسم ۾ ۽ اهڙن ڏکين ڏينهن ۾ واقعي ايترا پئسا، هڪڙي خط لاءِ، ڪير ڏيڻ ڏکيا به هئا، ۽ مون پهرين پاڻ به سوچيو ته آن کي آتي ئي ٽپال آفيس ۾ رهڻ ڇڏي ڏجي؛ پر پوءِ منهنجو پيءُ ۽ مائٽ، اهو سوچيندي ته متان نڪولس وٽان آهو آيل هجي، ڏاڍا پريشان ٿي ويا، ۽ ويچارا پوڙها پنهنجي منهن هر هر چوڻ لڳا: "اسان جو سڪين نڪولس! ڪهڙي

حال ۾ هوندو، الائي! ڏهم ڀارنهن ڪٽي ويلا ڪيون، پر چوڪري جي خبر تہ ملي وڃيسون!"

اِئين، نيٺ، آڻ شهر ويس، ۽ خط ڪٽي آيس. برابر آهو منهنجي ڀاءُ، نڪولس، جو هو. ۽ موٽي گهر پهچي، ڏاڏيان آهو، پنهنجي ماءُ پيءُ جي آڏو، آنهن جي انتظاريل اکين ۾ سِڪايل ڪنن جي دلاسڻ لاءِ پڙهڻ ويٺس. آهو ڊسمبر جي پهرينءَ تاريخ جو لکيل هو، ۽ تمستائين برائين، اٺ لک 'ليرا' جي پينشن سان بسمس ٽي چڪو هو، اسٽيٽس-جنرل جو ميڙ پهرين مئي ۱۷۸۹ع تي سڏايو ويو هو، ۽ نيڪر وري اچي عهدو سنياليو هو. پر نڪولس جي مغز کي اِهڙين ڳالهين مان ڪنهن بہ ڳالهہ ڪونہ ٿي ستايو. آڻ آن ڪاغذ جو نقل، جهڪو هاڻي تہ، رکيئي رَکيئي، پيلو ٿي ويو آهي، ۽ هنڌان هنڌان ڦاٽو پيو آهي، هتي اوهان لاءِ ڏيان ڏيو، تہ جيئن اوهين ڏسي سگهو تہ آن دؤر ۾ جڏهن پيو سچو فرانس "انصاف! انصاف!" پڪاري رهيو هو، تڏهن اسان جي فوج جا سپاهي ڪهڙين ڳالهين ۾ ورتل هئا ۽ ڪٿي هنن جو ڏيان اٽڪيل هو!

۽، غريب نڪولس بہ پنهنجن سائين کان اِن ۾ نہ بهتر هو ۽ نہ ڪمتر، هن جي ڪا تعليم ڪانہ هئي، ۽ پڙهي نہ سگهڻ ڪري هڪ نيريءَ چٽ وانگر ٿي هو سوچيندو هو. پر آن لاءِ هن کي ڏوهہ بہ ڪهڙو ٿي ڏيجي سگهو، ۽ شايد جنهن ماڻهوءَ کان هُن آهو خط لکايو هو، تنهن پنهنجي طرفان بہ آن ۾ ڪا اڌ لفظ يا جملو، مزي خاطر، وجهي ڇڏيو هو!

بهرحال، هيءُ آهي آهو خط:

"پيءُ، پٽ ۽ مقدس روح جي نالي سان شروع ٿو ڪجي!

جيءُ پيءُ بٺستيان ۽ ڪٽرين، هن جي زال ڏانهن، رايل جرمن رجمنٽ جي ٽئين اسڪواردرن ۾ بينڊ ۽ هِن وقت پئرس جي چانوٽيءَ ۾ رهندڙ، نڪولس بٺستيان وٽان.

"منهنجا پيارا پيءُ، ماءُ، پائرو ۽ پينرون، اوهين سڀ ضرور اڃان جيئرا هوندا، ڇو تہ اِئين نہ ٿيندو آهي تہ اوهين ڇهن سالن ۽

ڇهن مهينن ۾ گذاري ويا هجو، جڏهن تہ آڻ پاڻ سڃو وقت خوش چگو ڀلو رهيو آهيان. ائين آهي تہ هاڻي آڻ ايترو مضبوط ناهيان جيترو فالس‌برج جو وڏو قاصائي، ڪنڊز، آهي؛ پر پوءِ به پاڻ کي گهٽي ڏڻڻ ٻنان، آڻ چئي سگهان ٿو تہ آڻ هُن جهڙوئي جوڙ، متارو آهيان، جو تہ مون کي بک ڪافي لڳي ٿي — جيڪا جيئن لاءِ هڪ وڏي گاله آهي.

"منهنجا پيارا پيءُ ۽ ماءُ، جيڪڏهن اوهين هيڪر رگبو گهوڙي تي ويٺل مون کي ڏسو، ٽيڊي تي ٽوپلو رکيل، پير رکيبن ۾ پورا ڪُنڊل ۽ پاسي ڪان لڙڪيل تلوار سدائين 'تمار' (فوجي سلام ڪرڻ وقت يا هونئن يم)؛ يا وري جڏهن آڻ پنهنجي ڪنهن جوان واقفڪار سان شهر ۾ پسار تي هوندو آهيان، تہ اوهين سڃ پڃ حيرت ۾ پئجي ويندا، ۽ ويساهم ئي ڪونہ ڪندا تہ ڪو آڻ آهو ئي اوهان جو پٽ نڪولس آهيان. ۽ جڏهن آڻ پاڻ کي امير به سڏائڻ چاهيان، جهڻ اسان جي رجمنٽ جا ٻيا ڪيترائي سڏائيندا آهن، تہ آهو مون کي ائين سو نهندو ڇڻ سڃ پڃ آڻ آهو آهيان. پر، تہ به، اوهان کي خبر آهي تہ، اوهان جي اڇن وارن جي ڪارڻ ۽ جيڪا منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ عزت آهي، اُن ڪري آڻ ائين ڪرڻ وارو نہ آهيان.

"۽ اهو پڻ اوهان کي معلوم هجي تہ پهرينون سال ڪوارٽر ماستر، جيروم لهرو، مون سان ڏاڍو ڏکيو هليو. سندس مُنهن تي منهنجي جهڙ جا جيڪي داغ ٽيل هئا، اِن ڪري، ـــ ۽ آهي اڃان ٻيئا اڃ! اڄ، بهرحال، آڻ ٽئين اسڪواڊرن ۾ برگيڊيئر آهيان، ۽ جڏهن ڊيوٽيءَ تان لڙل هوندو آهيان تہ هن کي سلام به ڪونہ ڪرڻ پوندو اٿم. هڪ ڏينهن آڻ ڪوارٽر ماستر به ڏينڊس. ۽ پوءِ اهي سڀ هيٺ مٿانهون ٽيڪ ٿي ويندیون. مون کي اوهان کان هيءَ گاله به رکڻ نہ ڪهي تہ آڻ رجمنٽ جو 'تلوار بردار' آهيان، ۽ پنهنجي پهرئين سال جي پوري ٽيڻ کان اول ئي مون 'نوڪالهي' شهر جي ٻن وڏن عملدارن کي ڪٽڻي ڪيرائي وڌو هو. هاڻي، سڃ پڃ، لافوجر ري ڊي ـ لازن ۽ بوڪهي کان سواءِ، ٻيو ڪوبہ مون ڏانهن رگبو اک ڪڍي نٿو ڏسي

سگهيَ. اهو نتيجو آهي ڪنرڙيءَ اڪ ۽ تيز ٻُڪهي جو ۽ آهي جي ڪنهن وٽ آهن يا تہ سا خدا جي ٿي عنايت آهي. ويندي، ٻين رجمنٽن جا ماڻهو ٻہ مون سان مقابلي ڪرڻ لاءِ هلي اچن ٿا ۽ مون کي اڇي هوڪارين ٿا. گذريل جولاءِ جي پهرينءَ تاريخ، اسان جي ڪور-ڪمانڊر پيادل فوج جي "ڪونٽي" رجمنٽ سان شرط ٻڌي، تہ آن جي ڪنهن ٻہ جوانن سان آءٌ مقابلو ڪري سگهان ٿو؛ جنهن ني آن رجمنٽ جي بارود خاني جي آفيسر ("بايارڊ" نالو هوس، قد جو ڪجهہ بندرو هو، ۽ سڀني کان ٻوٽ جو ويڪل هو) مون ڏانهن ڏسي، "ٻلا تازي! ٻلا تازي!" ڪري مون کي چڙائڻ لڳو. مون کي ٻہ ڪاوڙ وئي ويئي، ۽ مون ٻہ پنهنجا ماڻهو موڪلياماانس تہ وڃي ڪانئس سبب پڇي اچن تہ معافي ورتائين ٿي يا نہ! گالهہ چوڌاري پکڙي ويئي، ۽ ٻئي ڏينهن اسين ٻيئي ٻاهر پارڪ ۾ پنهنجي پنهنجي جاءِ سنياليو بيٺاسين. هُن ٻلي‌ءَ وانگر ٻئي ٽپا ڏنا، پر ٽئين راؤنڊ ۾ ساڄي پاسي واريءَ ڏانڊيءَ وٽ اهڙو هڪڙو ڏڪ هنيوبانس، جو ڪُوڪ ٻہ ڪانہ نڪتيس ۽ ڏُو وڃي پٽ ٻيو. تنهن تي اسان جي سڃيءَ رجمنٽ جشن ملهايو. مون کي برابر انيتاليهہ ڪلاڪ اڪيلو ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيائون، چاڪاڻ تہ منهنجو گهرو هٽ هوءِ هن کي آڻائو لڳي ويو هو؛ پر اسان جي ميجر (شيور ليئر ڊي- سنڊيل) پنهنجي ڪاڏي جي ميز تان نڪولس بئسٽيان لاءِ بهترين گوشت ۽ شراب سان ڀريل خونچو ڏيکائي، ٿاهي، مون ڏانهن ڈياري موڪلياس، چي: "نڪولس رايل جرمن رجمنٽ پاران مقابلو ڪٽيو هو، انهيءَ ڪري هن جي سڃي دعوت ڏيڻ کپي!" ۽ آن وقت ڪان وٺي اڄ سڏو مون کي پنهنجن بالادستن وٽان وڏو مان ملي ٿو. سچ پچ، اوهان کي جي خبر هجي تہ هتي چا پيو ٿو هلي چلي، هي شهري لوڪن جا انبوهہ ـــ خاص طرح آنهن جا وڪيل ـ ڪهڙا نہ دنگي باز آهن، تہ اوهين سمجهي ويندا تہ هتي اسان وٽ ماڻهوءَ لاءِ سوين ڪٽڻ جا ڪيڏا نہ موقعا موجود آهن. آگسٽ جي ستاويهين تاريخ کان ڪجهہ اڳ ڏاري، پهريدار فوج جي سالار-ڊيوبائز، اسان کي پالٽ نوف چؤنڪ تي انبوهہ تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ موڪليو؛

۽ آهو سچو ڏينهن، اڌ رات تائين، اسان انهن کي ڏوڙائيندا رهياسين—
بافين رستي تي، ڊي - گريبو، رستي تي، ۽ هر هنڌ. ٻئي ڏينهن، جي
اوهين رڳو ڏسو ها! سنيٽ ڏوسنيڪ ۽ سيسايي چونڪن ڪي ڪيڏو
نہ هنن جو اسان قتلام ڪري ڇڏيو هو! اوهين اسان کي چئو ها:
'واهہ! ڪم اِن کي چئبو آهي.' اسڪوادرن جي ساڃيءَ ٻانهن جي آخري
قطار جو ڪپتان آڳ هوس، ۽ جڏهن به شيءِ پنهنجي آڏو ٿي آئي، آن
کي لٽندو ٻئي ويس، چڙهائيءَ کان پوءِ ليفٽيننٽ ڪرنل، ڊي - رينالڊ،
چيو تہ 'بدمعاشن کي ٻيهر اسان جي ائين ور چڙهڻ جو شوق وري
ڪڏهن نہ ٿيندو': ۽ هُن سچ ٿي چيو، چو تہ اسان هنن کي ماريو
به مارڻ جهڙو هو. ضبط ۽ قوائد جي خوبي اِها ئي تہ آهي! جڏهن
حڪم ملي، تہ هر ڪنهن کي اڳتي وڌڻو آهي، چا به ٿي پوي. ڪنهن
جو ڪٽي ٻيءُ ۽ ماڻهو ۽ ڀاءُ ۽ ٻيڻ ٽي ڇو نہ آڏو رستي روڪ ٿيو ٻيڻو
هجي، هن کي ائين اڳتي انهن تي گهوڙو چاڙهڻو آهي جڏهن هو ٻُڌي
تي پير ڇيڙا هجن. آڳ هوند گهڻو اڳي ڪوارٽر ماسٽر جنرل ٽي وڃان
ها، رڳو جي مون کي مٿي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪارگذارين جي
پوريءَ طرح رپورٽ لکڻ اچي ها. پر اوهين خيال نہ ڪجو: مون
کي اڃان جيڏوم ليروءَ سان پنهنجو حساب ڪرڻو آهي، هڪ وڏي
خاندان جو نوجوان — گلبرگ گارڊيٽ، جيڪو ٽئين اسڪوادرن جو
ڪپتان آهي، مون کي اڪر سيڪاري رهيو آهي، ۽ عيوض ۾ هن کي
آڳ 'فينسنگ' جا گُر پيو سيکاريان. پنهنجي اِها رڳا ضرور پوري
ٿيندي: اوهين مون کان پڇي ونڊندا. اوهان کي هيءُ پنهنجو خط
ٻئي مهيني جي پهرينءَ تاريخ تي ملي ويندو. اِن تي هاڻي آڳ هيءُ
پنهنجن هٿن سان صليب جو نشان ليکيان ٿو، ۽ آن سان اوهان کي
پاڪر پايان ٿو، ۽ اوهان ڏانهن پنهنجا سلام موڪليان ٿو.

"نڪولس بئستيان"

"ڊسمبر پهرين تاريخ، ١٧٨٨ع." فينسنگ ماسٹر، رايل جرمن رجمنٽ.

ويچارو نڪولس! هن کي وڙهڻ کان بهتر ٻي ڪا گالهه ٿي ڪانه ٿي سڃاڻي. هن جي امير آفيسرن هن کي هڪ قسم جو ڪو ٻُل داگ ٿي سمجهيو، جيڪو ڪنهن ٻئي آهڙي ٿي ڪُتي تي ٻچائي ڇڏيو، ۽ اُن تي رکيل شرط کٽي وڃي. اِها گالهه هُن سان فوري ٿهڪي ۾ آئي ٿي. آڏ پنهنجي طرفان تہ هن کي معاف ۽ ڪري سگهيس ٿي، ڇو تہ هو هڪ وڏي‌ءَ سادي‌ءَ دل جو مالڪ هو، پر ڪنهن طرح هن جو خط استاد جين ۽ شاويل کي ڊيڪارٽ ۽ مون کي شرم ٿي آيو. پنهنجي پي‌ءُ ۽ ماءُ جي چا گالهه ڪريان! سڄي خط پڙهندي، مون ڏي ڏسندا رهيا، ڏندا رهيا ۽ وچ وچ ۾ حيران ٿيندي ۽ واهه واهه ڪندي، هر هر پنهنجا هٿ ٻئي ڪنهائون ۽ هڪٻئي جي ڳچين کي ٻُڌائون. خاص طرح، منهنجي ماءُ، ٻچاڙي‌ءَ ۾ ڪِلندي، خوشي‌ءَ ۾ چيو:

"واهه، مون کي خبر هئي تہ نڪولس دنيا ۾ پنهنجن ٻيرن تي پاڻهي هلندو! ڏٺو، ڪيئن اڳتي وڌي ويو آهي؟ رڳو اسين آهيون، جي لاڀراقس ۾ ٻيا آهيون، ۽ اِن ڪري ئي اسين ايترا غريب آهيون. نڪولس، بهرحال — چا چئجي؛ اوهين منهنجي گالهه ياد ڪجو، هو ضرور امير ٿيو — هائو، متي‌ڙ چڙهندو ۽ امير ٿيندو!"

منهنجو پي‌ءُ ۾ خوش هو، جيتوڻيڪ هُن جي وڙهڻ جي ايڏي شوق ۾ هن کي وڏو هڪ خطرو ۾ ڏسڻ ۾ آيو ٿي. هيٺ ڏرتي‌ءَ ۾ نگاهه جمائيندي، هن چيو:

"هائو، هائو؛ اِهو ٺيڪ آهي. پر جيڪڏهن هن کي ڪو ساڃي‌ءَ ڏُنڊي‌ءَ جي هيٺان ترار جي ڇهنب ٽُنبي وڃهي، تہ اسان جون دليون هوند ٽُٽي پون. توبهه، توبهه! ۽ شايد ٻئي اُن ماڻهوءَ جو ۾ ڪو پي‌ءُ هوندو ۽ ڪا ماءُ هوندي؟"

"اڙي، ها، ها! چڏ اِهي بدسُوٽي گالهيون!" منهنجي ماءُ ڏماڪيدار آواز ۾ چيو.

پوءِ، هُن خط کنيو ۽ پاڙي وارن کي ڏيکارڻ هلي ويئي، ۽ چوندي ويئي:

"نڪولس جو خط! برگيدر بڻيو آهي، ۽ پلٽيبازيءَ جو پهلوان ٿيو آهي! کيترا مارڻيا اٿس. مجال آهي، جو کُرڙي اک کٽي کو هُن ڏي ڏسي!"

۽ اهڙيون ٻيون گالهيون. ہن ٽن ڏينهن کان پوءِ وڃي آهو خط ٻوٽي مون کي مليو؛ ۽ چاکاڻ ته استاد جين ۾ آهو ڏسڻ لاءِ گهرايو هو، ان ڪري هڪڙي ڏينهن شام جو آهو وٽس کٽي ويس، ۽ پڙهي ٻڌايو مانس. شاويل ۽ مارگريٽ به آتي وينا هئا. مون جڏهن آهو پڙهي پورو ڪيو، تہ پنهنجون اکيون کٽي آنهن ڏانهن ڏسڻ جي همت ئي نٿي ٿيم. استاد جين چيو:

"ڪيڏي نہ بدنصيبي آهي اِها، جو اهڙا بدمعاش ڪنهن جي ڪتب ۾ هجن ــــ آهي جڪي پيٽرن ۽ مائرن ۽ پائرن ۽ پينرن کي رڳو ڪُهڻ جو سوچيندا رهن ٿا، ۽ جيڪي اِن کي شاندار به سمجهن ٿا، زڳو اِن ڪري، جو آن کي ضبط ۽ قواعد ٿا سڏين!"

جنهن تي شاويل جواب ڏنو:

"هون! پر گهٽ ۾ گهٽ اِهو تہ ٺيڪ ٿيو، جو اسان کي آهي گالهيون معلوم ٿيون جن جو نڪواس ذڪر ڪيو اِهي گهٽين تي سندن وڏيون چڑهايون، اِهي قتلام ــــ هيلتائين اِنهن جي اسان کي ڪا خبر ڪانہ هئي، اخبارن اِنهن جي ڪا گالهہ ڪانہ ڪئي، جيتوڻيڪ مون کي پنهنجي گشتن ۾ اهڙي ڪجهہ سُٽس پئي هئي تہ گرينوبل ۽ بوردّو ۽ ٽولوز جي طرف کان فوج جا ڪيئي دستا نڪري چوڌاري پکڙجي ويا هئا. اِها سڄي گالهہ هڪ ٺيڪ فال آهي، چاکاڻ تہ اِن مان اِهو ٿو ثابت ٿئي تہ وهڪرو پنهنجي آڏو هر شيءَ کي لوڙهيندو پري ڪندو ٿو وڃي، ۽ ڪابہ شيءَ آن کي روڪي نہ سگهندي. گهٽين ۾ اِنهن لڙاين جي هڪ سوب تہ اسان جي اِهائي ٿي آهي، جو هو آرڪ بشاپ، برائين، اگبي ٿي نڪري چڪو آهي، ۽ بي هيءَ تہ اسٽيٽس-جنرل جو سوڙ ڪوڙايو ويو آهي. بي ڪهڙي

ٻه خوفائتي ڳالهه هجي، پر اِها گهٽين جي لڙائي اسان جي لاءِ خوف جي ڳالهه ڪانهي: ڇو ته جڏهن سچي عام خلق آنهن جي خلاف آئي ڪڙي ٿي آهي ته سندن پنجاهه يا سؤ رجمنٽون سندن ڪهڙي ڪم ايندیون؟ شرط رڳو هي آهي ته خلق کي پوري جاڻ هجي ته آها ڀاڙ ڇا ٿي چاهي، ۽ ٻيو ته اسان جي "ٽيي اسٽمت" يڪمشت هجي، ۽ ٻوءِ باقي سچي ڳالهه اِئين ٿيندي جيئن طوفان جي آڏو گهٽو ڪي ڪجهه ڪَٽُ پن" ٿيي وڃي. هائو، آءٌ خوش آهيان، جو اِهي ڳالهيون اسان کي معلوم ٿيون آهن. هاڻي وڏو ته چونڊن لاءِ پنهنجا بندوبست ڪريون، ۽ تيار رهون! هِن وقت اسان کي هر ماڻهوءَ جي نيڪ نيتيءَ، نهار سمجهه، ۽ انصاف لاءِ دلي چاهه جي ضرورت آهي ــ اِهي ئي اڳتي وڌي اسان سڀني جي نئينءَ قسمت جي تعمير ڪن!"

شاويل جا چپ اڳي وانگر هاڻي پيڙيل ڪونه هئا؛ هو پوريءَ طرح پُراعتماد ٿي لڳو. سچ ته، ڏکار جي هوندي به، جڪو مارچ جي آخر تائين هاموءَ اسان جا هاري، ڪاريگر، ۽ "پُورجوا" ٽيئي هڪ" هئا ۽ هڪ" ٿي رهيا. شاويل صحيح هو جڏهن هن پئرس جي پارليامينٽ جو اعلان پڙهڻ سان چيو ته هاڻي اسان وٽ وڏيون ڳالهيون، وڏا ڪي واقعا، ٿيڻ وارا هئا. هرڪو ماڻهوءَ پاڻ کي مضبوط ۽ وڌيڪ پُريقين ٿي محسوس ڪيو. هيءَ جڻ هڪ نئين زندگي هئي. غريب کان غريب به جنهن کي پيٽ ۾ گرانهه ڪونه هو ۽ جنهن جي پُٽي آگهاڙي هئي، آهو به هاڻي جهڪڻ لاءِ تيار نه هو، پر ائين ٿي ڏٺو ته پنهنجو ڪنڊ آيو ڪري، پري آسمان ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

(۹)

۽ جيئن جيئن ڏکار وڌيڪ سخت ٿيندو ويو تيئن تيئن غريب ماڻهن وڌيڪ پنهنجي همت ٿي ڏيکاري. لابراقس، هاتنامين ۽ ڪوارٽرونيٽ جا ماڻهو گهري کنڊا ٿي وياهئا؛ هنن برف کوٽي، اندران پوٽن جون

آليون پاڙون پئي ڪيون ۽ چوسيون، هُنن کاندیرا پٽي پئي ٺهڪايا، جيڪي پراڻين پتين جي پاڙن سان ڦٽي نڪتا هئا، پنهنجي ساهم تڳائڻ لاءِ هنن وٽ کو جتن ڪونہ هو، جو نٿي ڪيو. ڦوطرف آگهاڙو ڏک هو، جو هولناڪ اکين سان ماڻهن جي منهن مان تکي رهيو هو، پر ساڳئي وقت بهار هو جيڪو ہ ڏيري ڏيري ۽ ڏاڍي مڏ ۾ انداز سان نزديڪ ٿيندو ئي ٿي رهيو.

فلس برج جي ڪيپوچن فقيرن پڏري پٽ پنڻ ڇڏي ڏنو هو، چو تہ امڪان هو تہ رستن تي ماڻهن هٿان هو خون ٿي وڃن ها — خاص طرح تڏهن ہ، جو لافيري جي رجمنٽ، جنهن ڪئپٽيلا رجمنٽ جي جاءِ تي اچي چارج سنڀالي هئي، هِن فقيرن جي حفاظت لاءِ ذمهدار بنڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هِن رجمنٽ ہ وڏي ۽ عمر وارا سولجر هئا، جيڪي پنهنجن نوجوان امير آفسرن جي هٿان تلوارن جي مُڏي ۾ پاسي جا ڏڪ ڪائيندي بيزار ٿي پيا هئا.

تنهن ڪان سواءِ ڪا نئين گاالهم ہ هئي، جا هوا ہ آيل يا اچڻ جي تياريءَ ہ ڏسجي رهي هئي. بيلٽفن ۽ ٻين عملدارن کي بادشاهہ جي هڪ پڏ رناسي کي ورهائڻ ۽ ملڪ ہ عام ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هو، جنهن ہ اسٽيٽس جنرل جو ميڙ طلب ڪيو ويو هو، ۽ انهن کي اِها ہ خبر هئي تہ ڪهڙي ڏينهن تي آهو ميڙ ٿيڻو هو. اُن جا خاص ليٽر ہ جلد ئي وٽن پهچڻا هئا، جن جي ملڻ سان انهن کي آهي ہ عام پڏرا ڪرڻا هئا، ۽ ڪين انهن کي هر آفيس، هر ديول ۽ هر چانڊيءَ جي درن تي هٽڻو ہ هو، ۽ نائب پادرين جو اِهو فرض ٿيڻو هو تہ آهي ڏاڍيان پڙهي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جماعت کي پڌائين ۽ سمجهائين ۽ ۽ اِها ہ عام خبر هئي تہ اهڙن ليٽرن جي پهچڻ کان ستن يا ايترن ڪن ڏينهن جي اندر اسان سيني کي — يعني ڪمين ڪاسبن، بورجوا ۽ هارين کي، هڪ ئي طرح — شهر جي عام هال ہ وڃي گڏ ٿيڻو هو، اِن لاءِ تہ اسين آڻي گڏ جي پنهنجن اهنجن ايذائن ۽ مسئلن بابت پنهنجا شڪايت نامہ تيار ڪريون، ۽ پنهنجا عيوضي مقرر ڪيون جيڪي آهي

اسان جا شڪايت نامه ڪٽي، آڻي وڃي پيش ڪندا. جن جاين جو اعلان پوءِ ٿيڻو هو.

مطلب ته اوسين تائين اسان کي جيڪا خبر ملي هئي سا اها هئي. ۽ خداوند قدوس جي فضل ۽ ڪرم سان اهنج ۽ ايذاءَ ته اسان جا بيشمار ئي هئا، جيڪي اسان کي پنهنجي پنهنجي پادريءَ جي حلقي لاءِ مخصوص شڪايت نامي ۾ درج ڪرڻا هئا.

اها به عام خبر هئي ته هڪ ٻيي ڪڪ ماڻهن جي اسمبلي ورسائيلز شهر ۾ گهرايل هئي ته اسٽيٽس-جنرل جي ميڙ جا بندوبست ڪيا وڃن ۽ آن لاءِ جيڪي ضروري اقدام هئا، انهن جو فيصلو ڪيو وڃي. آن ئي وڏي ڏڪار هلندي، يعني ڊسمبر ۱۷۸۸ع ۽ جنوري ۱۷۸۹ع ۾ جڏهن اسان مان هر ڪنهن جي زبان تي ٽيءَ اسٽيٽ جي گالهه چڙهيل هئي، اسان کي معلوم ٿيو ته آها ٽيي اسٽيٽ، ڇا هئي؟ آها ٽيي اسٽيٽ اسين پاڻ هئاسين، يعني. ٻورجوا، واپاري، هاري، ڪمي ڪاسبي ۽ سڀ ٻيا مسڪين، بخت ڦٽل ماڻهو؛ ۽ ٻيو ته اسان جا غريب ابا ڏاڏا جيتوڻڪ اڳي ٻه سا ڳئي نموني جي اسٽيٽس-جنرل جي ميڙن ۾ سڏيا ويا هئا، پر آنهن ميڙن ۾ هو گوڏن ڀر رڙهي، ۽ ڪچين ۾ ٽوڙها ٻڌي، اندر ويندا هئا ۽ آڻي وڃي پنهنجا اهنج ايذاءَ، بادشاهه جي آڏو، امير ۽ بشاهن جي ڪائونسل آڳيان، بيان ڪندا هئا، ۽، لڳ ڀڳ ٻن صدين کان پوءِ، هاڻي ٻه، اسان کي تمام سخت ڪاوڙ وٺي ويئي جڏهن ٻڌوسين ته ماڪ جي ڪن ٻن پارلامينٽن اها گهر ڪئي هئي ته اسان، يعني ٽيءَ اسٽيٽ، جي عيوضين کي، بلڪل آنهيءَ ئي، طرح ۱۶۱۴ع جي دستور مطابق، اسٽيٽس-جنرل ۾ سڏيو وڃي!

بهرحال، جن ڏينهن جي آڳ هيٺي گالهه پيو ڪريان، هيءَ ٻن پارلياسينٽن ۽ آنهن جي اهڙين گهرن کي فضول ئي سمجهيو ٿي ويو، جو ته اها گالهه بلڪل صاف هئي ته اسٽيٽس-جنرل کي سڏڻ ۾ خود آنهن جي، يعني بادشاهه ۽ سندس امير ڪبير وغيره جي، اصل نيت ٽيءَ اسٽيٽ جي ماڻهن جي اهنج ايذائن جي هٽائڻ جي يا

انصاف ڪرڻ جي ڪانءِ ڪئي هئي، پر فقط اِها هئي تہ سندين پنهنجون زمينون، جاگهرون ۽ سرهرپون ۽ باغ بوستانن واريون، آنهن ڏانهن ڪان ڪيئن آڇيون رهن، جن جو بار اوسين تائين گهٽي قدر ڪانئن نندين ۽ غريب تر ماڻهن جا ٻنا هارا، نندا! ڪيت ۽ ٻيون ئي سهنديون پئي آيون هيون.

اخبارن ۾ اِهي بہ خبرون پئي آيون تہ آمريڪا ۽ روس مان اِناج پهچندو ٿي رهيو؛ پر لابراقس يا ٻين ويجهن علائقن ۾ تہ اسان ڪي ڪو داڻو ڏيڻ بدران، انسپيڪٽر هر جهوپڙيءَ جي تلاش، ويندي آنهن جي مٿان ٻيل ۽ زبون ٿي ويل ڇپرن جي بہ، تلاشي وٺندي رهيا، ۽ ڪا پائي، چوٽائي آن جي ملين ٽسي تہ آها بہ ڪٽي هليا ٿي ويا. وڏن شهرن جي ماڻهن بغاوت ڪئي هئي، اِن ڪري هُنن لاءِ آنهن جو مُنهن بند ڪرڻ ضروري هو. اِنهيءَ طرح اسين، جيڪي وڏيڪ ماڻ ۾ ورتل ۽ امن پسند هئاسين، سي پنهنجي آن وڏي صبر جي ڪري، ڦُريا پئي رهياسين.

•ون ڪي ياد پوي ٿو تہ فبروريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن ڏڪار پنهنجي چوٽ تي پهتل هو، فلس برج شهر جو ميئر، جيڪو پنهنجن مڪ مومبرن ۽ عملدارن سان اوسي پاسي جي گدامن ۽ اسٽورن جي جانچ تي اڪتل هو، آهو سڄي آن آناڻي سان هڪ ڏينهن استاد جين وٽ ماني کائڻ آيو.

شاويل جيڪو پنهنجي دؤري تان موٽندي هميشه آلسڪ ۽ لورين علائقن مان تازيون خبرون اسان لاءِ آڻيندو هو، سو اندر صفحي ۾ مس داخل ئي ٿيو هو، ۽ پنهنجو ٽيلهو ڪلهن تان لاهي، بينچ تي رکي، اڃان سنئون سڌو ٿي ويٺو ئي مس هو، تہ ڪتلف لڳل ڪالرن سان، ٽڪنڊاوان ٽوپلا پاتل، استري ٽيل ڪوٽن ۽ الڳ الڳ رنگن جي مفلرن ۽ ٽوڪين تائين وڏن پشمي دستانن سان، ڪي اوپرا ماڻهو اندر داخل ٿيا، جن ڪي ڏسي، شاويل ڪافي ڪجهہ پريشان ٿي ويو. آنهن سڀڪر قسم جي ماڻهن جي پٽيان، قد جو اڃايو ڊگهو، مُنهن ڇڙهيل، چهلهم سان هڏل تلوار سان، اسان جي علائقي جي محافظ رجمنٽ جو

ليفٽيننٽ، موسيو ربي - جاربيني، ۾ اندر آيو، جنهن ايندي ئي سُنهن ورائي، شاويل ڏانهن شوخ ۽ شڪي نگاهن سان ڏٺو. آهو ئي اسان جي تتر ۾ 'جوابدارن' کي ۽ قيدين کي آڏيتون ڏيندو هو. ڏسڻ ۾ ئي هن جو نمولو ۽ ڇڙو هو. ٻيا، ايندي ئي، پنهنجا ٽوپلا، لڪڻ ۽ ٻيون پنهنجون زائد پاتل شيون ٽانيڪيون ڪري رکڻ ۾ لڳي ويا؛ کي وڏي، بورچيخاني کي ڪجهه ٽوسڻ لڳا؛ پر هي ۽ چيلهه جي ڪڙي مان پنهنجي تلوار ڪڍي، ڪنڌ ۾ رکي، گرائي ۽ سان شاويل جي ڊيل ٽيلهي ڏانهن وڌيو، آن کي کولياٿين، ۽ آن ۾ جيڪي ڪتاب ٻيل هٿا آهي ڏسڻ ٻيهي رهيو.

شاويل پنهنجي گشتي پتلون جي ڪيسن ۾ هٿ وجهي، لا تعلق ٻڌجي، پڪو سُنهن ڪري، هن جي ڦيان ٻيهي رهيو.

ليفٽيننٽ ڊي - جاربيني ۽ سان آيل ٻيا عملدار ۽ اوچا ماٿهو هيڏانهن هوڏانهن ٽهلا رڌيندا رهيا، ۽ هر هر منجهانئن هڪ نه ٻيو، چيلهه کي موڙو ڏيندي، آڏوگابري ڪڍي ڪندي، چوندو رهيو: "هي! هي! هي! هڪ ٻيو ڪم ۾ راس ٿيو!"

بورچيخاني جو در ڪليل هو، ۽ چلهي جي ٻاهر تي سڄي ڪمري ۾ سوجهرو ڇانيو پيو هو. تنور وارن جي گيدڙ جو سيمبر، بندري قد وارو مارلهي، ديگڙن ۽ ديگڙين جا ڍڪڻ لاهيندو ويو، ۽ چا چا رڌيو ۽ پچايو ويو هو آن بابت اڙ ڪٿرين سيڪجهه هن کي پڌائيندي ويئي، ۽ ٻئي پاسي نڪولي ميزتي اڇيون صاف چادرون وڇائيندي پئي ويئي. پوليس جو ليفٽيننٽ هو، سو هڪ ئي جاءِ تي ٻنو، شاويل جي ٽيلهي مان ڪتاب ڪيڏو، هڪ هڪ ڪندو، ڏسندو رهيو، ۽ ٻنڊ تي ڍڳ ڪندو رکندو ويو.

"سو تون آهين، جڪو ڪتاب ٿو وڪڻين؟" سُنهن ورائي ڏسڻ کان سواءِ هڻن پڇيو.

"هائو، موسيو، آءٌ اوهان جو خادم،" شاويل آهستگيءَ سان جواب ڏنو.

"۽ آڻ سمجهان ٿو تہ توکي خبر آهي،" هُن لفظن کي ڏکان ڏگهيرندي، چيو، جيئن هن جي عادت هوندي هئي، "تہ اِهي توکي ڪاهڻ ڇاڙهائي سگهن ٿا؟"

"ڪاهڻ تي؟" شاويل چيو. "ڇا؟ هي بهترين نئين ڪتاب؟ هڪ "سينٽ"، اوهين اِهي پاڻ ڏسو. 'التظامي ايراضين جي ويچار لاءِ رايا' از 'مانسينيور ڊي-آرلبانس، جاگير جو نواب صاحب؛ 'بي۽ اسٽينس-جنرل جي ميڙ بابت هڪ محب وطن جا ويچار'؛ 'پوسٽ ماسٽرن جون صلاحون ۽ رٿائون، عام فائدي لاءِ ڏيان جو گيون.' اهڙا ڪتاب خطرناڪ ٿي نٿا سگهن."

۽ آنهن تي بادشاهي پرٽو؟" لفٽيننٽ سخت رکائيءَ سان چيو.

"بادشاهي پرٽو؟ موسيور لفٽيننٽ، اوهين پاڻ ڇاٽو ٿا تہ مانسينيور ڊي-برائين کان پوءِ، هن قسم جي پترن تي 'پرٽو' ڏيڻو ڪونهي."

لفٽيننٽ پنهنجي تلاشي جاري رکي، ۽ پيا هنن ۾ جي چوڌاري دائرو ٺاهي بيهي رهيا.

ڪجهہ پري رڪيل ڪپڙن جي استريءَ جي پرسان، استاد جين ۽ آڻ، ڏاڍيءَ آتر ويلا محسوس ڪندي، ڪن ڏيئو ٻڌا هئاسين، جيتوڻيڪ شاويل اسان ڏانهن هر هر نهاري اسان کي تسلي ڏياري رهيو هو. مون کي پڪ هئي تہ ٽيلهي ۾ ڪاغذ جو شيءِ لڪل ضرور هئي، ۽ لفٽيننٽ ڪي جي پنهنجيءَ ڏکهيءَ چوٽيءَ سان، آڻ کي سونگهي ورتو هو.

خوشقسمتيءَ سان، جيئن اڪثر ڪتاب ٽيلهي مان نڪري، بينچ تي پڄي چڪا هئا، تہ اڙ ڪٽرين پنهنجي مُنهن تي خوشيءَ جي چمڪ ۽ هٿن ۾ سُوپ جا باڪ آڌاريندڙ ڊيش آڻيندي، ميز تي اچي ڦرگهٽ ٿي ـــ ۽ پنهنجن نئين ۽ ميمبر مارائي، بم هو، جنهن جا وار چڙوچڙ ٿيا پيا هئا، ۽ هو پنهنجي سنهي اوچي آواز ۾ چوندو آيو:

"اچو ميز تي! اچو ميز تي! ڪريم وارو سُوپ"، ڪريم وارو سُوپ"! خدا جو قسم، ڇا ٿا پيا اوهين اِتي ڏسو! آها! مون اڳي ئي

ائين ئي سمجھو! ھڪ وڏيڪ انسپڪشن، پي ھڪ چڪاس! چا، انھن چڪاسن مان جيءُ ڪونہ ڏاپيو اٿوَ؟ اچو، اچو، ميز تي، ميز تي، يا آءٌ ٽو ڪٽي پاڻ ئي ڏنر شروع ڪريان!"

ائين چئي، ھو پنھنجي ھڪ جاءِ ونيَ ٻيھي رھيو، ھڪڙو لٽيڪن ڪٽي، پنھنجي ڪاڏيءَ ھوڻان انڪايائين، ۽ سُوپ جي ڊيش تان پورو ڍڪ ڪٽي لاٽائين، ۽ آن جي سُڳنڌ سڃيءَ ڪوٺيءَ ۾ پکڙجي ويئي. اُنھيءَ گھڙيءَ، نڪولي سائڊاٿل ڪَمر جي گوشت جا ٽڪرا ۾ ميز تي ڪٽي آئي؛ جنھن تي ٻا عملدار ۽ ميمبر سب تکا تکا وڏي اچي ميز جي چوڌاري ويٺا. آخر ۾ ليفٽيننٽ، اھو ڏسندي تہ سائس گھڻ آيل سينيءَ، ھن کان سواءِ، کائڻ شروع ڪري ڏنو ھو، بيزاريءَ وچان شاويل کي چيو:

"ياد رکو، ٻکري ويل جانڊو ھارايل جانڊو نہ ھوندو آھي!"

۽ پوءِ، جيڪو ھڪڙو ڪتاب ھٿ ۾ ھوس، اُھو ۾ پين ٻاھر ڊگھ ڪيل ڪتابن سان گڏي، رکي، وڃي ميز تي مارلبي جي پرسان خالي ٿيل جاءِ تي ويٺو.

شاويل پوءِ ڪتاب ميڙي، پنھنجي ٽيلھي ۾ وڌا ۽ ورائي اُن کي کلھن تي، بنان کنھن اجائي تکڙ ڏيکارڻ جي، مُنھن تي خوشيءَ جي مُرڪ آڻيندي، آتان روانو ٿي ويو. اسان ۾ سڪ جو ساھ ڪنيو، چاڪاڻ تہ پوليس جي ليفٽيننٽ جي واتان 'قاھي' جو ٻڌڻ، پوءِ اعلان ڪٽي ڪھڙا ۾ ٽيا ھجن، کا معمولي ڳالھ ڪانہ ھئي، جنھن جي ٻڌڻ سان ساھ مُٺ ۾ نہ اچي ويجي!

بھرحال، شاوئل خير سان نڪري ويو، ۽ ھيءَ ائين کائڻ ۾ لڳي ويا، جيڏن امير ۽ شاھوڪار ماڻھو انقلاب کان اڳي ھميشہ کائيندا ھئا. ھُتن پنھنجو ڀانت ڀانت جو شراب شھر مان پاڻ سان آندو ھو ۽ پٽ تازو گوشت ۽ سفيد مَيدي جي مانيَ ۾ پاڻ سان ڪٽي آيا ھئا.

در تي، ڪمئي ٻينئو اچي مڙيا ھئا ۽ طرح طرح جي آوازن سان ھيڪل ھيڪل ۽ گڏجي ھڪ آواز ۾، مانيءَ پور لاءِ ٻاڌائي رھيا ھئا؛ ڪيترن ئي ٻين، درين تان مُنھن وجھي، اندر جھاتيون پئي پاتيائون؛

هڪڙن پنهنجا ڏک سور پئي بيان ڪيا، ۽ ٻين پنهنجا پنگل هٽ ڪٽي پئي ڏيکاريا، ۽ خاص طرح زالن پنهنجن ڪپڙن تي ڪنهل بهمار ۽ ڳري ڪنڊا ٿي ويل ٻارن جا مهايا وجهندي، اهڙيون اهڙيون دانهون ۽ نيزاريون پئي ڪيون، جو پڌي ماڻهوءَ جي دل لرزجي ٿي ويئي. پر هي ٽئلها ٽنيرا، گاڙهاڳنڊول، شهر جا ماڻهو ميز تي ويٺا ڪائيندا رهيا، پيئندا رهيا، اوگراين تي اوگرايون ۽ ٺهڪن تي ٺهڪ ڏيندا رهيا، جڏ ٻاهر ڪا گالهه ئي ڪانه ٿي رهي هئي. شام جو ٽين ٻجي، هو آتان روانا ٿي ويا ــ ڪي گهوڙن تي سوار ٿيي، پهاڙي علاقي ڏانهن، پنهنجيون چڪاسي ڪاروائيون جاري رکڻ لاءِ ۽ ڪي پنهنجين گاڏين ۾ آتان ئي شهر موٽي ويا.

ساڳيءَ رات شاويل ۽ مارگريٽ اسان ڪي ملڻ آيا. هو اڃان در وٽ پهتا ئي مس، تہ آنهن ڪي ڏسي، استاد جينَ ڪان رڙ نڪري ويئي:

"آه! اوهان تہ اڄ اسان ڪي ڏکائي ڇڏيو هو! اوهين ڪيڏي نہ خطري هيٺ رهي، پنهنجو ڪم ڏٺا ڪريو. اوهان جي زندگي تہ جڏ پنهنجي زندگي ئي ڪانهي. ائين ٿو ڏسجي تہ اوهين هر گهڙيءَ ٻين جي هٽ وس آهيو، بنهہ ائين جڏ ڪو آپ ڪريءَ تان هلي رهيو هجي! آڳ اهڙي ڊپ واري حماقتي تہ هوند پندرهن ڏينهن ۾ گذاريَ نہ سگهان!"

"نہ آڳ ئي!" امڙ ڪٺرين چيو:

۽ اسان ۾ ائين سمجهيو ٿي. پر شاويل هو، سو ٻيڻو مرڪندو رهيو.

"اڙي واهہ!" هن چيو، ۽ پنهنجي جاءِ ونڊي ويهي رهيو. "اهو سيڪجهہ ڪوڏهي ــ اهو اڄ تہ هڪ طرح جو کيل ئي آهي. ڏهہ سال، پندرهن سال اڳي جو وقت البت ڏکيو وقت هو. تڏهن ائين هو، جو آڳ ڪٺن جي منهن ۾ هوس، پڇندو ۽ لکندو ئي رهندو هوس، آنهن ڏينهن ۾ جيڪڏهن امسٽرڊام يا لزبن شهرن جي ڇپيل ڪتابن سان جهلجي پوان ها، تہ هوند لابراقس مان ٻي وکت، منهنجي عمر- بانڊي

وانجهين سان موت جي ويڑن جي ترن تائين پهچي وڃي ها؛ ۽ آن کان ڪجهه سال اڳ ته هوند آتي ٽڏي تي ئسي ڦاهيءَ تي ٽنگي ڇڏينم ها. هائو، آهو ڪم خطرناڪ هو. پر اڄ، مون کي جهلي به وڃن، ته به گهٽي وقت تائين بند ۾ رکي نه سگهندم، نه ئي پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ جي نالي ٻڌائڻ لاءِ، کي منهنجون ٻانهون ۽ ٽنگون ئي ڇڪي وجهندا."

" ٽڏهن به"، استاد جين چيو، " تون اڳهرو بلڪل بي او نو ته ڪونه هئين! تو ٽيلهي ۾ ڪجهه لڪائي رکيو هو، هائو نه؟"

" بلڪل. ۽ هيءُ هو آهو ڪجهه." هن اخبارن جو هڪ ٽهو اڇلائي ميز تي رکيو. "انهن مان اوهين ڏسو ته اڄ اسين ڪٿي بيٺا آهيون."

پوءِ در، دريون ۽ ڇت تائين جا روشندان بند ڪري، اسين پڙهڻ ويٺاسين، ويندي پريءَ اڌ رات تائين؛ ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته آءٌ اوهان جي اڄ هڪ طرح جي خدمت ئي ڪري سگهندس، جو آنهن ڏينهن جي آنهن پراڻين اخبارن مان ڪي ٽڪرا هتي نقل ڪري ڇڏيان. رڳو اهو ئي اوهان کي ٻڌائڻ ته شاهي دربار جا گماشتا ۽ جيي- حضوري آنهن ڏينهن ۾ ڇا سوچي ۽ محسوس ڪري رهيا هئا، اوهان لاءِ وڏيءَ دلچسپيءَ جي ڳالهه ٿي سگهي ٿي.

هر هنڌ امير لوڪن ۽ علائقائي 'پارليامينٽن' طرفان، متفق طور، اسٽيٽس- جنرل جي مخالفت ٿي رهي هئي. فراڪوآي علائقي ۾، بهسنڪان شهر جي ماڻهن پنهنجي اڳوڻيءَ عوام- مخالف پارليامينٽ کي ميڙي، هڪالي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو، جو ته آن اسٽيٽس- جنرل بابت بادشاهه جي اعلان جي مخالفت ٿي ڪئي ۽ اهو بيان ڏنو ته 'امير جون زمينون قدرتي طور تي ڏان ڪان ڇٽل هيون، ۽ آهي گذريل هڪ هزار سالن کان آئين هيون، ۽ آنهن کي هميشه ائين رهڻو هو.'

پراونس علائقي ۾ پڻ امير جي اڪثريت ۽ اتان جي 'پارليامينٽ'

بادشاهه جي اعلان تي احتجاج ڪيو هو؛ ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ پهريون پيرو آتي ميرابو جو نالو مشهور ٿيو، جيڪو امير هو پر هن جي طبقي جا ٻيا امير هن کان بيزار هئا، جنهن ڪري هو "ٽي‌۽ اسٽيٽ" ۾ شامل ٿي ويو هو. هن شخص اعلان ڪيو تہ "امرن ۽ علائقائي "پارلياميٽ" جا احتجاج نہ مفيد هئا نہ مصلحت پرياڻ ۽ نہ قانوني." ان کان اڳ ڪنهن به ايتري زور سان، ايتري انصافي انداز ۾، ۽ ايتري شانائتي نموني سان اهي گالهيون نہ ڪيون هيون. هن جي برابر واري طبقي جي ماڻهن، بهرحال، هن کي پاڻ کان ڪمتر سمجهيو ۽ پنهنجي پڙهڻ-ڌهڻ ۽ مان، پنهنجي صلاح مصلحت جي دائري مان ڪيئي ڇڏيو: ان مان، هڪ معنيٰ ۾ واقعي سندن ڏاهپ ئي ٻي بڻي.

هر هنڌ، اهي جهيڙا هلندا ٿي رهيا. برطانيہ جي علائقي جي رينيز شهر ۾، امير لوڪن ڪن بورجئوا (شهري ملڪيتدار ۽ آنهن جي سائي) ماڻهن کي، جن بادشاهي اعلان جي حمايت ٿي ڪئي، ماري ڇڏيو هو—خاص طرح آنهن جي اهڙن نوجوانن کي گولي گولي، هنن ماريو هو، جيڪي پنهنجي همت ۽ حوصلي جي ڪري مشهور هئا. آتي آهي بورجوا لوڪ ٽورائيہ ۾ هئا، ان ڪري آنهن آنهيہ علائقي جي بين شهرن ڏانهن نياپا موڪلي، آتان پنهنجا حمايتي گهرايا. انهيہ ريت، مثال طور، نئنٽز ۽ آنجرس جي شهرن پنهنجن آنهن ساٿين جو، هيٺين لفظن ۾، سڏ ۾ سڏ ڏنو ۽ تکا تکا، ڪوچ ڪندا، آنهن جي مدد لاءِ وقت اندر آتي وڃي پهتا هئا:

"رينيز ۾ واقع ٿيل آنهن دل لرزائيندڙ خونن جون خبرون ٻڌندي؛ بدلي لاءِ عام دانهن ۽ سخت رنجش ۽ غصي پريل جذبن کي آوائيندي؛ اهو چاڻندي تہ "ٽي‌۽ اسٽيٽ" جي وفاشعار رعيت جي غلاميہ مان ڇوٽڪاري لاءِ اسان جي اعليٰ شان بادشاهه سلامت جي حڪمن جي خود غرض امرن جي طرف کان انحرافي ٿي رهي هئي، جن رڳو بد نصيب ۽ مسڪين ماڻهن جي گوڙهن ۽ ڏکيہ حالت ۾ پنهنجو فائدو ٿي سمجهيو ۽ آها حالت آنهن جي ايندڙ نسلن جي مٿان به آئين قائم رکڻ ٿي گهري؛ عام جي پنهنجي گڏيل طاقت جي شعور

جي اثر کان مجبور ٿيندي؛ ۽ اهو چاهيندي تہ زنجير جو آخري رهيل ڪڙو ٽوڙڻ ڪپي، جنهن ۾ اسين جڪڙيل آهيون ـــ اسين چئون ٿا تہ پنهنجن خيالن جي انهن آجهل وهڪرن جي آڇ ۾ ايندي، اسين اهو ارادو ڪري آڻيا آهيون تہ ڪائي تعداد ۾ گڏجي نڪرون ۽ اڳتي وڌون ۽ وڏي امير شاهيءَ جي ذليل وصي وارثن تي اڄ پنهنجو فيصلو صادر ڪريون. ان سلسلي ۾ اسين اڳواٽ اعلان ٿا ڪريون تہ اسين آنهن سيني فتوائن کي هيچ ٿا سمجهون جيڪي اسان تي بغاوت جا ڏوهہ مڙهيندیون، ڇو تہ اسان جون دليون صاف آهن ۽ اسان جا ارادا نيڪ آهن؛ ۽ اسين پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي آبروءَ جو قسم کٽي؛ ائين ٻڌ ڇئون ٿا تہ جيڪڏهن ڪا بي انصاف عدالت اسان تي ڪا روڪ رکندي يا بندش وجهندي، تہ اسين اهو سيڪجهہ ڪري گذرنداسين، جيڪو لاچاريءَ ۾ پنهنجي فطرت کان مجبور، پنهنجي پوريءَ همت جي آڌار تي سڀ آسان ڪندا آهن، جڏهن هو پنهنجي سلامتي خطري ۾ ڏسندا آهن. ـــ نئنتوز شهر جي، هوٽل دي ـ لا ـ بورس ۾، سال ۱۷۸۹ع جي جنوري مهيني جي اڻويهين ڏينهن تي هيءَ قبوليت نامو طيءَ ڪيو ويو."

جن ماڻهن پاڻ ۾ هي قبوليت نامو طيءَ ڪيو، اهي سڀ نوجوان هئا ۽ واپار ڪندا هئا.

ٻيا ـــ آئنجرس شهر جا شاگرد ـــ آنهن سان ڪوچ ۾ شريڪ ٿيا؛ آن بهادر سرزمين جي زالن هيءَ عهدنامو لکيو:

"....آئنجرس شهر جي نوجوان شهرين جي مائرن، ڀينرن، زالن، ۽ محبوبائن پنهنجي غير معمولي گڏجاڻيءَ ۾ هيءَ فيصلو ڪيو: ذڪر ڪيل نوجوانن جو ٿهراءُ ٻڌهڻ کان پوءِ، اسين هيءَ اعلان ٿيون ڪريون تہ جيڪڏهن ڪنهن گڙٻڙ يا آزار وري مٿن ڪيو، ۽ شهرين جي سيني ڏرين گڏيل مقصد لاءِ ٻڌي ڪئي، تہ اسين ٻڌ قوم سان شريڪ ٿيندیون سين، ڇو تہ قوم جا مفاد اسان جا مفاد آهن؛ آن سلسلي ۾ اسين، پنهنجي لاءِ لاڇاپيل ۽ مناسب ڪمن کاڇن جو خيال رکندي، سڄي آن گهربل ساڄ سامان ۽ کاڌ خوراڪ جي سنڀال جو

ڏنو پنهنجي سز تي ڪٽنديون سين، ۽ پڻ ملڪ، آرام ۽ دلدارين ڏيندڙ خدمتن جي بجاآوري ۾ پنهنجي حوالي ڪنديون سين، جيڪي خدمتون اسان جي ٿي وس ۾ ۽ اسان جي ٻي ڏاڍ جون سمجهيون وچن ٿيون. ساڳئي وقت اسين ائين ۾ چئون ٿوون ته جيتوڻيڪ اسين بادشاهه سلامت جي عزت ۽ فرمانبرداري ڪان ڪنهن به طرح انڪاري نه آهيون، پر ساڳئي وقت اسين پنهنجن ڌڻن، مڙسن، ڀائرن ۽ محبوبن لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، ڇو ته اسين بي حما ٻڌجي، بي عمل ٿي بيهڻ کان انهن سان شامل ٿي، انهن جي خطرن ۾ پاڳي پائيوار ٿيڻ جي شان کي وڌيڪ بهتر سمجهون ٿيون."

جئن اسان اهي گالهيون پڙهيون ته اسان جون اکيون ڳوڙهن ۾ ٻوڙجي آيون ۽ پاڻ کي چوسين:

"اهي آهن، اسان جي اکين آڏو اسان جا سچا نوجوان ۽ اسان جون بهادر ڀائرون، ۽ پيارون! اسين پاڻ به ائين ڪنداسين!"

ان کان به وڌيڪ هيءَ ته اسين سڀ ڀيڻ ته پاڻ کي پنهنجن ارادن تي عمل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ تيار ۽ وڌيڪ لائق به سمجهڻ لڳاسين!"

شاويل پنهنجي آڱر آپي ڪري، اسان کي چوڻ لڳو:

"پل ته امير لوڪ، پادري لوڪ، ۽ سندن اڄ جون ڪئي "پارليامينٽون" اسان جي اها گالهه پڌن، ۽ سمجهن به. اها هڪ شاندار علامت آهي، جو زالون ۾ حق جي جدوجهد لاءِ ميدان تي نڪري اچن، ۽ قرباني جي راهه کان پنهنجن ڀائرن، مڙسن ۽ محبوبن کي روڪڻ بدران خود پاڻ ئسي آن راهه تي هلڻ لاءِ انهن سان شريڪ ٿين. ائين سدائين ڪونه ٿيندو آهي، پر جڏهن ٿيندو آهي، ته ٻي ڏڙ ڇڻ اڳواڻ هارائيج ويهندي آهي.

(۱۰)

ڪجهه ڏينهن پوءِ (مارچ ۱۷۸۹ع جي ويهين تاريخ، جڏهن برف رڇ شروع ڪيو هو) اهي خبرون پکڙي ويون تہ شاهي مُهرن لڳل وڏا وڏا پوسٽر، اڳينءَ رات ديوالين تي، خانقاهن تي ۽ چائڙين تي لڳي ويا هئا، جن ۾ اسان کي فاس برج جي شهري هال ۾ گڏ ٿيڻ لاءِ سڏيو ويو هو.

سو، اهو سڀ سچ هو! آنهن پوسٽرن امرن، پادرين ۽ پٺ ٽيءَ اسٽيٽ کي دعوت ڏني هئي تہ هر انتظامي ٽڪ ۾ هو گڏ جاڻون ڪن ۽ اسٽيٽس - جنرل لاءِ تيار ٿين.

ان سلسلي ۾ بهتر آهي تہ اوهان جي آڏو آنهن پوسٽرن جو نقل هيٺي پيش ڪجي، تہ اوهين ڏسي سگهو تہ آنهن ڏينهن جي اسٽيٽس - جنرل ۽ اڄ جيئن آن جي صورت آهي، آنهن ۾ ڪهڙو فرق آهي:

"بادشاهه سلامت جو فرمان، جنوري ۱۷۸۹ع جي چوويهين ڏينهن تي جاري ڪيل، اسٽيٽس - جنرل جي سڏائڻ بابت، شاهي پروانن جي تعميل جي سلسلي ۾: بادشاهه سلامت پنهنجي زير اطاعت سڀني علائقن ڏانهن اسٽيٽس جنرل جي ميڙ بابت پروانا جاري ڪيا آهن؛ ان سلسلي ۾ بادشاهه سلامت جي اها خواهش آهي تہ سندن رعيت جا ماڻهو پنهنجن عيوضين جي چونڊ لاءِ جدا جدا انتظامي ٽڪن ۾ گهرايا وڃن، جڪي پوءِ آن عظيم ۽ باوقار ميڙ ۾ ويهڻ جي قابل سمجهيا ويندا؛ ان لاءِ، بادشاهه سلامت هن فرمان ذريعي چاهين ٿا تہ سندن سلطنت جي ڪنڊ ڪڙڇ جا، ويندي ننڍن ننڍن واهڻن ۽ غريب ڪان غريب بستين جا، سڀ ماڻهو پنهنجين دعوائن ۽ پنهنجن امنگن جو اظهار ڪن. ان طريقي سان (بادشاهه سلامت کي يقين آهي تہ) ٽيءَ اسٽيٽ جي ترجماني لاءِ جڪي وچ وارا هي ميڙ آنهن جي عيوضين جي چونڊ لاءِ سڏايا ويا آهن، آنهن عام ميڙن جي معرفت بادشاهه سلامت سڄيءَ پنهنجيءَ رعيت سان گويا مُنهان مُنهن گالهائي ۽ آنهن جا دک درد ٻڌي سگهندو، ۽ ائين سڀ کان وڌيڪ تسليءَ سان ۽ سڌيءَ

طرح هو آنهن جي خواهش ۽ گهرجن کان واقف ٿي سگهندو."

آن کان پوء، پوسٽرن ۽ امير لوکن ۽ پادري لوکن بابت ۽ آنهن جي گڏجاڻين بابت چيل هو تم بشاپ، خانقاهن جا مهنت، ديولين جا پادري، وڏا ۽ ننڍا ـــ مطلب تم سڀ ملکيت دار دينيءَ اڳواڻ ـــ کيترا پنهنجا عيوضي ضلعي اسيمبلين ۾ ۽ آن کان پوء مٿي اسٽيشن جنرل ڏانهن سوکلي سگهندا.

پوء آهو وڏي آنهن گالهين تي آيو، جن جو آسان عام لوکن سان تعلق هو!

"پهرين تم پادرين جي حدن، ميونسپل حدن ۽ شهرن ۾ عام ماڻهو پنهنجي عام مشترک جاين تي، کنهن مڪاني جج يا عملدار جي آڏو گڏجي ويهندا. اهڙيءَ گڏجاڻيءَ ۾ سڀني آن ايزاضيءَ جي رهاکن کي شريک ٿيڻ جو حق رهندو، جيکي 'ٿيءَ اسٽيٽ' جا ماڻهو هوندا (پوء آهي فرينچ هجن يا ٻاهران آيل، پر فرينچ ٻڌجي يا ٿي چڪا هجن)، بشرطيڪ عمر ۾ آهي پنجويهن يا آن کان مٿي سالن جا هجن ۽ مناسب طرح آسي رهائش پذير هجن ۽ مڪاني محصول پيارينڊن جي فهرست ۾ داخل ٿيل هجن؛ اهڙين گڏجاڻين ۾ شامل ماڻهن جو ڪم هوندو تم پنهنجن شڪايتن ۽ اهنجن ايذائن ۽ گهرجن جا بيان تيار ڪن، ۽ پنهنجا عيوضي نامزد ڪن.

"پيو، آهي سندن نامزد ٿيل عيوضي پوء ميونسپل آفيسرن جي صدارت هيٺ شهر جي مرڪزي هال ۾ گڏ ٿيندا؛ آن موڙ کي 'شهر جي ٿيءَ اسٽيٽ جي اسيمبلي' سڏيو ويندو؛ آها اسيمبلي سڀني پهتل بيانن جي ڇڪاس ۽ چنڊچاڻ ڪري هڪڙو بيان تيار ڪندي، ۽ آن کي ضلعي اسيمبليءَ آڏو پيش ڪرڻ لاء پنهنجا عيوضي نامزد ڪندي.

"ٽيون، پادرين جي حدن، ميونسپل حدن ۽ شهرن جي عام ماڻهن جا موڙ، هر ٻن سؤ چُلهين پيران پوء، ٽن سؤ چُلهين پيران ٿي ـــ ان طرح پنهنجن بيانن پيش ڪرڻ لاء پنهنجي ضلعي اسيمبلين تي، پنهنجا عيوضي نامزد ڪندا.

چوڻون، ضلعن ۾ ائين ٿيءَ اسٽيٽ جي عيوضين جا ابتدائي ميڙ ويهندا ۽ آني پهتل بيانن کي وڌيڪ چڪاسي، چنڊي چاڙي، هڪ گڏيل بيان تيار ڪندا، ۽ پاڻ مان هر ڇهن عيوضين پيران هڪ عيوضي نامزد ڪندا، جيڪي پوءِ ضلعن جي جنرل اسيمبليءَ آڏو آهي بيان پيش ڪندا، ۽ آهي عيوضي ٿي اسٽيٽس-جنرل لاءِ ٿيءَ اسٽيٽ جا عيوضي شمار ٿيندا.

"پنجون، بادشاهه سلامت جو فرمان آهي تہ هر ضلعي جي ابتدائي ميڙ ۾ ڏهوين پهتل بيانن جي چڪاس ۽ ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي ۽ آنهن جو هڪ گڏيل بيان تيار ڪيو ويندو، ۽ پوءِ اسٽيٽس-جنرل لاءِ ٿيءَ اسٽيٽ جي عيوضين جي چونڊ ڪئي ويندي."

پوسٽرن جي ان سڄي مضمون مان ائين ڏسي ٿو سگهجي تہ جيئن اڄ آهي، جو عيوضي ائين نامزد ٿا ڪيا وڃن، جو آنهن جي آسان کي اهڙي ٿي خبر هجي ٿي جهڙي ڏاڏي آدم ۽ ڏاڏيءَ حوا جي، ۽ آنهن کي سفارشن جي لسٽ هٿن ۾ ڏيئي چئون ٿا تہ پئرس ۾ وڃي آنهن کي پيش ڪن؛ تيئن آن ڏوڙ ۾ نہ هو: پر تڏهن هيءَ دستور هو تہ، پنهنجيءَ پوريءَ سمجهه مطابق، پنهنجي ڳوٺ يا محلي مان ٿيَ ماڻهو چونڊيا هئا، ۽ آنهن وري پنهنجي پاڻ مان سڀ کان وڌيڪ لائق، باهمت ۽ پڙهيل ميمبر چونڊيا ٿي، ان لاءِ تہ آهي آسان جون شڪايتون، آسان جا اهنج ايذاءَ ۽ آسان جون گهُرون بادشاهه، شهزادن، امير ۽ وڏن پادري حضرات جي آڏو رکن تہ جيئن آسان لاءِ ڪجهه نہ ڪجهه ڪڍائيءَ جي صورت ممڪن بڻجي سگهي.

جيڪڏهن اوهين ان ڳالهه تي ويچار ڪندا تہ ۱۷۸۹ع ۾ آسان جا عيوضي چا ڪجهه ڪري سگهيا، ۽ اڄ جا عيوضي چا ڪجهه ڪري رهيا آهن، تہ اوهين فوراً ڏسي مان بهتر صورت جو فيصلو پاڻ ئي ڪري سگهو ٿا ــ يعني اها ئي جنهن ۾ عام لوڪن لاءِ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجن عيوضين کي چونڊڻ" ۽ قبول ڪرڻ" ممڪن هو، جن کي هو چاڻندا سڃاڻندا هئا، ۽ نہ اها صورت جنهن ۾ وقت جو حاڪم پنهنجي پسند مطابق سندن عيوضي نامزد ڪري، ڪائٽن رگهو آنهن لاءِ 'هائو' يا

۽ نہ' جو جواب ٿو وڃي. هي۽ گالهه، بهرحال، آڳ اِن لاءِ ڪونہ ٿو ڪريان تہ اسان جي اڄ جي حڪمرانن يا اسان جي ائين چونڊيل عهوضين جي ڪا گهٽتائي ٿئي. منهنجو مطلب اِهو آهي تہ بهترين شين ۾ بہ هڪ کي بي۽ کان بهتر سمجهي ڪٽڻ ممڪن هجي ٿو. ڇا بہ هجي، پر اِها گالهہ تہ صاف آهي تہ لوڪ جو عيوضي آن کي ٿو چڻجي جهڪو لوڪ جي گالهہ ڪري، جيڪي هن کي چونڊي پنهنجو عهوضي پڻائين ٿا، ۽ نہ آهو جيڪو ضرور لوڪ جي **سرڪار** جي گالهہ ڪندو جنهن هن کي نامزد ڪري لوڪ کان رڳو هن جي قبوليت ورتي هجي. هي۽ تہ ڏنل واڌل، عام سمجهہ جي گالهہ آهي. سمجهو تہ بادشاهہ لوئيي سورهين آنهن ڏينهن ۾ پنهنجن صلاحڪارن ۽ بيلفن، صوبائي گورنرن ۽ مارشلن وسميل ٿي۽ اسٽيٽ' جا عيوضي پاڻ نامزد ڪيا هجن ها، تہ آن حالت ۾ چا ٿئي ها؟ آنهن عيوضين کي ڪڏهن بہ بادشاهہ خلاف اختلاف ڪرڻ جي همت ئي ڪانہ ٿئي ها، ڇو تہ هو هُن جا ئي نامزد ڪيل هئا ـــ هو تہ هر آها گالهہ قبولين ها جيڪا سرڪار چاهي ها يا پسند ڪري ها، ۽ اسين اڄ بہ ساڳيا آهي ئي پنهنجي ڏوجهري ۽ ڏک ۾ ٻڏا پيا هجون ها.

تہ جڏهن اِها اسان کي خبر پئي تہ ملڪ جي استيٽس-جنرل، وڏي عام اسيمبلي، سچ پچ گڏجي رهي هئي، تہ اسان کي جيڪا خوشي ٿي، جهڪو آتساهہ اسان محسوس ڪيو، آن جو بيان آڳ ڪري ئي نٿو سگهان؛ ڇو تہ اوسين تائين، بهرحال، آن بابت اسان کي شڪ هئا. ڪيئي ڀيرا، بلڪ سدائين ڪجهہ ڪجهہ، اسان جو ڪنهن گالهہ تي اعتبار ئي نہ رهيو هو؛ ۽ هن ڀيري گالهہ هٿ واري نہ هئي.

ساڳئي آنهي۽ ئي ڏينهن، شام جو پنجين وڳي، استاد جن ۽ آڳ بڻي۽ ۾ پنهنجي ڪم کي لڳا پيا هئاسين: هر ڀيري، وڏي چمني ۾ لوهہ جو ٽڪرو ڀيڙي جڏهن هُن بڻي۽ ۾ ٽي وڌو، تڏهن سڄي پنهنجي موڪري مُنهن تي وڏي هڪ سُرڪ آئيندي، هُن رڙ ڪندي مون کي چيو ٽي:

"ڀنہ پوهہ سچيل! وڏي اسيمبلي ٽي رهي آهي؟"

۽ سون ڪلندي، جواب ڏي ڏنو:

"هائو، استاد جين، ڳالهه هاڻي سچ پچ پنڌ ۾ آهي!"

پوءِ ٻيهڻ ڪان سواءِ مطرقا ڏڪ ڏکان ۾ پنجي ويندا هئا، ڇو ته دل جي خوشيءَ مان ماڻهوءَ ۾ طاقت ۾ آهَا ئي اچي ٿي.

درن ٻاهران گپ ۽ چڪ ۾ ايتري هئي، جيتري اڳ ڪڏهن ۾ اسان ڪانه ڏٺي هئي. برف ڳري رهي هئي، ۽ ٽمندڙ ۽ سورڪندڙ پاڻي آها گپ وهائي، ڪٽي وڍ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ۽ اوسي پاسي ڪڏون ڪوٻا ڀري رهيو هو. ويرم ويرم ڪان پوءِ، زالون ٻهارا ڪٽي، ٻاهر ٿي نڪتيون ۽ آهو آتان ڪيي اڳتي آماڻي ٿي ڇڏيائون، پر ائين هڪ دڪ هڪ بدنصيبي، آهو سلسلي سان ٻيو دڪ، ٻي بدنصيبي آڻي ٿي. بادشاهه لاءِ ۽ بادشاهه جي نالي ۾، ۽ هونئن ۾ امير لوڪن ۽ پادري لوڪن لاءِ، بيگريون وهندي وهندي، پنهنجي گوٺ جي گهٽيءَ ڪي پڪي ڪرڻ جو خيال ڪنهن جي من ۾ مشڪل ئي اچي ٿي سگهيو، ڇو ته هر ڪنهن آرام ڪرڻ جو سڪ چاهيو ٿي، ۽ آن لاءِ پاڻ آڇلي، مٽيءَ ۾ ئي هو سنئون سڏو ٿي، سمهي ٿي رهيو.

او چتو اسان ڏڪڻ جي آڏو لابراقس جا ڪي وڏيءَ عمر جا پنج ڇهه ماڻهو ٻرن جُهن پاتل ڏٺا، جي آيا، ۽ مٿن تان لٽڪل ڪنن وارا ٽوپلا لاهي، هٿن ۾ جهلي، رسمي نموني ٿي، اچي بيٺا. آهي جئڪس ليٽوبيئر، ٽڪولس ڪوچارت، ڪلاڊ هُوري، گائيئر ڪورٽائس، ۽ ٻيا تڙ جا نيڪ مرد هئا.

"سو، تون آهين، ليٽوميئر؟" استاد جين آنهن کي ڏسي ڏاڍيان چيو. "۽ تون، هُوري؟ ڏيو خبر، ڪيئن آيا آهيو؟"

ائين چئي، هن ٽهڪ ڏنو. آيل هميراهم، بهرحال، چپ چاپ، گنيير منهن ڪيو، بيٺا ئي رهيا. ڊگهي ليٽوميئر، جيڪو ننڍي درڪان نيوڙي اندر آيو هو، گهڙيءَ ڪان پوءِ، نڙيءَ مان گهرو آواز ڪندي، جيئن ٽانوڻ وڪڙ وارا ڪندا آهن، چوڻ لڳو:

"استاد جين لهرو، تنهنجو وقت وڻنداسين، توسان اسان کي ڪي حال احوال ڪرڻا آهن."

"مون سان؟"

"هائو، توسان، چولبن بابت."

"آها، آها! سڀو، تمام سڀو! مهربانَ اندر اچو، باهرگپ ۾ ڇو بيٺا آهيو؟"

ان تي هو، هڪ هڪ ٽي، سُري اندر ٽياء ۽ سڄي اسان جي بٽڻيءَ جي سوڙهي ڪوٽي ڀرجي ويئي. پوءِ پوريءَ پنهنجيءَ ڪوشش سان، تم گڏجاڻيءَ ۾ مناسب نموني گالهه ڪيئن شروع ڪجي، استاد جمن ڇيو:

"ڇا گالهه آهي؟ مون کان اوهين ڇا ٿا پڇڻ چاهيو؟ حجاب نه کريو، اوهان جي کابه گالهه مناسب هوندي، تم اوهين تم مون کي چاٽو سڃاڻو ٿا."

"گالهه هيءَ آهي،" کاسائيءَ کو چارٽ ڇيو؛ "توکي خبر آهي تم لابراقس جي ٽن حصن ۾ پنهنجا ۾ سؤ گهر ٽين ٿا، انهيءَ کري پاڻ کي ہن عهوضين چونڊڻ جو حق آهي؟"

"هائو، پوءِ؟"

"تم گالهه اها آهي تم تون هتي سُک ماڻهو آهين. اها گالهه چوڻ جي کانهي. اسين رکيو ان ۾ منجهيل آهيون تم بٽي عهوضيءَ لاءِ ڇا کريون!"

"ڇا؟ اوهين مون کي چونڊڻ ٿا گهرو؟" استاد جمنَ دل ۾ ڪجهه خوش ٿيندي، وڏي واڪ ڇيو.

"بلڪل. پر بٽي لاءِ ڇا ڪجي؟"

ان تي استاد جمن، ڪافي خوش مزاجيءَ ۾ ايندي، جواب ڏنو:

"هين بٽيءَ ۾ تم بهٽي بهٽي، پاڻ پڇي ويندا سين. اچو تم ڪلال خاني ۾ هلي ويهون، ۽ آتي گڏجي ويهي، گلاسُ ۾ خالي کريون. ائين پنهنجا مغز بم ڪُلندا!

ان تي (هي ڪهڙي گالهه ڪجي!) سيني "هائو" ڪئي. مون پاڻ تم پوئتي بٽيءَ ۾ ترسڻ جي ڪئي، پر استاد جمن، ويندي ويندي، رستي جي وچ تان رڙ کري، مون کي ڇيو:

"اي، چيل! اڇ، اڇ، اتي ڇا ٿو ٻڌو ڪرين؟ ڏسڻ ڏينهن تي تم هرڪنهن کي گڏجي ويچارڻ ڪپي!"

پوءِ اسين سڀ گڏجي، ڪلال‌خاني ۾ اندر گهڙياسين، ۽ درين ڪان، ميز جي چؤڌاري ٽي، ويٺاسين. استاد جين شراب گهرايو. مڱڻ گهرايا ۽ روٽ گهرايو، ۽ چُريون گهرايون. مڱڻن کي اسان هڪين سان ٽڪرايو، ۽ پوءِ، جيئن اڙ ڪٽرين اڇان اسان ڏانهن ائين رازداريءَ سان گڏ ٿي ويهڻ تي عجب ٿي پئي ڪاڏو، ۽ ليٿوميٽر، پنهنجا چپ اڳهندي، هن کي موقعي جي گهالهه بابت ڪجهه سمجهائڻ ٿي ٿي گهريو، تم استاد جين شروع ٿي ويو:

"آءٌ خوش آهيان، جو اوهان مون کي نامزد ڪيو آهي، بلڪ اِها پنهنجي عزت ٿو سمجهان. اوهان جي اِن آڇ کي قبول ٿو ڪريان، ڇاڪاڻ تم هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪ لاءِ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ ڪپي. پر آءٌ اڳواٽ ئي اوهان کي چتائي ڇڏڻ ٿو گهران تم، جيڪڏهن اوهين شاويل کي ۾ نامزد نه ڪندا، تم مون اوهان جي جا گهالهه قبولي آهي، سا ڪالهه قبولينديس. ۽ اوهان کان معافي ونڊي آن جو انڪار ڪنديس."

"ڇا؟ شاويل، اِهو ڪالورينيي؟" مٽو ڦيرائي، استاد جين ڏانهن ڪندي، ۽ پنهنجون اکيون ڦاڙي، ليٿوميٽر رڙ ڪئي. پيا ۾ حيرت وچان ۽ خوفائجي هن ڏانهن ڏسڻ لڳا، ۽ چوڻ لڳا:

"اِهو ڪالورينيي اسان جو عيوضي ٿئي؟ اِهو؟"

"ٻڌو!" استاد جين چيو. "اسين عيوضي آتي اِن لاءِ ڪونه ٿا وڃون تم آتي وڃي دين مسيح جي ڪا ڪليسائي مجلس قائم ڪريون — پنهنجي مقدس دين جي اسرارن بابت آتي ويهي ڪي آهار ويچار ڪريون يا خداوند قدوس جي پيارن درويشن ۽ فقيرن جا ذڪر اذڪار ۽ آنهن جي روحانيت جي اوچين منزلن بابت پاڻ ۾ ڪي آخري فيصلا ڪري آڻون، وغيره، وغيره. نه، اِين ڪونهي. آتي تم اسين وڃون ٿا خالص ڪاروباري ٻڌجي، ۽، سڀ کان وڌيڪ، اِن گهالهه لاءِ تم اسين ٽڪسن، چُونگين ۽ ٻين پرٽن کان، ۽ بيگرين ۽

هن چئين کان بچون، ۽ پنهنجن نوابن، سردارن ۽ رئيسن کي ڏاڍي‌ءَ مان وڃي لوڏا ڏيون، ۽ اڃان به جي ممڪن ٿي سگهي تہ دنيا ۾ پنهنجي سک ۽ سوڀ‌ا جو پاڻ آنهن جي ظلم جي آڙاهہ ۾ سڙي رک ٿيڻ کان بچائي وڃون. برابر آڻ پاڻ سمجهدار ماڻهو آهيان ـــ ڪم از ڪم سون کي اها اسد آهي؛ پر رڳو ايترو، ايڏي وڏي داوَ کٽڻ لاءِ ڪافي نہ آهي. برابر آڻ پڙهي سگهان ٿو، لکي سگهان ٿو، ۽ آڻ اهو به سمجهان ٿو تہ آئرَ پئني‌ءَ تي ڪٿي ٿا گاڙ ڪن، ۽ ضروري جيڪڏهن فقط اها گالهہ هجي تہ جلاد جهان بهي وڏي ڪارڙ ڪجي، تہ ڪوارڊرويئٽ يا ميٽل بران يا ٻئي ڪنهن گوٽ جي هڪ نہ ٻئي ماڻهوءَ وانگر آڻ ائين به ڪري سگهان ٿو؛ پر گالهہ اها ڪانهي. اسين آتي وڃون ٿا جتي اسان جو واسطو هر طرح جي لغورن ۽ دلالن سان ۽ بيلفن ۽ بي ترس ڪارندن سان پوي ٿو، ۽ پڻ تمام وڏي‌ءَ تعليم وارن سان جيڪي اسان کي پنهنجن ڪارڪردگين بابت دليلن سان مُنهن ڏيندا ـــ اهي سڀ جيڪي قاعدن ۽ قانونن تي ٻڌل هوندا، ۽ رسمن رواجن ۽ دستورن تي ۽ هن، هُن يا ٻي‌ءَ ڪنهن تي‌فهمي‌ءَ جي گالهہ تي بيٺل هوندا. اِن ڪري، جيڪڏهن اسين آنهن ماڻهن کي آهڙي‌ءَ ئي صفائي‌ءَ سان ۽ تڙ جواب ڏيئي نہ سگهنداسين، تہ هو هميشہ لاءِ اسان جي پيرن ۾ ڏاوَڻ وجهي، پنهنجو مطمع ڪري ڇڏيندا. چا، اها گالهہ اوهين سمجهو ٿا!"

جنهن تي، ليٽوميئر ويچاري جو وات ڦاٽي، وڃي ڪنن سان لڳو.

"هائو"، هُن چيو. "پر شاويل ـــ شاويل جو اِن ۾ چا؟"

"ٻيهر تہ آڻ گالهہ پوري ڪريان" استاد جينَ هن کي آتر ڏنو. "آڻ تمام گهڻو چاهيان ٿو تہ اوهان جوعيوضي ٿيان، ۽ جيڪڏهن اسان جي ماڻهن سان ڪوبہ ٻيو اسان جي پاران آتي گالهائڻ جهڙو هجي، ۽ آتي گالهائيندو، تہ آڻ هُن جي پرپور حمايت ۾ ڪري سگهندس؛ پر اسان جي مخالفن کي جواب ڏيڻ جي جيڪا گالهہ آهي سا پنهنجي پاڻ ڪان زور آهي ـــ نہ پنهنجي ايتري تعليم

آهي، ۽ نہ سون کي ايتري چاڻ آهي. هاڻي، اوهين منهنجي گهالهه ٻڌو! سچي اسان جي تہ ۾، جيڏانهن به اوهين چاهيو اوڏانهن نگاهه ڪري سگهو ٿا، ڪو به اوهان کي شاويل جهڙو لائق ۽ قابل ماڻهو نہ ملندو، جيڪو گهالهائي سگهي ۽ اسان جو بچاءُ ڪري سگهي. هو هر شيءَ کان واقف آهي ــــ قانونن ۽ رسمن رواجن کان، ۽ دستورن، قاعدن، هر شيءَ کان. هاڻي اهو نديڙو ماڻهو آنهن سڀني ڪتابن جي گهالهن کي چاٽي ٽوڙيڪي هو گذريل پنجويهن سالن کان ٻڌيءَ تي ڪنيو پئي هليو آهي. سفر ۾ ويندي ويندي، اوهين سمجهندا هوندا تہ هو ساڄي نهاري ٿو ۽ ڪاهي نهاري ٿو ــــ ڪيتن ڏانهن، ۽ وٽن ڏانهن، ۽ لوڙهن ڏانهن ۽ ٻلهن ۽ دريائن ڏانهن نهاري ٿو. پر نہ، سڄو وقت هن جو نڪ هن جي ڪنهن نہ ڪنهن نديڙي ڪتاب تي لڳل رهي ٿو. يا وري ڪنهن نہ ڪنهن گهالهه سان هو پنهنجي من ۾ جهوڙيندو ٿو رهي. اِنهيءَ سبب جي ڪري، اوهين، جي ڀريا نہ آهيو، ۽ پنهنجي بيگر ۽ پنهنجون ٽڪسون ۽ پنهنجا مالي بارَ لاهڻ ۾ گهرو ٿا، تہ پوءِ تہ اوهان کي ضرور، سون کان ئي پهرين، هن کي چونڊيو پوندو، جيڪڏهن وڏيءَ عام اسيمبليءَ ۾ هو سون سان هوندو، تہ آءٌ ٿورائيءَ ۾ توڙي گهٽائيءَ ۾، هن جي پٽيرائي ڪندس، پر جي هو آني نہ هوندو تہ اوهين سون کي به نامزد نہ ڪريو. ڇو تہ منهنجو اوهان سان اڳوات ئي انڪار آهي ــــ جيتوڻيڪ اوهان جي اِن گهالهه کي آءٌ پنهنجي لاءِ هونئن وڏو اعزاز به سمجهان ٿو."

استاد جين ڏاڍيءَ سادگيءَ سان ۽ صاف نموني گهالهايو. ٻيا پنهنجن ڪنن جون پاڙيون ڪنهڻ لڳا.

"پر،" ڪاسائيءَ ڪوچارٽ چيو، "پر هو چونڊ جي به وڃي، تہ آتي هن کي قبول ڪندا؟"

"پڌرنامو ديني عقيدن جي وچ ۾ فرق نٿو ڪري،" استاد جين جواب ڏنو. "هر فرينچ ماڻهوءَ کي سڌيو ويو آهي، بشرطيڪ پنجويهه سالن جي عمر جو، ۽ محصول پريندڙن جي رجسٽر ۾ داخل هجي. شاويل سڀ آهي. محصول پري ٿو جيڪي پاڻ سڀني ڏيون ٿا ــ

شايد اسان سيني کان ڪجهه وڌيڪ ڏئي ٿو؛ ۽ چا، گذريل سال، اسان جي نيڪدل بادشاهه لوئر ۽ ڪالين جي پوئلڳن جو ۽ پڻ يهودين جو شهري درجو تسليم ڪرڻ ڪيو هو؟ اوهان کي خبر نه آهي، تہ آڻ ٿو اوهان کي اها خبر ٻڌايان. انهيءَ ڪري اچو تہ شاويل کي نامزد ڪريون. باقي گالهين کي هٿو ڪنڊ ۾، آڻ ٿو اوهان کي اها ضمانت ڏيان تہ هن هڪڙي مان پنجاهه ڪپوچن فقرن کان وڌيڪ اسان جو پلو ٽيندو ۽ اسان کي مان" ملندوءُ هو اسان جا مفاد وڌيڪ ڏاهپ ۽ سورهائيءَ سان آتي پيش ڪندو ۽ بچائيندو. اوهين مون تي اعتبار ڪريو، هو اسان لاءِ وڏيءَ عزت جو سبب ٿيندو، ڪٽنرين! هڪڙي ٻي به صراحي تہ اسان کي ڏي!"

ٻيا اڃان به ڪجهه ٻڌڻ تي رهيا، پر استاد جين انهن جا منگ پوري بس ڪيا، ۽ آخر ۾ جڏهن انهن کي چيائين تہ "بس ٿيو، اهو منهنجو اوهان کي آخري چوٽ آهي. اوهين جيڪڏهن شاويل کي نامزد نہ ڪندا، تہ آڻ انڪار ڪندس، ۽ جيڪڏهن هن کي نامزد ڪندا تہ آڻ قبول ڪندس. هاڻي اچو تہ نيڪدل بادشاهه سلامت جي صحت جو جام پيون!" تمستائين سڀ آتساهه ۾ پرجي، هن جي پڻيان چوٽ لڳا، "پيئو، بادشاهه سلامت جي صحت جو جام؟"

پوءِ جڏهن مگ خالي ٿيا، تڏهن ليٿومئر، ڏاڍيءَ گهورائيءَ سان چيو:

"زالن لاءِ اها گالهه مڃڻ ڏاڍي ڏکي ٿيندي، پر حالتون جيئن آهن، استاد لهرو، تہ ملاءِ هٿ!"

"مون سان به!" اگتي ليوڙي، ٻئي به چيو.

۽ ائين، ميز جي چوڌاري ويٺلن پنهنجا هٿ استاد جين جي هٿ سان ملايا؛ آن کان پوءِ صراحي خالي ڪئي ويئي، ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر روانو ٿي ويو. هي سڏا سادا، صاف دل ماڻهو گهوٽ جا نيڪ مرد هئا، ۽ اسان کي پڪ هئي تہ باقي ٻيا سڀ به ائين ئي ڪندا.

"تہ پوءِ، گالهه پڪي ٿي؟" استاد جين، در کان منهن ڪيو، ويندڙ همراهن سان خوشيءَ ۾ريل آواز ۾ گالهايو.

"هائو، پڪي ٽي!" هُنن جواب ڏنو، ۽ گپ چڪ مان پنهنجا پير سنياليندا، پير ڪٽندا، هو اڳتي وڌي ويا.

اسين دڪان ۾ موٽي آياسين. هي ٽورواگ، جو ڪجهه ٽيو هو، اُن تي وڌيءَ سوچ ۾ اچي ويا هئاسين. اسين پوءِ ستين وڳي تائين ڪم ۾ لڳا رهياسون. تمتر، نڪولي آئي، ۽ دڪان منهن ڪيي، اسان کي ڪاڌي لاءِ سڏ ڪيائين.

ٻئي آچر ڏينهن، گڏجاڻي ٽيٽي هئي. شاويل ۽ سندس ڏيءُ گذريل پندرهن ڏينهن ڪان سفر تي هئا، ۽ ڪتابن جو وڏو تعداد وڪيو هٿائون. استاد جمن ڪي وري به اميد هئي تہ شهر جي وڏيءَ گڏجاڻيءَ تي، بهرحال، هو ضرور موٽي ايندا.

اُن شام جو، ٻي ڪا ڏيان جوگي ڳالهه ڪانہ ٿي. اُهو ڏينهن هونئن ئي ڏاڍو سٺو گذريو هو، ۽ جو ڪجهه اُن ۾ ٿيو هو، سو ئي گهڻو ڪجهه هو.

(۱۱)

ٻئي آچر تي، جمن آءٌ پنهنجي پيءُ سان گڏ، لا براقس جي پراڻي گهٽي وڻي هيٺ لهي رهيو هوس (اُها ڇهين ۽ ستين وڳي جي صبح جي مهل هئي)، تہ پراڻهن لا - بان - فانٽين جي ٻلن تان گلابي رتولِ سج به ڪٽني ڪيي، سامهون اُپري رهيو هو. اُهو سال جو پهريون حسين ڏينهن هو، ۽ گهرن جا ڇپر ۽ ننڍا سيرن جا ٽهيل ٻُخارا جن مان پکڙندڙ دونهن، جون لاڻون نکري رهيون هيون، اُهن ڏسجي رهيا هئا جڏ اُهي سونَ جا ٽهيل هئا، ۽ جمستائين نگاهم ويئي ئي، رستن جي وٽين سان چمڪندڙ پاڻيءَ جا باريڪ ريلا پري پري تائين ڏسجي رهيا هئا. اڇن ڪرن جون ويڪريون ڦائل چادرون آسمان تي وڇايل هيون، ۽ ڏور فاصلي ڪان ٻاهراڙي جي ويندڙ ماڻهن جي انبوهن جا توتارا ۽ دهل، ۽ ديولين جا صبح جي دعائن جا گهنڊ، سڀ اِلهڪشن جي تيارين ۾، وڄندي ٻڌجي رهيا هئا.

منهنجو پيءُ، جيڪو گهٽو پوڙهو ٿي چڪو هو، هوائن جو سڌل، هيٺو، آڻ-ڏيکل گچيءَ ۽ اڇيءَ ڏاڙهيءَ سان، منهنجي پاسي سان، مون سان گڏ، هلي رهيو هو—ٽلهي ڪوريءَ سوٽي ڪپڙي جو جُبو پاتل هوس، جنهن تي چيلهه سان پٽو پٽل هوس: سندس سوٽي پتلون جا پائنچا ٽوڙهي سان مُرن وٽان پٽل هئا، ۽ ڪڙين نڪتل، ڪهن پٽل گاڙهي چمڙ جا پراڻا بوٽ پاتل هئس: هُن جا وار آڇيءَ نموني تي ٻڌل هئا، جيڪو آن ڏور جي هارين جي وارن جو هوندو هو، ۽ آنهن جي مٿان هڪ پراڻي ڪپهه پريل ٽوپي رکيل هيس—آهوئي نشان پوءِ عوامي انقلابي راڄ جي جهنڊي تي لڳايو هئائون: ڏاڍي سجاڳ انداز سان هو پنهنجي اکين جي ڪنڊن سان ساڃي ۽ ڪاهي پاسي ڏسندو ٿي رهيو، جڏهن هر وقت هن کي ڪنهن اوپريءَ ۽ عجيب گالهه جي واقع ٿيڻ جو ڊڪو هو: آه! ڏک ۽ ماٺهوءَ جو اعتبار هر شيءِ مان کڻن نه نڪري ٿو وڃي! رکي رکي، هن مون کي چيو ٿي:

"مچيل، خيال ڪج! پاڻ کي ڪجهه ۽ چوٽو ناهي. اسان کي پنهنجون زبانون بند رکڻ کپن. مون کي ڊپ آهي ته هِن سڀ جي پچاڙي ڏاڍي ڪا خراب ٿيندي."

مون کي بهرحال، وڌيڪ يقين هو: استاد جين کي پڌو هوم، شاويل کي انهن مسئلن بابت پوزي پروسي سان گالهائيندي ڏٺو هوم، ۽ جو ڪجهه رينيز، مارسيلز ۽ پئرس ۽ وهي واپري رهيو هو، آن بابت گهٽو پڙهيو هوم، تنهنڪري منهنجي دل ڪانه ٿي لٽڏي. تنهن ڪان سواءِ، جيتوڻيڪ آڳ ارڙهن ٻي ورهين جو هوس، پر بغيءَ تي ڪم ڪندي، منهنجا ڪلها ۽ موڪرا ۽ مضبوط ٿي وڃا هئا؛ ۽ خود ڇهه-سيرو گهنّ ۽ منهنجن جاڻڻ هٽن ۽ گرو ڪونه لڳندو هو. برابر، اڄ آن منهنجي مُنهن تي ڏاڙهيءَ جي ريهه مس لٿي هئي، پر آڳ پاڻ جهڙن ماٺهن جي اک ۽ اک وجهي ڏسڻ ڪان ڪونه هيسيو هوس—پوءِ آهو سپاهي هو، شهري هو يا ڪو هاري. آن ڪان سواءِ، مون کي ٽڪ ٽاڪ ڪوڙا پائي هلڻ جو ڊنگ ۽ هو. آڇر جي ڏينهن تي

آڌ آسماني رنگ جو جنڪيٽ، ڪڙيءَ وارا بوٽ ۽ بخملي واسڪوٽ پائي نڪرندو هوس، جيئن پيا لوهار پاڻمندا هٿ؛ ۽ نه ٿي وري مون کي ائين چوڻ ۾ حذر ٿو ٿئي ته آڌ ملوڪ چوڪرين کي ڏسي گهڻو خوش ٿيندو هوس ۽ آهي مون کي ڏاڍيون سهڻيون لڳنديون هيون. ۽ آهو ڪو گناهه به ڪونهي، بلڪل، بلڪل!

مُنجهو اسان جو گهوٽ نڪري باهر ٿيو هو. اسين ڪلال خاني تائين پهتاسين، ته استاد جين ۽ وٽلنٽائين اڳي ئي وڏي صفحي ۾ وڃا هٿا، آن جون سڀ دريون کليل هيون، ۽ سندن آڏو ڪاميل بوتل ۽ روٽ رکيل هٿا. ڪجهه کائي پي، هو ٻه نڪرن ۾جي تيارين ۾ هٿا. ٻنهي کي بهترين ڪپڙا پاتل هٿا ــ استاد جين پنهنجي وڏي ڪاريگر واري ڪوٽ ۾ هو، جنهن جي هيٺان ڳاڙهو واسڪوٽ پاتل هوس، هُن جي ٽلهن ٻُڌين ٿوت بَڪل لڳل بريچز، ۽ گول مُنهن وارن چانديءَ جي پلن سان جَڙيل بوٽن هڪدم پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائي ٿي ورتو؛ وٽلنٽائين کي سفيد سوٽي ڪڙتو، ڳاڙهي ڪالر ۽ پرت پرڀيل بَرِيءَ سان پاتل هو، سندس قميص ڪچيءَ تائين آيل هئي جتي دل جي شڪل وارو چانديءَ جو بلوَ لڳل هوس ۽ متي ۾ هارين واري ٽوپي پيل هئس، جا هڪ ڪن تي ڌاري ڇڏي هٿائين. هُنن جڏهن اسان کي ڏٺو تہ عجب پريءَ خوشيءَ ۾ رڙ نڪري وين:

"اِجهي آيا! اِجهي آيا!"

اسين اندر گهڙياسين، تہ استاد جين منهنجي پيءُ ڏانهن ڏسندي، وڏي آواز سان هن کي ڪيڪاريو:

"پلي آئين، بئسٽيان، جيءُ آئين! ويهو، هتي اسان وٽ ويهو!"

۽ اسان جي آڏو ۾ پريل گلاس اسوري رکيائين، ۽ آنهن مان پنهنجو گلاس ٽڪرائي، چيائين:

"پنهنجي نيڪدل بادشاهم جي صحت لاءِ!"

۽ منهنجي پيءُ، اکين ۾ گوڙها آڻيندي، جواب ڏنو:

"هائو، هائو، جين! پنهنجي نيڪدل بادشاهم جي صحت لاءِ! سدا سلامت هجي شال!"

آنهن ڏينهن ۾ اُئون سمجهڻ هڪ دستور هو تہ سڀڪجهہ بادشاهہ ٿي ڪيو. هُن کي هڪ طرح جي مهان هستي، ذات الاهيءَ کان پوءِ ڏرتيءَ تي ڏاتار ۽ هڪ پوتار ذات سمجهو ويندو هو، جهن پنهنجي اولاد جي پرگهور ٿي لڏي. اِنهيءَ ڪري پنهنجي جهان پناهہ لاءِ منهنجي پيءُ جي دل ۾ تمام گهٽو پيار هو لدو هو.

اڄان اسان آهو ڏٺي مس پريو، تہ ڪوڪ جا ٻيڪ مرد به اڇي نڪتا. آهي ساڳيا اڳئين ڏينهن وارا بزرگ هئا، جن سان گڏ ڏاڏو ليٽوميئر به هو— ايترو پير مرد هو، جو اکين کان پورو ڏسي به نٿي سگهيو، هلندي به ٻئي جي ٽيڪ تي وک وک ٿي کنيائون. پر پوءِ به ووٽ ڪرڻ تي سندس زور هو؛ ۽ سڄو وقت جيئن سيني لاءِ گلاس پئي آيا ۽ هڪ هڪ ٿي پئي پتريا، تيسين هن جي اڇا ٿي تات هئي: "هائو، ڳالهہ اِتي پهچي ويئي! هاڻي سڀ ٽيڪ ٿي ويندو! لابراقس جا ماڻهو به ماڻهو ٿيا! هاڻي سيئي گڏ جي ووٽ ڏيو! ۽ گوڙ نہ ڪريو،"— سيئي پير مرد جي اِنهن ڳالهين تي ڪليا به پئي، ۽ هڪٻئي جا هٿ به پئي ڏهايائون، ۽ گلاس گلاسن سان پئي ٽڪرايائون. ۽ هوڏانهن ڏاڏو ليٽوميئر اهو ئي ڳالهائيندو ٿي رهيو:

"حياتي ڪيتري باقي آهي! ڪيترو وڌ ڪو جيئندو! پر اِن جي پرواهہ به هاڻي ڪانهي— هيءَ جو ڏينهن ڏٺوسين سو ئي گنج ٿيو. هائو، هاڻ تہ ماڻهوءَ کي پنهنجي ڏک جو ارمان به ڪونہ ٿيندو."

جنهن ٿي استاد جين جواب ڏنس:

"تون صحيح آهين، بابا ليٽوميئر! جڏهن لاباري جي موسم ايندي آهي، تہ ڪوبہ منهن، ڪڙڻ ۽ برف جي طوفان کي ياد ڪونہ ڪندو آهي. آن مهل ماڻهوءَ جي اک ڪهڙين ۾ هوندي آهي، جن لاءِ ماڻهن جا ڏاڍا ڪي ڪشالا ڪيل هوندا آهن. هائو، اهو بلڪل سچ آهي. پر پاڻ کي اڄان پنهنجين ڪهڙين کي، پنهنجيءَ وَل کي، ڳاهڻو. واڙڻو ۽ ضاف ڪرڻو آهي. برابر، مانيءَ گيءِ هاڻي اسان کي ملڻو ٿيو آهي، ۽ اميد تہ اڳتي اسان جي اولاد کي بہ. جيئي اِسان جو نيڪدل بادشاهہ!"

۽ اسان سڀني اهو گفتو ڏهرايو.
"جيئي اسان جو نيڪدل بادشاهه!"

گلاس پاڻ ۾ ٽڪريل ۽ ماٺهن آڏي هڪڙي ۾ پاڪر پاتائي ٽي، تہ نيڪ مرد ۽ استاد جين سڀ آڏي ٻيٺا، ۽ در ڏانهن وڏي، هڪ هڪ ٽي ٻاهر نڪتا! ۽ آڳ ۽ منهنجو پي ۽ ٻ ٻانهن ٻانهن ۾ ڏيئي آنهن جي پٺيان وڏياسين.

لابراقس جا آهي ماٺهو جيڪي، اسان وانگر، ٻئي هنڌ، چشمي وٽ پهرين وڃي ڳڏ ٿيا هئا، سي ٻ، توتارن ۽ ڏهلن سان اسان جي پويان اسان کي آڏي رسيا. هڏو نظارو اڳي ڪڏهن ٻ ڪنهن ڪونہ ڏٺو هو. سڄو ٻهراڙي ۽ جو ملڪ رڳو راڳن ۽ ڏهلن، گهنڊن ۽ توتارن جي وڄت سان ٻُري رهيو هو. ڇوڪاري ڏسجي رهيو هو تہ ڇٽن رستن تان ماٺهن جون قطارون هيون جيڪي نچندا، ٽوپلا آيا ڪندا، خوشي ۽ ۾ ٽوپيون هوا ۾ اڇلائيندا، هڪٻئي کي ڀڙ ڪندا، اڳتي وڌندا ٻئي ويا، ۽ سندن وات مان اهو ئي ٽي نعرو نڪتو:
"جيئي نيڪدل بادشاهه! جيئي ابو ماٺهن جو — سدائين جيئي!"

جبلن جي چوڻين تان، ۽ هيٺ وادين جي ٻٽن مان آنهن جي جواب ۾ گهنڊ وڄندا ٽي رهيا. گاڙهي جي ڪا ٻيٽي ڪانہ هئي، ۽ جيٽن ٽي شهر جي ويجهو ٽياسين، تمٽن هي ۽ جذ بو ۽ گوڙ وڏندو ٽي ٽي رهيو. ديولين تي، بارڪٽن جي درين تان، اسپتال تان، جتي ڪٽي، اڇا، ملڪ جا جهنڊا — سونهري ڏاڳي سان ٽٽن شاهي مهرون پريل— هئا، جيڪي جهولي رهيا هئا. تہ اهڙي عاليشان ڪا شيء اڳ اسان کي ڪڏهن ٻ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي هئي. آڳ آن جو ٻيان ٻ ٿو ڪري سگهان. اهو سچ آهي تہ گهٽو وقت پوء جڏهن عوامي راج جون فتحون ٽيون، اسان جن قلعن جي چوڻين تان توبن جا ڏڪارا ٽيا، تہ ماٺهن جو روح آنهن نظارن کي ڏسي، تمام وڏي آدمي ۾ ڀرجي ٽي ويو، ۽ وڏي فخر وچان ماٺهوءَ جي من مان انجهل رڙ ٽي نڪتي:
"جيئي فرانس! جيئي قوم! جيئي عوامي راج — سدا جيئي!" پر في الحال—

جيئن ماڻهو ماڻهن کي ڀاڪر پائي رهيا هئا ــ تہ اسان جي من ۾ ماڻهن جي وڏن قتلامن جو ڏوہ ڪونہ هو، ۽ سڀني جي من ۾ رڳو هڪڙي گالهہ وسي رهي هئي تہ ڪيئن هڪ ڏک سان سڀڪجهہ وڃي لاهيون.

جيئن اسين شهر جي ويجها ٿياسين، تہ ڏٺوسين تہ موسيو ڪرستافر ان هنڌ ڏانهن وڌي رهيو هو، جتي ہ رستا پاڻ ۾ مليا ٿي. آتي اسين اڳ ئي پهچي چڪا هئاسين. هو پنهنجي حلقي وارن ماڻهن ٻڌڻ جي اڳيان هو، ۽ هن کي ائين پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، اسين بهي رهياسين، ۽ پنهنجا ٽوپلا ۽ ٽوپيون هٿن ۾ جهلي آيون ڪون سين، ۽ پوہ سڀني گڏجي دانهن ڪئي:

"جيئي پنهنجو نيڪدل بادشاهہ!"

موسيو ڪرستافر ۽ استاد جين هڪيئي کي ڀاڪر پاتو. پوہ ڪلندي، گهائيندي، پنهنجن پنهنجن توتارن ۽ دهلن سان، بهي حلقن جا ماڻهو گڏجي، شهر جي باهران وڃي ٻڌاسين، جتي ماڻهن جو وڏو انبوهہ اڳي ئي جمع ٿي ويو هو. اڄ ہ آڱ لافيري رجمنٽ جو ڏگهو جاڻو سپاهي، وڏي پنهنجي اڇي فوجي ڪوٽ "پاتل"، پنهنجين اکين آڏو ڏسي رهيو آهيان تہ آهو ڪيئن اسان جو رستو جهليو، ان ڏينهن چونڪ تي ٻيڻو هو، ۽ اسان کي پنهنجي بندوق سان اشارو ڪري آتي روڪي ٻيهاري ڇڏيو هئائين. شهر ۾ اندر نيندڙ، ڪلہ تي ڪچندڙ ٻڌيون اڳي ئي گاڏن ۽ گاڏين سان ٽپيون پيون هيون، جن تي ڪيئي جهوڙ پوڙها ماڻهو ويٺل هٿا جڪي شهر جي وڏي هال ڏانهن وڃي رهيا هئا. ائين ٿي ڏٺو تہ ضلعي جي هر پيرمرد مرڻ ڪان اڳ ووٽ ڏيڻ ٿي چاهيو، ۽ آنهن مان ڪي ڪي تہ ان شوق ۾ بنهہ ہارن جيان روئڻ هارڪا پئي لڳا.

اهڙي ۽ صورت ڪان پوہ ڪير ٿي ڇئي سگهيو تہ آنهن ڏينهن جي ماڻهن وٽ سُرت جي اٽاڪ هئي؟ منجهن نندن ڪان نندا ۽ وڏن ڪان وڏا سڀ ان لاءِ ئي واجهائي رهيا هئا تہ هو پنهنجن حقن جا مالڪ بڻجن!

اسان کي ڪي ويهارو منٽ آتي ترسي بيهڻو پيو ۽ پوءِ ٻي اسمن آها پُل پار ڪري سگهياسين ـــ ايتري ۾ آن تي ماڻهن جي ٻيهر هئي. اندر شهر ۾ تم پاڻ وڏيڪ عجب ۽ وجهندڙ نظارا هئا، جو تم آن جون گهٽيون ماڻهن سان ڀريون پيون هيون ۽ بيشمار جهنڊا درين مان جهولي رهيا هئا. هڪ ٻئي هنڌان ـ مرڪزي چونڪ وٽ ۽ بارودخاني جي ڀرسان جرمن دروازي وٽ ـــ "جيئي اسان جو نيڪدل بادشاهه!" جا نعرا لڳي رهيا هئا ۽ آنهن جو آواز آتان آڏندو، قلعي جي پٽين ۽ آن جي اوچاين تان ٽڪرائيو، گجگوڙ جهڙن ڇوڪرن گونجي رهيو هو.

قلعي جي دروازي کان اندر ٿيندي ئي، ماڻهو اهڙو ٽي ڦاٽو، جو اڳتي وڌڻ يا پوئتي موٽڻ ٻئي ناممڪن ٿيي ٿي ويا، ۽ نه آڏو چار قدم ٽي ڪجهه ڏسجي ٿي سگهيو. ڪٿا هزار، ڪلالخاني چونڪ، هوٽلن ۾ جو چونڪ ۽ شاهراهه سينٽ ڪرسٽافر، رو- دي- رُوج ۽ رو- دي- ڪيوچن رستا، وڏيون بارڪون، شاهي اسپتال، اناج منڊي- شهر جا اهي هنڌ، ۽ سڀ ماڳ ۽ ميدان ـ ماڻهن جو يڪو هڪ سمنڊ ٿي لڳيو.

صبح جي عبادت شروع ٿي چڪي هئي، پر ڪير هو، جو ڪنهن ديول تائين پهچي ٻه سگهي! لافاريي جي رجمنٽ جي سپاهين جي رڙ تي رڙ لڳل هئي: "رستو ڏيو!" "رستو ڏيو!" پر آهي پاڻ ٻه ڏکجي، وڃي پٽين سان لڳا هئا، سڀ آنهن جا هٿيار ۽ وسلا ماڻهن جي ٻيهر ۾ بيڪار ٻڏيل هئا.

آتي ئي، استاد جين کي ياد آيو تم سندس دوست، جئڪس رينالٽ، جو ڪلال خانو بنهه ڪوويجهو هو، سو اسان کي ڪجهه ٻه نه چوندي، رڳو ساٿس هلڻ جو اشارو ڪندي، هو موسيو ڪرسٽافر، وٽلنٽائين، منهنجي ٻيءُ ۽ مون کي ڇڪيندو، گهليندو، "سفيد گهوڙي" نالي آن ڪلال خاني وٽ وٺي ويو، جيڪو ڪو ڏهن پندرهن قدمن ٽي پاسي کان ٻڌل هو. آن ۾ اندر ٻه اسين فقط پٽئين در کان وڃي سگهياسين، جيڪو ستو بورڇڊخاني ۾ ٽي کليو. آن جو وڏو صفحو اٽين

پريل هو جڏ کو بهضو هجي، ۽ رگهو ساهم کڻڻ لاءِ به آن جون سڀ دريون ۽ دروازا کوليا ويا هئا.

اڃ جيئي رينالٽ اسان سان ڏاڍي ٻاجهاري ٿيوني ملي ۽ اسان کي ڏاکڻ کان ٻڌي هڪڙي ڪمري ڏانهن موڪلي ڇڏياٿين، جيڪو اڃان خالي رکيل هو، ۽ آتي هن اسان ڏانهن شراب، بيئر ۽ وڏو هڪڙو ستنبوس ڏياري موڪليا، جيڪي ٿي ڇڏ اسان کي آن گهڙيءَ گهربل هئا. اسان جا ٻيا ساٿي جيڪي هيٺ رهجي ويا هئا، تن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پر اسان کي ڪٿي نه ڏسندي، پانهائون تم اسين ڪٿي آنبوهه ۾ ڦاڄي ويا هئاسين. ۽ اسين به آنهن کي پاڻ وٽ سڏي نٿي سگهياسين، تنهنڪري هو ۽ اسين جتي هئاسين آتي ئي رهياسين. گهڙيءَ دير کان پوءِ، پوري هڪ بجي، اسين آتان باهر نڪري سگهياسين، جڏهن اڏ ڪن ڳوٺ اڳي ئي ووٽ ڪري چڪا هئا. آن وقت لابراقس جا ماڻهو اڃان مس شاهي چونڪ ۾ داخل ٿي رهيا هئا. اسين، وچين رستي، رڳو-ڊي-فوڪيٽ، ڪان ٿيندا، آنهن کان پهرين مختيارڪاريءَ جي در تي پهچي ويا هئاسين، ۽ اسان جا هي ساٿي به گهڙيون پوءِ، جو آتي پهتا تم اسان کي آتي بينل ڏسي سمجهائون تم اسين کي سڃو وقت آتي هئاسون.

"او، هو بيٺا آهن! ڏسو، ڏسو، اهي بيٺا آڏو!" اسان هنن کي ائين چوندي ٻڌو.

شهر جو جهونو هال، پنهنجي گهڻتا-گهر سميت، اسان جي آڏو هو؛ آن جون سڀ وڏيون دريون، گهڙيال جي هيٺان، ڪليل هيون، ۽ آن جي ورانڊن جا وڏا ڪماڻين وارا در اسان جي سامهون هئا، جن مان ڳوٺن جا ماڻهو، واري واري سان هڪٻئي پٺيان، هڪ پاسي کان داخل ٿيندا، ووٽ ڪندا، ٻئي پاسي کان نڪرندا ٿي ويا. اسان جي ٻنڊ جي اڳيان ۾ استاد جمن، وٽلنٽائين، منهنجو ٻيءَ ۽ آڻ هئاسين؛ پر جمن تم واڻ برج ڳوٺ جا ووٽر اڃان ووٽ ڪري رهيا هئا. اسان کي ڪافي گهڙو وقت باهر سيڙهيءَ جي ڏاکن تي ترسڻو پيو. آن وقت اسان مان هر ماڻهوءَ جي دل آنهيءَ جڏ بي. ۽ آنهيءَ شوق ۾ ڏڪي

رهي هئي، جنهن جي تڪميل اسين ڪرڻ وارا هئاسين؛ انهن ٻي گهڙين سان هڪڙي گهڙي اهڙي به آئي، جڏهن اسان جي پنهنجن ساڻين سان گڏهن زور سان نعرو هنيو ”جيئي اسان جو نيڪدل بادشاهه!“ جنهن ڪان پوءِ فوراً هڪ گهڙي چوڌاري سانت ٿي ويئي: بلڪل آڀيءَ گهڙيءَ منهنجي ڪن تي هڪ آواز پيو، جيڪو ڏاڍو مٺو هو، ڏاڍو صاف هو، آهو اسان سيني جو جاتل سچاتل به هو— نديڙيءَ مارگريٽ جو آواز— هڪ رڙ، جنترين وڪٽنڊر گهورڙين جي طرز جي هڪ دانهن:

”ڪي اسٽيٽ چا آهي؟“ لکندڙ— آئيءِ سيٽوز! مهرباني، خريد ڪريو، ”ڪي اسٽيٽ چا آهي؟“ ۽ پڻ ”ضلعن جون اسمبليون“ لکندڙ— مان سينيور ڊيوڪ آف آرليانس. ڪنهن کي ڪهي ”ضلعن جون اسمبليون“ ڪتاب؟

استاد جين ڏانهن منهن ورائي، مون چيو:

”ڏو ڏا نديڙيءَ مارگريٽ کي؟“

”هائو“، هن جواب ڏنو. ”آءٌ ڪجهه وقت کان هن کي ڏڪندو پيو رهان. هي شاويل ڪهڙا نه بهادر ماڻهو آهن! ڪم از ڪم اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي دعوا ڪري سگهن ٿا ته هُنن ملڪ لاءِ گهٽو ڪجهه ڪيو ۽ جو ڪم ڪيو آهي، چگو ٿيندو، جو تون هن کي وڃي چئو ته پنهنجي پيءُ کي هيڏانهن اسان ڏانهن موڪلي ڏئي. هو گهٽو پري ڪونه ويو هوندو. سچ ته هو اهو ڏاڍو خوش ٿيندو ته اسين هن کي نامزد ڪرڻ وارا هئاسين!“

ٻانهون پنهنجون ڪنڌيندي، ڳاهڻ ٽپل ماڻهن وچان ٽوڪيندو، آءٌ سيڙهيءَ جي مٿين ڏاڪي تي پهتس، ۽ اتان بيهي مارگريٽ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم. نيٺ مٿس نظر پيم، ۽ ڏٺم ته ڪاهي پاسي ڪجهه پريرو، پليس- ڊي- اورمسن پارڪ ۾ رکيل بينچن مان هڪ بينچ تي هوءَ بيٺي هئي ۽ ڪتاب هٿ ۾ جهليو، گهورڙئي جيان هوڪا ٿي ڏنائين. هڪڙو ڪتاب ڪنهن ٿي ته نيورڙي پيو ڪتاب ٿي ڪنائين،

ڪتابن جو ٽيلهو پرسان بينچ تي رکيو هوس. پهريون پيرو مون هن کي پنهنجي آن ڪرت ۾ ائين رڌل ڏنو هو. ماٺهو هن جي چوڌاري مڙيا بيٺا هئا، ۽ رکي رکي، هُن آنهن مان هڪ ٻه پڻي جي سوالن جا جواب فرينچ بوليءَ ۾، ۽ ڪڏهن جرمن بوليءَ ۾ پڻي ڏنا. آخر ماٺهن کي ترڪيندو ۽ ٽيلها ڏيندو، اڳتي وڌي هن جي بينچ جي هڪ ڪنڊ وٽ وڃي پهتس. هن جي ڪارين اکين ۾ ايتري تيزي ۽ چستي هئي، ۽ پنهنجي ڪم ۾ هن کي ايڏو تہ سرگرم ڏٺم، جو ڪا دير تہ حيران بڻيو، هن کي ڏسندو رهيس. ٿوريءَ دير ۾ هن مون کي ڪوٽ ڪان جهلي، دانهن ڪئي:

"موسيور، موسيور! "ڏي استيٽ چا آهي؟' ڏس، ڏس! "ڏي استيٽ....!' لکندڙ—آئيءِ سمئوس—قيمت ڇهہ 'ليارڊ'!"

"مون کي نٽي سڃاڻين، مارگريٽ!" مون چيو.

"اوه! ٽون، مڇيل!" ڪوٽ مان هٿ ڪيڍندي، هن جواب ڏنو، ۽ ڪلي ڏنائين.

پنهنجن سانورن ڳلن تان هُن پگهر اگهيو، ۽ پنهنجا ڊگها ڪارا منجهيل وار، مٿي جي لوڏ سان، هڪ پاسي ڪيائين. هڪ طرح، اسين آن حالت ۾ ۽ آني هڪٻئي کي ڏسندي عجب ۾ پئجي ويا هئاسين.

"مارگريٽ، ڪيئن نہ شوق سان تون هي ڪم ڪري!" مون چيو. "ڪيڏي نہ تڪليف ٿي پاڻ کي ڏيڻ!"

"آها!" هُن جواب ڏنو، "پر اڄوڪو ڏينهن تہ وڏو ڏينهن آهي! اڄ تہ جمترا ڪتاب وڪڻان، اوترا ٿورا!"

پنهنجي گهاگهري جسو پاند ۽ هر ٽيءَ جهڙا پنهنجا ننڍڙا پير ڏيکارينديءِ، جيڪي گپ ۾ ۽ ڏڙڪ ۾ ليتل هئا، هن چيو:

"ڏس تہ منهنجو ڇا حال آهي؟ رات جي ڇهن وڳي کان اسين هل هلان ۾ رهيا آهيون. 'لوئن ولا' مان پنجاهہ ڊزن ڪاپيون 'ڊي استيٽ' جون ڪٽي نڪتا هئاسين، ۽ سڄو ڏينهن وڪڻندا رهيا آهيون. هاڻي فقط هي ڪاپيون وڃي باقي وڃي رهيون آهن—ڏهہ يا پارنهن ڊزن ٿيندیون."

مارگريٽ کي پنهنجي ڪم تي ڏاڍو فخر هو، سون اچرج وچان هن جو هٿ جهليندي، پڇيو:

"ٽنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟"

"سون کي خبر ناهي. پر شهر ۾ ڪٿي هوندو! گهٽو ڪري، هو ڪلال خانن کي ڏسندو آهي. 'ٽي ايءَ اسٽيٽ' جي ڏک ڪاپي ۾ اسين پاڻ وٽ بچڻ ۾ ڏينداسين. سون کي پڪ آهي ته هن وٽ جهڪي ۾ ڪاپيون هيون، سي هن نڪال ڪري ڇڏيون هونديون."

اوچتو پنهنجو ننڍڪڙو هٿ منهنجي هٿ سان ڇڏائيندي، هن چيو:

"چڱو! توکي هاڻي وڃڻ ڪپي. لابراقس جا ماڻهو هال ۾ داخل ٿي رهيا آهن."

"پر، آءٌ اڃان پنجويهن سالن جو نه ٿيو آهيان، ان ڪري سون کي ووٽ ڪرڻ ڪونهي."

"ڪا ڳالهه ناهي. ائين جي ڳالهائيندا رهياسين، ته وقت پيا وڃائيندا سين."

۽ ائين چئي، هوءَ پنهنجي ڪم کي لڳي ويئي.

"اي مهسيور!" هن رڙ ڪئي. "ٽي اسٽيٽ! ٽي اسٽيٽ!"

آءٌ تپرس ۾ پوندي، آڻان واپس موٽيس. اوسين تائين، سون هن کي هميشه سنڊس پيءُ سان گڏ ڏٺو هو؛ پر اڄ ته هوءَ سون کي بلڪل هڪ نئي شخصيت ٿي لڳي. هن جي همت تي حيران ٿيندي، دل ۾ سون سوچيو:

"سچيں! **ٽوکان** هتر، هوءَ پاڻ کي مشڪل مان ڪڍي سگهي ٿي. ڪهڙي پرواهه هن کي ٻئي ڪنهن جي سنڀال جي."

آڻ سيءَ ماڻهن جي انبوهه ۾ موٽي، استاد جين سان گڏ جڻ ڪان پوءِ ۾، آءٌ اِنهيءَ سوچ ۾ گم هوس.

"ڏي خبر!" استاد جين سون کي ڏسڻ سان پڇيو.

"مارگريٽ چولڪ تي اڪيلي آهي،" سون جواب ڏنو؛ "۽ سنڊس پيءُ شهر ۾ ڪتابن جي وڪري ۾ پئجان آهي."

اُن گھڙيءَ اسين ورانديءَ مان ٻاهر نڪتاسين، سيڑهي چڙهي، عام‌مختيار جي استقبالي ڪمري ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. لابراس جي ماڻهن جو وارو اچي ويو هو، ۽ چاڪاڻ ته ووٽ ڪندڙ کي پنهنجي چوٽ آواز سان ووٽ ڪرڻو ٿي پيو، انهيءَ ڪري اسين ڪمري ۾ گھڙياسين ئي ڪونه ته پري کان واڪا ٻڌاسين.

"استاد جين لهرو، مٿورن شاويل! جين لهرو! مٿورن شاويل! استاد جين لهرو! شاويل!"

استاد جين، سچو گاڙهو هجي! جوشيلو گالهائيندي، مون کي چيائين.

"افسوس، شاويل هتي ڪونهي! ڪيڏو نه خوش ٿئي ها!"

اوچتو، پٺي ورائيندي، مون ڏٺو ته پوئتان شاويل پاڻ بيٺو هو! اڇرج ۾ وڙتل هجي، جو ڪجهه ٻڌو هئائين اُن تي.

"سو تون آهين، جنهن هي ڪم ڪيو آهي؟" استاد جين کي هُن چيو.

"هائو"، منهنجي دين جي پيءُ، وڏيءَ خوشيءَ ۾ پرجي هن کي جواب ڏنو.

"تنهنجي هٿان هي ٿيو آهي، الهيءَ ڪري مون کي عجب ۾ ڪونهي،" هن جي هٿ کي زور ڏيندي، شاويل چيو، "مون توکي گھٽي وقت کان ڄاتو آهي. پر جنهن گالهه مون کي عجب ۾ وڌو آهي، ۽ مون کي تمام گھڻو خوش ڪيو آهي، سا هيءَ آهي ته ڪٿولڪن هڪڙي ڪالو ٻنيءَ کي ووٽ ڏنو آهي! اسان جا ماڻهو پنهنجي من جا ميل ڪيندا، صاف ڪندا، ٿا وڃن. هنن جي دل تان پراڻن پيرمن جا بار لهندا ٿا وڃن. اِها وڏي گالهه آهي. هاڻي هو سو پيارا ٿيندا. هاڻي سندن فتح ٿيندي."

اسين ڏاڍي پاڇوهه ۾ ڪڏيا اڳتي وڌندا رهياسين، ۽ ترسندا، ۾ ۾ ٿيندا، اندر وڌي، هال ۾ داخل ٿي ٿياسين. گھڙيءَ کان پوءِ اسان جي نظر عام‌مختيار، شيمنڊر، تي پيئي. هن کي اڇيءَ ڪٽنيءَ لڳل ڪارو چوغو پاتل هو. مٿي ۾ ٽوپي پهل، ۽ پاسي کان تلوار لٽڪل هئس،

جمڪا هُن ڪرسيءَ تي ويهندي، هٿ سان ٽوري گسڪائي، اڳيرو پاسيرو ڪري، ٻهاري هئي. هو پنجاهه ڪن سالن جي عمر جو هو. هن ڪان هڪ ڏاڪو هيٺيرو شهر جو رهڪي هو ۽ ٻيا پنڇ ۽ ڪاموارا ويٺل هئا ـــ سيني ڪي ڪارا ڪوٽ پاتل هئا جن جي متان ڪلهن تي هنن ڪي آنهيءَ ڪي رنگ جا بوچڻ ٻيل هئا. هنن جي پوئتان، ٽوروٽيرو، پٽ تي تصويري صليب لڳل هئي.

جيڪو ليروءَ ۽ مٿورن شاويل جا ٻالا هڪٻئي پٺيان ايئن پئي ورتا ويا جڻ گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ پئي ٿي. پهريون ماڻهو جنهن جو "نڪولس ليٿوميئر ۽ شاويل" سواستاد جين پاڻ هو. آن تي هو سڃاڻپي ٻه پيو، ۽ عام مختيار آهي لفظ ٻڌي، مُرڪي ڏنو. ۽ وري ٻيو ماڻهو جنهن جيو "جين لبرو ۽ ليٿوميئر"، سو شاويل هو. ۽ آن تي ٻه گالهائيندڙ جي سڃاڻپ ٿي پيئي. آن ڀيري، بهرحال، عام مختيار، جيڪو شاويل کي گهٽي وقت کان جاڻندو هو، مُرڪي نه سگهيو، ۽ ليفٽيننٽ ڊي-جاردين تم آگتي جهڪي، هن جي ڪن ۾ ڪو ٻڪو ٻه ڪيو.

آڳ پاڻ ٽورو هٿي، ساڃي پاسي تي ٻهي رهيس، جو تم آڳ ووٽ ڪرڻ جو حقدار ڪونه هوس. يوءِ استاد جين، شاويل ۽ آڳ گڏجي، ڪمري مان نڪاسين. موٽندي، آتان نڪرڻ ۾، توڙي باهر، اسان کي ساڳيءَ طرح ماڻهن جي ڪافي ڏڪ ڏڪان ۽ ٽيلهه ٽيلهان ڪرڻي پئي ۽ سهڻي پئي. سيڙهيءَ تي پهچڻ کان پوءِ تم اسان کي وري ٻه شاهي چونڪ کان پاسو ڪري، پيءَ، هڪ پاسائينءَ، گهليءَ مان وڃڻو پيو، جو ٻيٽل ٻران ڳوٺ جا ماڻهو آنهيءَ مهل پهتا هئا ۽ سڄو پٽ، پراڻي مارڪيٽ واري ميدان تائين، ماڻهن سان وري ٻه ڀريو پيو هو. ٽورو اڳيرو هلندي، شاويل اسان کان موڪل ورتي، جو هن کي ايان پنهنجا رهيل ڪتاب وٺڻا هئا. ويندي ويندي، هن چيو:

"اڄ رات، لابراڪس ۾، پاڻ ڪجهه گالهائيندا سين."

۽ پوءِ آڳ استاد جين سان گڏجي موٽي پنهنجي گهر وٽس. رستي ۾ اسين پئي ڏاڏيءَ سوچ ۾ ورتل پئي لڳاسين، ۽ گهٽو هڪٻئي سان ڪونه گالهايوسين. ٻيا اسان جا گوڙائي ٻه سڀ ڪافي ڪجهه ٽڪل،

۽ ٿورو وڌيڪ چُڪو پيتل، کي چپ چاپ، ۽ ڪي سڄي وات گهائيندا ۽ پنهنجون هانهون هوا ۾ لوڏيندا ۽ لهرائيندا، پنهنجي پنهنجي گهر پهتا. وٽلنٽائين ۽ منهنجو پيءُ دير دير سان موٽي گهر آيا: انهن جيڪڏهن نڪري، ڪين گولڻ جي ڪوشش ۾ ڪريون ها، تہ مشڪل هو، جو ڪٿي ڪين لهي ۽ سگهون ها.

آنهي۽ شام تي، شاويل ۽ سندس ڏي۽، هميشه وانگر، رات جي مانيءَ کان پوءِ، اسان وٽ پهتا. پنهنجي ڪيسي ۾ شاويل ڪاغذن جو هڪڙو وڏو پئڪيٽ آندو هو، جنهن ۾ الڪشن واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ، صبح جو، وڏي هال ۾ عام مختيار ۽ هن جي ليفٽيننٽ جي ڪيل تقريرن جا نقل ۽ هئا، ۽ انهن سان گڏ امين، پادرين ۽ ٻي اسٽيٽ يعني عام لوڪن کي اسٽيٽس-جنرل ۾ سڏائڻ جو تفصيلي بيان ۽ شامل هو. آهي تقريرون پنهنجي۽ جاءِ ٻي بهترين بيان بازيون هيون؛ ۽ جڏهن آهي ٻڌي استاد جين حيرت جو اظهار ڪيو تہ ڪيئن نہ آنهن ماڻهن جن اسان سان ايترا ڏاڍ ۽ بمداد ٿي ڪيا، سي وري آهڙن حسين ۽ شانائتن لفظن ۾ ۽ اسان بابت گالهائي ٿي سگهيا، تڏهن شاويل ڪجهہ بيزاريءَ مان ۽ ڪجهہ ٽوڪائتي نموني ۾ چيو:

"آئندہ، بهرحال، هر گالهہ مقابلي ۽ موافقت واري گالهہ ٿيندي. آن جو مطلب هيءُ تہ عملن کي قولن سان موافق ٿيڻو ۽ رهڻو پوندو. هي شريف ماڻهو ائين ٿا ڏسن تہ عام لوڪ کانئن جيئن پوءِ تيئن سگهارا ٿيندا پيا وڃن، انهيءَ ڪري اسان جو آدرياءُ هڻن پنهنجا ٽوپلا لاهي ڪرڻ شروع ڪيو آهي. پر اهو ۽ ضروري آهي تہ عام لوڪ پنهنجي طاقت کي سڃاڻن ۽ آن جو قدر ڪن، جو تہ فقط ۽ فقط پوءِ ئي گالهيون انصاف سان، ۽ پوريءَ موافقت ۾ واقع ٿيڻ" شروع ڪنديون.

(۱۲)

آءٌ اوهان کي هڪڙي واقعي جو احوال ٻڌائڻ چاهيان ٿو، جيڪو جڏهن ۽ مون کي ياد ٿو پوي تہ منهنجي دل ڀرجي اچي ٿي —

اهڙو هڪ واقعو، جيڪو مون لاءِ زندگيءَ جي وڏيءَ خوشيءَ جو سبب بڻيو.

پهرين تہ اوهان کي معلوم هوندو ڪہ تہ اپريل جي مهيني ۾ جيڪي ماڻهو آسان جي پهراڙيءَ مان چونڊجي ويا هئا، انهيءَ لاءِ تہ هو عام لوڪن جي شڪايتن ۽ اهنجن ايذائن جو بيان يا خاڪو تيار ڪن، تن ايڪسيم ضلعي جي مرڪزي هال ۾ ميٽنگ ڪئي، جتي مختلف ڪلال خاندان ۾ هنن جي رهائش لاءِ بندوبست ڪيو ويو هو. هر سومر جي صبح جو، پورا ٻہ هفتا، استاد جين ۽ شاويل اوڏانهن ويندا هئا ۽ ايندڙ ڇنڇر جي رات گهر موٽندا هئا.

آسان جي تہ ۾ اهو سڄو ٽن هفتن جو عرصو، جيڪو جوش ۽ ولولو رهيو، اُن جو اوهين پورو اندازو ئي نٿا ڪري سگهو ــ هوڪرا پيا پوندا هئا، نعرا پيا لڳندا هئا، ۽ محصولن، لوڻ ٽئڪس، جبري فوجي پرتي، ووٽ زباني ڪجن يا لکيت ۾، ۽ هزارين ٻيون ڳالهيون جيڪي اڳي ڪڏهن ٿيون ئي نہ هيون ــ سمورا اهڙا ماڻرا، بحث مباحثا، اختلاف ۽ مونجهارا، جن کي جهيڙا جهڳڙا تہ نٿي چئي سگهياسون ــ ڏاڍن زورن تي هوندا هئا. آلسڪ ۽ لورين جي علائقن جي ماڻهن جا انبوهہ هوندا هئا، جيڪي خود آسان جي لابراقس جي مسافرخانن ۾ ڳاهٽ ٿيا پيا هوندا هئا ــ پهنڊا هئا، ميزن تي مڪون هڻندا هئا، ۽ ڏسبو هو تہ ڇڻ بگهڙن جي ڇڻ جيئن پيا پاڻ ۾ وڙهن. ڳالهائيندا هئا تہ ائين پيو ڀانئبو هو تہ اڃهو ٿا گهٽنجن. پر آخر ۾، وري بہ هو سرچي آڻندا هئا، جيئن راڄن جي ماڻهن جو دستور هوندو آهي. آنهن مان هڪڙي آهوئي ٽي گهريو، جيڪو ٻن ٽي گهريو؛ نہ تہ تہ ڇا ڇا نہ ويڙهيون هُنن جي وچ ۾ آڻي ٻون ها!

وٺلنٽائين ۽ آڳ ڏکڻ ۾ ڪم پيا ڪندا هئاسون. گهوڙن کي نعل پيا هڻندا هئاسين، گاڏين جي مرمت پيا ڪندا هئاسون. آسان جي سامهون هو پيا هڪٻئي سان جهيڙيندا هئا ــ سوال جواب، واکا، گوڙ، هڪٻئي تي ٻنهہ آڻي پوندا هئا. وري پرچي ويهندا هئا، ٻيءَ گهڙيءَ رسي هلها ويندا هئا، پر وري موڻي ايندا هئا ــ مطلب تہ ڳالهين کي

سلجهائڻ ۾ هوندا هئا، اُلجهائڻ ۾ منجهائڻ ۾ نه. ڪڏهن ڪڏهن آءٌ پاڻ پنهنجو ڪو مامرو وٺلنٽائين سان ڪولي ويهندو هوس، چاڪاڻ ته هن جو خيال هوندو هو ته جيڪڏهن امير ۽ پادري لوڪ ميدان" هارائي ويهندا ته اوندهه ٿي ويندي، سيڪجهه ختم، ڪو ڪڪ به نه بچندو، نه ڦُرندو! سون گهٽي ئي ڪوشش ڪئي ته هن کي مڃائي پنهنجي پاسي ڪريان، پر هو اهڙو هڪ سڌو سادو ۽ من جو صاف ماڻهو هو، جو ڪوبه هن جي دل ڏ ڪوئڻ نه چاهيندو هو. هن جي پنهنجي هڪ ئي وندر هوندي هئي: "راس پلات" ڏينڌ جي هڪ ڪنڌ وٽ ٻيلي ۾ هن هڪڙي جهوپڙي ٺاهي هئي، جنهن ۾ ويهي هو قسمين قسمين سون ـ قدڙيون، تيل وهوڙا ۽ ٻيا ننڍا ننڍا پکي، ڦاسائيندو هو. هُن جي سڄي دلچسپي انهيءَ ۽ ٻين اهڙين ڳالهين ۾ هوندي هئي، ۽ سڄو جيڪو گوڙ ٻکيڙو اسان وٽ اڃو هو ۽ هلندو ٿي رهيو، اُن سان هن جو ڪو واسطو ئي نه هو. هو رڳو پکين جي آوازن ۽ اُنهن جي لاتين جا خواب ٻيو لتهندو هو، ۽ مون کي چوندو هو:

"آکيرن جي موسم آئي ڪي آئي، مچيل! ڏاڍا ڪي ڦاڏن وجهڻ جا مزا ٿيندا، پوءِ چنچل بکي لهندا. اُهي هميشه انگورن ڀڻ جي موسم ۾ آلسڪ جي پٽن تي ايندا آهن. ڏسجي ٿو ته هيءُ سال پلو ٿيندو، هيءَ سٽائي هوا جيڪڏهن چالو رهي، ته پاڻ ڏاڍا ڪي اُن لپ پکين جا جوڙا ڦاسائيندا سين!"

جيئن هو اهي ڳالهيون ڪندو هو، ته هن جو سڪل مُنهن اُکلي پوندو هو، هن جي قدي وڏي وات تي مُرڪ چانڇجي ويندي هئي ۽ هن جون اکيون گولائيءَ سائل ٿي ويندیون هيون. اڳ ئي ڀڻ هو پنهنجين ڦڙڪن ۾ ڦائل هيڙها ۽ چنچل پکي اکين ڀيو ڏسندو هو، پنهنجين اُنهن ڦڙڪين ۽ چُڙڪن لاءِ، جيڪو به گهوڙو اسان وٽ نعلبنديءَ لاءِ ايندو هو، اُن جي پڇ جا وار پوءِ پٽيندو هو.

پنهنجي سير آڻڻ سڄو وقت، اُنهن وڏين ڳالهين جا خواب ڀيو ڏسندو هوس، جيڪي اُن وقت ضلعي جي ايوان ۾ صورت وٺي رهيون هيون ـــ سڀ کان وڏ منهنجي دل ۾ فوج جي جبري پرتيءَ جي ڳالهه

هوندي هئي؛ تنهن جو سبب هيءُ هو، جو آڻ پاڻ ۾ ايندڙ سيپٽمبر ۾ اُن سلسلي ۾ پُڪو ڪيڏ وارو هوس، ۽ انهيءَ ڪري ٻين سڀني خيالن کان مون کي اُهو خيال هر وقت ستائيندو ٿي رهيو.

بهرحال، هڪ گالهه، بلڪل پئي اقسر جي، اوچتو مُنهن ڪيڏي، منهنجي آڏو اچي بيٺي.

ڪجهه وقت کان وٺي، جڏهن شام جو آڻ پنهنجي گهر ايندو هوس، تہ جهوپڙيءَ ۾ پير رکڻ سان منهنجي نظر امڙ ليٿوسيئر ۽ سندس ڏيءُ تي پوندي هئي، جيڪي ويٺيون منهنجي ماءُ سان گڏ سٽي پيون ڪتيندڙيون هيون، ۽ اُنهن جي ڀاسي کان منهنجو پيءُ، سٽوريئن ۽ نندڙو اليائي ويٺا هوندا هئا، جيڪي پنهنجن ڏاڍن ٻاڍن جي ڪم کي لڳا پيا هوندا هئا. ۽ اسان جا اُهي مهمان سڀ اوسوڙا پليو، ڏهين ڄڻي تائين اسان جي گهر ۾ ويٺا هوندا هئا! ليٿوسيئر پنهنجي هوندڙ وارا هئا (اُنهن ڏينهن جي حالتن آهر)، ۽ اُنهن ڄڻي ڏيءَ، اُنهيءَ — ڏگهي قد واري، ڪجهه ڳل رنگ، پر صاف ستري، تازي توانيءَ، گورڙي— ڪافي ڪجهه ڏسڻ جهڙي چوڪري هئي. اڪثر هن کي آڻ، پنهنجي ڏکڻ کان، ڪچ تي ڏلو ڪٽي، چشمي تان پاڻي پرڻ لاءِ ويندي ڏسندو رهندو هوس. سڀائين هن جي طبيعت وٺندڙ ۽ خوش مزاج لڳندي هيم. اڪثر هن کي ڪُلهن تان وريل پٽيُن وارو آسماني سوٽي ڪڍ تو ۽ چيڀ جو نندو گهاگهرو پاتل هوندو هو، ۽ پانهون ٽوٽنين تائين آگهاڙيون هوندیون هيس.

هيءُ سڀ آڻ ڏسندو هوس، پر منهنجو هُن ڏانهن گهٽو خيال ڪونہ ويندو هو، ۽ نہ ئي هن جي لاءِ دل ۾ ڪا اهڙي گالهہ ٿي ڪڍهن آئي هيم. ڪڍهن ڪڍهن شام جو ويٺي ويٺي، هن کي سُٽي ڪتيندي پيو ڏسندو هوس، ۽ بنان ڪنهن خاص گالهہ جي، جمُن نوجوان چوڪرا چوڪريون، پنهنجي خالص سادگيءَ ۽ گالهين گالهين ۾، ڪندا آهن، آڻ هن سان چرچو گهٻو ۽ ڪل مسخري ۾ ڪري ويهندو هوس، ۽ اُن ڪري ہ، جو اِها تہ فطري گالهہ آهي، اُن جي ٻڌيان ڪا خاص نيت ۾ ڪانہ هوندي آهي.

هڪ ڏينهن، بهرحال، منهنجي ماءُ مون کي چئي ويٺي:
"ميڊيل، گالهه ٻڌ! ايندڙ آچر تي 'لقلق پکيءَ' واري ناچ گهر ۾ وڃڻ ــــ تنهنجو پلو آهي. ها، بخملي ڪڙتو ۽ واسڪوٽ پائي، ان جي ڪالر تي دل جي شڪل وارو چانديءَ جو بلو هڻي، آتي وڃ، ۽ ڪا گوري ملهي ته هوڪاري ان سان ناچ ڪج!"
آءٌ اچرج ۾ پئجي ويس، ۽ پڇيم ته "ڇو؟" ۽ هن منهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو ۽ مُرڪندي جواب ۾ چيو:
"پاڻهي تون ڏسندي!"
منهنجو پيءُ پنهنجن ئي خيالن ۾ گم، ڏلهو ٽاهمندو رهيو. منهنجي ماءُ جي وڏيڪ ڏانهس ڏسندي رهڻ تي هن چيو:
"ليٽوٽيئر" شاهوڪار آهن. توکي ضرور اوڏانهن وڃڻ ۽ هنن جي ڏيءَ سان ملاقات ڪرڻ ۽ گڏجي نچڻ کپي: اوهان جو سٺو جوڙو ٿيندو."
اِهو ٻڌي، مون پاڻ کي بيآرام محسوس ڪيو. اُئين نه هو ته مون کي آها چوڪري ڪا ناپسند هئي، پر شاديءَ جي گالهه ئي منهنجي من تي اڃان ڪانه آئي هئي. بهرحال، ڪجهه وڏيڪ ڄاڻڻ جي خيال کان ۽ ڪجهه بيعقليءَ جي ڪري، ۽ پڻ اُئين سوچيندو ته منهنجو پيءُ خوش ٿيندو، مون جواب ڏنو:
"جيڪا اوهان جي مرضي. آءٌ رڳو چوان ٿو ته آءٌ اڃان شاديءَ ڪرڻ جيترو نه ٽيو آهيان. مون اڃان فوجي پرتيءَ جو پُڪو به ڪونه ڪيو آهي."
"پوءِ به ناچ گهر وڃڻ ۾ تون لهي ته نه ويندين، ۽ ساڻي وقت تو مان اِهي ماڻهو خوش به ٿيندا. اِها هڪڙي نصيحت ڏري گالهه آهي ــــ ٻيو ڪجهه نه."
"پٽاڻي،" مون جواب ڏنو.
ٻئي آچر تي، صبح جي دعا کان پوءِ، آءٌ نڪتس، ۽ ڏاڍو گهڻو دل من هٽندو، چاڙهيءَ تان لهندو، اڳتي هلندو ويس ــــ ۽ عجب ۾ هوس ته چا ٿيو ڪريان.

آن دؤر ۾ ڊوڊانهي برنهيل جي ٻوهه، ٻيڪوڙي، لئزل برج ۾، 'لقلق پکي' جي نالي سان ڪلال خانو هلائيندي هئي؛ ۽ آن جي پٽيان، جتي اڄ لاهي وٽ باغ آهي، عام لوڪ ديول مان ٻاهر نڪري، وٽن جي هيٺان، آڇر ڏينهن صبح جي ڦهر ۾ ٻهي ڇڏندا هٿا ۽ پنهنجي غريبي سار ۽ خوشيون ڪندا هٿا. ٻيو تم آتان جو نائب پادري، موسيو ڪرستافر، ماڻهن جي اهڙين ٻي ضرر خوشين تي، ٻين ديولين جي پادرين جي ابتڙ، ڪو اعتراض ڪونہ ڪندو هو، بلڪ اهڙي غريباڻي ناچ گاني، ويندي جين رئت جي توتاري جي زوردار وڄت تي ۾ اڪثر ۽ ڪن لاتار ڪري ڇڏيندو هو. انهي طرح آتي ماڻهو آلسي جوسقيد شراب ۽ امڙ ٻڪوڙي جا ٻڪل ڪيڪ ٻي اونا ٿي ويهي کائيندا هٿا.

گهٽي ۾ ان هيٺ لهندي، آڇ سيڙهي چڙهي، ڪلال خاني جي اڳئ ڏاڻهن ويندي، سون آتي جوان جوڙن کي ڦيرائيون پائيندي ڏئو. اڃان آڇ مٽي پهتس ئي مس تم امڙ ليٽوميئر پاسي واري ۾ پنج تان وينئي، سون کي سڏ ڪيو:

ڪُومل آئنهيٽي ۾ آتي هئي، ۽ سون کي ڏسي اڄ ڪان مٿهن گاڙهو ٿي ويس. سون هن جي پانهن پنهنجي پانهن ۾ ورتي، ۽ نچڻ لاءِ چيوسانس؛ جتهن تي هُن سنهي آواز ۾، عجب ۾ پوندي، چيو:

"او، موسيو مچيل! او، موسيو مچيل!" بهرحال، وري پنهنجون اکيون ڪٽي، هوءَ سون سان وک ڀري، گڏجي هلي.

هر دؤر ۾، انقلاب کان اڳ يا پوءِ جوان ڇوڪرين ساڳئي ٿي روش پٽي اختيار ڪئي آهي، هميشه هُنن هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻئي ماڻهوءَ کان وڌيڪ پسند ٻئي ڪيو آهي.

آڇ هُن سان ڪيئي ڀيرا گڏجي نچيس—پنج يا ڇهه ڀيرا. سون کي ياد ناهي تم ڪيترا ڀيرا. چوڌاري ماڻهو اسان کي ڏسي مُرڪندا رهيا. ۽ امڙ ليٽوميئر ٻڻ خوش ٻئي ڏسڻ ۾ آئي؛ ۽ آئنهيٽي جي گلن جو رنگ بار بار گاڙهو ٿيندو ٻئي رهيو، ۽ هن بار بار پنهنجون اکيون هيٺ ڪري ٿي ڇڏيون. ظاهر هو تم آتي ڪنهن ۾ سماست جون

گالهيون ڪرڻ ٿي ڪيون، پر وڃڻا ٿي ڪيائون، پٽڻ ن ٿي ۽ پڪل ڪيڪ ٿي ڪاڏائون، ۽ دل جون گالهيون ٿي ڪيائون. اها ئي زندگي آهي.

مون دل ۾ سوچيو:

"هين تي منهنجي ماءُ خوش ٿيندي، جو تہ هاڻي ماڻهو ڪيس سندس پٽ جو نالو ونڻي مبارڪون ڏيندا."

پر، اُن سڀ جي هوندي ہ، لڳ ڀڳ ڇهين ڏينهن مون سوچيو تہ گهڻو ٿي چڪو، ۽ ڪنهن بيءَ شيءِ جو خيال نہ ڪندي، آءٌ لهي هيٺ گهٽيءَ ۾ ويس، ۽ چيل جي هلي ۾ گهڙي ويس، جو تہ آتان، وڃان ٽڪرين تان ٽپندو، منهنجي گهر ڏانهن وينڌڙ پنڌ ٽورو هو.

موسم سڙڪو، هوا ڪجهہ ڪوسي هئي، هر شيءِ سائي ڇڄ ۽ پنهنجي پوري ٽوهہ ۾ ٿي لڳي. رتن جوت، ميندي ۽ جهنگلي توت- فرنگيءَ جي ٻوٽن سڄي پٽ تي سائي گلڪاري پٽري چڏي هئي. ماڻهو ائين سمجهي پئي سگهيو، جڙ جون جو ٻهنو اڇي ويو هجي. اهي گالهيون منهنجي من تي ائين تري ٽيون اچن، جڙ ڪمئي سال اڳ نہ پر ڪالهہ ائين ٿيو هو.

آخرڪار، چاڑهيءَ تان آڪري مٽي پهتس، ۽ مُڙي وڏو رستو ورتم، جتان پري ڪان لابراتس جي گهرن جون ڇتيون ڏسڻ ۾ پئي آيون، ۽ آتي، ہ ٿي سؤ قدم اڳيان، منهنجي اکين هڪڙيءَ ڇوڪري کي ويندي ڏٺو، جيڪا مٽيءَ ۾ ٻيوٽ، وڏو ٽيلهو ڪلهي تي کنيو، جهڪيل پٺيءَ سان، آهستي پر سانده وکون کڻندي، اڳتي ويندي ٿي رهي. پاڻ سان گالهائيندي، پاڻ کي مون چيو:

"اها مارگريٽ آهي! هائو، پڪ ئي پڪ اها هوءَ آهي!"

۽ آءٌ تکو تکو اڳتي وڌيس، ايتري قدر، جو ڊوڙڻ لڳس.

"ارڙي، تون آهين، مارگريٽ!"

هوءَ بهي رهي، ۽ مُڙي مون ڏانهن ڏٺائين. هن جو سانورو مُنهن پگهر ۾ چمڪي رهيو هو، هن جا مٽيءَ هاڻا ڪارا گهاڻا وار

هن جي ڳلن تي ٻئي ٻيا، ۽ هن جون اکيون هيون، جي شعلن جيان ٻئي ٻهڪيون. ڪل ۾ ڇٽڪندي، هُن چيو:

"آها، مچل! ڏاڍا سٺا سلياسين!"

جيئن مون ڏڏو ٻڏو ڏنو جيڪو هن جي ڪلهي ۾ ڇڻ ٻوهندو ٿي ويو، مون کي ڏک ٿيو ۽ حيرت ۾ پڄي ويس.

"تون ٺڪل ٿو لڳين!" هن چيو. "ڪٿان پري کان ٿو اچين چا؟"

"نه، ويجهو، رگو لزل برج کان — ناچ تان ٿي موٽيو آهيان."

"سٺو! سٺو! هن جواب ڏنو، ۽ اڳتي هلڻ لڳي. "۽ آڳ داڻي مان ٻيئي اچان، سچي ترڙ جو ڏورو ڪندي، هتي 'ٽيءَ اسٽيٽ' وارو ڪتاب ٻئي وڪيم. آتي آڳ ٻوري وقت تي وڃي پهتي هيس، عموضي اچان پهتائي مس هئا. ڪالهه صبح جو لورين علائقي جي لڪسيم شهر ۾ هيس."

"ما تون لوهم جي ٽهيل آهين-چا!" هن جي پاسي کان هلندي، هُن کان ائين پڇيم.

"لوهم جي؟ او، نه. سچي ڳالهه آهي تم آڳ ۾ ڏاڍي ٺڪجي ٻيئي آهيان. پر هاڻي دهل تي ڏڻڪو لڳي چڪو آهي، ۽ اڳتي سڀ صحيح ٿيندو، سڀ ٺيڪ ٿيندو."

هُن مُرڪيو، پر سچ پچ، هوءَ تمام گهڻي ٺڪل ٿي لڳي، جو تم جڏهن هوءَ ننڍيءَ پٽ وٽ پهتي جيڪا فائوسٽ جي پراڻي باغ جي چوڏاري ٽهيل هئي، تم هوءَ پنهنجو ٽيلهو آن تي رکي، پاڻ آن تي آهلي، ٻيهي رهي، ۽ چوڻ لڳي:

"اڄ تم هتي ڪجهه دير ڳالهائون ڪيون، ۽ ساهم پٽيون."

تنهن تي هن جو ٽيلهو-مون پنهنجي هٿن ۾ جهلي، پٽ تي پوريءَ طرح ٻهاري رکيو، ۽ چيو:

"هائو، ڪجهه آرام ڪريون. آه، مارگريٽ، تون اسان سڀني کان ڏکيو ڪم ٿي ڪرين!"

"هائو، پر ڏاڍو قلدائڪ ۾ آهي"، هُن ساڳئي اُن لهجي ۾ وراڻيو، ۽ اڪ جي ۾ اها چينپ ڏنيماس جيئن هن جي پيءُ کي ڪندي آڻڻ ڏسندو هوس. "هائو اسين چئي سگهون ٿا تہ اسين وڏي ڪجهہ اڳيرو ٽيا آهيون. اڳي ئي اسين پنهنجا قديمي حق وڃي چڪا آهيون، ۽ وڌيڪ ۾ا گهرڻ وارا آهيون. هر شيءِ اسان کي موڻي ملڻ گهرجي، هر شيءِ. ۽ هر شيءِ کي هڪجهڙو ٽيڻ کپي — هائو، برابر. ٽئڪسون سڀني لاءِ برابر ٽيڻ کپن، ۽ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي همت ۽ محنت پٽاندر ڪاميابي حاصل ٽيڻ کپي. هائو، اسان کي هر ڏاوڻ ۽ هر نوڙ ڪان ڇوٽڪارو ملڻ کپي، اها آهي آزادي، جا اسين گهرون ٿا!"

هُن-اڪ ڪٽي مون ڏانهن نهاريو. هن جي اُتساهہ ۽ جذبي ۾ منهنجي دل ڀرجي ويئي هئي. مون سوچيو:

"هيءَ ۾ هڪ انسان آهي. هن جهڙن انسانن جي پيٽ ۾ اسين جا آهيون؟ پنهنجي ملڪ لاءِ **انسان** جا ڪيو آهي؟ **انسان** جا سڏو آهي؟"

هُن مون ۾ نهارينديءِ پنهنجو ڳالهائڻ جاري رکيو:

"هائو، ڳالهہ اِئين آهي، ابتدائي حلقن جا بيان تقريباً پورا ٿي چڪا آهن، ۽ آهي اسين هزارن جي تعداد ۾ وڪٽنداسين. اِن وچ ۾، مون کي اڪيلي سِر دؤرن تي وڃڻو پوندو. اسان وٽ گذاري لاءِ سواءِ اسان جي هِن ڪم جي، ٻيو ڪجهہ ناهي، ۽ هاڻي تہ مون کي ٻن لاءِ ڪمائڻو آهي، چاڪاڻ تہ هن وقت منهنجو پيءُ اسان سڀني لاءِ ڪم ٿو ڪري. ٽيون ڏينهن ڀارنهن 'ليرا' مون هن کي ڏنا هئا — اِهو هُن جي هفتي جي گذاري لاءِ. مون پندرنهن ڪمايا هئا، ۽ اُن کان پوءِ چار ڀيا ڪمايا اٿم؛ اِن طرح هاڻي مون وٽ ستّ آهن. هائو، سڀ ڪم اڳتي وڌي رهيا آهن؛ ۽ استيٽس-جنرل جي گڏجاڻيءَ هلندي، اسين سڀني اُنهن تقريرن جون ڪاپيون وڪٽنداسين، جيڪي اُتي ڪيون ويندیون — 'نيءَ استيٽ' ۾، عام لوڪن ۾، وڪٽنداسين، جيئن اُهي هوندیون ٽيئن. نہ، اسين ڪما ڏي ڪونہ ويهنداسين. ذهن کي ضرور اڳتي وڌڻ گهرجي ۽ سڀ شيون جاڻڻ گهرجن. اِهو تون سمجهين ٿو؟"

"هائو، هائو، مارگريٽ،" مون چيو. "تون پنهنجي پيءُ وانگر ٽي ڳالهائين ۽ اهي ٽنهنجون ڳالهيون ذري گهٽ مون کي روئاري ٽيون وڃهن!"

هوءَ پٽ تي پنهنجي ٽيلهي کي ڀاسي سان لڳايو ويٺي هئي. سج مس لٿو هو. مٿل برف ڪوٽ ڏانهن، هيٺ افق تي آسمان ائين ٽي نظر آيو، جڙ آهو سون جو ٿهيل هو ۽ وچ وچ ۾ آن جي ڪنهن ڳاڙهيون ڏاروڻ پري چڏيون هيون. ٻئي طرف آودو، آسماني رنگ، مائل، بادلن بغير چنڊ هو، جيڪو ڪاپي پاسي ڪان، لئزل برج جي پراڻي قلعي جي ڊٽل نشانن وٽان آڀري رهيو هو. مون مارگريٽ ڏانهن نهاريو. هن ڳالهايو ڪونه، ٽي، پر مون جيئن آنهن نظارن کي چتائي ٻڌو. هن جون اکيون مٿي آسمان ڏانهن ڪنيل ۽ سندس ٿونٽ سندس ٽيلهي تي هئي. ٿيٽ هن جو ڌيان مون ڏانهن مڙيو، ۽ پاڻ ڏانهن مون کي ائين مائل ڏسندي چمائين:

"آها، آڃ تم مٽيءَ ۾ پري ٻئي آهيان، هائو نه؟"

هن جي سوال جو جواب نه ڏيندي، مون پاڻ ڪانئس پڇيو:

"تنهنجي گهٽي عمر آهي؟"

"پندرهن ڏينهن اڄ ڪان پوءِ، ايسٽر بعد پهرئين آچر تي آڃ سورهن سالن جي ٿيندس، ۽ تون؟"

"آڃ ارڙهن سالن جو آهيان."

"هائو، ۽ جانئو جوان،" ائين چوندي، هوءَ پٽ تان ٽپ ڏيئي هيٺ آئي، ۽ ٻئو پنهنجي ڪلهي ڏانهن ورايائين. "هين ۾ هٽ تم وڃاءِ. ها، هائي ٽيڪ آهي."

ٽيلهي کي ائين ٽورو ساهيم، تم به ڏاڍو آهو ڳرو مون کي لڳو؛ سو مون چيو:

"مارگريٽ، هي تمام ڳرو آهي. مون کي ڏي تم ڪٽي هلان!"

ٻئي جهڪائي، هوءَ هلندي رهي؛ مون ڏانهن مُنهن ورائي ڏنائين، ۽ ٽورو مرڪندي، جواب ڏنائين:

"هون! جڏهن پنهنجن وچايل حقن کي واپس وٺڻ جي جدوجهد

ٿي ڪجي، تہ ڪوبہ بار اهڙو ڳرو ناهي، جو ڪٽي نہ سگهجي. ۽ اسين پنهنجا حق واپس وٺنداسين، ضرور وٺنداسين."

وڏيڪ هن کي آڳ جواب ڏيئي نہ سگهيس، ڇو تہ هن کي جواب ڏيڻ جيترو ڏاهپ مون پاڻ ۾ ڪانہ ٿي ڏٺي؛ ۽ ٻيو تہ شاويل ۽ هن جي ڏيڻ جي عزت منهنجي دل ۾ ايتري وڏيل هئي، جو منهنجي نظر ۾ جنهن ساراهم جا هو لائق هئا، رڳو اُن جي ادا ڪرڻ جي زبان ۾ مون وٽ ڪانہ هئي.

مارگريٽ پوءِ وڏيڪ ٽڪل ۾ ڪانہ ٿي لڳي. رکي رکي، هُن چيو ٿي:

"هائو، هُتي لڪسمبر ۾ هو ضد پڏيو ٻڌا آهن، پنهنجي اوچاين تان هيٺ اچڻ لاءِ تيار ناهن ـــ آهي امير لوڪ ۽ مهنت لوڪ. ۽ هُنن کي سندن جواب ملي ويو آهي ـــ هنن کي آهو ڪجهہ ٽيڪ ٽاڪ ٻڌايو ويو آهي، جنهن جي پڏڻ جا هو لائق آهن. ۽ هر شيءِ هاڻي 'بيان' ۾ شامل ڪئي ويندي، ڪجهہ ۾ وساريو نہ ويندو. بادشاهم کي چاڻو پوندو تہ ماڻهو چا ٿا سوچين، ۽ ساڳيءَ طرح قوم کي نہ. البت پهرين اسان لاءِ اسٽيٽس-جنرل جي ڳڏجاڻي ضروري آهي. منهنجو پيءُ چوي ٿو تہ آها ٽيڪ طرح جي ٿيندي، ۽ آڳ ۾ ائين ٿي سوچيان. ۽ اسان کي ترسڻ گهرجي. اُن وچ ۾، وٽو تہ پنهنجن عهوضين جي پٽيرائي ڪريون. اُنهن کي محسوس ٽيڻ کپي تہ هو اسان تي پروسو ڪري سگهن ٿا."

ڏوري ئي وقت ۾، پوءِ، اسين لابراقس ۾ پهچي وياسين، ۽ آڳ مارگريٽ کي سندس گهر جي دروازي تائين ڇڏڻ ويس. رات جو آهو وقت هو، هُن پنهنجي ڪيسي مان وڏي چابي ڪڍي، ۽ اندر داخل ٿيندي، مون کي چيائين:

"هڪڙو ٻيو ڏينهن پورو ٿيو! چگو، مچيل، شب بخير!"

مون ۾ هن لاءِ ائين ٽيڪ چاهيو.

آڳ گهر پهتس، ۽ ڏٺم تہ منهنجو پيءُ ۽ ماءُ مون لاءِ ترسيا وينا هئا. جيئن ئي اندر گهڙيس، تہ هن مون ڏانهن نهاريو.

"ڇا ٿيو؟"

"پهرين تہ اسين گڏجي لچياسين"، سون جواب ڏنو.

"ڀوءِ؟"

"ڀوءِ آءٌ گهر هليو آيس."

"اڪيلو؟"

"هائو."

"تون اڃان لاءِ ڪونہ ترسئين؟"

"نہ."

"نہ هن کي ڪجهہ چيئي؟"

"اوهان ڇا ٿي سون کان چوائڻ چاهيو؟"

منهنجي ماءُ ٻاڻ جهلي نہ سگهي، ۽ واکو ڪري چيائين:

"چپ ڪر، چپ ڪر! تون ڏرو مُوڙڪ آهين! ۽ چوڪري ڏوکان ئي وڌ ڇسيل آهي، جو توکي چاهي ٿي! هنن جي ڀيٽ ۾ اسين ڇا آهيون؟"

ڪاوڙ ۾ سڄي هوءَ ڪارائجي ويئي، پر مون هن ڏاڍي ساڻ سان ڏٺو، ۽ ڪجهہ بہ جواب ۾ ڪونہ چيم. منهنجي ڀيڻ وچ ۾ جواب ڏنو:

"سچيل کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي، ۽ ايترو ڏاڍيان نہ گالهاءِ."

منهنجي ماءُ هُن ڏانهن ڏسڻ ڏنو، ۽ گالهائيندي رهي:

"ههڙو ڇسو پٽ بہ ڪٽي ڪنهن ڏٺو؟ هي تہ سوچي، ڇهن مهينن کان آءٌ هُن ڪڪ پوڙهيءَ، لينوسيئر، کي گهر ۾ ويهاري، خوشامد برامد ڪندي رهي آهيان، تہ منهنجي پٽ جو پلوٽئي! — هائو، هوءَ هيڇي پوڙهي رن جيڪا پنهنجي زمينن، گهڻن، ۽ ميندين جي ڏينهن جي گالهہ کان سواءِ ٻي ڪا گالهہ ئي نہ ڄاڻي! پورا ڇهہ مهينا هن جون آهي گالهيون ڪيون ٻڌيون اٿم. ڪو سوچي تہ سهي، مون ڇا ڇا نہ سٺو آهي! ۽ پوءِ جڏهن هر شيءِ ٺهي اچي راس ٽيڻ تي ٿئي، تڏهن هيءَ لغور سڄيءَ گالهہ کي لت هڻي، پيڙ ڪيي ٻهي ٽو رهي!

هر ڳالهه ۾ڻ ڪان انڪار! ڇا ٿو هيءُ پاڻ کي سمجهي؟ ڪو پڇس تہ سهي تہ تون شيءِ ڪهڙي آهين؟ تون ڪو امير آهين، جو ماڻهو تنهنجي پٺيان دوڙندا رهندا! او خدا، ڪنهن گهر ۾ هڪڙا ڳڏهم ڪيئن ٿا پلجن؟ هيءُ تہ تنهنجو ڏمر ٿيو منهنجي گهر لاءِ! هاڻي ڇا ٿيندو؟ مون کي تہ سوچيندي، ڏکڻي وئي ٿي وڃي!"

مون هن کي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وچ ۾ ڇڙپ ڏيندي، هن چيو:

"چپ رهه! اسان کي تہ ڪٽي وڃهه، ڪڏ ۾. اڄ نہ مٽاسين تہ سڀاڻي مرنداسين. پر تون پاڻ کي تہ ڏس! تون ڪو ڇٽو آهين، جو پاڻ کي ٻڌهي تي آڇاڻ ٿو چاهين؟"

ڪجهه دم پٽي، هوءَ وري شروع ٿي ويئي:

"هائو، هيءُ اسان جو لات" صاحب انڪار ٿو ڪري! تہ پوءِ ڪن تہ هيترا سال نڪولسن ۽ مچيلن ۽ ٻون لڪمن کي ڪارائي پياري ايڏو ڪيو! پڪ ئي پڪ، تون ۽ وڃي فوج ۾ آڇڙندين. ملڪ ۾ پيٽو گهٽائي پيا گهمن، هڪڙو تون ۽ آنهن ۾ وڌيڪ. ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ پر، آءٌ ٿي چوان هيءُ ست موڙهو انڪار ڇو ٿو ڪري؟ ضرور ڪنهن ٻيءَ سان دل لڳل اٿس! ازي ميڙا، خدا ڪان ڊج — ڪهڙو ٿو غضب ڪرين اسان تي هي؟ ڇا چوندا، ماڻهو! تو تہ ڇوٽ ۾ اسان کي ٻڌهن ڪٽي هڻ جهڙو نہ ڇڏيو .... پر ۽ تون ٿيندو ڪير آهين، انڪار ڪرڻ وارو؟....."

ائين چوندي، هوءَ ٻهاري ۾ هٽ وڃهي، مون ڏانهن مڙي، ۽ گهٽ" ٻڌهن ۾ وڃهي ۽ اکيون ڪڙيون ڪري، مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. آءٌ وڌيڪ هن کي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هوس. سو هار کائيندي، هڪدم ڏاڪڻ تي چڙهي ويس. ڪلاڊ جي وڃڻ ڪان پوءِ آءٌ اڻماني ۽ سان مٽي آڏ- چٽي ۽ تي سمهندو هوس، منهنجي طبيعت آن رات، ننڊ تہ ڇا، پر جهڻ تي ۽ نہ هئي. هيڻان، منهنجي ماءُ مون ٿي جهلون ڪندي رهي.

"هان! سو تون ڀڄي وئين، هائو نہ! مون کي ۽ اڪيون آهن، ٻيڪجهه ڏمان پيئي تنهنجا ڪرتوت! تو کي همت ٿي ڪانہ ٿيي مون

کي ٻڌڻ جي! پڇي ٿو وڃي مردود کٽان جو! ....“

آڳ شرم کان، کاوڙ کان، بنهه ڳوڙهجي رهيو هوس. ۽ اونڌو منهن ڪري، ڪٽي پاڻ کي تڏي تي اڇلايم، ۽ بار بار رڳو اهو ٿي سوچيم:

”منهنجا خدا! ڇا، اڄين به ٿئي ٿو؟“

هيڻان، منهنجي ماءُ جون رڙيون ٽمڻ تيز کان تيز ٿيندي، ٻڌندو رهيس:

”اوه، مت موڙها، لغور، رولو ڪٽا!“

منهنجي ٻيءُ وس ڪيا هن کي ٽڏي ڪرڻ جا، ۽ هيڏانهن منهنجا ڳوڙها هٿ، جي لار کمو، پئي منهنجي ڳلن تي وهيا. لڳ ڀڳ هڪ ڳهي جو وقت هو، جو گهر ۾ وڃي ڪا مالار ٿي، پر پوءِ به آڳ ايڏو دڳي هوس، جو ٻئي ڪانءِ ٿي آيم، ۽ پنهنجي اندر ۾ سوچيندو رهيس:

”ڏهه سال تون ڪوپن پيل گهوڙي جهڙن وهندو رهيو آهين. ٻيا هليا ويا، پوءِ به تون آهين، جو وٽن رهيو ٻيو آهين. تون گهر جا قرض ٻيو لاهين، ۽ پنهنجو آخرين ڏيارڏ به ڏيئي پنهنجن پوڙهن ٻيءُ ماءُ کي سنياڻين ٿو؛ پوءِ به، رڳو ان ڪارڻ ته تون هن ڇوڪريءَ سان شادي نٿو ڪرين جنهن وٽان توکي پئسا ملندا ـــ ۽ تون هُن جي ميندي جي کيتن سان پرٽجڻ نٿو چاهين ـــ ته توکي ڇيو ٿو وڃي ته تون ڪُهن ڪم جو نه آهين، فقط هڪڙو ٻيو لڪولس آهين، ۽ مت موڙهو آهين ۽ لغور آهين!“

۽ جهڙن پوءِ ٽمڻ منهنجو ڪروڌ وڌندو ويو. ننڊڙو ٻڌاڻي آرام سان منهنجي پاسي ۾ ستو ٻيو هو، پر آڳ سڄي رات اک به هڻي نه سگهيس. اهي ويچار من ۾ ڪندي ڪندي، منهنجو سڄو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويو، ۽ مون اڄين محسوس ڪيو جڻ ٻُهري ۾ منهنجو هانءُ نپوڙجي رهيو هو ـــ ۽ مون لاءِ باهر تازي هوا ۾ ساهه کڻڻ تمام ضروري هو.

نيٺ، انڪل چئين وڳي، آڳ آئيس ۽ ڏاڪڻ لهي هيٺ ويس. منهنجي ٻيءُ کي به ننڊ ڪانه هئي، هُن مون کان پڇيو:

"چا، سچمل آهين؟ باهر ٿو وڃين ڪيئن؟"

"هائو، بابا."

آڳ هن کي ٻڌايان ها ته منهنجي لاءِ هو دنيا ۾ بهترين ۽ سڀ کان وڌ مهربان ماڻهو هو، پر آهو ڪيئن ڪري سگهان ها؟ منهنجي ماءُ به جاگيي پئي ـــ آڳ منهن اوندهه ۾ هن جون چمڪدار اکيون ڏسي پئي سگهس، پر هن کجهه نه ڳالهايو، ۽ آڳ گهر ڇڏي باهر نڪري ويس.

باهر، وادي‌ءَ مان ڪوهيرو اڃي رهيو هو. مون ٽڪرين مان هيٺان وارو ريڊارن جو رستو ورتو، ۽ ترت ئي صبح جي آلاڻ ميڙي منهنجي ڪنڙتي جي هيٺان مون کي محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ رت مان دونهان نڪرڻ لڳم. خدا کي خبر ته هلندي هلندي، چا چا سوچيندو ٿي رهيس. مون ائين محسوس ڪيو، جڙ مون چاهيو ٿي ته هڪدم لاءِ براقس ڇڏي هليو وڃان، سئورين يا ڪوائرو وينٽ جي ڳوٺن ڏانهن، جتي لوهارڪي ڏنڊي جي ڪنهن شاگرد ـ ڪاريگر لاءِ ڪم جي ڪوٽ ڪانه هئي. برابر پنهنجي پي‌ءُ کي، ميٿورين کي ۽ نديڙي ايٽماني‌ءَ کي ڇڏي وڃڻ جي خيال منهنجي دل ۾ هڪ قسم جي هُوڪ اڀاري ٿي، پر مون اهو به چاتو ٿي ته منهنجي ماءُ ڪڏهن به ليٿوسيئر جي آباد ٿيڻ کي وساري نه سگهندي، بلڪ آنهن کي سدائين هوءَ اڃلي منهنجي منڊي ۾ هٽندي رهندي. اهڙين گهڙين ۾ ياڻهوءَ جي دل ۾ ڪهڙا ڪهڙا خيال ۽ ويچار آهن، جهڪي نٽا گذرن! اهڙين گهڙين ۾ ماڻهو چاهي ٿي نٽو ته آنهن ڏانهن هُن جو ڪو ڏيان وڃي يا نه وڃي! پر ويچار هوندا آهن، جهڪي ايندا آهن، ويندا آهن، ۽ اها به شايد وڏي ڪا فطرت جي مهر آهي، جو هڪ پيرو آهي وڃڻ لاءِ ويندا آهن ته وري ياد نه ايندا آهن.

جو ڪجهه مون کي اڄ ياد آهي، سو رڳو هي‌ءُ آهي ته پنجين ڳڀي ڏاري، جڏهن ماڪ وسيي وسيي ماٺ ڪئي هئي، تڏهن سج، بهار جو سونهارو سج، اڀريو هو. پرپات جي نازگي‌ءَ مون کي جماري وڌو هو، ۽ اندر مان منهنجي دانهن نڪتي هئي ۽ مون پنهنجي‌ءَ دل سان ڳالهايو هو:

"مچيل، توکي هيتي ئي رهڻ گهرجي، توکي سيکڇهه سڻ گهرجي. نه، توکي پنهنجي ٻيءَ کي ۽ ننڍڙي اڻياڻيءَ کي ۽ پنهنجيءَ ٻيٽ کي ڇڏي وڃڻ نه گهرجي. اُنهن کي سنياڻن تنهنجو فرض آهي. ڪيتري قدر به تنهنجي ماءُ توکي ملامت ڪري، تڏهن به توکي هيتي ئي رهڻ گهرجي."

من ۾ اهي خيال ڪٽي، آءٌ وادي‌ءَ جي چاڙهي‌ءَ تان وري چڙهڻ لڳس، ۽ ننڍن ننڍن باغن ۽ ڇوڪرين بهار ۾ آپريل ساوڪن مان گذرندي جهڪي ڪوٽ جي پهراڙي‌ءَ سان چوڌاري موجود هيون، مون سڌو استاد جين جي بڻي‌ءَ جو رخ ڪيو، ۽ پاڻ کي وڌيڪ سگهارو ۽ جاندار پائيم. سج جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ڪوسو ٿيندو ويو، پکي پنهنجين لاتعن ۾ لڳل هئا، ۽ هيتي هڻي ڪنهن ٻن جي چوٽي‌ءَ تي گلاب - رنگ ماڪ جو ڦڙو ڪنبي رهيو هو، ۽ مون پري ڪان بڻي‌ءَ جي اڇي دونهين جي لام ڏٺي، جيڪا آهستي آهستي آسمان ڏانهن اُڏندي ٿي ويئي: جنهن جو مطلب هو ته وٽلنٽائين به سوير اٿيو هو ۽ پنهنجي ڪم کي لڳل هو.

مون پنهنجي وک کي وڌايو، ۽ جيئن آءٌ ڪوٽ جي بنهه ويجهو آيس، تہ لوڙهي جي ٻئي پاسي رنبي جي ڪنڊ جو ڏيمو آواز سنهنجي ڪنن تي پيو. ڪچي مٽي ڪري ڏڻم ته ننڍڙي مارگريٽ هئي، تنهن پنهنجي ننڍڙي باغ جي ننڍڙيءَ هڪ ڪنڊ جي مٽي ٻئي اڻلائي، جيڪو هنن جي ننڍڙي گهر جي ٻنيان هنن جو رکيل هو. هن آتي پٽاڻن لاءِ کا ننڍڙي ٻاري ٿي شايد تيار ڪرڻ گهري يا پٽاڻا پوکڻ ئي ٿي گهريا. مون کي جڏهن ياد پيو ته اڳينءَ شام جو هوءَ ڪيتري قدر ٽڪل ٽٽل، پنهنجي ڏکوئي دڙي تان، موٽي هئي، ۽ اڄ صبح جو سوير وري هن ٻئي ڪم کي لڳي ويئي هئي، تہ آءٌ تپرس ۾ پڄي ويس. آءٌ لوڙهي جي پرسان ٿي لنگهس ۽ جيترو هن کي اُنين ڪم ۾ رڌل ٿي ڏٺم اوترو منهنجي من ۾ هن لاءِ قدر ۽ عزت جا خيال وڌيا ٿي.

بهادر ۽ ڪم ۾ اورچ، سادو پڻي ڪوٽ پاتل. هوس ۽ پرن ۾ ڪاڪ جي ٽلهي جٽي پل هيس، هوءَ سڄي پنهنجي ڪم ۾ محو هئي. وڌيڪ، پهريون دفعو مون هن جا گل ڏٺا هئا تہ گول ۽ ٽامٽين

رنگ جا هئا. هن جي نديءَ پيشانيءَ تي ناسي وارن جي ٻُونگر ٽيندي ٽيندي، اڇي پروئن سان ٽڪي لڳي، ۽ هن جي لڏڙين تي آڙڙا ٿي نازڪ سنهڙا وار هئا جن جي چوٽڙين ۾ هن جي ڳهر جي ٻُوهتل آنڪي ٻل پئي ڏني. پٽائن جي ٻڌي ڪپندي، ۽ اڏ ڪندي، هن رنبو زمين ۾ الدر زور سان هنيو ٿي، ۽ گهرج سارُو آن ڪي ڪاڪ جي جُتيءَ سان وڏيڪ الدر دٻايو ٿي، تم جيئن ٻڌو الدر پورو لٽجي سگهي. صبح جي سج جي آس هن جي چوڏاري چاڙيل هئي، ۽ ٽورو پرڙو صوف جي وٽن جي پتن سان ڀڪيل ٽارين مان ٻه آڌا چٽي هيٺ زمين تي لڇندي ٽهي رهي. سڄيءَ ڏرتي آڌاچندي ٽهي رهي ۽ هرشيءَ روشن ٿيي لڳي. ماٺهو اڳواڻ ٿي ڇڏي ٿي سگهيو تم ڏينهن ڪوسو ۽ ڏياوان ٽيٽو هو.

هن ڏانهن گهٽو وقت ائين نهاريندي، مون کي منهنجي ماءُ جا لفظ ياد اچڻ لڳا. "ضرور ڪنهن ٻيءَ سان دل لڳل اٿس،" هن چيو هو. برابر، هين چوڪريءَ وٽ جيتوڻيڪ نم ٻنيون آهن نم چراگاهم ۽ نم ڪو مال متاع، پر هين وٽ ٻوءِ ٻه ڪم از ڪم همت ۽ جرئت آهي، ۽ ان ڪري ٿي هين کي منهنجي جيون ساٿياڻي ضرور ٻڌڻ گهرجي. باقي زندگيءَ جون سڀ شيون ٻوءِ اسان کي خود ٿي ملي ويندیون. بهرحال، پهرين، پنهنجي محنت ۽ جانفشانيءَ سان ٿي آڻ هين کي حاصل ڪري سگهان ٿو.

۽ آن گهڙيءَ کان پوءِ، مون پنهنجو اهو ارادو ڪڏهن ٻه نم بدلايو. آڻ مارگريٽ جي، جيئن پوءِ ٿيئن وڏيڪ، عزت ڪندو هوس، ۽ اهو خيال، يا انومان ٻه، تم هوءَ ڪنهن ٻه صورت ۾ ٻي ڪنهن جي ڪٻنوار ٿي سگهندي، آڻ پنهنجي تصور ۾ ئي نٿي آڻي سگهيس.

ان فيصلي تي پهچڻ کان پوءِ، مون ڏٺو تم ٻيا ڪيئي ماٺهو، پنهنجي پنهنجي ڪم تي وڃڻ لاءِ آنهيءَ رستي تان پئي آيا، ان ڪري آڻ آتان روانو ٿي ويس — پر هاڻي آڻ پُراعتماد هوس ۽ ٿڻ هر طرح خوش هوس. جيئن آڻ گوٺ ڄڻي گهٽيءَ ۾ گهڙيس، تم منهنجي نظر وٽلنٽائين تي پيئي، جيڪو ڪڻ جي سامهون مون لاءِ ترسيو ٻيٺو هو.

هن جي قميص جون بانهون لونئين تائين ڪنڇيل هيون، ۽ هن جي ڇاتي آڻ ڍڪيل هيون.

"ڪهڙي نه عالیشان هوا آهي، مڇيل!" مون کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي، هن رڙ ڪئي. آها، اڄ رڳو، جڏهن آپر هجي ها، تہ پاڻ گڏجي مزي سان ٻيلن مان گهمي اچون ها!"

"هائو،" مون، پنهنجو جُبو لاهيندي، ۽ مُرڪندي، هن کي جواب ڏنو. "پر اڄ سومر آهي، جيڪو وڻن جو ديوتا ڇيو وڃي ٿو! اڄ، صبح جي پهر ۾، پاڻ کي ڪم ڪهڙو ڪرڻو آهي؟"

"گذريل رات، پوڙهو رَئنٽزا ۾ ڏزن کهاڙا هاربرگ ڳوٺ جا ڪٽي آيو هو، اُنهن کي ٽپڻو ۽ تمز ڪرڻو آهي؛ ۽ ڪرسٽافر بزمي۽ جي گاڏي۽ ۾ ٻہ نئين سرائي وڇٽي آهي."

"ٺيڪ، ٺيڪ!" مون جواب ڏنو. "تہ پاڻ وڻون ڪم ڪي!"

اڄ کان بهتر امنگ ڪم تي ڇڏهڻ جو ۽ ڪجهہ ڪرڻ جو مون پنهنجي طبيعت ۾ اڳ ڪڏهن ٻہ نہ محسوس ڪيو هو. لوهہ اڳي ئي بڻي۽ ۾ پيو هو، ۽ جيئن وٺلنٽائين آنبورو ۽ نديو مطرقو ڪنيا، تہ مون پنهنجي لاءِ وري وڏو مطرقو ڪنهو، ۽ پوءِ اسين ڪم ڪي لڳي وياسين.

هر پيري جڏهن مون صاف ڏٺو آهي تہ آءٌ چا ٿو گهران، ۽ ويهي خوابن لهڻ يا روزمره جي رواجي گاڏهين ڪرڻ بدران، مون هڪڙي۽ آنهي۽ مشڪل گاڏهہ کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جهڪا ڏيان طلب ٻہ هئي ۽ جنهن لاءِ همت جي ٻہ ضرورت هئي، تہ منهنجي طبيعت ۾ نئين جان ۽ نئون ولولو اچي ويندو آهي، ۽ پوءِ سڀئيون وڃائيندي ۽ گهائيندي، هڪ جهوني ۽ آزمودگار ڪاريگر وانگر، مون پنهنجو مطرقو هلايو آهي. سڀ کان وڌيڪ ٽڪائيندڙ گاڏهہ زندگي۽ ۾ اِها آهي، جو ماڻهوءَ جي مٿي ۾ ڪا سوچ، ڪو تصور نہ هجي؛ پر آنهن ڏينهن ۾ منهنجي مٿي ۾ هڪ سوچ، هڪ تصور هو، ۽ آنهي۽ مون کي وڌ ۾ وڌ تيز ۽ اتساهڪ خوشي ڏني ٿي.

توهان کي ائين ٻه سوچڻ نه کپي ته منهنجي آڌا سوچ يا تصور کو اهڙو هو جنهن جي حاصلات آنهيءَ ۱۸۸۹ع جي سال ۾ آسان" هئي؛ ۽ آنهيءَ صبح جي ستين وڳي، جيئن مارگريٽ پنهنجي ڪتابن جي وڏي ٽيلهي سان اسان جي دکڻ واڻان اچي لنگهي، تہ وٺلنٽائين مون کي آن حقيقت جي ياد ۾ ڏياري ته آڌا کا معمولي ڳالهه ڪانه هئي. هن کي اهو ٻه ڪونه هو ته شڪ دل ۾ رکڻ کهڙيءَ بلا جو ناالو هو، ۽ انهيءَ ڪري ٻه سندس هر لفظ سون ۾ تورڻ جهڙو هو:

"مچيل، ڏس،" آن جوان چوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪندي، هن چيو، جڪا تيسين اسان جو دکڻ ٽپي، لابراقس جي ٻئي ڇيڙي تائين پهچي ويئي هئي، "هڪ سورهن سالن جي چوڪريءَ کي اهڙو هڪڙو بار پنهنجي ٻڌيءَ تي کڻي وڃندي ڏسڻ" ڪيتري نه خطرناڪ ڳالهه آهي! سينهن ۾، برف ۾ ۽ سازيندڙ آس ۾، هوءَ ڦهندي وڃي ٿي، ۽ هوءَ پنهنجن هٿن ۽ پيرن جي سيئي ڏُنهن ۾ جي چوڻن تائين ٻهادر ٻه آهي — ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن جو هوءَ مقابلو نه ڪندي، جيڪڏهن هوءَ ۽ سندس پيءُ ملحد نه هجن ها، تہ هو شهيد هجن ها. پر تہ ٻه، شيطان آهي، جو هنن کي پنهنجا ننڍا نيجس ڪتاب وڪڻ لاءِ باهر ڇڏي ڏئي، انهيءَ لاءِ تہ هو اسان جي دين مقدس کي ۽ آنهيءَ نظام کي، جيڪو خداوند اعظم هن دنيا ۾ قائم ڪيو آهي، وڃي برباد ڪن. حق تہ هيءُ آهي تہ کنهن جزا يا انعام جي لائق هجڻ بدران، ان قسم جو عمل قاسيءَ جي لائق آهي."

"قاسيءَ جي، وٺلنٽائين؟"

"هائو، قاسيءَ جي،" پنهنجو نڪ اڳتي آڻيندي ۽ پنهنجا چپ پيڙيندي، هن جواب ڏنو، "بلڪ مُنيءَ سان ٻڌي، جيڪڏهن حق جو انصاف ٿئي تہ. ڇا، اسان لاءِ آنهن کي بچائڻ" واجب آهي، جڏهن آنهن جي سڄي سمجهه، ديانتداري ۽ همت سيئي اسان جي نابودي لاءِ استعمال ٿي رهيون آهن؟ هو لوٽڻ ۽ بگهڙن جهان آهن: جيتري وڌيڪ حرفت هو ڏيکارين ٿا اوترو وڌيڪ اسان کي کپي تہ هنن کي ختم ڪرڻ ۾ اسون چست ٿيون. جيڪڏهن اهي رڍن جهڙا

جيوَ هجن ، تہ اهڙا خطرناڪ ثابت نہ ٿيندا ـــ بلڪ اسين پوءِ آنهن جي بت تان آن ڪترينداسين ۽ سڪ ساءَ سان پنهنجي واڙي ۾ بہ رکي سگهنداسين، پر هي ڪالو ٻني ڪاهه، ڳالهہ نٽا ٻڌڻ ـــ اهي سچا پچا وبائي جيوڙا آهن."

"تہ بہ آهن تہ خدا جا جيوَ، جيئن اسين پاڻ بہ آهيون."

"خدا جا جيوَ، واقعي!" پنهنجون وڏيون ڳالهون آپيون ڪندي، هن رڙ ڪئي، "جيڪڏهن اهي خدا جا جيوَ هجن ها، تہ اسان جا پادري آنهن جون شاديون ۽ آنهن جا جهڙ ۽ موت پاڻ وٽ داخل ڪرڻ ڪان ڇو انڪار ڪن ها؟ ڇا، آهي پوءِ جانورن وانگر، مقدس مڪامن ڪان پري، ٻاهر سڃن پٽن تي، دفن ٿي سگهن ها؟ آنهن کي پوءِ نوڪرين ڪان ڇو خارج ڪيو وڃي ها، جيئن شاويل پاڻ چوي ٿو تہ هو خارج آهن؟ ڇو پوءِ سڀ ماڻهو آنهن جي خلاف دانهون ڪن ها، جيئن ڪن ٽا پيا؟ نہ، نہ، مچيل! جيتوڻيڪ ائين چوندي مون کي ڏک بہ ٿئي ٿو، ڇو تہ، هنن جي انهيءَ واپار کان سواءِ، اهي شاويل ٻيءَ هڙ تهمت ڪان بچيل آهن، تہ بہ استاد جين آنهن کي پنهنجي گهر ۾ اچڻ جي موڪل ڏيئي غلط ڪم ڪيو آهي. خود شاويل جي پچاڙي تہ ڏاڍي بُري ٿيندي، چاڪاڻ تہ هو تمام گهٽي دخل‌اندازي ٿو ڪري. اسان جا ويچارا لابراقس جا ماڻهو گڏهہ آهن، جو هنن کي نامزد ڪيو اٿن. آءٌ توکي اڳواٽ چتاءُ ٿو ڏيان تہ، جيئن ئي اڳوٽو نظام نئين سر قائم ٿيو، تہ پهريان ماڻهو جيڪي ٻڌا ويندا سي اهو شاويل ۽ سندس ڏيءُ هوندا ـــ ۽ شايد آنهن سان گڏ استاد جين بہ ـــ ۽ باقي اسين ٻيا ٻڌباسين، انهيءَ ڪري تہ ڪجهہ سال اسين بہ بنديخاني ۾ پنهنجا تتل پير ناري سگهون. پڪ ئي پڪ آءٌ ڏوهي ناهيان، جو مون کي بہ اها سزا ملي، پر شاهي انصاف جي ڳالهہ آهي، ڏوهہ ۾ حصيدار تہ آءٌ بہ آهيان! انصاف انصاف آهي، ۽ اسين پنهنجي اوتريءَ سزا جا لائق تہ ٿي چڪا آهيون. ارمان جهڙي ڳالهہ تہ آها ٿيندي، پر انصاف جو رتبو هر ڳالهہ کان مٿانهون آهي."

هُن پنهنجي پُٺي پوٽتي ڌاري ڇڏي، پنهي هٿن جا چنبا ڦاسائي،

پنهنجي بيوسيءَ طور اکيون بند ڪري، هو شوڪارا پرڻ ۽ ٽڏا ساهم ڪڍڻ لڳو. مون پنهنجي سير سوچيو:

"ڪو ماڻهو اهڙو بيوقوف ڪيئن ٿي سگهيو؟ هن جهڪي چيو، سو تہ عام سمجهہ جي ئي خلاف آهي!"

پر تہ بہ، آءٌ ڏسي سگهيس ٿي تہ جيڪڏهن آءٌ مارگريٽ کي مون سان پرڻجڻ لاءِ چوندس، تہ هر ڪو منهنجي خلاف ٿي بيهندو، ۽ لابراقس جا ماڻهو ممڪن آهي تہ اسان کي پٿر بہ هڻڻ بيهي رهن! پر ان سڀ جي مون کي پرواهہ ڪانہ هئي، ۽ پنهنجي ان همت تي خود مون کي بہ عجب پئي ٿيو.

اڃهيءَ شام جو، جڏهن گهر وڃڻ جي مهل ٿي، آءٌ بي خوف اوڏانهن روانو ٿيس، پر ان پڪي ارادي سان تہ پنهنجي ماءُ کي چپ چاپ ٻڌندس، ڪو بہ هن کي جواب نہ ڏيندس. جيئن آءٌ گهر جي ويجهو آيس، منهنجو پيءُ لٽل سُنهن سان، ۽ ڏکندو، ڊوڙي باهر مون سان اچي مليو، ۽ اشاري سان مون کي اڳتي ٻڌي، باغيچن واري اونداهي چاري ۾، گاڏهہ پولهہ ڪرڻ لاءِ چيائين، جيئن ڪو ڏسي تہ سگهي. مون آڻين ڪيو، ۽ هن غريب ٽٽل آواز ۾ مون کي چيو:

"تنهنجي ماءُ ڪالهہ رات ڏاڍو خواريءَ جهڙو تماشو ڪڍي مچايو هو، هائو نہ؟ هاڻي، تون چا ڪرڻ گهرندين؟ تون اسان کي ڇڏي ويندين، هائو نہ؟"

هن جي رت ڇڏي ويل سُنهن مان آءٌ ڏسي سگهيس ٿي تہ ڪيترو نہ هو پريشان هو.

"نہ، منهنجا بابا،" مون جواب ڏنو. "آءٌ توکي، نندڙي انياليءَ ۽ سمٿورين کي ڪيئن ڇڏي ويندس؟ اهو ممڪن ئي ڪونهي."

هن جي سُنهن تي ڪافي رونق اچي ويئي، ۽ ائين لڳو جڻ نئين سر جيءُ پيو هجي.

"آها!" هن رڙ ڪئي. "ڏاڍو سٺو! مون کي خبر هئي، مچيل، تہ تون اسان وٽ رهندين. هائو، آءٌ خوش آهيان، جو آءٌ آيس ۽ تو سان گاڏهايم. سچ پچ تنهنجي ماءُ ائين پنهنجي آپي ڪان باهر نڪري ٿي

تم آزار" ڪيو ٿي ڇڏي. مون پڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ هن هٿان ڏاڍو گهٽو سٽو آهي، بهرحال سڀ خير آهي، ان ڪري ٻه، جو هاڻي تون اسان سان رهندين ـــ سڀ خير آهي."

هن پنهنجي هٿ ۾ منهنجو هٿ ورتو، ۽ جيئن هُن اُنهن ڪيو تم منهنجي دل وڌيڪ ڀرجي آئي.

"هائو،" مون وري ٻه چيو، "آءٌ توهان سان رهندس؛ ۽ ڇڪڏهن منهنجي ماءُ مون کي گهالهائيندي رهندي، تم ٻه پاڻ اُنهن کي؛ هوءَ منهنجي ماءُ آهي، آءٌ هن کي ڇڏندو رهندس، ان جو ڪو ٻه جواب هُن کي ڪونہ ڏيندس."

اِن تي هو پوريءَ طرح مطمئن ٿيو.

"سڻو، تمام سڻو!" هن چيو. "رڳو گهڙي ٻه گهڙيون تون هتي ترس، جيسين اکيلو آءٌ موٽي گهر وڃان، ڇو تم جي تنهنجي ماءُ پاڻ کي گڏ ڏئو تم مون لاءِ آزار ڪري ڇڏيندي. سمجهين ٿو نہ؟"

"هائو، بابا. هاڻي تون وڃ."

هڪدم هو چارو ونڊي، اڳتي ٻڙي ويو؛ ڪجهہ دير رکي، آءٌ ٻه هن جي ٻوٽتان گهر ويس. منهنجي ماءُ چپ سُڃايو، ڇڪهہ جي پرسان ويٺي هئي ۽ ويٺي چرخو هلايائين. پڪ ٿي پڪ هُن سوچيو ٿي تم آءٌ ڪجهہ چوندس، ۽ گهر ڇڏي وڃڻ جو اعلان ڪندس، ۽ هن جي مرضي ئي اِها ٿي ڏني، ڇو تم جڏهن ٿي ويس تڏهن ٽاندن جهڙيون اکين سان هوءَ مون کي تڪيندي رهي، ۽ گهالهاوَن ڏيڻ لاءِ تيار پئي ٿي. هن جي ٻرن ڪان اِنماني ۽ ميٽورين ڪاري پئي جوڙي، ۽ هن جي آڏو پٽڪي ڪيڻ جي ٻه همت ڪانہ ٿي ٿين؛ منهنجو ٻيءُ ڇڪهہ ۾ وجهڻ لاءِ ڪائيون ڀڄي رهيو هو، ۽ لڪي لڪي، مون ڏانهن ڏسي ٻه رهيو هو. بهرحال، مون اُنهن ڏيکاءُ ڏنو ڇڻ مون ڪجهہ ڪونہ ٿي ڏني، رڳو هي ٻه لفظ چيم:

"شب بخير، بابا. شب بخير، امان. اڄ آءٌ ڏاڍو ٽڪل آهيان. سڄو ڏينهن بڻيءَ تي بڻي، ڪم ڪيو اٽئون!"

ائين چئي، آڏ ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳس، ڪنهن مون کي جواب ڪونہ ڏنو، ۽ آڏ ليٽي پيس، خوش هوس تہ مون جيڪي ڪيو هو سو ٺيڪ هو، ۽ مون کي ننڊ ڪٽي ويئي.

(۱۳)

ٻئي ڏينهن، صبح جو سويرو، ڪم تي ويس، تہ آتي اسان جو "ٽ ـ ڪبوترائون" ماڻهن سان پُر ڏٺم. سڄو رستو ماڻهن سان پريل هو، ۽ سڀ آهي اوڏانهن اچي رهيا هئا ـــ ڪي گاڏين ۾ ٻيا پيادل.

آفواهہ هو تہ اسان جي شڪايتن ۽ ڏکن سورن جو ٻان لکجي پورو ٽيڻ وارو هو ۽ ترت ئي 'ميئر' ڏانهن روانو ٽيڻو هو تہ آتي ٻين ضلعن جي شڪايتناسن سان آهو ٻہ ملايو وڃي.

چوندن کان پوءِ، ضلعي جا گهٽا عيوضي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي ضلعي جي شهر لڪسمبرگ ڏانهن ويا هئا؛ ۽ آهي سڀ هاڻي آتان موٽي ٻئي پنهنجن گهرن ڏانهن ويا ـــ ۽ ڏاڍا راضي ۽ خوش خوش ٻئي ڏٺا.

جيئن جيئن ٻئي آيا، تہ هُنن جي واتان ڇڻ هڪ ئي گاله ٻئي ٻڌي ويئي:

"سڄو ڪم هاڻي ٽي ويو هو. ٻيا عيوضي اڃان رستي ۾ آهن، سيڪجهہ طئي ٽي چڪو آهي."

وٽلنٽائين ۽ آڏ ٻہ ڏاڍا خوش هئاسون تہ استاد جن ٻہ اڇهو کي اڇهو ڏکڻ تي ٻهتو! جڏهن ڪنهن سان گڏجي ڏهہ سال پورا ڪم ڪجي، ۽ پوءِ يڪا ٽي هفتا آن کان سواءِ آن ٽي جاءِ تي گذري وڃن، تہ اِن جو ضرور اثر ٿيندو، ۽ اسان جي دل هُن لاءِ هاڻي ڏاڍو گهٽو ٽي تانگهوءِ. هو ڏکڻ ۾ هوندو هو تہ اسان جي دنيا ئي ٻي هوندي هئي ـــ جهڙو هو گهرو، متارو مڙس، آهڙو هو هن جو گهرو ۽ پريل آواز، سڄو ڏکڻ هن جي سڏن سان پُرندو ٻوهو هو:

"اچو، ڇوڪرا! اچو، بابا! همت ڪريو! وٽو ڪمر ڪي!" يا وري، "ٻيهو، ترسو! ساهہ پٽيون، ساهہ ڪٽي وڻون!"

هائو، اهڙين حالتن ۾، ماڻهوءَ کي محسوس ٿي ٿيو تہ وڏي کا شيءِ وچ ۾ موجود کالهي، گهٽي کا اٽورائي، وڏو کو خال هو ـــ سچ تہ، سچو وقت اسان کي ڳالهہ ئي نہ پئي وٽي.

اُهن، پوءِ، اسين پنهنجا جنکيٽ لاهي، مٽي ٽنگي، استاد جون جي اچڻ جي هاواٽي تي خوش ٿي، ڳالهين ۾ لڳي وياسون، ۽ ايندڙن جي ٽولين کي ايندي ويندي ڏسندا ۽ ساڻن حالي احوالي ٿيندا رهياسون. رکي رکي، امڙ ڪٽڙين ۽ ڪيولي صندليون ڪٽي پئي آيون تہ مهمان زالون گاڏين مان سولائيءَ سان لهي سگهن؛ ۽ پوءِ آنهن سان هڻن جا ۽ پاڻ ۾ انهن جا سلام ڪلام ۽ ٻوٽن خبرون چارون ٿيندڙون رهيون. ڇو تہ سڀ زالون اڪثر پڪيون پوڙهيون هيون ۽ هڪٻئي جون واقفڪار هيون ـــ ۽ انهيءَ ڪري بہ تہ هڻن سڀني جا مڙس عيوضي چونڊيل هئا، هنن سڀني جي وچ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪجهہ وڌيڪ پُرجوش ۽ سرگرميءَ واريون ٿي رهيون هيون، ۽ گهٽي قدر هڻن پاڻ ۾ رسمي شان مان جا گفتا ۽ طور طريقا پئي ڪم آندا، مثلاً مانائتي لفظ "مڊيمر" لفظ تي هڻن سڀني جو گهٽو زور هو!

وٽلنٽائين هڻن جا آهي ڏيکاءَ ڏسي، ٽوڪائتي انداز ۾ ڪلندو رهيو.

"ڏس، مچيل،" هن چيو. "هوءَ آهي توابياٽي ڪراس جنکس، ۽ هوءَ آهي آن کان وڏي امبرزادي جارٽيڪ! هاڻي اسان کي خاندائي سماج جي هلت ڏسڻ جو ويجهو موقعو مليو آهي!"

حقيقت ۾ هو آنهن ماڻهن ٿي جيکي امير گهراٽي مان نہ هئا، پر آنهن جهڙو ڏيکاءُ ڪندا هئا، هوئين ٻيم ٽٽول ڪرڻ کان ڪونہ رهندو هو. پر هاڻي آنهن کي اِئين مصنوعي ٽيگر سان هلندي، نمندي، ڪلندي ۽ آنهيءَ ڏار سان ڳالهائيندي، پنهنجي ڪنڌ نڪ يا گل کي ڪٽي ڦيرائيءَ سان ڪنهندي ۽ سندن اکين جي آن پُورَ ۽ پَٽَ، ۽ زورمَسَ جي مُرڪَ يا وات جي ٺاهہ ٽوهہ کي ڏسي، پنهنجيءَ پَٽ ۾ هو ڪِل ۾ ٻڌندو ٿي ويو ۽ وري وري اکيون پاڻيءَ ۾ ٻوڙجي ٿي ويس، ۽ هر هر اِئين چوندو رهيو:

"ٿوڙا پار هينن جا! ائين ٿا لڳن جيئن فادر بنيڊڪٽ جي گدڙ، فنادي، کي ڪنهن پرت جا پريل جنڪيٽ پارائي ڇڏيا هجن! اوه! هي خسيس احمق! ۽ ائين ٿو سوچجي تہ هي۽ واهيات خاق، هي ايرا غيرا، بادشاهہ سلامت جي خلاف ۽ مهاراڻي۽ جي خلاف، ۽ اعليٰ اختياري۽ وارن جي خلاف بغاوت جا خواب ٿا لهن! ۽ سوچجي ٿو تہ هي پنهنجي حقن جي دعوا ٿا ڪن! آڳ انهن کي هوند سندن حق ڏيان، بلڪل ڏيان! آڳ هنن کي جهلي هوند مان سان چراگاهن ۾ پهرائي ڇڏيان، ۽ جي آتي سالت نہ ٿين، ۽ گوڙ ڪن، تہ پوء ڇونہ پنهنجا سئس گارد ۽ پنهنجي گهوڙي سوار فوج کي وڏائي ٻيٽو ڪري، هنن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيان!"

اڪثر اهڙا بون ڳالهيون هو ڏاڍ هلائيندي، يا انهوريء ۾ لوهم جهلي ۽ بئي۽ ۾ وڃهي، پاڻ سان ۾ ڪندو رهندو هو. مون کي هميشہ خبر ٿيئي پوندي هئي. تہ هن ڇا ٿي پئي سوچيو؛ ڇو تہ پاڻ کي ئي سمجهڻ لاء مجبوراً هو پنهنجا خيال مون سان پيو وڌيندو هو ــــ ۽ هن جي آن عادت تي آڳ ۾ ڪافي پيو وندربو هوس.

نيٺ اسان پنهنجو ڪم شروع ڪيو. سنداڻ پورا ٿي ڪلاڪ لڳاتار ٻرندي رهي؛ شعلا ساڄي ۽ کاهي، آڏامندا رهيا، ۽ اسان کي سواء پنهنجي ڪم جي، ڪنهن ڳالهہ جي سڌ ئي ڪانہ رهي. پوء اوچتو هڪ پاڇولو نيڙي در ڏانهن وڌندي مون ڏٺو ۽ هُنهن ورائي ڏنم تہ منهنجي آڏو مارگريٽ بيٺي هئي. هٿ ۾ ڪا شيء هئس جيڪا هن گوڻ جي ٽڪر ۾ ويڙهي آندي هئي.

"اوهان لاء مون هڪڙو ڪم آندو آهي،" هن چيو. "منهنجي هيء ڪوڏر جيڪا مون ڪان ٽٽي پئي آهي، اڄ رات يا سڀاڻي صبح تائين اها ناهي مون کي ڏيئي سگهندا؟"

وٺلنٽائين ڪوڏر هن ڪان ورتي. آن جو قار هنڌان هنڌان گهٽيو پيو هو، ۽ پاهو بہ آ ڪليل هوس. مون کي تہ ڏاڍي خوشي ٿي، ۽ مارگريٽ جي نظر جو جواب سُرکي ڏنم. ائين جيئن ڪو چوندو هجي:

"دلجاءِ ڪر. آءٌ توکي اِها سگھو ئي ٺيڪ ڪري ڏيندس. پاڻھي منھنجو ڪم ڏسندين!"

ھن منھنجي سُرڪ جو جواب ٻُڌو، جڏھن ھن ڏٺو تہ ٽوري ڪان ٽوري ھُن جي ڪنھن ڪم۔ اچڻ سان ٻہ مون ڪيڏي خوشي ٿي محسوس ڪئي.

"اڄ رات يا سياڻي صبح تي تہ ناممڪن آھي،" وٽلنٽائين چيو؛ "پر تون سياڻي ننڍام جو اچي سگھين ٿي."

"نہ، نہ!" مون رڙ ڪري چيو. "اھو ڪو گھٽو ڪم ڪونھي. برابر، اسان وٽ ڪم جي گھٽائي آھي، پر مارگريٽ جي ڪوڏر کي اسين پھرين ڪٽنداسين. اھو تون مون تي ڇڏي ڏي، وٽلنٽائين! اھو ڪم آءٌ پاڻ تي ٽو ڪٽان."

"اِن ڪان وڌيڪ مون لاءِ ستي گالھہ ڪھڙي ٿيندي؟" وٽلنٽائين چيو. "پر ھي ۽ ڪم جيترو تون سمجھين ٿو آن ڪان گھٽو ٽنھنجو وقت وٺندو، ۽ اسان وٽ اڳي ئي وقت جي سوڙھہ آھي."

مارگريٽ سُرڪي ڏنو.

"چگو،" ھُن چيو، "تہ پوءِ توتي آءٌ چڏيان ٿي مچيل!"

"بلڪل، مارگريٽ، توکي ڪوڏر اڄ رات ملي ويندي."

۽ پوءِ ھوءَ ھلي ويئي. ھڪدم مون ڪوڏر کي ھٿ ۾ ڪنيو ۽ آن جي ڪار وارو حصو آتي جو آتي ڪڍي ٻنيءَ ۾ وڌم ۽ ڏسڻ کي ھلائڻ لاءِ آن جي ھٿي کي ڪٽي جھليم. وٽلنٽائين عجب وچان مون کي تڪڻ لڳو، ڇو تہ منھنجي روش ھن کي ڏاڍي گنھير لڳي؛ ۽ جيتوڻيڪ ھن ڪجھہ ڪونہ چيو، تہ ٻہ مون محسوس ڪيو تہ منھنجا ڪن ڳاڙھا ٿي ويا ھئا، ۽ ائين سچو منھنجو مُنھن رتولجي ويو ھو، ۽ پنھنجي آن ڪيفيت کي لڪائڻ لاءِ ھڪدم لوھار کو گيت شروع ڪري ڏنم:

"لوھار، ڙي لوھار!

"ٽنھنجي ٻَڌي سڄ سنوار!....

۽ هُن، جيئن هُن جي عادت هوندي هئي، آواز جي هيٺئين گرام ۾ مون سان ملي گايو ـــ جنهن ۾ پراڻن شاگرد ـ ڪاريگرن واريءَ هر لفظ جي دردِيلي جهِيل سان، هُن جي نڪ جون ڇوٽڪيون ڦهلجي ويندِيون هيون. اسان جا مطرقا راڳ جي لئي سان سنداڻ تي لڳندا وڃندا رهيا، ۽ منهنجي اَن خيال تہ آءٌ مارگريٽ لاءِ آهو ڪم ڪري رهيو هوس، منهنجي دل ڪي خوشيءَ جي خزانن سان ڀري ڇڏيو. آءٌ نڏو پانيان تہ سڄيءَ زندگيءَ ۾ اَن کان بهتر جذبي سان ڪڏهن مون ڪم ڪيو هو. اِئين ٿي لڳو تہ منهنجو مطرقو هيٺ اڇان ڪريو ٿي مس ٿي، تہ ازخود مٿي اُڀري ٿي ويو، ۽ سنداڻ تي لوهہ آهستي آهستي اِئين پکڙڻ لڳو جڻ ڪوڪڙ جو چوڙهالو ڪوهيل انو هو.

پنهنجي اَن نئينءَ ڪوڏر کي پهرين مون بٽيءَ مان نڪتل باهم سمان گرسيءَ جي درجي تي ڏاهيو، ۽ پوءِ ڏڏيءَ گرسيءَ جي درجي تي، ۽ اِن طرح مون اَن کي اهڙي سهڻي چورس ـ ڪٽ شڪل ڏني، جو ڪٽڻ ۾ بہ سولي ۽ يڪسانهي وزن واري ٿي پئي، ۽ اَن جي ڌار کي بہ پوري ۽ مناسب گولائي ملي ويئي، ۽ اَن جو پاهو ريهجي ۽ سانچي ۾ اِئين گول ۽ پوريءَ ڪنڌ ٿي لٿهوارو بيهارجي ويو، جو گهڙيءَ گهڙيءَ وٺلنڌائين بهي منهنجي ڪاريگريءَ کي ڏسڻ ۽ داد ڏيڻ لڳو. سچ پچ، مون هن کي چپن ۾ اِئين بہ پڪندي ٻڌو:

"هر ڪنهن جي پنهنجي وات. استاد جين جي نعلبنديءَ ۾ ڪو ٿاني ڪونهي، منهنجي پنهنجي اڪ ولڳڻ ۽ ڪِنارين لاءِ واهم واهم، چا چئجي! هائو، اسان جو ڪم خداوند قدوس جو هڪ تحفو آهي. ڪير بہ اِن جو انڪار نڏو ڪري سگهي. هيءُ سچيل آهي، جو جڻ ڪوڏرين ۽ بيلچن ۽ ڪانڌن ۽ هر جي گهوڙن لاءِ خاص آهي. اِها ڪاريگري هِن جي وات آهي، خدا وٺان هِن جو تحفو آهي.

جيئن هو پنهنجي ڪم سان اڳتي ۽ پوئتي پئي آيو ويو، هر هر مون کان پڇندو رهيو.

"منهنجي ڪا مدد گهرجئي؟"

پر هر وقت پنهنجي ڪم کي ڏسندي، جيڪو ٽيڪ ٽيڪ اڳتي

وڏندو ٿي رهيو، مون هن کي وڏي واڪ پڻي چيو: "نه، نه." پوءِ مون وري لوهار جو گهت گهائڻ ٿي شروع ڪيو ۽ ان طرح پيٽي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندا رهياسين.

آخرڪار، پنجين وڳي مهل، منهنجي ڪوڏر ٿهي راس ٿي. ائين پٽي آها چمڪي جڻ چاندي جي پليٽ هجي، ۽ ڦيندڙ هٿ سان چڙيءَ جيئن پٽي پُري. وٽلنٽائين آها ڪئين. هٽن ۾ آن جي تڪ ڪمائين، ۽ پوءِ مون ڏانهن نهاري چمائين:

"خود مشهور پراٽو ڪاريگر، ريبسٽاڪ، جهڪو ڪانٽا، ڪوڏريون، گهوٻا وغيره سڄي سٽزرلينڊ ۾ وڪڻي ٿو، هن کي ڏسي، خوشيءَ سان پنهنجو تجارتي نشان (R) هن تي هٿ لاءِ تيار ٿي ويندو، ۽ چوندو: 'مون اِها ڏهي آهي،' هائو، سچيل، هو جيڪي شاويل آهن، سي هڙي سهڻيءَ ۽ سڻيءَ ڪوڏر کي پاڻ وٽ رکڻ تي فخر ڪري سگهن ٿا، ۽ اِها وٽن کي نسل هلندي. اِها ٽنهنجي ڪاريگريءَ جي پهرين وڏي جوڙ آهي."

توهين سمجهي سگهو ٿا تہ آڳ ڪيڏو نہ خوش ٿيو هوندس! جو تہ وٽلنٽائين کي خبر هئي تہ هو چا بابت گهالهائي رهيو هو؛ پر هن جي سڄي ساراهن جو شان منهنجي لاءِ آنهيءَ منهنجي خوشيءَ جي آڏو ڪجهہ نہ هو، جهڪا مون کي ٿورو ئي پوءِ ملڻي هئي جڏهن آها آڳ مارگريٽ کي وڃي پيش ڪرڻ وارو هوس. بهرحال، ڪوڏر لاءِ اڃان گهڻ جي گهرج هئي، جهڪو منهنجو خيال هو تہ آڳ لوهڙي جي ڪاٽ جو ڪٽان نئون وڃي هٽ ڪندس. آن لاءِ هڪ گهڙي ہ ضايع ڪرڻ بجاءِ، آڳ ڊوڙي، اسان جي هڪ پاڙيسريءَ، جهوني ڪاريگر، استاد 'ريگاد' وايڊي، وٽ ويس؛ ۽ هن پنهنجي جهوني عينڪ کنن ۾ وجهي، هڪدم آهڙو ئي هڪ بي‌مثل گهن گهڙڻ شروع ڪيو، جيڪو مون چاهيو ٿي ـــ لسو ۽ گول، اهڙي هٿي سان جيڪو گهٽو وڌو نہ، پر مضبوط ٽوڪيل هجي ـــ مطلب تہ سڄو گهن هلڪو ۽ پائدار هجي. جيئن گهن ٿهي سليم، آن جا پسا ڏيئي، آڳ ٻوڻي آيس، ۽ جيئن سڄي ڪوڏر ٿهي راس ٿي هئي، تيئن ڪٽي ڪنڌ ۾ صفائيءَ سان رکي ڇڏيم.

۽ انتظار ڪرڻ لڳس تہ ڪڏهن ٻئي ڪم تان ڇوٽي ملهم، جو آها ڪٽي وڃي مارگريٽ ڪي ڏيئي سگهان.

ستين وڳي، جيئن آڏ دڪان جي آڏو پمپ تي پنهنجي ڳچي، مُنهن ۽ هٿ ڏوئي رهيو هوس، تہ اتفاق سان مون مُنهن ڪٽي، پري گهٽيءَ ۾ ڏٺو تہ مارگريٽ پنهنجي گهر جي سامهون نديڙيءَ بينچ تي ويٺي هئي ۽ پٽاڻا پئي ڇلهائين. هڪدم مون ڪوڏر مٿي ڪري پري ڪان ڏيکاريمانس، ۽ پوءِ خوشيءَ ۾ ٽمٽار، رڙ تي رڙ ڪندي، ڊانهس ڊوڙي ويس:

"هيءَ آهي تنهنجي ڪوڏر، مارگريٽ! هيءَ ڪوڏر تنهنجي! ڏس، چا ٿي چوين ان لاءِ؟"

هن آها ورتي، ۽ عجب سان اُن کي ڏسڻ لڳي، آڏ تہ ساهم ئي ڪٽي نہ پئي سگهيس.

"آها!" هن چيو. "پر وئلنٽائين لهڻ جوڙي هوندي؟"

۽ آڏ مُنهن ۾ ڳاڙهو ٿي ويس، ۽ جواب ڏنومانس:

"تہ چا، تون سمجهين ٿي تہ آڏ ڪجهہ نٿو جوڙي سگهان؟"

"او نہ! پر هيءَ ايڏي جا سهٽي آهي! توکي خبر آهي، سچيل، تون هڪ تمام وڏو ۽ شاندار ڪاريگر ٻڌجي رهيو آهين."

هُن مُرڪيو، ۽ آڏ پوريءَ سامت ۾ اچي ڇڪو هوس، جڏهن هن وڌيڪ چيو:

"پر، هيءَ تہ تمام ملهائتي شيءِ آهي! مون کي ڪيترو ملهم ڏيڻو پوندو؟"

لهڻ لفظن ٻڌندي، هيڪر تہ آڏ، جيڪو آسمان ۾ ڪڪرن تي پئي اڏامَيس، سو ڏڙام اچي هيٺ ڪريس، ۽ ذري گهٽ ڪاوڙ ۾ جواب ڏنومانس:

"چا، تون مون کي ڪاوڙائڻ ٿي گهرين، مارگريٽ؟ هوڏانهن تو لاءِ آڏ هيءُ ڪم ڪري تو وٽ آيو آهيان، ۽ تو لاءِ مون هيءُ تحفو ڪري آندو آهي، ۽ توکي خوش ڏسندي آڏ پنهنجي آپي ۾ نٿو ماڻان، ۽ هيڏانهن تون مون کان اُن جو مُلهم ٿي پڇين؟"

اُن ٽي، ايتري قدر منهنجو مُنهن لٽل ڏسندي، هُن دانهن ڪئي:

"پر تون بي انصافي ٿو ڪرين، مچيل! سڀ ڪم عيوضي جي لائق آهي، ۽ اُن کان وڌ، استاد جين ڪي پنهنجن اڳرن لاءِ پئسا ڏيڻا پون ٿا، ۽ تنهنجو پورهيو به هُن جو ڀڻل آهي."

هوءَ صحيح هئي، ۽ آءٌ ڏسي سگهيس ٿي ته هوءَ صحيح هئي: پر، ته به هن کي آءٌ جواب ڏيڻ کان رهي نه سگهيس، "نه، نه ـــ ڀالهه اِها ناهي"، ۽ پنهنجي وس کان ٻاهر ويس. اوچتو، بهرحال، هن جو پيءُ ـــ پنهنجي پوري چوغي ۾، ۽ هٿ ۾ لٺ جهلندي ـــ ٻاهر آيو، ۽ اچي مون کي ٻانهن مان ورتائين، ۽ چمائين:

"ڳگو، ڳگو! هي سڀ ڇا آهي، مچيل؟ اوهين به پاڻ ۾ جهڳڑڻ شروع ٿا ڪريو ڇا؟"

هو ليڪسيم مان بلڪل اُنهيءَ مهل ڪو آيو هو، ۽ مون ڏانهن خوشين ڀريل نظرن سان ڏسي رهيو هو. آءٌ پاڻ به بهرحال، هن کي ڪو جواب ڏيئي نه سگهيس، جو اُن وقت منهنجي صورتحال اُن لاءِ سازگار نه شايد نه هئي.

"هِن ننهنجي ڪوڏر جي مرمت ڪئي آهي"، مارگريٽ وچ ۾ ڳالهايو، "۽ هاڻي اُن جي عيوضي طور پئسن وٺڻ کان انڪار ٿو ڪري".

"هان!" شاويل عجب ڏيکارينديءَ چيو. "پر چو؟"

خوشقسمتيءَ سان هڪ سيبائتو ويچارُ شعلي جيان انهيءَ مهل منهنجي مغز ۾ آيو، ۽ مون چيو:

"نه، موسيو ر شاويل، مون کي هڪ 'درنيئر' به قبول ڪرڻ لاءِ-ڇائي نٿا سگهو. ڇا، اوهان مون کي سوين ڀيرا ڪتاب آڌارا نه ڏنا آهن؟ ۽ اوهان منهنجي پيٽ ليزيٽ، کي واسيلون ۾ ملازمت وٺي نه ڏني آهي؟ ۽ اوهين پهراڙيءَ جي عام ماڻهن لاءِ ڪم ڪونه ٿا ڪريو ته جيئن هو پنهنجا حق حاصل ڪري سگهن؟ جڏهن آءٌ موت ۾، اوهان لاءِ ڪو ڪم ڪريان ٿو ته اهو دوستيءَ ۽ احسانمنديءَ طور ئي ڪريان ٿو، چو ته آءٌ ته پاڻ کي ڏاڍو هڪ خسيس ۽ نالائق ماڻهو سمجهندس، جي آءٌ اُن لاءِ اوهان کي چوان ته "هن تي هي يا هي خرچ

لڳو آهي، سو مون کي ڏيو!' اها تہ بلڪل منهنجي فطرت جي خلاف ڳالهہ ٿيندي".

هن پنهنجين روشن اکين سان مون ڏانهن نهاريو، ۽ موٽ ۾ چيو:

"چڱو، چڱو! پر جيڪي اهو ڪجهہ مون ڪيو آهي، جو تون چوين ٿو، سو مون انهيءَ لاءِ تہ نہ ڪيو آهي تہ آءٌ پنهنجا قرض ادا ڪرڻ چاهيان ڏيان. جيڪڏهن اهي ڪجهہ ڪم آءٌ انهيءَ ارادي سان ڪريان‌ها، تہ آءٌ پاڻ بہ تہ پاڻ کي خسيس ۽ نالائق ماڻهو سمجهندس. تون سمجهين ٿو، ميچيل؟

جواب ڏيڻ لاءِ مون وٽ لفظ ئي ڪونہ هئا؛ مون ائين محسوس ڪيو تہ اڃهو کي اڃهو آنهن جي آڏو آءٌ روئي ويهندس:

"آه، موسيور شاويل، اوهين ڏاڍو مون کي ڏکويو ٿا".

جنهن تي هن جي دل ضرور منهنجي پيڙا تي پڄي پئي هوندي، چو تہ هُن وراڻيو:

"نہ، نہ، ميچيل ـــ منهنجي من ۾ ڪڏهن بہ اهڙو خيال نہ آيو آهي، چو تہ آءٌ توکي هڪ نيڪ ۽ سُٹيتو نوجوان سمجهان ٿو. ۽ تو کي ڏيکارڻ لاءِ تہ تنهنجي لاءِ سچ پچ منهنجو اهو خيال آهي، آءٌ تنهنجو تحفو قبول ڪندس. مارگريٽ، بابلي! پاڻ پئي اهو قبول ڪري سگهون ٿا؟".

"بلڪل، بابا"، هُن جواب ڏنو، "ان سان هن کي گهڻي خوشي ٿيندي، تنهنڪري اسين انڪار نٿا ڪري سگهون".

پوءِ شاويل منهنجي ڪوڏر کي ڪٽي غور سان ڏسڻ شروع ڪيو، آن جي واڪاڻ ڪيائين ـــ ۽ چيائين تہ آءٌ هڪ سٺو ڪاريگر هوس، ۽ پوءِ تہ هن چاهيو ٿي تہ ڪجهہ وقت کان پوءِ آءٌ پاڻ هڪ استاد لوهار بڻجي وڃان، ۽ پنهنجن پيرن تي بيهي پنهنجو ڪاروبار هلايان. انهن دلدارين تي منهنجي طبيعت بحال ٿي ويئي، هلڪ بهار بهار ٿي ويئي، ۽ پوءِ جڏهن هو آٿي پنهنجي گهر اندر ويو، ۽ مارگريٽ بہ مون کي "شب بخير، ميچيل! تنهنجي وڏي مهرباني!" چيو، منهنجي دل تان ٻوجهہ

سڀ گالهيون وسري ويون، ان طرح آتان ٽيڪ ٽاڪ آڻ جو ٻاهر نڪري آيس، تہ ان گالهہ منهنجي من تان وڏو بوجهہ لاهي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ مون جڏهن گالهايو پئي تڏهن شاويل جون اکيون جهڪي مون ڏانهن هيون، تن مون کي تمام گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو هو، ۽ جهڪڻ منهنجا دليل ايڏا سهٻتا نہ هجن ها، تہ ممڪن هو تہ هو ان سچيءَ گالهہ جو تعبير ئي کو ٻيو ڪري ها. اها مون لاءِ تنبيهہ هئي تہ مون کي خبردار رهڻو هو، ۽ مارگريٽ بابت پنهنجا خيال پوشيده رکڻا هئا اوسين تائين، جو آهو ڏينهن ٿئي، جو سندس پيءُ کان سندس ٻانهن پنهنجي لاءِ آڻ گهري سگهان.

اهي ويچار، جيئن موٽي ڪلاڪ خاني ڏانهن پئي آيس، تہ منهنجي دل ۾ ايندا پئي رهيا. پوءِ جيئن ئي آڻ وڏي صفحي ۾ داخل ٿيس، تہ استاد جين" به اڳي آتي پهتو، هن پنهنجو وڏو جبو ڪپڙن جي ڪٻٽ مٿان ٽنگيو، ۽ دانهن ڪيائين:

"نڪولي، نڪولي! منهنجي نئين آئيل گنجي ۽ سوٽي ٽوپي ڪٿي اڇ! آها، هيءُ پنهنجي پراڻي ڪوٽ ۽ ڪاٽ جي جتيءَ پائڻ جو عيش! اڙي مڇيل، تون آهين؟ سو سا گيا پاڻ آهي ئي هيتي آهيون! سطرقا جلد ئي وري ساڳيءَ لئي ۾ وهڻ شروع ٿيندا! آڻ سمجهان ٿو تہ اوهين ڪم ۾ ٽورو پوئتي پئجي ويا هوندا. هائو نہ!"

"ايترا نہ، استاد جين! اسين ڪافي سڀي رفتار رکندا آيا آهيون. ڊنگسبرگ کان چوڪٽن لاءِ جهڪي ڪنڊون ٽهڻ لاءِ ملينون هيون، سي سڀ ٽاهي، ڪالهہ رات روانيون ڪري ڇڏيونسين."

"ٽيڪ! اها سڀي گالهہ ٿي. ڏاڍي سڀي گالهہ ٿي!"

انهيءَ مهل، امڙ ڪئٽرين پڻ ڪلندي، خوش ٿيندي، آتي آئي، ۽ پنهنجي مڙس کان خبرون پڇيائين:

"ڪيئن، ڪم پورو ٿيو، جين؟ سڄو ڪم پورو ڪري آيا يا اڃان رهيل آهي؟ پهر تہ وڃڻو ڪوٺ پوندو؟"

"نہ، ڪئٽرين، خدا جي فضل سان جيڪو ڪم هٿ ۾ هو، سو پورو ڪري آيا آهيون. سڄ پڄين تہ اهي درجا ۽ وڏ ساڻهپايون،

منهنجي نظر ۾ ڪافي ٿي چڪيون. اسان جو سوال هاڻي هت ۾ اٿن. ۽ "بيان" سياڻي نه، پر ان کي اڳتي روانو ٿي ويندو، پر اهو تيار ڪرڻ ايترو آسان به ڪونه هو. جيڪڏهن اسان وٽ شاويل نه هجي ها، جنهن آسان جي هيڏي مدد ڪئي، تہ خدا ڄاڻي، اسين ايان ڪٽي ڀينا هجون ها! هي ۽ هڪ انمول ماڻهو آهي، سيڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ گالهائي به هر شيءِ بابت سگهي ٿو! لابراقس لاءِ اها فخر جي گالهه آهي، جو هن کي چونڊي موڪليو اٿس. سينٽ حلقن جي عيوضين اتفاق راءِ سان اسان جي گڏيل ياد داشت کي اڳتي، موڊز ۾، پيش ڪرڻ وارن سان هن کي به شامل ڪيو آهي، ۽ آتي هر سطح تي انهن جي بچاءُ ۾ دليل آرائي ڪرڻ جي ذميداري به هن تي رکي اٿن: جيستائين لابراقس جو گيوٽ اڄ جتي ٻيٺل آهي اتي موجود رهندو، هن کان وڌيڪ قابل فخر ڪارنامو ٻيو ڪو آهو ڏيکاري ئي نہ سگهندو. شاويل اڄ جتي ڪٽي، ويجهو توڙي پري، ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو؛ ۽ اها به سينٽي کي خبر آهي تہ اسان هن کي پنهنجو عيوضي چونڊيو آهي، ۽ اهو به تہ هو اسان جي گيوٽ جي بائز - ڊي - شينز گهٽي ۾ رهي ٿو، ۽ وڏي گالهه تہ اسان جي سڃي ضلعي پنهنجي صحيح ارادي ۽ وڏي شعور جو ثبوت ڏنو آهي، جو هن جي ديني عقيدن کي نظرانداز ڪندي، هن جي لياقت ۽ عظمت کي تسليم ڪيو اٿن.

استاد جين" هي سڀ گالهيون، پنهنجو پراڻو جئڪيٽ بت تي ڏيکيندي ۽ ڪاٺ جي جتي ۾ پائيندي، چئي ويو.

"هائو" هن، سهڪندي، وڌا ساهہ ڪڍندي، گالهه جاري رکي، "پهرين ضلعن جي سوَن عيوضين مان هر اٿن جي پٺيان هڪ چونڊيو ويو، وري انهن پنهنجي پاڻ مان پندرهن ميمبر چونڊيا، جن کي يادداشتون ڪٽي، مٿي پيش ڪرڻيون آهن؛ انهن پندرهن ۾ اسان جو شاويل چوٿين جڳهه تي چونڊيل آهي. هاڻي پهرين شيءِ جيڪا ڪرڻي آهي، سا آهي دعوت. اوهين منهنجي گالهه سمجهو ٿا؟ منهنجو مطلب آهي دعوت جيڪا لابراقس جا اسان جا دوست اسان جي عيوضين، شاويل، جي مان ۾ ڏيندا. اٿن لاءِ هر شيءِ جو اڳي ئي بندوبست ڪيو ويو آهي.

لئوسيئر ۽ ڪوچارٽ ڪي پهرين سڌ ملي چڪو آهي. مون ڪي شهر ۾ آهي ’سونهري صوف‘ ڪلالخاني ۾ ملڻا هٿا: آنهن تي ڪم رکيو. ويو آهي تہ هن ٽائين ۾ دعوتون پهچائين. هن موقعي تي اسان ڪي سڀ پنهنجون رکيل پراٽيون بوتلون باهر آڻيون پونديون ۽ پڻ ڪاڌي جو ۽ پين شين جو پورو بندوبست ڪرڻو پوندو. اڄ رات نڪوليءَ ڪي وڃڻو پوندو، تہ ڇهم پائونڊ سڳي گهائي گوشت جا، ٽي پائونڊ ڪنڊاس جا، پاڪري گوشت جون ۾ سالم رانون، مارڪيٽ-هال جي قاصائيءَ ڪنز، ڪان وڌي اچي. هن ڪي آتي هڏائڻو پوندو تہ آهي استاد جين لهيرو، ’ٿ-ڪبوترائين‘ واري، لاءِ گهربل آهن. اسان ڪي سالم رانن جي پچائڻ لاءِ ٽوم ۾ گهربي. ۽ ڪجهم گوبي ساس ۽ ڪجهم اکڙوٽن ۾ ٿهيل پٽير ۾ ڪپندو، هائو، ۽ اسان ڪي ريڍي گوشت جون لوٽيل ماسائون رانون ۾ گهربيون. هر دعوتيءَ جي پسند جو پورو خيال رکڻو پوندو، ۽ آنهن مان هرڪنهن ڪي پڪي پوري خبر پوندي تہ لابراقس ڪي ئي اهو فخر حاصل آهي جنهن جو عوضي آنهن سڀني ڊانهن موڪليل چونڊيل سيمبرن جي لسٽ ۾ چوٿين نمبر تي آهي ـــ آهو ماڻهو جيڪو جيتوڻيڪ پين وٽ آڻ-جاتل ۽ آڻ-سڃاتل آهي پر گهڻيءَ مدت کان اسين هن ڪي خوب ڄاڻون سڃاڻون ٿا. اهو آهي آهو ماڻهو جنهن ڪي اسان چونڊيو آهي، ۽ جنهن هڪڙي آهو ڪجهم عام لوڪن جي حقن لاءِ ڪيو آهي جيڪو ٻيا پنجاهم گڏجي ۾ تہ ڪري سگهيا. پر انهن سيني گالهين بابت پاڻ پوءِ ۾ ورجي گالهائينداسين. شاويل پاڻ اڳي ئي بدترين خون-چوس ۽. آنهن جي چالاڪ کان چالاڪ حمايتين ۽ سيني هيڇين ۽ دولت جي پوجارين جا سڀنهن بند ڪري ڇڏيا آهن.

اِن ۾ تہ ڪو شڪ نڪي ٿي سگهيو تہ استاد جين، ايندي ايندي، رستي تي ۾ ٽي گلاس پي آيو هو. جيئن هن گالهايو پئي، تہ هن پنهنجا هٿ ۽ پاڻهون خوب پئي لوڙيون ۽ هوا ۾ هلايون، هن جا ڳاڙها ڳل هٿا جي سڀسندا ۽ ڦندڦندا ٿي رهيا، جيئن هو، هر سڳي دنر ڪان پوءِ، سدائين ڪندو هو. اسين عجب ۽ خوشيءَ جي ڪڌيل جذبي سان هن ڪي ٻڌندا رهياسون.

نمٽ نڪولي رات جي ماڻيءَ لاءِ چادر پکيڙي جنهن کان پوءِ چوڦير خاموشي ڇانڀجي ويئي، ۽ اسان مان هرهڪ، جو ڪجهه استاد کان اسان ٻڌو هو، پنهنجي مُنهن آن تي ويچار ۾ لڳي ويو.

جيئن ئي آڻي وڇڻ وارو ٽيس، تم استاد جين مون کي چيو:

"پنهنجي پيءُ کي چئج تم ڪيس ۾ سندس پراڻي ساٿي، جين ليروءَ، ياران دعوت آهي. هائو، اسين ٻئي پراڻا ساٿي **آهيون** — اسان ٻنهي جبري فوجي پرتيءَ لاءِ ۱۷۵۷ع ۾ گڏ ڀُڪا ڪيا هئا. ڪيس چئج، جيڪي آڻ ڇوان ٿو. دعوت سياڻي منجهند لاءِ آهي. ٻُڌئي نه؟"

جيئن هُن پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌايو، تم مون کيس جواب ڏنو:

"هائو استاد جين؛ ۽ اِها اسان لاءِ وڏي عزت آهي جيڪا اوهين اسان کي ڏيئ گهرو ٿا."

"جڏهن کو ماڻهن کي دعوت ڏئي ٿو، جيڪي عزت لائق آهن جيئن اوهين آهيو،" هُن ڳالهايو، "تم ماڻهو خود پاڻ کي عزت ڏئي ٿو ۽ آن مان هو پاڻ خوشي ۾ ماڻي ٿو. هاڻي، تو لاءِ شب بخير!"

پوءِ آڻ آڻان نڪتس. آن کان اڳ ڪڏهن ۾ منهنجي دين جي پيءُ ايتري قدر منهنجي پيءُ بابت عزت ۽ پيار سان ڪونہ ڳالهايو هو؛ ۽ اِئين جيڪڏهن ممڪن هو، تم آڻ سمجهان ٿو تم آن ڏينهن کان پوءِ منهنجي دل ۾ هُن لاءِ پيار اڳي کان ۾ زياده وڌيو هو.

(۱۴)

جيئن ئي آڻ گهر پهتس، تم مون پنهنجي پيءُ ماءُ کي ٻڌايو تم منهنجي پيءُ کي ۽ مون کي ٻئي ڏينهن، استاد جين وٽ، منجهند جي مانيءَ جي دعوت ڏني ويئي هئي، جتي لابراڪس جا نمڪرد سڏايا ويا هئا. هيءَ ڪيتري قدر اسان لاءِ عزت جي ڳالهه هئي، سا فوراً هو سمجهي ويا، ۽ منهنجي پيءُ جيي تم هيڪاري دل پرجي آئي. پوءِ کاڻي وقت هن ويني آنهن ڏينهن جون ڳالهيون ڪيون، جڏهن خاص طرح ۱۷۵۷ع

ٻ هُن ۽ جين لهروءَ جبري فوجي پرتيءَ لاءِ گڏ ٻڪا ڪيا هئا، جڏهن، هانهن ٻ هانهن وجهي، ۽ ٽيڪنڀائان ٽوپلا پائي ۽ آنهن تي ربينون لڳارائي، هو ڪوٺ جي وچينءَ گهٽيءَ منجهان لنگهيا هئا؛ اُن کان پوءِ هن منهنجي بپتسمي جي رسم جي گالهه ڪئي، جنهن موقعي تي هن جي دوست مون کي پنهنجو دين جو پٽ، سڏيو هو. اِهي يادگيريون هن نديري کان نديري تفصيل تائين ياد ڪيون، ۽ پوءِ، آپو ساهم ڪٽندي، هن چيو:

"آه، عاليشان پراڻا وقت، عاليشان پراڻا وقت!"

منهنجي ماءُ ٻ ڏاڍي خوش ٿي: پر جيئن تہ هُن جي دل ٻ منهنجي لاءِ اڇان ٻيائي هئي، هُن پنهنجي خوشي ظاهر نہ ڪئي، ۽ اُن جي بدران هوءَ چرخو ڪتيندي رهي. پوءِ ٻ، پُٽي ڏينهن اڇيون قميصون ۽ ٻوڪل جي ڏينهن وارا ڪوٽ اسان جي پائڻ لاءِ تيار رکيا هئا. هائو، صبح جو سوير اُٿي، هُن آهي ڏوتا هئا ۽ سُڪائي، ٽيڪ ٽاڪ ڪري رکيا هئا؛ ۽ جڏهن ٻنهڑن جو منهنجو پيءُ ۽ آءٌ تيار ٿي نڪتاسين ۽ وڏيءَ گهٽيءَ مان روانا ٿياسين ۽ ويندا رهياسين، تہ هوءَ در تان ٻيهي، اسان کي ويندڙ، ڏسندي رهي، ۽ پاڙيسرين کي فخر وچان ٻڌائيندي رهي:

"هو استاد جين جي وڏيءَ دعوت تي پيا وڃن، جيڪا هُن ڪوٺ جي نيڪمردن جي شان ٻ ڏني آهي!"

منهنجو غريب پيءُ منهنجي ٻانهُن تي ٽيڪ ڏيئي، جيئن مون سان گڏ اڳتي هلندو پئي رهيو، تہ منهن تي مُرڪ آڻيندي، مون کي چيائين:

"اسين اڄ ٻ آهڙا ئي صاف ستا ٻيا ڏسجون جهڙا چوندن وازي ڏينهن هئاسين. برابر، اڇان اسان تي ڪا مشڪلات ڪانہ آئي آهي، ۽ اميد ٿو ڪريان تہ ڪانہ ايندي، پر اسان کي ڪجي تہ پنهنجين زبانن تي ضابطو رکون، ڇو تہ وڏيءَ دعوت تي ماڻهو ڪجهہ مڙيوئي گهٽي گالهائڻ ٻ لڳي ويندا آهن. هائو، اسان کي خبردار رهڻ گهرجي. ٿوڻ ٻڌين ٿو نہ؟"

"هائو، منهنجا بابا. پر تون پريشان نہ ٿيءُ، آءٌ ڪجهہ بہ نہ چوندس."

پر، پوءِ بہ هو، سسکين خرگوش وانگر ڏکندو رهيو، جيڪو لڳاتار شڪارين کان بچندو، هڪ ٻوٽي کان ٻئي ٻوٽي تائين پڇندو، پاڻ لڪائيندو رهندو آهي. ۽ آنهن ڏينهن ۾ هُن جهڙا ٻيا ڪيئي هئا! لڳ ڀڳ سڀ هاري، جيڪي رئيسن ۽ نوابن جي ديدڀي هيٺ ۽ ديني نظامن جي چوڪٽن ۾ وڌي، وڏا ٿيا هئا، تن بلڪل اهو ٿي ڇاتو تہ هنن لاءِ انصاف ڪٿي بہ ڪونہ هو.

ڪنهن بہ ڳالهہ کي ڪٿي اڳتي وڌڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪئين نسل شاويل جهڙن پراڻن ڏڳ مڙسن جي اڳواڻيءَ ۾ اڳتي قدم رکن، جيڪي ڪڏهن بہ ڦرن نٿا ۽ پوئتي لٽا هنن. جيڪڏهن رگو هارين تي ۱۷۸۹ع جي انقلاب جي تڪميل کي ڇڏيو وڃي ها ــــ ۽ جيڪڏهن اِئين نہ هجي ها تہ بورجوازيءَ (وچ واري، شهري سرمايہ پسند، طبقي) هِن ڪم جي ابتدا ڪئي ــــ تہ اسين اڄ بہ آتي ٿي ٻڌا ٻيٺا هجون ها، جتي ۱۷۸۸ع ۾ هئاسين. آن صورتحال ۾ هي اميد رکي بہ ڪهڙي ٿيبي سگهجي؟ ڏک ماڻهوءَ کان همت کسي وٺي ٿو، ٻئي پاسي خوشي اعتماد کي جنم ڏئي ٿي. تنهن کان وڌيڪ، هاري کاڻي کا تعليم بہ وٺي نہ سگهيا هئا.

پر آن ڏينهن اسين ڏسڻ وارا هئاسين تہ ڪهڙو ڇگو ڪم شراب ڪري سگهيو ٿي. جڏهن ڪلالخاني کان اڃان هڪ سؤ قدم پري هئاسين تہ اسين آهڙن نيڪمردن جيءُ، جيڪي اتي پهچي ويا هئا، کِل ۽ خوشيءَ ۾ ريل گفتگو ٻڌي ٿي سگهياسين. پوڙهو ليٽوسيئر، کوچارٽ، ڪلاڊ هوري جيڪو قيٽا ٽاهيندو هو، گائيئرکورٽائز جيڪو ماهر بندق باز هو، ۽ استاد جين، سڀ گڏ ٿيا، وڏيءَ ميز جي هڪ ڪنڊ وٽ ٻيٺا، پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. ميز جي مٿان اڇو ڪپڙو اڳي ٻي وڇايو پيو هو. جيئن ٻي اسين اندر آياسين تہ ميز تي صراحين، گلاسن، بوتلن، پراڻي پرتَ ريل ناپڪينن ۽ تازو پالش ٿيل چمچن ۽ ڪانٽن کي ڏسي، حيرت ۾ پئجي وياسين ــــ آهي سڀ اُئين ٻئي چمڪيا،

جو سڄو ڪمرو، هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين، روشنيءَ جي چمڪاٽ سان ڇڻ ڀريو پيو هو.

"ها! منهنجو جهونو ساٿي، جيون پيئر، اڄي ويو!" استاد جين اسان کي ملڻ لاءِ پر قدم وڌي، زور سان چيو: هو پنهنجو لوهارڪو جئڪيٽ پايو بيٺو هو جنهن تي گهوڙي سوار فوجين جا بٽڻ لڳل هئا؛ سندس وڏا وار ڪنڌ جي پٺيان مٺاڻ ٻڌل هئا، ڪاريل گلي واريءَ قميص جي ٻٽڻ وڏي پيٽ تي واسڪوٽ پيل هوس، وڏن اوني جورابن جو جوڙو ۽ چاندي جي بڪلن لڳل ٻوٽ پاتل هئس. هن جا وڏا گاڙها گل دلجائپ جي جذبن ۾ لٽڪي رهيا هئا، ۽ جيئن هن پنهنجا ٻانهون هٽ منهنجي پيءُ جي ڳلهن تي رکيا، هن رڙ ڪندي چيو:

"آها، منهنجا مسڪين ساٿي، جيون پيئر، آءٌ توکي ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿيو آهيان! توکي ڏسندي، ڪيئن نه سڀ شيون مون کي ياد پيون اچن!"

"هائو،" منهنجي پيءُ اکين ۾ ڳوڙها آڻي، چيو. "تون فوجي پرتيءَ وارا خوشيءَ جا ڏينهن ٿو ياد ڪرين، هائو نه! آءٌ به آهي ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪندو آهيان، پر آهي ڪڏهن موڪي ڪونه ايندا."

لئٽوميئر، بهرحال، هڪ ڪن ڏانهن لڙيل پنهنجي ٽوپلي سان، دالچيني رنگ جي وڏي ڪوٽ ۾ ملبوس، جيڪو هن جي هڏانئن گوڏن تي تهه تهه ٿيو پئي لڙڪيو، ۽ گاڙهو واسڪوٽ پاتل هوس جنهن تي استيل جا بٽن هڪيئي سان لڳي چمڪي رهيا هئا، تنهن پري کان رڙ ڪري چيو:

"نه، آهي ڏينهن موڪي آيا آهن، جيون پيئر! رگو ٽيون ڏينهن ئي اسين سڀ وري فوج جي لائق ٻڌيا آهيون، ملڪ جو سڄو ڀهراڙيءَ جو علائقو اُن لائق ٻڌيو آهي — واهه واهه!"

۽ هُن پنهنجو ٽوپلو مٿي هوا ۾ لوڏيو. پيا سڀئي به، سامهون قطار ۾ رکيل بوتلن کي ڏسي، ڪلندا رهيا، ۽ هنن جون دليون خوشيءَ ۾ نچڻ لڳيون. رکي رکي، اُنهن مان هرهڪ، نڪ صاف ڪرڻ جي بهاني سان منهن ورائي، پنهنجيءَ پر ۾ اُنهن کي ڳڻيندو رهيو.

صفحي جي ٻيءَ کنڊ ۾، بورچيخاني جو دروازو کليو ٻيو هو، ۽ چلهه ۾ ڳاڙهو شعلا نچندي، هرڪو ڏسي رهيو هو. ڇهلي جون ٻه رانون آنهن تي آهستگيءَ سان ڦرنديون ۽ نچنديون ٿي رهيون ۽ آنهن سان وَهَٽ جا ڦڙا رڇندا، سُون سُون ڪندا، باهه ۾ ڪرندا رهيا. امڙ ڪٽرين، مٿي ۾ اڇيءَ ٽوپيءَ ۽ ڏونڱين تائين ڪُنجيل پائنهن سان، ايندي ويندي ٿي رهي؛ هوڏانهن نڪولي هئي، جنهن وڏي فرائنگ پٽن ۾ وڏيءَ لوهيءَ ڦڦيءَ سان ڪباب پئي اٽلايا پٽلايا، يا وري کنڊ ۾ وڇي سالاد کي پئي وڏي برتن ۾ ملايو ۽ اٽلايو پٽلايو. سچ پچ، کنهن کي اِها ڳالهه اچان پوري سڄڻ ۾ ئي نه پئي آئي ته استاد جين ايڏي پرپور دعوت ڪرڻ جي هينن غريب نيڪمردن کي ڏيندو؛ پر وڏن موقعن تي هِن ڪفايتي-جفاڪش مڙس اڳي به خرچ کان ڪڏهن ڪونه ڪمايو هو؛ ۽ هِن موقعي کان ٻيو وڏو موقعو هُن لاءِ پنهنجي تَرَ جي شريف پورهيت عوام جي دل وڻڻ ۽ آنهن جي قدر ڪرڻ جو کهڙو ٿي سگهيو، جن هن کي ۽ هن جي دوست کي ووٽ ڏيئي، حلقي ۾ پنهنجو عيوضي چونڊيو هو؟ منهنجي سانير جا سڀ امير لوڪ — نواب ۽ رئيس ۽ آنهن جا نندا وڏا درباري — ۽ خود ڪيئي پوءِ ڊاول بورجوا به، ائين ڪندا آيا آهن، پر آنهن جون دعوتون، مجلسون ۽ مانيون عام لوڪن لاءِ نه، آنهن جي عزت ۽ قدرشناسيءَ لاءِ نه، پرپنهنجي پيالي پائين، سپاڻاريُن ۽ ڏاڍين مڙسن ۽ لفنگن ۽ لوفرن لاءِ هونديون هيون، جنهن ڏيکاءَ تي ۽ جن جي زور تي هو غريب عوام تي پنهنجو دٻدٻو وڌائيندا ۽ قائم رکندا هئا، ۽ پوءِ سندن سُئي، سندن پٽ، جڏهن سندن مال‌متاع، عزت ۽ اقتدار جا وارث ٻڌا هئا، تہ آهي به پنهنجي بيحيائيءَ جي محفل بازين ۽ دعوتن جو سلسلو جاري رکندا هئا، تہ جيئن هو اڳي کان ئي وڌيڪ پنهنجين بدمعاشين جو کيل جاري سگهن. اِها آهي ٻورن لفظن ۾ اسان جي سڄي تاريخ.

اصل ڳالهه تي ايندي: پيرمردن جو جهڳٽو، جيڪي دريءَ سان لڳا ٻيٺا هئا ۽ پاڻ ۾ پئي اوپاريون لهواريون ڪيائون، نمٽ ڦِري ڦِري، ضلعي جي ڳالهين تي اچي ٽهي ٻيٺا، ۽ وچ ۾ جي ڪوبه

نيڪ مرد صفحي ۾ آيو ٿي ته وڏي آن ڪي ڪيڪاريندا ٿي رهيا.

"ها، بيلوچي! ها، ريگاڊ! هتان اچو، هتان اچو! ڪهڙا حال آهن اوهان جا؟"

آنهن جي پاسي ڪان، ٽوڙو پر پرو، وٺلنٽائين ٻڌو هو. سون ڏانهن ڏسندي، ڪلندو ۽ مُرڪندو ٿي رهيو. پر بادشاهه ۽ راڻيءَ لاءِ ۽ اختيار جي صاحبن لاءِ سندس ذوق وفاداري هُن جي سڀني شراب، سڀني چٽڻين ۽ سڀني پڪل گوشت جي شوق جي آڏو رڪاوٽ ڪونه ٿي بڻيو. نه، بلڪ هِن جهڙيءَ سڀيءَ دعوت جي گاڏهه ته هن جي آن ذوق سان پوري ٺهڪيل لڳي ٿي، ۽ هن جو ڊگهو نڪ پوريءَ پنهنجيءَ دلپسنديءَ سان بار بار بورچيخاني ڏانهن ڦيرندو ٿي رهيو.

آخرڪار، پورن پنهنجي ٽڪاءَ تي، نڪولي مون وٽ آئي ۽ شاويل ڪي وڃي وٺي اچڻ لاءِ چيائين؛ آءٌ آن ڪم لاءِ اڃان نڪرڻ وارو ئي هوس ته هو پاڻ ئي، مارگريٽ سان گڏ، خاموشيءَ سان اندر آيو؛ ۽ جيئن ئي هن تي اسان جي نظر پيئي، تيئن سيني جي زبان مان هڪ ئي گفتو نڪتو:

"اچي ويو! اچي ويو!"

هو، پاڻ، پنهنجي اصلوڪي ڪوٽ ۽ پوري واسڪوٽ ۾ ڏيکيل، مُرڪندي، اسان سان وڏي هٿ ملائڻ لڳو. پر هو آهو سا ڳيو اڳوڻو شاويل نه ڪونه هو. هاڻي ڪو ليفٽيننٽ اِئين اندر اچي هن کي پڪڙي جيل ۾ وڌي ٿي سگهيو. هُن جي ڏيک مان ئي پڌرو هو ته هن جاتو ٿي ته هو آنهن پندرهن عيوضين مان هڪ هو جيڪي ميڊز ڏانهن وڃڻ وارا هئا. هن جي ڳچيءَ جي چوڌاري به آڏو ڪتلفيٽ" اڇو ڪالر پاتل هو، ۽ هن جون ڪاريون اکيون اڳي ڪان وڌيڪ شعلا دار پئي لڳيون.

وڏو ليٽومِيئر، جنهن کي ريت رسم وڻي ٿي، اِن خيال جو هو ته شاويل جي شان ۾ ڪا تقرير ڪئي وڃي، پر شاويل مرڪندي، هن کي روڪيو.

"استاد ليٿوميئر،" هُن چيو، "سُوپ اڃي رهيو آهي، ۽ اُن جي خوشبو به عالمشان ٿي ڏسجي."

۽ واقعي، اُنهيءَ ٿي مهل امڙ ڪٺرين، سُوپ جا پريل وڏا ڊونگا ڪٽائي اندر آئي ۽ پوري شانَ سان آڻائيَ ميز تي رکايائين.

"اچو تہ، منهنجا دوستو، هاڻي ويهون!" استاد جين، وڏي واڪي سيني کي سڏي چيو. "ليٿوميئر، تون پڇاڙيءَ ۾ ميوي کائڻ کان پوءِ تقرير ڪجُ، خالي پيٽ ڪي اهڙين گالهين لاءِ ڪنَ ڪولہ هوندا آهن. هِن پاسي، ڪوچارٽ! شاويل، تون ميز جي سِري کان ٿي ويهہ! وئلنٽائين، هوريءَ، جين پيئر آوهين هُتي سامهون...."

جڏهن سڀ اهي ٻڌائي ۽ ڏيکارڻ جون گالهيون اُئين پوريون ٿيون، ۽ هرڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي ويهي رهيو، تڏهن ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي اونَ ڪائہ رهي، سواءِ کاڌي مان لطف وٺڻ جي. منهنجو پيءُ، وئلنٽائين، ۽ آءٌ استاد جين جي آڏو ويٺا هئاسون، جنهن پوءِ سُوپ ورهائڻ شروع ڪيو. جيئن هُن وڏي دونگي تان ڍڪ لاٿو تہ رڏل مغز جي دل لُڀائيندڙ خوشبو، آپ جي ڪمر وانگر آٿي وڃي ڇت سان لڳي، ۽ سڀ اسين اُن سان پريل پليٽون استاد جين ڪان وٺندا هڪ ڪان ٻئي تائين پهچائڻ ۾ لڳي ويا سين.

هڙو عالمشان کاڌو مون اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو، ۽ منهنجي دل اُن جي واکاڻ ۾ پرجي ويئي؛ ۽ اِن طرح، بلڪ ڪجهہ وڌيڪ، پنهنجي پيءُ جي ہ سا گي ڪيفيتَ ٿي ڏٺيم.

"اوهان مَان هرهڪ جي پر ۾ بوتل پيل هوندي،" استاد جين چيو، "سو، پنهنجي مرضيءَ مطابق اُن مان پنهنجا گلاس پري سگهو ٿا."

ايڏي لذيذ سُوپ کان پوءِ، اسان مان هرهڪ لاءِ اهاڃ ڇڻ فطري گالهہ هئي، جو بوتلن جا ڍڪ لاهي، ڪٽي گلاس پرياسين. اسان مان ڪن جو خيال هو تہ سڀ پهرين ضلعي جي عيوضين جي صحت جو جام نوش ڪريون، پر پهريون اُهي بوتلون آلسڪي هلڪي شراب جون هيون، ۽ استاد جين، اُنهيءَ ڪري، رڙ ڪندي، اسان کي چيو:

"نہ، آن لاءِ کجھ ترسو! اسان جي صحت جا جام، ٿورو پوءِ پئي ڪنهن، گھاٽي، مان نوش ڪجو!"

۽ اسان ۾ سمجھيو تہ ھو صحيح ھو. پوءِ آپريل گوشت آيو، ساس آئي، ۽ ھرڪو اسان مان آن جي ڪائڻ ۾ لڳي ويو.

ليٽوميئر چيو تہ ھرڪو جيڪو ڪيتن ۾ ڪم ٿو ڪري يا ڪو ڪاريگر آھي يا ھو ڪو ھٿ پورھو ٿو ڪري، آن کي ھر روز اڌ پائونڈ اھڙي گوشت جو، ۽ پٽ صراحي شراب جي ملڻ کپي؛ ۽ ھن جي ان خواھش سان قاصائيءَ کوچارت، فوراً پنھنجي سھمتي ڏيکاري. آن کان پوءِ ھو سياست تي گالھائڻ لڳا ٿي ھتا، تہ کاڌي جو ھيو ھڪ تھان ٿي لذيذ طعام ميز تي آيو، ۽ اسان مان اڪثر جا خيال ھڪدم ڦيرو کائي، ٻيا ٿي وڃا!

مارگريٽ ۽ ٻکولي ميز جي چوڌاري ھيڏانھن ھوڏانھن ڊوڙڻ لڳيون، ۽ خالي بوتلون کڻي آنھن جي جاءِ تي ٻيون بوتلون رکيائون؛ سائي وڏي، ڪنٽرين، وري ميز جون پليٽون سٽائڻ لڳي. ھڪ وڳي تائين، جڏھن گوشت جون رانون، ۽ "رِ ٻاپيئر" جو کھنو شراب ميز تي آندو ويو، تہ مجلس جو رنگ پنھنجي چوٽيءَ تي پھتل ھو، ۽ ھرڪو پنھنجي پاسي واري کي ڏاڍي قرب پرئي نموني ۾ ڏسي رھيو ھو، کوچارت چيو:

"اسين ھاڻي ماڻھو آھيون ـــ اسين ماڻھن جي حقن جا پاسدار آھيون؛ جيڪو مون کي ان ۾ کوڙو ڇڻي، تہ چئلينج اٿس؛ ھلي مون سان ٻيلي ۾، منھنجون ۽ ھن جون صفايون آھن."

۽ ماھر بندوق باز، گائيئر کورٽائز، ڻ تي چيو:

"۽ جيڪڏھن اسين ماڻھو ناھيون، تہ آن جو سبب ۽ اھو آھي تہ ھوستائين ھن ماڻھن سڀ شراب ۽ سڀ سئو ڪاڏو پاڻ وٽ قابو ڪيو آھي. اسان ھن سان جنگ جو اعلان ڪيو، تنھن ڪان اڳ ھن ھميشہ ھيءَ ڪافي سمجھيو تہ ھو اسان کي گالھين ۾ خوش رکن ۽ جو ڪجھ اسان گھريو آن جا اسان سان واعدا ڪن؛ پر جڏھن اسان ھن سان جنگ ڪئي، تہ ھن رڳو ضابطي جون گالھيون ڪيون،

۽ اسان تي ترارين جي مُڏن ڪارن سان ڏکن جا وسڪارا ڪندا رهيا. آڳ پنهنجي طرفان سمجهان ٿو تہ سپاهين کي مارون ڏيڻ" ۽ جي ڳالهہ آهي، جيئن اِها بہ بيحيائي آهي تہ جيڪي بهادري ڏيکارين اُنهن کي آفيسر ٿيڻ کان روکيو وڃي — رڳو اِن ڪري تہ هو اميرن جو اولاد نہ آهن!"

ليٿوميئر، بهرحال، هر شيءَ کي فقط روشن رنگن ۾ ڏسي ٿو سگهو.

"اسان جو دڪ هاڻي پورو ٿيو، بس ختم آهي،" هن رڙ ڪري چيو. "اسان جا بيان تيار ٿي ويا، ۽ اسين ترت ئي آهو ڪهہ اڪثين ڏسنداسين جيڪي ڏسڻ" چاهيون ٿا. هائو، اسان جي نيڪدل بادشاهہ کي جلد ئي چوٽو پوندو. اِهي ماڻهو صحيح آهن — هزار ڀيرا صحيح آهن. هو تہ رڳو محصولن جي برابري ۽ قانون جي آڏو برابري چاهين ٿا، جيڪا ڳالهہ عين انصاف آهي. ڇا، اسين سڀ فرينچ نہ آهيون؟ اسان سڀني جا حق ساڳيا نہ هجن ڇا؟ ۽ اسان سڀني کي ساڳيا محصول نہ ڀرڻ ڪپن ڇا؟ هٽو ٻئي شيطان کي موڪلو — پر اِها تہ فقط هڪ عام سمجهہ جي ئي ڳالهہ آهي!"

هن جي ڳالهائڻ جو نمونو ڏاڍو اثرائتو هو. ڳالهائڻ ۾ هو پنهنجو وڏو وات کولي ڪنن تائين کڻي ويندو هو، ۽ ڏاڍي هڪڙي انڪلي نموني سان اکيون اڌوگاڙو بند ڪري ڇڏيندو هو، ۽ پنهنجو مٿو ٿورو پوئتي لاري، پنهنجون وڏيون ٻانهون کڻي مٿي اڇيون ڪندو هو، جيئن آهي ماڻهو ڪندا آهن جن کي خوش بيانيءَ جي ڏات ملي هوندي آهي. هر ڪو ڏيان ڏيئي هن کي ٻڌندو هو. خود منهنجي پيءُ بہ هڪ ڀيرا مٿو ڏوڻي، هن جي هامي ڀري، ۽ چپن ۾ ٻڪ ڪيائين:

"ڳالهائي واهہ جو ٿو! انصاف جي ڳالهہ تہ آهي، اِها اسان جي حقن واري ڳالهہ. پر اسين پنهنجو مُنهن بند رکون تہ چڱو، مڇيل. ٻيو ڪجهہ ڪرڻ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو."

ٻيو سڄو وقت هو ڏانهن نهارينڊو ٿي رهيو، جڏ ڪنهن بہ گهڙيءَ ٻوايس جا سارجنٽ اندر اچي ٿي سگهيا.

آن کان پوءِ استاد جين، اسان جا گلاس وڏيڪ ڪُهني شراب سان پُر ڪري، رڙ ڪئي:

"منهنجا دوستو، شاويل جي صحت جي نالي ـــ آن ماڻهوءَ جي صحت جي نالي جنهن ضلعي اسيمبليءَ ۾ اسان لاءِ تمام گهڻو ڪجهه ڪيو آهي! شال، 'ٽي ءَ اسٽيٽ' جي حقن جي بچاءَ لاءِ، هو وڏي عمر ماڻي، ۽ اسان جي ياران آن کان وڌيڪ زوردار نموني گهالهائڻ لاءِ، جيئن هميشائين هُن پئي گهالهايو آهي! آڳ هِن لاءِ اڃا ئي ڪجهه تمنا ڪري سگهان ٿو. هي جام پيون ٿا هِن جي تمام سڳيءَ صحت لاءِ!"

۽ هرڪنهن اڳتي ميز تي جهُڪي، بنهه جنوني ماڻهن جيان، پنهنجا گلاس ٽڪرايا، ۽ زور سان ڪلندي ۽ ٻهر چولدي:

"اسان جي ضلعي جي عهوضين، استاد جين ۽ شاويل، جي صحت لاءِ!"

وڏي صفحي جون ڊريون ئي لُڏي ويون، ۽ باهران گهٽيءَ ۾ ماڻهو دربن جي شيشن سان پنهنجا نڪ لڳائي بيهي رهيا، ۽ سوچيندا رهيا:

"اهي ماڻهو جيڪي اندر ايڏا واڪا پيا ڪن، واقعي دلين ۾ ڏاڍا ڪي خوش آهن!"

نيڪمردن وري جڏهن پنهنجون جايون سنڀاليون، تم آنهن جا گلاس وري پريا ويا، ۽ وڏي مائي ڪٽرين ۽ نڪولي هاڻي ڪريم لڳل وڏا سمبوسا ڪٽي آيون، ۽ آن وچ ۾ مارگريٽ ميز تان گوشت، سالاد ۽ باقي جو ڪجهه بچيو هو، سو ميڙي، هڪ پاسي نيئي رکيو.

هرڪا اڪ هاڻي شاويل ڏانهن ڪچيل هئي، ان لاءِ تم ڏسجي تم هو ڪهڙو ٿو جواب ڏئي. ميز جي سُنهن تي هو چپ چاپ ويٺو رهيو. هُن جي تهه دار ٽوپي هن جي ڪرسيءَ جي پُٺينءَ ٽڪ ۾ ٽنگي پيئي هئي. هُن جا گل سڪي زرد ٿي ويل هئا. هُن پنهنجا پيڙيل چپ کوليا. هو پنهنجو گلاس گهڙي ڪن هٿ ۾ اِئين جهلي ويٺو جڻ ڪنهن ويچار ۾ گم هو، ۽ اڌ بند اکين سان هڪ پاسي ڏيندو رهيو. بيشڪ 'رباپيئر' جي ڪهني شراب هن تي پنهنجو ڪجهه اثر تم ڪيو

هو، ڇو تہ جواب ۾ پنهنجن ويڙهل ساٿين جي صحت جو جام پيش ڪرڻ بدران، هن وڏي صاف آواز ۾ چيو:

"هائو، پهريون قدم کنيو ويو آهي. پر اسان کي گهڻي تڪڙ ڪري پنهنجي فتح جا راڳ گائڻ نہ ڪبن، ڇو تہ حق وڻي سگهون، تنهن کان اڳ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ايڏان رهيل آهي. امرن جي خاص حقن، انعامن ۽ اڳاڙين جو خاتمو، لوڻ ٽئڪس، ناڪائي محصولن ۽ بيگر جو خاتمو ــــ اهي، جيئن اسان تي مڙهيل آهن تن جي خاتمي جو مطالبو، خود ئي، هڪ وڏو بلڪ هڪ بيحد مشڪل مطالبو آهي. اسان جا دشمن سولائيءَ سان آهو ڪجهہ اسان جي حوالي ڪري ڪونہ ڇڏيندا، جو هو هٿ ۾ جهليو ويٺا آهن، پر آن لاءِ اسان سان هو لڙائي ڪندا، ۽ انصاف کان بچڻ لاءِ هو ويهن ئي ٽهڻن جو زور لائيندا. ۽ آن لاءِ لازم ٿيندو تہ اسان جي طرفان بہ ٽڻ زور استعمال ڪيو وڃي. هو پنهنجي حمايت ۾ هر آنهيءَ ماٹهوءَ کي سڏيندا جيڪو سندن ملازم آهي ــــ يعني سڀ آهي جيڪي هُنن جي پگهارن تي جيئن ٿا ۽ امير بنجڻ جي خواهش رکن ٿا. پر، اِن هوندي بہ، ڇاڪاڻ تہ اِها ڪا اهڙي صورت ڪانهي جيڪا اسان کي سڀ کان اول پيش اچڻي آهي ۽ نہ ئي اِها ڪا نئين يا رواجي صورت آهي اِها تہ اسان کي، بهرحال، اڳتي هلي ضرور پيش اچڻي آهي ــــ مون کي، بهرحال، پڪ آهي تہ "ني استمت"، اسين عام لوڪ، پهريون معرڪو جيڪو سڄ ۾ هونئر اسان جي آڏو آهي، ضرور ڪنداسين ــــ ڇو تہ اسين اِن ۾ سنجيده آهيون ۽ اِن جي ڪنڊ جو اسان کي پڪو ارادو آهي، ۽ ٻيو تہ ماٹهو جيڪي اِنهن آڻ - برابريءَ وارين ۽ آنهائي چٽين جي هيٺان پوڙجي رهيا آهن، جن جو ذڪر مون هاڻي ڪيو، سي اِن معرڪي جي سَر ڪرڻ ۾ پنهنجن عيوضن جي پُٽيرائي ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح ۽ آخر تائين تيار آهن."

"هائو، هائو، موت جي حد تائين،" بزرگ ليٿوسيئر، ڪوچارٹ، هوريءَ، ۽ استاد جين، پنهنجون مُٺيون پوڙي، رڙ ڪئي. "اسين ڪنڊاسين! اسين ڪنڊ **گهرون ٿا!**"

شاويل، بهرحال، وڌيڪ ڇريو پُريو ڪونہ، پر جڏهن سڀني

واڪا ڪرڻ بند ڪيا، ائين اڳتي گالهائڻ لڳو، جڏ وچ ۾ ٻئي ڪنهن ڪجهه چيو ئي ڪونہ هو.

"برابر، ميدان جو اهو پهريون ڏينهن اسان جو آهي، انهيءَ معني ۾ تہ اهي آياءَ ۽ اهي بي انصافيون جيڪي ماڻهو سهي رهيا آهن، اهڙيون پڌريون ۽ صاف آهن جو نظرانداز ٿي سگهن ئي نٿيون. پر ان سان اسان کي ڇڙو فائدو ٿيندو؟ — جيڪڏهن، اڳتي هلي، جڏهن اسٽيٽس-جنرل کي برخاست ڪيو ويندو، ۽ ڪوٽ جي پورائيءَ لاءِ فنڊن (پئسن) جي منظوريءَ جا ووٽ ۾ اسان کان وڌيڪ ويندا، ساڳيا اسان جا اهي امير لوڪ پنهنجن ساڳين خاص حقن، انعامن ۽ آڳاڻين جي بحال ڪرڻ يا ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن! اهڙو واقعو ڪو پهريون پيرو ۾ ڪونہ ٿيندو، جو تہ اڳي ۾ اسٽيٽس-جنرل سڏي ويئي هئي، ۽ جي ڪجهه ۾ اُن عام لوڪن جي حق ۾ فيصلا ڪيا آهي گهٽا گهٽا ڏينهن ٿيا، جو موجود ئي ڪونہ رهيا، ختم ٿي ويا، جڏ هنا ئي ڪونہ! امير لوڪن جي انهن خاص حقن، انهن جي خاص درجن، جي خاتمي کان پوءِ، اسان جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت هيءَ رهندي تہ اسان وٽ طاقت هجي، جو آهي انهن جا انسان-دشمن حق ۽ درجا وري قائم نہ ٿي سگهن، انهن جي وري قائم ٿيڻ کي اسين روڪي سگهون، اها طاقت جيڪڏهن ڪٿي آهي تہ فقط ۽ فقط عام لوڪن وٽ ۽ اسان جي فوج وٽ آهي. اهو ضروري نہ آهي تہ اسين هڪ ڏينهن، يا هڪ مهينو، يا هڪ سال پنهنجي معاملي ۾ سنجيده ۽ سجاڳ هجون: ضرورت اها آهي تہ اسين هميشہ سجاڳ ۽ سنجيده هجون: ان لاءِ تہ اسين قورن ۽ بدمعاشن کي روڪي سگهون تہ جو ڪجهه "ٽيءَ-اسٽيٽ" سڃيءَ قوم جي مدد سان ختم ڪري ڇڏيو، اهو آهستي آهستي ۽ لڪوريءَ ۾ آهي ڪنورءَ هيڪي ۽ لغور وري قائم نہ ڪري سگهن. اهو بہ ضروري آهي تہ فوج اسان سان هجي، اسان جي پاسي هجي؛ ۽ ان لاءِ تہ فوج اسان سان هجي، اسان جي پاسي هجي، اهو بلڪل ضروري آهي تہ هيٺئين ۾ هيٺئين درجي واري سولجر لاءِ مٿي وڃڻ، مٿي چڙهڻ پنهنجي وس ۾ هجي، پنهنجي همت ۽ پنهنجي بهادريءَ جي آذار تي، هڪ

درجي کان ٻئي درجي تائين، تان جو هو مارشل ٿئي، چيف کانسٽيبل ٿئي ـــ ۽ اوترو ئي جيترو امير لوڪ فوج ۾ مٿي چڙهن ٿا. اوهين ٻڌو ٿا منهنجي ڳالهه؟"

"شاويل جيئي، سدا جيئي!" گائيڊ کورٽائز رڙ ڪندي چيو.

پر، شاويل رڳو پنهنجو هٿ مٿي ڪيو ان لاءِ تہ پيا خاموش ويهن، ۽ ڳالهائڻ جاري رکندي، هو چوڻ لڳو:

"جڏهن ائين ٿيندو، تہ سولجر ايترا بيعقل ڪونہ ٿيندا، جو عام لوڪن جي خلاف امير لوڪن جي حمايت ڪن. نہ، هو ائين نہ ڪندا. هو **اسان جي** پاسي ٿيندا ۽ **اسان جي** پاسي رهندا. تنهن کان وڌيڪ، اوهين هي ۽ ٻ ياد رکو تہ فوج ۾ ماڻهن کي ڪجهہ. کان بچائڻ لاءِ ـــ انهن کي ايتري قدر عقل کان انڌي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، جو هو خود پاڻ ئي پنهنجي ترقيءَ کي ختم ڪن ۽ انهن طاقتن جي بقا ۽ مضبوطيءَ جو ڪم ڪن جيڪي سندن ئي رتبا، سندن ئي درجا، قبائڻ چاهيندا هجن، اهو ضروري آهي تہ سڀني لاءِ، سچي ملڪ لاءِ، تقرير ۽ پريس جي آزادي حاصل ڪئي وڃي. هن وقت جيڪڏهن اوهان سان بي انصافي ٿئي ٿي تہ اوهين آن جي خلاف ڪٿي ٿا دانهن ڪٽي وڃو؟ ڪنهن نہ ڪنهن بالادست ڏانهن، جيڪو ڦري اوهان کي ئي ڏوهي ٺوبٽائي. هن جو اوهان کي هڪڙو ئي سڌو جواب هوندو آهي: هو اوهان کي چوندو آهي تہ 'منهنجي زيردست منهنجي بالادست جي حڪمن جي بجاوري پئي ڪئي.' پر جڏهن اوهين **ماڻهن وٽ** پنهنجي دانهن نئي سگهندا، ۽ جڏهن ماڻهو آهي بالادست عملدار پاڻ نامزد ڪن، تہ ڪنهن کي پوءِ اوهان سان بي انصافي ڪرڻ جي همت ڪانہ ٿي سگهندي؛ ۽ نہ ئي ڪا بي انصافي گهڻو وقت هلي ئي سگهندي، چاڪاڻ تہ اوهين پاڻ پنهنجي مقرر ڪيل آنهن ملازمن کي جلد ئي درست ڪري سگهندا، انهيءَ طرح، جو اوهين آنهن ماڻهن کي بہ اوهان جي پاران ڳالهائڻ جو اختيار ڪونہ ڏيندا، ۽ هنن کي ڳالهائڻو پوندو تہ پنهنجي ئي پاران ڳالهائيندا، ۽ ائين هنن

جي بي انصافي ظاهر ٿي پوندي، جنهن جي هو سزا ڪائيندا. ماڻهن جي، بهرحال، گهرج هيءَ آهي ته هنن کي صحيح گالهيون ٻڌايون وڃن، هنن کي صحيح تعليم ڏني وڃي، هنن کي هر گالهه ڪان صحيح طور باخبر رکيو وڃي. ۽ انهيءَ ئي ڪري اِئين آهي، جو امير لوڪ ماڻهن جي تعليم ڪان خوف ڪائيندا آهن ۽ اُن کي نهايت خطرناڪ گالهه سمجهندا آهن. انهيءَ ئي سبب جي ڪري ديولين ۾ اوهان کي ٻڌايو ويندو آهي ته "نماڻي روح وارا، نماڻيءَ طبيعت وارا، خوش رهن ٿا." ساڳئي سبب ڪان ڪتابن ۽ اخبارن خلاف هيترا سارا قانون ٺاهيا ويندا آهن. ساڳئي سبب ڪان اسان جا ڪيترا استاد جيڪي اسان کي روشني ڏيڻ گهرندا آهن، اُنهن کي سئٽزرلينڊ، هالينڊ ۽ انگلينڊ ۾ وڃي پناهم وٺڻي ٿي پوي. اُنهن ماڻ ڪيترا ته دردناڪ حالتن ۾ ماريا ويا آهن. پر نه، اُن طرح جا ماڻهو ڪڏهن به مرڻا نه آهن؛ آهي ماڻهن جي وچ ۾ سدا موجود رهن ٿا، اِن لاءِ ته هو پنهنجن پائرن جا پرجهلا ٽين ۽ انهن جي مدد ڪن. اوهان کي رڳو اُنهن جي لکڻين کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي. اُنهن جي احترام ۾ آءٌ هيءُ پنهنجو گلاس اوهان کي آڇيان ٿو."

جيئن هُن اِئين چيُ، پنهنجو گلاس مٿي ڪيو، ته اسان هڪ ئي آواز ۾ رڙ ڪئي:

"اُنهن بهادر ماڻهن جي صحت جي نالي!"

هائو، جيتوڻيڪ مهمانن ماڻ گهڻن کي اِها خبر به ڪانه هئي ته ڪن جي نالي اُهو گلاس نوش ڪيو ويو. هُنن، بهرحال، ايڏو وڏو واکو ڪيو، جو اٽڪ ڪٽريءَ اندر آئي، ۽ اڇي گهٽي گوڙ ڪرڻ ڪان جهلياٿين. ۽ چتاءُ ڪياٿين ته جيئن ته اڏ ڪوٽ جو ٻاهر درين ڪان اڇي ٻڌوهو، ته ڪٿي اِئين نه سمجهيو وڃي ته اسين بادشاهم جي خلاف ڪا بغاوت ٿا ڪريون.

وٽلنٽائين هڪدم ڪمري مان نڪري ٻاهر ويو، ۽ منهنجي پيءُ مون ڏانهن اهڙيءَ نظرسان ڏٺو، جڏ پڇندو هجي ته "ڪيڏانهن ٻاهر نه هليو هليجي؟"

"چڱو، ڪٿرين، سڀڪجهه ٺيڪ آهي،" استاد جين چيو. "اسان کي جو ڇوٽو هو سو ڇڏيو انئون، ۽ اهو ڪافي ٿيندو."

هرڪو هاڻي خاموش هو، ۽ صوفن ۽ بادامن جون پنڊيون ميز جي چوڌاري ڦيرايون ويون. باهر گهٽيءَ مان تنبوريءَ جي وڄڻ جو آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيو.

"واهه!" ليسٽوسيئر رڙ ڪئي، "مئٽوسيلم تنبوريءَ وارو اچي ويو!"

"سڀو!" استاد جين جواب ۾ چيو، "پلي اندر اچي، پوري وقت تي آيو آهي."

مارگريٽ ڪمري مان باهر نڪتي ۽ گهڙيءَ ۾ مئٽوسيلم کي اندر وٺي آئي، جنهن کي پهراڙيءَ وارو هرڪو سڃاڻندو هو. هو عام طرح "دوسينيڪو سينٽ فاورٽ" سڏبو هو، ۽ اسان جا وڏيءَ عمر وارا بزرگ اوهان کي ٻڌائي سگهيا ٿي تم ايڏيءَ عمر جو اهڙو چئين ٽنهرئين سالم ماڻهو هنن ٻيوکو، ڪونہ ڏٺو، ۽ واقعي هو سؤ ڪن سالن جو ضرور لڳندو هو. ايترو تم منهن ۾ هو پيلو ۽ سڄو گهنج گهنج هو، جو هو سُڪل ڏوڏي جهڙو پئي لڳو! مٽاچرائيءَ سان ڏسندي، هُن جي منهن مان هُن جي ٽڪ ۽ ڪاڏيءَ جو فرق ڪونہ ٿي معلوم ٿي سگهيو ۽ نہ ئي هن جي ڪپهه جهڙن اڇن پرونئن هيڻان هُن جون اکيون ئي پوريءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿي سگهيون. هُن جي منهن تي پوري رنگ جو هڪ وڏو بخماري ٽوپلو پيل هو، جنهن جي ڪنبي هڪ پاسي هيٺ ۽ ٻئي پاسي مٿي ٻُڌيل هئي، ۽ مٿان آن جي ڪڙ جو ڪنب انڪيل هوس. هن جي ڏاڙهي جُنبي جون ڳانهون ڦاڙل ۽ گوڏن وٽان برجيز جا ڦڙڪا چيريل هئا جن جون ڳنڊيون ڏاڪڻ سان ائين ٻڌل هيون، جو آنهن سان هو بنهه هڪ مفلس گشتي آڪٽر ٿي لڳو. تنبوريءَ مان رکي رکي، هُن اهڙا سُر ٿي ڪڍيا، جيڪي ڪنهن ٻيءَ دنيا جا آلاپ پئي لڳا. ۽ اهڙا تم غمناڪيءَ جا هئا، جو ٻڌندي ماڻهوءَ جي دل کي جهوڙو اچي ٿي ويو.

"اوه، سو تون مٺوسيلم آهين؟" استاد جين هن کي ڏسي ڏانهن ڪئي. "اندر اچ، اندر اچ!"

ڇهن کي هُن وڏو گلاس شراب جو پري ڏنو. جهوني ڊوميئيڪ گلاس ورتو، ڇ وڻندي، پنهنجن ٽين پاسن ڏانهن هُن جهڪي سلام ڪيو، ڇ اکيون بند ڪري، ڇپ ڇاپ، هڪ ساهي ۾، سڄو گلاس پي ويو. امڙ ڪٽورين، مارگريٽ ڇ ڪولي اتي پڳيان ٽي ويڻيون، ڇ ٻيا اسين سڀئي هُن ۾ ڏاڍي آتساهه سان اکيون ڪٽائي، هن کي ڏسڻ لڳاسين.

خالي گلاس موٽائي سان تي، استاد جين هن کي ڪجهه ڳائڻ لاءِ چيو، پر هن جواب ڏنو ڪيترن گذريل سالن کان هن ڪجهه نه ڳايو هو. پر تڏهن به اسان جي ڇاهه کي پوري ڪرڻ لاءِ هن ڏاڍو هڪڙو مٺو سُر تنبوريءَ مان ڪڍيو، ڇ آهو اهڙو تہ ڪو پراڻو سُر هو، جو ڪنهن جي سچاڻپ ۾ ئي نٿي آيو. سڀئي مونجهه ۾ پڳجي ويا ڇ هڪٻئي جي مُنهن ۾ نهارڻ لڳا، تانڻ جو اوچتو ئي منهنجي ٻيءَ رڙ ڪئي:

"اڙي، ڇو، اهو تہ هارين جو گيت آهي!"

"هائو، هائو! اهو تہ هارين جو گيت آهي! جين ٻيئر اهو گيت تون ضرور اسان کي اڄ ٻڌاءِ!"

منهنجو ٻيءَ ڳائي ٻڌڻ سگهندو هو، اِن جي خبر مون کي آنهيءَ ئي ڏينهن پيئي، ڇو تہ مون هن کي اڳي ڪڏهن ڳائيندي ٻڌو ئي ڪونہ هو.

"مون کان آهو گيت تہ وسري ويو آهي،" هُن چيو. مون کي تہ آن جو پهريون اکر ٻہ ياد ڪونہ ٿو اچي."

پر، شاويل ٻہ، جو پنهنجي پاران هن تي زور ڀريو، ڇ استاد جين ٻہ، جو ٻڌايو تہ گذريل ڏينهن ۾ هُن سندس دوست جين ٻيئر، منهنجي ٻيءَ، کان بهتر گيت ٻيا ڪنهن کان ڪڏهن ٻہ نہ ٻڌا هئا، سو منهنجي ٻيءَ آهستگيءَ سان ڳلي صاف ڪرڻ جي خيال کان شايد،

ڪنگھڻ شروع ڪيو، ۽ گل گاڙھا ٿي ويس، ۽ اکيون هيٺ زمين تي ڪُپائيندي، چوڻ لڳو:

"ايترو جو اوھين زور ٿا پريو، تہ اُنھي گيت جي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڏو ڪريان."

۽ اُن سان ھن 'ھارين جو گيت' گايو، تنبوريءَ جي سنگت ۾، پر ايتري تہ جھيٽي، جھلاري ۽ دردبلي آواز سان، جو ٻُڌي، لفظن پٽيان ماڻھوءَ جي اکين آڏو ڪيئي جھڪا جھڪا، ڏڏليل نظارا ڦرڻ لڳا ـــ پراڻن ڏينھن جا ڏڏڙيل ماڻھو پنھنجن زالن ڪي ھرن ۾ جوڙي، زمين مان ڪجھ اپائڻ ۾ لڳل آھن، ۽ ڦورو سولجر اچن ٿا ۽ اُنھن کان فصل ڦري ٿا وڃن، ۽ ڇپر بيل جھوڙين مٽان باھم جون ڇيڻون وري وڃن ٿيون، مال جي پاڻن سان ٽاندن جا اُلا اڻن ٿا، ۽ زالون ۽ ڇوڪريون سڄن رستن تان پاڻ ڪي گھليندين پيون وڃن، ۽ ڏڪار ۽ بيماريءَ ۾ واھڻ ۽ ڳوٺ وکوڙجي وڃن ٿا، ۽ رسمن ۾ ڇوڪنيا ٻدل ماڻھو سوريءَ جو ٽڪٽ ٿي ٿا وڃن. ڏکن ۽ سورن جون درسٽيون ڪيئن پکڙنديون پکڙنديون وڃن ٿيون ۽ ڪو اُنھن جو انت ڏسڻ ۾ ڪونہ ڏو اچي!

ڪيترو ۽ بھتر شراب مون پيتو ھو، پر گيت جي ٽئين بند تي آءٌ ميز تي مُنھن رکي، سڏڪا پرڻ لڳس، ۽ ليٽومئر، ھوريي، ڪوچارت، استاد جين ۽ ٻہ يا ٽي ٻيا، گيت جو ٽلھم ائين گائي رھيا ھئا جيئن ڪو پنھنجي پيءُ يا ماءُ جي ڪفن دفن تي روئندو آھي.

مارگريٽ بہ ڳڏجي گايو، ۽ ائين لڳو ٽي تہ ھن جو آواز اُن عورت جي آواز جيان مٽي ڇڙھندو ٽي ويو جيڪا ھر ۾ جوڙيل ھجي ۽ ھر ڇڪي رھي ھجي. ڏاڍي آھا درداڪ ڪيفيت ھئي ـــ اُن کي ڏسندي ۽ محسوس ڪندي، ماڻھوءَ جي مٽي جا وار آيا ٽپي ٽپي ويا.

پنھنجي ڇوڪاري نھارينديءَ مون ڏٺو تہ اُتي موجود ھر ماڻھوءَ جو مُنھن موت کان زياده پيلو ٽي لڳو، ۽ ھوڏانھن ڏشاويل ميز جي مٽي کان ويٺو، پنھنجا چپ ڀڙيو، پنھنجي ڇوڻرف ڏيس پيس ھڪ ڳھڙ جيان نھارينندو ٽي رھيو.

آخرڪار منهنجي ٻيءَ ڳائڻ بند ڪيو، جيتوڻيڪ ٻوءِ ۾ تنبوري وڄندي رهي. ان تي شاويل چيو:

جڏهن ٻيئر، تو ڏاڍو سٺو ڳايو آهي. تو اسان جي گذريل ڏينهن جي ڪنهن هاريءَ وانگر ڳايو آهي، جو تم تو ۾ آنهن جيان سور سڻا آهن ۽ آنهن جيان محسوس ڪيو آهي. ۽ اسان سڀني جي ٻڌڻ ڏاڍن ـــ آنهن ماڻهن مان هرهڪ، جن جو گذريل هزار سال کان اسين اولاد آهيون ـــ آنهن پڻ اهي ڳالهيون ٻڌيون هيون.

ڪتان ۾ ڪو پٽڪو ڪونہ آيو ؛ ان تي، آواز کي اوچو ڪندي، هُن وڌيڪ چيو:

"پر پراڻو گيت هاڻي پورو ٿي ويو آهي، ۽ آن جي جاءِ تي هڪ ٻيو گيت شروع ٿيڻ وارو آهي."

اوچتو حاضرين مان هرهڪ" ـــ آڱ پاڻ سڀني کان پهرين ـــ پيرن ۾ آڻي بيٺاسين، ۽ واڪا ڪري چوڻ لڳاسين:

"هائو، ٻيو گيت ضرور شروع ٿيندو! اسان پنهنجي سهپ کان وڌيڪ سٺو آهي!"

"جلد ئي اسين ڏسنداسين آهو، جو اسين ضرور ڏسنداسين،" شاويل جواب ۾ چيو. "پر تنهن وچ ۾ امڙ ڪٽرين چيو آهي تم اسان کي تمام وڏا واڪا نہ ڪرڻ ڪهن، ۽ هوءَ صحيح آهي ـــ آنهن مان اسان کي هيتي کو فائدو ڪونہ ٿيندو."

پوءِ، استاد جين گجندي، پنهنجي گهري آواز ۾، "لوهار جو گيت" ڳايو. وٺلنٽائين آنهيءَ ئي مهل ڪمري ۾ موڪي آيو هو، ۽ هن ۽ سون ۾ پنهنجي استاد سان آهو گيت گڏجي ڳايو. آن گيت گهٽي قدر اسان جي دلين کي آذر ڏني ، چو تم جيتوڻيڪ آهو بم هڪ آداس گيت هو، پر آهو هڪ زو ريريو راگ هو، ۽ ٻيو تم آن جي ڏلهم جو اشارو لوهم جي تپائڻ ۽ ڏاهڻ ڏانهن هو، آن ڪري آن ۾ هڪ قسم جو ٻڌو اثر هو، ۽ آن جي ڳائيندي ۽ ٻڌندي هرڪنهن جي سُنهن تي سُرڪ اچي ٿي ويئي.

ڪيئي ٻيا گيت، ۽ سڀ گيت، اُن ڏينهن گايا ويا؛ پر اُهو گيت، جو منهنجي پيءُ اُن ڏينهن گايو، سو منهنجي يادگيريءَ تان ڪڏهن ب نه لهندو. اڄ ڏينهن تائين، جڏهن ب اُن جو خيال ڪريان ٿو، تہ منهنجي دل مان دانهن نڪريو ئي وڃي.

"او عظيم، او مقدس انقلاب! جڏهن ب ڪو فرانس جو هاري، حرصائجي، ٿوڪان لادعوا ٿيڻ جي ڪري، تہ شال هو پنهنجن ابن ڏاڏن جو اُهو گيت ياد ڪري سگهي؛ ۽ جيڪڏهن اُهو راڳ هن جي من ۾ ڪي تہ ڏانهن موٽائي نہ سگهي، تہ شال هو ۽ هن جا پار ۽ هن جا پونير باهر ڪيتن ۾ وڃن ۽ هڪ پيرو گڏجي اُهو گيت گائين. ڏوءِ، شايد هو توڪي وري سمجهي سگهندا، ۽ هنن جي بيشڪريءَ جو هنن ڪي پورو جواب ملي ويندو."

اُن رات دير سان، آڏ ۽ منهنجو پيءُ پنهنجي گهر موٽياسين، ۽ ٻئي ڏينهن تي ــــ اُها ۱۷۸۹ع جي اپريل جي ڏهين تاريخ هئي ــــ شاويل ميدز شهر ڏانهن روانو ٿي ويو، جو تہ اسٽيٽس - جنرل، وڏي عام اسيمبلي، جلد ئي، گڏجڻ واري هئي.

(۱۵)

شاويل جي وڃڻ کان پوءِ، فقط اُهي سوال اسان وٽ، هر روز ۽ ڪافي ڏينهن، بحث ۾ ايندا رهيا، جن جو واسطو ضلعي اسيمبليءَ سان هو. ٻيو اسان وٽ زير بحث معاملو، خاص طرح، اسٽيٽس - جنرل ۾ ٿنهي نظامن جي گڏجي ويهڻ جو هوندو هو. اڄ ڏينهن تائين، آڏ اُنهيءَ هڪ معاملي ڪي اُنهن ڏينهن جي سڀ کان وڌيڪ سرگرم معاملي طور ياد ڪريان ٿو.

جيئن تہ شاهي فرمان ۾ اعلان ڪيل هو تہ "ٽيءَ اسٽيٽ" ڪي وڏائي ٻيڙو ڪيو ويندو ــــ جنهن جو مطلب هيءُ هو تہ اسان جا عيوضي باقي ٻن نظامن جي جملي عيوضين جي برابر هوندا ــــ اسان جي مرضي هئي تہ ووٽ في کس جي بنياد تي ڪيا وڃن، تہ جيئن امور

۽ پادري لوڪ چا ۾ چون، اسين هر گالهه ۾ سندن برتريءَ يا خصوصيت جي گالهه کي ختم ڪري ڇڏيون. هو، بهرحال، پنهنجي قديم حقن کي قائم رکڻ واريءَ پاليسيءَ تي هلندي ـــ ڇاڪاڻ ته اُن ۾ سندن ۽ ٻه نظام سدائين اسان جي خلاف گڏجي سگهيا ٿي ۽ ائين اسان جي هڪ ووٽ جي سامهون پاڻ وٽ ٻه ووٽ رکي سگهيا ٿي ـــ ان گالهه تي ضد ٻڌيو ٻيٺا هئا ته ووٽ نظامن پتاندر ڪيا وڃن.

آنهن ڏينهن ۾ استاد جين، ليتوميئر، ڪوچارٽ ۽ ٻيا نيڪمرد، گهٽو ڪري، شام جو "ٿ ـ ڪبوترائين" جي ٻاهرئين اڳڻ ۾، وڏي شاهه ـ بلوط جي وڻ هيٺان، اچي ويهندا هئا، ۽ جنهن گرما گرميءَ ۽ غصي ۾ پر جي آنهن گالهين تي بحث ڪندا هئا، اُهو نظارو ڏسڻ جهڙو هوندو هو. ڪجهه ڏينهن ڪان اسان جو اِهو دستور ٿي ويو هو ته ڏيئ شام جو بينچون ۽ ميزون ڪيي آنيا ٻاهر رکندا هئاسين، ته جيئن ڪليل هوا ۾ ساهه ڪٽي سگهجي ـــ ڇو ته اُهو ۱۷۸۹ع جو سال ته هو ئي، پر مئي مهيني جي ٻنهن ۽ هوائن ڪان اڳ اپريل" گهٽ ۽ هُبڪس جو مهينو ڏيندو هو، جڏهن هر شيءِ وڌندي ۽ سرسبز ٿيڻ شروع ڪندي هئي؛ ۽ پندرهينءَ تاريخ جي ايندي ايندي، پکي پنهنجن آکيرن ۾ ويهي رهندا هئا. مون کي ياد آهي ته آنهن ڏينهن ۾، هر سال وانگر، وٽلنٽائين ۽ آڏ بڻيءَ ۾، خالي قميصن ۾، ٻيٺا ڪم ڪندا هئاسين، ۽ پنهنجين برجيزن کي ڏڏين تائين ڪُنجي ۽ پنهنجا جڪيٽ لاهي در جي ٻاهران ڪلين ۾ ٽنگي ڇڏيندا هئاسين. رکي رکي، استاد جن چاق ۽ چوٻند، گاڙهن رتول گالن سان سون کي ٻاهر سڏيندو هو، ۽ چوندو هو:

"اي سچيل! وارو ڪر!"

جنهن تي سون کي چا ڪرڻو پوندو هو، جو ٽي يا چار ڀيرا پمپ هلائي، هن جي گرم ٽي ويل مٿي ۽ ڪلهن تي پاڻي وجهندو هوس ـــ هن جو پاڻ کي تازو توانو ڪرڻ جو اِهو طريقو هوندو هو: ۽ هر ڀيري، سامهون رستي جي ٻئي پاسي جي وادي جي زال، مڙدم رگارد، اُن تي بيڏڪ ٿهڪ ڏيئي ڪلندي هئي.

مختصر گالهه هيءَ ته آهي ڏينهن ڏاڍا گرم هئا، ۽ ائين وڃي

کان پوءِ جڏهن چنڊ اڀري مٿي ايندو هو، تہ ماڻهوءَ کي آن ٻاهر هوا ۾ ويهڻ ۽ جافريءَ جي پويان وڃي اڳڻ ۾ دوستن يارن سان گڏ هڪ اڌ پنهنجي سرخ شراب يا صوفائين وائين جي بوتل پيئڻ ۾ گهٽو لطف ايندو هو. ٻاهر سڄيءَ گهٽيءَ سان ٻنهي پاسي چوڪريون ۽ زالون پنهنجن پنهنجن در ڀرن آڏو، ويٺيون، آئٽ ڪتيندیون هيون ۽ پاڻ ۾ ڪلنديون ۽ چاءُ ڪنديون هيون. هر پاسي کان، رڳو ڪتن جي ڀونڪڻ ۽ ماڻهن جي ڳالهائڻ ۽ ڪلڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، ۽ اسان جا پاڙيسري، رکي رکي، اسان جا بحث مباحثا ٻہ ڪن ڏيو ٻڌندا هئا ــــ پر آن تي اسان کي گهٽو ڪو فکر ڪونہ ٿيندو هو، ڇو تہ اسين هاڻي ڪافي ڪجهہ بي اونا ٿي چڪا هئاسين.

مارگريٽ ٻہ ايندي هئي ۽ اچي اسان سان ويهندي هئي، ۽ هوءَ ۽ آءٌ جافريءَ جي پرسان ٿي ڪلندا ۽ ڳالهائيندا هئاسين، ۽ پوڙهو ليٽو ميئر هوندو هو، سو سمز تي هر هر مُڪون پيو هڻندو هو ۽ وقت بوقت رڙ ڪري، چوندو هو:

”سڄي ڳالهہ ختم آ! باقي ڪانہ رهندي! هيءُ ئي وقت آهي اسان لاءِ اعلان ڪرڻ جو تہ اسين ماڻهو ــ هائو، اسين پاڻ ــ سيڪجهہ آهيون.“

۽ امڙ ڪٽرين آن تي هن ڪي جواب ڏينديِ:

”خدا جي نالي، استاد ليٽوميئر، اسان جي موز نہ ڇڄ، اِها نظامن پيران ووٽ ڪرڻ لاءِ ڪانہ ٿي ڇوي!“

ائين ڪم هلندا رهيا، ۽ مون کي ياد ناهي تہ آءٌ ڪڏهن ايترو خوش هوس جيترو آنهن گهڙين ۾ جڏهن آءٌ مارگريٽ سان ويٺو ڳالهائيندو هوس، جيتوڻيڪ ڪيس ائين چوڻ جي همت ٻہ ڪانہ هيم تہ مون هن کي ڪيترو پيار ٿي ڪيو! نہ، مون ڪڏهن ٻہ ايتري خوشي زندگيءَ ۾ ڪانہ ماڻي آهي.

هڪ شام جو، بهرحال، ائين وڃي ڏاري، اسين هميشہ جيان اندر ئين اڳڻ ۾ هئاسين ــــ کي هن جي پٽيان ويٺل هئا ۽ پوريءَ ريت ڏٺا ٻہ ڪونہ ٿي ويا، ۽ چنڊ شاه ــ بلوط جي مٿان اڀري آيو هو.

استاد لئوميئر پنهنجي دستور پٽاندر پنهنجيءَ ڳالهه تي اڙيو ويٺو هو، ۽ ڪوچارٽ ـــ هُن جو ڪنڌ و نڪ هن جي ڳاڙهيءَ ڏاڙهيءَ ۾ ڏسو پيو هو، ۽ هن جون اکيون چپري جي اکين وانگر باهر نڪري آيون هيون ـــ سمز تي هڪ ٿونٽ ڪوڙيو ويٺو هو، ۽ چروٽ پئي پيتائين. ڪنهن کي به ڪنهن ڳالهه جو ڪو شڪ يا گمان ڪونه هو، ۽ ڪوچارٽ کي تہ بنهہ ڪونه هو، چاڪاڻ تہ خاص آن ڏينهن تي هو ڪافي ڪو چگو ڪاروبار به ڪري آيو هو. قاصائيءَ جو ڪاروبار ڪو هروپرو ايترو نفعي وارو به ڪونهي، پر ڪڏهن ڪڏهن هو ڳوٺ جي چُوڻگهن کان بچ بچاءُ ڪندو، باهر 'گرافتال' جي ڏکان تي پهچي ويندو هو، ۽ آڏان تماڪ جي هڪ چگي سوچاري ڳوٺ وڻي ڳوٺ جي اندر پهچي ويندو هو، جيڪا ويهہ 'سُو' في پائونڊ جي بدران هن کي چار 'سُو' في پائونڊ تي، ۽ جي سنهون ڪارو تماڪ هوندو هو تہ آهو پندرهن 'سُو' في پائونڊ جي بدران ٽي 'سُو' في پائونڊ جي حساب سان ملي ويندو هو!

سو اسان جا جهگڙا ۽ سوال جواب، سياست بابت، عام طور ڏهين وڳي تائين پيا هلندا هئا. ۽ آن ڏينهن به هميشه جيان اٿين ويٺا هئاسين ۽ ويٺي هڪبين کي رد ڪڏ ڏناسين، تہ اوچتو ڦهٽيءَ کان جافريءَ جو در ڪليو ۽ ۽ هڪڙو ماڻهو، شهري نموني جو، پوليس جي ٻن سارجنٽن سان گڏ، اندر لنگهي آيو ۽ اڳ ۾ آهستي آهستي ٽي، اڳتي به پئي آيو، ۽ اسان کي جُوهہ پائي ڏسندو به رهيو. آهو ماڻهو پوءِ سون سڃاتو، مئٽورپن بوليٽ نالي، ڳوٺ جي جرمن ڳوٺ جي چونگيءَ ۾ گدام ـ ڪيپر هو، ٽڪنڊائون هُن جو ننڍو ٽوپلو سندس ٻُڌيءَ جي پاسي ڳچيءَ ڏانهن لاڙيل هو، جنهن ۾ هن جي وارن جا ويڙهيل مُڇا هٺ سان اندر وڏل هتا. هن جو ٽلهو ڳاڙهو نڪ کجهہ مٿي ڪنيل پئي لڳو، هن جون اکيون وڏيون ڏيکي جي اکين جهڙيون چاندوڪيءَ ۾ پئي چمڪيون، سندس سنهي ڪاڏي، اندرينءَ ٽلهيءَ ڪاڏيءَ سميت، سندس گلي بندَ جي ورن ۾ ڏيکل هئي، ۽ هن جو باهر نڪتل پيٽ ڪافي کجهہ لڙڪي، هن جي رانن سان پئي لڳو:

هر طرح هو هڪ خطرناڪ ڪائو ماڻهو ٿي لڳو! نهرن تي ئي هو گهٽ
ر گهٽ اڌ بزن ڪباب، رڌل سوئن جي وڏي ۽ بش سان مڪس ٿيل،
ٽن پائونڊن وارو روٽلو ۽ ٻه پيگ بيئر جا تم گهٽ ر گهٽ گهرندو
هوندو؛ ۽ منجهند جي مانيءَ تي ٻه هڻ لاءِ آهي سيب ۽ ڪائي يا سوئر
جي گوشت جا پنج ڇهه وڏا ٻوٽ ۽ سفيد پنير جا ٻه ٽي ٽڪرا وڏن
ڪوهي بصرن جي ڪاترسان پريل، تم هن کي ضرور گهربل هوندا!
ان سان اوهين اندازو ڪري سگهو ٿا تم رگبو گدام ڪيپر جي پگهار
تي هو ڪيئن ٿهي جيي سگهو! تنهن ڪان وڌيڪ جڏهن گالهه هڻ جي آڏو
هڻ جي پنداري پرڻ جي ئي هئي، تڏهن تم هو نم پيءُ ڪي، نم ماءُ
ڪي، نم پائرن پينرن ۽ سؤٽن، ماساتن ڪي ڏسڻ وارو ٿي لڳو. سچ تم
هو پنهنجين آگاڙين پوري ڪرڻ لاءِ خود خدا ڪي ٻه شڪ ر پڌي
چڏڻ وارو هو، ۽ ڏسڻ ر ڪيترو ٻه هو الو ٿي لڳو پر سمگارن ۽
چونگي-چورن ڪي پڪڙڻ ر هولوڙ ڪان وڌيڪ انڪلي ٿي معلوم
ٿيو. ڏينهن رات پڪ ٿي پڪ هين جي خوابن ر آهي ئي هلندا ٿي
رهيا. هن جو جماپو ئي ان قسم جي چغل ڪاريءَ وٽ پڪڙ ۽ جهاڻي-
بازيءَ تي رهڻ وارو هو — بلڪل ائين جيئن ٻين ماڻهن جو پنهنجي
ڪم تي هوندو آهي. اوهين ان سان سمجهي سگهو ٿا تم ايڏي وڏي
پيٽ ڏارڻ لاءِ ماڻهوءَ ڪي ڪيڏي وڏي قيمت ڏيڻي ٿي پوي! اهڙيءَ
حالت ر ماڻهوءَ جي دل لهيَ اچي پيٽ ر پوي ٿي، ۽ ڪائن ۽ ٻيئن
ڪان باهر هو ٻيءَ ڪنهن شيءَ جو سوچي ئي نٿو سگهي.

هن جي پٺيان ٻه سارجنٽ پئي هليا، — سينې ٻين سارجنٽن
وانگر وڏن اچن ڪوٽن ر ڏيکيل، جن جا اڇڪندڙ وڏا ڪالر پيلي
رنگ جا هئا، (تنهنڪري ئي هو عام طور 'سؤئر-ڪتليا' سڏيا هئا)،
هنن جا وڏا ٽوپلا هڻ جي ڪلهن ڪي ڏيکيو ٻڌا هئا، ۽ هنن جون
تراريون هنن جي ٽٻلهين ٻڪين ڪان پئي لڙڪيون: هو چهه-فوٽائان
لوط هئا، پر هرحالت ر ماتا جي داغن سان سڻهن ليتل هوندا هئن!
انقلاب ڪان اڳ سچ پچ، لڳ پڳ سيئي آهي ائين ماتا جا ستيل
هئا. هيءُ مرض آنهن ڏينهن ر ملڪ لاءِ وڏي آفرمني هڪ آفت هئي.

سڀڻون سڌول ڇوڪريون ۽ ڳپرو جوان پنهنجا ٻُهاڻيا لڪائي پيا گهمندا هئا. هِن مرض جا شڪار، اڪ ڪان ڪاٽا ۽ ٻنهي اکين ڪان انڌا ماڻهو، عام جام پيا رستن سان رلندا ۽ ٻنندا هئا. خدا ٿو ڄاڻي تہ ماتا جي ٽڪن ڪي عام قبولائڻ ۾ ڪيڏا جتن ڪرڻا پيا هوندا، شايد آنهن ڪان ۾ وڌيڪ جيترا پٽائن جي پوک ڪي عام ڪرڻ ۾ (اسان ڪي) لڳا هئا؛ ڇو تہ ماڻهو هرشيءِ جيڪا هنن لاءِ چڱي هوندي آهي آن ڪي شروع ۾ رد ڪندا آهن ــ جيڪا ڳالهہ سچ تہ هڪ وڏي بدبختي آهي.

پوءِ اهي ماڻهو الدُراسان وت آيا؛ ۽ چار قدم ميز ڪان پري ٻيهي، پوليٽ جڏهن ڪوچارٽ ڪي ڏٺو، تڏهن خاطريءَ جي لهر ۾ ايندي، هن رڙ ڪئي:

"اهو آهي هو! تہ ويندو اسان ڪان!"

جيڪي ويڻا هئا، آنهن ڪي هُن جي آنهن لفظن تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ڇو تہ ڪيئي ڏينهن لڳاتار ڪوچارٽ آنهيءَ پوليٽ ڪي ڇڪڻ لاءِ مفت تماڪ پهچائيندو رهندو هو. پوليٽ جي آڏو، بهرحال، اهڙي نديي ڳالهہ روڪ ڪانہ ٻڌي هئي، ۽ هن سارجنٽن ڪي ٻهر حڪم ڏنو:

"جهليو هن ڪي! اهو آهي جوابدار!"

ان تي سارجنٽ ڊوڙي، ڪوچارٽ تي چڙهي ويا، ۽ هُن رڙ ڪئي، ۽ اُئين هن جي مُنهن مان هُن جو پاڻ هيٺ ڪري ڇڏيو:

"سون ڪان اوهان ڪي چا گهرجي؟ سون چا ڪيو آهي؟"

هن جي پائپ مان چٽنگون نڪري، اسان جي پيرن ۾ پوڻ لڳيون. اسان هراسجي، هڪيئن ڏانهن ڏٺو، پر پوليٽ، ڏند ڪيڪي، جواب ڏنو:

"ٻہ تماڪ جون پنڊيون جيڪي ڪالهہ تو گرفتال جي مڪان تان چوريءَ شهر ۾ آنديون آهن، اسين آنهن لاءِ آيا آهيون. تون ڄاڻين ٿو تہ آءٌ چا ٿو چوان ــ ٻہ پنڊيون جيڪي تنهنجي ڪوٺيءَ ۾ در جي الدر ٻُخاري جي سِرن جي پٽيان پيون آهن."

هاڻي، اسان کي خبر پيئي تہ غريب کوچارٽ تي هُن جي ڪنهن حاسد پاڙيسريءَ چغلي هٽئين هئي؛ ۽ اسان ان هر هڪ کي ڏکڻي وڻي ويئي، جو تہ اهو تہ قاسيءَ جي سزا جو ڪيس هو!

۽ اسان ۾ رڳو چُرٽ جي ہ همت ڪانہ آئي. آنهن ڏينهن ۾ ساڪ جي خزاني جي معاملن ۾ دخل اندازي ڪرڻ تمام گهرو ڏوهہ ليکيو ويندو هو، اڄ ائين ناهي. پر تڏهن اهڙيءَ دخل اندازيءَ جي سزا طور مالهو نہ فقط پنهنجي زمين، پئسن ۽ گهرڪان محروم ٿيي ٿي سگهيو، پر جهڪڏهن هن جو ڪٽي ڪو تُرهو ڪونہ هو (مثلاً ورسائيلز ۾ يا ڊرنڪرڪ ۾) تہ هن کي، آتي ڪٽي موڪلي يا ٻئي ڪنهن اوڙاهہ ۾ آڇلي ٿي سگهيا، جتان هن جي وري ڪنهن ڏسَ پسارَ جو پتڄڻ ہ محال هو. اسان جي ضلعي ۾ ڪيئي پورا ائين ٿيو هو. خود اسان جي لابراڪس جي ڳوٺ جي ڳالهہ آهي تہ پوڙهيءَ جيڻي پاکوڻيءَ جوپٽ ساڳئي هن پوليٽ جي هٿان لوڻ جي سمگلنگ ۾ سزا ڪائي ويو، ۽ اڃان ٿو هن جو ڪنهن کي ڪو پتو پوي! افواهہ آهن تہ هواڙي ڪنهن ساڪ ۾ جلاوطن ڪيو ويو آهي، جتي ڪارن، سرچن ۽ دالچينيءَ جا فصل ٿين ٿا، هن جي مسڪين ماءُ جيڻيءَ جو هن جي آن ڪيس تي ايترو تہ خرچ ٿيو، جو هن سڄي پنهنجي هُوند سُوند آن تي ختم ڪري ڇڏي، ۽ پوءِ پينگلي بڻجي پئي ۽ در در پنندي ٿي رهي.

ان ڪري، هن موقعي تي، اوهين اسان جي هراس ۽ گهبراهٽ جو اندازو لڳائي سگهو ٿا.

"هلو!" پوليٽ رڙ ڪئي، "وڻي هلو هن کي!"

پر کوچارٽ، مزڪي چنبڙي ويو، ۽ سهڪندي، جواب ڏنائين:

"آءٌ نہ هلندس."

ان وچ ۾ ليٽومييئر ائين صاف ڏيکائي ڏني تہ هو وچ ۾ پوڻ وارو نہ هو. هو ائين ٿيڻي هڻي ويهي رهيو جيئن ٽلاءَ جي هيٺ تري ۾ ڪارپ مڇي. سب اهڙا واتراڙا ماڻهو عملدارن ۽ سارجنٽن آڏو

چوڪس بڌجي وڃي رهندا آهن؛ ۽ اهڙن موقعن تي اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي ته، جن ڪان اهڙي ڪا اميد ئي نه رکي سگهبي آهي، اهي ئي آتي بي پرواهه بڌجي، وڏيءَ همت ڪان ڪم وٺي، گهٽو ڪجهه ڪري وجهندا آهن.

هُن کي چڪندي ۽ ٽڙڻون هٽندي، سارجنٽن تقريباً ڪوچارٽ جا هٿ ميز مان چڏايا ئي هئا، ۽ پوليٽ هنن کي ائين چئي رهيو هو، 'هڪ ٽڙڻ ٻي هٽوس ته آيو ٻيٽو آهي،' ته اتي مارگريٽ (جيڪا جافريءَ جي هڻان، منهنجي پاسي ڪان اويٺي هئي)، سڃيءَ مان کي ڇنڊي پورَ ڪندي، زور سان رڙ ڪئي:

"موسيو ر پوليٽ، خبردار! توکي هن ماڻهوءَ کي گرفتار ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي!"

ان تي، سڀني جڪي ميز جي ويجها يا ڪلال خاني جي سيڙهيءَ جي ڏاڪڻ تي وينا هئا — استاد لهيرو، ليٽومئر، امڙ ڪٽرين، نڪولي ۽ سيمئي — وائڙا ٿي ويا، ۽ ڊپ ۽ قياس جي گڏيل احساس ۾ ونجي ويا، ۽ هڪين ڏانهن هراسجي ڏسڻ لڳا. هنن مارگريٽ جو آواز سڃاتو هو، پر ويسهه ئي نه پئي آين ته آن جي پٽيان ايڏيٽي ڪا همت هئي. ڏٺو پوليٽ پاڻ ۾، ٻين وانگر، پنهنجو ڪ هوا ۾ اڇو ڪري، تعجب ۾، گهڙيءَ لاءِ بت بڌجي بيهي ڏسڻ لڳو، چاڪاڻ ته اڳي ڪڏهن به ائين ڪونه ٿيو هو.

"اهو ڪنهن چيو؟" هن دانهن ڪئي. "ڪير آهي، جو سرڪار جي ڪم ۾ حد دخلي ٿو ڪري؟"

"آءٌ، موسيو پوليٽ،" مارگريٽ پنهنجيءَ جاءِ تان سالٽيڪائيءَ سان جواب ڏنو. "آءٌ مارگريٽ شاويل، ميلز جي وڏيءَ اسمبليءَ لاءِ ٽيءَ اسٽيٽ جي عيوضيءَ جي ڊيءُ. تون جو ڪجهه اهو ڪري رهيو آهين، سو غلط آهي. آءٌ توکي چتايان ٿي، موسيو ر. گودام ڪيپر! ته ڪنهن نيڪ مرد کي، عام مختيار جي لکيل حڪم کان سواءِ، گرفتار ڪرڻ ڏاڍي هڪ ڏکي ڳالهه آهي."

۽ پنهنجي جاءِ تان اٿندي، هوءَ پوليٽ ڏانهن وڌي ويئي، ۽ ٻن سارجنٽن ڦري، پنهنجن وڏن ٽوپلن جي وڌيل ڪنارين جي هيٺان، هن ڏانهن نهاريو، پر ڪوچارٽ منجهان پنهنجا هٿ ڪونہ ڪيائون.

"بادشاهہ جو فرمان توهان پڙهيو آهي؟" هنن ڪي هُن چيو. اوهين ماڻهن کي مالي معاملن ۾ رات جو ڇهين وڳي کان پوءِ وتو ٿا گرفتار ڪندا، جيتوڻيڪ شاهي فرمان ائين ڪرڻ کان اوهان کي منع ڪئي آهي! هائو، ۽ اوهين ماڻهن کي رات جو پنهنجن دروازن کولڻ تي مجبور ڪريو ٿا! اوهين سمجهو ٿا تہ جيڪڏهن چور ۽ ڏاڪو ائين چوڻ شروع ڪري ڏين تہ "اسين خزاني جا عملدار آهيون، اوهان کي حڪم ٿا ڏيون تہ در کوليو تہ اسين اندر اچون، تہ ڇا ٿيندو؟ ڇا وري ڇا، هو آسانيءَ سان ائين ويندا ڪوٽ ڏيرينداا! ۽ انهيءَ ڪري شاهي فرمان منع ڏوڪري اهڙي ڪم کان جيڪو اوهين ڪري رهيا آهيو! اوهان کي تہ فرمان بليل آهي تہ پاڻ سان ہ ڪائونسلر پاڻ سان کڻندا ڪريو ۽ جاءِ واردات تي فقط ڏينهن جو وڃو!"

هُن ائين صاف ۽ سرَل زبان ۾ گالهايو جڏ پاڻ بزرگ شاويل ٽي گالهايو، ۽ پوليٽ جڏ سڙاپجي ويو ـــ هن کي اعتباري نہ پئي آيو تہ ڪو هُن سان ائين ہ گالهائي سگهو ٿي! هن جا گل غصي ۾ ٽڙڪڻ لڳا. هوڏانهن موجود ماڻهن ۾ ٻہ ساهہ پوڻ لڳو، جو تہ مارگريٽ جي تقرير هلندي، سڄيءَ گهٽيءَ ۾ گالهہ پکڙندي ٿي ويئي، ۽ جيئن هُن جو گالهائڻ بند ٿيو، تہ اسان هڪ ٻو آواز ٻڌو ـــ دلدوز ۽ دردبلو آواز، اهو جنهن پاکوٽيءَ جو آواز هو!

"آه! اهو ڏاڙيلو! آه! اهو نڪرو، ڪميٽو! اهو وري هيٺي آيو؟ اهو ماڻهن جا پار ٽوڪائي، گهرن جا پيئرَ ٽوڪڻي! نجس ڪميٽو، آدمخور!"

ويچاري پوڙهي عورت، پنهنجي ڪاڪ جي ٽيڪ هٿ ۾ جهلي، در جي باهران آلاري بيهي رهي، هُن جا جُملا ائين ٿي مُنهن مان نڪتا جڏ هن جي ٽٽل دل جا سُڏڪا هئا، جيئن ٿي آيس تيئن گالهائيندي ٿي رهي:

"سو تون آهين، منهنجي پٽ کي ڪٽڻ وارو، منهنجي فرنڪائوس ڪي! تون آهين منهنجو جمڻ هلاڪ ڪرڻ وارو! آه، خدا شل توکي گار" ڪري! ترس، تو لاءِ هو وينو آهي! هن ڏانهن وڃي ڏس! اڃان تم ڪٽي ڀالهم ٿيي! غريب جو به تم داد ٿيندو!"

هن کي ٻڌي، ماٿهوءَ جي بت مان سياڻا نڪري ٿي ويا، ۽ ماٿهو مرونجي پملا ٿيي ٿي ويا. هوڏانهن پوليٽ هو، سو ينو هن جا پاراتا ۽ ٻٽا ٻڌندو رهيو، جي باهر گهٽيءَ ۾ جهالن پئي ٻڌا، ۽ سارجنٽن به اوڏانهن منهن ڪيو سي آهي پئي ٻڌا.

آن گهڙيءَ، استاد جين آٽمو، ۽ چيائين:

"موسيو رگودام ڪيپٽر! هين بدنصيب عورت کي ٻڌ! چا، اها هان" ڪائيندڙ نم آهي، هن جي دالهن؟ ڪوبه هيتي اهڙ ساڳيو ڏک دل تي سهڻ نم چاهيندو. اهڙو وپچارئي ماٿهوءَ جي دل کي ڏاري ٿو وڃي."

جيئن هو ڀالهائيندو ٿي رهيو، تم وچ ۾ جيمنيءَ پنهنجا اوسٽر بند ڪري چڏيا، رڳو سڏڪندي رهي. پوءِ اسان هن جي ٽيڪ جي وچ جا آواز ٻڌا، هوءَ ٽٽڻڪ ٽٽڻڪ ڪندي، اڳتي گهٽيءَ مان پنهنجي مٺهن پٽڪندي ويندي رهي.

"هائو" استاد جين وڌيڪ چوٽ لڳو، "اها دل ڏارينڊڙ ڀالهم آهي. تون ان تي ويچار ڪر تم تون چا ٿو ڪرين. اسين انهن حالتن ۾ رهون ٿا، جيڪي ڏاڏيون ڏکيون آهن، سڀ کان وڌيڪ اوهان خزاني جي عملدارن لاءِ. پيالو وڃي پريو آهي. ڏسج متان آن کي تون ڏوڏي، هاري وڃهين. هي ۾ پنجون پيرو آهي هين سال، جو تون رات کان پوءِ آيو آهين؛ ۽ گذريل سياري ۾ تون ائين لڙل بترج ۾ اڌ رات کان پوءِ ويو هئين، انهيءَ چونگيءَ جي ساسان پڻيان. جيڪڏهن ماٿهو مجبور ٿي پون ۽ مقابلي تي لهي اچن، تم اسان پرامن شهرين کي پوءِ چا ڪرڻ گهرجي؟ چا، اسين شاهي فرمان جي خلاف تنهنجي ڪارروائيءَ ۾ تنهنجي مدد ڪريون؟ تون چو ٿو آن جي مڻي پليت

ڪندو وتين؟ چا، تون ۽ اسين اِلهيءَ لاءِ آهيون تہ شاهي حڪمن ۽ فرمانن کي پيرن هيٺان پاڻ ۾ لتاڙيون؟ يا اسان کي گهرجي تہ پنهنجا حق، پنهنجون ذميداريون سڃاڻون ۽ اُنهن جو اُتي بچاءُ ڪريون، اُنهن جي ۾ پوئواري ڪريون؟ سوچ، خدا جي نالي، سوچ! مون کي اِهو، ۽ فقط اِهو توکي چوڻو آهي، موسيو پوليٽ!"

۽ هو پنهنجيءَ جاءِ تي ويهي رهيو. گهٽيءَ ۾ گوڙ وڌي رهيو هو، ۽ ماڻهن جو وڏو تعداد اڃي ٻڌ جي ٻاهران گهاٽ ٿيو هو، ۽ ڪڙين تي آيا ٿي، ۽ جانريءَ کان ٻُنهن ڪيي، اندر ڏسي رهيا هئا تہ چا ٻڌي ٿيو. اِتي، ڪوچارٽ وري دانهن ڪئي:

"اڙي تہ ويندس! پلي، مون کي ماري ڇڏين! اڙي فرمان تي هلندس!"

پوليٽ اِهو ڏسندي تہ خود ۾ سارجنٽ ۾ دِل مَن ٻ هٽي رهيا هئا، ۽ حڪمن ٻڌاڻ ٽڻ بدران پنهنجي اوسي پاسي لوٽا هٽي رهيا هئا، اوچتو مارگريٽ ڏانهن ٻُنهن ڪري، هن تي پنهنجون غضبناڪ نظرون وڌائين.

"اِها تون آهين، جيڪا اسان جي آڏو آئي آهين، تون جيڪا ڪالونِ جي دين جي پوئلڳ آهين،" هن بڙ بڙ ڪندي چيو، "سيڪجهہ ٽيڪ ٽاڪ ٿي وڃي ها، جي رڳو تون پينٽيل، چنڊي، وچ ۾ نہ پوين ها!"

۽ هو ڏاندي جهان تہوِل ٻ سنهن سان، پنهنجي گچيءَ کي ڦٻلائي، هُن ڏانهن وڌڻ لڳو ــــ اصل اِئين جيئن ڪا چريل ڪڙ ڀرائي ڪنهن چوزي تي جلهہ ڪري وڃي. اڃان هو هن تي اُلڙ ڪرڻ وارو ئي هو تہ هن جي نظر مون تي پيئي، جو اڃ اوندهہ ۾ هن جي ٻُڌيان موجود هوس. ڪنهن طرح اڃ اُتي ٻمڻ هوس، ۽ ڪنهن طرح منهنجي قميص جون ٻانهون ۾ ڪنجيل هيون. جيئن مون هن کي ڏٺو، تہ مون دل ۾ ڪلي ڏنو ۽ من ۾ آيم:

"جي هيءَ بدمعاش، هين تي هٿ ٿو ڪٽي، تہ سمجهہ تہ قسمت ٿيي ڦٽهس!"

آءٌ توڙي ٿي هن جي گاڙهي ٽلهي ڳچي پنهنجن ٻن هٿن ۾ قابو جهليل محسوس ڪري رهيو هوس ـــ جڏ انبوريءَ ۾ آيل هئي. هن ۾ ڏسي ورتو تہ منهنجي دل ۾ ڇا هو؛ ۽ اوچتو ئي سنهڙن جو پٽو لهي ويس:

"ٿيو!" هن چيو، "پرواهم ناهي، پرواهم ناهي. اسين سياڻي وري ايندا سون.

آن تي، ٻيئي سارجنٽ، جيڪي ماٺهن جي جهُرمٽ ڪي تڪي رهيا هئا، جيڪي پٽ جي ٻاهران اڇي ڪلا ٽيا هئا، ۽ آنهن جي اکين جي ميڙاڪي ڪي ڏانهن تڪيندي ڏسي، جن مان اونداهم ۾ ڇڻ ٻاهم جا آلا نڪري رهيا هئا، هنن بهتر ڄاتو تہ مات ڪري موٽ ڪائين. پوءِ هنن ڪوچارٽ سان هٿ ڪيا، جنهن پوءِ پنهنجا هٿ پير ساهيا، ۽ سامت ۾ آيو، جيتوڻيڪ هن جي جُبي ڪي هنڌان هنڌان آنگهون پئجي ڇڪيون هيون ۽ "هن جو نراڙ ۽ هن جا ڳل پگهر ۾ ڀرجي شل ٽي ويا هئا.

آءٌ پاڻ آتي ٻيٺو رهيس. آنهيءَ ئي گهڙيءَ مارگريٽ "سنهن ورائي موٽن ڪي آتي ٻيٺل ڏٺو، ۽ ٻيا ٻہ ڪيترا مون ڏانهن چتائي ڏسندا رهيا. هڪ طرح، مون افسوس پئي ڪاڏو تہ آهو ٽلهو گودام-ڪيپر ائين سارجنٽ سان موڻي ويو، ڇو تہ، آن شام جو آءٌ خوشيءَ مان ايها مٽلهه هُن سان ڪيان ها. انسان ٻہ ڪهڙا نہ عجيب ـ جيو آهن، ۽ ڪيئن تہ تڪڙا هنن جا خيال بدلجن ٿا! پر ماٺهوءَ وٽ سدائين ارڙهن سالن جي عمر جون ٻانهون ۽ ڪلها ڪونهن، ۽ نہ ئي ڪي لوهارڪا هٿ سدائين ساڻ آهن: ۽ وقت پوڻ سان پنهنجي محبوب عورت جي آڏو پنهنجي همت ۽ طاقت جو ڏيکاءُ ڪرڻ جو ماٺهوءَ جو ارادو ٻہ ٽڏو پئجي ويندو آهي! بهرحال، هو ٽيئي لغور، ناڪام، آتان نڪري، هليا ويا، ۽ مارگريٽ، سُرڪندي، مون کي چيو:

"مردود پڄي ويا، مچيل!"

۽ مون جواب ڏنو،

"هائـو، اِن ۾ ئي هُنن اُجـي ڇڳائي هئي، جـو ائين هليا ويا".

پوليت ۾ هن جـا ماڻهو اچان نڪتا ئي مس تہ سچو لابراقس، هڪڙي ڇڙي ڪان وڃـي ٻئي ڇڙي تائين، سيٺن ۾ ٽهڪن سان ٻرجي ويو. ڪوچارٽ، جيڪو ڪافي اچان "منهن لٽل ۾ لهڪاريل ٿي لڳو، تنهن پنهنجو جگ" منهن تي رکـي، هڪ ئـي ساهيءَ خالي ڪري ڇڏيو.

"تون جلدي ڪر!" مارگريٽ ۽ هن کي چيو. "جلدي ڪر ۾ چونگيءَ وارو مال وڃي ٻيلي ۾ ڪٽي رکـي اڄ!"

ڪيڏي نہ هوءَ خوش ٿي ڏسڻ ۾ آئي، ۽ ويچارو ڪوچارٽ، ڪجهہ ڪجهہ آسو دو ٻئي لڳو! مون کي پڪ آهي تہ مارگريٽ جا احسان هن ميڙ ڄاڻيا ٿي، ۽ خوف اچان مٽس ويندل هو، ۽ ڪنهن سان بہ "شب بخير" ڪرڻ ڪان سواءِ، چپ چاپ هـو آڏو ۽ ڪهٽي وڃي تکو تکو نڪتو هليو ويو.

باهرئين اڱڻ ۾ آتي هاڻي ماڻهن پنهنجي سوپ ملهائيندي، زور زور سا واڪا ٻئي ڪيا، ايتري قدر، جو پوليت ۾ هن جا بہ سارجنٽ، ڪيتن مان لنگهي، قبرستان ٽپي، نديءَ گهٽيءَ ڪان آڪري، شهر ڏانهن ٻڌيا هوندا، تيسين "هنن ضرور اسان جو گوڙ ٻئي ٻڌو هوندو. هائو، هُن بدمعاشن، پنهنجي نشان تان اِئين گُسندي جَڪَ بہ جَڪن جهڙا ڪاڏا هوندا.

استاد جينَ وڏيڪ صوفائين شراب جا جگ گهرايا، ۽ جيڪي ٿي گذريو هو، گهٽي وقت تائين موز جي چوڏاري گالهہ ٿي ور ور آها هلندي ٿي رهي. هر ڪنهن آن بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو ويندي، آنهن بہ جن آن مهل ٻين سان رگو ها ڙها بہ ڪانہ ملائي هئي؛ باقي مارگريٽ لاءِ واهہ واهہ سيني جي وات هئي. هن جي بي ڊپائيءَ ۽ همت جي ساراهہ تہ هر ڪنهن ٿي ڪئي، بلڪ آن سان هو ڏاڍيا ئي ڪونہ ٿي.

"وڏن ۾ ستيا ننڍين ۾ اچي ٿي،" استاد جين چيو. "شاويل" جڏهن ٻڌندو ته ڪيئن ان کي ساڻ هُن جي بهادر" ڏيءَ ڏ"وبڏ"و ٻيهي ڳالهايو هو، ته خوشيءَ ۾ هُن جا ڏُهڪ جهل ئي نه ڏيندا، ۽ ڪيئن "هن ڪوچارٽ کي هُنن حرامين جي چنبن مان ڇڏايو، ته ان تي هن کي جيڪو فخر محسوس ٿيندو، تنهن جو اسين اندازو ئي نٿا لڳائي سگهون."

مارگريٽ جي پرسان ويٺي، ماڻ کيو اهي ڳالهيون ٻڌي، مون پاڻ کي ائين ئي سمجهيو ته سچي پنهنجي تر ۾ مون جهڙو خوش چوکرو ٻيو ڪو هوئي ڪونه. ۽ پوءِ، ڏهن وڳي ڪان پوءِ، جڏهن سڀئي هلما ويا هئا، ۽ استاد جين" دروازو اِئين چوندي بند ڪيو هو— "شب بخير، منهنجا دوستو، شب بخير! آهه! ڪهڙو نه هيءُ عاليشان ڏينهن" پنهنجو گذريو!" ۽ ماڻهو به ٻه، ٽي ٽي ڳڏجي وڃڻ لاءِ نڪتا هئا، ڪي ساڃي ۽ ڪي ڪاهي پئي ويا، تڏهن مارگريٽ ۽ آءٌ سيني ڪان آخر ۾ نڪتا هئاسين. ۽ باهرئين اڳڻ ڪان نڪرندي، اسان پنهنجي ڀڻيان جافريءَ جو دروازو بند ڪيو هو، ۽ آهستي آهستي وک وک ڪٽندا، مٽي ويندڙ ڪوٺ جي پنهنجي گهٽي وٽي، چاڙهي چڙهندا، اڳتي هلندا پئي وياسين.

جيئن اسان چانڊوڪيءَ کي چتائي ڏنو ۽ وٽن کي جيڪي رستي تي پنهنجا پاڇولا ڪيو ٻيٺا هئا، ۽ آنهن جي مٿان ٽمڪندڙ بيشمار تارن کي ڏٺوسين، ته اسان پاڻ کي سوچ ۾ گم ٿيل محسوس ڪيو. هڪ ڀيرو ٻهر چؤطرف سانت هئي، هڪ پن به هوا ۾ ڪونه ٿي چريو. ڪجهه مفاصلي تي ڪي دَرَ ۽ ماڙيءَ جون دريون بند ٿيون، ۽ رکي رکي هڪڙيءَ کنهن پوڙهيءَ مائيءَ اسان کي "شب بخير" ٿي چيو، ۽ شاويل جي گهر جي سامهون لوڙهي جي هيٺان، جيڪو هنن جي لهواري پٽ تي ٻنل ننڍي باغيچي جي چؤڌاري آيل هو، هڪ وشيو هو جيڪو آتان پراڻي پائيپ مان ساهه ڪڍندو، جهڙ جهڙ ڪندو، ننڍڙي هڪڙي آوازِ ۾ پولدو ٿي رهيو، جيڪو لڳ ڀڳ ڪنان تار ٿيڻ تي اچي ٻڌو هو.

ايان تائين آڳ آن آوازِ مان پائي سِرڪندي، هيٺ ويندي، ڏسي رهيو آهيان: زمين تي آن جي پرسان ڇڇ سائي پاڪ جي ڀاري رکيل هئي، ۽ آسپاس، چشمي جي چؤگرد چڙهيل ڪُل سُوسن جي ول ۽ آن جا آسماني زرد رنگ جا گل جيڪي جهوني سمندڙ پائيپ ڪي بنهم وکوڙيا بيٺا هئا، ۽ گهر جي ڪنڊ تي ٻيٽل وڏو صوف جو.وڻ ۽ زمين تي پوندڙ آن جو ديوَ جيڏو پاڇولو، ۽ آوازِ ۾ چنڊ جو پوندڙ عڪس ڇڻ آرسيءَ جي تري ۾ آهو تڙڦي رهيو هو ـــ هر شيءِ سانت ئي سانت هئي. مارگريٽ نظاري تي گهڙيءَ لاءِ نظر وجهندي، چيو:

"ڪيترو نہ پُراسن آهي هيءُ سيڪجهہ، مچيل!"

پنهنجو ننڍڙو هٿ آوازِ تي رکندي، هُن ليوڙي پنهنجا چپ پاڻيءَ ڏانهن نيا ۽ آن مان ۾ ڏيڪ پيتائين. آن سهل هن جا سهٽا وار هن جي ڳلن تي ۽ هن جي سانوزيءَ ڳچيءَ تي پئي پيا، ۽ آنهن کي مون بيخود بنجي، چتائي پئي ڏٺو. اوچتو ئي آتان مٿي ٿي، هُن پنهنجي دامن سان پنهنجا چپ اگهيا، ۽ چيو:

"پرواهہ نہ ڪر، مچيل! گوٺ جي سمورن چوڪرن سان تون وڌيڪ همٿ وارو آهين. هائو، مون تو کي ڏٺو هو، تون منهنجي ڀڻيان ٻيٽو هئين. تنهنجي منهن تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي، هئي نہ؟ تو کي جڏهن پولمٿ ائين ڏٺو، تڏهن آتان ڇڻ ۾ ٿي هن پنهنجي پلائي ڏٺي."

۽ پوءِ هوءَ زور سان کلڻ لڳي. آڳ سانتيکيءَ گهٽيءَ مان گولنڊڙ هن جي ڪيل جو پڙاڏو ماٽيندو ٿي رهيس، تہ هُن چيو:

"پر مون کي ٻڌاءِ، مچيل! تون آن سهل ايڏيءَ ڪاوڙ ۾، ڇا سوچي رهيو هئين؟"

"آڳ اِهو سوچي رهيو هوس،" مون جواب ڏنو، "تہ جي هن کي ڪٽيءَ ڪنيو ٿي، ۽ تو تي هٿ ٿي آلاريائين، يا هڪڙو بہ ڪو گستاخ لفظ ٿي ڳالهايائين، تہ هو هين جهان ۾ نہ هوندو!"

هُن مون ڏانهن ڏٺو، تہ اوچتو هن جا ڳل گرمائجي ويا.

"پر، ائين تہ تون پتجي وهين ها ۽ وڃي غلامَ وانجهين جي ظالم ٻڙن جي حوالي ٿين ها!"

"ڪٿي به وڃي اچلائجان ها، آن جي مون کي پرواهه نه هئي، پر هيڪر تہ هن کي آڻ به پورو ڪري ڇڏيان ها!"

هيترن سالن کان پوءِ به هي سڀ گالهيون ڪيئن نہ منهنجي دل تي تازيون ٻيٺيون آهن! آڻ مارگريٽ جو آواز اڄ به ٻڌڻ ٿي پئي رهيو آهيان. ڪيئن نہ هن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي، ويندي آوازِ ۽ آن چشمي جي پاڻيءَ جي پُڻ جهڻ به ٻڌڻ ٿي پيو ٻڌان. واقعي، پيار ـــ ڪيتري نہ عظيم ۽ امر شيءِ آهي پيار! مارگريٽ تڏهن سترهن سالن جي هئي، ۽ منهنجي نظرن ۾ آن ڪان پوءِ سدائين ۽ اڄ به هوءَ آها ئي آهي.

اسين آتي ڪجهہ وڌيڪ گهڙيون ترسياسين، پنهنجن خوابن ۾ مست؛ آن ڪان پوءِ مارگريٽ ٻڌي گهر جي دروازي ڏانهن ويئي. وڌيڪ ڪجهہ به ڪونہ چمائين، سواءِ ان جي تہ جڏهن دروازو کوليائين پئي ۽ گهر ۾ اندر هڪ پير رکيو هئائين، تڏهن هُن ڦري، سامهون ٿي، پنهنجو نندڙو هٿ مون ڏانهن ڊگهيريو، ۽ اکين ۾ روشنيءَ جي چمڪ آڻيندي، چيائين:

"ڇگو، شب بخير، ميچيل! ڊوُ ڪري نند ڪج. تنهنجي وڏي مهربانيءَ"

مون ائين محسوس ڪيو جڻ هن مون سان هٿ ملايو هو، ۽ آن احساس ۾ پرجي، سچو آڻ لڏي ويس.

پوءِ جڏهن در بند ٿيو، تہ به آڻ جتي هوس آتي بيٺو رهيس، ۽ پوءِ پنهنجي گهر ۾ اندر مارگريٽ پئي هلي چلي ۽ پوءِ ڏاڪڻ ٿي مٿي چڙهندي ويئي، تہ آهي هن جي پيرن جا آواز ٻڌندو رهيس. آخر جڏهن اندر بتي ٻري ۽ پٽن جي چيرن مان آن جي روشني ڏٺيم، تہ دل ۾ سوچيم، "هاڻي هوءَ سمهي پيئي آهي،" ۽ ائين چوندو، آتان روانو ٿيس:

"هاڻي هن کي خبر آهي تہ آڻ هن کي پيار ڪريان ٿو!"

آن کان پوءِ، ويندي هيستائين، ڪڏهن به پنهنجي دل ۾ ايتري قدر پريشاني ۽ آتساهہ مون محسوس نہ ڪيو آهي جيترو آن رات مون محسوس ڪيو هو.

(١٦)

مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ مارگريٽ منهنجي ڪنوار ٻڌي. منهنجي ذهن ۾ ٻي هر ڳالهہ طيءَ ٿيل هئي، ۽ مون پنهنجي دل ۾ چيو:

"ايان تہ هوءَ تمام نندي آهي، پر پندرهن مهينا پوءِ، جڏهن هوءَ اوٽيهن سالن جي ٿيندي، ۽ سمجهندي تہ سندس سک ۽ خوشي انهيءَ ۾ آهي تہ ٻين ڇوڪرين وانگر هوءَ بہ شادي ڪري، ۽ پوءِ مون کي چولدي ٻڌندي تہ منهنجو ساٿس پيار هو—هائو، پوءِ تہ اسين ٻيئي گڏ جي، هڪٻئي سان فيصلي تي پهچنداسين، ۽ اصل ڪشالو بہ تہ پوءِ شروع ٿيندو! منهنجي ماءُ گوڙ بہ گوڙ ڇوڙو شروع ڪندي، ڇو تہ ڪنهن ڪالوريني ڇوڪريءَ کي هوءَ پنهنجي نڪهڻ طور ڪائم قبول ڪندي، ۽ پادري ۽ گوٺ جا ٻيا ماڻهو بہ ساٿس شامل ٿي ٻيهندا. پر آن سان ڪو فرق ڪونہ پوندو، ڇو تہ منهنجو پيءُ سدائين منهنجي پاسي هوندو بشرطيڪ آڳ ڪيس سمجهائي سگهان تہ آها منهنجي زندگيءَ جي سڪ جي ڳالهہ هئي ۽ مارگريٽ کان سواءِ آڳ جيءِ بہ ڪونہ سگهندس. هائو، هو بہ همت کان ڪم وٺندو، ۽ نيٺ گهٽين رکاوٽ هوندي بہ مسئلو ٺيڪ طيءِ ٿي ويندو. آن کان پوءِ اسين هڪ نندڙي ٻڪي مسواڙ تي وٺنداسين ـــ يا ڪوارٽرين کان رواجيت ڏانهن ويندڙ رستي، يا ميٽل بران کان ميسان واري رستي تي. آنهن پاسن ڏانهن گاڏين ۽ گاڏن وارن جي گا اٽاڪ کانهي، ۽ اسين پوءِ آتي، استاد جون وانگر، هڪڙو نندڙو ڪلال خانو بہ شايد هلائي سگهنداسين. واقعي اسين دنيا جي سڀ کان سکين ۽ خوش رهندڙ ماڻهن مان هونداسين، ۽ جيڪڏهن اسين اهڙا خوشسمت ٿياسين، جو اسان کي هڪڙو ٻار بہ ٿيو تہ ٻن ڇهن کان پوءِ آڳ هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٽي، خاموشيءَ سان لابراقس ويندس، ۽ پنهنجي ماءُ کي چوندس: 'امان هيءُ ڏس. ٻانهن ۾ ڪٽينس يا ڦٽي ڪرينس، تنهنجي مرضي.' ۽ هوءَ روئي ويهندي،

۽ گوڙ ڪندي، ۽ پوءِ ڏڏي ڏيندي ۽ مون سان گڏجي گھر ايندي؛ ۽ ائين سڀ خير ڏي ويندو."

اھي ھوون منھنجون مَن سموجون، ۽ ساڳئي وقت ستنھان سنھان ڳوڙھا ھنا، جي آڏھي اکين جي پاڻ ۾ انڪيا پيا ھوندا ھئم؛ پر منھنجو، بھرحال، خيال ھوندو ھو تہ شاويل کي ڪڏھن بہ مون کي پنھنجي نياڻي بڻائڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونہ ڏيندو، ڇو تہ ھڪ ڇڪيءَ طبيعت واري، ڏورَ خرچائو ۽ پنھنجيءَ محنت سان پنھنجي گذاري ڪري سگھندڙ پورھيت ڪاريگر کان بھتر ٻيو ڪير ڏي سگھيو ڏي، جنھن کي ھو قبولي سگھيو ڏي؟ ٻيءَ ڪنھن بہ گالھہ جي ڪا پريشاني مون کي ڪانہ ھئي. ھر گالھہ مون کي پوري، مناسب ۽ معقول لڳي رھي ھئي، ۽ مون پاڻ کي پنھنجن اوچن خيالن سبب ڏاڍين اوچاين تي ۽ وڏي ترنگ ۾ محسوس ڏي ڪيو.

پر بدقسمتيءَ سان، ھن دنيا ۾ گالھہ ھون ائين بہ ڏي وڃن ٿيون، جو آلھن لاءِ ماڻھو تيار ڏي نہ ھوندو آھي.

پنجن ڇھن ڏينھن جي گذرڻ کان پوءِ، ھڪ ڏينھن صبح جو، اسين پوڙھي يھودي، شموئيل، جي بگيءَ ۾ وھندڙ گھوڙي جي نعلبندي ڪري رھيا ھئاسين، تہ اوچتو لابراقس جي مٿين پاڙي جي ھڪ عورت، استيفنيءَ جي نالي واري، اسان وٽ اچي نڪتي. ھوءَ پنھنجون سبزيون ۽ ڀيضا وڪڻڻ لاءِ ڪا شھر ويئي ھئي، ۽ ھائي ڊوڙندي اسان وٽ آئي ھئي، چي:

"اوھان لاءِ مون ڪجھہ آندو آھي."

آھو "ڪجھہ" ميڊز سان ھڪ خط ھو، ۽ آھو ڏسڻ سان استاد جين، خوشيءَ ۾ پرجي، رڙ ڪئي:

"منھنجو شرط آھي تہ ھي شاويل جو خط آھي. تون ئي مڇيل، اھو ڏاڍيان پڙھي ٻڌاءِ، اڄ ڪھڙو ھاڻي پنھنجي عينڪ لاءِ ھتان آڻان...."

مون خط کوليو، پر اڃان آن جي پھرين سٽ ئي پڙھيم، تہ منھنجا گوڏا ڏکڻ لڳا ۽ سڄو سيڻاڻجي ويس. خط ۾ شاويل استاد جين

کي خبر ڏني هئي هئي تہ هو (شاويل) اسٽيٽس-جنرل تي ٽيءَ اسٽيٽ جو عيوضي چونڊيو ويو هو، ۽ استاد جين کي گهرجي تہ مارگريٽ کي فوراً ميجر روئيي-دي-وليز رستي تي 'لوهہ-پلمٽ' ڏانهن هوٽل ۾ موڪلي ڏئي، تہ جيئن خط جو لکندڙ ۽ هن جي ڏيءُ گڏجي ورسائيلز ڏانهن وڃي سگهن.

آن ڏکهي خط جو رڳو اهو حصو ئي هاڻي مون کي ياد آهي. باقي سڄو خط مون پڙهي پورو ڪيو پر آن جي مطلب ڏانهن منهنجو ڌيان ئي نہ رهيو. آخر ۾ آءٌ سنداڻ تي ويهي رهيس، اڌڙي هڪ ماڻهوءَ جيئن، جو سڄو ڄڻ ساٿو ئي پيو هجي. استاد جين' پنهنجي سير، پورو خط ٻڌي، وڏي رڙ ڪئي، ۽ آڏي رستي جي ٻئي پاسي ڊوڙ پاتائين:

"ڪٽرين، ڪٽرين! شاويل اسٽيٽس-جنرل تي ٽيءَ اسٽيٽ جو عيوضي چونڊجي ويو! ڪٽرين، ڪٽرين، ڪٽرين! شاويل...."

وٺلنٽائين، پنهنجا هٿ هڪٻئي ۾ سوگها جهلي. چپن ۾ فقط هيترو ٻڪو ڪري سگهيو: "شاويل، ۽ اميرن ۽ پادري لوڪن سان گڏ شاهي دربار ۾! او منهنجا خدا!" جنهن تي پوڙهي يهودي‌ءَ، شموئيل، ورندي ڏنيس: "چو نہ؟ هو صاف ۽ سٿي‌ءَ سمجهہ وارو ۽ بلڪل هڪ سچو ڪاروباري ماڻهو آهي، هو به ان جو ايترو ئي لائق آهي جيترا ٻيا سڀ."

هاڻي آءٌ پنهنجي گهالهہ ڪريان، تہ منهنجون اکيون نراسائيءَ ۾ ڀرجي ويون، سڄو ڏيال ئي ويس، ۽ پنهنجي پاڻ سان ٻڌ جهڌ ئي ڪري ئي سگهيس:

"سڀ ختم، گهالهہ ئي هٿ مان ويئي. مارگريٽ به ويندي هلي، ۽ آءٌ بلڪل ئي اڪيلو وڃي پٺيان رهندس."

مون ائين محسوس ڪيو، تہ ٻوهي سيني جي آڏو سڏڪا ڀري روئان. رڳو شرم جي خيال کان ائين نہ ئي ڪري سگهيس، چو تہ منهنجي من ۾ هڪڙو خيال آڀري آيو هو:

"جي ماڻهن کي خبر پيئي تہ تو هن سان پيار ئي ڪيو، تہ سڄي تڙ جا ماڻهو تو تي کلندا. چو تہ، ٽيءَ اسٽيٽ جي عموضيءَ جي

ڏيءَ جي پيٽ ۾ رڳو هڪ شاگرد"ــ لوهار چا هو؟ مارگريٽ هيٺر مٿي آسمان تي ٻيڏل آهي، ۽ تون تہ زمين تي پيو آهين."

منهنجي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي هئي.

گهٽي اڳي ئي ماڻهن سان ڀرجي هئي ويئي. وڏي مائي ڪٽرين، نڪولي، استاد جين، سڀ پاڙي وارا، مرد ۽ زالون ــ مطلب تہ سڀني پئي رڙيون ڪيون:

"شاويل استيٽس ــ جنرل تي ٽيءَ استيٽ جو عيوضي چونڊ جي ويو آهي! ٽيءَ استيٽ جو عيوضي، شاويل....."

چوڌاري زبردست جوش هو. استاد جين موٽي ٻئيءَ ۾ گهڙندي، رڙ ڪئي:

"پنهنجي ضلعي کي هيءُ اعزاز مليو آهي، اُن جي خوشيءَ تہ پاڻ سڀني کي ڀريو ڪري وڌو آهي، ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي سڌ ئي ڪانہ رهي اٿئون. مچيل، ڊوڙ، ويچي مارگريٽ کي تہ ٻڌاءِ!"

آءٌ فوراً ٽپ ڏيئي، اُٿي بيٺس. پر ٻوءِ ٻڌي، آءٌ مارگريٽ کي ڏسڻ کان ڊنس ٿي. چو تہ مون کي ڊپ هو تہ هُن جي آڏو آءٌ پنهنجا ڳوڙها جهلي نہ سگهندس، ۽ ائين، نہ چاهيندي ٻڌي، هن کي ڏيکاري ويهندس تہ منهنجو ساڻس پيار هو، ۽ هوءَ لڄائجي ويندي. شاويل جي گهر وٽ پهتس تہ پنهنجي دل کي پڪي ڪرڻ لاءِ، ڪجهہ دير ٻاهر در تي بيهي رهيس.

مارگريٽ نڊيي ڪمري ۾ هئي. ۽ ڪپڑا پئي استري ڪيائين.

"ها! مچيل آهين!" هن مون کي قميص ۾ ڪنجيل ٻانهُن سان ڏسندي، عجب ۾ پئجي، رڙ ڪئي (چو تہ مون کي هٿ منهن ڌوئڻ ۽ واسڪوٽ پائڻ جي سمڪ ئي ڪانہ آئي هئي).

"هائو، آءٌ آهيان،" مون جواب ڏنو. "مون تولاءِ خوشخبري آندي آهي."

"ڪهڙي خوشخبري؟"

"اِها تہ تُنهنجو پيءُ استيٽس ــ جنرل تي ٽيءَ استيٽ جو عيوضي چونڊيو آهي."

جيئن مون گالهائڙ بند ڪيو، تہ هوءَ سڄي پيلي ٿي ويئي— ايتري قدر، جو مون کي ڇوٽو ٻيو:

"مارگريٽ، ڇو؟ ڪهڙي گالهہ آهي؟"

پر هوءَ کو جواب ڏيئي نہ سگهي. خوشيءَ ۽ فخر جي گڏيل جذبي کان هوءَ حيران هئي. اوچتو ئي هن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، ۽ پاڻ کي منهنجي پاڪر ۾ اڇلائيندي، دانهن ڪائين:

"او مچيل، ڪيڏو نہ اهو منهنجي بابا لاءِ وڏو اعزاز آهي؟"

مون هن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو، ۽ هن پنهنجون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ ورائي ڇڏيون. سڏڪن ۾ هن جو سڄو بت لڏي رهيو هو، ۽ هن جا ڳوڙها هن جي ڳلن تان ڳڙندا محسوس ڪيم. ڪيڏو نہ منهنجو هن سان پيار هو، ۽ ڪيترو نہ مون هن کي پاڻ وٽ هٿي روڪڻ ٿي چاهيو! ڪيئن نہ مون پنهنجي اندر ۾ رڙيون ٿي ڪون: "پلي تہ اڃان ۽ مون کان هن کي ڇني وڃن، جي همت اٿن تہ!" پر، تہ بہ، مون لاءِ ٻي ڪهڙي واهہ هئي، سواءِ ان جي، جو ڇڏيانس تہ وڃي هلي. ڇو تہ هن جو پيءُ هن جو وارث هو، سنپالينڊ ۾ هو.

ڪافي وقت مارگريٽ روئندي رهي. هن مون سان ٻانهون ڪيون، ۽ ٿوال سان مُنهن سڪائڻ لاءِ ڏوڙندي ويندي، هن زور سان ڪلي ڏنو، ۽ چيو:

"ڪيڏي تہ آڳ ڀري آهيان! آهيان نہ، مچيل؟ اڃڙين گالهين تي ماڻهو روئندو آهي ڪيئن؟"

آڳ هن کي جواب ڏيئي نہ سگهيس: آڳ رڳو هن جي مُنهن ۾ ڏسي ٿي سگهيس— پيار ڀريل نگاهن سان— سو بہ اوهين سمجهي ٿا سگهو، پر جنهن ڏانهن هن کو ٽورڙو بہ ڏيان ڪونہ ٿي ڏنو.

"اچ،" پنهنجو هٿ منهنجي ٻانهن تي رکندي، هن چيو، "هل تہ هلون." ۽ پوءِ اسين هن جي گهران نڪتاسين.

"نہ— ڪبوترائين" جووڏو صفحو ماڻهن سان ڀريل هو. بهرحال، آتي جو سڄو حال آڳ بيان نٿو ڪرڻ چاهيان— استاد جين، اڙ ڪٽرين ۽ نڪولي ڪيئن هر هر آٽي هڪٻئي سان پاڪر ٿي پاتا، ۽ نہ انهن

مبارڪن جو، جيڪي بار بار هڪبن ڪي نيڪمردن ڏي ڏنيون، خاص طرح ليٽوسيئر، ريگاد ۽ هوري جهڙن بزرگن. آن ڏينهن اسان جو ڪلال خانو نائين وڳي رات تائين ماٺهن سان پريو پيو هو. مرد، زالون ۽ ٻار، هڪڙا ٿي ويا تہ پيا ٿي آيا ــــ ايندي ويندي، هنن پنهنجون ٽوپيون ۽ ٽوپلا آپا ڪري، پاڻ ۾ سلام پئي ڏنا ۽ ورتا. بس ماٺهن جي ڪلهي - ڪيهہ ۽ ٽيلهہ ٽيلهان هئي، جا سڄو ڏينهن هلندي ٿي رهي. گوڙ ڪو هو، رڙيون ڪي هيون، ڪوهن تي نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ پري سينٽ جرمن جي مڙهيءَ تائين تہ ماٺهن ضرور پئي ٻڌيون هونديون. گلاس، بوتلون، جگ، پيالا ۽ متڪ هٿا جن جي ڪٽ پائڻ جا ڪڙڪا هٿا جن جي بس ئي ڪانہ ٿي ٿيي، ۽ ايتري هٿل ۾ بہ رکي رکي، سڀ ڪان اوچو استاد جمن جو آواز لاگيتار ٿهڪن سان سڄو وقت ٻڌڻ ۾ ايندو پئي رهيو. بس، ڪلال خاني ۾ سڄو هي ڏينهن جو ميل" وڏو هڪ لاجواب شادمانو هو.

اهو سڀ ڏسندي، مون دل ۾ چيو:

"تون تہ ڏاڍو ڪو نالائق ماٺهو آهين. جڏهن گوٺ جو ٻيو هرڪو مارگريٽ ۽ هن جي پيءُ جي پاڳ تي خوشيون ملهائي رهيا آهي، ۽ سڄي دنيا آن جي ڪري ايڏي ٽرنگ ۾ آهي، تہ رڳو تون آهين جو اداس ويٺو آهين، جڙ تنهنجي مٿان ڪو موت اچي رهيو آهي! اها تہ تنهنجي ڏاڍي واهيات ڳالهہ چئبي!"

فقط وٺلنٽائين هو، جو مون جهڙي صورت بنايو ويٺو هو.

"هيءُ تہ هر شيءِ جو زوال آهي،" هن چيو. "هاڻي تہ ليچ لفنگا سڀ دربار ۾ پهچي ويا آهن؛ اميرن ڪي پيرن اگهاڙن سان گڏ ٽو ويهڻو پوي! چا، ڪا اهڙي شيءِ باقي رهڻي ناهي جنهن جي ماٺهو عزت ڪري سگهن؟ ڪالو ريني، عيسائين جي جاءِ تي، چوند جي ويا آهن! دنيا جي پچاڻي ويجهي ٿيي معلوم ٿئي!"

پنهنجي احساس جي پست حالت ۾ مون سمجهيو تہ هو صحيح هو. منهنجي همت مون کي جواب ڏيئي ويٺي هئي. آءٌ انبوهہ جي وچ ۾ ويهي نٿي سگهيس، ۽ مارگريٽ پاڻ لاچار ٿي وڃي بورچ‌خاني ۾

ويڻي هئي، ۽ آتي ٻه نيڪمرد گهڙي ڏي ويا ان لاءِ تہ هُن کي سلام ڪن ۽ مبارڪون ڏين. ان ڪري مون پنهنجي ٽوپي ڪنئي ۽ گهر کان ٻاهر نڪري ويس. آڏ پنهنجي نڪ سامهون هلندو ڏي ويس ـــ خدا کي خبر هئي تہ ڪيڏانهن ڏي ويس، رستي سان سڏو ڏهي ويُس يا زمين جي وچان.

گذريل پندرهن ڏينهن آبهوا ڏاڍي ڏاهوڪي هئي. جنوَن جا سلا ڪيڙي ڏيکي، ساوڪ لايو ٻڻا هئا، ۽ ڪڻڪ ٻه خوب ڦُٽي رهي هئي. لوڙهن تي چوڏاري چَڪچَڪُو ويڻا هئا ۽ پنهنجون هوليون پئي ڪمائون، ۽ مٽي چندول پکي هئا جيڪي خوش خوش هوا ۾ آڏامي رهيا هئا ۽ لاڳيتا پنهنجا راڳ پئي آلاپيائون. منهنجي ڪارڻ نہ سچ ڏي ٻڌو ۽ نہ چنڊ. سچ تہ منهنجي آداسائي ڏاڍي پيانڪ هئي، ۽ منهنجي هيڪلائي مون لاءِ هڪ وڏو عذاب هئي.

ڏي يا چار ڀيرا آڏ رستي جي پاسي کان، لوڙهي جي پَر ۾ پنهنجن هٿن ۾ مٽو جهلي، خوابن ۾ ويڙهجي ويهي رهيو هوس. پر جيترو وڌيڪ ائين خواب ڏي لڏم اوترو وڌيڪ منهنجي غمگيني وڌي ٿي. نہ آڏو ۽ نہ پويان ڪا اميد ڏي ڏٺيم ـــ بلڪل ائين جيئن چوندا آهن تہ سمنڊ ۾ ڏکيل ٻيڙي جا نصيبن ماريا، ٻيو ڪجهہ نہ ڏسي سگهندا آهن. سواءِ هيٺ سمنڊ ۽ مٿي آسمان جي، ۽ رڙيون ڪندا رهندا آهن: "ڪا گالهہ ڪانهي بچي! رڳو موت اسان لاءِ باقي آهي." هر خيال کان منهنجي من جي حالت بہ اهڙي هئي. ڪنهن شيءِ جي اهميت مون لاءِ باقي ڪانہ رهي هئي.

رات جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح آڏ گوٺ پهچي ويس ـــ پنهنجي گهر جي ٻڌيان هڪڙي هنڊ. پري، اُگهٽيءَ جي ٻڙڪيءَ وڻان اڇان ماٺهن جا واڪا ۽ راڳ رنگ ٻڌڻ ۾ پئي آيا، ۽ جيئن مون آهي ٻڌا، تہ دل ۾ چيم:

پلي اوهين گهايو ۽ واڪا ڪريو، ڇو تہ اوهين ٽيڪ ٽا ڪريو، نوهان کي خبر آهي تہ زندگيءَ ۾ سواءِ ڏک جي ٻيو ڪجهہ ڪونهي!"

پوءِ آڏ پنهنجي گهر اندر ويس. منهنجا پيءُ ماءُ، پنهنجين نندين صندلين تي وينا، ڪتي ۽ آڻي رهيا هئا. مون آنهن کي سلام ڪيو، جنهن تي منهنجي پيءُ مون ڏانهن ڏٺو ۽ پريشان ٿيندي، چيائين:

"تون ڪيڏو نه مُنهن ۽ لٽل ٽوڏسجين، مچيل! بيمار آهين ڇا، منهنجا پٽ!"

آڏ بيهي رهيس. ڪو جواب ڪونه لڏم. پر منهنجي ماءُ مرڪيو ۽ چيو:

"ظاهر پيو ڏسجي تم هين به پين وانگر سڄو ڏينهن هُلڙبازي ڪئي هوندي ـــ هيءُ بم ٽورو ٿي ڪو رهيو هوندو، شاويل جي مان ۽ شغل بازين کان!"

پوءِ مون پنهنجي دل جي تاڪيءَ ۽ جواب ڏنو:

"هائو، تون صحيح آهين، امان! آڏ بيمار آهيان، پر رڳو گهٽي پيٽ جي ڪري. هائو، تون صحيح آهين. اهڙن وڏن موقعن مان ماڻهوءَ کي ڪجهه نه فائدو وڻي ڪيو."

"چگو، وڃ ۽ وڃي سمهي پئو، پٽ!" منهنجي پيءُ نرمائيءَ سان چيو. "جلد ئي اثر لهي ويندو، ٺيڪ ٿي ويندين. شب بخير، مچيل!"

آڏ هٽ ۽ نندڙي بتي ڪڍي، ڏاڪڻ تي چڙهيس، ۽ جيئن چڙهيس پئي، نه پاڻ کي ايترو تم ٽڪل سمجهيم، جو گوڏن تي هٿ رکي پاڻ سنياليم. مٿي پهچي، فرش تي بتي رکيم، ۽ ڪجهه گهڙيون بيهي، پنهنجي نندي پاءُ ائياني ڏانهن ڏٺم، جيڪو گهريءَ نند ۾ ستو پيو هو. هن جو مٿو کهري وهاڻي تي هڪ پاسي لڙيل هو، هن جو نندڙو وات ڪجهه کليل هو، ۽ هن جا ڏڳها وار ويڙهيا، مُڇا ٿيا، هن جي ڪنڌ کان وهاڻي تي پيا هئا. جيئن سون هن کي ڏٺو، تم دل ۾ سوچيم:

"ڪيترو نه هيءُ اسان جي پيءُ تي ويل ٽوڏسجي! منهنجا خدا، ڪيترو نه هو بهو هي هُن جهڙو آهي!

آهستي روئندي، گوڙها گاڙيندي، مون هن کي پاڪر پاتو ـــ ۽ ائين ڪندي، چيم:

"آه، منهنجا پائڙا، هاڻي ٽولاءِ مون کي ڪمائڻ ڪپي. ڇو تہ منهنجو تہ سڀڪجهہ مون کان کسجي ويو ـــ مون وٽ باقي ڪجهہ بہ ناهي. تولاءِ ئي هاڻ آءٌ پنهنجا ڏکيا ڏينهن باقي گذاريندس. من تون ئي کي سکيا ڏينهن ڏسي سگهين ـــ شايد تون جنهن سان پيار ڪندين آها توکي چڏي نہ ويندي، اِئين توکان وڇڙي ڪانہ ويندي ـــ ۽ پوءِ اسين سڀ گڏ رهنداسين، ۽ گڏ جي پنهنجا ڏکيا سکيا ڏينهن گذاريندا سين."

آن کان پوءِ، مون پنهنجو ڪُڙتو لاڙو، ٽوپي لاهي ٽنگيم، بوٽ لاهي پري رکيم، ۽ پنهنجي پاءُ جي پرسان ليٽي پيس. پر سڄي رات ڀيو ڪجهہ نہ پر رڳو پنهنجي بدنصيبيءَ تي پئي سوچيم، ۽ وري وري پاڻ کي سمجهائيندو رهيس تہ مون کي همت کان ڪم وٺڻ کپي؛ ۽ ڀيو تہ ڪنهن کي بہ مارگريٽ لاءِ منهنجي پيار جي خبر پوڻ نہ گهرجي، نہ تہ هوءَ بدنام ٿي پوندي؛ ۽ ليٽ بہ تہ مرد کي سدائين مرد ٿي رهڻ کپي، وغيره. پئي ڏينهن سوير صبح جو، بهرحال، آءٌ چپ چاپ، موٽي بٹيءَ تي پهتس ـــ دل کي مضبوط رکڻ جو ارادو ڪيم، ۽ آن ارادي منهنجي طبيعت کي ڪافي ڪجهہ بحال ڪيو.

آهو سڄو ڏينهن بہ مبارڪن جو سلسلو جاري رهيو؛ ۽ آهي رڳو لابراقس جي ماڻهن ئي نہ پر فلس برج جي ٽيڪمردن کان، ضلعي جي عملدارن ۽ مُک ماڻهن کان، آ گهاڙي ڪندڙن، سيڪريٽرين، رکاربد رکندڙن، سرڪاري خزاني آفيسرن، چڪاس ڪندڙن، پيلن ۽ درياءِ ڪاتن جي ڪامورن ۽ نندڻ وڻن، سيني صاحبن کان ايندين ۽ ملنديون رهيون. ماڻهن جا هي انبوهہ، جن کي اڄ اسان ائين ٿي ڏٺو جيئن اسان ڏاڏي آدم کي ۽ ڏاڏيءَ کي ڪڏهن کو ڏٺو هوندو ـــ قطارون ڪيو، ٽڪندا ٽوپلا ۽ ڪتلف ٽيل آڻا ڪالر پايو، رعبدار پائوڊر لڳل نقلي وار مٿي ۾ وجهيو، ڏگها عاج جي ڏنن وارا لڪڻ هٿن ۾ ڪنيو، بخملي ڪوٽ ۽ ڪوڏن تائين رنگا رنگي اوني جوراب ڏيکيو، ۽ ڪچيءَ ۾ قسمين قسمين آٽيل ۽ پرت جا پريل قيمتي وڏا رومال هٿيو، سڄو ڏينهن، ايندا پئي رهيا ۽ ويندا پئي رهيا ـــ ائين جيئن سرءُ جي

موسم ۾ ابابيلن جا ولر اچي جاين جي مٿان ڪانڌن تي، منارن ۽ گهنٽا گهرن تي گاهٽ ٿيندا آهن ـــ سپ رڳو مئڊيموزيل مارگريٽ شاويل کي سلام ڪرڻ ۽ مبارڪن ڏيڻ لاءِ، جيڪا اسٽيٽس-جنرل تي ٽيءَ اسٽيٽ پاران ضلعي جي عيوضيءَ جي ڊيءَ هئي. ۽ انهن سڀني شخصن جي منهن تي اهڙي دڪ خوشيءَ جي هٿراڏو مُرڪ ۾ آندل هئي، جڏ تہ اُنهن جو اسان جي اُن چوندڙ سان ڪو ذاتي واسطو هو! کهڙي نہ هيءَ خسيس ۽ قبيح انساني روش هئي! سڄو ڪلاڪ خانو ۽ اُن جي آسپاس انهن مبارڪ ڏيندڙن ۽ سلام پيندڙ ماٿهن جي عطر عنبير، ڪستوريءَ ۽ تيل قليل جي خوشبوءِ سان هُيسي پيئي هئي. اُن ڪان پوءِ اڪثر سون سوچيو آهي تہ اهي ماٿهو ڪيتري قدر نہ بلڪل چاتڪَ پڪين جهڙا آهن جيڪي اهڙي آڪري ۾ ٿهي ٽُڪي اچي ويهندا آهن جيڪو جُڙي راس ٽيل هجي ۽ جنهن جي جڙ ۾ اُنهن هڪڙو ڪڪ ۽ ڪٽي نہ رکيو هوندو آهي. اهڙن ماٿهن جو خاص ڏنڏو اِهو هوندو آهي تہ ڪم ڪرڻ بنان اُن جو فائدو ڪائين ۽ سڀيون جايون ۽ وڏيون آسامیون رڳو پنهنجن ٽوپلن سان وڏا سلام ڪري حاصل ڪن. چوندن ڪان اڳ ۾ هي ماٿهو اسان سان ڪنهن کي ٿلهو ڪيڪارڻ ۽ بار سمجهندا هئا، پر هاڻي هي وڏي وڏي، اسان کي پنهنجون خدمتون آڇي رهيا آهن، رڳو اِنهيءَ خيال ڪان تہ شاويل هيڪر ورسائيلز ۾ جمي ويٺو، تہ هن کي اِنهن سندين ٿلهين مبارڪن ۽ سلامين جا پيٽا ٽيٽا عيوضا ڏياري سگهندو. اوهو، اِهي لالچي، لغور! اِنهن جي رڳو صورت ڏسندي ۾ منهنجو رت ٿهڪي ٿو.

سڄو آهو وقت، جڏهن استاد جين، وڏي مائي ڪٽرين ۽ مارگريٽ اِنهن ٽاهوڪن پڪين کي پيا گڏبا هئا، وٽلنٽائين ۽ آڳ پاڻ آنهن جي رنگن روپن ۽ بازولين کي، بٽڻيءَ ۾ ويٺا پري ڪان ڏسندا ۽ جاچيندا هئاسين. نيٽ وٽلنٽائين، ڪاوڙ ۾ ڪارائجي چوڻ لڳو:

"ڏس، هوڏانهن حاڪم فلاڻو ۽ داروغو فلاڻو، ڪيئن ٿم پيا جهڪن ۽ مٿي چٽين! ڏس ڏس، داروغي جي مُنهن کي ڏس! هان.... اِهو آهي يا ادب طريقو سلام ڪرڻ جو! هاڻي هو پنهنجي

چٽيءَ ۾ ناس ذرو ٻيو وڃي.... افسوس، سچي گالهه بند تي هارجي ٻڌس! ۽ هاڻي ٻيو پنهنجن ڏکڻهن نٽهڻن سان آها چنڊي ۽ ڪُرڙي! اِها چا گهلائي جڏهن هو اسان جي وڏي پادري، ڪارڊينل سگوري، جي محل ۾ ويو هو تڏهن آتي سکي هئائين، پر اِها ڪلال خاني جي مالڪ جي حضور ۾ بم اڇ ڪيس چگو ڪم ڏيئي ويندي! ٽيءَ اسٽيٽ جي عيوضيءَ شاويل جي ڏيءُ اِن تي چاپلوسڻي وڃي تم ٻيو چا ڪيي؟ هاڻي، هو پنهنجي ڪُڙيءَ تي قيرو ڏيئي، ٻن شريڪ مجلسين کي سلام ٿو ڪري!

اِئين چئي، وٽلنٽائين کيلهو آڻي، بهرحال، اوڏانهن ڏسڻ بدران، سنداڻ تي ويٺو، پنهنجون ڪُڙيون هيٺ آن تي هٿندو رهيس، ۽ ڪاوڙ ۾ بنهه گهٽنجندو ٿي ويس. پهريون ڀيرو آڻي مارگريٽ ۽ پنهنجي وچ ۾ وڏو مفاصلو ڏسي سگهيو هوس. مون دل ۾ ويچاريو تم لا براقس جا سادا ماڻهو تم برابر اسٽيٽس-جنرل تي ٽيءَ اسٽيٽ جي عيوضيءَ جي شان جو غلط اندازو ڪري سگهن ٿا، پر هنن وڏن ماڻهن کان تم آن جي سچاڻ ۾ چُڪ لڌي ٿي سگهي، ۽ ڪ ئي ڪ ايتري قدر جو هو پنهنجا سلام ۽ پنهنجون ڪرنشون نچاور ڪيا ڪن، ائين تم خواهم مخواهم هو ڪو نم ٿا ڪن. ۽ مارگريٽ کي بم تم اِن ۾ ٻي ڪا واهم ڪانم سجهي سگهندي. واقعي، جيئن مون آن تي ٻيهر ٿي سوچيو، آڻي اِن نتيجي تي ٿي پهتس تم هوءَ تم اِها بلڪل غلطي ڪندي، جو ڪنهن ڪائونسلر يا ڪنهن حاڪم جي پٽ بدران هڪ لوهار-شاگرد جو پاڻ لاءِ انتخاب ڪري! هائو، اِها تم مون کي بلڪل هڪ فطري گهالهم ڏسڻ ۾ آئي، ۽ آن منهنجي دل کي پاڻ وڌيڪ ٻوسائڻ شروع ڪيو ۽ بنهم آڏ مئو ڪري ڇڏيو.

بهرحال، آڻي هيءُ منظر پنجين وڳي شام تائين ڏسندو رهيس. مارگريٽ کي آن رات 'پئرس ميل' ۾ آسهٽو هو؛ آن لاءِ استاد جين هن کي پنهنجي سفر واري ڇڙهيل ڇڙهيل پيٽي اڌاري ڏني هئي، جيڪا هن وٽ سندس ڏاڏي ڪان، جنهن جو نالو بدبئر راميل هو، ورثي ۾

مليل هئي. آها پيتي گذريل ڏهن سالن کان گودام جي الدرينءَ ۾ تي پيئي سڙندي هئي، ۽ هاڻي هن مون کي اها مرمت ڪري، ڏاهي، خاص طرح آن جي ڇڻ ٿي ڪنڊن تي ٻوان پٽ لڳائي، مارگريٽ جي حوالي ڪرڻ جو ڪم سونپيو هو. ويهه ڀرا آن ڏينهن مون کي اهو خيال آيو تہ پنهنجي مطرقي جي هڪ ٿي ڏک سان آن کي ڇڪي پرزا پرزا ڪري ڇڏيان؛ پر اهو سوچيندي تہ وري ٻ آڳ هن لاءِ اهو ڪم ڪري رهيو هوس ۽ سچ پچ آها هن لاءِ منهنجي آخري خدمت ٿيندي، منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا، ۽ پنهنجو آهو پيار جو پورهيو ڪندو ئي رهيس، اهڙي دل جي ڇاهه سان جيئن کو ويهن سالن جي عمر ٿيپي ويل ۽ محبت جي پهرين چپيٽ کائي چڙهيل ٿي ڪري ٿي سگهيو. ير ڪم ٻ ڪٿو ئي ڪونہ ٿي ـــ کا نہ کا ذري گالهہ آن ۾ رهجي ٿي ويئي، کو نہ ڪو آن جو گهيب سنئون ڪرٽو ٿي پيو، ڪٽي ڪو ڪوڪو ٿوڪي سو گهو ڪرٽو، کو انجس مضبوط ڪرٽو، کو ڪڙو ڪنڊو ٺيڪ ڪرٽو ٿي پيو؛ پر نيٺ هڪ گهڙي آها بہ آئي، جو ڏٺم تہ سڄو ڪم پوريءَ طرح ٺهي جڙي، راس ٿي چڪو هو ـــ آن جي قالفن صحيح ڪم ٿي ڪيو، ٻيئي آن جا ڪڙا ڪنڊا آسانيءَ سان بند ٿي سگهيا ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح سڄي پيتي هُن جي سڀر لاءِ بلڪل تيار هئي، اصل ائين ڇڻ هڪ طرح آها نئون ٿي پيئي هئي.

مارگريٽ ڪلالخاني مان اوسين تائين رواني ٿي چڪي هئي؛ مون ڪيس پري کان پنهنجي گهر ۾ اندر ويندي بہ ڏٺو هو. انهيءَ ڪري مون وٽلنتائين کي منٽ ڪئي تہ آڳ ڏاڍو ٽڪجي پيو هوس، هو آها پيتي ڪٽي شاويل وارن جي گهر ڏيئي ايندو تہ آڳ ڏاڍو خوش ٿيندس. آن تي، هڪدم هو پيتي ڪلهي تي رکي، اوڏانهن روانو ٿيو. آڳ پاڻ ايڏو تہ نڍال هوس. جو اوڏانهن وڃڻ جي ۽ هڪ ڀيرو وري مارگريٽ کي روبرو ڏسڻ جي پاڻ ۾ ڇڻ سگهہ ئي نٿي پاتم. سچ پچ تہ منهنجي دل ڀرڻا ڀرڻا ٿيڻ تي اچي بيٺي هئي. آڳ پوءِ جئڪيٽ پائي، آتان نڪري، سڌو ڪلالخاني ۾ هليو ويس. شڪر ڪيم، جو ملاقاتي ۽ سلامي ڀرڻ وارا سڀ موڪلائي وڃي چڪا هئا، ۽ استادڙجون پنهنجن

پريل گلاٽي گاڙهن گلن ۾ چمڪدار اکين سان پنهنجي "ٽم - ڪبوترائين" جي واڪاڻ ۾ مست لڳو وينو هو: چي، "ڪڏهن به ڪو ڪلال خانو ڪٽي ائين ۾ ايترو سان" ماڻسي ڪونه سگهيو هو!" وڏيءَ مائيءَ ڪٽرين ٻئه هڻن سان پنهنجي 'هائو' ملائي. هوڏانهن لکولي هئي، تنهن خاموشيءَ سان ٻيٽي ڪاڌي جي ميز ڪي ڏاهيو. مون ڪي ڏسندي، استاد جين چيو ته مارگريٽ ماني ڪائي ڇڏي هئي، ۽ هاڻي هوءَ پنهنجو سامان ٻڌي رهي هوندي، ۽ گولي گولي آهي ڪتاب ڪيي رهي هوندي جيڪي سندس پيءُ پنهنجي لاءِ اوڏانهن گهرايا هئا. پوءِ هن سفر واريءَ ڏرنڪ بابت مون کان پڇيو، ۽ مون ڪمس جواب ڏنو ته آها تيار ٿي چڪي هئي ۽ وٽلنٽائين ڪٽي، شاويل وارن جي گهر ڏيڻ لاءِ وڃي ٻه چڪو هو.

لڳ ڀڳ آنهيءَ ئي گهڙيءَ وٽلنٽائين ٻه آتي اندر آيو؛ ۽ پوءِ اسين ميز تي ويناسين ۽ رات جي ماني ڪاڌيسون. منهنجو ارادو هو ته وڌيڪ ڪنهن سان ڪو لفظ ڪڍڻي بنان، اڻين وڳي کان اڳ ئي پنهنجي گهر هليو وڃان. پر ته وڌيڪ سلام ڪلام ڪرڻ مان ڇا فائدو هو جڏهن سڀڪجهه وڃائجي چڪو هو، ۽ هاڻي ٻيو مون لاءِ زندگيءَ ۾ رهيو ٻه ڇا هو؟

"جڏهن هوءَ رواني ٿي ويندي،" مون دل ۾ سوچيو، "استاد جين شاويل کي پاڻهي لکي موڪلينڊو ته آءٌ بيمار هوس، ۽ تنهنڪري مارگريٽ کي 'خدا حافظ' چئي ڪونه سگهيو هوس. سو ٻه تڏهن جڏهن شاويل منهنجي بابت کا گالهه پڇي ته. پر جي هو ڏه پڇندو، ته ٻه کا وڏي گالهه ڪانه ٿيندي."

اهو منهنجو ارادو هو؛ آن کان پوءِ جيئن ئي ماني ڪائي پوري ڪيسين، ته آءٌ مات ڪري آتان آڏيس ۽ باهر نڪري ويس. باهر اوندهه ٿي چڪي هئي. پر شاويل وارن جي گهر ۾ ڏاڪڻ کان مٿي واري ڪمري ۾ هڪڙي بتي ٻري ٽمڪي. آءٌ گهڙي ٻه آن کي ٻهي ڏسڻ لڳس — ايتري ۾ ڏٺم ته مارگريٽ ٻه ڦري، دريءَ ڏانهن وڌڻ لڳي، تنهن تي مون پٺ ڏيئي وٽي ڊوڙ وڌي. جيئن آءٌ سندن باغيچي

جي ڪنڌ وٽان ٽڙي رهيو هوس، تہ منهنجي ڪن تي هن جيءَ سڏ جو آواز پيو: "ميچيل، ميچيل!"

آءٌ ائين بيهي رهيس، جڏ ڪا مٿي تان ڀري ڪيري اڇي ٻرن تي لڳي هوس ۽ اڳتي وک کڻڻ جي سگهہ ئي نہ رهي هيس.

"چا آهي، مارگريٽ؟" مون چيو. دل پنهنجي ائين ڏڪ ڏڪ ڪندي محسوس ٿيس جڏ آها منهنجي ڇاتيءَ مان ڇڪي ٻاهر اڇي پوڻ تي هئي.

"هيڏانهن مٿي اچ،" هن جواب ڏنو. "آءٌ هاڻ توکي ڳولڻ ٿي نڪتس. مون کي توسان ڳالهائڻو آهي."

سڄو آودو پيلو ٿي ويو هوس. جڏهن سيڙهي چڙهي مٿي ويس، تہ ڏٺم تہ هوءَ ڪليل ڪٻٽ جي آڏو بيٺي هئي، ۽ پنهنجي ٽرنڪ ۾ سامان پري رهي هئي. مُنهن تي مُرڪ آڻيندي، مون کي چوڻ لڳي:

"تون ڏسڻ ٿو. آءٌ ڪيڏيءَ تڪڙ ۾ آهيان. ڪتاب ٽرنڪ جي تري ۾ هيٺ رکيا اٿم، چادرون ۽ پوتڙا آنهن جي مٿان وڌا اٿم، ۽ منهنجا ٻہ وگا انهن سيني جي مٿان تهہ ڪري رکيا اٿم. ٻيو ڪجهہ بہ هن ۾ وجهڻو ڪونهي، پر تہ بہ هيڏانهن هوڏانهن ڏسيون ڳولهندي ٿي رهان."

پوءِ، جڏهن مون ڪجهہ نہ ڪيو (آءٌ پنهنجي حال ۾ ئي ڪونہ هوس)، تہ هن چيو:

"پر اهو ضروري آهي تہ آءٌ توکي سڄو گهر ڏيکاري ڇڏيان، ڇو تہ پٽيان آن کي سنيالڻ ڏنهنجو فرض ٿيندو، اچ!"

هُن مون کي هٿ سان جهليو، ۽ اسين بورچيخاني جي مٿان ننڍيءَ کوٽيءَ ۾ ويا سين. آهو هنن جي ميوي جو 'اسٽور' هو، پر آن وقت آن ۾ ڪو بہ ميوو رکيل ڪونہ هو ــ فقط ميوي جي پال رکڻ لاءِ آتي خانا ٺهيل هئا.

"ڏس،" هن چيو. "هتي توکي باغيچي جا سڀ صوف ۽ ناسپاتيون رکڻيون آهن. اسان وٽ ميوو گهڻو ڪونہ ٿو ٿئي، ۽ انهيءَ

ڪري وڌيڪ ضروري آهي تہ اُن کي سنڀالي رکيو وڃي. ہڏين ٿو فم منهنجي ڳالهم!"

"هائو، مارگريٽ،" مون هن ڏانهن آکيرسان نهاريندي، جواب ڏنو. پوءِ اسين ڏاکڻ لهي هيٺ ٽياسين، ۽ هن مون کي هيٺ هڪڙو ڪمرو ڏيکاريو جنهن ۾ سندس پيءُ سمهيو ٿي، ۽ پڻ پنهنجو هڪڙو نندو ڀهرو ۽ بورچيخانو ڏيکاريو (جنهن جو دروازو باغيچي ڏانهن ٿي کليو). اُن کان پوءِ هُن پنهنجا گلاب جا ٻوٽا مون کي سُپاريا، ۽ چمائين تہ آهي هن جي دل وارا ٻوٽا هئا، ۽ جي اُنهن کي ڪو هاڻو پهتو تہ هوءَ مون کي اصل معاف نہ ڪندي.

'هائو، اُنهن کي آءٌ ساهم سان سنڀالينڊس،' مون دل ۾ سوچيو. 'پر اُن سان نيٺ ڇا ورندو، جو ٿورن ٿي منهنجي نہ ٽيندينءَ ۽ مون کي ڇڏي ويندينءَ؟'

پر، تہ بہ، هڪ طرح جي اميد منهنجي دل ۾ جاگي رهي هئي، ۽ جيئن آءٌ آتي ٻيٺو هوس، ڏک پريل اکين سان، ۽ هيڪل دل ۾ هن سان پئي ڳالهايم، تہ پنهنجي اندر ۾ دانهن نڪري ويم:

"منهنجا خدا، منهنجا خدا! اِئين، ڇا، ممڪن آهي تہ سڄي ڳالهم مون لاءِ ختم ٿي ويئي؟"

اسين پوءِ فرش تي پئي ڪمري ۾ گهڙياسين، ۽ مارگريٽ مون کي پنهنجي پيءُ جا ڪتاب ڏيکاريا، جيڪي ان دڙين جي وچ ۾ ڏاڍيءَ صفائيءَ ۽ ڏاڍي سليقي سان خانن ۾ ڏهيا جڙيا رکيا هئا.

"جيتر اسين باهر آهيون،" هن چيو، "تيتر تون هتي ايندو رهج ۽ هِنن ڪتابن کي اٽلائي ڏسندو رهج، ۽ اُنهن جي مدد سان پنهنجي پڙهائي جاري رکندو رهج. علم کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهجي."

مون کو جواب ڪونہ ڏنو، جيتوڻيڪ منهنجي من کي ڏاڍي جهڙي آئي جڏهن ڏٺم تہ هن کي منهنجي ذهني واڌاري جو ايترو خيال هو، جنهن ڳالهم کي مون پاڻ بہ تمام ضروري ۽ وڏي شيءِ ٿي سمجهيو. مون پاڻ کي چيو:

"چا، ائين ٿي سگهي ٿو تہ هن جو مون سان واقعي پيار آهي؟ هائو، آءٌ سمجهان ٿو تہ اڏس. اوه، اسين ٻئي پاڻ ۾ ڪيترا نہ خوش رهي ٿي سگهياسين!"

ميز تي بتي رکندي، هن مون کي گهر جي چابي ڏني، ۽ چيائين تہ گهر کي وقت بوقت کولي رکڻ ۽ ڪپي تہ جيئن سيڪ ۽ پوسل کان آهو بچيل رهي سگهي.

"مون کي اميد آهي تہ جڏهن اسين موٽي اينداسين تہ سيڪجهہ ٽيڪ ٽاڪ هوندو،" جيئن اسين نڪرڻ وارا هئاسين تہ هن چيو؛ جنهن مان مون اهو سمجهي تہ ائين سندن موٽي اچڻ، بهرحال، ناممڪن ۽ ڪونہ هو، مون آتساهہ وچان چيو:

"تہ، تون موٽي ايندينءَ، مارگريٽ! تون سدائينءَ لاءِ ڪالہ ٿي وڃين؟"

منهنجي آواز ۾ ڪنبڻي اچي ويئي هئي، ايتري قدر آءٌ وس کان ٻاهر هوس.

"نہ؛ پر اهو ڪهڙي گهالهہ آهي؟" حيرت وچان مون ڏانهن ڏسندي، هن چيو. "ٻيو تو ڇا ٿي سمجهيو تہ اسين ڪنداسين، چريا؟ تو سمجهيو ٿي تہ اسين ورسائيلز ۾ وڃي پنهنجو ڪو پاڻ مٽ ڪري، ويهي رهنداسين؟" ۽ هوءَ زور سان کلڻ لڳي.

"او، هائو، اسين آوس ايندا سين،" هن فوراً وڌيڪ گهالهہ کي چٽو ڪيو. "اسين جيئن وڃون ٿا آن کان وڌيڪ غريب ٿي موٽنداسين. جيئن ٿي اسين غريب لوڪن لاءِ سندن حق وٽي لاهيندا سين، تہ اسين هتي موٽي اچي پنهنجي ڪاروبار کي لڳنداسين. ممڪن آهي تہ سال جي پوري ٽيڻ کان اڳ ئي موٽي اچون ـــ يا، وڌ ۾ وڌ تہ ٻئي سال جي شروع ۾.

"آه!" مون رڙ ڪئي. "مون کي ايڏو دپ هو تہ تون موٽي هيڏانهن ڪڏهن ٻہ نہ ايندينءَ!"

۽ اڃان پاڻ سنياليان ٿي سنياليان تنهن کان اڳ ٻار وانگر سڏڪن ۾ پئجي ويس. هٿن ۾ منهن جهلي، ٽرڪ تي ويهي رهيس، خدا

شڪر ڪيم، ۽ اهو سوچي شرم ۾ ٻڏي ويس تہ گھڙيءَ ۾ ڪھڙي گالھہ ڪري وڌي ھيم.

مارگريٽ ڪجھہ بہ نہ چيو. اھا صورت ڪجھہ دير قائم رھي، ڇو تہ پاڻ ڪي پنھنجي وس ۾ ڪري نہ پئي سگھيس. او ڇتو ئي مون پنھنجي ڪلھي تي ھن جو ھٿ محسوس ڪيو. آڱ آڱي ٻڌس، ۽ ڏٺم تہ ھوءَ سڄي سھمجي ويئي ھئي، ۽ ھن جون حسين ڪاريون اکيون جرڪي رھيون ھيون.

"ڪم سان دل لڳاءِ، سچمل،" وري بہ پنھنجي مختصر لٻبريءَ ڏانھن اشارو ڪندي، ھن نرمائيءَ سان چيو، "۽ پوءِ منھنجو ٻيءُ تو ڪي دل ۾ جاءِ ڏيندو."

اٿڻ ڇڏي، ھوءَ بتي ڪٽي، گھر ڪان ٻاھر نڪتي. مون ڏرندڪ ڪٽي، پنھنجي ڪلھي تي رکي. اصل اٿين ڇڻ مون لاءِ پن جھڙي ھلڪي ھئي، ۽ ھن جي ٻڌيان ٻاھر نڪري ٻڌس. مون چاھيو ٿي تہ ھن سان وڌيڪ گالھايان، پر سمڪ ئي ڪانہ ٿي آيم تہ چا گالھايان. ٻاھر نڪري، گھر جو دروازو بند ڪيم، ۽ چابي ڪيسي ۾ وڌيم. ڏيمن ڏيمن تارن جي وچ ۾ چنڊ پئي چمڪيو، ۽ مٿي منھن ڪري، آڪاھن کي ڏسندي، مون چيو:

"ڪھڙي نہ خوبصورت رات آھي، مارگريٽ! خدا جو شڪر آھي، جو تنھنجي روانگيءَ لاءِ ھُن توڏانھن اھڙي سھڻي رات موڪلي آھي، ڏاڍو سُھائو تنھنجو سفر ڏيندو."

دل منھنجي ھاڻي ڪافي جاءِ تي آيل ھئي، پر ھوءَ گھڻي گنھير ٿي لڳي ـــ اڳي ڪڏھن مون ايترو فڪرات ۾ پيل ھن کي ڪو نہ ڏٺو ھو. جيئن ئي اسان ڪلال خاني ۾ پير وڌو، تہ ھن وري مون کي چيو:

"جو ڪجھہ بہ ڪرڻ جو تو واعدو ڪيو آھي، اُن مان ڪجھہ بہ ڪڏھن نہ وسارج."

"ميلَ" الڪل ڏھين وڳي لنگھڻي ھئي ۽ رگبو ٻيءَ منزل لاءِ تماريءَ جيترو وقت ترسڻي ھئي. سيني ٻڌن مارگريٽ ڪان ٻاڪر

پائي موڪلايو ـــ سيني، سواءِ استاد جون ۽ منهنجي، جيڪي هن سان گڏجي شهر تائين وڃڻا هئاسين. ڪجهه گهڙين کان پوءِ، چانڊوڪيءَ ۾ اسين آتان روانا ٿياسين، اڃ ڪٽڙين ۽ نڪوليءَ درتي بيهي رڙ ڪئي: "سفر" بامراد، مارگريٽ! جلد موٽ ڪج!"

"هائو" هُن جواب ڏنو؛ "۽ جڏهن اسين اچون، تہ شل اوهين سڀ خوش چڪا ۽ پلا هجو!"

سون وري ڊرنڪ پاڻ وٽ سنياليو، ۽ ٻَهڙ جي وٽن وارو رستو ورتوسين، جيڪو قلعي جي لاهيءَ ڏانهن ٿي ويو. مارگريٽ منهنجي پاسي کان پئي هلي، ۽ هر يا ٻي ڀيرا سون کي چمائين:

"ڊرنڪ گهري آهي، آهي نہ مچيل؟"

۽ هر ڀيري سون جواب ڏنو:

"نہ، ڪجهه ناهي اِها، مارگريٽ."

بهرحال، اسان لاءِ، هلڻ ۾ سيگهه ڪرڻ" ضروري هو، انهيءَ ڪري اسان سائيي وک اڳتي وڌائي، قلعي جي لاهيءَ وٽ پهچنديو، استاد جين اتساهه سان چيو:

"هاڻي اسين جاڻ" پهتاسين."

سادا، نتو" وڃا، ۽ اسين ترت ئي فرينچ گيٽ" سڏي، اڳتي ٿياسين. آنهن ڏينهن ۾، مسافر گاڏي، آنهيءَ گهٽيءَ جي آخري ڇيڙي وٽ اچي بيهندي هئي. هاڻ تہ اسين ڊوڙڻ لڳا هئاسين، ڇو تہ گهٽيءَ جو ڇوڙون حصو ئي مس پورو ڪيوسين تہ بارود خاني وٽان گاڏيءَ جي سڏڻ جو ڪڙڪو ٻڌوسين.

"پاڻ بلڪل وقت تي پهچنداسين،" استاد جين چيو.

جيئن فوڪيٽ ڇوڙڪ کان اڳتي ٿياسين تہ پريان ميل" جون بتيون چمڪندي ڏٺيون سين. ۽ بيءَ گهڙيءَ اسين ڪمان واري وڏي گيٽ وٽ پهتاسين جتي اسان کي شموئيل، پوڙهو يهودي، گڏيو ۽ جيڪو وري ميڊز ڏانهن وڃڻو هو. استاد جين مارگريٽ کي پاڪر پاتو، پر، آڻي، پاڻ، ڊرنڪ گاڏيءَ ۾ رکي، هيڪي، پاسيرو ٿي بيهي رهيس.

"هيڏانهن اچ،" پنهنجو گل مون ڏانهن ڪندي، مون کي چيائين:

۽ جيئن مون هن کي پاڪر پاتو، تہ هن وري به منهنجي ڪن ۾ پٽڪو ڪري چيو:

"ڪم سان دل لڳاءِ، مچيل — هميشہ ڪم سان دل لڳاءِ."

شموئيل پنهنجي لاءِ اڳي ئي ڪنڊ واري جاءِ وٺي چڪي هئي، ۽ استاد جين مارگريٽ کي ڪٽي، گاڏيءَ ۾ ويهارينديءَ، هن کي چيو:

"هِن جي پارت اٽئي، شموئيل! توکي ٿو هيءَ سُپاريان."

"تون خيال ئي نہ ڪر، استاد جين،" پوڙهي يهوديءَ جواب ڏنو. "اسان جي عيوضيءَ جي ڏيءُ جي پوري سنڀال ٿيندي، مون ۾ ان لاءِ اعتبار رک!"

آڳ پاڻ ۾ ڏاڍو خوش هوس تہ هن کي هڪ پراڻي واقفڪار جو ساٿ هوندو. هُن گاڏيءَ جي دريءَ مان باهر جهڪي، مون کي پنهنجو هٿ ڏنو. گاڏيءَ جو ڪنڊڪٽر وڏي آفيس ۾ ويو هو چڪاس ڪرڻ تہ جيڪي مسل ۾ آتان جايون پريون هيون، انهن پاڙو ادا ڪيو هو يا نہ، ۽ هاڻي هو واپس پنهنجيءَ سمٽ تي اچي ويٺو، ۽ چيائين:

"سڀ ٺيڪ آ، اڳتي وڌو!"

اسين اڃان آخري الوداع چئي ئي رهيا هئاسين، تہ گهوڙن ڪٽي واڳون سنڀيون ڪيون!

"خدا حافظ، خدا حافظ! مارگريٽ!"

"خدا حافظ، مچيل! خدا حافظ، استاد جين!"

گهوڙي گاڏي، جنهن جو نالو 'اورهائي' هو، اسان کان، ٻيٽي ٻيٽي، اڳتي نڪري ويئي، ۽ گهوڙيءَ ۾ فرينچ گمٽ کان به اڳتي وڌي ويئي، ۽ اسين آن جي پٽيان وک وک ڪنيو پئي وياسين، ۽ پنهنجي سوچ ۾ گم هئاسين. اڃان قلعي جي ڀتين کان باهر ئي نہ ٿياسين تہ

"اورچائي" جي گھوڙن جي سُنبن جا آواز اسان کي ساربرج شهر ڏانهن ويندڙ رستي تان ٽاپ ٽاپ ڪندي، ہڏڻ ۾ پئي آيا.

"سياڻي ائين وڳي" استاد جين چيو، "هو ميڊز ۾ هوندا جتي شاويل مارگريٽ سان گڏهو، ۽ کي پنج يا ڇهه ڏينهن پوءِ هو ورسائيلز ۾ هوندا."

مون کي جواب ڪونہ ڏنو، ۽ اسين گهوٽ ۾ موٽي آياسين، جتي سڏو آڻ پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن هليو ويس. هرڪو وڏي آرام سان ستو پيو هو. آڻ ڏاڪڻ تان چڙهي ويس، ۽ ان رات مون کي ٻُرا خواب ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا، جهڙا اڳينءَ رات مون ڏٺا هئا.

(۱۷)

مارگريٽ جي روائي ٽيڻ کان پوءِ، ڪجهه ڏينهن لاءِ چوتاري اسان وٽ سانت ٽي ويئي. بارشون شروع ٿي ويون، ۽ جيتوڻيڪ اسان کي ڏاڪڻ ۾ گهٽو ئي ڪم ڪرڻو ٿي پيو، پر ڪم تان لهڻ کان پوءِ سڄو پنهنجو وقت مون پنهنجي پڙهائيءَ ۾ گذاريو، ۽ ان ۾ شاويل جي لئبريريءَ مون کي منهنجي استاد جو ڪم ڏنو. اُن ۾ ڪيترائي سٺا ڪتاب موجود هئا ــ مانٽسڪيو جا، والٽيئر جا، بفان جا ۽ جين جئڪس روسو جا. سڀ تہ آتشي سيڻي آنهن وڏن مصنفن جا ڪتاب پيل هئا، جن جا نالا گذريل ڏهن سالن ۾ مون ٻڌا هئا. وڏا ۽ ڳرا ڪتاب فرش تي قطارن ۾، ۽ ٻيا آنهن جي مٿان، خانن ۾ رکيل هئا. جڏهن ۽ ڪتاب جي اهڙي ڪنهن صفحي تي منهنجي نظر پوندي هئي، جنهن جون گالهيون منهنجن پنهنجن خيالن سان موافقت ۾ هيون تہ منهنجون اکيون کلي ويندیون هيون! پهريون پيرو جڏهن هيٺ فرش تي پيل وڏن ڪتابن مان هڪ کوليو هوم، تہ مون کي ايتري خوشي ٿي هئي، جنهن جو سڀ پڇ تہ بيان نٿو ڪري سگهان. آهو ڊي-آلمبرٽ ۽ ڊائڊرو جي انسائڪلوپيڊيا ڊڪشنريءَ جي جلدن مان هڪڙو جلد هو، جن ۾ الف-بي ۽ وار، ڏاڍي شاندار طريقي اهڙيءَ طرح گالهيون

آيل هيون، جو ڪابہ گاڏهم پنهنجي پوشي جي يا ٻي ڪا، جنهن بابت معلومات گهربل هوندي، تہ اها آساني سان ماڻهو آتان گولي سگهو ٿي.

هائو، مون لاءِ تہ اها ڪنهن جادوءَ کان گهٽ شيءِ نہ هئي، ۽ هڪدم مون اڻهن مان هڪ ۾ "لوهارڪيءَ بڻيءَ" تي مضمون گولي ورتو، ۽ پڙهڻ ويهي رهيس. سچ تہ منهنجي مغز جا طاق لڳي ويا. آن ۾ لوهارن جي ڇٽيءَ جا احوال، سڄي اڻهن جي تاريخ، لکي پيئي هئي — پوري، بلڪ نندي ۾ نندي، تفصيل سان — بائيبل جي پهرئين لوهار، ٽيوبل ڪين، کان وٺي، اسان جي پنهنجن ڏينهن تائين؛ ۽ ٻڌايل هو تہ لوهہ ڪاڍين مان ڪيئن ٿي نڪتو، صاف ٿيو، ڌريو ۽ ٽڏو ٿيو، ماريو ٿي ويو ۽ پوءِ ڪيئن نمونن سان ڪم ٿي آندو ويو. پهرين تہ، آءٌ سڄي گاڏهم، هڪ تہ پڙهي پوري ڪري نہ سگهيس، ۽ ٻيو تہ اها پوري سمجهي ٻہ نہ سگهيس. ٻئي ڏينهن، جڏهن اها گاڏهم مون استاد جين سان ڪئي ۽ اُن مان ڪجهہ لفظ ٻڌايا مانس، تہ هو ٻڙ حيرت ۾ پڄي ويو ۽ اهڙي آها وڃيس، جو اُن جي تعريف مان پيٽ ئي نہ ٻئي پريس — جنهن سان تنهن سان، آهو سڄو ڏينهن، ۽ پوءِ ٻہ ڪيئي ڏينهن، آهوئي قصو ڪوليو ويٺو هوندو هو. خود مون کي چوڻ لڳو، ۽ هر هر چوندو رهيو، تہ اسين نوجوان لوڪ خوش-نصيب هئاسين، جو اسان کي تعليم جون اهي بهترين سهولتون ملي هيون، ۽ افسوس، جو سندن پنهنجي وقت ۾ اهڙا ڪتاب موجود ڪونہ هئا، ۽ جيڪي هئا ٻہ تہ ٻہ ڏاڍا مهانگا هئا ۽ هونئن ٻہ عام لوڪن جي سمجهہ جي پهچ کان ٻاهر هئا، جو آهي اڻهن کي پڙهي ئي نٿي سگهيا. وٺلنتائين پڻ هاڻي ڪتابن سان منهنجي اِن واهپي جي ڪري، مون ڏانهن وڌيڪ عزت ۽ قدر جي نگاهہ سان نهارڻ لڳو هو، ۽ منهنجون گاڏهيون ڪن ڏيئي ٻڌڻ ۽ اڻهن کي زياده وزن ڏيڻ لڳو هو.

مئي مهيني جي شروع ۾ — آءٌ پانيان ٿو تہ اُن جي ڏائينءَ يا ڏهينءَ تاريخ تي — اسان وٽ شاويل جو هڪ خط آيو، جنهن ۾

لکيل هو تہ هو خير سان ورسائيلز پهتا هئا، ۽ سمنٽ فرئنڪاس گهٽي ۽ ر هڪڙي استاد سوچي ۽ جي ڪٽنب سان گڏ، پندرهن ڏينهن ليرا' ماهيانيءَ ادائگيءَ تي وڃي رهيا هئا. اسٽيٽس - جنرل جو مهورت ٿي چڪو هو، ۽ وڏيڪ ڪجهہ لکڻ جي ڪيس اچان فرصت ڪانہ ملي هئي، پر خط جي پچاڙيءَ ر هي ٻہ چار اکر لکي موڪليا هنائين: "مون کي اميد آهي تہ مڇيل منهنجا ڪتاب پڙهڻ لاءِ گهر ڪٽي ويڻ کان ڪوبہ ڪيبائيندو، ۽ آتي آهي هو پڙهندو ۽ آڻهن جو پورو خيال بہ رکندو؛ ڇو تہ هُن کي پنهنجن دوستن جي هميشہ عزت ڪرڻ کپي — ۽ ڪتاب تہ دنيا ر ساڻهن جا بهترين دوست آهن." ڏاڍي مون ڪوشش ڪئي آهي تہ، پين خطن کان سواءِ، خاص آهو خط اڄ مون کي ڪٽان لپي پوي، پر خدا ٿو چاڻي آهو الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو، ڇاڪاڻ تہ استاد جين جي هڪڙي خراب عادت هوندي هئي، جو هِن هُن کي پنهنجا خط ڏيکاريندو رهندو هو، ڏيندو رهندو هو، ۽ اِن طرح ٿي پاڳي چار عدد اهڙن خطن جا تن ڏينهن ر ئي اسان کان بلڪل گم ٿي ويا.

شاويل جيڪي مون لاءِ خط ر ڇپو هو، آن مان مون کي خبر پيئي تہ مارگريٽ اسان ٻنهي جي گفتگو جي گاڙهہ پنهنجي پيءُ سان ڪئي هئي، ۽ هُن کي آها وڻي هئي. اِن تي منهنجو من خوشيءَ، قرب ۽ جُرئت جي گڏيل آتساهہ سان ڀرجي ويو؛ ۽ آن ڏينهن کان پوءِ آڌ رات جو انسائڪلوپيڊيا جو هڪڙو جلد گهر ڪٽي ويندو هوس، ۽ هڪ يا ٻين وڳي صبح تائين آن جا مضمون، هڪ هڪ ڪري، پيو پڙهندو هوس. منهنجي ماڻ تيل جي آن زيان تي مون کي ڏاڍيءَ کهرائيءَ سان جهڙڪيندي هئي، پر آن جو آڌ خيال نہ ڪندو هوس، ۽ جڏهن بہ منهنجو پيءُ ۽ آڌ اڪيلا ويهندا هئاسين، تہ هو مون کي چوندو هو:

"علم پراءِ، منهنجا پٽ. سچي پچي ماڻهوءَ بڻڻ جي ڪوشش ڪر، ڇو تہ جيڪو ماڻهو ڪجهہ نٿو چاڻي آن جا پُرا حال آهن — هو سدائين جانورن جيئن ٻين لاءِ وهي ٿو. تون جو ڪجهہ ڪري رهيو آهين، سو صحيح آهي. پنهنجي ماڻ جي گاڙهين تي ڪن نہ ڏي."

۽ نہ ئي مون ڪڏهن ائين ڪيو، ڇو تہ مون کي خبر هئي تہ

جو ڪجهه آڻ پرائمندس آن سان فائدو تم پهرين منهنجي ماءُ ٻي ڪي ملندو.

آنهن ڏينهن ۾ موسيو رڪرسٽافر ۽ ٻيا ڪيئي لُزل برج جا عام لوڪ بيمار ٿي پيا، ڇو تم اسٽين باخ مَجَر جي چَنڊڻين آڻلڻ سبب سڄيءَ وادي ۾ تپاولي ٿي پيئي هئي، ۽ هرهنڌ بيمار ماڻهو سيءَ تپ ۾ ڏکندا ۽ آجهڙندا ويندي پيا ڏسبا هئا.

هر آچر جي ڏينهن استاد جين ۽ آڻ موسيور نائب پادريءَ کي ڏسڻ ويندا هئاسين. جيتوڻيڪ هو ڏاڍو بت ۽ ڏهمل ۽ سگهارو ماڻهو هو، پر هين تپ سيءَ ۾ هو گهري بنهه ڪنڌا ٿي ويو هو، ۽ سندس بچڻ جي به اميد نه رهي هئي.

خوشقسمتيءَ سان ڪهني طبيب، ڊائمرنگن گهوٽ جي فرائڊنگر، ڏانهن ماڻهو موڪليا ويا هئا، جنهن وٽ هين ماڃر جي تپ جو ڪو يڪ ٽڪ نسخو هو ـــ سو اچي آتي نڪتو، ۽ هن اڇڻ سان ولجاڻ جي ڄ جو ڪاڙهو ڏاهي ماڻهن کي پياريو، ۽ ائين گهوٽ جا لڳ ڀڳ اڌ ماڻهو بچي ويا، ۽ موسيو رڪرسٽافر به جلد ئي آڻڻ ويهڻ جهڙو ٿي ٻيو.

آن مئي جي مهيني ۾، مون کي ياد آهي تم اسان جي تَرَ ۾ ڪابه ٻي گهالهه ڪانه ٿي هُلي، سواءِ ڏاڙيلن جي ٽولن جي، جن پئرس کي ڦري لڌي، پَٽ وجهي ڇڏيو هو. لابراقس ۾ ۽ مانڊين ضلعي ۾ هر ڪو اِنهيءَ خيال جو هو تم ڏسانگها ۽ ڏگهه-ڳناوان ڏانڊا ڪڍي، باهر نڪري آنهن بدمعاشن کي هلي سُنهن ڏجي، ستان هو ڪڍي ملڪ ۾ پکڙي پون ۽ اسان جي پوکن ۽ فصلن کي باهيون ڏيئي ناس ڪري ڇڏين! پر ترت ئي خبر پيئي تم ڪيترن ئي آنهن ڏاڙيلن کي، فائو برج ضلعي جي سيڻٽ اڻٽوني شهر ۾، هڪ تصويرن وڪڻندڙ تاجر، ريهويلان، جي گهر ۾ قاسائي، قتلام ڪيو ويو هو: ۽ اهڙيءَ طرح في الحال ڏاڙيلن جو آهو ڏهڪاءُ ملڪ تان لهي ويو هو. پر ترت ئي آن ڪان پوءِ وري ڏاڙيلن جو آهو خطرو تيئن زور سان اُڀري آڏو آيو، ۽ هر ماڻهو پنهنجي پوريل بندوق ۽ بارود ڪيي، تيار ٿي ويٺو تم ڪا مهل نه

ڪنهن جهڙي، ضرورت پئجي وڃي، ڏاڙيلا اڇي سر تي بيهن، تم پنهنجو بچاءُ تم ڪري سگهجي! قدرتي طرح هينن افواهن مون کي ڊيڄاري ڇڏيو، وڌيڪ ان ڪري ٻه، جو لڳ پڳ پن مهينن کان، سواءِ اخباري ذريعن جي، اسان تائين ٻي ڪابه خبر پهچي ڪائي سگهي هئي. پر نمٽ، پوءِ شاويل جو ٻيو خط اسان کي اڇي مليو، ۽ هيءُ خط مون پاڻ وٽ بچائي رکيو آهي، سو هيئن، جو آن جو پنهنجي هٿ سان نقل ڪري، مون پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هو ۽ آن جو اصل ٻيو ٻهراڙيءَ ۾ ڦرندو هو، تان جو ايترو آن جو ملڻ مشڪل ٿي ويو، جو آن لاءِ ماڻهو ٻه ٻه هفتا، مهينو مهينو انتظار ڪندا هئا، تم پوءِ مس مس واري سان آهو هنن کي ملندو هو. آن خط سان گڏ نئين پرائين گزيٽن جو بنڊل ٻه اڇي اسان کي پهتو هو.

ساڳئي ڏينهن تي موسيور ڪرسٽافر ۽ سندس وڏو پاءُ ماتيرين — هيءُ آهو ماڻهو هو جنهن، اڳتي هلي، ۱۸۱۴ع ۾، هولهين جي ڪمانڊ هيٺ، فرانس جي دشمنن، "اتحادين"، سان لڙائي ڪئي هئي — اسان سان ملڻ آيا. موسيور ڪرسٽافر کي تپ چڙي ويو هو، ۽ هاڻي گهٽي قدر هو هلڻ چلڻ جهڙو ٿي ويو هو، هو. انهيءَ ڪري، پنهنجي پاءُ سان گڏ، اسان سان ميز تي اڇي ويٺو، ۽ آنهن جي موجودگيءَ ۾ مون ڏاڏڻان آهو خط پڙهيو هو — ٻيا جيڪي آتي حاضر هئا تن مان هڪ تم وڏي ماڻي ڪئترين، ٻي نڪولي ۽ ٿي يا چار ڳوٺ جا نيڪمرد هئا، جيڪي آهو ٻڌي، ڏاڏا حيران ۽ ڪجهه پريشان ٻه ٿي ويا، جو شاويل جهڙي سياڻي ماڻهوءَ، جيڪو پنهنجي رڪ رکان ۽ دوراندیشيءَ کان چاتل سڃاتل هو، خط ۾ اهڙيون بي خوف ۽ ڪليل ڳالهيون لکيون هيون.

بهرحال، هيءُ آهي آهو خط. ان مان هر ڪوئي پاڻ ڏسي سگهي ٿو تم آنهن ڏينهن ۾ ڇا ٿي پئي پئرس ۾ وهيو وڃي ويو، ۽ جيڪڏهن آن کان پوءِ ٻه اسان جا آهي امير ۽ امير زادا، ۽ پادري، حضرات اسان جا ساڳيا ئي آهي پراٽا فرمانروا ۽ آقا ٿي رهن ها، تم آنهن مان اسين ڪهڙيون بهتر اميدون ٿي رکي سگهياسين.

جين لوبرُن، استاد-لوهار، ڏانهن، بُو-با-بِي-چِنز گهٽيءَ جي، لا براقس گوٺ ۾ (نزد شهر فلس برج).

پهرين جولاءِ ۱۷۸۹ع

"هيلتائمن اوهان کي منهنجو ڇهين مئي جو لکيل خط پهچي ويو هوندو، جنهن ۾ مون ورسائيلز ۾ پنهنجي صحيح سلامت پهچي وڃڻ جو اطلاع ڏنو هو. مون اوهان کي ٻڌايو هو ته پندرهن ڏينهن ماهوار جي ادائگيءَ سان اسان کي "انٽنوني پرچوٽ" ڏاڍي استاد-موچيءَ جي ڪتب سان، پراڻي شهر جي سينٽ لُوئي محلي ۾ رهائش ملي ويئي هئي. اها اسان جي پڪي آئڊريس آهي، ۽ اوهان کي ڪو خط پٽ موڪلڻو هجي ته مڪمل ڀالهه اها آهي ته ان تي اها پوري ائڊريس لکڻ نه وساريندا.

"مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي جيڪڏهن اوهين ورندڙ خط ۾ مون کي اها خبر موڪليندا ته هن سال اوهان جا فصل ڪيئن ٿيا آهن، ۽ انهن جي پيداوار جو تخمينو اوهان جو ڇا آهي. استاد جين ۽ مچيل مهرباني ڪري پنهنجو پنهنجو تخمينو مون ڏانهن لکي موڪلين. هتي اسان وٽ هيستائين رڳو طوفان لڳا آهن ۽ رکي رکي ڳرا مينهن پيا آهن ـــ فقط ڪڏهن ڪڏهن ڪا اُس ڏسي سگهيا آهيون. هيلوڪي سال بابت هتي ڪافي انديشا آهن؛ اوهان جو ان بابت ڇا خيال آهي. مارگريٽ به اسان جي ننڍڙي باغيچي جو احوال جاڻڻ چاهي ٿي، ۽ خاص طرح اسان جي گلن جو احوال. مهرباني ڪري اها ڀالهه نوٽ ڪندا.

"اسين هن شهر ۾ ڏارين وانگر رهون ٿا. منهنجا به رفيق ڪار هڪڙو نارمنُور جي. ويجهو مسٽن سيليءَ جو ننڍو پادري، جنڪس، ۽ ٻيو ٽُول ضلعي جي آرڪ علائقي جو پادري، فادر جيراد، ساڳئي گهر ۾ اسان سان گڏ رهن ٿا. هي هيٺين ڪمرن ۾ رهن ٿا ۽ اسين مٿين ڪمرن ۾ ـــ آڏو اسان جي گهٽيءَ جي پاسي ڪان ننڍي مارڪيٽ

ہ آهي جتان مارگريٽ اسان لاءِ گهربل شيءِ شڪل ۾ سڏو سامان وٺي ايندي آهي ۽ رڌ پچاءَ جو ڪم ہ ڪندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن شام جو موسيور جئڪس جي ڪمري ۾ ويهي، خيالن جي ڏي وٺ ہ ڪندا آهيون. آءٌ پيو گالهائيندو آهيان، ۽ جيراڊ ويڙو پائيپ چڪيندو آهي ؛ ۽ اسين هميشه، ڪافي ڪجهه هڪٻئي سان اتفاق ڪري اٿندا آهيون.

"اهي تم ٿيون اسان جون پنهنجون گالهيون. هاڻي ڪجهه قوم جون ہ گالهيون ڪريون.

"منهنجو اهو فرض آهي تم جو ڪجهه هتي هلي چلي ٿو، اُن کان اوهان کي با خبر رکان، ۽ جيئن اسين هتي آيا آهيون، اسان کي ايتريءَ تم مخالفت، مقابلي بازيءَ ۽ غليظ پٽي کي منهن ڏيڻو پيو آهي. ۽ ٿوـــ هن منهنجي طبقن، خاص طرح اميرن ۽ اميرزادن جي طبقي، اسان لاءِ ايڏي تم بد تمنائي ڏيکاري آهي ـــ جو آءٌ سمجهي نم سگهيو آهيان تم اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون يا وڃڻ چاهيون ٿا. روز بروز، خيالن ۾ ڦيرا اچن ٿا، ايتري قدر جو اڄ ماڻهو پُر اعتماد محسوس ٿو ڪري، ۽ سياڻي ٻنهم مايوس. سچ پچ، اسين تمام گهڻي صبر ۽ ضابطي کان ڪم وٺندا پئي آيا آهيون، تڏهن مس مس هنن ماڻهن کي شايد ڪنهن معقول زويّي تي آڻي سگهيا آهيون. هو اسان کان گهٽائيءَ ۾ هجڻ ڪري، ٻي ڀيرا ووٽن ۾ ڪٽي ويا؛ ۽ رڳو تڏهن جڏهن هنن ڏ ٿو تم اسين کين چڏي ويندا سين، ۽ وڃي جدا پنهنجو ڪو دستور جوڙيندا سين، تڏهن وڃي نيٺ هنن رڳو اسان سان گڏجي وڏيءَ عام اسيمبليءَ ۾ ويهڻ ۽ مسئلن تي اسان سان ويهي بحث مباحثي ڪرڻ تي "هائوڪار" ڪئي آهي!

"انهيءَ ڪري، ڪجهه وقت تم، ڪا خاطريءَ جهڙي گالهم اوهان کي آءٌ ٻڌائي ڏئي سگهيس. پر اڄ اسان راند ڪٽي آهي ۽ انهيءَ ڪري آءٌ سڄي ۽ سر بستي گالهم، شروعات کان، اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو. هيءٌ خط نيڪمردن کي زور سان پڙهي ٻڌائيندا. جو تم آءٌ، جو هتي آيو آهيان، سو سيني لاءِ، هر ڪنهڪ لاءِ ايسو آهيان،

۽ نہ رڳو پنهنجي لاءِ ۽ آڳ سچ پچ تہ هڪ نالائق ۽ پاڇي ماڻهو ٿيندس، جيڪڏهن آڳ آنهن ماڻهن کي پنهنجن ڪوششن جو، پنهنجن عملن، جو حساب نہ ڏيان، جن سون کي هيٺي سندن ڪاروبار لاءِ موڪليو آهي، ۽ چاڪاڻ تہ هر روز جي ڪارگذاريءَ جا سون پاڻ وٽ تفصيل ۾ رکيا آهن، انهيءَ ڪري سون کان ڪا ڳالهہ وسرندي نہ ڪائي.

"اسان جي ضلعي جي ٽن عيوضين سان گڏجي ٽيهون اپريل تي ورسائيلز ۾ پهچڻ تي، اسين هوٽل - دي - ساورين وٽ لٿاسين، جيڪو هتان جو ڏاڍو هڪ مشهور هوٽل آهي. آن جي سُوپ يا ڪافيءَ جي پيالي جي قيمتن بابت آڳ ڪجهہ نہ چوندس، چو تہ اڳي ٻڌي اوهين ڏکي ويندا. هتان جا سڀ ماڻهو - نوڪر ۽ هوٽلن جا ڏٺي سڀ - پيءُ کان پٽ تائين، پيش خدمت ۽ جي - حضور آهن. اهي اميرن تي گذارو ڪن ٿا، جيڪي پاڻ وري عام لوڪن تي جيئن ٿا، جن جي ڏک سور سان هُنن جو ڪو واسطو ڪونهي. سُوپ جنهن لاءِ پاڻ اتي ٻہ ڀيرا ڏينداآهيون، آن جي قيمت ايتري آهي، جيتري لابراقس ۾ هڪ پورهيت جي سڄي ڏينهن جي مزوري؛ ۽ سرشتو ائين قائم ٿيل آهي، جو جيڪڏهن ڪو ٽورڙي ٻہ ان قيمت جي شڪايت ڪري تہ اهو هوٽل جي آداب کان غيرواقف بلڪ آن کي اندر گهڙڻ جي لائق ئي نہ سمجهيو ويندو، ايتري قدر جو وس پچين تہ هوند ڏڪا ڏيئي ڪيي ٻہ ڇڏينس. هن سرشتي ۾ ماڻهوءَ لاءِ رضا خوشيءَ مان پاڻ" نڱائڻ" ۽ پاڻ" قرائڻ" کان سواءِ ٻي ڪا واهم ئي ڪانهي.

"اوهين اندازو ڪري سگهو ٿا تہ سون کي اهو سرشتو پاڻءِ پڄي نٿو سگهي. جڏهن ٽيهن سالن کان ماڻهوءَ ديانتداريءَ سان ۽ سخت پورهئي سان پنهنجي روڻي ڪمائي پئي ڪاڏي آهي، آهو شين جي اڳهن پچڻ کان سواءِ ڪيئن ڏو رهي سگهي؛ ۽ سون هوٽل جي جائڻي جبري مالڪ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ هن جي حساب ڪتاب بابت هن کي روڪ ٽوڪ پنهنجي راءِ ٻڌائي. آهو پهريون پيرو هو، جو هُن آهڙا صاف گوئي ڪنهن کان ٻڌي هئي. هُن لاپرواهي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آن سندس ايمان جي، ڪانئس وڌيڪ نہ تہ

اوتري ٿي، مون ۾ موت ڏني. جيڪڏهن ٿيءَ اسٽيٽ جو عيوضي آڻ نه هجان ها، تہ هو مون کي در کان ٻاهر ڪيڊي ڇڏي ها؛ پر خوشقسمتيءَ سان آن حيثيت ۾ ماٿهوءَ کي اهڙن موقعن تي عزت ملي ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن مون پنهنجي سائيءَ، جيراڊ، کان ٻڌو تہ هوٽل جو سڄو اسٽاف مون کي الائي ڇا ڇا سمجهي رهيو هو، تہ دل کولي مون ۾ ٽهڪ ڏنا. هڪ درباريءَ جا فرشي سلام، ۽ هن جي اکين جي ڌار ۽ هن جا خوشامدي خطاب ڪنهن ديانتدار ماٿهوءَ جي پورهئي جو مٽ" تہ نٿا ٿي سگهن ۽ نہ ڪري ٿا سگهجن.

"هيءَ گبالهم مون اوهان کي ٻڌائڻ گهري، ان لاءِ تہ اوهان کي خبر پوي تہ اسان کي ڪهڙي قسم جي ماٿهن سان هلڻو پوي ٿو.

"گبالهم جاري رکجي ـــ هتي پهچڻ کان ٻئي ڏينهن، شهر ۾ هِتي هُتي گهمي ڦري، مون پنهنجي رهائش لاءِ اِهو، هاٿي وارو، بندوبست ڪيو، ۽ پنهنجو سامان اوڏانهن ڪڍائي وياسين. پئسي جي خيال کان اِهو ڪافي سستو بندوبست ٿيو آهي، ۽ منهنجا ٻہ شريڪ ڪار، جن بابت اوهان کي مٿي ٻڌايو اٿم، سي بہ پوءِ منهنجي پٺيان آتي آيا. هاٿي اسين هِتي پاڻ کي ٽانيڪو ڪري رهيا آهيون، ۽ جيترو ٿي سگهي ٿو اوترو ٿوري خرچ تي گذارو ڪريون ٿا.

"مئي مهيني جي ٽيءَ تاريخ ـــ جنهن ڏينهن شاهي استقباليہ جو بندوبست هو ـــ ورسائيلز جي شهر جو نظارو ڏسڻ وڃان هو. ٻُرس جو اڌ آدم هتي گهٽين ۾ گهاهت پئي ٿيو؛ ۽ ٻئي ڏينهن، تہ آن کان بہ وڌيڪ غيرمعمولي منظر هو، چو تہ آن ڏينهن تہ شهر، سڄي جو سڄو، چتين تائين پريل هو.

"هر هيءَ گبالهم کان پهرين، آڻ اوهان کي شاهي استقباليہ جو احوال ٻڌايان ٿو.

"بادشاهہ ۽ درٻار و رسائيلز جي ٻاهران وڏي محل ۾ مقيم آهن، جيڪو شهر ۽ آن جي ٻاهران باغن جي وچ ۾ هڪ قسم جي ٽڪريءَ تي ٽهيل آهي، جيڪا اِئين سمجهو تہ پاڻ واري گوٽ، مٿل بران، جي ٽڪريءَ جهڙي ٿي آهي. محل جي سامهون گهٽي فاصلي تائين پڪڙيل

لاهيءَ تي آن جو وڏو ٻاهريون اڱڻ آهي. جنهن جي ٻنهي پاسن کان وزيرن جي استعمال لاءِ وڏيون عمارتون ٺهيل آهن ـــ خود محل آن وڏيءَ لاهيءَ جي ٻنهه چوٽيءَ تي ٻڌل آهي. آهي سڀ جايون آويندي- ڊي- پئرس (شاهراهه پئرس) کان ايندي، ميلن جي فاصلي کان ڏسڻ ۾ پيون ايندڙيون آهن. هيءَ شاهراهه پاڻ وارن، اتي جڏهن، رستن کان چوڻي پنجوڻي ويڪري آهي، ۽ ٻنهي پاسن تي آن جي سهڻا وڻ پوکيل آهن. هن وڏي اڱڻ جو مٿهانئون پاسو، چار سؤ ڪن فوٽ سوڪرو، سڄو ڪٺهڙي سان بند ٿيل آهي، وچ تي آن جي شاهي دروازا آهن جن تي چوويهه ٻي ڪلاڪ چست ۽ چوٻند، وڏي رعبدار يونيفارم ۾، پوريءَ طرح هٿياربند سنتري ٻڌل هجن ٿا. محل جي ٻنهڙي شاهي باغ آهن، جيڪي، هڪ هڪ، چشمن، وڏن وڏن غبارن، سنگتراشيءَ جي شاهڪارن ۽ اهڙن ٻين آرائش جي سامانن سان ڀريل آهن. سوچو تہ سهي تہ ان محل جي اڏاوت تي ۽ ايتري آن جي ڏيکاءَ ۽ ڏيا تي اسان جي ڪيتن ۾ ڪيترن هزارن انسانن پنهنجون سڄيون عمريون ڏيون هونديون، تہ جيئن هو پنهنجي پيداوار جي ڏهين پتي ۽ ويهين پتي ۽ ٻيون ڪيئي ٽئڪسون، چونگيون ۽ طرح طرح جون اڳاڙيون شاهي خزاني ۾ پيارينداڙهن! امير ۽ آنهن جا چاڙتا، البت، محل جي انهن عمارتن ۾ پوري سک ۽ آرام ۾ رهن ٿا. هو چون ٿا تہ عيش بهرحال ضروري آهي، تہ جيئن واپار چالو رهي ۽ آن جو ڦهلاءُ ٿئي؛ ۽ ان لاءِ تہ ورسائيلز ۾ عيش ماڻي سگهجي، فرانس جو ڪي پاڳي چار آدم پل تہ سؤ سال آس ۾ ۽ برف ۾، ڏينهن رات، ڳهندو وتي ۽ جانورن جيان، بکيو اڇيو، زبان ڪڍيو، وهندو رهي ۽ مرندو رهي.

"اسان کي، اعلانن ذريعي ۽ پڙ پترن ذريعي جيڪي هتي وڏي تعداد ۾ وکامن ٿا، استقباليه جو اگهوات اطلاع ملي چڪو هو ـــ بلڪ هيتي آنهن جا 'گهوڙڙيا' ماٿهن کي ڪوٽ جي پلاندن کان جهلو، پنهنجا اهي وکر، ذري گهٽ زوريءَ، اڙائي ٿا چڏين!

"اسان جي ٽيءَ استيٽ جي ڪن عيوضين کي، اعتراض هو تہ جڏهن ٻن وڏن 'نظامن' جي عيوضين کي سڏا دعوت نامه موڪلڻا ويا

هئا، تہ اسان کي اِئين رڳو اعلان ۽ پترن ذريعي چو ٿي گهرايو ويو؛ پر مون اِن کي فوراً کا خاص گاڻهه نٿي سمجهيو، سو، آڻ ۽ منهنجا ٻه رفيق‌ڪار، منجهند ڏاري، 'سال - ڊي - مينوس' ڏانهن آڻي پنڌ پياسين. سال - ڊي - مينوس آها جاءِ آهي جيڪا اسٽيٽس - جنرل جي گڏجڻ لاءِ مخصوص ڪيل هئي. آهو هڪ وڏو هال آهي، جنهن کي وڏو هڪڙو صفحو ئي ڇڄي، جو محل سان گڏ، لاڳو عمارت وانگر، شاهراهه پئرس تي ٿي ٽهيل آهي — پهرين آن پٽ تي، شاهي ڪارجن لاءِ، کي ڏڪ ۽ استور موجود چيا وڃن ٿا، جيڪي بادشاهه جي **نندين کيلن** جي سازن ۽ سامان جي ٿاهڻ، مرمت ڪرڻ ۽ استور ڪري رکڻ لاءِ مخصوص هئا. بادشاهه جا آهي 'نندا کيل' چا هئا، يا خود 'وڏا کيل تماشا' ٻه، تنهن جي مون کي خبر ڪانهي، پر هيءُ وڏو صفحو، سال - ڊي - مينوس (ماڻهن جو وڏو هال)، جيڪو هاڻي آن پٽ تي بيٺل آهي، ڏاڍي هڪ عجيب عمارت آهي: ٻه اهڙا ئي وڏا هال آن سان گڏ جڙيل آهن، جن مان هڪڙي ۾ صلاح مشوري لاءِ پادري حضرات ۽ پئي ۾ ساڳئي آن مقصد لاءِ امير اُمراء گڏ ٿيندا آهن.

"سال - ڊي - مينوس کان اسين جلوس جي شڪل ۾، روانا ٿياسين؛ جلوس جي ڇڻ ئي پاسن کان عام ماڻهو هئا جيڪي 'ٿي استيٽ زنده باد'، 'عام لوڪ زنده باد' جا نعرا هٽندا پئي هليا. اڻن ٿي ڏٺو تہ هِنن صاف دل، سڌن سادن ماڻهن چاتو ٿي تہ **اسين** سندن عيوضي هئاسين — خاص طرح پئرس واريءَ خلق تہ پڪ اڻن ٿي سمجهيو، جيڪي اڳئين ڏينهن آتي ورسائيلز ۾ اچي پهتا هئا.

"محل جي آڏو، وڏي ڪٺهڙي وٽ، پهري تي 'سئس' (سئٹزرلنڈ جا) گارڊ بيٺل هئا، جن ماڻهن جي انبوهن کي روڪي ۽ پوئتي ڌڪي، اسان کي اندر وڃڻ ڏنو. اڻن اسين وڏي سُنهائين اڳڻ ۾ داخل ٿياسين، ۽ آتان گذرندي، اسين اصل شاهي محل جي آڏو وڃي بيٺاسين. آتان اندر وڃڻ لاءِ ڪافي هڪ رعبدار چاڑهي هئي جنهن جا ڏاڪا پڇمينڊي سان ڏيکيل هئا ۽ ٻنهي پاسن کان آن جون پٽيون سونهن شاهي سُهرن سان جهنجهيل هيون. چاڑهيءَ جي چوڻيءَ تي، آڏو وڏن پيل پاون

وٽ وڏي تاب ۽ حشمت وارا چوبدار، عاليشان زريءَ جي پرتَ پريل يونيفارم ۾ بيٺا هئا ـــ تعداد ۾ سون اندازو لڳايو تہ چاڑهيءَ جي سڄيءَ وڏيءَ ويڪر جي هڪڙي چوڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين ويهارو ڪن اهڙا چوبدار بيٺل هئا.

"ائين پهرئين (زميني) فرش تي پهتاسين، ۽ اتان هڪ وڏي هال ۾ داخل ٿياسين، جيڪو ايترو تہ وڏو ۽ ويڪرو هو ۽ اهڙو تہ ٽهيل ۽ سينگاريل هو، جو منهنجي تہ بيان ڪان ٻاهر آهي. منون سمجهيو تہ اصل شاهي تخت وارو ديوان هو تہ آهو هو، پر آهو تہ آن جو ٻاهريون ڪمرو هو!

"ٽيئ، پندرهن ڪن منٽ آتي اسان کي ترسائي بيهارڻ ڪان پوءِ، هڪڙو دروازو کليو ۽ آن مان اسين خاص استقباليہ هال ۾ داخل ٿياسين. هن هال جي ڇت خاص اوچي هئي ـــ ايتري، جو آن کي ڏسڻ لاءِ ٽوپلن کي هٿن سان جهلي، ڪنڌ پوئتي موڙڻا ٿي پيا، ۽ اسان جي تصور ڪان مٿي آن تي نقش‌نگاري ٽيل هئي، ۽ آن جي پٽين تي جيڪي آدمقد تصويرون نڪتل هيون سي تہ سون ڪان بيان ٿي ئي نہ سگهنديون. اسين آن ۾ ائين ٿي لڳاسين، جڏ پنهنجا حواس ئي وڃائي ويٺا هئاسين، ڪا گالهہ ڪانہ ٿي سمجهيسين تہ هيتي پهچڻ ڪان پوءِ اسان کي چا چوڻو هو، چا ڪرڻو هو. چؤگرد، پٽين ڪان ڏهن ڪن فوٽن تي، شاهي محافظ بيٺل هئا، جن جي هٿن ۾ اگهاڙيون تراريون آڀون جهليل هيون .... ۽ ايتري ۾، چؤڦير چانيل ماڻ جي وچ ۾، اسان ڪابي پاسي کان هڪڙو آواز ٻڌو:

"'بادشاهہ سلامت! بادشاهہ سلامت!'

"ائين اسان کي خبر پيئي تہ والاشان، اعليٰ همت، اوچيءَ عزت وارو پاڻ اچي رهيو هو، ۽ ٻيءَ ئي گهڙيءَ شاهي آداب جو پيشڪار- بااختيار داخل ٿيو، ۽ اعلان ڏهرايائين:

"'صاحبو، بادشاهہ سلامت پاڻ!'

"هاڻي، استاد جين! تون ئي چوندين تہ هيءُ ڪو سانگ هو! ۽ بلاشڪ، تون اهو صحيح چوندين؛ پر سا ڳئي وقت ماڻهوءَ کي مڃڻو ئي

پوندو تہ آهو سانگ ايتريءَ تہ ڪماليت سان رڇايو پئي ويو جنهن جو ڪو جواب ڪونہ هو، ۽ رڳو ان لاءِ تہ جيڪي اڳي ئي 'خاص' ڇيا ٿي ويا ۽ 'وڏا' ڇاتا ٿي ويا، تن جو آهو خاصپڻو ۽ تن جي آها وڏائي پئي قائم رهن ۽ ايان وڌن، ۽ جيڪي 'عام' ڇا ٿي ويا ۽ 'ادنيٰ' ڇاتا ٿي ويا تن جي دلين ۾ آنهن جي وڌيڪ هيبت جمي ۽ تيئن هستي وڌي. اسان ٿيءَ اسٽيٽ جي غريب عيوضين جي پاسي کان، جن جي بت تي ڪاري رنگ جا ڪوٽ ۽ آن ٿي رنگ جون گهنج گهنج ۽ سڇائيون پتلونون پاتل هيون، خود شاهي آداب جو پيشڪار بااختيار، موسيور لي مارڪئس دي - پريزي، ٿي پنهنجي عاليشان درباري پوشاڪ ۾ ائين ٿي لڳو تہ هو سچ پچ ٻيءَ دنيا جي ڪا برتر هستي هو. ۽ هُن جي هُنهن جي لاهي ڇاڏهي ان ائين ظاهر هو تہ هن پاڻ ۾ آئين سمجهو ٿي. هُن اسان جي اڳواڻ ڏانهن قدم رنج فرمايو ۽ سلام ڪيو ئي مس تہ بادشاهہ سلامت، بنهہ پنهنجو پاڻ، پئي ڪنهن جي خدمت ۽ حفاظت بنان، استقباليہ ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ اڳتي وڌي آيو. ڪمري جي وچ تي هُن لاءِ آرامڪرسي رکائي ويئي هئي، پر آن تي هُن ويهڻ جي ضرورت نہ سمجهي، ۽ بغل ۾ پنهنجو ٽوپلو جهلي، بيٺو رهيو، مارڪئس اسان جي اڳواڻ کي وڌي اڇ جو اشارو ڪيو، هو ويو ۽ هن کي حضور ۾ پيش ڪو ويو، ۽ پوءِ پيو عيوضي آئين پيش ٿيو، ۽ پوءِ پيو، ضلعيوار. هرهڪ جي حالت ۾ مارڪُس کي ضلعي جو نالو ٻڌايو ويو، جنهن وري آهو بادشاهہ کي ٻڌايو، پر جواب ۾ بهرحال، هُن ڪجهہ نہ چيو.

"استقباليہ جي پڇاڻيءَ تي، البت اعليٰ حضرت اعليٰ مقام خود اسان کي خبر ڏني تہ اسان ٿيءَ اسٽيٽ جي عيوضين کي ڏسي، پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا هئا. هو جهلي جهلي ڳالهائي ٿو، پر سڳي نموني، ۽ مضبوط بت ڪاٺ جو ماڻهو آهي — گول سُنهن اٽس، ۽ نڪ، ڪاڌي ۽ چپ ٽلهيرڙا اٽس، ۽ سندس پيشاني پوئتي هٿندڙ ٿي لڳي. پوءِ هو ڪمري مان روانو ٿي ويو، ۽ اسين پاڻ ڪمري جي پئي دروازي مان نڪري، پياسين پنڌ. اها آهي، جنهن کي 'استقباليہ' ٿو چئجي.

"گهر پهچڻ تي، سون پنهنجو ڪارو ڪوٽ، مچائين پتلون، ٽوپلو ۽ پنهنجا بٽڪل وارا بوٽ لاٿا. آنهيءَ ئي گهڙيءَ فادر جيراڊ منهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ پوءِ نائب پادري به آيو. ڏينهن اسان جو اجايو ئي ويو هو، پر مارگريٽ اسان لاءِ ٽوم ۾ گوشت پچايو هو، جنهن جو اڌ اسان ڏاڍي مزي سان کاڌو ۽ اڌ ٻڌ صوف جي شراب جو به خالي ڪيوسين، ۽ پوءِ پنهنجن معاملن بابت گالهين ۾ لڳي وياسين. جيراڊ ۽ ڪن ٻين عيوضين کي استقباليه بابت شڪايتون هيون، خاص ان سلسلي ۾، جيئن هنن چيو ٿي، ته ٽيئي طبقا آتي گڏ هجن ها ته بهتر هو. هنن جو ويچار هو ته ان ڪان پوءِ اسان کي هاڻي اهو يقين هئڻ ڪپي ته درٻار ٽنهي طبقن کي الڳ الڳ رکڻ گهرجو ٿي. اسان ۾ ٻيا هئا جن استقباليه جي سلسلي ۾ سڄو الزام شاهي آداب جي پيشڪار تي هنيو ٿي. سون، پنهنجي سر، رڳو ايترو ٿي سمجهيو: "اسان کي سڄيءَ گالهه جي ڳڻ ڳوت اچان اڳتي هلي ڪرڻ ڪپي. جيڪڏهن درٻار جي روش في ڪس ووٽ ڪرڻ جي خلاف ثابت ٿئي، ته پوءِ اسان کي مسئلن تي ويچار ڪرڻو پوندو. هينئر، البت، ايترو هو، جو اسان کي خطري جو چتاءُ ملي چڪو هو."

"ٻئي ڏينهن سوير صبح جو، سيني ديولين جا گهنڊ وڄڻ شروع ٿي ويا، ۽ جتان ڪتان، گهٽين مان، خوشيءَ ۾ ريل شور" اٿڻ لڳو، ۽ افواهن جو ته کو ڇهه ئي ڪونه هو، آهو "روح قدس" جو سڳورو ڏينهن هو، ۽ هر ڪنهن ٻئي ڇيو ته ان سڳوري ڏينهن تي استيٽس-جنرل لاءِ ڪاميابيءَ جون دعائون گهريون وڃن.

"ٽيئي ڊريون ناتردام جي وڏيءَ ڪليسا ۾ گڏ ٿيون، جتي "خالق" جو حمد گايو ويو؛ ان تقريب ڪان پوءِ ــــ جا ڏاڍي سٺي گيت ۽ مٺي راڳ، سبب تمام اثرائتي ۽ وٺندڙ ٻئي لڳي ــــ اسين جلوس جي صورت ۾ سينٽ لوئيءَ جي ڪليسا ۾ وياسين. سڄي جلوس جي اڳواڻي اسين ڪري رهيا هئاسين، امير لوڪ اسان جي پٺيان ۽ انهن جي پوئتان پادري لوڪ هلي رهيا هئا، جن پهچڻ سان ئي "مقدس مجلس"

شروع ڪري ڏني. گهٽين ۾ شاهي جهنڊا ۽ بهرقون پئي ڦڙڪيون، ۽ عام ماڻهن جي انبوهه ”ٿي ـ اسٽيٽ زنده باد“ جا زوردار نعرا پئي هنيا.

”هي ۽ پهريون پيرو هو، جو ماڻهن رڳو ظاهري ڏسڻ ۾ دلڪش ڪنين ڪي ڪونه پئي آياريو ۽ واڪاٽيو، ڇو ته اسين ٿي ۽ ـ اسٽيٽ جا عيوضي ته آنهن مورن جي پرسان ڪان ئي پئي لڳاسين ـــ ۽ هو هئا، جي ٽلهيون ٻڪيون ڪيو، ٽونٽيون ٽاٽ ڪيو، ڪڙڪيدار تراريون چيلهه سان ٻڌيو، ۽ رنگدار قميلن سان جهنجهيل وڏا ٽوپلا پابو اسان جي پوئتان ئي پئي آيا. جلوس جي آخر ۾ بادشاهه ۽ راڻي هئا، جي سڃي ۽ پنهنجي ۽ درٻار جي وچ ۾ ٽما پئي آيا، ۽ آنهن لاءِ البت ڪي نعرا ”بادشاهه زنده باد“ ”ديوڪ آف آرليانس زنده باد“ جا ٻڌڻ ۾ آيا پئي، ۽ آنهن لاءِ رڪي رڪي گهنڊن جا دَسَ ٻ پئي وڳا.

”هتان جا ماڻهو ڪافي هوشمند ٿا لڳن. آنهن هزارين ماڻهن ۾ هڪڙو ٻ اهڙو بامعقل ڪونه هو، جو ڪٽي، ”ڪائونٽ دي ـ آرٽائس، زنده باد“ يا ”راڻي، زنده باد“ يا ”بشاپ، زنده باد“ جو ڪو هڪڙو ٻ نعرو لڳائي.

”سينٽ لُوئي ڪليسا ۾ پهچڻ سان ئي ”جماعت“ شروع ٿي ويئي، جنهن ڪان پوءِ نئنسي ضلعي جي بشاپ، مانسينيور دي ـ لا ـ فاري، درٻار جي عمش ڪوشيءَ جي خلاف وڏو واعظ ڪيو ۽ ڏکو خطبو پڙهيو ـــ جنهن جهڙا خطبا ۽ وڏا واعظ پادري سَوَن سالن کان ڪندا ۽ ڏيندا پئي آيا آهن ـــ پر ڪنهن هڪ جي پنهنجي ڪلاهه، جُبي يا منبر شريف جي سونَ ۽ جواهرن جي پَريل آٽ يا آڪريل نقش نگار مان ڪا هڪڙي تند يا ڪو هڪڙو مٽيو ٻ ڇڇي يا نڪري نه سگهيو اٿن.

”هي ءَ اسٽيٽس ـ جنرل جي تقديس جي تقريب چئين وڳي تائين هلي. هر ڪنهن ائين پئي ڏٺو ته هن قسم جون ڪارگذاريون ۽ مشغلا ڪافي ٿي چڪا هئا، ۽ هاڻي اسان کي پنهنجن مسئلن بابت ويهي گالهه صاف ڪرڻ کپي. پر اِن سلسليءَ ۾ اڃان ٻ نراسائي اسان جي

نصبن ۾ هئي، ڇو ته ٻئي ڏينهن (پنجين ۽ مئي، تي) اسٽيٽس-جنرل جي گڏجاڻي وري ۾ هڪڙي ۽ تقريب جي نذر ٿي ويئي. حقيقت هي ۽ آهي ته هي ماڻهو رڳو رسمن ۽ تقريبن جي پورائي تي ئي جيئن ٿا، جيڪي هنن جا واقعي سانگ يا مسخريون ٿي آهن.

"مطلب ته ٻئي ڏينهن سڀني اسٽيٽس-جنرل اسان جي هال، سال-ڊي-مينوس، ۾ گڏ ٿي، جنهن کي سڏيو ٿي ويو. مٿان چٽ تان آن کي ٽي وڏيون ڳڙکيون هيون، جيڪي هيٺان سائين جي اڇي پردي سان ڍڪيل هيون، ۽ آنهن مان ڪافي روشني اندر هال ۾ ايندي ٿيي رهي. هال جي ٻن پاسن ڪان پيلپاون جي هڪ قطار آهي، ۽ سيراندي ۽ واري پاسي ڪان سونين شاهي مُهرن سان جهنجهيل عاليشان ڇٽي بيهاريل آٿس، جنهن جي هيٺان ڪافي مٿيري ٽٽلهي تي شاهي تخت جو بندوبست ڪيل هو.

"مارڪئس ڊي-بريزي ۽ ٻن شاهي آدابجي نائب پيشڪارن جي رهبري ۽ ۾ سڀني عيوضين کي پنهنجين پنهنجين جاين تي ويهاريو ويو. اهو سندن ڪم نائين وڳي شروع ٿيو ۽ سادين ٻارهين وڳي پورو ٿيو—جنهن ۾ هنن هر عيوضي ۽ جو ڏالو ورتو ٿي. ۽ پوءِ آن جي اڳواڻي ڪري، ٻئي هُن کي سندس مقرر جاءِ تي ويهاريو ٿي ساڳئي وقت سرڪاري ڪائونسلرن، وزيرن ۽ سيڪريٽرين ۽ صوبن جي گورنرن، ليفٽيننٽ جنرلن ۽ سڀني عام مختيارن ۽ پنهنجون جايون والاريون. هڪ ڏاڪي مٿي، جا پشمينو سان ڍڪيل هئي، ۽ ٽلهي سان لڳو لڳ هيٺ رکي ويئي هئي، سا اسٽيٽ سيڪريٽرين جي حوالي ڪيل هئي، آن جي هڪڙي پيڙي ۽ تي موسيو لمبرٽ، وزير مالپات، ۽ ٻي ۽ تي موسيو دي-سينٽ پريسٽ، وزير امور شاهي دربار، ويٺل هئا.

"پادري حضرات تخت جي ساڄي پاسي ويٺا، امير لوڪ آن جي کاٻي ويٺا، ۽ اسين آن جي منهن مقابل، سامهون، ويٺاسين. پهرين ۽ ڏر ۾ ۲۹۱، ٻي ۽ ۾ ۲۷۰ ۽ اسان جي ڏر، ٽي ۽ اسٽيٽ، ۾ ۵۷۸ ڄڻا هئا. اسان جا ڪجهه ميمبر اڃان غير حاضر ۾ هئا ڇو ته پئرس مان عيوضين

جي چوندڙ ايان پوري ڪانہ ٿي هئي — جا پوءِ وهي مهيني جي ۱۹ تاريخ تي پوري ٿي هئي؛ پر آن ڪري في‌الحال ڪو خاص فرق نہ ڪونہ ٿي پيو.

"آخرڪار، هڪ وڳي ڏاري، بادشاهہ ۽ راڻيءَ ڏانهن پيغام موڪليو ويو، ۽ هو اوڏيءَ ئي مهل هال ۾ اچي سهڙيا — سندن پٺيان شاهي خاندان جا شهزادا ۽ شهزادين ۽ آنهن جا درباري ۽ مصاحب به اندر آيا. بادشاهہ پاڻ تخت تي ويٺو ۽ راڻي هن جي پاسي ۾، وڏيءَ هڪ آرام‌ڪرسيءَ تي، ٿورڙي ڪجهہ فاصلي تي، ٿي ويٺي. سڄو شاهي خاندان تخت جي چوڏاري پنهنجون پنهنجون مقرر ٿيل جايون والاري ويٺو — شهزادا، وزير ۽ حڪومت جا مُقرّب امير تخت ڪان ٿورو هيٺيرو، ۽ باقي بها بادشاهہ سان گڏ آيل، نندا وڏا امير، نواب ۽ بها ٿلهي جي ڏاڪن تي پنهنجين مخصوص جاين تي ويٺا. درٻار جون عورتون پنهنجين پنهنجين نفيس ۽ قيمتي پوشاڪن ۾ ملبوس، ٿلهي جي پنهي پاسن ڪان گئلرين ۾ ويٺيون، ۽ بها داخلا اجازت وارا خاص ناظرين پيلپاون جي وچ ۾ جيڪي آنهن لاءِ مخصوص جايون هيون آتي ويٺا.

"بادشاهہ ڪي گول ٽوپلو پاتل هو، جنهن جو چؤگردائون پٽو موتين سان مڑهيل هو، سامهون آن جي چوٽيءَ تي وڏو هڪ هيرو لڳل هو جيڪو 'پٽ جو هيرو' نالي سان مشهور آهي. هر ماٺهوءَ لاءِ آرام‌ڪرسي، عام ڪرسي، ۽ بينچ، يا اسٽول (هن جي پنهنجي مرتبي آهر) رکيل هئا؛ جو تہ انهن گالهين جي تمام وڏي اهميت هئي، ۽ انهن ٽين تي ٿي قوم جي اعليٰ شان ۽ وڏي مان ۽ مرتبي جو دارومدار هو! جيڪڏهن هي سڀ آڳ اکئين نہ ڏسان ها، تہ هرگز آن تي اعتبار نہ اچيم ها؛ پر سڀني ٽين ڪي پنهنجن ضابطن ۽ دستورن مطابق پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺو ۽ ٻڏل رهٽو هو. شل خدا ائين ڪري، جو اسان جا بها ڪم بہ ائين وڏي ٽڪ ۽ پوريءَ آب تاب سان هلندا رهن! پر هي اٿڻ ويهڻ، شان مان، عام نالي ۽ ناموس جا سوال تہ سڀ ڪان پهرين لازم آهن: ماٺهن جي ڏکن سورن تي سوچ ويچارڻ لاءِ تہ هونئن بہ صديون ٽيون گهر جن!

"ڪيڏو نہ منهنجي دل ٿي گهريو تہ هيتي منهنجي جاءِ تي وٺلنٽائين هجي ها، جو ٿي چار ڪلاڪ يڪا ويهي، هي سڀ لقاءَ ڏسي ها! هو ڪم از ڪم اوهان کي سمجهائي سگهي ها تہ هڪڙي ٽوپي ٻيءَ ٽوپيءَ کان چا ۾ خاص هئي، ۽ هڪڙو چوغو ٻئي چوغي کان چا ۾ زياده شان وارو هو! مون کي تہ سڀ کان وڌ دلچسپ آها گهڙي لڳي جڏهن استقباليہ طرفان اسان کي چست ٿي ويهڻ جو اشارو ڪيو ويو، ڇو تہ بادشاهہ پنهنجي تقرير پڙهڻ وارو هو. جو ڪجهہ آن مان مون کي ياد آهي سو هيءُ تہ هو اسان کي ڏسي خوش ٿيو هو؛ هُن جو اسان سان واعدو هو تہ هو اسان جون گاڏهيون ڪن ڏيئي ٻڌندو تہ جهڙن ٽيئن ۽ اوپرين گاڏهين کان چوڪس رهجي ۽ ڪوٽ کي منهن ڏيئي سگهجي؛ ۽ هُن اسان کي انهيءَ ئي اعتماد تي گهرايو هو؛ قومي قرض جو حساب چڪاس لاءِ اسان جي آڏو رکيو ويندو؛ ۽ هن کي، اڳي ئي، پڪ هئي تہ اسين قرض لاهڻ ۽ ساک بحال ڪرڻ جو ڪو سٺو رستو ڳولي ڪيڏاسين؛ ۽ اها هن جي من جي سڀ کان مخلص تمنا هئي؛ ۽ هُن جي دل ۾ پنهنجن ماڻهن لاءِ بيحد محبت موجود هئي!

"پوءِ، وڌيڪ هي اعلان ڪري تہ سندس مُهربردار سندس ارادن کان مزيد اسان کي واقف ڪندو، هو ويهي رهيو. هن جي ويهڻ سان، سڄي هال سان زور سان نعرو لڳو: 'بادشاهہ سلامت، زنده باد!'

"آن کان پوءِ، مُهربردار، موسيو رڊي-بارينٽن، آڻيو، ۽ اسان کي ٻڌايائين تہ بادشاهہ سلامت جي اولين مرضي هئي تہ پنهنجين وڌيڪ عنايتن جي اسان تي نوازش ڪري، ۽ اهي ئي سلطاني صفتون آهن جيڪي ڏکين وقتن ۾ قومن جو آڌار بڻجيون آهن؛ ۽ انهيءَ ڪري اسان جي سلطان معظم ان گاڏهہ ۾ اسان کان سهڪار ونڊ لاءِ اسان کي پاڻ وٽ گهرائڻ جو مبارڪ فيصلو ڪيو هو؛ ۽ اهاڙتہ مجيل گاڏهہ هئي تہ فرانس جي بادشاهن جي هلندڙ هين ڏينءَ پيڙهيءَ جا سندن نيڪدل فرينچ ماڻهن تي ڏاڍا احسان آهن، جن جي مجتا طور آنهن تي سندن خاص حق ۾ آهن؛ ۽ بادشاهيءَ جي هين پيڙهيءَ فرانس جي

تخت تي پوري محڪمتا سان براجمان ٿي، ان تي پنهنجي وارثيءَ جي اڏولتا ثابت ڪئي هئي؛ ۽ پوري امن امان ۽ سلامتيءَ سان آئين ڪندي، فاتحن جي هيٺن فخري وارثن ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي نيازمند مفتوهن جي اولاد جي وچ ۾ سڀ هتڪ آميز ويڇا مٽائي ڇڏيا آهن! ـــ توڙي جو، جيئن اسان کي خبر هئي، ان اڃان پنهنجي اميريءَ کي نه ڇڏيو آهي، ڇو ته امن امان ۽ قانون ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي وچ ۾ غير برابريءَ جا رتبا ناهي ڇڏيا آهن، ۽ سلطاني راج ۾ انهن کي قائم رکڻ ۾ هو؛ ۽ آخر ۾، اسان کي معلوم هئڻ کپي ته بادشاهم سلامت جي اها مرضي هئي ته ٻئي ڏينهن تي اسين گڏجي ويهون، انهيءَ لاءِ ته پنهنجن اختيارنامن جي چڪاس وڻون ۽ تصديق ڪريون، ته جيئن، بادشاهم سلامت جن ڳالهين جي پڌائڻ جي اسان تي عنايت ڪئي، مثلاً مالمات، آنهن تي اسين پوءِ فوراً ويچار ڪرڻ جهڙا ٿي سگهون.

"ائين ڇئي، شاهي مهربردار وري ويهي رهيو؛ ۽ موسيورنيڪر آڻي قرض متعلق پنهنجي ڏکهي تقرير ڏاڍيان پڙهي اسان کي پڌائي، جيڪو هاڻي وڌي ۶۰۰،۰۰۰،۰۰۰ ليمرن تائين پهتو هو، ۽ آن سبب ۵۰،۱۵۰،۰۰۰ ليرا هر سال بجيت ۾ ڪوٽ ٻڌجي رهي هئي. پنهنجي تقرير ۾ هُن انهيءَ ڪوٽ جي پورائي تي ويچارڻ لاءِ اسان کي چيو، بلڪ آن جي پورائي ڪري ڏيڻ لاءِ هُن خوب اسان کي آپاريو؛ ۽ حڪومتي آئين متعلق، جنهن لاءِ اسان کي پنهنجن ووٽرن پنهنجا عيوضي بنائي هٿي موڪليو آهي، آن بابت موسيورنيڪر اسان کي هڪ لفظ به ڪونه چيو.

"ساڳئي ڏينهن شام جو، جيئن ئي اسين ان ڳالهم تي سخت حيرت ۾ ورتا، چپ چاپ آتان روانا ٿي رهيا هئاسين، تم اسان کي خبر پئي تم فوج جون به ليون رجمنٽون، هڪڙي رايل زرهم پوشن جي ۽ بي برگنڈيءَ جي گهوڙيسوارن جي، هڪ سئس پيادل پلٽڻ سميت، پنهم آنهيءَ مهل پئرس ۾ پهچي چڪيون هيون، ۽ وڌيڪ ٻيا فوجي دستا به هين طرف ڪُوچ ۾ هئا، ۽ پنهنجي پنهنجي وقت تي پهچڻ وارا هئا! انهن خبرن اسان کي گهڻوڪجهم سوچڻ لاءِ مواد ڏنو ـــ خاص طرح انهيءَ

ڪري ٻه، جو راڻيءَ، ڪائونٽ ڊي-آرٽائس، ڪُونڊرا جي شهزادي، پالينيڪ جي نواب، ڊيوي-آنگهن جي نواب، ۽ ڪونٽيءَ جي شهزادي مُورانهين اسٽيٽس-جنرل جي سڏائڻ جي قدم جي ئي مخالفت ڪئي هئي، ۽ اهو شڪ ڏيڪاريو هو ته سندن ڪنهن مدد ۽ 'زوربار' کان سواءِ اسين، يعني اسٽيٽس-جنرل جا ٽيئي نظام آن قرض جي لاهڻ لاءِ ڪڏهن تيار ٻه ٿي سگهياسين ٿيڻ! شهزادن کان سواءِ ٻيا ڪي ماڻهو اهو موقف وٺي ٻيهن ها، ته آن کي 'منصوبو' سڏيو ويڇي ها؛ پر اڪثر ڪمن تي نالا آنهن جي ڪرڻ وارن جي رتبي کي ڏسي رکيا ڏا ويڇن؛ ۽ هينن شهزادن جي حالت ۾ ته ظاهر ظهور ائين هو ته جو ڪجهه هينن منصوبائين ان طرح ڪرڻ گهريو ٿي، آها ته بادشاهيءَ جي، سڄيءَ حڪومت جي، تختي اونڌي ڪرڻ ۽ آن تي قبضي ڪرڻ جي ڳالهه هئي. خوشقسمتيءَ سان آڳ اڳي ئي پئرس جي شهرين کان واقف هوس. ۽ منهنجو رايو هو ته آهي اسٽيٽس-جنرل کي ائين ڪڏهن ٻه نڏڪو ڇڏي ڪونہ ڏينداً!

"بهرحال، آنهيءَ شام جو ئي، ماني کائڻ کان پوءِ، مون ۽ منهنجن ٻن ساٿين پاڻ ۾ صلاح ڪئي، ۽ ان نتيجي تي پهتاسين ته اسان کي ٻين ٻن ڏرين تي ڀاڙڻ بدران پنهنجن وسيلن تي ڀاڙڻ ڪپي، ڇو ته آنهن رجمنٽن جو هٿي پهچڻ، ٽيءَ اسٽيٽ لاءِ خاص طرح، خطري کان هرگز خالي نه هو.

"ٻئي ڏينهن صبح جو ائين وڳي، جيراڊ، پادري جئڪس ۽ آڳ اسٽيٽس-جنرل جي هال ۾ آياسين، جنهن سان تخت جو سائبان ۽ آن جا پردا وغيره لهي چڪا هئا. اسان ڏن کان سواءِ، هال اڃان خالي هو،

پر ترت ئي ٽي ۽ اسٽيٽ جا ٻيا عيوضي به اچڻ شروع ٿيا، ۽ سڀ پنهنجون پرچڻ لڳيون. ساڃي ۽ ڪاهي، هال ۾ گهالهائڻ ٻولهائڻ جو آواز ٻُرڻ لڳو ـــ هڪٻئي جي پرسان ويٺل ۽ ڪي مُڙي ۽ ڪي نيو رڙي، پاڻ ۾ ائين سلام ڪلام ڪرڻ لڳا جيئن وڏين ڪن گهالهين طي ۽ ڪرڻ لاءِ گنجيرتا سان، ماٺهو پاڻ ۾ گهالهيون ٻولهيون ڪندا آهن. ويهن ڪن منٽن ۾ ٽي ۽ اسٽيٽ جا تقريباً سڀ عيوضي اچي چڪا هئا، ۽ اميرن ۽ پادري ۽ عيوضين جو انتظار ڪرڻ لڳا، جن ۾ ان اڃان هڪڙو به ظاهر ڪونه ٿيو هو.

"او چتو ئي اسان ۾ هڪڙو هال ۾ اندر آيو ۽ چوڻ لڳو تم آهي ٻيئي ترين پنهنجي پنهنجي ايوان ۾ وڃي ڳڏ ٿيون هيون ۽ جدا جدا مباحثن ۾ مصروف هيون. قدرتي طور، ان گهالهه تي، سڄو هال ڏاڍي ۽ حيرت ۾ پٽجي ويو، ۽ اوتري قدر ئي چوڌاري غصي جو اظهار ٿيڻ لڳو، ۽ هڪدم اسان پاڻ ۾ ان ئي هڪڙي ڪي، جيڪو پيرمرد به هو، ۽ سيني ڪي نڪدل ۽ وڌيڪ ڏاهو لڳو، ٽي ۽ اسٽيٽ جي صدر طور نامزد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو، جنهن جو نالو به ـــ اتفاق جي گهالهه آهي ـــ تو وارو، لهيرو، ئي آهي! هُن آهو عهدو، ڪيلي قبول ڪيو، ۽ ميڙ جا ڇهه ٻيا ميمبر، جيڪي ڪيس وٺيا، پنهنجن مددگارن طور مقرر ڪيائين.

"هاڻي، اسان اهو سمجهيو تم هال ۾ خاموشي ۽ جو هجڻ تمام ضروري هو، ڇو تم اسان ۾ هرهڪ جي من ۾ سا گهڙي ۽ هزارين خيال ٻئي آٽيا. هرڪنهن پنهنجي پنهنجي سمجهه موجب جو ڪجهه اگهتي لاءِ سمجهيو ٿي يا سَٽ ۾ هن جي هولَ ٿي آٽيا، آهي هُن ٻڌائڻ ٿي گهريا، ۽ سمجهائڻ ٿي گهريو تم مشڪل ۽ نازڪ صورتحال ڪي ڪيئن سنڀهن ڏجي. نيٺ هال ۾ سانت قائم ٿي ويئي، ۽ موسيو مالونهي، جيڪو ـــ سون جيئن ٻڌو ـــ بحري ڪاتي جو اگهوٽو ڪو ملازم هو، تنهن رٽ ڏني تم اسين هڪڙو وفد آنهن پنهي جدا جدا ٿي ويٺل ايوانن ڏانهن روانو ڪريون ۽ ڪن دعوت ڏيون تم هو هِن عام اسمبلي ۽ جي هال ۾ اچي، اسان سان گڏجي، ويهن. ان تي هڪڙي نوجوان عيوضي ۽

جنهن جو نالو مونيئر آهي، رايو ڏنو تہ آهو اسان جو قدم "عام راجن" جي شان جي خلاف هو، جن اسان کي چونڊيو، پنهنجن عيوضين طور، هتي موڪليو آهي، ۽ پيو تہ معاملو کو ايڏو مجبوريءَ وارو ۽ کونہ هو، جو تہ ٽوري ٿي وقت کان پوءِ خبر پئجي ويندي تہ هُنن ۾ خاص ايوانن ڇا فيصلو ڪيو آهي، ۽ پوءِ اُن موجب اسين ۽ پنهنجا مناسب اقدام ڪنداسين. آءٌ هن همراهه جي راءِ سان سهمت ٿيس؛ جنهن سان گڏ اسان جي صدر ۽ فيصلو ڏنو تہ ايوان تہ اسين پاڻ کي اسٽيٽس-جنرل جا ميمبر ۽ ٽئي شمار ڪري سگهياسين، جو تہ آها اسمبلي تہ ايوان ٿهي ۽ ڪانہ هئي، ۽ نہ ئي وري اسان جي اختيارن جي ايوان کا دستوري تصديق ٿي ٿي هئي؛ ۽ اُنهيءَ سبب جي ڪري هُن رڳو اُهي خط ۽ ڪولي ڪونہ ٿي ڏنا جيڪي اسمبليءَ جي نالي آيل هئا. سون سمجهيو تہ حالتن پٽاندر اهو هُن جو عمل درست ۽ مناسب هو.

"اِن ئي طرح جون ٻيون ۽ ڪيئي گالهيون اُن ڏينهن آتي ٿيندیون رهيون. ايائي وڳي ڪن وڏي، جائنشين، شهزادي جي خاص هڪ عيوضيءَ اسان کي اچي خبر پڌائي تہ هُنن پنهي ايوانن اسان کان جدا پنهنجن اختيارن جي تصديق ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو؛ جنهن تي اسان وٽ ڏاڍو گوڙ مچي ويو ۽ نمٽ نشست کي روڪي، ٻئي ڏينهن صبح جو ٽائين وڳي تائين مهمل ڪري، آتي ڪڍا ٿياسين.

"ماڻي سچي گالهہ اسان جي آڏو صاف هئي. اسين ڏسي پئي سگهياسين تہ بادشاهہ، راڻيءَ، شهزادن ۽ اميرن، ۽ پادري حضرات جو اسان ۾ ڪم رڳو هيءُ هو تہ اسين سندن قرض" چڪائي ڏيون؛ اُن کان وڌيڪ ٻيءَ ڪنهن گالهہ جي پريشاني هنن کي ڪانہ هئي تہ ڪو قانون" جوڙي، ڪو آئين ٺهي، جنهن ۾ عام لوڪن جو آواز پڌو وڃي، يا اُن کي ڪووڻ ملي. نہ هُنن تہ رڳو ائين ٿي چاهيو تہ بنان روڪ ٽوڪ، هو قرضن تي قرض ڪٽندا رهن ۽ ٻن صدين کان پوءِ اسان کي سڏائي، هڪ هنڌ ويهاري، جون تہ عام جي نالي ۾، قوم جي نالي ۾، اُهي سندن قرض قبولائي اسين پاڻ تي هموار ڪري ڇڏيون،

۽ ائين هو خاص ، سڄي قوم جا سردار، سڄي بارڪان آجا ڏي مزا ڪندا رهن، ۽ اسين آهي ئي ڇپون محصولن جون پنهنجين اگهاڙين ٻڌين تي ڪٽي ، عمريون سڄيون، سندن آڏو باندي بنيا، نسلن جا نسل، وٽن گهندا رهون!

"انهيءَ گاڏهم جي پڏر پوڻ سان اسان جي دلين جي ماڻ ڪي، اوهين سمجهي سگهو ٿا تہ، آهو ڇا هوندو.

"اڌ رات تائين آڻ ۽ منهنجا ہم ساٿي دربار جي ذليل بي انصافيءَ ۽ ارڏائيءَ تي پنهنجو غصو چنڊ ينڊا رهياسين ؛ پر نيٺ سون پنهنجن همراهن کي چيو تہ اسان لاءِ سڀ کان مناسب راهہ هيءَ هئي تہ اسين صبر جو مظاهرو ڪيون ۽ باهران کا بي آرامي ۽ ڏيکاريون (تہ جيئن پنهنجي خلاف گاڏهائڻ جو ڪنهن کي ٿورو بہ ڪو وجهہ نہ ملي ۽ حق جي گاڏهم کي پنهنجي پاسي مضبوط جهلو بيٺا رهون)، ۽ جيتري قدر سمڪن ٿئي، دليل دلائل ذريعي آن کي اڳتي و ڌايون، ۽ باقي گاڏهم ماڻهن تي ڇڏي ڏيون تہ هو پاڻ سوچين ۽ نبيرو ڪن. ان تي پاڻ-ہر اسين سهمت ٿياسين ، ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن اسين هال ہ اندر داخل ٿياسين تہ ڏٺوسين تہ عام راڄن جا ٻيا عيوضي بہ انهيءَ ئي فيصلي تي پهتا هئا، ڇو تہ جتي اڳينءَ رات ايترو هنگامون هو آتي اڄ بلڪل سڃ هئي. صدر پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي ۽ سندس ساٿي پلئٽفارم تي ويٺا هئا ۽ لکندا ٿي رهيا، ۽ ڪاغذ وٽندا ۽ ڏسيو، ٺاهيو، ميز تي رکيندا ٿي رهيا.

"ويرم نہ گذري، تہ امير ن ۽ پادري لوڪن جي ايوانن وٽان، دستخط رپورٽ سندن فيصلن ۽ ٻيءَ ڪارگذاريءَ جي اسان کي پهتي. آها اوهان جي اطلاع لاءِ هيٺ ڏيان ٿو تہ اوهين بہ ڏسي سگهو تہ هُنن ڇا ٿي سوچيو ۽ ڇا ٿي گهريو. پادري حضرات ۱۱۴ جي سامهون ۱۳۳ جي اڪثريت سان پنهنجن اختيارن جي تصديق جدا گانہ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو، ۽ امير ڏ روارن پنهنجي لاءِ آهڙو ئي فيصلو ۱۴۷ جي خلاف ۱۸۸ جي اڪثريت سان ڪيو هو. امير ن جي دانشمند اقليت ہ وانڪائونٽ ڊي-ڪاسٽلين، ڊيوڪ ڊي-لائن ڪورٽ، مارڪئس

لافائيٽي ۽ شهزادن مان کي عيوضي ۽ پيرو ويهنس جي جاگير جا رئيس شامل هئا، جهڪي سندن رفيقن جي آن آنيائي روش سان متفق نه ٿيا هئا. پنهي ايوانن جملي هارنهن ڪميشنون ڏاهيون هيون ٽيم جهڙن هو جلد کان جلد پنهنجي پنهنجي اختيارن جي تصديق ڪرائي وڃن.

"آنهيءَ ڏينهن، ميلاني آنهن خواصن جي ايوان ڏانهن پنهنجي طرفان وفد موڪلڻ وارو ٺهراءُ ورپ ۾ پيش ڪيو، انهيءَ لاءِ ته آنهن کي ڄاڻائي سگهجي ته هو ضد چڏين ۽ عام راڄن جي عيوضين سان گڏجي اچي ويهن؛ جنهن تي ڪائونٽ دي-ميرابو آڏي ٻيٺو. آءٌ هين ماڻهوءَ بابت، موقعي سارُ، اوهان کي اڳتي ۾ وڌيڪ ٻڌائيندس. هيءُ ماڻهو جيتوڻيڪ اميرن مان آهي، پر ٽيءَ اسٽيٽ جو عيوضي آهي؛ آن جو سبب هيءُ هو ته سندس ضلعي جي اميرن هُن کي پنهنجي دائري ۾ قبولڻ کان انڪار ڪيو هو، انهيءَ عذر تي ته هو 'آن وقت' ڪنهن جاگير جو مالڪ نه هو. تنهن تي هُن واپار ۾ هٿ وڌو ۽ ڪافي آن ۾ نالو ڪيائين، ۽ ايگزِ جي شهر هن کي اسان جي ٽيءَ اسٽيٽ تي پنهنجو عيوضي چونڊي موڪليو آهي. هيءُ قد جو ڊگهو، موڪريءَ پيشانيءَ ۽ وڏين اکين وارو جامڙ ماڻهو آهي. هن جو زرديءَ مائل چهرو ماتا جي داغن سان ڀريل آهي، ۽ ڏسڻ ۾ ڪافي ڪوجهو ٿو لڳي. هن جو آواز پٽ کهرو ۽ ڪجهه ڪوڙو آهي، ۽ شروع ۾ سڏائين هڪڙائي ڳالهائيندو آهي؛ پر هڪ ڀيري شروع ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ کان پوءِ هڪدم هن جي ڳالهائڻ ۾ تبديلي اچيو وڃي ٿي، ۽ هر ڳالهه هُن لاءِ سڌي سنئين ۽ صاف ٿي وڃي ٿي، ۽ پڌڻ وارا ائين محسوس ڪرڻ لڳن ٿا جڻ آهو سڀ هو اڪثين ڏسي رهيا آهن جنهن جو هو بيان پيو ڪري، ۽ ائين سمجهڻ لڳن ٿا ته جو ڪجهه هو چوي ٿو، آهو ئي هُنن جو پنهنجو خيال آهي! رکي رکي، جڏهن هن کي خاص ڪا شيءِ ۽ وڏي ڳالهه ڪرڻي هوندي آهي، ته هن جو سخت ۽ گهرو آواز هميشه ٿي ويندو آهي، ۽ آن کان پوءِ، ڪجهه غُراڻي جو آواز ايندو، ۽ هڪدم آهو ائين ڦاڻي اچي پڌندڙن جي ڪنن تي لڳندو جڻ ڪڪر هڪا جي پاڻ ۾ لڳي ڦاڻي پيا هئا. سچ پچ هين ماڻهوءَ جي سُنهن ۾ جيڪا

قيرگهر جي قوت آهي، آن جو آڳ بيان نٿو ڪري سگهان. ائين لڳندو آهي تہ هن جي سرهي ۽ پٽيان هن جو هر انگ ٻيو رنگ بدلائيندو آهي — هن جو آواز، هن جون اکيون، هن جي مُنهنجن جا روپ، هن جا خيال. جڏهن هن کي ڏسبو آهي، تہ ماڻهو پاڻ کي ڀلجي ويندو آهي. هو اوهان کي جهپي، مُٺ ۾ جهلي ڏو بيهي، ۽ اوهين آڻان پاڻ ڇڏائي نہ سگهندا. هُن جي پرسان ويڻن ڏانهن اوهين نهارينداً، تہ ڏسندا تہ آهي ٿوٽ بُٽ بڻيا، هُن ۾ جُوهہ وجهيو ويڻا هوندا آهن! جيستائين هو اسان جي پاسي هوندو، تيسين اسان لاءِ سيڪجهہ ٺيڪ رهندو، پر اسان کي سدائين هِن کان چوڪس رهڻو پوندو. منهنجو هِن تي، پنهنجي سِر، پروسو خير کو آهي. پهرين ڳالهہ تہ هو اسپر ماڻهو آهي، ۽ ٻيو تہ هو نہ رڳو مفلس ماڻهو آهي، سدائين کيسا خالي اٿس، پر هو غلط عادتن جو شڪار بہ آهي، ۽ سدائين وڏن قرضن ۾ ورتل رهي ٿو. هن جي وڏي ماسائهين نڪ، موڪرين هوڙن ۽ باهر نڪتل پيٽ تي نظر پوڻ سان، جنهن تي وڏي ڪوٽ هيڻان سڄو زريءَ جي پرت سان پريل واسڪوٽ پاتل هوندو اٿس، ماڻهو اهو سوچڻ لڳي ٿو: "موسيو ميرابو جا پيٽ! تو لاءِ تہ آلسڪ ۽ لورين جا ٻيئي پرڳڻا، فرينچ ڪاميٽ جهڙن هن ٽن ضلعن سميت، ڪپن، جو تون پرجي سگهين!" بهرحال، آڳ اسپر لوڪن جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان، جن هِن کي پاڻ جهڙو نہ چاڻي، پنهنجن شهرن جي دستاويزن ۾ جاءِ نہ ڏني، جو تہ اسان کي هِنن اوائلي ڏينهن ۾ هِن جي مدد جي ڏاڍي ضرورت هئي، جيئن اڳتي هلي، اوهين پاڻ ڏسي سگهندا!

"انهيءَ ڏينهن (مئي جي ستين تاريخ تي)، بهرحال، ميرابو کا خاص پيڪيدار ڳالهہ ڪالہ ڪئي: هن فقط ائين چئي اسان جي دل وڏان ڳالهہ ڪئي تہ وفد موڪلڻ جي لاءِ اسان لاءِ پهرين ضروري ڳالهہ هئي تہ اسين باقاعدي انتظامول هڻون، ۽ پڻ، چاڪاڻ تہ اڄان اسين ائين باقاعدي انتظامول نہ هٽاسين، ۽ نہ ئي وري اسان ائين چاهيو ٿي تہ اسين جدا ائين انتظامجي ويهون، ان ڪري اسان لاءِ بهتر رستو اهو هو تہ اسين في‌الحال چپ ڪيو، ويڻا رهون.

"ان تي اسان جي طرفان گالهائيندي، مونيئر جواب ۾ چيو تہ اسين، گهٽ ۾ گهٽ، هي تہ ڪري سگهياسون ٿي تہ اسان سان جن ائين چاهيو ٿي، يہ چار يا وڌيڪ، انفرادي طور ۽ ذاتي حيثيت ۾، امير ۽ پادري حضرات جي ايوانن ڏانهن وڃن ۽ الهيءَ اميد سان آنهن ڏرين سان وچي گالهيون هولهيون ڪن تہ، جيئن خود بادشاهہ جي به مرضي هئي، هو اچي اسان سان گڏجي ويهن. ۽ جيئن تہ آن رٽ سان اسان جي حيثيت تي ڪو اثر ڪونہ ٿي پيو، آها اتفاق راءِ سان اسان جي ايوان قبول ڪئي. ائين اسان جي ٻيءَ استيٽ جا پارنهن ميمبر، ان طرح جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ. آنهيءَ ئي مهل آئي، اوڏانهن روانا ٿيا. آنهن آتان موڪي اڇي ٻڌايو تہ امير لوڪن جي ايوان ۾ هنن ڏٺو تہ ڪميشنون سندن ميمبرن جي اختيارن جي تصديق ڪري رهيون هيون، ۽ پادري حضرات به پنهنجي صلاح مشوري ۾ رڌل هئا، ۽ سندن صدر اسان جن غيررسمي ۽ انفرادي طور ويل ايلچين کي ٻڌايو هو تہ اسان جي رڌا تي هنن طرفان جوکو ويچار ڪيو ويندو. هڪ ڪلاڪ کن کان پوءِ مانٽيملئر ۽ آرينج جا بشاب حضرات، پنهنجن ڇٽن پٽن مذهبي ساٿين سان اسان جي هال ۾ داخل ٿيا ۽ اسان کي اطلاع ڏنائون تہ سندن ڏر پنهنجن بااختيار ترجمانن جي نامزد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو تہ اسان جن ۽ امير لوڪن جي ساڳيءَ طرح نامزد ڪيل ترجمانن سان گڏجي، خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وڃي تہ جا، سڀني جي اختيارن کي، هڪ ئي هنڌ گڏجي، مشترڪ طور، تصديقايو وڃي يا نہ!

"هنن جي ان جواب تي اسان پنهنجي نشست کي ستين ڪان ڪيرائي مئي جي ١٢ تاريخ تي رکيو، ۽ مون پنهنجن ٻن ساٿين ۽ مارگريٽ سان گڏجي، اهي چار واندڪائيءَ جا ڏينهن پئرس ۾ گذارڻ جو فيصلو ڪيو. اسان کي ٽمهين اپريل تي، هوڏانهن ايندي، آتي ترسڻ جو موقعو ملي نہ سگهيو هو. آن تاريخ ڪان رڳو ٻہ ڏينهن اڳي، ريويلان جي شاهي محل تي ڏاڙيلن هلان ڪئي هئي ۽ آن کي قريو ۽ لٽيو هو، ۽ ڏاڍو وڏو شور ۽ غوغا متو هو. گورنر پاڻ، جانچ ۾، ٻہ ڀيرا آتي ويو هو، ۽ وڌيڪ اهو بہ افواهہ اٽيو هو تہ بجاءِ ان جي، جو حالتن ۾

ڪجهہ ٽاپر ٿئي، شهر ۾ ڏاڙيلن جو نئون هڪ ڪٽڪ داخل ٿي ويو هو! اِنهيءَ ڪري، آڻ اچرج ۽ هوس تہ ڳالهہ، ڇا هئي، ۽ دراصل آتي ٿي ڇا رهيو هو؛ ڇا، پُرآمن حالات آتي قائم ٿي چڪا هئا! ۽ ٻيو مون اهو ٻہ ڇاڻ ٿي گهريو تہ پئرس واسيءَ اسان جي اوائلي نشستن جي باري ۾ ڇا سوچي رهيا هئا. برابر اِنهن سڀني ڳالهين بابت ڪجهہ ڪجهہ خبر تہ موڻ کي انهن ڪيترن پئرس واسين کان ملي چڪي هئي، جيڪي راجڌانيءَ ۽ ورسائيلز جي وچ ۾ هر وقت پيا ايندا ويندا هئا، پر وري ٻہ حالتن کي پنهنجي اکين پاڻ ڏسڻ بهتر ڳالهہ هئي.

"اِنهيءَ ڪري، اسين سوير صبح جو آڻي اوڏانهن روانا ٿياسين، ۽ ٽن ڪلاڪن ۾ اسان جي گهوڙا گاڏي شهر ۾ داخل ٿي رهي هئي — شهر، جيڪو ٻيان کان ٻاهر وسيع ۽ وڏو هو، نہ رڳو گهرن جي شاندار اوچاين جي ڪري، بلڪهين گهڻين ۽ وڏن رستن جي هڪٻئي تان، چنهر راند جي بيشمار نقشن وانگر، آرپار گذرڻ جي ڪري، عمارتن جي قدامت، چؤسولن، مارڪيٽن، هوٽلن، دوڪانن ۽ بازارين جي بيانت قطارن ڪري، ۽ نہ ئي وري نگاهن جي ڪنڊ تائين رستن جي ٻنهي پاسن کان جاين تي فرش کان چوٽيءَ تائين لکيل ناالن ۽ نڪتل مورتن، تصويرن ۽ پانت پالت جي نقش نگارين جي ڪري؛ پر پڪل نانتن، ڪمکن، بسکوٽن، ۽ پراٽن ڪپڙن ۽ ٻين هزارين قسمن جي شين ۽ سامان جي واپارين ۽ گهورڙين جي هوڪن ۽ دانهن ڪري، ۽ ائين ٻين لاتعداد ماڻهن جي وڻ وڻان ۽ هل هلان ۽ عام آنهن جي گوڙ ۽ هل هنگامي ڪري، جن مان ڪي هٿ گاڏا ۽ گاڏيون گهلمندا، ۽ پاڻيءَ جا مٽ پريو قيتائيندڙ گهڙا منجهين تي رکيو ۽ ڏکيندا، ۽ ٻيا پاڻين، ميون ۽ پڙ پراڻن ۽ نون ڪتابن، رسالن ۽ مخزن جا ڍڳ رکيو، ويڻي ويڻي ۽ پڙ ٽيلهن تي ۽ پُٺن تي ڪنيو، هوڪرن تي هوڪرون ڪندا ٿي ويا. ماڻهو فقط ائين ٿي سمجهي سگهيو، جڏ ڪي پڪمن جا اڻ ميا انبوهہ، ٻيءَ ڪنهن ولايت مان آڻي، چارين ڏنل وڏن، وڏن، تمام وڏن ڇڙن ۾ ڇڏيا ويا هئا، جي آنهن ۾ بند پنهنجون پنهنجون مختلف دانهون ڪري ۽ ٻوليون ٻولي رهيا هئا! سون ڪڏهن بہ آواز جو اهڙو غلغلو نہ ٻڌو

هو. ۽ اوه! آهي ڦيٽائيءَ ڳاڏين جا بند نم ٿيندڙ گرڙاٽ، آهي گند جلد ڏيڙ ۽ آنهن جي ڏپ جا نم ڏسجندڙ ڪڪر، ماڻهن جا آهي سڃاڻپ ۾ نم ايندڙ، بيشڪ لا گندا بُٽ! هر ڪو پنهنجيءَ ۾، هر ڪو فيشن ۾، اڳڙين ۾ هوندي بس. ماڻهو نچيا ٿي، ڪيليا ٿي، رنا ٿي! ڏارين سان ڏاڍا ملنسار، ڏاڍيءَ فضيلت وارا ـــ پنهنجيءَ آن سڃيءَ شڪست حاليءَ ۾، ۽ هر شيءِ ڪي آن جي تيز ترين رنگينيءَ ۾ ڏسندڙ، بشرطيڪ هو رڳو چُري پُري، چانهخانن ۾ گالهائي ۽ اخبارن ڪي پڙهي سگهن! انهيءَ سڪڇهه، استاد جون! پئرس ڪي ڏنهه بي‌مثل شيءِ بنائي ڇڏيو آهي. ملڪ جي پنهنجي حصي ۾ جو ڪجهه آهي، آن مان ڪنهن ڪجهه سان بس هين جي مشابهت ڪالهي. ڏنسي محل ڪي پئرس سان پيٽيو ويو آهي، پر آهو تم هڪ خالي محل آهي، ۽ سُئل؛ ۽ هڏانهن پئرس ۾ هر شيءِ جيئري آهي.

"بدنصيب پئرس واسي ايان گذريل سياري جي ڏڪار جا عذاب پيا پوگين. آنهن مان گهٽا-تم رگو ڪتل ۾. ويڙهيل هڏا ٿا ڏسجن. پر پوءِ بس هو پنهنجي روايتي خوش طبعي ڪانم ٿا ڇڏين، ۽ آنهن جي هر دريءَ تان شهر ۾، پري پري کان، ڪنهن نم ڪنهن هلندڙ نائڪ جا اشتهار ڏيکارجي رهيا آهن.

اهي گالهيون ڏسندي، سون بس زندگي محسوس ڪئي؛ ائين سمجهيم تم پنهنجي سچي پچي ملڪ ۾ هوس. پنهنجي لڪڙائين ٽنگڙي پٽيءَ تي رکي، ڳوٺ ڳوٺ ۾ نئون بدران، سون کي منهنجا گراهڪ هتي تم، جيئن ڇڏيو آهي، اصل وک وک تي ملي.ويندا. ۽ وڌيڪ ائين بم تم هيءُ سون کي ڏنهه ستڇُلتن محب وطنن جو شهر لڳو. هي ماڻهو برابر غريب ۽ گدلا هئا، پر سپ کان پهرين هو پنهنجا حق سڃاڻندڙ ۽ آنهن لاءِ وڙهڻ وارا هئا. ڏون سپ گالهيون، سچي پچو، تم پوءِ ٿون اچن.

"اسان جي ساڻيءَ جئڪس، جي هڪ ڀيٽ آهي، جا شاهي محل جي ويجهو، رُو-بُرو-بُولهي شاهراهم تي ميوا وڪڻي ٿي؛ ۽ اسين اڇي آتي سندس مانڊيءَ وٽ لٽاسين. آتي آن سڃي رستي تان، فوبورگ ڇؤلڪ

ڪان وٺي، اسان جي ڪنن تي رڳو هڪ ٻي راڳ ٻڌي ٿو:

"فرانس جو لوڪ ايوان! جيئي، سدا جيئي!
شهزادن ۽ پادرين ڪان ان جو قدم اوچو آ!
رئيس، نواب، امير ۽ سڀ سندن پيرو- چٽائيو
انقلاب جي طوفان آڏو ڪڪ ٽڻ ٽي ويندا-
پادريءَ ۽ ڪاموري ڪان وڌ پورهيت جاڻي ٿو-
جنهن جي دل ڪليل، ۽ تجربو وڏو آهي!

ويچارا امير، انهن جي اميري هوا هئي، هوا ٿي ويندي!"

"جيڪڏهن ماڻهن کي خبر هجي ها ته اسين ٽيءَ اسٽيٽ جا عموضي هٽاسين، ته آهي اسان کي انهيءَ ئي مهل ڪلهن تي ڪٽي گهمائين ها. سچ پچ هڙي "مها لوڪ" ڪان پري ٽي بيهڻ، هڙي بهادر عام کي چڏي ڏيڻ، پنهنجن ڪن پاڙين جو ئي ڪم ٽي سگهيو ٽي! ۽ اوهان کي آءٌ ٻڌايان ٿو ته دلين جي هيءَ جاگرتا، هيءَ سورهائي ۽ هيءَ سرهائي، ۽ مصمت ۾ ٻئي هر ماڻهپي جا هي ثبوت ڏسڻ ڪان پهرين جيڪڏهن اسان جي ذل جا ارادا پختا نه ٻه هجن ها، ته به پهڳڻ زندگيءَ جا هي نظارا ٽي، اسان واسطي، پنهنجن حقن ماڻڻ لاءِ ۽ پنهنجين ڪنيل ذميدارين کي پوريءَ ديانت سان نباهڻ لاءِ، ۽ اسان جي دلين کي لوهه مان رکي بنائڻ لاءِ، هوند ڪافي ٿين ها.

"پنهنجي ملڪ جي هين راڄڌانيءَ ۾ اسان پنهنجا چار ڏينهن هڪ بيوهه عورت جي گهر ۾ گذاريا، جنهن جو نالو ليفرانڪ [= جيئي فرانس!] هو. مارگريٽ، منهنجي ساٿيءَ، پادريءَ جئڪس، سان گڏجي، سچي پئرس ڏسي ورتي — شهر جو وڏو باغ، نات‌ردام جي وڏي ديول، شاهي محل، ۽ شهر جا سڀ وڏا ناڪ گهرَ بـ. آءٌ پنهنجي گالهه ڪريان ته منهنجي، بهرحال، هڪ ئي خوشي هئي — شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ گهمڻ جي — چونڪن ٽي بيهندي، آنسان جيڏانهن آيم ٽي اوڏانهن نڪري ٽي ويس، ۽ سين ندي جي ڪپن تان ڏيندي، جتي

پراڻن ڪتابن جا دوڪان هئا، ۽ پُليون لنگهندي، "پراڻن ڪپڙن جي دوڪانن ۽ مڪانن جي هٽن تان ويندي، شهر جو ڪو هنڌ ڪونہ ڇڏيم جتي ڪو رستو، ڪا گهٽي وڻي ٽي ويتم. ڪڏهن ڪڏهن آءٌ ڪنهن دوڪان وٽ بيهي ٽي رهيس، ۽ جيڪو مناسب ماڻهو سامهون ٽي. آيم تنهن سان گهالهائڻ ۾ بيهي ٽي رهيس، يا وري ڪنهن انڊي فقير جو دڪي راڳ ٽي بيهي ٻڌم. وقتي، ڪٿي ڪاپل پٽ ۾ ڪو مسخرو پنهنجو کيل رچايو بيٺو هو تہ آهو ٽي ڏٺم. پاليل ۽ قوائد سکيل ڪتن، ۽ ڏندن آکوڙيندڙ هنربازن جي تہ ڪمي ڪانہ هئي، جن وٽ دهل ۽ توتارا هئا جيڪي وڄائي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن پئي ڇڪمائون؛ پر بهترين کيل جيڪي مون ڏٺا، سي هئا "پونت نيف" نالي چؤسَول تي؛ گهمي ڦري، موٽندي، اُتي ضرور بيهي رهندو هوس، چو تہ آهو رستي تي بہ پوندو هو، ۽ کيل بہ ڪهڙا! بس ڪِلي ڪِلي ماڻهو کيرا ٽي پوندا هئا: پر سڀو نشانو مسخريءَ جو شهزادا ۽ امير هوندا هئا ــــ آهي ٽي پاڻ کي عقل جا اڪابر سمجهڻ وارا ڏيکاريا ويندا هئا تہ ڪهڙيون نہ نالائقيءَ جون ۽ بيعقلائيءَ جون گالهيون ٽي ڪمائون! ڪيترائي ڀيرا مون کي تہ کلندي کلندي، اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا.

"آءٌ پئرس جي راج سينگ جي بينڪ ۾ بہ لنگهي ويس، جتي هنن اڃان پنهنجو شڪايت‌نامو پئي ٺاهيو ۽ مطالبن جي فهرست پئي تيار ڪئي. هنن بنهم هاٿي ڏاڍو هڪ ڏاهپ پريو نهراءُ بحال ڪيو آهي ــــ هيءُ تہ هُو هڪڙو امينن جو سنگ" دائمي طور قائم رکندا، جيڪو نہ رڳو سندن عيوضين تي نظر رکندو پر آنهن کي صلاحون ڏيندو ۽ پڻ خبردار ڪندو ۽ چتاءُ ڏيندو، جي هنن ڪڏهن بہ پنهنجن اقرارن ۽ ذميدارين ۾ ڪا خيانت ڪئي. اِهو هُنن جو هڪ وڏو خيال آهي، استاد جين! پر بدقسمتيءَ کان آهو اڃان ہن هنڌن تي اسان جي ماڻهن جي دل ۾ نہ آيو آهي. چو تہ اهڙي ڪنهن عيوضيءَ مان ڪهڙو فائدو، جيڪو ڪنهن جي نظرداريءَ هيٺ نہ هجي ۽ جن هن کي ووٽ ڏيئي مٿي موڪليو تن جي پرواهہ نہ ڪندي، بلڪ آنهن جي

مرضيءَ کي عدولهي، هو پنهنجو ووٽ وڪڻي ڇڏي، رڳو انهيءَ ڪري، جو هو وڏي دولتمند ٻڍي ويو ۽ ٻيا آهي ٿي غريب رهيا، ۽ چاڪاڻ ته هُن جي حمايت آها طاقت ڪري رهي آهي جنهن هن کي خريد ڪري ورتو آهي، ۽ سندس اصلي مالڪ ڪمزور آهن ۽ آنهن جو آن وقت ڪو حمايتي ڪونهي؟ انهيءَ ڪري، پئرس جي راج سنگ ٿهراءُ پاس ڪيو آهي، سو اسان لاءِ تمام گهڻو فائديمند ٿي سگهي ٿو. ان ۾ هڪڙو اهڙو نُڪتو موجود آهي، جيڪو ملڪ جي نئين آئين جو پهريون ٻرو هجڻ کپي، ڇو ته جو انڊ ڪنڊڻ کي رد ڪرڻ جو اختيار يه ضروري آهي، بلڪ آنهن کي پنهنجي چونڊيل عيوضيءَ کان، جيڪو ڪيل اقرار يا ملهل فرمان جي خلاف ورزي ٿو ڪري، جواب طلبي ڪرڻ، مٿس مقدمي هلائڻ ۽ ڏوهي ثابت ٿيڻ تي ڪيس سزا ڏيڻ جو اختيار به هڻڻ کپي، بلڪل آنهيءَ هڪ شخص جيئن جيڪو جڏهن امانت ۾ خيانت ٿو ڪري تہ سزا به ڪائي ٿو. ان کان سواءِ، هر گهالهه رڳو خسيس فائدي لاءِ ٿيندي رهندي.

"هِن عظيم تحريڪ کي ايتري ويجهي ڏسڻ سان جيڪا مون کي خوشي ٿي، آن کان به ڪجهه مٺيرو دل جي تسلّي مون کي اڃا به ٿي، جو ڏٺم ته هِنن ماڻهن کي پوري خبر هئي ته هِنن چا ٿي گهريو ۽ آن لاءِ هو چا ڪري رهيا هئا. رات جي مانيءَ ڪائي، آءٌ 'شاهي محل' ۾ ويس جنهن جا دروازا ڊيوڪ آف آرليانس پهاڪ لاءِ کليل ٿي رکيا. هوئن هو هڪ عياش شخص ئي هو، پر، بهرحال، هو منافق ڪونه هو، ڇو ته رات جو شرابخاني ۾ يا ٻئي ڪنهن عيش گهر ۾ گذاري، صبح جو هو ديول ۾ وڏي پادريءَ کان مسيح جون حديثون ٻڌڻ کولهه ٿو وڃي، ۽ نه ئي ٻئي ڏينهن جي عيش ڪوشيءَ کان اڳ هو اڄ جي کيل ڏوهن کان توبهه تائب ٿي، آنهن جي سزا کان ڇوٽڪارو ٿو وٺي. هُن لاءِ ائين به ڇو وڃي ٿو ته هو سيئوس ۽ سيرايو ٻنهي جو دوست آهي. کي هُن تي الزام هڻڻ ٿا ته پئرس ۾ جيڪي بدمعاشن جا ٽولا آهن، جن جو ڏنڊو ئي شهر ۾ قرلٽ جي بازار گرم رکڻ آهي، آهي هُن جا ئي آندل آهن؛ پر ان گهالهه تي اعتبار

ڪرڻ مشڪل آهي، ڇو تہ، هولناڪ سماڄي ڪان پوءِ ٿي اهي بدمعاش هڪ ٻہ، هڪ ٻہ ٿي، شهر ۾ پئي آيا آهن ۽ ايندا ٿا رهن، ۽ آهي تہ اڃان ٻہ اڇڙائي ڪاڏي جي تلاش ۾ خوار خراب ٿيا رلندا ٿا رهن، ۽ ٻيو تہ فصلن تي اوپي ٽڪڻ لاءِ ڪڙڻ ڪي ڪنهن جي حڪم جي يا رڳو چوڻ ئي جي ٻہ عام طرح ڪا ضرورت ڪانہ هوندي آهي!

ڇا ٻہ هجي، پر بادشاهہ ۽ راڻي هن پنهنجي هڪ نواب ڪي بيحد ڏڪارين ٿا، ۽ انهيءَ هڪ گاڏهہ جي ڪري گهٽا ماڻهو وڏي هٿ جا دوست ٻہ ٿي پيا آهن! هن جي 'شاهي محل' جا دروازا ڪليل رهن ٿا، ۽ اُن جي سايہ دار وڻن جي قطارن وچان ماڻهو بيخوفا گهمي ڦري سگهن ٿا. مسيحي مهنت، جيڪي پاڻ ڪي راهب، تارڪ، چوائين ٿا، تن جي رهائش جون چار قطارون هن پُرلطف محل جي چوگرد اڏيل آهن، ۽ انهن جي ئي مٿان بهترين دوڪان ۽ پُرس جا بيحد دلڪش هوٽل ۽ چائخانا ٻہ ٺهيل آهن. حقيقت ۾ هيءَ جاءِ گهٽي قدر گرم خون رکندڙ جوانن ۽ صحافين جو دلپسند اڈو آهي، جتي هو اوپي پنهنجن چوٽ آوازن ۾ هڪبين سان سوال جواب ۽ بحث مباحثا ڪن ٿا، ۽ ٻئي ڪنهن ڏانهن هو ڪو ڏيان ڪونہ ٿا ڪن. هو، جو ڪجهہ چون ٿا، سو ٻہ هرو پرو ڪو ڏاهپ جو انمول خزانو ڪونهي، بلڪ اڇڙائي سندن آهي دز جا ۽ تنهن جا ڏوڙيا آهن جيڪي اڪثر ٻڌندڙ ڪنن جي چيرن مان ٽڪري هليا ٿا وڃن، ۽ پٽيان انهن جي مشڪل ڪو داڻو آڏ ئي وڃي رهي ٿو. مطلب تہ اڇڙن سفيد پوشن وت وڪڻ لاءِ ڪڪ ڪان وڌ ٻُهم جا تيلا ئي هوندا آهن. مون هنن کي گهٽائي پيرا ويهي ٻڌو آهي، ۽ پوءِ وڻائڻ آڻي هلمو آيو آهيان، انهيءَ حيرت ۾ تہ نيٽ هنن چوڻ جا ٿي چاهيو! بهرحال، هنن جا لفظ، الڳ الڳ ۽ پنهنجي تنهن ۾، ڪجهہ قدر معنيٰ دار ٻہ هجن ٿا، ۽ منجهائڻن کي گالهائيندڙ تہ ڪجهہ ڏاهپ جا سلسلي وار ڪٽا ٻہ پاڻ وت رکن ٿا.

"آتي ويٺي، وڻ جي هيٺان، اسان هڪ ننڍي ٻوتل، پر ڪافي مهانگي شراب جي ٻہ پيتي. آنهن جاين جون مسواڙون ٻہ ڏاڍيون

مهانگيون آهن، ۽ آڏ چئي سگهان ٿو تہ هڪ نديي ۾ ننڍي دوڪان جي مسواڙ ۾ ٻن کان ٽن هزارن ليرن تائين تہ ضرور هوندي. ۽ ان کري، ڪاروبار ۾ آتي تکو هلٽو آهي. درحقيقت "شاهي محل" جو ڏيکاءُ هڪ وڏي ميلي جهڙو ئي آهي، ۽ رات جي سهل، جڏهن آتي بتيون ٻرن ٿيون، تڏهن اُن کان وڌ دلکش نظاري جو سوچي ئي نٿو سگهجي.

"يارهين تاريخ، ٻنڌرن جي ٻن وڳي، اسين سوئي گهر آياسين. اُن ڏوري تان هڪڙيءَ ڳالهہ تي ڏاڍا اسين خوش ٿي سوٽياسين، تہ پئرس جي شهر واسين جي وڏي گهٽائيءَ ٽيءَ استيٽ جي حق ۾ هئي. اسان لاءِ اها هڪ ئي وڏي ڳالهہ هئي.

"هارهين تاريخ جي صبح جو نائين وڳي، اسين پنهنجي مقرر جاين تي وڃي ويٺاسين؛ ۽ جيئن تہ اسان جا ايلچي اچان پادرين ۽ اميرن جي طرف وارن سان ڳالهين ٻولهين ۾ ڪنهن سمجهيوتي تي پهچي نہ سگهيا هئا، اسان پاڻ کي ائين وسهڻ ۾ صحيح سمجهيو تہ هو اسان سان ڳالهين ۾ سنجيده نہ هئا ۽ رڳو وقت وڃائڻ ٿي چاهيائون. انهيءَ ڪري، اُنهيءَ نشست ۾ اسان اڳتي وڌڻ لاءِ ڪن اقدامن تي سوچڻ ضروري ڄاتو، ۽ اُن مقصد لاءِ پريزيڊنٽ ۽ سندس نائبن کي اهو اختيار ڏنوسين تہ هو ايوان جي سيني عيوضين جي نالن جي هڪ فهرست تيار ڪن — ۽ پوءِ اهو فيصلو ڪيوسين تہ هفتي جي هر ڏينهن لاءِ هر علاڻقي جي عيوضين مان هڪ عيوضي نامزد ڪري، هڪ محافظ جو دستو تيار ڪيو وڃي، جيڪو ايوان ۾ بحث مباحثي هلندي نظم ۽ ضبط قائم رکي، ووٽ وٺي ۽ انهن جي ڳڻت ڪري، هر سوال تي راين جي اڪثريت جي داخلا رکي، وغيره وغيره.

"ٻئي ڏينهن تي اسان وٽ امرن جي ايوان طرفان هڪ وفد آيو — اُسان کي اطلاع ڏيڻ تہ آهو ايوان" هاڻي پوريءَ طور نظامجي چڪو هو، ۽ هُنن پنهنجو صدر ۽ گهربل تعداد سيڪريٽرين جو بہ نامزد ڪري ورتا هئا، ۽ ٻن اقدامن سان گڏ (جيئن تہ رجسٽرن جو رکڻ، وغيره وغيره) هنن جداگانہ پنهنجن اختيارن جي تصديق شروع

ڪري ڏني هئي ـــ مطلب اهو ته هُنن فيصلو ڪيو هو ته هو اسان کان علحده اڳتي وڌڻ لاءِ تيار هئا.

"سا ڳئي ڏينهن، پادري ايوان وڏان اسان کي اطلاع پهتو ته هو ڏنهي ايوانن جي گڏيل نشست ۾ مشترڪ طور عيوضين جي اختيارن جي تصديق لاءِ اسمبلي ۾ ٽي ۽ اسٽيٽ جي وفدن سان گڏيهه پوليس ڪرڻ لاءِ پنهنجا 'مختيار' نامزد ڪري چڪا هئا.

"ان تي وڏو بحث مباحثو ٿيو. اسان مان ڪن جي مرضي هئي ته پادري حضرات جي صلاح پٽاندر اسين گڏيهين پوليس لاءِ پنهنجا مختيار به نامزد ڪريون، پر پوءِ اها صلاح ڏني ته اسان کي اهو اعلان ڪرڻ ڪپي ته اسين فقط انهن کي قانوني طور عيوضي تسليم ڪنداسين جن جا اختيار اول ئي گڏيل نشست ۾ مشترڪ طور تصديق ٿيل هوندا، ۽ پيو ته اسان کي اسمبلي ۾ پادري حضرات جي عيوضين کي دعوت ڏيڻ ڪپي ته هو سال ـ ڊي ـ اسٽيٽس ۾ اچي، اسان سان گڏ ويهن، جتي اسين هُنن لاءِ گذريل اڻ ڏينهن کان ترسيا وينا هئاسين.

"جيئن ته گڏيهه پوليس گرما گرم ٿيندي ويئي، ۽ گهٽن ميمبرن اڃان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ گهريو ٿي، بحث کي ٻئي ڏينهن تائين مهمل ڪيو ويو. سينٽ ايٽيني ۽ جي عيوضي، رٻاڙي، ۽ ٻين ـ جڪي سيئي وڏي ۽ لياقت جا صاحب هئا ۽ ماهر گڏيهائيا هئا ـــ جو خيال هو ته اسان کي اڳتي وڌڻ ڪپي، يا وري خاموش ٿي ويهڻ گهرجي، ته جيئن امير لوڪن ۽ پادري حضرات کي سوچڻ جو موقعو ملي (جڏ انهن پاڻ ئي سوچڻ تي اڳي ئي ڪافي ڪي ڏينهن ضايع نه ڪيا هئا!) پر، آخرڪار، ڪجهه ڏينهن جي وڌيڪ بحث کان پوءِ رٻاڙي پنهنجي گڏيهه ميجائي ورتي، ۽ اسان مان سورهن ميمبرن کي چونڊيو ويو، ان لاءِ ته اسمبلي ۾ پادرين جي وفدن سان ويهي مسئلي جي حل تي گڏيهيون پوليهيون ڪن.

"ان وچ ۾، اسان جي ٽمويهن تاريخ جي نشست ۾، هڪڙي برٽ پيش ڪئي ويئي ته هڪ اصلاح ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي، جنهن جو ڪم هجي ته اسٽيٽس ـ جنرل جي پهرئين اجلاس کان وٺي جو

ڪجهم واقع ٿيو آهي، اُن جي سرپرستي احوال کي ترتيب ڏني وڃي؛ پر آهارت پاس نہ ٿي سگهي، انهيءَ دليل جي بنياد تہ سچي اُن احوال جي پڌرائيءَ تي ملڪ ۾ ڏيڏو هُل مچي ويندو، چو تہ آها سچي گالهہ عام ٿي ويندي تہ پادري حضرات ۽ امير لوڪن ڪيئن سازش ڪري ٿيءَ اسٽيٽ جي آڏو رڪاوٽون وڌيون ۽ اُن کي ڪجهم بہ ڪم ڪرڻ نہ ڏنو.

"پاويهينءَ ٿيويهينءَ تاريخ، هڪڙو افواهہ اُٿيو، ۽ عام ٿي ويو، تہ بادشاهہ سلامت اسان جي آڏو قرض جي هڪ رٽا رکڻ وارو آهي، جنهن جو اهو لتجو نڪرڻو هو تہ اسين سڀ اهڙي جا آهڙا آتي ٿي رهجي وڃڻا هئاسون ۽ انهيءَ نئين قرض ذريعي سچيءَ سرڪاري ڪوت جو پورائو ٿي وڃڻو هو، ۽ نتيجي ۾ اسين، اسان جو اولاد ۽ سڀ اسان جا ايندڙ نسل دائمي طور دستاويز چڏائيندا رهنداسون ۽ مڙهيل هٿڏيون پريندا رهنداسون! ساڳئي وقت پئرس ۽ ورسائيلز جي آسپاس فوجن جا ڪٽڪ بہ اچي گڏ ٿيا هئا.

"چويهينءَ تي اسان نظم ۽ ضبط قائم رکڻ جا پنهنجا ڪانون ڌاهي پورا ڪيا، ۽ ساڳئي وقت اسان جي وفدن جا ماڻهو هٿين خالي موٽي آيا ۽ ٻڌايائون تہ امرن جو وفد ساڻن ڪنهن بہ فيصلي تي اچڻ لاءِ تيار نہ هو.

"ٻئي ڏينهن، ميرابو ايوان ۾ آٿيو ۽ آٿي، هُن، جو ڪجهم اوسين تائين واقع ٿيو هو اُن جو پوتا ميل بيان ڪيو، ۽ چيائين: 'امير لوڪ، گڏ ويهي، اختيارن جي ملهتڙ ڪ تصديق نٿا چاهين؛ پر اسين اُن گالهہ تي مضبوط بمثل آهيون. هوڏانهن پادري حضرات آهن، جيڪي اسان کي ناهڻ جي ڪوشش ۾ آهن. سنهنجي انهيءَ ڪري رٽ آهي تہ اسين پوري ايمان ۽ سنجيدگيءَ سان هڪڙو وڏو وفد پادري لوڪن جي ايوان ڏانهن موڪليون، انهيءَ مقصد سان تہ آهو اُنهن کي "صلح ۽ امن جي خدا" جي نالي ۾ مڃائڻ جي پوري ڪوشش ڪري تہ هو حق، انصاف ۽ عقل جي پاسي قدم وڌائي اچن ۽ اسين

جيڪي سندن عيوضي پائر آهيون تن سان مشترڪ هال ۾ اچي گڏجي ويهن.

"۽ آهو سڀ عام خلق جي آڏو فوراً ڪيو ويو؛ جيڪي آتي، اسان کي چوڌاري ورايو، حاضر ويٺا هئا، ۽ جمئن ئي کو نالو وفد لاءِ پيش ٿي ٿو ۽ هنن جي دل وڻان هو، تہ هُنن خوب تڙيون وڄائي ۽ هوڪرا ڪري اُن تي پنهنجي پسند جو اظهار ٿي ڪيو.

"ٻئي ڏينهن تي (يعني الاويهين تاريخ) اهي حڪم ڪيڙا ويا تہ هال جي اندر اسيمبليءَ ۽ عام خلق جي وچ ۾، ستڙو ٿاهي، ٻنهي جي الڳ الڳ ويهڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ۽ پڻ اسان جو وفد بلڪل اُن ڏوني جمئن ميرابو اڳي ئي گالهہ صاف ڪندي چيو هو، تيئن پادري حضرات جي ايوان ڏانهن خيرن سان روانو ٿيو.

"ساڳئي ڏينهن، اسان کي بادشاهہ وٽان هيءُ خط ملڻو: 'مابدولت کي مُطلع ڪيو ويو آهي تہ ٽنهي نظامن جي وچ ۾ اختيارن جي تصديق جي مسئلي تي جيڪي سوال آڻيا آهن، اُهي اڃان حل ٿي نہ سگهيا آهن. اسان کي اهو ڏسي. دلي رنج پهتو آهي، بلڪ وڏو اونو ٿي ٻيٺو آهي، تہ جيڪا اسيمبلي اسان رياست جي ٽئينءَ اوسر لاءِ سڏائي هئي، اها بي‌عمليءَ جي راهہ سان لڳي، مونجهاري ۾ ڦاسي ويئي آهي. انهن حالتن ۾، اسين ٽنهي نظامن جي نامزد ٿيل وفدن کي دعوت ڏيون ٿا تہ هو اسان جي پنهنجي نامزد ڪيل وفد سان گڏ شاهي مهر بردار جي موجودگيءَ ۾ ويهي گالهين جو سلسلو جاري رکن، تہ جيئن اسين پاڻ ۾ اُنهن سر چاڪ رڻ کان باخبر رهي سگهون جيڪي ويچار لاءِ پيش ٿيندڙيون رهن، ۽ جيترو ٿي سگهي اوترو اسين پاڻ صلح ساز ڪوشش ۾ سڏيءَ طرح مدد گار ٿي سگهون، تہ جيئن ڪنهن فيصلي تي اتفاق ٿي سگهي، جيڪا ئي اسان کي پڪ آهي تہ سڀني جي دلي خواهش آهي."

"ان خط سان ائين ٿي لڳو، جڻ اسين ــــ اسين، راج سنگن جا عيوضي ٿي، هئاسون، جن، گذريل ٽن هفتن جي دوران، اسٽيٽس جنرل کي بي‌عمليءَ جي راهہ سان لڳايو هوا ــــ تہ اُهي اسين ٿي هئاسين جن عمل جي علحدگيءَ جي خواهش رکي ٿي، ۽ اُهي ۽ اسين هئاسين جن

قومي ـــ ۽ رياست جي نئين اوسر جوءِ ـــ حقن جي مقابلي ۾ پنهنجون قديمي مراعتون ۽ پنهنجا مخصوص حق بچائڻ ٿي گهريا!

"ظاهر هو تم اعليٰ حضرت اسان کي ٻار" ٿي سمجهيو.

"ڪيترن ٿي عيوضين خط جي مخالفت ۾ ڳالهايو ـــ آنهن ۾ ڪانئو ٻ هڪ هو. جو ڪجهه هُن چيو ٿي، اُن جو لُب لُباب هي هو تم نئين سر ڳالهيون پولهيون بيسود ٿيندیون. ڇو تم امير لوڪ ڪابه معقول ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا؛ تم ٿي ۽ استيٽ طرفان اسان کي مُهر بردار جي ماتحتيءَ ۾ ويهڻ کان انڪار ڪرڻ ڪري (جيڪو قدرتي طور اميرن جو پاسو ڪٽندو)؛ تم اسان جي وفد جا ميمبر بادشاهه جي وفد جي ميمبرن آڏو اِئين لڳندا جڻ وڪيل هجن جيڪي جج اڳيان پنهنجو ڪيس پيا گهائيندا، جن دل ۾ سندن خلاف فتوا جو اڳي ئي فيصلو ڪري ڇڏيو هجي؛ تم آني هڪ پيرو آها ئي ڳالهه واقع ٿيندي جيڪا ۱۵۸۹ع ۾ ٿي هئي، جڏهن بادشاهه ساڳئي ڏمونسي ۾ ماڻهن جون دليون پنهنجي پاسي ڪرڻ گهريون هيون، ۽ سچيءَ ڪائونسل کي آني ٻڌائي، ۽ هٽڪڙيون هٽائي، پوريءَ خاطريءَ سان آخر ۾ آئين هُن ڪري ٻ ورتو هو!

"اڪثر عيوضين اِئين ٿي سوچيو ـــ آنهن خط کي پنهنجي لاءِ وچايل هڪ جار" ٿي سمجهيو.

"بهرحال، ٻئي ڏينهن (اوٽيهين تاريخ)، اسان فيصلو ڪيو تم 'سرچاوَ ۽ سمجهوتي جا سڀ رستا آزمائڻ' گهرجن'، ۽ اُن لاءِ اسان هڪ نمائڻي عرضداشت بادشاهه جي ويچار لاءِ تيار ڪئي، جنهن ۾ اسان هن جي نيڪدليءَ جا احسان مڃيا ۽ چوسين تم 'ٿي ۽ استيٽ جا عيوضي پنهنجن هموطنين پادري حضرات ۽ امير لوڪن، سان گڏ گڏجي ويهڻ لاءِ اڳي ٻ تيار هئا ۽ هاڻي ٻ تيار آهن.' پر ايندڙ سومر تي (جون جي پهرينءَ تاريخ) اسان جي وفد جو هڪ ميمبر، سينٽ اِنياءِ جو ربادي، آيو ۽ اسان کي اچي ٻڌايائين تم وزير نيڪرَ، تازي تازي، پنهنجي هڪ رٽ ڏني آهي تم هُنن کي، يعني اسان (عام لوڪن) جي وفد کي، علحده علحده نظامن پيران اختيارن جي تصديق جي ڳالهه

ڇڻ ڪجي، ۽ فقط اختلافي ڳالهيون سڃيءَ ڪائونسل ڏانهن فيصلي لاءِ موڪليون وڃن. ان مان تہ اهو ئي ثابت ٿيو تہ ڪاسو صحيح هو، جنهن چيو ٿي تہ بادشاهہ پاڻ ئي اختيارن جي مشترڪ تصديق جي خلاف هو، ۽ هن گهريو ٿي تہ هڪ جي بدران ٻي علحده ايوان ٺهي ڪم ڪن، ۽ اهو بہ تہ هُو ٻيءَ اسٽيٽ جي مقابلي ۾ امير لوڪن ۽ پادريءَ حضرات جي پاسي هو ــــ مطلب تہ ٽورن لفظن ۾، اسان کي ڪنهن بہ ٻئي تي تہ پر پاڻ تي ڀاڙڻو هو.

"جو ڪجهہ هيستائين، استاد جين، مون توکي ٻڌايو آهي، بلڪل صحيح ۽ صاف ٻڌايو آهي؛ ان مان اوهين سمجهي سگهندا تہ سڌا لفظ ۽ اصطلاح، جن کي ڳالهہ ٻولهہ جا 'سرها گل' ٿو چئجي، آهي ڪيترا نہ بي سُود آهن. هاڻي، لابراقس جو نئين ڪان نئين ماڻهو، بشرطيڪ هن کي معمولي سمجهہ هجي، ڏسي سگهي ٿو تہ ڳالهيون ڪٿي ٻيهل آهن، ۽ 'راهہ ۽ رسم' سان ڳالهائڻ وارا لفظ ۽ اصطلاح ڪيتري قدر نہ بيڪار، بلڪ صاف سمجهڻ جي لاءِ ڪيڏي نہ وڏي رڪاوٽ بڻجي بيهن ٿا. سڃي صورتحال، ٽورن لفظن ۾، هيئن بيان ٿي سگهي ٿي تہ 'اوهين ڳالهہ کي هيئن ٿا سمجهو، پر اسين اُن کي ٻيءَ طرح ٿا سمجهون! اوهين اسان جي چوڌاري سپاهي بيهاري سگهو ٿا، پر پوءِ بہ پئرس جا ماڻهو اسان جي پاسي آهن. اوهان وٽ بارود، بندوق، توبون ۽ پاڙيتو ڏاريا (سُئس، رائيل جرمن) فوجي آهن؛ پر اسين پنهنجن ماڻهن جي اعتماد ۽ ووٽن سان ۽ اُنهن وڏن ماڻهن فرمانن سان هٿيار بند آهيون. اوهان کي، بهرحال، ڇاڻ ڪجي تہ اسين پوءِ بہ، ڦُريا ويا آهيون، لُٽيا ويا آهيون ۽ گڙڪايا ويا آهيون، ۽ هاڻي اسين ڦرجي ڦرجي، لُٽجي لُٽجي، ۽ ڪاڄي ڪاڄي، بيزار جي پيا آهيون؛ ۽ جيڪڏهن اوهين سمجهو ٿا تہ اسان کي اِئين ڪائي، اوهين پاڻ کي اڃان وڌيڪ سٽيو ۽ طاقتور ٻڌائي سگهندا ــــ چگو تہ پوءِ اِن کي اسين بہ ڏسي رهنداسين.'

سڃي تاريخ هين هڪ حقيقت تي ٻيهل آهي تہ راهہ رسم جا لفظ، طرز ۽ طرح جا اصطلاح ڪنهن بہ ڪم جا نٿا رهن، جڏهن حقّ ۽ انصاف ٻڌري صورت وڻي ٿا بيهن. 'اسين بيوقوف ٻڌايا ويا آهيون'،

اسمن ائين ٿا ڇئون. ’هاڻي اسان کي گاڏهين جي بنيادن کي جانچڻو آهي، آنهن جي پاڙن کي هٿن ۾ جهلي ڏسڻو آهي. ادائگيون اسين ٿا ڪريون، انهيءَ ڪري اسين جاڻڻ گهرون ٿا ته اسان جي پئسن جو چا ٿو ٿئي، ۽ اسين ڏسڻ گهرون ٿا بلڪ پڪ ڪرڻ گهرون ٿا ته آئنده ڪيئن نه اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ادائگيون ڪرڻيون ٿيون پون. اسان جا پٽ فوج ۾ ڪم ڪن ٿا، انهيءَ ڪري اسين جاڻڻ گهرون ٿا ته ڪير آنهن تي حڪم هلائين ٿا، ۽ ڇو هو آنهن حڪمن هلائڻ وارن جي حڪمَ تي هلن ٿا؛ ۽ آن سپ مان اسان کي بدلي ۾ چا ٿو ملي؟ اوهين اميرن جا، (پادرين جا،) ۽ ٽيءَ استيٽ جا نظام قائم رکيو ويٺا آهيو، پر آهي فرق ڇو؟ هڪڙن جا پٽ ٻين جي پٽن کان ڪيئن وڌا آهن؟ ائين آهي چا ته هو مختلف نوع جا حيوان آهن؟ چا، ائين آهي ته اميرن جا پٽ خدائن جا ۽ اسان جا حيوانن جا چاول آهن؟ جواب ڏيو! هائو، اهي گاڏهيون آهن، جي صفائي گهرن ٿيون.‘

”پر، هاڻي اڳتي ٿا هلون:

”امير لوڪ فوج تي پاڙيو ويٺا هٿا ـــ هٿن هر شيءِ زور سان وٺڻ گهري ٿي، انهيءَ ڪري هٿن اسان جون تجويزون رد ڪري ڇڏيون هيون؛ جنهن کان پوءِ اسان جي ڏهين جون نشست ۾، اسان جي ۽ امرن جي وڏن جي وچ ۾ ٽيل گاڏهين جا حال احوال اڃان پڙهجي پورا ئي ٿيا هٿا، ته ميرابو آڻي ٻڌو ۽ پنهنجي راءِ طور ايوان کي ڏياريين ته لوڪ ستنگتن جا عيوضي وڌيڪ خاموش ويهي نٿي سگهيا: ته اسان کي پنهنجا کي فرض پورا ڪرڻا هٿا، جن جي پوئواري ڪرڻ فوراً اسان تي لازم هئي؛ ۽ اهو ته پئرس جي عيوضين مان هڪ کي هڪَ تمام وڏيءَ اهميت واري تحريڪ پيش ڪرڻي هئي ـــ جنهن کان پوءِ، هٿن، يعني ميرابو، آن عيوضيءَ کي پوري ڏيان سان ٻڌڻ لاءِ، پوري زور سان اسان کي فرمائش ڪئي.

”اهو عيوضي آبجي سيئوس هو ـــ جالهين کان پنجيتاليهه ڪن سالن جو، ۽ پئرس جي ميدي محلي جو ويٺل آهي. هو گاڏهائڻ ۾ ڏيرو آهي، آواز سندس ٿلڏو آهي، پر هن جا خيال اوچا آهن. توکي ته خبر

آهي تہ هِن جي ڪتابن جون ڪيتريون ئي ڪاپيون سون پنهنجن هٿن سان وڪيون آهن، ۽ آنهن مان پاڻ ڇا ڇا نہ سکيا ورتي آهي، پنهنجي تر ۾ توڙي سڄي فرانس ۾ هن جا ڪتابچا ۽ مضمون ڳولي ڳولي ماڻهن پئي پڙهيا ۽ پڙهايا آهن.

"سڄي هال جي مڪمل خاموشيءَ ۾ پوءِ، هُن جو ڪجهہ چيو، سو هيءُ هو:

"اسٽيٽس-جنرل جي پهرئين اجلاس کان وٺي، راج سنگهن جي هلت ڪليل ۽ صاف پر وزنائتي ۽ پنهنجي حدن اندر پئي رهي آهي- هِنن پنهنجي مريادا ۽ شان مطابق، جيتري قدر ممڪن ٿي سگهيو اوتري قدر، پادرين ۽ امير لوڪن لاءِ عزت پئي ڏيکاري آهي ۽ آنهن کي مان" پئي ڏنو آهي؛ پر موٽ ۾ پنهي آنهن خاص برادرن هِنن شان حرفت بازيءَ ۽ منافقت جو انگ پئي آزمايو آهي. هِنن حالتن ۾ اسيمبليءَ کي جيڪڏهن پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهيءَ ۽ پنهنجن التخابي حلقن جي مفادن کان لاپرواهيءَ جي الزام کان بچڻو آهي، تہ وڌيڪ آن کي اِئين هٽ تي هٽ رکي، آڪارث ويهڻ جو جواز موجود ڪونهي؛ اِنهيءَ ڪري اسان کي فوراً قدم وڌائي، پنهنجن اختيارن جي پاڻ تصديق ڪرڻ گهرجي. امير لوڪ اسان سان گڏجي ائين ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن؛ پر چاڪاڻ تہ هڪڙي ڏراڪتي وڏڻ کان انڪاري آهي، تہ ڇا پيا هڪ هٿ ڏاهو ڪري بيهي رهڻ جي سزا ڪائن لاءِ ٻڌل آهن؟ نہ! تہ پوءِ اسيمبليءَ جي آڏو هي ڪا راهہ ئي ڪانهي سواءِ اِن جي تہ آخري پيرو ٻن خاص ايوانن کي دعوت ڏجي تہ هو اسٽيٽس-جنرل جي هال ۾ اچن ــ ۽ آئي اچي اختيارن جي مشترڪ تصديق جي ڪم ۾ مدد گار ٿين، آن کي تسليم ڪن ۽ پنهنجن اختيارن جي تصديق سان پاڻ ۾ پنهنجي تسليمي ڪرائين، يا، پنهنجي يا ٻين جي انڪار جي حالت ۾ چاهين تہ هال مان آئي هليا وڃن."

"اِن ۾ ميرابو وڌيڪ ٻن لفظن جو هيءُ اضافو ڪيو تہ "سندن نہ اچڻ جي حالت ۾ اسان کي ڪين غير حاضر رهيل پڌرو ڪرڻ ڪجي."

"بيءَ نشست تي، پنجين ۽ آخرين وڳي جي وچ ۾، آئيبي سيئوس جي تحريڪ قبول ڪئي ويئي، ۽ ساڳئي وقت اسان بادشاهه ڏانهن هڪ مانيٽر موڪلڻ جو به فيصلو ڪيو، جنهن ۾ اسان کي پنهنجا خيال ۽ سبب ڪيس لکي پيش ڪرڻا هئا، جيڪي نئين اسٽيٽ جي آن وقت تائين ڪنهل قدمن ۽ پئي آن جي عمل جا بنياد ۽ جواز هئا.

"جمعي جي ڏينهن، جون جي بارهين تاريخ، اسان کي پادرين ۽ اميرن جي ايوان ڏانهن پنهنجو فيصلو روانو ڪرڻو هو، ۽ بادشاهه جو مانيٽر به تيار ڪرڻو هو؛ جنهن مضمون جو هڪڙو مُسوّدو موسيور ميلاني پيش ڪيو، جيڪو جيتوڻيڪ تعريفي جملن سان پريل هو، پر صاف گو ۽ زورائتو پڻ هو. والنهي، بهرحال جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ مصر ۽ مقدس سرزمين مان به ٽي آيو هو، ان خيال، جو هو تہ اسان کي اهڙين سارائتن کان پرهيز ڪرڻ کپي، جيڪي نيچپائيءَ ۽ چاپلوسيءَ جو نتيجو ۽ ڪنهن غرض يا مفاد تي مبني لڳن. اسين هونئن ئي هين وقت جڙتو گهالهيڻ ۽ سازش سان پريل ماحول ۾ رهون ٿا ـــ هت اسين رڳو جيڪا هوا ڪٽون ٿا آن ۾ به اهو شڪ ٽي سگهي ٿو تہ آها اندر وڃي اسان جي دلين کي ڪنو ڪري سگهي ٽي. اڳي ئي ڏسجي ٿو تہ قوم جي ڪن عيوضين کي آن گهٽو ڪاري ڇڏيو آهي. هُن ڪافي انهيءَ طرز جون ٻيون به گالهيون ڪيون، ۽ ميلانو ڪجهه به ڪچي نہ سگهيو.

"آخرڪار، گهٽي ڏي وٺ ڪان پوءِ اسان بادشاهه ڏانهن پنهنجي هڪ وفد هٿان مانيٽر موڪلڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪو موسيور بارنهيو جو تيار ڪيل هو. مانيٽر ۾، اسٽيٽس-جنرل جي شروع ٿيڻ کان اوسين تائين جو ڪجهه ٿي گذريو هو آن جو بيان ٿيل هو، ۽ نئين اسٽيٽ جنهن پنهنجي تازي فيصلي تي پهتي هئي آن جو مضمون پيش ٿيل هو. جيئن اسان جو آهو وفد بادشاهه کي ملڻ کان سواءِ ئي موٽي رهيو هو (چو تہ هو باهر شڪار تي ويل هو)، اسان وٽ اميرن جو ٻيو وفد آچي پهتو ـــ هين پيري اسان کي رڳو اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ هو اسان جي تجويز تي بحث ڪري رهيا هئا! ان تي موسيور بيلايءَ،

ٽيءَ استيٽ تي پئرس جي راج سنگ جي عيوضيءَ، آنهن کي جواب ڏنو: "حضرات، هي سڄي فرانس جا راج سنگ کاڻي وقت کان اوهان، اسان جي آقائن، معزز امير صاحبن، لاءِ ترسيا ويٺا آهن!" پوءِ آنهن جي آن تڪتڪ ۾ راهه رسم جي ناتي وڏيڪ کنهن وقت وڃائڻ جي پاڻ کي عزت بخشڻ بدران (جنهن جي مراد هر واقعي آها ٿي هئي، جيڪا ايسمن تائين، روز بروز ۾ هفتي بهفتي ڏسندا پئي آياسين)، اسان ضلعن جي تڪن مان آيل عيوضين جي باضابطي حاضريءَ ونڊ جو ڪم شروع ڪري ڏنو. آن لاءِ اسان پهرين موسمور ييليءَ کي عارضي صدر چونڊيو، ۽ ڪيس پنهنجن ۾ سيڪريٽرين نامزد ڪرڻ جو اختيار ڏنوسين؛ انهيءَ لاءِ تہ هو اسيمبليءَ جي رجسٽر ۾ آن حاضريءَ جي داخلا، ۽ اسيمبليءَ جي ٻيءَ هر ڪارگذاريءَ جو رکارڪ رکن.

"اِن طرح اسيمبليءَ جي رجسٽر ۾ داخلا جو رسمي سڏ ستين وڳي شروع ٿيو ۽ ڏهين وڳي پورو ٿيو. آن کان پوءِ اسان پاڻ کي دستوري طور، نہ رڳو ٽيءَ استيٽ هجڻ جو اعلان ڪيو (جيئن آنهن 'خاص' نظامن جي ايوانن چاهيو ٿي تہ اسان کي ڪرڻ ڪيي)، پر باضابطي ۽ باقاعدي خود استيٽس-جنرل هجڻ جو پڻ. دراصل، هو ۽ هم خاصن جا نظام، امير ۽ پادري، فقط استيٽس-جنرل جون خالگي ۽ خاص ڪاميٽيون ٿي هيون: اسين ٿي هئاسون جيڪي قومي اسيمبليءَ جا نمائندا هئاسون.

"اِئين، اسان، رڳو ويهي، امير ۽ پادرين جي ڪروٽ ۽ بدتمنائين جي ڪري پنج هفتا وڃايا هئا؛ ۽ اڳتي هلي، اوهين ڏسندا تہ وڏيڪ کهڙا ٻيا آنڪاءَ اسان جي راهه ۾ هٽن وڌا ٿي ۽ وڃڻ چاهيا ٿي.

"آءٌ اوهان کي لفظن ۽ اصطلاحن جي سوالن کي سمجهڻ جي تڪليف ڪانہ ڏيندس، جن تي آن کان پوءِ اسان جون ٿي نشستون ڪيي ويون ـــ مثلاً اهڙا سوال تہ اسين پاڻ کي 'فرينچ ماڻهن جا نمائندا' سڏيون، جيئن سيرابو چاهيو ٿي، يا 'اقليت جي غير موجودگيءَ ۾ ڪم ڪندڙ قومي اڪثريت جي نمائندن جي قانوني اسيمبلي،

جنن آئبهي سمئوس ٿي چيو. آڳ پاڻ تہ اصلوڪي نالي يعني 'استيٽس-جنرل' جي ٿي وڌيڪ حق ۽ هوس، جيڪڏهن اميرن ۽ پادرين کي اسان سان گڏ ويهڻ ۽ اعتراض هو، تہ آهو مسئلو آنهن جو هو؛ ۽ آنهن جي غيرحاضريءَ ۾ به اسين تہ آهائي ۱۷۸۹ع جي استيٽس-جنرل هئاسون ـــ آهو ئي فرانس جي چهالوي في صدي ماڻهن جي نمائندن جو ميڙ.

"تمام گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ، آخر سيئيس جي تحريڪ تي، 'قومي اسيمبليءَ' جو نالو اتفاق راءِ سان قبول ڪيو ويو.

"پر سچ کان سڀني کان اڳ اسان جي سامهون هيءَ آئي تہ اسان جي ٻارهين تاريخ جي اعلان کان پوءِ هر روز کي نہ ڪي لائق ۽ قدر وارا، پادري حضرات، پنهنجن پادري لوڪن جي اسيمبليءَ کي چڏي، اسان وٽ پنهنجن اختيارن جي تصديق لاءِ ايندا رهيا. تيرهينءَ تاريخ پائٿو ڪليسائي علائقي جا ٽي پادري، چوڏهينءَ تاريخ تي ڇهہ ٻيا، پندرهينءَ تي ٻہ، سورهينءَ تي ڇهہ، ۽ اٺڙيءَ طرح ٻيا ٻہ. اوهين اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ آنهن جي ائين اچڻ تي اسين ڪيڏا نہ خوش ٿيا هونداسين، ڪيڏيون نہ هڪبين کي ڪيڪرون ڪيون هونديون سين ۽ ڪيئن نہ وڌي وڌي هڪبين کي پاڪر پا ا هونداسين! اسان جو صدر تہ هر نشست جو اڌ وقت تہ رڳو آنهن درد وند ۽ دلير نائب پادرين کي آدرياءُ ڪرڻ ۽ آنهن جي ٿورن مڃڻ ۾ صرف ڪندو هو، ۽ سڄو وقت خوشيءَ وچان اکين ۾ ڳوڙها پيا ترندا هئس، آنهن مان جيڪي پهرين پهرين اسان وٽ آيا تن ۾ اسپرسمل جو آهي گريگري به هو، جنهن کي سون ڪيترائي پنهنجا ڪتاب وڪيا هئا. هن کي اندر ايندي ڏسي، سون ڊوڙي وڃي ڪيس پاڪر پاتو، ۽ ڪيس ڪن ۾ چيو:

"پلي آئين، جيءُ آئين: تنهنجو هيءُ اسان ڏانهن اچڻ سچ پچ تہ مسيح جي مثال آهي، جيڪو شهزادن ڏانهن نہ، وڏن رئيسن ڏانهن نہ، پر ماڻهن ڏانهن هلي ويو هو.'

"۽ هُن سُرڪي ڏنو هو، ۽ آڳ ۾ن پادرين جي دل جو حال سوچي رهيو هوس، جيڪي، اسان جي اسيمبلي هال جي بنهه لاڳو پٽ سان ٻئي پاسي، پنهنجي ايوان ۾ اچان ويٺا هئا. هي ڪُ آنهن مان ڪن لاءِ ڪيڏي نه افسوسناڪ آندوهم جو معاملو هو ندو! پر حقيقت ۾ آنهن مان جيڪي نائب پادري هئا، سي آتي، جو ويٺا هئا، تہ ڇڻ پنهنجن دشمنن سان رليا ويٺا هئا، جيڪي صدين کان ڪون ذليل ۽ خوار ڪندا ٿي رهيا. آنهن سان آتي گڏجي ويهڻ آنهن لاءِ ڪا عقلمنديءَ جي گاڙهم ڪانہ هئي. ڇا، ماڻهن جي دل ساڳي دل نہ هئي، پوءِ آها ڪنهن ننڍي پادريءَ جي چوغي هيٺان ڏڪندي ٿي، يا ڪنهن هڙ ڪاهندڙ هاريءَ جي قاتل صدريءَ هيٺان؟

سترهين ۽ تاريخ تي، ڇڻ ڪان پنجن هزارن جي عام خلق جي آڏو، اسيمبليءَ پنهنجي باضابطي نظمايل وجود جو اعلان ڪيو، ۽ آن جي هر هڪ ممبر هي ڪُ قسم نامو پڙهيو: "آڳ هين بيان ذريعي واعدو ٿو ڪريان ۽ قسم ٿو ڪڻان تہ آڳ پورا ڪندس ديانتداريءَ سان ۽ دل ۽ جان سان سڀ آهي ڪم جيڪي منهنجي سپرد ڪيا ويا آهن." ۽ پڻ اسان موسيو بيليءَ کي سندس صدر جي عهدي تي بحال رکيو، ۽ اتفاق راءِ سان اعلان ڪيوسين تہ "هيءَ اسيمبلي عارضي طور، ۽ قوم خاطر، موجوده ٽئڪسن جي وصوليءَ جي منظوري ڏئي ٿي (جيتوڻيڪ آهي غير قانوني طور نافذ ٿيل آهن، ۽ هيلتائين غير قانوني طور وصول ٿيندیون رهيون آهن)، پر فقط هين اسيمبليءَ جي پهرينءَ برخاستگيءَ تائين، پوءِ آها برخاستگي ڪهڙي به سبب ڪان عمل ۾ اچي؛ ۽ آن تاريخ کان پوءِ، بس آن برخاستگيءَ جي ئي سبب ڪان، ملڪ جي هر صوبي ۾ ٽئڪسن جي هر وصولي بند سمجهي ويندي."

"استادڙجين! اوهين هاڻي، فقط اِنهيءَ هڪ گاڙهم تي سوچيو، ۽ هر طرح اِها خاطري ڪريو تہ اِها گاڙهم پنهنجي ضلعي جي ڪمردن ۽ مُکُ ماڻهن به پوريءَ ريت سمجهي ورتي آهي ـــ هاڻو، اِها هڪڙي گاڙهم! ڪهڙي؟ هيءَ تہ اسان جي گذريل صدين جي سڄي ٻيڙا ۽ سڄو آنهن جو ڏک ۽ عذاب اِنهيءَ هڪ حقيقت منجهان پيدا ٿيل آهي

تہ اسين کافي کوتاهم نگاهم ۽ کافي بزدل هئاسون، جو اسان آهي ٽئکسون ادا کندا پئي رهياسون، جن لاءِ اسان جي نمائندن کڏهن ب ووٽ نہ ڪيو هو. پئسو جنگ لاءِ ائين آهي جيئن ماڻهن جي بت کي خون پهچائيندڙ رڳون، ۽ اسان سڌائين پنهنجا پئسا اهڙن ماڻهن کي پئي پهچايا آهن، جن اسان جي ڳچين ۾ هر وقت رَسا پئي پڌا آهن: انهيءَ ڪري اسيمبليءَ جي برخاستگيءَ کان پوءِ جيڪو ب اهي محصول پيارينڊو، آهو ذليل ترين بدمعاش ٿي ٿيڪبو، ڇو تہ انين ڪرڻ سان هو پنهنجي پيءُ، ماءُ، زال، اولاد ۽ خود پاڻ سان ۽ پنهنجي ملڪ سان غداري ڪندو، بيوبساهي ڪندو، ۽ آهي جيڪي اهي محصول وصول ڪندا، سي ب فرينچ ماڻهو هرگز نہ پر ڏاڙيل ۽ لٽيرا ٿي شمار ٿيندا. اهو پهريون اصول آهي، جنهن جو ۱۷۸۹ع جي قومي اسيمبليءَ اعلان ڪيو آهي.

"قومي اسيمبليءَ جي آها نشست پنجين ڀڳي بند ڪئي ويئي، ۽ جون جي ساڳيءَ سترهينءَ تاريخ جي شام تائين سهمل ڪئي ويئي.

"اوهين اندازو ڪري سگهو ٿا تہ بادشاهہ، راڻيءَ، شهزادن، درٻار ۽ پادري حضرات جڏهن ٽيءَ اسٽيٽ جي هن اعلان جي خبر پڌي هوندي، تہ ڪيڏيون هنن جون اکيون ڦاٽي ويون هونديون! نشست هلندي، موسيو ربيليءَ کي محڪمي قانون مان پيغام پهتو هو تہ هو ذاتي طور آڻي وڃي، هتئون هت بادشاهہ جو خط وصول ڪري؛ پر اسيمبليءَ هن کي پنهنجي ڪرسي چڏڻ جي اجازت ڪانہ ڏني هئي؛ جنهن ڪري شام جي نشست ۾ اسان جي پريزيڊنٽ آهو بادشاهہ سلامت جو خط اسان کي پڙهي پڌايو، جنهن اسان کي مطلع ڪيو هو تہ هن کي، يعني 'مابدولت' کي 'خاص ڏريون' يا 'خاص نظام' جو اصطلاح پسند ڪونہ هو جيڪو ٽيءَ اسٽيٽ جي ڪيترن عوضين، امير ۽ پادڙين لاءِ، بار بار پئي استعمال ڪيو. هائو، اهو اصطلاح هُن کي پسند ڪونہ هو؛ آهو، هن جي چوڻ موجب، آن رفاقت ۽ آن سلوڪ، آن ڏاهم ۽ آن مٺ محبت جي ابتڙ هو جيڪا اسان جي وچ ۾ موجود هئڻ ضروري هئي. پر بادشاهہ 'مابدولت' کي صورتحال واقعي جيئن

آها هئي، تيئن رفاقت جي، سڪ محبت جي، ايترو ڪاهم ٿي لڳي: نہ، بلڪ هن جي چاهنا هئي تہ آها پل تہ آئين ئي رهي جيئن آها هئي!

"جو ڪجهہ اوهان کي ٿورو اڳي مون ٻڌايو، تنهن جي سچ کي اوهين اِن مان پرکي سگهو ٿا، استاد جمن! — يعني هي تہ درٻار ۾ برائيءَ جو، بي‌انصافيءَ جو وجود ئي ڪونهي، جيڪڏهن درٻار آن کي نيڪي ٿيڻ چوي، انصاف ٿي سڏي، ۽ نہ ئي ڪا ذلت ذلت آهي، خيانت خيانت آهي جيڪڏهن آها آتي عزت يا امانت ٿي ليکجي! تہ بادشاهہ سلامت جي خط جو اسين ڪهڙو جواب موڪلي ٿي سگهياسون؟ تنهنڪري، اِن تي اسان ڪٽي مائ اختيار ڪئي."

"ٻئي ڏينهن تي، اسين سيڪيو رسائيلز شهر جي گهٽين مان نڪتل 'مقدس دعوت' جي جلوس ۾ شريڪ ٿياسين، ۽ جمعي جي ڏينهن، اوٽيهين تاريخ اسان تنظيمي ڪم ڪيو ۽ ڪاميٽيون ٺاهيوسين — پهرين ڪاميٽي 'طريقن ۽ وسيلن' جي بندوبست ۽ نظرداريءَ لاءِ، ٻي تصديق ڪارين جي سلسلي ۾، ٽيي خط و ڪتابت ۽ ڇپائيءَ جي انتظام لاءِ، ۽ چوٿين روزمره جي معمول واسطي. هر شيءِ جي هاڻي ابتدا ٿي چڪي هئي، ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ راهہ سڌائي لڳي رهي هئي. پر درٻار کي اها گاڙهہ موافق نٿي لڳي، ۽ خاص طرح اِنهيءَ ڪري، جو آنهيءَ ڏينهن شام جو ڇهين وڳي معلوم ٿيو تہ پادري لوڪن مان ١٤٩ عيوضين پنهنجن اختيارن جي مشترڪ تصديق لاءِ اسان سان گڏجي ويهڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو هو.

اوسين تائين تہ پنهنجين فرماني ذميدارين جي تعميل لاءِ اسان هر مشڪل کي، هر چڙب، طعني.۽ هر عقوبت کي، صبر سان مُنهن ڀئي ڏنو. اسين خاموش هئاسين — چڙڻ ۽ ڪاوڙجڻ جا قدرتي جذبا جيڪي ماڻهوءَ کي اڪثر منافقت ۽ ارڏائيءَ تي آماده ڪندا آهن، تن کان پاسو ڪندا رهياسين. هاڻي، اهو ڏسندي تہ اسان کي پاڻيءَ مان ڪيڏ لاءِ ۽ پنهنجي راه کان بتال ڪرڻ لاءِ، سندن سڀ اڻ - سڌا وار بيڪار ثابت ٿي چڪا هئا، اسان جي دشمنن اسان تي آزمائڻ لاءِ پيا

پنهنجا وڏيڪ غلطِ ۽ وڏيڪ اسان کي بيعزت ڪرڻ جا طريقا آزمائڻ جو ارادو ڪيو.

"۽ هي سڀ جون جي مهيني جي ويهين تاريخ تي شروع ٿيو. آنهيءَ ڏينهن سويرَ صبح جو گهڻن ئي شاهي منادي ڪرندڙ پڌيسين تہ 'بادشاهہ استيٽس-جنرل جو هڪ شاهي اجلاس سوير ڏينهن ٻاويهين جون تي سڏائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن لاءِ ٿنهي ايوانن ۾ گهربل تيارين جي سلسلي ۾ ضروري سمجهيو ويو آهي تہ آڳي سڀئي نشستون آن تاريخ تائين يا "آنهيءَ مٿي چيل" ڏينهن جي آن وقت تائين، جيڪو ٻئي اعلان وسيلي بادشاهہ سلامت مقرر فرمائي، مهمل رکيون وڃن.'

"ساڳئي وقت اهو بہ معلوم ٿيو تہ فوج جي 'گارڊ فرنٽڪاس' نالي پلٽڻ جي جوانن استيٽس جنرل واري هال سال ڊي-ميئوس، کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو آهي، ۽ اهو هاڻي آنهن جي پهري هيٺ هو. اسان سان هر ڪو فوراً سمجهي ويو تہ نازڪ گهڙي مٿان اچي ٻهتي هئي، ۽ سون جڏهن پوري ستين وڳي پنهنجن ٻن ساٿين، جيراڊ ۽ جئڪس، کي مٿي پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن ايندي ڏٺو، تہ سون کي ڏاڍي خوشي ٿي. آن ڏينهن واري نشست هونئن آئين وڳي رکيل هئي، ۽ جيئن اسين نيرن تي ويٺاسين، تہ اسين پڪو ارادو ڪري اٿياسين تہ اسين پنهنجي صدر سان محڪم رهنداسين ۽ اڏول ٿي بيهنداسين، ڇو تہ هو اسان لاءِ اتحاد ۽ انهيءَ ڪري، اسان جي طاقت جيي علامت هو. سچ پچو تہ آهي ماڻهو، جن ملڪ جي ترقيءَ کي روڪڻ ٿي گهريو، اسان جي نظر ۾ آهي پڪا بدمعاش ماڻهو هئا ــــ هي آهي ماڻهو هئا، جن جو سڄو جياپو پين جي ڪمائيءَ تي هو، هو خالي بت هئا جن کي نہ تجربو هو، نہ صلاحيت هئي، نہ فضيلت ۽ نہ ئي کو عقل هو. سچي آنهن جي طاقت ۽ هستي، اسان جي خيال ۾ عام ماڻهن جي جهالت ۽ حيوانپڻي تي بيٺل هئي، جڪي آنهن جي پهريدارن ۽ پوئتان ويندڙ ڪتن جي سچ ڏج ۽ شان شوڪت تي پنيلجي پاڻ ئي پٺيان لڳڻ لاءِ تيار ويٺا رهن ٿا، ۽ گهڙي پل ترسي اهو سوچڻ لاءِ بہ تيار نہ هوندا آهن تہ سڀ آهي زريءَ جا پٽا، پرت پريل ڪوٺيون ۽ ڪوٺ،

رنگا رنگ ڪنين لڳل ٽوپلا، آهي مهتيل، صاف ٽيل، چمڪدار گاڏيون ۽ گهوڙا، سونا سنڄ ۽ موتين مڙهيل واڳون ۽ وسلا سپ ماڻهن جي پورهئي جي پگهر مان پيدا ٿيل آهن، ۽ انهن بدمعاشن جي حرامپائيءَ ۽ بيحيائيءَ جو نتيجو آهن جن عام ماڻهن کي ڏٺي، هميشه انهن جي ڪمايل پئسن مان اٽين پنهنجا پيٽ ڀئي وڌايا آهن ۽ ڪيسا ڀئي پريا آهن.

"هوڏانهن هوءَ هال جي دروازن کي بند ڪري، اسان کي باهر رکڻ جي سنڊن رڌا ته سنڊن اهڙي هڪ ڇسائي هئي، جو اسين آن تي فقط ڪيلي ئي سگهاسين ٿي.

"اسان، قدرتي طرح، اٽين ٿي سمجهيو ته اسان جي نيڪدل بادشاهه کي انهن شين جو گمان به ڪونه هو ـــ هن جي آئريل، لماٽي طبيعت اهڙين خسيس حرڪتن جي سطح تائين هرگز پاڻ کي ڪيرائي نه ٿي سگهي. انهيءَ ڪري اسان ڪيس سنڊس ساده دليءَ ۽ مهربان طبع لاءِ دعائون ٿي ڪيون. ۽ درٻار جي حماقتن ۽ نڪرپاين کي هن جي ڪاتي ۽ رکڻ لاءِ تيار به نه هئاسين.

اٽين وڳي ڪان پندرهن منٽ ڪن اڳ اسين پنهنجي گهران نڪتاسين، ۽ سال ـ ڊي ـ مينوس جي قريب اچڻ سان ڏٺوسين ته انڪل سؤ ڪن عيوضي هال جي آڏو ميدان تي گڏ ٿي چڪا هئا، ۽ موسيو ر بيلي آنهن جي وچ ۾ بيٺو هو. وڌيڪ ڪجهه چوڻ ڪان اڳ ضروري آهي ته پهرين اوهان کي هن اعليٰ شخص بابت ڪجهه ٻڌايان. آن وقت تائين ماڻهن جي انبوهه ۾ ته هو هڪ معمولي ماڻهو ئي شمار ٿي ٻئي سگهيو، پر اسان هن کي سنڊس نج سونَ جهڙيءَ ديانتداريءَ جي ناموس سبب پنهنجو صدر چونڊيو هو. هو هڪ صاف، سڌوسادو ۽ سالم سمجهه رکندڙ ماڻهو آهي، پنجاهه پنجونجاهه سال ڪن عمر ٿيندس. منهن جي صورت سنڊس ڪجهه ڏکهيري آهي، ۽ سڄيءَ پنهنجيءَ ٻيهڪ ۾ هو هڪ شانائتو ۽ پختي قسم جو ماڻهو لڳي ٿو. سنڊس عادت آهي ته ڪنهن به گالهه ۾ تڪڙ ڪانه ڪندو آهي. ڏسندو، وائسندو، ۽ بحث ۾ پوءِ حصو وٺندو آهي. پر هڪ ڀيرو پنهنجو رايو يا پنهنجو ڪو ارادو

قائم ڪيائين، تہ پوءِ آن تان آسانيءَ سان هٿ وارو هو نہ هو.

"ٿوري ئي وقت ۾، الڳ الڳ پاسن کان، ٽيءَ اسٽيٽ جا ٻيا عيوضي بہ آتي اچي پهتا؛ ۽ گهڙيءَ جي پوري نائين جي ٽڪاءَ تي، موسيور بملي ۽ سندس ٻن سيڪريٽرين جي اڳواڻيءَ ۾ اسين اسمبلي هال ڏانهن وڌڻ لڳاسين. ٿورن گارڊ فرنٽڪاس وارن آتي، وڏي دروازي جي آڏو پئي پسار ڪئي؛ ۽ جيئن ئي هنن اسان کي ايندي ڏٺو، تہ هنن جو وڏو آفيسر اڳتي وڌي اسان کي ملڻ آيو. موسيور بمليءَ وڌي هن سان سرگرم گالهہ ٻولهہ ڪئي، ۽ جيتوڻيڪ آءٌ هنن جي ايڏو ويجهو نہ هوس، جو ٻڌي سگهان، مون اهو ٿي اندازو لڳايو تہ دروازو اسان لاءِ بند ڪيل هو، ۽ محافظ فوجي آفيسر، رسمي فضيلت سان، پنهنجن بالا عملدارن جي حڪم جو دليل ڏيندي، آن لاءِ پنهنجي مجبوري ڏيکاري رهيو هو. اسان جي ڪاوڙ جو پارو چڙهندو ويو. ويهن ڪن منٽن جي اندر، اسان جي ساٿين جو انگ لڳ ڀڳ اڇي پورو ٿيو هو؛ ۽ چاڪاڻ تہ آفيسر، پنهنجي سڃيءَ فضيلت جي باوجود بہ، اسان کي اڳتي وڃڻ جي موڪل نٿي ڏني، اسان جي عيوضي ساٿين مان گهڻن فوري غصي ۾ پرجي زوردار احتجاج ڪيو، جنهن کان پوءِ اسين پوري گوڙ ۽ شور سان هٿي، محلات جي لوهي جهنگلي تائين وياسين ۽ آتي وڃي بهي رهياسين. ڪن رڙ ڪري چيو تہ اسان کي محل ڏانهن وڌي ٽڪريءَ تي محل جي درين هيٺان بيهي پنهنجو اجلاس ڪرڻ کپي؛ ٻين دانهن ڪئي تہ بادشاهہ جي اصل مرضي هئي تہ ملڪ کي گهرو لڙائيءَ جي جهنم ۾ اڇلائي ڇڏجي، ۽ ماڻهن کي ائين بکن ۾ ماري پاهہ ڪجي جيئن ظالم لوئي يارهين ۽ آن جي سنگدل وزيرن، رچلئو ۽ مازارين، جي ڏينهن ۾ بہ نہ ٿيو هو!

"ورسائيلز جي اڌ آبادي اسان جي ڪاوڙ ۾ اسان سان شامل ٿي ويئي. سيني پاسن کان سرد ۽ زالون ڊوڙندا اسان ڏانهن اچڻ لڳا ۽ ڪن ڏيئي اسان جون گالهيون ٻڌڻ لڳا.

"انڪل ڏهين وڳي، موسيور بملي غائب ٿي ويو، ۽ اسان کي خبر ئي ڪانہ رهي تہ هو ڪٿي هو ۽ ڪهڙو حال هوس! اوچتو ئي

اسان جا سائي عوضي ڏوڙندا آيا ۽ اڃي خبر ڏنائون تہ هوٽل ڊي-اسٽينس سان، پنهنجي وفد جي ميمبرن جي مدد سان (جيڪي هو پاڻ سان گڏ وٺي اوڏانهن ويـو هو) ضروري ڪاغذ پٽ ڪٽي، هـو سينٽ فرئنڪاس شاهراهہ تـي هڪڙي وڏي هال ۾ وڃي وينو هو. جيڪو هوٽلن تہ ٽينس راند کيڏڻ لاءِ ڪم ايندو هو، پر ايڏو وڏو هو جنهن ۾ اسين سڀ ويهي ٽي سگهياسون.

"الهيءَ طرح، اسان پوءِ، ماڻهن جي انبوهہ سان گڏ، اوڏانهن جو رخ ڪيو ـــ محل جي خاص عمارتن جي پٺ ڪان ويندڙ گهٽيءَ مان ٽپندا، آتي پهتاسين. آها هڪ قديم قسم جي عمارت هئي ۽ ڪاڪي ڪجهہ پر پرو هئي، ۽ آتي پهچندي پهچندي، اسان کي پٿهر ٽپي وياہ. هن تازيءَ ٻيڙتيءَ سان جواسين گذريا هئاسين، ۽ پنهنجي ئي ديوان جا دروازا اسان تي بند ڪيا ويا هئا، آن سان اسين صاف سمجهي ويا هئاسون تہ امير لوڪ ۽ وڏا پادري حضرات اسان جي خلاف آزمايل پنهنجن احتياطي طريقن سان نراس ٽي چڪا هئا، ۽ هاڻي هو اسان تي ٻيا وڌيڪ سخت ۽ ذليل رستا اسان کي ڪهرائڻ جا آزمائيندا. انهيءَ ڪري اسان کي، پنهنجي طرفان ٻہ، اهڙا اقدام اختيار ڪرڻا پوندا، جن سان اسين پنهنجون فرماني ذمهداريون ٻہ ٻوريون ڪري سگهون ۽ پنهنجي وجود کي ٻہ محفوظ رکي سگهون. هن سلسلي ۾ آءٌ في الحال رڳو هيترو چئي سگهيس ٽي تہ هي بدبخت ۽ بددماغ محض زور جي استعمال تي ايترا هريل آهن، جو هو آن کان سواءِ ٻئي ڪنهن قانون کي سڃاڻن ئي ڪونہ ٿا. خوش نصيبيءَ سان اسين پئرس جي ويجهو آهيون، ۽ اها صورتحال اسان کي سندن حرڪتن کي ناڪام ڪرڻ ۾ مددگار ٽي سگهي ٽي.

"تہ، موسيو ربيليءَ جنهن هال ۾ اسان کي ۽ اسان جي وفد جي ميمبرن کي آڻي ويهاريو هو، جتي رواجي طور ٽينس راند کيڏي ويندي هئي، آها هڪ چوڪور عمارت آهي، ڪي پنجٽيهہ فوٽ اوچيءَ ڇت واري، ۽ فرش آن جو ويڪرن ٽڪلهن ۽ لسن پٽرن سان جڙيل هو، ۽ وچ ۾ آن جي ڪوبہ ٽنيو يا پيلپائو آيل ڪونہ هـو، ڇت آن جي سڄي ڏاهن شهتيرن ۽ ڪاٺ تي بمثل آهي. روشني آن ۾ فقط مٿي ڇت

جي پرسان لڳل درين مان آئي ٿي ـــ جنهن ڪري اندر سڄي هال ۾ هڪ قسم جي اداسيءَ جي صورتحال ڏسڻ ۾ ٿي آئي. چوڌاري اُن جي ڀتين سان لڳل ڪاٺ جون ٺهيل گئلريون آهن، جن کي پار ڪندي، ماڻهو هال ۾ اندر اچي سگهيو ٿي. اِئين ڏسي معلوم ٿيو تہ اصل ۾ هيءُ هال اناج جي وڏي هڪ پانڊي طور استعمال ٿيندو هو، ۽ تہ اهڙين عمارتن ۾ ٽلها ويڪرا فرشي پٽر رکيو نوجوانن جي راندين لاءِ ٿي تہ لڳل ڪونہ هوندا آهن! گئلرين کان علاوہ ڪنهن بہ قسم جي هي ڪا فٽنگ ـــ کي ڪرسيون يا کي ميزون وغيرہ ـــ اندر عمارت ۾ موجود نہ هيون؛ اِلهيءَ ڪري اُهي اسان کي پاڙي جي گهرن مان وٺيون پيون. عمارت جو سنياليندڙ، هڪڙو اڇي متي مان آڏ-جمڙو ماڻهو، اسان کي اِئين پاڻ وٺ ڏسي، خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيو؛ ۽ ويرم نہ گذري تہ هڪ ميز هال جي وچ ۾ پئجي ويئي ۽ کي ڪرسيون بہ اُن جي چوڌاري رکجي ويون. سيمبرن مان اڪثر تہ ٻڌا ئي رهيا، ۽ ماڻهو، جڏهن سڄي وات اسان سان گڏجي آيا هئا، تن جو انبوهہ گئلرين ۾ براجمان ٿي ويهي رهيو.

"موسيور بيلي، هڪ ڪرسيءَ تي چڙهي بيٺو، ۽ جو ڪجهہ اُن ڏينهن ٿي گذريو هو اُتان گالهہ شروع ڪائين؛ جنهن کان پوءِ مارڪئس ڊِ-بريزيءَ، دربار جي پوشڪار، جا بہ خط پڙهي ٻڌايائين، جن ۾ اُن امير ڪبير ڪمس (موسيور بيليءَ کي) اسيمبليءَ جي شاهي اجلاس تائين پنهنجن 'ميٽنگن' کي بند رکڻ جي آرڊر جو اطلاع ڏنو هو. ٻيئي اُهي لکپڙهون سا گئي مضمون جون هيون ـ رکيو هيءَ ۾ اِها گالهہ واڌو هئي تہ اُهو حڪم فوري حڪم هو ۽ اُن جي عمل درآمد ۾ ڪا بہ چوچا ٿيٽي ڪانہ هئي. آخر ۾ موسيور بيليءَ رٽ پيش ڪئي تہ اسان کي هاڻي رکيو اِن گالهہ تي ويچار ڪرڻو هو تہ اسين اڳتي کهڙو رستو اختيار ڪريون.

"مون کي خبر نہ ٿيي پوي تہ اُن وقت اسان وٽ چوڌاري جيڪو جوش ۽ اُتساهہ هو، اُن جو ٿورڙو بہ احوال اوهان کي ڪيئن ٻڌايان. جڏهن ماڻهو پنهنجي 'راج مهاجن'، پنهنجي سماج، پنهنجي قوم،

جو عڪس ۽ آواز ٻڌيل هجي، ۽ اُن جي وڏائيءَ ۽ هيبت جو شعور رکندڙ هجي ۽ اِهو به احساس رکندڙ هجي ته سندس ذاتي بي حرمتي دراصل سڄي سندس اُن راج مهاڻن جي بي حرمتي هُئي، جڏهن ماڻهوءَ جي من جي پيڙا اِها هجي ته اسان جا ابا ڏاڏا هڪ ڏارئين طبقي جي حرامخورن هٿان ماريا ۽ سٽيا رهيا آهن جيڪي سوين سالن کان اسان جي رتَ سِکُ تي جيئندا، مڇندا ۽ ناڏون ڪندا رهيا آهن ۽ اڄان به ويهن ئي نٽهن جو زور آڻن ته اسان کي پنهنجو پاڻهُن ۾ بَدَل غلام رکن، جڏهن ڪنهن کي تازو موچڙو ڏيکاري اُنهن ياد ڏياريو ويو هجي ته فقط قياس ڪائي ۽ وڏو احسان ڪري هڪ گهڙيءَ لاءِ اُنهن اعليٰ شان وارن فاتحن جي پوئيرن مٿن يعني پنهنجن نيچ مقتوحن جي اولاد تي، پنهنجي برتريءَ ۽ اوچائيءَ جي گُالهه وسارڻ گهرجي ٿي، ۽ اُنهن رڳو انڪلبازيءَ ۽ گهمنڊ سان مٿن ۽ سندن نسلن تي ساڳئي آنهيءَ بدبودار سرشتي جي قائم رکڻ جو ارادو ڪيو پيو وڃي — تڏهن ماڻهوءَ بس اُنهن ٽي پانمو ته اهڙيءَ ذلتائينءَ هلت سهڻ بدران پنهنجو سيڪجهه فوراً قربان ڪري ڇڏجي — پنهنجي حقن لاءِ، پنهنجي غيرت لاءِ، پنهنجي وجود لاءِ، ۽ اُنهن جي آيمان کي ٽوڙڻ لاءِ، اُنهن جي سيٽيل ڪنڊن کي پڄڻ لاءِ، جيڪي اسان کي بي عزت ڪري، پنهنجي اُها ناڏ ۽ بالادستي قائم رکڻ ٿا.

"مونيئر، جيڪو وڏي غصي ۾ هوندي به، خاموش هو، تنهن کي اوچتو دل ۾ هڪ بهترين خيال آيو. اسان کي اُنهن ٻڌائڻ کان پوءِ ته ڪيڏي نه اِها عجيب گُالهه هُئي ته اسٽيٽس-جنرل جو هال هٿياربند فوجين اسان کان ڪسي ورتو، دروازي کان اسان کي باهر ٻهاري ڪيي ڇڏيائون، اسان کي اسيرن ۽ اُنهن جي چاڙڻ آڏو خوار خراب ڪري، ڪلهاب ڪيائون، ۽ هاڻي هِتي ٽينس ڪورٽ ۾ اسين اڇي پناهه وٺڻ تي مجبور ٿيا آهيون ته جيئن اسان جي ڪم ۾ رڪاوٽ نه پوي — اِهي سڀ گُالهيون اسان کي ٻڌائڻ کان پوءِ هُن وڏي جذبي ۽ پريل انداز ۾ چيو ته اسان جي عزت نفس کي اُنهن زخمي ڪرڻ، اُن کي ڪُچلي ٻنهه مٽيءَ ۾ ملائڻ سان، هُنن جو ارادو پنهنجو پاڻ

بلڪل ڇٽو ۽ ظاهر هو، ۽ اِن سڀ سان اسان کي اهو ڇتاءُ مليو آهي تہ ڪيتري ئي وڏي اسان جي دشمنن جي ڏانڊليءَ ۽ ڪيني جي آها طاقت آهي جيڪا اسان جي نيڪدل بادشاهہ کي ترڪي اهڙن هولناڪ اِقدامن لاءِ تيار ڪري ٿي تہ اِنهن حالتن ۾ اسان جي ڪرڻ لاءِ هاڻي فقط هڪ ئي شيءِ رهجي وڃي ٿي ــــ تہ اسين، جيڪي قوم جا عيوضي، ۽ آن جا آواز ۽ دل جا ترجمان آهيون، پاڻ کي هڪ ئي مقدس پيمان ۾ ٻڌي هڪ ڪريون تہ آئندہ اسين پنهنجن فيصلن ۽ پنهنجن عملن کي فقط ۽ فقط پنهنجي عوام جي سلامتيءَ ۽ پنهنجي ملڪ جي مفاد جي بنياد تي ٻڌل رکنداسين.

"هِن رڙ، اوهين اندازو لڳائي سگهندا تہ، اسان ۾ نهايت هڪ غيرمعمولي آتساهہ ۽ جذبو جاڳايو، جو تہ هر ماڻهوءَ سمجهو ٿي تہ جڳن ماڻهن جو اتحاد هميشہ بدمعاشن جي ٽولن لاءِ ڏهڪاءُ ٿڙتلي جو گهِنڊ" هوندو آهي. انهيءَ ڪري اسان هڪدم، ۽ آتي جو آتي، هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو:

" قومي اسيمبليءَ، ائين سوچيندي تہ ڇاڪاڻ تہ آها ملڪ ۽ راج جي آئين قائم ڪرڻ لاءِ، ۽ اسن اِمان جي نئينءَ اوسر لاءِ، ۽ سلطاني حڪومت جي صحيح اصولن جي بقا لاءِ سڌايل آهي، اِنهيءَ ڪري آن کي جتي به، بهرحال، ويهڻو پوندو، آتي ويهي پنهنجي صلاح مشوري ڪرڻ جي ڪم کان آن کي ڪابہ شيءِ، ڪابہ طاقت، روڪي نٿي سگهي؛ ۽ ڇاڪاڻ تہ قومي اسيمبلي آتي ئي موجود هوندي جتي آن جا ميمبر گڏجي ويٺل هوندا، اِنهيءَ ڪري آها هاڻي هتي، هيءُ ٺهراءُ پاس ڪري ٿي تہ هِن اسيمبليءَ جو هر هڪ ميمبر هڪدم ۽ هتي جو هتي، هيءُ مقدس قسم کڻي ٿو تہ هو پنهنجي هِن اسيمبليءَ کان ڪڏهن بہ علحده نہ ٿيندو، پر هنڌ، وقت ۽ حالات جي تقاضا پٽاندر، جتي آها گڏ ٿيندي آتي وڃي آن سان گڏ ويهندو ــــ تيستائين جيستائين ملڪي راج جو آئين اڈول بنيادن تي بيهاريو ۽ قائم نہ ڪيو ويو آهي؛ ۽ پيو تہ ذڪر ڪيل اِن قسم کڻڻ کان پوءِ، سڀ ميمبر

اجتماعي طور، ۽ هر ميمبر خصوصي طور، پنهنجي پنهنجي دستخط سان هين آڻ بدلجندڙ ٿهراءَ جي تصديق ڪندا.'

"اوهين، ان وڏي اونداهي هال ۾، اسان کي وچ ۾، ۽ اسان جي چوڌاري پنهنجا عام ماڻهو گڏيل ۾، ويٺل ڏسي، هوندا. ڪيڏا نه خوش ٿيو ها! جڏهن موسيو ليليءَ ڪرسيءَ تي چڙهي، ٻيهي، آن قسمناسي جو مضمون ڏاڍيان اسان کي پڙهي ٻڌايو هو، تڏهن اوهين پنهنجي ڪنهين آها حيرت ۾ريل، دل سان آڻندڙ ۽ جوشيلي رڙ، سڄي هال ۾ ويٺلن واتان ٻڌي، ڪيڏي نه وڏي جذبي ۽ جوش ۾ ڀرجي وجو ها! اوڏيءَ مهل، سڄي هال ۾، پوري ماڻ چاڻجي ويئي هئي؛ تان جو اوهتو سوين ماڻهن جا آواز گڏجي، هڪ ٿي، آن قديم عمارت ۾ گجگوڙ وانگر، ٽڪاءَ سان، هڪ ئي گهڙيءَ، ڳالهه ٻما هئا:

"اسين قسم کڻون ٿا! اسين قسم کڻون ٿا!

"آها! اسان جا ابا ڏاڏا، جن ايڏا ڏک ڏٺا هئا، سي آن آواز تي ڪ ئي ڪ، پنهنجن قبرن ۾، پاسو ورائي ويٺا هوندا! آڃ ايڏو گهٽو حساس ماڻهو نه آهيان، پر آن گهڙيءَ منهنجي رت جو هڪ هڪ ڦڙو منهنجي نسن ۾، هڪ وار، جتي هو آتي، ڇڻ رکجي ٻيهي ويو هو! منهنجي پاسي ۾ ويٺل ويچارو نائب پادري، جئڪس، تم روئي رهيو هو. جمراڊ ڇڻ مُنهن ۾ سڄو ٻيلو ٻئي ڏٺو. آخر ۾، اسين سڀئي وڏي، هڪ ٻين جي وڏيل ٻانهن ۾ وڃي ٻماسين، ۽ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائڻ لڳاسين.

"ٻاهر واهم واهم جي آوازن ۽ تاڙين جي ڦهڪائن جو طوفان ڇڻ سڄي پراڻي شهر ۾ ڦهلجندو ٻئي ويو؛ ۽ آهو طوفان ٻڌندي، مون کي مقدس ڪتاب جي آيت ياد ٻئي جنهن ۾ جڏهن مسيح جو روح آسمان ڏانهن ٻيهر ايڀري رهيو هو، تڏهن چيل آهي: 'سڄي ڌرتي لرزجي ويئي، ۽ ڪليسا جو پردو ڦاٽي ٻه اڌ ٿي ٻيو!'

"جيئن ئي ٻيهر سانت قائم ٿي، هرهڪ ميمبر، واري واري سان، ميز تي ويو ٿي، آتي وري هُن آهو قسم کنيو ٿي، ۽ پوءِ صدر جي آڏو، آن جي صورتخطيءَ تي پنهنجو دستخط ٿي ڪيائين، جهڪا

سمڪريٽرين لکي آڏو آڻي رکي هئي. ڪڏهن بہ اڳي مون ڪڏهن ايتريءَ خوشيءَ سان پنهنجي نالي جو دستخط نہ ڪيو آهي. جڏهن مون آڻي ائين ڪيو پئي تہ مون پئي مُرڪيو، پر ساڳئي وقت ائين ٿي پاڻيم جڙ ڳوڙها اکين مان نڪري ڪاغذ تي ڪرڻ وارا ٿي هئم. ڪهڙو نہ آهو عاليشان ڏينهن هو!

"فقط هڪڙي عيوضيءَ ، ڪاسٽيل نادريءَ جي مارٽن - ڊري - آڪ، پنهنجي نالي جو دستخط آن تسم جي خلاف ڪيو. وٽلنٽائين ٻڌي خوش ٿيندو تہ فرانس ۾ رهيو هو (وٽلنٽائين) پنهنجي قسم جو پاڻ ڪونہ هو، پر ماڻهن جو هڪڙو ٻيو پٽ" بہ هو جنهن امرن کي پنهنجي مٽن مائٽن ۽ هڏ رت کان بہ وڌيڪ پاڻيو ٿي. هائو، هاڻي ملڪ ۾ هو ۽ تہ آهن.

"بهرحال، مارٽن جي مخالفت رجسٽر ۾ پوريءَ طرح رکارڊ ڪئي ويئي، ۽ پوءِ، چاڪاڻ تہ اسان مان ڪن تجويز ڏني تہ اسان کي بادشاهہ ڏانهن هڪ وفد پنهنجي سخت ڏک ۽ شديد ارمان جي اظهار لاءِ موڪلڻ کپي، وغيره، اسيمبلي سومر ڏينهن پاويهين تاريخ تي ساڳئي وقت تي وري ملڻ تائين، رواجي طور، مهمل ڪئي ويئي. پر آن کان اڳ اهو بہ ٺهراءُ بحال ڪيو ويو تہ جيڪڏهن سال ڊي - مينوس ۾ اسيمبليءَ جو شاهي اجلاس منعقد ڏئي ٿو، تہ آتي ٽيءَ اسٽيٽ جا سڀ ميمبر آن نشست جي پوري ٿيڻ کان پوءِ بہ ويٺا رهندا، ۽ پنهنجي ڪاروبار جي پورائي لاءِ پنهنجي ڪارروائي جاري رکندا ـــ جيڪو سندن ڪاروبار قوم جو ٻي ڪاروبار آهي.

"ان طرح اسان آڻان ڇهين وڳي آڻياسين ، ۽ پنهنجن پنهنجن رهائشگاهن ڏانهن روانا ٿياسين. جو ڪجهہ ٿي گذريو هو، سو جڏهن ڪائونٽ ڊي - آرٽائس ٻڌو، تہ هو عجب ۾ پئجي ويو، تہ ٽينس ڪورٽ ۾ بہ اسين ويهي، پوري اطمينان سان صلاح مشورا ڪري ٿي سگهياسين! ۽ اسان کي آن ڪم جي جواب طور هن هڪدم آن ٽينس ڪورٽ کي، پاويهين تاريخ، پنهنجي راند لاءِ محفوظ رکڻ جا آردر ڪري ڇڏيا.

ويچاري شهزادي کي هاڻي پڪ هئي تہ پنهنجي مٽي لکائڻ لاءِ ٻي
کا جاءِ اسان کي ڪٿي بہ کانہ ملندي.

"ٻئي ڏينهن بادشاهہ اسان کي چٽاءُ ڏياري موڪليو تہ شاهي
سيشن ٻاويهين تاريخ نہ پر ٽيويهين تاريخ ٿيندو. مقصد آن مان هيءُ هو
تہ اسان جي مشڪلاتن کي ڪجهہ وڌايو ويچي. پر، افسوس! هنن
عالي دماغن کي اِها ڳالهہ بہ خواب ۾ کانہ اچي سگهي تہ ورسائيلز ۾
ٽينس ڪورٽ ۾ سال ڊي- منوس کان علاوہ ٻيون جايون بہ ٽي
سگهيون ٽي! سو، ٻاويهين تاريخ تي، ٻنهي آنهن جاين کي بند ٿيل
ڏسندي، اسان جي اسيمبلي پهرين ڊي- رڪاليٽ جي خانقاهہ ۾ ڪٺي
ٽي، جنهن ۾ ايڏي وڏي جاءِ بہ کانہ هئي، ۽ پوءِ آن سينٽ ڊي-
لوئيءَ جي ديول ۾ پنهنجي ڪڍجاڻي ڪئي، جتي واقعي سيني لاءِ ڪلهو
ڪلهي ۾ ملائي ويهڻ جي جاءِ سا البت هئي!

"اهڙيءَ طرح، عالي دماغ ڪائونٽ ڊي- آرٽائس ۽ ڪونڊري
۽ ڪونٽيءَ جي عالي مقام شهزادن جون اسان کي مٽي لکائڻ لاءِ
جاين کان محروم رکڻ جون رڌائون ڪجهہ ناڪام ٿي رهيون! ان
مان اوهين ڏسي سگهندا تہ، پنهنجي هوشيءِ جو بِلو هي ويچارا،
ايڏيءَ طاقت ۽ پهچ جا صاحب، بہ نٽي ڪري سگهيا! ڪر ٻي ڀلا
اِئين وسهي سگهيو تہ اسين ڊي- رڪاليٽ جي خانقاهہ ۽ سينٽ ڊي-
لوئيءَ جي ديول ۾ بہ وڃي ويهنداسين، ۽ خود راهب ۽ پادري لوڪ
پاڻ بہ اسان سان هلي اچي آتي ڪڍجي ويهندا! واقعي، هي، جن پنهنجي
تابعداريءَ ۾ اسان کي هيتريون ساريون صديون قابو رکيو هو، سي وڏا
ماڻهو ٿي هئا! ۽ هاڻي تہ اِهو بہ هو ثابت ٿا ڪن تہ پنهنجيءَ ٿي اسان
جي جهالت هنن کي اِئين ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو! ۽ انهيءَ ڪري
هِنن کي آن عمل لاءِ جائز طرح ڏوهي بہ نٿو چئي سگهجي. رڳو آن
لابراقس جي معصوم فقريائيءَ، جينيٽ پيراسيل، جيڪا آجايون مڻون
ڦوڪيو پئي هلي، آن جيترو بغض بہ تہ هِنن ويچارن جي مَن ۾ اسان لاءِ
ڪونہ هو!

"پنچهرن ڏاري، موسيور بيلي ۽ اسان کي ٻڌايو تہ ڪيس اطلاع پهتل هو تہ پادرين جي عيوضين مان اڪثريت اسان جي اسيمبليءَ ڏانهن اچي رهي هئي تہ جمئن هو گڏ ويهي اختيارن جي مشترڪ تصديق ۾ اسان سان شموليت ڪن. هِن گهالهہ جي درٻار کي اوڻهين تاريخ ڪان خبر هئي، ۽ رڳو اُنهيءَ عام لوڪن ۽ پادرين جي اتحاد کي هر قيمت تي روڪڻ لاءِ هنن سال ڏي-مينوس جا دروازا اسان تي بند ڪيا هئا، ۽ هاڻي آتي شاهي اجلاس جو ڪيل بہ رچايو هو.

"ليٽ پادري پهريائين ديول جي سُرودگاهہ ۾ گڏ ٿيا؛ جنهن ڪان پوءِ هو اچي اسان سان ديول جي وچين صفحي ۾ وينا، جتي ڏايو هڪڙو دل ايارينڊ نظارو ڏسڻ ۾ آيو. نائب پادرين پنهنجا بشاپ (وڏا پادري) پاڻ سان گڏ آندا هئا، جو تہ اُنهن ڪان اڪثر اهڙا هئا جن جي 'نيڪ سمجهہ ۾ سچي گهالهہ هاڏي نيڪ روشن' ٿي ويئي هئي.

"فقط هڪڙو فقيهہ، سگبور- آئبي مارري، جيڪو ويناسن شهر جي موچيءَ جو پٽ هو، تنهن جي غيرت جاگي پيئي هئي تہ هو ٽيءَ اسٽيٽ جي 'بي نمازين'، آچر ڏينهن ديول ۾ نہ وينڊڻ، عيوضين سان گڏ جي ڪيئن ٿي ويهي سگهيو! سچ پچ، هِن دنيا ۾ عجب شيون ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ پيون آهن.

"اُن جي اُئين هوندي بہ بهرحال (جو تہ پنهنجي برادريءَ مان هو ئي هڪڙو هو جنهن اتحاد جي مخالفت ٿي ڪئي)، اسان ڏڪيون سان پنهنجن راين جي ڏي وٺ ڪئي، ۽ پاڻ ۾ ڪجهہ مبارڪباد ين جون تقريرون ڪيون سين ۽ ٻڌيون سين؛ جنهن ڪان پوءِ نشست کي پئي ڏينهن (اڳاري) جي ڏائين وڳي تائين مهمل ڪيو سين، ۽ اهو فيصلو ڪيو سين تہ اسيمبليءَ جي خاص پنهنجيءَ جاءِ، مطلب تہ، سال ڏي-مينوس، ۾ آها ڪنداسين.

"اُئين، اسين اُن ٽيويهينءَ تاريخ تي ٿا پهچون، جيڪو ڏينهن ئي اُن شاهي سيشن لاءِ هُنن جو مقرر ٿيل هو.

"اُن ڏينهن صبح جو، اسين، جو ننڍ مان اٿياسين ۽ روشندان کوليا سين، تہ مون ڏٺو تہ موسم جا شان ڪجهہ ٻيڪ نٿي لڳا. مينهن

اڃان ڪونہ ٿي وسيو، پر سڄو آسمان ڪارن اڇن ڪڪرن سان ڇانيل هو. پر گهٽي هئي، سا ماڻهن سان پريل هئي. ڪجهہ گهڙين گذرڻ کان پوءِ. فادر جيرارڊ نيرن لاءِ مٿي چڙهي آيو، ۽ هن جي پويان نائب پادري، جئڪس، ۽ آيو. اسان پنهنجا بهترين ڪپڙا پاتا هئا ــ ائين ئي جيئن پهرئين ڏينهن پاتا هئاسين، پر انهي اوسڙي ۾ هئاسين تہ هي شاهي سيشن ڪيئن ثابت ٿيڻ وارو هو. ڪهڙي گاڙهہ هئي، جڪا هنن کي ٻڌائڻي هئي ۽ اسان کي ٻڌڻي هئي؟ اسان کي خبر هئي تہ ڪالهہ کان وڃي، سُئس گارڊ ۽ گارڊ فرئنڪاس هٿيارن پنوهارن سان ليس هئا، ۽ افواهہ اهو تہ ڇهہ رجمنٽون ٻيون ٻہ ورسائيلز ڏانهن وڌنديون پئي آيون. اڃان نيرن ئي پئي ڪئيسون تہ سينٽ فرئنڪاس جي شاهراهہ تان پهريدارن جي چڙهن ڏهن جا آواز پئي ٻڌاسين. جيرارڊ جو خيال هو تہ ڪو اوچو وار، ڪو غليظ حملو، جلد ئي ٿيڻ وارو هو، تہ جيئن اسان کي مجبور ٿي، سندن گهربل پئسن (خزاني) لاءِ ووٽ ڪرڻو پوي، ۽ پوءِ هو اسان کي موڪلائي گهر آماڻي ڇڏين!

"پئي پاسي، نائب پادريءَ، جئڪس، جو چوڻ هو تہ اهڙي هنن جي رڳو تہ ائين هئي جيئن هو اسان کان پئسا گهرن يا جان گهرن، ۽ بادشاهہ هن وقت اهڙي کا گاڙهہ ڪرڻ وارو ڪونہ هو، ڪيترو ٻہ ڪٽي ٻيءَ طرح هو راڻيءَ ۽ ڪائونٽ ڊي-آرٽائس جي مرضيءَ جي آڏو مجبور هجي ــ مطلب تہ هن وقت هو اهڙي کا صلاح قبول ڪونہ ڪندو. اڃ پاڻ ٻہ جئڪس جي رايي جو هوس؛ پر اصل گاڙهہ تہ شاهي سيشن جو ڇا مقصد هو، ان بابت سون کي ٻہ پنهنجن هٿن ۾ ساڻين کان وڌيڪ کا ڄاڻ ڪانہ هئي. فقط هڪڙو ئي انديشو منهنجي من ۾ آيو ٿي تہ هُنن اسان تي دهشت وجهڻ ٿي گهري. بهرحال، جو ٻہ ٿيڻو هو اهو ترت ئي اسان کي معلوم ٿي وڃڻو هو، ۽ اسان کي اُن کي منهُن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو هو.

"نائين وڳي اسين روانا ٿياسين. هوٽل ڊي-اسٽيٽس سان لڳو لڳ هر گهٽي ماڻهن سان پريل هئي، پهريدار هٿا جي آيا ۽ ويا پئي،

۽ سيني ماڻهن جي منهن مان ـــ پوءِ اهي بورجوا، شهري سکر ماڻهو، هٿ يا ڪمي ڪاسبي هٿا يا سپاهي ـــ ائين لڳي رهيو هو جڻ ڪا خوفناڪ ڪاليھ ٽيٽي هئي.

"اسين اڃان اسيمبلي هال جي ويجهو پڳاسون ئي ٿا، تہ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. طوفان اڃڻ ۾ ڪافي وقت ورتو هو! گھٽي وقت جي ٻُٽ ڪان پوءِ اهو آيو هو! آڌ پنهنجن ساٿين جي آڏو هلي رهيو هوس، ۽ وڪ کي ڪجهہ تيز ڪيم. دروازن تي، جيڪي شاهراهہ سان لاڳو ٿيڻ ۽ ڪان اندر ٿي ويا، ٽيءَ استمت جا انڪل هڪ سؤ ڪن عيوضي هٿا جي ٻنا هٿا؛ انهن کي اندر وڃڻ ڪان منع ٿيئي ڪيائون، پر امير ۽ پادري عيوضي هٿا جيڪي، سواءِ ڪنهن جهل پل جي، هال ۾ اندر وڃي رهيا هٿا. جنهن مهل آڌ پاڻ آتي پهتس، تہ هڪڙو ڪو حڪم گذار هو، سو وڏي آيو ۽ اچي ٽيءَ استمت جي عيوضين کي اطلاع ڏنائون تہ قيري، ٿئي رستي، رُو-دُو-شئنٽيئر، ڪان اندر وڃن، تہ جيئن ڪو مونجهارو يا گڙبڙ واقع نہ ٿئي. آڌ اهو ٿي سوچي سگهيس تہ، پهرئين ڏينهن تي پيش آيل مشڪلاتن ڪان بچڻ جي خيال ڪان، هن پيري، مارڪئس دي-بريزي، هر عيوضيءَ کي، پنهنجي طبقي يا نظام سان گڏ، واري واري سان اندر ٽيڻ لاءِ اهو قدم پاڻ ئي پنهنجي مرضيءَ سان کنيو هو.

"اسان جي ڪاوڙ وڌندي پئي ويئي، پر، ڇاڪاڻ تہ مينهن جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿي ويو، سو اسان رُو-دو-شئنٽيئر رستي واري دروازي ڏانهن ڦري وياسين، ۽ اهو ٿي سوچيوسين تہ اهو ڪليل بہ هوندو. پر مارڪئس اڃان ڪو پنهنجن ۾ خاص نظامن کي اندر ٽيڪ ڏاڪ ويهاري نہ سگهيو هو، سو اسان آن پُڳئين دروازي کي بہ آهڙو ئي بند ڏٺو جهڙا اڳيان اسان تي بند هٿا. انهيءَ ڪري، اسين لاچار ڪاهي پاسي واريءَ ڇڇهريءَ هيٺان اجهو وٺي بيهي رهياسين. ۽ هوڏانهن هو امير ۽ پادري هٿا جيڪي سُنهاڻين پاسي کان آهڙا ئي وڏي فخر ۽ شان سان هال ۾ اندر داخل ٿيندا رهيا. نہ، درٻار جي پيشڪار صاحب بهادر کي اسان جي درگتيءَ تي ڪابہ ڇٽتي ڪانہ هئي؛ هُن ڪي هڪ

معمولي بلڪ عين قدرتي ڳالهه پئي سمجهيو تہ اسين آئين رڳو ڪا باهر بيٺا رهون ـــ اسين جيڪي عام هئاسين ۽ رڳو خواهمخواه آتي، ڪنهن اجائي ڏيکاري لاءِ گهرايل هئاسين! عام، رواجي حلقن جي عيوضين جي ڇا حيثيت هئي؟ ٽي ـ اسٽيٽ ڇا ٿيندي آهي؟ رڳو اجايو هڪ انبوهه! اڃان به ڪئي طرح، پڪ ئي پئي، مارڪئس پنهنجي دل ۾ ڄاتو هوندو، ۽ جيڪڏهن سون جهڙن خسيس هارين ۽ بورجوا شخصن به ان قسم جون جڳيون، جيڪي مارڪئس جي ـ بريزري جهڙن وڏن نالن ڪامورن جي هٿان روزبروز اسان سان ٿيندیون پئي آيون، وڌيڪ هضم پئي ڪري سگهيون، تہ پوڙهيءَ ۾ آڻهن تي ميرابو جهڙي هڪڙي امير ماڻهوءَ جي غصي جي حد جو اوهين به خوب اندازو لڳائي سگهو ٿا: هن جا اصل وار آپا ٿي ويا، ۽ خار ۾ هن جا ماساوان ڳل لرزڻ لڳا. ان وچ ۾، سنهڙن هو، سو زور سان وسندو رهيو. به پيرا اسان جي پريزيڊنٽ کي در تان موڪليو ويو هو ـــ مارڪئس کي اڃان به ڪي وڌا ماڻهو ويهارڻا هئا، تان جو ميرابو، هي سڀ ڏسندي، موسيو ربيليءَ کي، پنهنجي آواز ۾ عجيب گوڙ آڻيندي ۽ ٽيءَ ـ اسٽيٽ جي عيوضين ڏانهن اشارو ڪندي، چيو:

"موسيو ـ لي ـ پريزيڊنٽ، قوم کي بادشاهه جي حضور ۾ هاڻي به وڌي هلو ٿا يا نہ!"

جنهن تي موسيو ربيلي ٽيون پيرو وڌيو ۽ وڌي دروازو کڙڪايائين، ۽ آن تي مارڪئس وڌي عنايت ڪري، وڌي آيو ـــ بيشڪ هن پنهنجي اميراڻي خدمت جو ڪم پورو ڪري ورتو هو. هو فخر سان چئي ٽي سگهيو تہ بلاشڪ هو درٻار جي ڏاڍي وڏي خدمت سرانجام ڏيئي چڪو هو! بهرحال، اسان جي پريزيڊنٽ هن کي چيو تہ جهڪڏهن دروازو کوليو نہ ويو تہ ٽي ـ اسٽيٽ جيئن آئي هئي تيئن موٽي ويندي. ان جو نتيجو نڪتو، محل جون تشريفون اسان تي ڪليون ۽ اسين اندر ٽپاسين ۽ ڏٺوسين تہ پهرئين ڏينهن وانگر اڄ به هال پوري ٽٽ سان سينگاريو ويو هو، ۽ امير در ۽ پادري در جي تشريف آوريءَ لاءِ سندن بينچون به عالیشان طور ڏاهيون ڪيون ويون هيون. اسين پاڻ تہ، بهرحال،

هونئن ئي مينهن ۾ پُسيا، بيڙا ٻڏيا، مس مس اندر ٽيا هئاسين، ۽ اسرن ۽ پادرين جي جيئن اسان ڏانهن نگاهه ويئي تہ هو ٻڏي اسان کي ڏسڻ لڳا ۽ کلڻ لڳا، ۽ جيئن اسين پنهنجون جايون والارڻ لڳاسين، تہ ڏٺوسين تہ اسان جي خواريءَ تي هو خوش خوش ٿي رهيا هئا.

"پر اهي شيون آخر ۾ ٻهانگيون ئي پوڻ هيون!

"جيئن ئي اسين ويناسين، تہ بادشاهہ هال جي وچين دروازي منجهان اندر داخل ٿيو ــــ ساٿس گڏ، ڪيس وڪوڙي بينل، سندس خاندان جا شهزادا هئا، ۽ ڊيوڪ، نواب، ڪائونٽ، محافظ دستي جا ڪپتان، ۽ ڪي هم‌مشرب ۽ همراز پڻ. هڪڙو ٻہ نعرو 'جيئي بادشاهہ سلامت!' جو ڪٽان ڪنهن پاسي کان ڪونہ نڪتو. جيئن ئي هال ۾ خاموشي قائم ٿي، بادشاهہ سلامت اسان کي ٻڌايو تہ سندس ويساهہ هو تہ پاڻ پنهنجن ماڻهن جي سڪ سهنج لاءِ جو ڪجهہ ممڪن هو سو ڪري ڇڪا هئا، ۽ سندس راءِ اها هئي تہ اسان کي سرگرسي ڏيڪارڻ گهربي هئي ۽ پاڻ جيڪو ڪم اسان کي سونپيو هئائون آهو اسان کي پورو ڪرڻ ڪپندو هو. 'بدقسمتيءَ سان، بهرحال'، هن پنهنجو خطاب جاري رکندي چيو، 'اوهين هنن گذريل ٻن مهينن ۾ پنهنجين فرض ادائگين جي ابتدائي گهالهين جي سلسلي ۾ بہ ڪنهن اتفاق يا فيصلي تي ڪونہ پهتا آهيو؛ انهيءَ ڪري منهنجي پاڻ ڏانهن ذمداري آهي تہ اِنهن ناخوشگوار نفاقن کي ختم ڪريان، ۽ اوهان کي پنهنجي مرضي ٻڌايان.'

"پوءِ پاڻ ويهي رهيو، ۽ هڪڙي سيڪريٽري آف اسٽيٽ اسان کي شاهي فرمان ڏاڍيان پڙهي ٻڌايا، جي هي هئا:

"'قلم (۱) بادشاهہ سلامت جي مرضي آهي تہ رياست ۾ ٽن نظامن جي وچ ۾ جيڪي قديم امتياز ۽ رتبا موجود آهن، آهي جيئن آهن تيئن قائم رهن، ۽ آهي ٽن علحده ايوانن ۾ ويهي ڪم ڪن. حضور جن پنهنجي هن فرمان عاليم جي ذريعي، هن مهيني جي سترهينءَ تاريخ تي ٺيءَ اسٽيٽ جي عيوضين جا پاس ڪيل ٺهراءَ باطل ۽ ڪالعدم قرار فرمائهن ٿا.'

"قلم (۲) بادشاهم سلامت جن هر ايوان جي پنهنجن پنهنجن اختيارن جي بحال هجڻ جو اعلان ڪن ٿا ـــ توڙي جو آهي تصديقيل هجن يا نه هجن، ۽ حڪم فرمائين ٿا ته ان قسم جو رسمي اطلاع بنان دير جي ڏنهي نظامن طرفان هڪڙين ڏي رسايو وڃي."

"قلم (۳) بادشاهم سلامت عيوضين جي اختيارن تي سڀ روڪون يا حدبنديون لاهڻ ۽ رد ڪرڻ فرمائين ٿا." (ان جي معنيٰ هيءَ ٿي ته هر عيوضي هاڻي پنهنجي مرضيءَ موجب، جيئن چاهيندو تيئن، وضيفن منظور ڪرڻ، محصولن وڌهڻ، قوم جي حق جي تسليميءَ يا تردید وغيره بابت پنهنجي ايوان ۾ ووٽ ڪندو، ۽ جن هن ڪي چونڊي، پنهنجو عيوضي ڪري موڪليو آهي، انهن ان بابت جيڪي اختيار يا فرماني ذميداريون هن ڪي سونپيون آهن، تن جي تعميلي ضابطي کان هو آزاد هو.)

"قلم (۴) ۽ (۵) جيڪڏهن ڪن عيوضين خاص اختيارن يا فرماني ذميدارين تي محڪم نهڻ جو آپهرو قسم کنيو آهي، ته بادشاهم سلامت انهن کي پنهنجي انتخابي حلقي ڏانهن ان کان آجائيءَ لاءِ لکڻ جي اجازت ڏين ٿا، پر تنهن وچ ۾ هو پنهنجي پنهنجي رتبي تي قائم رهندا، ته جيئن وڌانئن اسٽيٽس جنرل جي فيصلي کي گهربل وزن ملندو رهي."

"قلم (۶) بادشاهم سلامت اسٽيٽس-جنرل جي آئنده اجلاسن جي سلسلي ۾ هيءَ اعلان ڪرڻ فرمائين ٿا ته وڌيڪ فرماني ذميدارين جي عائد ڪرڻ جي اجازت نه هوندي." (بيشڪ، هيءَ قلم انهيءَ ڪري جاري ڪيو ويو آهي ته هيءَ حالت ۾ آهي بداعمال جيڪي اسيمبليءَ ۾ پنهنجو ووٽ وڪڻڻ لڳندا، آهي انهن ديانتدار ماڻهن جي آڏو وائڪا ٿي پوندا جن پنهنجين فرماني ذميدارين جي پائبندي ڪئي هوندي!)

"ان کان پوءِ بادشاهم اسان کي ٻڌايو ته اڳتي اسين ڪيئن پنهنجو ڪم ڪريون، ان لاءِ سندن مرضي ڪهڙي هئي. پهرين ته آئيندي لاءِ هن اسان کي منع ڪئي ته ڏن قديم نظامن جي حق سان

تعلق رکندڙ مسئلن بابت، ۽ آئنده اسٽيٽس-جنرل جي آئين جي صورت بابت، يا جاگيري، يا نوابي ملڪيتن، يا ٻن ”اڳواڻ“ نظامن جي اعزازي ۽ خاص حقن بابت، اسان کي ڪجهه بہ چوٽو يا ڪرٽو نہ هو؛ آن کان پوءِ ڇهائين تہ دين بابت، دين جي نظم ۽ ضبط بابت ۽ تسليم ٿيل ديني توڙي دنيوي مذهبي گالهين بابت ڇا بہ اسان ڪرڻ گهرجو ٿي، آن لاءِ پهرين پادري لوڪن جو خاص رضامندو وٺڻ لازمي هو.

”آخر ۾، استاد جين، اسان کي چيو ويو تہ اسان کي هتي، جو گهرايو ويو هو، سو اِن لاءِ تہ رياست جي خرچ ۽ آمدنيءَ جي ڪوت جو پورائو ڪيو وڃي ۽ آن لاءِ ووٽ ڪيو وڃي تہ ماٺهو آن لاءِ ادائگيون ڪن. ٻين گالهين سان اسان جو واسطو ڪونہ هو! سڀ ٺيڪ هو ـــ سڀڪجهه تمام ٺيڪ هو! رڳو اسان کي هڪ دفعو روڪڙ ادا ڪرڻي هئي، پوءِ هر شيءِ ۽ هر گالهه بلڪل ائين ئي هلندي رهندي جيئن اڳي هلندي ٿي رهي!

”گالهين جي اِن سڄي تفصيل کان پوءِ، بادشاهہ وري آڻي ٻڌو ۽ ڇهائين تہ دنيا ۾ ڪڏهن بہ اڳي کو بادشاهہ پنهنجن ماٺهن جي مفادن لاءِ ايترو ڪجهه تہ ڪري نہ سگهيو هو، جيترو اسان جي بادشاهہ سلامت اسان لاءِ ڪيو هو، ۽ جن بہ هن جي اِنهن نيڪ نيتين ۽ محبت ڀرين ارادن تي شڪ ٿي ڪيو يا آنهن جي آڏو رڪاوٽون پيدا ٿي ڪيون، آهي سڀ پاڻ کي فرينچ قوم جا فرد ڀوائڻ جا لائق ڪونہ هئا.

ائين ڇئي، هو ڦير پنهنجيءَ جاءِ تي ويهي رهيو، ۽ پوءِ محصولن، قرضن ۽ ٻين اقتصادي معاملن بابت هن جي مرضيءَ ۽ ارادن جا بيان اسان کي ٻڌايا ويا. هڪ تہ هو اِن خيال جو هو تہ محصولن جا نالا بدلايا وڃن. هائو، محصولن جا نالا، استاد جين، فقط نالا. مثلاً ويهين پتيءَ کي ٽيڇهه سان ملائي ڇڏجي، يا ٻئي ڪنهن طريقي سان آن کي بدلائجي، تہ جيئن آن جو وڌيڪ آساني سان حساب ڪتاب ٿي سگهي ۽ وصولي بہ ٺيڪ ٿي سگهي. هڪ ”ليبري“ بدران هاڻي ويهہ ”سُو“ وصول ٿيڻ ڪپن، آن جي ادائگي ”ڪليڪٽر“ کي ڪرڻ بدران، هاڻي

آها 'عام مختيار' کي ادا ڪئي ويندي. تحقيق، ائين ماڻهو بچي پوندا! 'اڳي ڪڏهن بہ ڪو بادشاهہ پنهنجن ماڻهن جي مفادن لاءِ ايترو ڪجهہ ڪري نہ سگهيو هوندو!'

"ڀ پڻ هو ان خيال جو هو تہ گرفتاريءَ لاءِ شاهي وارنٽن جو رواج ختم ڪيو وڃي، پر آهو رڳو اوتري تائين بحال رکيو ويندو جيئن خاندانن جو ناموس محفوظ رهي سگهي. ڪيئن، اها گالهہ ائين صاف ٿي نہ!

"ڀ پڻ هو پريس جي آزاديءَ جي حق ۾ هو، پر ساڳئي وقت انهيءَ گالهہ جو پورو خيال رکيو ويندو تہ 'زيالڪار ۽ زهريليون اخبارون' ۽ 'زهريلا ۽ زيانڪار ڪتاب' شايع ٿيڻ کان روڪي سگهجن.

"ڀ پڻ هو ان جي فائدي ۾ هو تہ قرضن ڪٽڻ کان اڳ استيٽس-جنرل جو رضامندو ورتو وڃي، سواءِ فقط جنگ جي صورتحال ۾، جڏهن هن وٽ هڪ سؤ ملين اڏارا وڻڻ جو اختيار هجڻ کپي ـــ ابتدا طور. 'ڇو تہ بادشاهہ سلامت جي نيت دستوري طور هرگز اها نہ هوندي آهي تہ پنهنجي شهنشاهيت جي سلامتي پنهنجي هٿن ۾ ڏيي، ڪن ٻين جي مرضيءَ جي حوالي ڪري ڇڏي!'

"ڀ پڻ هُن جي خواهش هئي تہ وقت بوقت هو پنهنجن اختيارن ۽ ذميدارين متعلق اسان سان مشورو ڪندو رهي، تہ جيئن آئيندي لاءِ اسين جي عالي مرتبن ۽ عهدن جي نوازش ۽ محرومي ۽ جي سلسلي ۾ شاهي ارادو ٻيجا رکاوڻن کان محفوظ رهي.

"آخر ۾، اسان کي گهٽو ڪجهہ ان قسم جي لفظن جو طومار پڙهي ٻڌايو ويو جنهن ۾ اسان سان هن جي 'مشوري' جي گالهہ ٿيل هئي. پر سڀائين سنڊس شاهي ارادي ۽ مرضيءَ کي محفوظ رهڻو هو. **اسان جو ڪم** هو اُن سڀ لاءِ پئسن جي ادائگي. هر طرح ۽ هر حالت ۾ اِها ۽ سعادت اسان وٽ محفوظ هئي.

"پوءِ بادشاهہ سلامت ٻي تقرير ڪرڻ فرمائي، جنهن ۾ هن چيو:

"'ياد رکو، نيڪ ۽ سمجهدار لوڪو، تہ اوهان جون ڪي بہ رڻائون ۽ ڪي بہ فيصلا قانون جيي صورت فقط منهنجي رضامنديءِ

سان حاصل ڪري سگھندا. ڇو ته آڳ اوهان جي حقن جو قدرتي محافظ آهيان ـــ آڳ ئي آهيان جيڪو پنهنجن ماڻهن جي ڀلائي چاهيندڙ ۽ چگائي ڪندڙ آهيان ـــ ان ڪري ئي ٿو ته سلطان جي خواهش اڪثر پوري نه ٿئي ٿي، تنهن جيئن سندس رعيت سندس عنايتن کي احسانمنديءَ جي جذبي سان قبول ڪرڻ ۾ آماده ٿئي. هاڻي، صاحبو، منهنجو فرمان آهي ته هيءَ نشست فوراً برخاست ٿئي، سڀاڻي صبح جو اوهين وري پنهنجي پنهنجي ايوان ۾ حاضر رهندا ته جيئن اوهين پنهنجون پنهنجون نشستون جاري رکي سگهو.'

"مطلب ته، اسين وري به پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ ڏانهن هڪالیا ڏياسين! آڏي اسان کي فقط پئسن جي ادائگي قبولڻ، ان جي ووٽ ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو هو! پئرس جي پارلياسينٽ جو هڪڙو اعلان ٿيل نه هجي ها ته 'هيلتائين سڀ محصول غيرقانوني طور وصول ٿيا آهن'، ته اسٽيٽس-جنرل جي سڏڻ جو رڳو خيال به بادشاهه جي مغز ۾ ڪڏهن ڪونه اچي ها. بهرحال، جيئن صورتحال هئي، اسٽيٽس-جنرل ته هاڻي پارلياسينٽ کان به وڌيڪ ذڪي ثابت ٿي رهي هئي! ۽ انهيءَ ڪري اسين هئاسين، جن کي پيلين ۽ ڀاڪڻ وانگر هٿتي پئي اڇاريو ويهاريو ويو ـــ 'منهنجو فرمان آهي ته هيءَ نشست فوراً برخاست ٿئي!'

"قدرتي گالهه هئي ته نواب ۽ بشاپ ۽ شهزادا ۽ ڪارڊينل اسان جي درگتيءَ تي هشاش بشاش پئي ڏٺا، ۽ ڪنڌن ۾ ورَ وجهو اسان ڏانهن پئي نهاريائون؛ پر، استاد جين، توکي به معلوم هوندو ڪيئي ته اسان ساڻ ڪڏهن پنهنجون اکيون آنهن جي آڏو ڪونه جهڪايون، ڇو ته اسان جي اندر ۾ قهر جو آڳاهه هو، جو پئي دکيو.

"بادشاهه، وڏيڪ ڪجهه چوڻ ۾ نه آيو ۽ جيئن آيو تيئن هليو ويو؛ ۽ گهٽا وڌا پادري، ڪي نائب پادري، ۽ امير جا تقريباً سڀ عيوضي به آڻيا ۽ شاهراهه جي پاسي وارن دروازن مان، هڪ هڪ ٽي، ٻاهر نڪري ويا. اسين ٻيا ته، بهرحال، پنهنجين رستي، رڳو- ڊڳو شئنٽيئر، ڏانهن ڪلندڙ در مان ٻاهر وڃڻا هئاسين، پر في الحال اسين پنهنجين جاين تي ويٺا رهياسين ـــ اسان مان هرهڪ، پنهنجو غصو ۽ پنهنجي

قوّت ارادي، پنهنجي سموني ۾ پاڻ وٺ سانديو، آتي، چُپ وينو رهيو.

"ائين، پندرهن منٽ کن لاگيتا، اسان کي آتي وينڊي ٽي ويا. اوچتو ميرابو، پنهنجو ڪنڌ پوئتي تاڻي ـــ اکين سان شعلا ٽي نڪتس ـــ سَٽَ ڏيئي، آڏيو. سڄي ايڈي هال ۾ ماڻ هئي. هڪڙن جي ساهه ڪٽجي جا آواز، سي آسان ٻڌا پئي. هر ڪنهن جون اکون ميرابو ۾ ڪتل هيون. اوچتو پنهنجي سرلي صاف آواز ۾ هن چيو:

"'ليڪدل پائرو، منهنجو اعلان آهي تہ جو ڪجهه اسان هاڻي ٻڌو، آهو ملڪ جي نجات جو سبب ٿي سگهي ٿو، توڙي جو ظلم ۽ ڏاڍ جا ڏنل تحفا سدائين خطرناڪ هوندا آهن. هن ذليل آمريت جو ڇا مطلب آهي؟ ان جو مطلب آهي آن جي طرفان هٿيارن جو استعمال ۽ هن اسان جي مقدس قومي گهر جي آبرو ريزي ـــ ۽ آهو سڀ انهيءَ لاءِ تہ "اوهين سکيا ٿيو"!'

"سڀ جڪي حاضر هٿا، آنهن جا جسم لڏي ويا، ڇو تہ سڀني اهو سمجهيو تہ ميرابو پنهنجي سر جي بازي لڳائي رهيو هو. خود هن کي ۽ پنهنجي خطري جي جاڻ هئي، پر غصي ۾ هو پنهنجي وس ۾ نہ هو، ۽ هن جو سڄو سُنهن بدليل هو ـــ هائو، آهو هاڻي، سچ پچ سهڻو هو، اهڙي هڪ ماڻهوءَ جو جيڪو ساهه-سمباڻو ۽ ڏڻيل هو، استاد جين! چاڪاڻ تہ جيڪو ماڻهو سِرُ تِريءَ تي رکي، ڏاڍ سان ٽڪرجي ٿو، سو سدائين هڪ دلبر ماڻهو آهي، ماڻهن جو ساهُ ۽ جگر آهي. تحقيق سڀ کان سهڻو ماڻهو، جيڪو دنيا ڏيکاري سگهي ٿي، سو آهو ئي ٿي سگهيو ٿي. بهرحال، ميرابو پنهنجو اعلان جاري رکيو:

"'۽ ڪير آهي جيڪو اوهان کي ائين ٿو هوڪاري؟ اوهان جو پنهنجو ڪارائو! ڪير آهي، جو هيئن اوهان تي سرڪش قانون ٿو مڙهي؟ اوهان جو پنهنجو ڪارائو ـــ آهو جنهن کي قانون اسان کان ملڻ ڪين ـــ اسين جن کي هيءَ سماسي تقدس جي ڪڏهن داغدار نہ ٿيندڙ خلعت پهرائي ويئي آهي، ۽ جن کان ايائي ڪروڙ ماڻهو، ساهه ۾ پکي ۽ سدا جيئري اميد سانديندي، اها خواهش رکن ٿا تہ زندگيءَ جون حالتون سڌاريون ۽ اهڙيون بهتر بڻايون وڃن، جيئن سيني جي آس

آهي ۽ سيئي سوچين ٿا آهي چگايون ۽ سهوليتون جيڪي سيني کي ملڻ گهرجن ۽ سيني کي حاصل ڪرڻ ڪڻ!' هن جو هر لفظ ائين ٿي ڏنو جڻ بي‌لغام اقتدار جي ازلي تخت کي لڳندڙ هڪ گولي هئي، هڪ بُليٽ هو.

"'پر'، هو چوندو رهيو، 'اوهان جي گفتگو تي زنجير لڳل آهن (ان سان هُن هڻن جو اهڙو اشارو ڪيو جنهن کي ڏسندي سيئي ڪنبي ويا)، 'چو تم اسٽيٽس-جنرل فوجي غنمر جي گهيري ۾ آهيو. ۽ ٿيٽ ۾، هِن ملڪ جا، هِن رياست جا، دشمن آهن تم ڪٽي آهن؟ حق جي ڪنار ڪٽي آهي؟ چا، آفت اسان جي درن تائين پهچي ويئي آهي؟ آڳ اوهان کي تاڪيد سان چوان ٿو تم اوهين پنهنجي احترام جو، پنهنجي قانون سازيءَ جي اختيار جو چوغو پائي آڻو، ۽ پنهنجي قسم جي درگاهم جو آجهو وٺو — آهو قسم جنهن اوهان کسي ائين ٻڌي هڪ ڪيو آهي، جو آئين جي ٺهڻ ۽ نافذ ٿيڻ تائين اوهين جدا ٿي ئي نٿا سگهو.'

"هِن تقرير جي وچ ۾، مارڪئس نامدار، درباري پيشڪار، بادشاهم جي آڻٽ جا آداب بجا آڻڻ ڪان پوءِ موٽي اندر آيو، پنهنجو ڪنين لڳل ٽوپلو هٿ ۾ هوس، ۽ وک وک ۾ وجهندي، امرن جي تازين خالي ڪيل بينچن ڏانهن وڌڻ لڳو. سيرابو پنهنجي تقرير جا پويان پويان لفظ ڇڻي پورا مس ڪيا هئا، تم هن عملدار وڏي تمتراق سان ڪجهم لفظ وات مان ڪڍيا؛ پر چاڪاڻ جو آهي ٻڌڻ ۾ نم آيا هئا، ڪيترن ميمبرن هڪ ٿي وقت، چڙ ڏيکاريندي، چيس: 'ڏاڍايان ڳالهاءِ، ڏاڍيان ڳالهاءِ!'

آن تي، پنهنجو آواز ڪجهم ٺيرو ڪندي، چوڌاري چانهل پوريءَ خاموشيءَ ۾، مارڪئس وراڻيو:

"'صاحبو، اوهان بادشاهم جا حڪم ٻڌا آهن.'

"سيرابو اڃان ٻيٺو هو، ۽ آڳ هن جون موڪريون جاڙيون ڏڪار ۽ ڪاوڙ پريل، پوڙجندي ڏسي پئي سگهيس.

"'هائو، موسيور'، هُن آهستي آهستي، هڪ عالي مقام سرمنهور جي احساني ڏيگ ۾ چيو — 'هائو، اسان آهي طرادا ٻڌا ۽ آنهن ڪان

اسين باخبر آهيون، جيڪي بادشاهه جي مصاحبن طرفان هن کي گوش گذار ڪيا ويا هئا: پر تون جيڪو اسٽيٽس-جنرل جي سلسلي ۾ هن جو رڳو هڪ ڪمدار آهين، ۽ هتي نه تنهنجي ڪا جڳهه آهي ۽ نه گهالهائڻ جو حق — تون بادشاهه سلامت جا لفظ اسان کي ياد ڏيارڻ لاءِ مناسب ماڻهو نه آهين.'

"پوءِ، سنئون سڏو بيهي، ۽ پيشڪار نامدار تي پنهنجي نگاهه جي شست ٻڌي، هن گهالهه جاري رکندي، چيو:

"'پر، تم ہم، ڪا تاخير يا غلطفهمي نه ٿئي، آءٌ ٿو چوان تہ، جيڪڏهن اسان کي هتان اڀاري ڪيڻ لاءِ توکي حڪم ملي آهي، تہ پوءِ بهتر ٿيندو تہ تون آن لاءِ گهربل زورُ استعمال ڪرڻ جي اختيار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، ڇو تہ اسان کي پنهنجين جاين تان هتان فقط سنگينون ئي اڀاري سگهنديون.'

ان تي، اسيمبلي، گڏجي، هڪ فردَ واحدَ طور، اڀي بيٺي، ۽ سڄي ايوان مان هڪ ئي زوردار آواز آڌيو: 'هائو، هائو! غوغاءُ ايڏو هو، جنهن جو ڪو مثال نه هو.

"'ہم يا ئي منٽ پوءِ، جڏهن نئين سر ڪنهن قدر سانت قائم ٿي سگهي هئي، اسان جي صدر پيشڪار نامدار کي چيو:

"'ڪالهه اسيمبليءَ شاهي سيشن کان پوءِ پنهنجي نشست کي جاري رکڻ جو ٺهراءُ بحال ڪيو هو. الهيءَ ڪري مون کي اسيمبليءَ جي مهمل ڪرڻ جو اختيار ڪونهي، ان کان اڳ، جو اهو سوال هوءَ پاڻ پنهنجي زير ويچار آڻي، ۽ آن بابت پنهنجي آزاد فيصلي تي پهچي.'

"'مون کي، پوءِ، موسيور، اوهان جي اجازت آهي تہ اهو جواب بادشاهه تائين پهچايان؟' مارڪئس چاڻڻ چاهيو.

"'هائو، موسيور،' صدر جواب ڏنو.

"ان تي، پيشڪار روانو ٿي ويو، ۽ نشست جاري رهي.

"'توهان کي، استاد جين، سڄ ٻڌايان تہ اسين پوءِ وڏي ڪنهن ڏماکي جي انديشي ۾ ويٺا رهياسين؛ پر پين وڳي، سنگينن جي بدران اسان واڌين جي هڪ ٽولي ڏٺي، جيڪي اسان ڏانهن اندر شاهي اجلاس

لاءِ ٿهيل پلئٽفارم کي ڇڄ لاءِ موڪليا ويا هئا، ۽ جيڪي ايندي ئي فوراً پنهنجي ڪم کي لڳي ويا. هي۽ انڪل بم راٿي۽ ۽ ڪائونٽ ڊي ـ آرٽائس جي ڪڍيل هئي. زور آزمائش جي همت نه سارينديءَ هُنن غلغلو، گوڙ ۽ دهمان ئي ڪم آندا! هِن کان وڌيڪ خسيس ٻي ڪا شيءِ سون نه ڏٺي، نه ٻڌي!

"شايد، اوهين اِئين سمجهي ويهندا ته هُنن جي لئين حرڪت اسان کي پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ اسان لاءِ ڪا رڪاوٽ ثابت ٿي سگهي هوندي؛ پر اسان جي ڳالهه ٻولهه (ڊپٽيٽ) آهائي مطرقن جي ٽڪا ٽُڪيءَ ۾ هلندي رهي، تان جو ڪمي ۽ ڪاريگر اسان جي ثابت قدم يڪسوئيءَ کي ڏسي، پنهنجا اوزار رکي، ٽلهي ڪان هيٺ لهي بيهي رهيا ته جيئن اسين جو ڪجهه ڪئي رهيا هئاسين، سو هو چٽيءَ طرح ٻڌي سگهن. جيڪڏهن ڪائونٽ ڊي ـ ڪارنائس نشست جي پوري ٿيڻ سهل آنهن کي رکو ڏسي ها ته هُنن اِئين ڏيان سان اسان کي ٻڌي ٻڌو ڇڻ ديول ۾ ڪو "مقدس دؤر" ٻڌي رهيا هئا، ۽ کنهن ڳالهائيندڙ جڏهن کا ڳالهه ڪئي ٿي جيڪا عين انصاف واري ۽ پُر اثر هئي ته ڪيئن آن تي هو خوش ٿي ٿيا ۽ هن کي مبارڪ سلامت ٿي ڪيائون، ـ ته هو سمجهي ويڄي ها ته عام ماڻهو ايترا سادا ۽ اڻ ڄاڻ نه هئا جيترا آهي سمجها ٿي ويا.

"ڪاسٽ، بارنوي ۽ سيئوس، سيني ڳالهايو. جنهن جو پويون ڏالو ڪنهن ـــ جيئن هو ڳالهائيندي منبر تان لهي رهيو هو، ته چيائين:

"اڄ اوهين بلڪل آهي ئي آهيو، جيڪي اوهين ڪالهه هئا."

"پوءِ آٿي ٻيهڻ يا جاين تي ويٺي رهڻ جي رستي ووٽ ورتا ويا، ۽ قومي اسمبليءَ اتفاق راءِ سان اعلان ڪيو ته هوءَ پنهنجي سيني اڳيين ڏهرائن سان پاڻ کي پوريءَ طرح بدل ٿي سمجهيو. ميرابو، جنهن جي غصي کي ڦرڻ جو هاڻي وقت ملي چڪو هو، ۽ جنهن اهو ۽ صاف ٿي ڏٺو ته هُن جي ڳچي خطري ۾ هئي، آخر ۾ چيو:

"اڄ آءٌ آزاديءَ جون نعمتون ڳٽيان ٿو، آنهن پُرڪيف ميون جي صورت ۾ جيڪي هِن قومي اسمبليءَ ۾ پچائي، راس ڪري،

آن اسان جي آڏو آڻي رکيا آهن. انهيءَ ڪري، اچو تہ پاڻ کي پنهنجي ڪم جي تحفظ جي ضمانت ميسر ڪريون انهيءَ اعلان سان تہ اسٽيٽس- جنرل جي عيوضين جي جان، آلهن جي ذات، هر انساني هاڃي کان محفوظ آهي. اهو اسان جي طرف کان خوف جو نماڻ نہ پر ڏاهپ جي عمل جو مثال ٿيندو. اِن طرح جو اعلان زور جي صلاحڪار بدخواهن کي مُنهن ۾ لڳام وجهندو، جيڪي هاڻي تخت کي گهيرو ڪيو بيٺا آهن.'

"هر ڪنهن هِن مصلحت جي ڏاهپ کي تسليم ڪيو، ۽ ۳۴ جي خلاف ۴۹۳ ووٽن جي اڪثريت سان آها تحريڪ پيش ڪئي ويئي.

"اسيمبلي ڇهين ڏينهن جي جدا ٿي، ۽ پهرين هيءُ ٺهراءُ پاس ڪري، پوءِ آڻي:

"'قومي اسيمبلي هيءُ اعلان ٿي ڪري تہ آن جي هر عيوضيءَ جو ذاتي وجود هر انساني هاڃي کان محفوظ آهي؛ هو هن اسيمبليءَ جي آڏو ڪوبہ ٺهراءُ، رايو (ووٽ)، صلاح يا تقرير پيش ڪرڻ ۾ آزاد آهي، ۽ اهڙي ڪنهن بہ هُن جي عمل جي بنياد تي ڪوبہ عام يا خاص فرد، ڪابہ جماعت، عدالت، ڪوبہ محڪمو، ڪابہ ڪورٽ يا ڪميشن، هن سمشن هلندي، يا آن کان پوءِ، اهڙي ڪنهن بہ عيوضيءَ جي مٿان جاسوسي ڪرڻ يا ڪرائڻ، چوڪسي رکڻ يا رکائڻ، هن کي گرفتار ڪرڻ يا ڪرائڻ، پاندي بنائڻ يا بنائي رکڻ جي جرئت ڪندو، ۽ پڻ هر آهو ماڻهو جيڪو ڪنهن بہ اهڙي عيوضيءَ جي خلاف اهڙيءَ ڪنهن ڪوشش ۾ مدد ڏيندو يا ساڻي ٻڌو، پوءِ آها ڪوشش يا آهي ڪوشش ڪهڙي بہ هنڌ عمل ۾ آيل هجن، تہ آهو ماڻهو رهزن آهي، بدمعاش آهي، ۽ قوم جو غدار آهي، ۽ قاسيءَ جي سزا لائق ڏوهہ لاءِ جوابدار شمار ٿيندو. قومي اسيمبلي وڌيڪ هيءُ اعلان ٿي ڪري تہ متي ٻڌل ڪيل اهڙيءَ هر حالت ۾، آها هر اهڙي ماڻهوءَ کي گولي هڻ ڪرڻ، آن تي مقدمي هلائڻ، آن کي سزا ڏيڻ، جو اهتمام ڪندي جيڪو آن ڏوهہ جو سوچيندڙ، چوريندڙ يا پورو ڪندڙ هوندو.'

"ميرابو کي هاڻي ڪنهن کان ٻڌڻ جو سبب ڪونہ هو، ۽ نہ ئي اسان کي. جيڪڏهن بادشاهہ 'سگورا' آهن ۽ 'سلامت' آهن، تہ رڳو انهيءَ ڪارڻ، جو هُنن اهڙيءَ گاڏهہ کي يا حقيقت کي پنهنجن قانونن ۾ داخل ڪري ڇڏيو هو (جيئن اسان هاڻي ڪيو هو). سگورو هڃڻ، مقدس هڃڻ واقعي عاليشان گاڏهہ آهي! اسان جي مٿن جي ڪنهن هڪ وار جو بہ هاڻي ڪو نالو وٺندو، تہ سڄو فرانس رڙ ڪندو ۽ ڪاوڙجي اٿندو. سڀ ڀچ، اسان کي ابتدا ئي هِن قدم سان ڪرڻ ڪهندي هئي؛ پر سڀا خيال ماڻهوءَ کي سڀ هڪ ئي وقت بہ ڪونہ ٿا اچن.

"۽ پوءِ، آءٌ سمجهان ٿو تہ درٻار گاڏهن کي حد کان مٿي نہ وڌائيندي، هڪ ڳچي گاڏهہ ڪئي آهي، جو تہ ٽيويهين تاريخ جي سڄيءَ رات نشست هلندي، ماڻهن جا انبوهہ ورسائيلز جي گهٽين ۾ هلندا پئي رهيا، ۽ جيڪي بہ هال ۾ داخل ٿيا ٿي يا آتان نڪتا ٿي، تہ خبرچار وٺڻ لاءِ ماڻهو آنهن جي چوڌاري مڇا ڪري ڀهي ٿي رهيا. هر پاءٌ ڪلاڪ ڪان پوءِ، جو ڪجهہ اندر وهيو واپريو ٿي، تنهن کان هنن کي واقف ڪيو پئي ويو، ۽ اسان تي جيڪڏهن حملو ڪرايو وڃي ها، تہ اسان وٽ بہ سڄي قوم اسان جي پاڀي هئي.

"ساڳئي وقت، هڪڙو افواهہ آئيو تہ مالي وزير، نيڪر، کي ڊسمس ڪيو ويو هوءِ هن جي جاءِ تي ڪانونٽ-ڊي-آرٽائس کي آندو ويو هو؛ آن جو نتيجو هيءَ ٿيو تہ جيئن ئي اسان جي نشست پوري ٿي، تہ ماڻهن جا انبوهہ سڀ محلات ڏانهن وڌڻ لڳا. گارڊ فرئنڪاس کي گولين هلائڻ جا آرڊر ملڻ هئا، پر آنهن مان ڪنهن هڪڙي بہ گولي ڪانہ هلائي. ماڻهن جو انبوهہ نيڪر جي آفيس ۾ گهڙي ويو، ۽ هو آتان فقط تڏهن ٻاهر نڪتا جڏهن وزير پاڻ، پنهنجي زبان سان هنن کي ٻڌايو تہ هو اڄان تائين ساڳيو وزير هو ۽ پنهنجي عهدي تي قائم هو.

"پئرس جي ماڻهن جي حالت وڏيڪ ڇهنڊي وهڻي هئي. جڏهن آتي اها خبر پهتي تہ بادشاهہ اسٽيٽس-جنرل کي اڌاري ڇڏيو هو، تہ

ائين ٻڌڻ ۾ آيو تہ رستي جي پٽرائين تهن هيڻان ڇڻ باهم هئي جيڪا سڃهندي ٿي رهي، ۽ ان کي پڙڪو ڪائي، خانہ جنگيءَ جي صورت ونڻ لاءِ رڳو تيليءَ ڏيڪارڻ جي دير هئي.

"۽، واقعي، اها گالهم سچي ٻہ لڳي ٿي، جو تہ شهزادن جي آبتين سُٻتين صلاحن هوندي ٻہ، ۽ جرمن ۽ سُئس پاڙيتو فوجي رجمنٽن جي موجود هوندي بہ جن کي فرانس جي چئن ئي پاسن کان آڻائي بيهاريو ويو هو، ۽ آنهن وڏين توبن هوندي ٻہ جيڪي راڄيءَ جي طبيلن مٿان رکايون ويون هيون (جي سڏا اسيمبلي هال جي ساهون آڏيل هٿا، ۽ ان ڪري آڻان آهي توبن جا سُنهن اسين پنهنجين درين مان ڏسندا ٿي رهياسين)، ۽ بادشاهم پاڻ جو ڪجهم پنهنجي زبان سان اسان کي چئي ويو هو، آن کان پوءِ ٻہ، حضور والا، رکي رکي، ليٽ اميرن جي عيوضين کي ٽيءَ اسٽيٽ جي عيوضين سان عام اسيمبلي هال ۾ گڏجي وڃي ويهڻ لاءِ، لکي موڪليو: جنهن جي نتيجي ۾ چا ٿيو، جو ٿيهين جون تي (يعني، ڪالهم) اسان ڏٺو تہ 'اسان جي فاتحن جا وڏي آنَ بانَ وارا پونيرَ مفتوحن جي مسڪين پسماندن (يعني اسان سندن 'جُٽين ۾ ويهندڙن') سان گڏ اچي ويٺا، ۽ ٿئي هنن جي چهرن تي آها ڪا ڏاڏ يا ٽوڪ هئي، جيڪا ٿويهين تاريخ جي صبح جو اسان منجهن ڏٺي هئي جڏهن اسين ميٽنهن ۾ پيڳل، ڏتڙيل حال، لڏي وارا پٽئين پاسي کان سُري، هال ۾ اندر ٽپا هئاسين!

"تہ اها آهي صورتحال، استاد جين، جنهن ۾ هاڻي اسين بيٺل آهيون. پوءِ سلهم، سا، بهرحال، ائين اسين هتي پنهنجي ڪمو ويٺا آهيون. ۽ هاڻي اسين ملڪ جو آئين ٺاهڻ وارا ئي آهيون. هيءُ واقعي هڪ ڏکيو ڪم ٿيندو، پر اسين پنهنجو سڄو وقت هاڻي آن کي ڏيندا سين. اِن کان سواءِ، اسان جي رهبريءَ لاءِ اسان وٽ اوهان جا 'بيان' ۽ 'فرمان ناما' موجود آهن. اسان کي، هاڻي، آهو ئي ڪرڻو آهي، جو اوهان آنهن ۾ اسان کي ٻڌايو آهي.

"آن آئين ۾ اسان کي ماڻهن جي هر جائز شڪايت ۽ خواهش کي جاءِ ڏيڻي آهي — جاگهري حقن جو خاتمو، ۽ هر قسم جي بيگر

کان، لوڻ ٽئڪس کان، ۽ هر طرح جي اندروني آنڪڻ ۽ چونگين کان چوڻڪارو؛ محصول بندي‌ءَ ۾ برابري ۽ قانون جي آڏو برابري؛ ذاتي سلامتي‌ءَ جي، سڀني شهرين لاءِ شهري ۽ فوجي عهدن ۾ داخلا جي، ۽ ٽپال ۽ خط و ڪتابت جي رازداري‌ءَ جي ضمانت؛ قانون سازي‌ءَ جي اختيار جو قوم جي عيوضين لاءِ ۽ آڻهن ئي تائين مخصوص رهڻ، ۽ آن اختيار جي ڪارندن يعني قوم جي آڻهن عيوضين جي ذميدارين جو تفصيل؛ قانون سازي‌ءَ، انتظام، ۽ ماپ تور جي نظام ۾ نيٽ ۽ نياڻ؛ مفت تعليم ۽ عدالتن ۾ فرياد جي مفت داخلا ۽ عدالتن ۾ سستو ۽ ترت انصاف؛ ڇڏيل ملڪيت جي وارثن ۾ برابر ورهاست؛ ۽ تجارت، صنعتڪاري‌ءَ ۽ پورهئي جي آزادي ـــ مڙيئي اهي گالهيون! اهو بلڪل لازمي آهي ته آئين ۾ سماجي مسئلا ۽ مامرا سب، صاف صاف ۽ پوري‌ءَ تفصيل سان بيان ڪيا وڃن ته جيئن سڀني ماڻهن لاءِ انهن جو سمجهي سگهڻ، ۽ ننڍي ۾ ننڍي هاري‌ءَ ۽ هٽ پورهيت لاءِ به پنهنجن حقن ۽ پنهنجن فرضن کي جاڻڻ ۽ سڃاڻڻ آسان ٿي سگهي.

"منهنجا دوستو، يقين رکو! تمام گهٽو وقت، ماڻهو ۱۷۸۹ع جي سال کي ياد رکندا!

"بس، اڄ اهو ئي اوهان کي ٻڌائڻو هوم. ڪوشش ڪري، جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد پنهنجو احوال مون ڏانهن موڪليندا، ڇو ته پنهنجي علائقي ۾ ڇا ٿو ٿيو وهي واپري، آهو سڀ آسين جاڻڻ گهرون ٿا ـــ منهنجا ساٿي مون کان وڌيڪ پنهنجن علائقن جي خبر چار رکن ٿا. مڇيل کي به چوندا ته هر روز، ڪمڪار کان پوءِ هڪ ڪلاڪ مون کي به ڏئي، ته جيئن لابراقس يا آن جي آسپاس، جو ڪجهه هلي چلي رهيو آهي آن بابت ڪائنس جاڻ ملندي رهي. مهيني جي آخر ۾ باقي رهيل حال احوال ۽ پنهنجا ويچار، جيڪي ڇاهي سي لکي موڪلي، انهي‌ءَ طرح اسين، هڪٻئي سان، اڳ جيئن، گڏ هونداسين، ۽ ائين لڳندو جڻ هڪ ڇُلهه جي ڇوڙاري وينا آهيون ۽ پيا هڪبين سان گالهيون ٻولهيون ڪريون!

"آخر ۾، آءٌ اوهان سڀني کي پيار سان پاڪر ٿو پايان. مارگريٽ اوهان کي پڏائڻ لاءِ مون کي چويو ٿي تہ جيئن هُن اوهان کي ڪڏهن بہ وساريو ڪونهي، تہ مُن اوهين بہ هن کي ڪڏهن نہ وساريندا. هڪ پيرو-اچو نہ وري بہ ڪڏجي پاڪر پايون!

"اوهان جو دوست، "شاويل".

جيئن آءٌ هيءُ خط پڙهي رهيو هوس، پيرمرد ماترنهي ۽ موسيور ڪرسٽافر، ڪيئي پيرا، مان ئي مان ۾، هڪٻئي ڏانهن ڏسندا ٿي رهيا. ٿورا مهينا اڳ، جڏهن ڪو بادشاهہ، راڄ ۽ دربار ۽ بشاپن بابت ائين ڳالهائڻ جي ڪري ها، تہ پڪ ئي پڪ هن کي پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن زنجيرن ۾ جڪڙيل وانجهين سان شاهي بحري ٻيڙن مان هڪ جي اونداهي تهہ خاني ۾ ڪانڊا پون ها. پر جڏهن صحيح وقت اچي ٿو، تہ دنيا ۾ ڳالهين جي بدلجڻ ۾ ويرم ڪانہ ٿي لڳي؛ ۽ جيڪا ڳالهہ ماڻهوءَ اڳ هولناڪ ٿي سمجهي، اها جلد ئي ڦري، قدرقي ڳالهہ بڻجيو وڃي! سون جڏهن خط پڙهي پورو ڪيو، تہ سڀ جڪي حاضر هئا، آهي ماڻ ۾ پئجي ويا ۽ ڪو وقت ائين چپ چاپ وينا رهيا؛ تان جو ڇيئن پنجين منٽين کان پوءِ، استاد جين اوچتو دانهن ڪندي، چيو:

"هائو، ڪرسٽافر! تنهنجو ڇا خيال آهي؟ ڇا توکي چوٽو آهي؟ شاويل تہ لفظن کي ٽوڙيو مروڙيو ڪونهي!

"نہ،" نائب پادريءَ چيو. "نہ ئي هو وري ڪڏهن ائين ڪندو: حالتن کي ڏسي، سمجهڻو ئي پوي ٿو تہ جڏهن شاويل جهڙو هوشيار ۽ دوراندیش ماڻهو ان طرح ڳالهائي ٿو تہ ان جي معنيٰ تہ هيءَ ٿي تہ ٽيءَ استيٽ کي اڳي ئي مٽيرائي حاصل ٿي چڪي آهي. ۽ ٻڻ جو ڪجهہ هو، ڪيٿلڪ پادرين لاءِ چوي ٿو، جيئن اسين پنهنجن بشاپن بهادرن کي سڏيون ٿا، آهو بہ سچ آهي. ۽ ٻئي پاسي، خود اسين تہ عام لوڪن منجهان آهيون. ۽ اسان کي عام لوڪن سان ئي ڪلهو ملائي ڪڏ بيهڻو آهي. خداوند يسوع مسيح، اسان جي مقدس آقا، بہ تہ هڪ طبيلي ۾ جنم وٺي قبوليو هو. هو غريبن لاءِ هو. غريبن لاءِ ۽ غريبن جي

وچ ۾ جيئندو رهيو، ۽ آخر ۾ غريبن لاءِ ئي پنهنجو ساهه ڏنائين.“

”هائو،“ هُن وڌيڪ چيو، ”اهو ئي اسان لاءِ اسان جو نمونو آهي. اسان جي ’بهادر‘ جو مطالبو (جيئن ئي اسٽيٽ وارن جو به آهي) سلطاني آئين لاءِ آهي جنهن ۾ قانون سازيءَ جو اختيار، گڏ ٿنهي نظامن وٽ رهندو، جنهن ۾ آزاديءَ سان گڏ قانون جي آڏو سڀني جي برابري قائم ڪرڻي پوندي؛ جنهن ۾ اختيار يا طاقت جي غلط استعمال کي، ڪليسا ۾ توڙي ٻئي هر هنڌ، سختيءَ سان دٻايو ويندو؛ جنهن ۾ ابتدائي تعليم عام ڪئي ويندي ۽ مفت هوندي؛ ۽ جنهن ۾ قانون جي فرمان روائي سڄي ملڪ ۾ هڪ جهڙي نافذ ڪئي ويندي. امير لوڪ، تم پاڻ لاءِ، پنهنجين زالن جي سلسلي ۾ به گهرن ٻڌا تم انهن کي حق هجي تم اهي مخصوص رينون پائي هلن تم جيئن اهي عام ماڻهن جي زالن کان علحديون لڳن! سچ پچ تم هي امير ماڻهو پنهنجو ڪم رڳو ظاهري آدابن سان رکن ٿا ۽ سڄو اونو ٻه فقط انهي ڏيک ويک سان اٿن. ماڻهن بابت تم گهالهائڻ لاءِ هڪڙو لفظ به وٽن ڪونهي — نه هڪ مجتا يا تسليمي برڪرڻ لاءِ، نه هڪ سهوليت به ڏيڻ لاءِ، وٽن ڪانهي، جيستائين جو اُن سان محصول بنديءَ جي هڇاري سرشتي ۾ ٻيءَ ڪنهن ٽئڪس جي واڌاري يا اڇان ئي ڪن وڌيڪ غير برابرين جي پيدا ڪرڻ جو مقصد نه هجين! اسان جا بڪيا بشاب پڻ اڪثر حالتن ۾، امير نسل جا آهن، ۽ انهيءَ ڪري هو امير سان ئي ٿهي هلندا آهن؛ پر اسين جيڪي عام ماڻهن جو اولاد آهيون، سي عام ماڻهن جي ئي سنگ ۾ ۽ انهن جي ئي پاسي هوندا آهيون. دراصل پارٽيون يا جماعتون ئي ٻه آهن، جي وجود رکن ٿيون — هڪ خاص مفاد رکندڙ آهي ۽ ٻي خاص مفاد نه رکندڙ آهي، امير لوڪن جي ۽ عام لوڪن جي. بهرحال، شاويل“ جيتوڻيڪ صحيح آهي، پر هو بادشاهه، ۽ شهزادن ۽ دربار جي باري ۾ ڪجهه حد کان وڌيڪ آزاديءَ سان گهالهائي ٿو. ملوڪيت هڪ اصول جي ترجماني ڪري ٿي. اِها قدرتي گهالهه آهي تم هيءُ جهوٽو ڪال وٺي انهيءَ خيال ۾ هجي تم جن هن جي ابن ڏاڏن کي شهيد ڪيو، تن جا پوءِ هاڻي شڪست ڪائي چڪا

آهن؛ پر، تون جين! اهو تہ پانڌ تہ چارلس نائين ۽ لوئي چوڏهين. يا خود لوئي پندرهين پروٽيسٽن سان مقابلو آنهن جي دين جي ڪري ڪيو هو ـــ هنن رڳو چاهيو ٿي تہ عام ماڻهو ائين سمجهن ۽ سڀين، جو تہ ماڻهو مذهب، ملڪ ۽ عشق جي گهالهين کان سواه ٻيءَ ڪنهن گهالهہ ۾ دلچسپي نٿا وٺن. ان جي معنيٰ تہ ماڻهن کي شاهي گهراڻن جي گهٽي پريشاني کانهي، ۽ نہ ئي ڪنهن عيسيٰ، موسيٰ يا جهنجهڻ واسطي هنن کي اچان ڪنهن وڙهڻ جهڙڻ ۽ رتوڇاڻ جو ڪو شوق آهي. انهيءَ ڪري، آنهن بادشاهن عام اعلان اهو ٿي ڪيو تہ هنن مذهب جو دفاع ٿي ڪيو: انهيءَ طرح، جو مذهب جو ٿي چوٿو پائي کال وينهن، جيئن سٽزرلئنڊ ۽ ٽيئن فرانس ۾ ٻہ، رعيتي راج قائم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. پنهنجي هيڊڪوارٽر، لاروشيل، مان هو سڄي مرڪزي فرانس ۾ آزاديءَ ۽ مساوات جا خيال پکيڙي رهيا هئا. انهيءَ ڪري، ماڻهو ائين مڃيندي تہ لڙائي مذهب لاءِ هئي، اصل ۾ مساوات خلاف ۽ حاڪميت ۽ استبداد جي فائدي ۾ جوش خروش سان لڙندا رهيا ۽ مرندا رهيا! هاڻي، اها گهالهہ اوهان سمجهي؟ انهن کالوينين کي مارڻ ۽ پڇاڻ ضروري هو، نہ تہ هو بادشاهيءَ جي جاءِ تي رعيتي راج قائم ڪري ويٺين ها. شاويل کي سڄي اها خبر آهي. بلڪ سون کي پڪ آهي تہ هو، اڄ ٻہ، فرانس لاءِ، پنهنجي دل ۾، عوامي راج جو پختو خيال ڪنهن ٻيو گهمي، ۽ ان ئي سبب، هو ۽ آڳ پوريءَ طرح هڪئي سان سهمت ٻہ ناهون."

"پر"، استاد جين رڙ ڪئي، "اها تہ پوڻ ٻہ ڪا گهٽ ذليل شيءِ تہ نہ آهي، جو ٿيءَ اسٽيٽ جي عيوضين کي ائين ڏنو وڃي ۽ آنهن سان آهو ورتاءُ ڪيو وڃي، جيئن شهزادا ۽ امير لوڪ آنهن کي ڏسن ٿا ۽ آنهن سان آهو روا رکن ٿا!"

"چا ٿو ڪري سگهجي؟" نائب پادريءَ جواب ڏنو، "گهٽو گهٽو اڳي، هٽ، اهنڪار، شيطان کي دوزخ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهنڪار جن کي وٺي ٿو آنهن کي انڊو ڪري ٿو ڇڏي، ۽ پوءِ آنهن جي پٺيان پئي، آنهن کي هر ديوانگيءَ ۽ بي آنصافيءَ جي

عمل اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو ڇڏي. عام سمجھ يا ٺيڪ سمجھ جي جيڪا گالھ آھي، اُن لاءِ ڇٻي ٿو سگھجي تہ اڄ جي وقت ۾ اول جون شيون آخر ۾ وڃي پيون آھن ۽ آخر جون اول ۾ اچي ويون آھن. خدا کي خبر، ڇاڙيءَ ۾ ڇا ٿيندو! ۽ اسان لاءِ تہ، منھنجا دوستو، رڳو ھڪ ئي رستو ڪليل آھي: اڇو تہ مسڪين طور، پنھنجو فرض ادا ڪريون، ۽ بھترين رستو بہ اھو آھي".

اسين خاموشيءَ سان ٻڌندا رھياسين، تان جو موسيو ڪرسٽافر ۽ ھن جو ياءُ، ڏاڍي پنھنجي اولھي خيال ۾ ويڙھجي، اسان کان موڪلائي، روانا ٿي ويا.

پھرئين ياڳي جو خاتمو

انسان ۽ شھريءَ جي حقن جي اعلان جي ڪاپي، جيڪو ۱۷۸۹ع جي قومي آئين ساز اسيمبليءَ پاس ڪيو ۽ شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

فرينچ ماڻھن جا عيوضي، قومي اسيمبليءَ جي صورت ۾ گڏ ٿيل، اِن خيال جا آھن تہ جھالت، غفلت ۽ انساني حقن کان انحراف عام لوڪن جي بدحاليءَ ۽ سرڪاري بداعمالين جا اصلي ۽ اڪيلا سبب آھن؛ اِنھيءَ ڪري ھينن عيوضين فيصلو ڪيو آھي تہ خاص ھڪ اعلان جي صورت ۾ انسان ذات جي قدرتي، جدا نٿي سگھندڙ، مقدس حقن جو بيان ڪيو وڃي؛ اِنھيءَ لاءِ تہ اھڙو اعلان سماجي وجود جي سڀني فردن جي اکين آڏو سدائين موجود رھي ۽ اُنھن کي ھر وقت سندن حقن ۽ فرضن جي ياد گيري ڏيندو رھي؛ اِنھيءَ لاءِ تہ قانون ساز اختيار جا عمل ۽ پڻ عملداري محڪمن جا عمل، ڪنھن بہ وقت، ھر سياسي اداري جي مقصد جي رڪشنيءَ ۾ جانچيا ۽ پرکيا رھن؛ ۽ اِئين اُنھن عملن جو وڌيڪ احترام ٿئي؛ ۽ پڻ اِنھيءَ لاءِ تہ شھرين جون تقاضائون ۽ دعوائون، اڄ کان پوءِ، صاف سڌن ۽ عدولجي نہ سگھندڙ اصولن تي

بيٺل هئڻ ڪري، هميشہ آئين جي بقا ۽ عام پلائيءَ جي حاصلات جو ڪم ڏيئي سگھن.

اُنهن سببن ڪري، قومي اسيمبلي، پاڻ کي قادرِ مطلق جي حضور ۾ ۽ نظر ۾ موجود سمجھندي ۽ سندس رهبريءَ هيٺ، انسان جا ۽ شهريءَ جا هيٺيان حق تسليم ڪري ٿي ۽ آنهن کي اِن طرح اظهارُ ۽ ترتيب ڏئي ٿي:

١. سڀ انسان ڄنمجن حقن جي سلسلي ۾ آزاد ۽ پڻ برابر ڄمن ٿا ۽ جيئن ٿا. سماجي فرَقَن يا وڇڻ لاءِ ڪوبہ بيو بنياد، سواءِ عام پلائيءَ ۽ افاديت جي، موجود ڪونهي.

٢. هر سياسي جماعت بنديءَ جو مقصد انسان جي قدرتي ۽ گهٽ ـ نٽي ـ سگھندڙ حقن جي حفاظت ڪجي ٿو. آهي حق آهن: آزادي، ملڪيت، سلامتي، ۽ ظلم جو مقابلو.

٣. هر طرح جي اعليٰ اقتدار جو اصول لازمي طور قوم جي تصرف يا قبضي ۾ آهي. ڪوبہ اجتماعي وجود، ۽ ڪوبہ فرد ڪوبہ اختيار هلائي نٽو سگھي، جيڪو ظاهر ظهور آن اصول تي ٻيٺل يا آن مان حاصل ٿيل نہ هجي.

٤. آزادي اُنهيءَ ۾ آهي تہ آهو سڀڪجهہ ڪري سگھجي، جنهن مان ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي نقصان نٽو پهچي. اِن طرح فرد جي قدرتي حقن جي استعمال آڏو کي حدون ڪونهن، سواءِ آنهن جي جيڪي هن جي ٻين سماجي ڀائرن کي آنهن ماڻين حقن جي استعمال جي ضمانت ڏين ٿيون. آهي حدون فقط قانون ذريعي ئي مقرر ٿي سگھن ٿيون.

٥. قانون کي ڪهڙن ۾ ڪمن جي روڪ جو حق ڪونهي، سواءِ آنهن جي جيڪي سماج لاءِ هاڃيڪار آهن. ڪجهہ بہ، جنهن کي قانون نٽو روڪي، آن جي ڪرڻ کي روڪي نٽو سگھجي؛ ۽ نہ ئي ڪجهہ ڪرڻ تي ڪنهن کي مجبور ڪري سگھجي ٿو، جنهن جي ڪرڻ لاءِ قانون ٻڌل نٽو رکي.

۶. قانون 'عام ارادي' جو اظهار آهي. سڀني شهرين کي شخصي طور يا پنهنجن عيوضن ذريعي، آن جي ٺهڻ لاءِ پنهنجي مرضيءَ جي اظهار جو حق آهي. قانون سڀني لاءِ ساڳيو هڻڻ کپي، پوءِ آهو بچاءُ کندڙ هجي، يا سزا ڏيندڙ. سڀئي شهري، آن جي نگاهن ۾ برابر هجڻ سبب، سڀني اعزازن، کارجن، ۽ ملکي خدمت جي عهدن جا پنهنجي پنهنجي لياقت مطابق — بنان کنهن به ٻي فرق جي، سواءِ پنهنجن نيکين ۽ پنهنجين صلاحيتن جي فرق جي — برابر جا حقدار آهن.

۷. کنهن به ماڻهوءَ کي ڏوهي نڏو ڀئي سگهجي، گرفتار نڏو ڪري سگهجي، ۽ نه قيد ۾ رکي ڏو سگهجي، سواءِ اهڙين حالتن ۾ ۽ اهڙن طريقن سان، جيئن آهي قانون مقرر ڪيون يا ڪيا هجن.

۸. قانون کي فقط اهڙيون سزائون مقرر ڪرڻ کپن جيڪي، بلڪل ۽ پڌري پٽ، ضروري هجن، ۽ کنهن به ماڻهوءَ کي سزا ڏني نه ويندي، سواءِ آن قانون هيٺ جيڪو واقع ٿيل ڏوهم کان اڳ جو ٺهيل ۽ چالو ڪيل هوندو.

۹. جيئن ته ۽ جاڪاڻ جو هر ماڻهو بيڏوهم سمجهيو ويو آهي جيستائين جو آهو ڏوهي ثابت نه ٿيو آهي، کو به زورُ، جو جسماني طور هڻن کي جهلڻ لاءِ ضروري نه آهي (جي هڻن کي جهلڻ انڊل ضروري ئي جاڻو وڃي)، آن زور جي استعمال تي قانوني طور بلڪل ئي بندش هڻڻ کپي.

۱۰. کنهن به ماڻهوءَ کي هڻن جي راين جي ڪري آزارڻ نه کپي، پوءِ ڇو نه آهي مذهب بابت ئي هجن، بشرطيڪ آنهن راين جو اظهار قانوني طور قائم ٿيل نظام ۾ وگوڙ جو سبب نڏو بڌجي.

۱۱. خيال ۽ راين جي آزاد ڏي-وٺ انسان جي بيحد مُلهائتن حقن مان هڪڙو حق آهي. هر شهري، انهيءَ ڪري، آزاديءَ سان گالهائي، لکي ۽ ڇپائي سگهي ٿو، سواءِ آن ڪجهه جي، جنهن سان ان آزاديءَ جون بداستعمالون ٿين، ۽ اهڙين حالتن جي خلاف ورزي ٿئي، جيڪي قانون جون مقرر ٿيل هجن.

١٢. انسان جي ۽ شهريءَ جي حقن جي ضمانت لاءِ راج جي طاقت (سرڪاري طاقت) جو موجود هجڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪري، آها طاقت سڀني جي پلائيءَ لاءِ قائم ڪئي وڃي ٿي، ۽ نه آنهن جي خاص ڪم يا ڪمن لاءِ جن جي هٿن ۾ آها سپرد ڪئي ٿي وڃي.

١٣. راج جي طاقت جي قائم رکڻ لاءِ، ۽ انتظام جي خرچ پکي لاءِ، عام آڳاڙي هڪ آئل ضرورت آهي. آها آڳاڙي سڀني شهرين کان آنهن جي هئڻ آهر، برابر جي حصهداريءَ سان وصول ٿيڻ ڪپي.

١٤. سڀني شهرين جو اهو حق آهي ته هو، شخصي طور يا پنهنجن عيوضين ذريعي آن عام آڳاڙيءَ بابت پنهنجو فيصلو ڪن ته آن جي ڪهڙي ضرورت آهي، آها ڪين قبول آهي يا نه، آن جي استعمال جي نظرداري ڪيڻ ٿيڻ ڪپي، ۽ آن جي حصهداريءَ جي نسبت چا هجي، آن جي مقرريءَ جا اڳهه ڪهڙا هجن، آن جي وصولي ڪيڻ ٿئي، ۽ آن جو ميعاد ڪيترو هجڻ ڪپي.

١٥. سماج کي اهو حق آهي ته عامر جي ڪارندي (سرڪاري ڪاموري) کان بازپرس ڪري ته هو پنهنجي ذمي ڪيل انتظامي ڪم جو حساب ڪتاب پيش ڪري.

١٦. ڪوبه سماج جنهن ۾ حقن جي ضمانت جي خاطر ڪانهي، ۽ طاقت ڦاختيار جي ورهاست ٿيل نه آهي، آهو سماج آئين کان خالي سماج هجي ٿو.

١٧. ملڪيت، ساڳئي وقت، هڪ مقدس ۽ تلف ـ نٿيڻ ـ سگهندڙ حق هئڻ سبب، ڪنهن به ماڻهوءَ کي آن کان محروم نٿو ڪري سگهجي، سواءِ ان حالت جي، جو قانوني طور ثابت ٿيل "عام" جي ضرورت، آن جي واضح تقاضا ڪري، ۽ آن لاءِ پهريائين عادلانه معاوضو مقرر ڪيو وڃي.

قومي اسيمبلي، مٿي تسليم ڪيل ۽ اعلان ڪيل اصولن تي، فرينچ آئين جي قائم ڪرڻ جي خواهش رکندي، اهڙن ادارن کي

هميشه لاءِ ختم ڪري ٿي ڇڏي، جن آزاديءَ ۽حقن جي برابريءَ کي هاڻو پٽي پهچايو آهي.

نتيجي طور، هن کان پوءِ نہ اميريءَ رهندي نہ سرداري رهندي، نہ موروثي امتياز رهندا، نہ نظامن جا فرق رهندا، نہ جاگيري سرشتو رهندو، نہ پيءُ ڏاڏي جي دعويداريءَ وارو 'انصاف' رهندو، نہ لقبن القابن مان کوهڪ لقب قائم رهندو، نہ ننڍا ۽ وڏا رهندا، ۽ نہ ڪي آهي خاص اختيار رهندا جيڪي انهن دعوائن مان نڪتل آهن، نہ آهي درجا ۽ انعام اڪرام رهندا جن لاءِ خاندان جا ثبوت گهربل هٿا يا جن ولديت جا امتياز ٿي گهربا، ۽ نہ اهڙي هي ڪا برتري رهندي، سواءِ هڪ برتريءَ جي ــ عام جي خدمتگذاريءَ ۽ پنهنجن فرضن جي ادائگيءَ جي برتري.

هن کان پوءِ عام عهدي لاءِ نہ ڪا نسلي ڪمتري رهندي ۽ نہ ئي ڪا موروثي جانشيني رهندي.

هن کان پوءِ قوم جي ڪنهن بہ حصي لاءِ، يا ڪنهن فرد لاءِ، ڪابہ خصوصي وڏائي، يا ڪنهن بہ آنهيءَ حق تي ڪنهن جي ڪا خاص دعوا ڪانہ رهندي، جيڪو هر فرينچ ماڻهوءَ جو حق هوندو.

هن کان پوءِ، نہ ڪي پڻنچ، ٽڪي يا وڏيرا رهندا، ۽ نہ ڏاڏن جا، هنرن جا ۽ ڪاريگرن جا ڪي خاص سٽ يا بند جڙا رهندا.

هن کان پوءِ، قانون کي بہ مذهبي بيعتون يا ڪي بيا ڪٽ ۽ وچن يا اقرارناما تسليم نہ ڪندو، جيڪي قدرتي حقن يا آئين جي اپٽ هوندا.

پلناموں

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۲۴	هيڻان کان ۴	هو، ڀهراڙيءَ....	هو، ڀهراڙيءَ....
۳۱	" ۹	وچ تي، جتي ...	وچ تي، جتي....
۳۶	" ۱۴	جي، بچاءُ جو....	جي بچاءُ جو....
۴۶	" ۱۳	اُنهن جي پرواهہ	اُنهن کي پرواهہ....
۴۸	" ۸	ڪٽڙين	ڪٽرين
۵۱	مٽان کان ۱۳	ٻيا لڏيا....	لڏيا ٻيا....
۷۵	" ۳	هوش هوس	هوش حواس
"	هيڻان کان ۷	ناڙيُن	ناڙيُن
"	" ۱۰	وڏيو	وڏو
۷۶	مٽان کان ۱۰	ٻُتر	پُٽر
۸۲	" ۱۴	اندرَ ۾....	اندرَ ۾....
۹۷	" ۶	"تيجهہ"	"تيجهہ"
۱۰۱	" ۴	ڪنيو هٿائين.	ڪنيو هٿائين:
۱۲۸	هيڻان کان ۱۱	۽ ٻيڻي....	۽ ٻيڻي....
۱۴۳	" ۱۱	علائن	علائقن
۱۴۸	" ۱	ونجهہ ڍگهري ...	ونجهہ ڍگهيري....
۱۵۳	" ۱	ضلاح	صلاح
۱۵۴	" ۱۴	راڻيءَ جي ۾ ...	راڻيءَ جي حق ۾....
۱۵۹	" ۱۴	۽ هن....	۽ ڏهن....
۱۶۱	مٽان کان ۶	جن ٻيا....	جن کي ٻيا....
۱۷۳	" ۲	ڪانہ ڪئي هئي،	ڪانہ هئي،
"	" ۵	ننڍيا!	ننڍيا
"	" ۹	جهوپڙيءَ جي تلاش،	جهوپڙيءَ جي،
۱۷۶	" ۱۳	ياد رکو،	ياد رکج،
۱۷۶	" ۱۸	ڪلهن تي،	ڪلهن تي رکي،

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۱۷۷	هينان کان ۵	سيڪجهه	سڀ ڪجهه
"	" ۱	وک منهنجي عمر-	وک منهنجي، جنم-
۱۸۶	متان کان ۱۱-۱۲	آهو سلسلي.... آڻي ٿي.	سلسلي.... آڻين ٿي ٿا.
۱۹۷	" ۷	ماڻهن	ماڻهن جي
۲۰۱	هينان کان ۱۴	پنهنجن رن ڳلن....	پنهنجن سانورن ڳلن....
۲۰۹	متان کان ۹	"ڏسندي!"	"ڏسندين!"
۲۰۹	هينان کان ۱۲	سوچيندو ته....	سوچيندي ته....
۲۱۰	" ۸	ساڳئي ٿي	ساڳي ٿي
۲۱۷	" ۳	جُهلون	جُلهون
۲۲۱	متان کان ۱۰	سڃي ڏرتي	سڄي ڏرتي
۲۲۱	هينان کان ۱۲	خود ٿي ملي....	خود ٿي ملي ...
۲۳۰	" ۱۲	"ته پوءِ....	"ته پوءِ....
۲۳۷	متان کان ۱۰	بچاءِ ۾....	بچاءِ ۾....
۲۴۹	هينان کان ۲	ڪٿيندا سين!	ڪٿندا سين!
۲۵۳	متان کان ۱۰	موڪائي سان ته....	موڪائي ڏيڻ ته....
۲۶۵	" ۱۴	ڪائونسلر پاڻ سان ڪٿندا....	ڪائونسلر ڪٿندا....
۲۹۶	هينان کان ۱۴	ويو هو، هو.	ويو هو. هو،
۳۰۸	" ۳	هي اٽڻ ويڻ،	هي آنهن جي اٽڻ ويڻ،
۳۲۱	" ۱۱	راج سِنگ	راج سنگ
۳۲۵	متان کان ۱۲	نشست ۽ مشترڪ ...	نشست ۾ مشترڪ ....
۳۳۷	" ۶	بي انصافي ۽ جو....	بي انصافي ۾ جو....
۳۵۵	هينان کان ۴	اِها ۽....	اِها عنايت ۽....
۳۵۶	متان کان ۱۱	قبولڻ، آن....	قبولڻ ۽ آن....

"... شاهي محل جي ويجهو ..... شاهراه تي..... (پئرس ۾) سڄي رستي تان ..... چڙنڪ کان وٺي، انسان جي ڪنن تي رڳو هڪ ئي راڳ پئي پيو:

" 'فرانس جو لوڪ ايوان! جيئي، سدا جيئي!
شهزادن ۽ پادرين کان اُن جو قدم اوچو آ !
رئيسَ، نوابَ ، اميرَ ۽ سڀ سندن پير - چَٽائوُ
انقلاب جي طوفان آڏو ڪڪ پنَ ٽي ويندا -
پادريءَ ۽ ڪاموري کان وڌ پورهيتُ جاڻي ٿو. -
جنهن جي دل ڪُليل، تجربو وڏو آهي!
ويچارا امير، اُنهن جي اَميري هوا هئي، هوا ٽي ويندي.' "

[ص ۲۲۰- گيتُ، جيڪو انقلابين گڏجي، رستن تي گايو.]



پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي کتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي کتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي کوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڪُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن کو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي کوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِکَٻِئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگهي ٿو تہ پلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)